




www.sindhsalamat.com

# سَندي جوڳيان ذاتِ

جامي چانڊيو

پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي



www.sindhsalamat.com

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن.

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سنڌي جوڳيان ذاتِ |
| موضوع: | فڪري، ادبي ۽ علمي پرک |
| ليکڪ: | جامي چانڊيو |
| ڇاپو پهريون: | ڊسمبر 2016ع |
| تعداد: | 1000 ڪاپيون |
| ڪمپوزر: | سليمان سميجو |
| لي آئوٽ: | ظفر آفتاب ابڙو |
| ٽائيٽل: | ڪپتان ابڙو |
| ڇپائيندڙ: | پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي |
| قيمت: | 600 روپيا |

**ISBN # 978-969-9543-56-2**

All Rights Reserved

| | |
|---|---|
| Book: | Sandi Jogyan Zaat<br>(Literary Evaluation & Memories) |
| Author: | Jami Chandio |
| Edition Frist: | December 2016 |
| Quanitiy: | 1000 copies |
| Composer: | Suleman Samejo |
| Layout: | Zafar Aftab abRo |
| Title: | Kaptan Abro |
| Published by: | Peacock Printers & Publishers, Karachi. |
| Price: | Rs. 600 |

**ڪتابن ملڻ جو هنڌ**

پيڪاڪ بُڪ هائوس

404 رفيق سينٽر، ويجهو زينب مارڪيٽ،

عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي.

فون نمبر: 02135682020, 02135680607



www.sindhsalamat.com

## سِٽاءُ


- اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو — 7
- فن، فڪر ۽ فلسفي جي ڪهڪشان — مهتاب اڪبر راشدي — 13
- رُوحَ رَچنديون ڳالهڙيون! — جامي چانڊيو — 22

1. هڪ جينيئس جو جنم! ( شاهه عبداللطيف ڀٽائي) 24
2. لطيف شناسي: ڀٽائي عظيم ڇو آهي؟ 30
3. انساني تاريخ جو عظيم فلسفي ۽ انقلابي: ڪارل مارڪس 37
4. ڏاهپ ۽ انقلابي جدوجهد جو مثالي اهڃاڻ: لينن 43
5. جديد سنڌ جي فڪري اڏاوت ۽ جي ايم سيد! 49
6. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي:
سنڌ جي اِتهاس جو هڪ سچو پچو وڏو ماڻهو! 55
7. محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ ۾ سماجي بغاوت جو قلمي سپهه سالار 62
8. محمد ابراهيم جويو: آدرشي حياتيءَ جي هڪ صدي 68
9. شيخ اياز: جديد سنڌي شاعريءَ جو مُهندار! 75
10. ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٽا:
رسول بخش پليجي جي فڪري پورهيي جي پرک 81
11. هو جيڪو عجيب هو! (ذوالفقار علي ڀٽو) 111
12. فيض احمد فيض:
جنهن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ انقلاب جون سرحدون ملي وڃن ٿيون 117
13. استاد بخاري: سنڌ جو سُونهون ۽ وِيڄُ شاعر! 129
14. سنسار سونهن ۽ سنڌ جو عاشق! (استاد بخاري) 137
15. ڊاڪٽر الهداد بوهيي جون علمي ۽ ادبي خدمتون 143
16. هوءَ سنڌين لاءِ راڻي ڇو هئي؟ (شهيد بينظير ڀٽو) 156
17. شهيد بينظير ڀٽو: جيئڻ مون ڏني 161
18. سا جُوءِ ڏوري آئيا، سُونهان جت مُنجهن! (ڊاڪٽر نجم عباسي) 167
19. لعل پشپ- جيئڻ مون ڏنو! 172
20. موهن: هڪ ڪلپنا 175
21. ويدانتي ڪامريڊ – ڪيرت ٻاٻاڻي 181
22. سنڌُ جو سراج...! 186
23. ڊاڪٽر فيروز احمد: 194




www.sindhsalamat.com

هڪ شخص، جنهن تي سنڌ کي سدائين فخر رهندو!

24. ماءُ ڪاهوڙي هليا، ڏُڪائي ڏُونهان! (آغا سليم) 201

25. هڪڙي هئي خيرو! 207

26. طارق اشرف ڪير سڏائي 215

27. شعريت جي مٿيءَ مان ڳوهيل هڪ يگانو ماڻهو! (استاد پيرل قنبر) 218

28. سُونهنَ ۽ سنڌ جو عاشق – راشد مورائي! 233

29. آڪاش انصاري ـ محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر 243

30. قَمرَ تو مَٿاءُ چوڏهين مُور نہ اُلهي! 256

31. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو: سنڌ جو سقراط! 263

32. راهُو تُنهنجِي رِيت ٻَر ڪنڊين ٻَڌري! 267

33. جديد سنڌ جو انقلابي سُورمو: شهيد نذير عباسي 273

34. گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا (شهيد بشير خان قريشي) 278

35. جو قوم جيئاري، اهو جيئندو رهندو! (شهيد بشير خان قريشي) 281

36. رياست کي هيءُ ڏوهہ معاف نٿو ڪري سگهجي!
(شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو) 284

37. سنڌُو سڀيتا ۽ ڀٽائيءَ جو عاشق انور پيرزادو 287

38. هڪ جاکوڙي ۽ آدرشي انسان جو وِڇوڙو! (علي حسن چانڊيو) 290

39. ”ساري سنڌ حَسن جو پاڇو!“ (حسن درس) 293

40. ”ساگر“ جنهن کي موت جي هڪ چولي ڪٽي وئي!! (ارشاد ”ساگر“) 298

41. مصدق مري نہ ٿو سگهي! (مصدق سانول) 301

42. هِندُ ۽ سِنڌُ! (لڇمڻ ڪومل) 304

43. سنڌ جو سدا ملُوڪ ماڻهو! (عنايت بلوچ) 308

44. ”آواز جو چَنڊُ!“ (مهتاب اڪبر راشدي) 317




www.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي ڏاهي دوست، سنڌ ۽ ٿيٽائيءَ جي عاشق سائين
آغا سليم جي نالي، جيڪو هن جهانَ کان موڪلائي،
ڌرتيءَ ماءُ جي هنجَ ۾ وڃي اَبدي ننڊَ سُتو!
ـ جامي چانڊيو

پـــاڙهين ويٺـــا پـــاڻَ ســـين، پَـــرَ ۾ پيـــاڙين،
ســـامي سَـــفرَ هليـــا، آســـڻ اُجهـــائين،
رُخصـــتَ رُئـــارين، آئـــون نـــه جِيئنـــدي اُن ريءَ.

(لطيف، سُر رامڪلي)



www.sindhsalamat.com

# اداري پاران

ڦوڙائو ۾ فراق سنڌي ماڻهن جي ازل ۾ لکيل آهي. جدائيءَ جي تڙپ ۾ انهيءَ جو احساس هزارين سالن کان هڪ جهڙو رهيو آهي. انساني رشتا ناتا، انهن جو سياءُ هر دور ۾ ساڳيو رهيو آهي. صرف لفظي ڪيفيتن جو فرق آهي. شاهه صاحب ته فراق کي موت کان به وڌيڪ شديد قرار ڏنو آهي.

وڇوڙي جي احساس جو روڳ اسان کي ويدن ۾ به ملي ٿو. ان دور جي سنڌو سڀيتا جا لوڪ واپار لاءِ سمير، مصر، بحرين، اُر (عراق)، اردن ۾ ايلام تائين ويندا هئا ته سندن عزيزن جي اهائي ڪيفيت هوندي هئي، جيڪا شاهه صاحب جي وڻجاريءَ جي سُر سامونڊي ۾ سريرا ڳڻ ۾ بيان ڪيل آهي.

وڇوڙي جو ورلاپ، اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهم جز آهي. اسان جي سِرموڙ شاعرن ان جي احساس ۾ ڪيفيتن جو نهايت ئي ڀرپور انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. پر شاهه لطيف  ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. سندس سُر خاص طور رِپ، پُورب ۾ رامڪلي ته روئاري ٿا وجهن. رامڪليءَ ۾ جن جوڳين، سامين، سناسين، آديسين جو ذڪر سائين ڪيو آهي ۾ جن ڪيفيتن ۾ احساسن جي اُپٽار ڪئي آهي، تن جو ته ڪو جواب نه آهي. سائين ته پنهنجي حياتي انهن کي اربي ڇڏي، سندن وڇوڙي کان پوءِ، حياتيءَ کي بي مقصد ڀانئين ٿو. صاف لفظن ۾ ٿو فرمائي: ”ڪانه گهرجي مون حياتي هوتن ريءَ“، هو ته هوتن کان پلڪ پري رهي نٿي سگهيو. ڪڏهن چئي ٿو ته ”پُڄاڻان پُنهون، ڏجي باهه ڀنيور کي“، ڪڏهن وري فرمائي ٿو ”ٻَرِي جِن ٻاري، آءُ نه جيئندي اُن رِيءَ“. آخر ڪهڙا ڪارڻ هئا، جو سائين اُنهن کان ڏار نه رهي ٿي سگهيو. سندن محبت ۾ ڪهڙي ڪشش هئي؟ انهن جي ڪردار ۾ ڪهڙي رمز سمايل هئي. ڪاش! ڪو ڏاهو انهن احساسن جي گهرائپ تي ڪا ٿيسز لکي. مان ته جيڪر جامي کي هَٿَ جوڙي عرض ڪريان ته هُو مٿي ذڪر ڪيل ڪردارن تي لکي به آخر ڪهڙي ماجراه ئي، جو اُهي ڪردار سماج کان ته ڪٽيل هئا. رهن به جهر جهنگ پيا، ظاهري طور سوسائٽيءَ کي انهن مان ڪا هڙ حاصل ڪانه هئي، پوءِ سائين انهن تان سر قربان ڇو پيو ڪري؟ علامتي طور به اهڙن ڪردارن جي پرک سامهون اچڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com

شاعريءَ سان گڏ، نثر ۾ بہ اسان جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن پنهنجن ساٿين، ۽ سنڌ جي سپوتن تي گوڙ سارو مواد لکيو آهي، جنهن کي دل چئي تي تہ وَرُ وَرُ ڪري پڙهجي، مثال خاطر ڪن چئن ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو:

”جنب گذاريم جن سين“، ـ جي ايم سيد، ”اُهي ڏينهن، اُهي نشينهن“ـ پير علي محمد راشدي، ”هو ڏوٿي، هو ڏينهن“ ـ پير حساب الدين راشدي، ”ڄام، ڄاموٺ، ڄامڙا“ـ علي احمد بروهي، ”جهڙا گل گلاب جا ۽ ماٺهو شهر ڀنڀور جا“ـ غلام رباني آگرو، ”ڪٿي نہ ڀڄبو ٽَڪَ مسافر“ـ شيخ اياز، ”ڪجهہ ٻُڌايم، ڪجهہ لِکايم“ـ هري موٽواڻي، ”منهنجو سفر“ـ قاضي فيض محمد، ”ڪجهہ يادون“ وغيره کي 150 کن ڪتاب سنڌ جي اَملهہ شخصيتن بابت موجود آهن.

سائين جامي چانڊيي جو ڪتاب ”سَندي جوڳيان ذاتِ“ پڻ سنڌ جي مهان شخصيتن بابت آهي. نالي جي سِٽ شاهہ سائين جي هڪ بيت تان ورتل آهي، سڄو بيت هن ريت آهي:

رهيا اٿئي رات، صبح ويندءِ صابري،
لُنءَ لُنءَ، منجهہ لطيف چئي، ڪَرِ تِنين جي تاتِ،
سَندي جوڳيان ذاتِ، ٻئي ڀيري مَس مِڙي

جاميءَ جي ڪتاب بابت لکڻ مون لاءِ اوترو ئي اَوکو آهي، جيترو جاميءَ سائين رسول بخش پليجي جي ڪتاب جو ”مهاڳ“ لکڻ وقت، ڏکيو سمجهيو هو. جامي تہ وري بہ نيائي ويو، آءٌ شايد ان پَدَ تي نہ پهچي سگهان، ڇاڪاڻ تہ جامي تاريخ، فلسفي، سياست، سماجيات جو ماٺهو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ آءٌ تحقيق، ٻولي ۽ گرامر جو شاگرد آهيان. جاميءَ جي شعبن ۾ وڏي وُسعت آهي، جڏهن تہ گرامر هڪ حد جو نالو آهي. حيرت جي حد آهي تہ جاميءَ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪٿي جهول نظر نہ ٿو اچي. نہ گرامر، نہ محاوري ۽ نہ وري اصطلاح جي ڪا چُڪَ ڪئي اٿائين. اجابہ ايئن چئجي تہ جاميءَ جو ٻوليءَ ۾ پنهنجو نرالو رُوپ آهي، الڳ لهجو آهي، جيڪو جديد اسلوب، سائنسي فهم فڪر تي آڌاريل آهي. جيڪي دوست جاميءَ جا ڪتاب ۽ ڪالم پڙهندڙ آهن، سي ٻن سٽن مان ئي پرکي وٺندا تہ هيءَ ٻولي جاميءَ جي آهي.

سندس لکڻين تي رَشڪ ئي ڪري سگهجي ٿو. لفظن جي چونڊ، اُنهن جي ٺُڙُ استعمال، نرالي ادائگي، مضمون کي حصن ۾ ورهائي، اول کان آخر تائين

جملن جي جوڙجڪ اهڙي تہ بيهاري ٿو جو پڙهڻ ۾ لطف پيو اچي، سمجهڻ ۾ ڪٿي بہ رنڊڪ نہ پئي محسوس ٿئي. جاميءَ جي لکڻ جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ سندس هر پيراگراف جو مطلب الڳ آهي. موضوع ساڳيو پر مفهوم ٻيو جيڪو شعور جي وهڪري (Stream ofConsciousness) سان گڏ پيو هلي.

هن ڪتاب ۾ جامي لڳ ڀڳ چاليهہ اهم شخصيتن تي لکيو آهي، ۽ واهہ جو لکيو آهي. هر شخصيت جي گُڻن تي پيرائتي نموني سان اهڙيءَ طرح تہ لکيو اٿائين جو پڙهڻ کان پوءِ قاري ان شخصيت جي مهانتا جو لازماً قائل ٿي ويندو. هن جنهن بہ شخصيت تي لکيو آهي، پوري ڏيان ۽ گيان سان لکيو آهي. اول هُو پاڻ ان شخص جي ڏاهپ، علميت، سماجي ڪردار کان متاثر ٿيو آهي، پوءِ پڙهندڙ کي قائل ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي اٿائين. اهو ان ڪري ممڪن ٿيو آهي، جو جاميءَ جو مطالعو ۽ مشاهدو وسيع آهي. لاڳاپيل شخصيتن مان نوي سيڪڙو شخصيتن سان هو پاڻ مليو آهي، ساڻن رهاڻيون ڪيون اٿائين. انهن جي اُٿڻ ويهڻ، پڙهڻ، سوچڻ ۽ عام ماڻهن سان ورتاءُ جو پاڻ مشاهدو ڪيو اٿائين، پوءِ انهن گُڻن کي هن نهايت اورچائيءَ ۽ تربيت سان چِٽيو آهي. مناسب هنڌن تي، سندن ڪردار کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ هن، جڳ مشهور عالمن جي ڪتابن مان مثال ڏنا آهن، جنهن مان سندس اڀياس جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مون کي تہ هڪ لڳو، ايئن لڳو تہ جيئن شاهہ لطيف پنهنجي سماج جا چونڊ ڪردار ڪڍي، انهن جي چڱاين کي اهڙي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جو هڪ طرف اهي ڪردار سنڌ جا سُپوت ثابت ٿيا آهن، ٻئي طرف شاهہ صاحب جي سپنن ۾ جيڪا سنڌ جي آزادي، خوشحالي، آسودگي ۽ ماڻهپي واري آدرشي تصوير هئي، هن انهن ڪردارن ذريعي، پنهنجي خوابن جي تعبير پئي ڏني آهي. هن پنهنجي مقصد واري ڳالهہ انهن ڪردارن کان ڪرائي آهي. ساڳي روايت تي جاميءَ بہ عمل ڪيو آهي. هن، موجود سماج جا اُهي ڪردار چونڊيا آهن، جيڪي پنهنجي ڏاهپ، مسلسل جدوجهد، سائنسي سوچ، مارڪسوادي فڪر، آزاد جمهوريت، حُسن جي تسليمي، فياضي، قرباني، صبر، سهپ جهڙا گُڻ رکن ٿا. انهن مان ڪجهہ ڪردار ٻين ملڪن جا آهن، ظاهري طور سندن سنڌ سان ڪو تعلق نہ آهي، پر سندن فڪر، ڏاهپ ۽ عمل عالمي



www.sindhsalamat.com

آهي. انهن کي زمان ۽ مڪان جي حدبندين ۾ رکي نہ ٿو سگهجي. هو جديد معاشري جا اڏٿهار آهن. ڪارل مارڪس، لينن ۽ فيض احمد فيض جي فڪر کي ڪنهن ڊوميسائيل جي ضرورت آهي ڇا؟ ڪتاب ۾ آندل انهن سمورن ڪردارن جي مختلف پهلوئن کي سموهبو تہ جاميءَ جا سنڌ، سماج، وَڏَ ماڻهائپ، شخصي ڪردار ۽ آدرشي انسانن بابت جامع تصور سامهون اچي ويندا. پنهنجي مَنَ جي مراد بيان ڪرڻ جو اهو بہ هڪ وڏو هنر آهي، شل ڪنهن کي اچي! منهنجيءَ سانيڀر ۾، لکڻ جو اهو ڏانءُ سائين سراج، فقير محمد لاشاريءَ ۾ ملي ٿو جو ڪنهن جي لياقت يا گُڻ کي تخليقي انداز ۾ اجاگر ڪري، سماج سان سلهاڙي، پنهنجي مقصد جي ڳالهہ ڪجي.

جاميءَ جي لکڻ جو جيڪو ٻيو اهم نُڪتو آهي، سو اهو تہ هو علم، ادب، سوچ فڪر، عمل ۾ تخليقي عنصر کي نهايت اهم سمجهي ٿو اسان بہ ان ڳالهہ ۾ ساڻس سهمت آهيون. جيڪڏهن ذڪر ڪيل موضوعن ۾ پنهنجي سوچ، عقل ۽ ادراڪ جو عمل دخل نہ هوندو تہ پوءِ اُهي شيون نقل پيون پاسنديون، جيئن اڄڪلهہ رواج آهي، خاص طور تحقيقي مقالن ۾ تہ ٻنهہ اونداهون دور اچي ويو آهي، جو ليڪڪ ڪا ڳالهہ/ نُڪتو ڪٽي ٿو تہ پوءِ شروع ڪان آخر تائين: ڦلاڻي هيئن فرمايو هن هيئن چيو ڊاڪٽر صاحب هن طرح لکي ٿو وغيره. يعني سڄو باب تہ ڇا سمورو ڪتاب پڙهي وڃو مجال جو محقق جي ذاتي راءِ اوهان کي نظر اچي! جڏهن تہ تحقيق جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ ان مضمون/ موضوع بابت ٿيل ڪم کي اجاگر ڪري ڪا نئين ڳالهہ، ڪو نئون نُڪتو پيش ڪجي، جيڪڏهن سڄي تحقيق ۾ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، تہ پوءِ ان کي تحقيق نہ مڃبو! هاڻي تہ الائونس جي چڪر ۾ هر موضوع تي لکڻ وارا موجود وينا آهن، اڳهہ آهر اوهان کي هڪ بہ ڳهربل باب لکجي ويندا. ضرورت مطابق سڄو ڪتاب تيار ٿي ملندو. جيڪي اهڙا ڪم ڪن ٿا، سي وري ٻين لاءِ ڇو وقت وڃائيندا. هر موضوع تي اردو/ سنڌيءَ ۾ مواد موجود آهي، ڪن صورتن ۾ انٽرنيٽ تي ٻڌي جي حساب سان مصالحو تيار پيو آهي. وري حيرت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهڙن صاحبن کي محقق مڃيندي، کين ايم فل (M.Phill) ۽ پي ايڇ ڊي (Ph.D) جون ڊگريون بہ عطا ڪيون وڃن ٿيون. ان لاڙي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي سخت هاڃو رسايو آهي. وِيهہَ پي ايڇ ڊيءَ جون ڊگريون ڪٺو سيني ۾ ساڳي ڳالهہ ورجائي پئي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو



www.sindhsalamat.com

اهڙن محققن کي نہ تہ اصل موضوع جي گهرائيءَ جي خبر آهي، نہ وري هو صحيح معنيٰ ۾ لکي پڙهي سگهن ٿا.

جامي جن ڪردارن جو ذڪر ڪيو آهي، سي دراصل سماج جا وڏا ڪردار آهن، هر ڪردار پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. اهڙن ڪردارن لاءِ پٽائي تاڪيد ڪندي فرمائي ٿو تہ:

تان ڪي ساٿن اور، جان ڪي آهن جهانَ ۾،
ڏَهہ ڏَهہ پيرا ڏينهَن ۾پاڻُ مٿائن گهور،
وَيا جي هنگلور، تہ ڪَرمَ ملنديئي ڪاپڙي

سنڌ جا هي سُونهان هميشہ ڪونہ رهندا، ڪي وارو وڃائي ويا، ڪي تيارين ۾ آهن.انهن وٽان سکڻ جي اشد ضرورت آهي. سماجي بهتري ۽ اوسر لاءِ لازمي آهي تہ اهڙن ڪردارن وٽ راتڙي رهي اچجي، وٽن ويهي پرائجي. اوهان سئو ڪتاب پڙهوءِ عالمن وٽ ڪا گهڙي گذاريو تہ نسبتن اوهان وڏيڪ فهم پريا پائيندا. اسان جو سائين تہ ”رَتيءَ جي رهاڻ“ لاءِ پيو سِڪندو هو. اهڙن مٽيادار مڙسن وٽان جو ماسو ملي تہ هوند چڪار ٿي وڃجي.

اسان جي سماج کي اوس اهڙا اُپاءَ وٺڻا پوندا، سماجي ترقيءَ لاءِ بنهہ لازم آهي تہ اهڙن ڪردارن جي ويجهو وڃجي، سندن علم، ادراڪ ۽ فهم مان فيض پرائجي. جيڪڏهن اسان اهڙي پِرِ نہ پاري تہ پوءِ عالمي سماج کان ڪٽيا رهنداسين. هر فضيلت پري سماج ۾اِها روايت آهي تہ هر پيڙهيءَ جا عالم، اڪابر ۽ ڏاها پنهنجي سماج خاص طور نوجوان نسل سان مسلسل رابطي ۾ هوندا آهن: ليڪچرس، ڪچهرين، توڙي جلسن جي روپ ۾ اهي ساڃهہ وند، پنهنجي پيڙهيءَ جي شعوري اوسر ڪندا آهن. اسان کي بہ هتي اها روايت اختيار ڪرڻ گهرجي. سندن رهنمائيءَ مان پرائڻ گهرجي. جنهن لاءِ پٽائيءَ چيو آهي تہ: ”اُنهين جي ساڃاءِ، تُر هو ٽِئي تار ۾“. پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ اُهي ڏِڳ اختيار ڪرڻا پوندا.

هن ڪتاب جي پبلشر نوٽ لکڻ وقت، ڪيترن ئي دوستن پڇيو تہ ليڪڪ کهڙي شخصيت تي وڏيڪ ۽ سهڻو لکيو آهي. ان جي وضاحت لاءِ آءٍ ايڇ ٽي سورلي (H.T.Sorley) جو سهارو ٿو وٺان:

سورلي، شاهہ سائينءَ تي پي ايڇ ڊي ڪئي. سندس موضوع هو: “Shah Abdul Latif of Bhit (His Poetry, Life and Times” اها ٿيسز



www.sindhsalamat.com

لنڊن مان 1940ع ۾ شايع ٿي. سندس ٻيو ڪتاب هو: “Musa Pervagans” ان ڪتاب ۾ هن دنيا جي ستن اهم ٻولين جي 13 شاعرن جو تقابلي جائزو پيش ڪيو آهي. اهو ڪتاب پڻ لنڊن مان 1953ع ۾ شايع ٿيو. پيش لفظ ۾ سورلي سوال ٿو اُٿاري تہ ڪو پڇي سگهي ٿو تہ ’انهن شاعرن مان ڪير مٿانهون آهي‘ تہ جواب ٿو ڏيئي تہ ’معيار ليکڪ يا پڙهندڙ جي ذهني سطح (Test) مطابق هوندا آهن‘..... بهرحال، شاهہ لطيف انهن سيني شاعرن مان عظيم آهي، شاهہ لطيف واري باب ۾ لکي ٿو تہ ’هن ملڪ، جنهن کي پاڪستان چيو وڃي ٿو ان ڪو عظيم شاعر (Greatest Poet) پيدا ڪيو آهي تہ اهو صرف شاهہ لطيف ئي آهي.

منهنجي بہ ساڳي صورتحال آهي، سڀ شخصيتون عظيم کان عظيم تر آهن. وري جامي وقت سيڙائي هر هڪ تي ويهي لکيو آهي، سو پيشڪش جي حوالي سان نمبر ڏيڻ مون لاءِ اوکو ڪم آهي. البت ايئن چئي سگهجي ٿو تہ نسبتن جاميءَ پٺاڻي، بينظير، حيدر بخش جتوئي، محمد ابراهيم جويي ۽ رسول بخش پيلجي تي خوب لکيو آهي.

آءٌ اداري جي خوشنصيبي ٿو ڀانئيان جو سنڌ جي مثالي شخصيتن بابت جامي چانڊيي جهڙي ڏاهي ليکڪ جو ڪتاب ’پيڪاڪ پبلشرس‘ پاران شايع ٿي رهيو آهي. منهنجي اها پختي راءِ آهي تہ ادب، سياست ۽ سنڌ کي سمجهڻ لاءِ ههڙن ڪتابن جو گِهريءَ نظر سان مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. خاص طور نئين نسل کي ان ياڳ مان ڀاڱو حاصل ڪرڻ گهرجي.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**

چيئرمين

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

سنڌ



www.sindhsalamat.com

# فن، فڪر ۽ فلسفي جي ڪهڪشان

رات جي اونداهيءَ ۾ جڏهين آسمان ڏانهن نظر ڪبي آهي تہ سڄو آسمان اڻ ڳڻين تارن سان روشن نظر ايندو آهي. ڪي ويجها ۽ روشن تہ ڪي ڏُور ۽جهَڪا. اُنهن جي وچ مان چنڊُ نمايان ۽ تمام گهڻو روشن ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مهيني جون ٽيهہ تاريخون، چنڊ جي هڪ سَنهڙي ليڪَ جي صورت ۾ نمودار ٿيڻ کان وٺي، چوڏهين تاريخ تي ڦوهہ جواني ماڻي، آهستہ آهستہ گهٽجي وري وڃي (قرآن جي هڪ آيت مطابق) کجيءَ جي خميده شاخ جو ڏيک ڏيندو آهي. اِهو منظرنامو ۽ چنڊ ۽ اڻ ڳڻين تارن جي تشبيهہ مون کي، جامي چانڊئي جي سندس لکيل مضمونن واري ڪتاب "سَندي جوڳيان ذاتِ" جي مسودي کي پڙهندي ذهن ۾ آئي.

اهو پڻ ڏٺم ۽ سوچيم تہ چنڊ ۽ تارا پنهنجو پاڻ ۾ پنهنجي ڌار شناخت رکندڙ آهن. هر ڪو پنهنجي هيئيت ۾ موجود آهي، ڪو ننڍو تہ ڪو وڏو پر هن نظام ۾ هر ڪو پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا پيو ڪري. سندن اهڙي ئي ڪم جي ڪري، آسمان روشن ۽ جڳمڳ آهي، اهڙو جو ان جي حُسن و جمال تان اک ڦيرڻ مشڪل ٿيو وڃي ۽ ان جي دلڪشيءَ جي تعريف نہ ڪرڻ بہ ڏکي ٿي لڳي.

اهڙن ئي ستارن جي ڪهڪشان، اسان جي سماج جي اُڀ تي بہ جابجا پکڙيل آهي. سوچ، فڪر ۽ دانش جا هي روشن ستارا پنهنجي حياتي سجائي ڪري ڏاهپ جا نُڪتا پنهنجي قلم ۽ عمل سان انسان ذات تائين پهچائيندا رهيا آهن. دنيا ۾ ايئن ئي ٿيندو رهيو آهي. پيرن، پيغمبرن، نبين، اوليائن، شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن کان وٺي، محققن، مفڪرن ۽ سياستدانن تائين جن بہ ڪو ڪم ڪيو آهي، اُهو صرف اُنهن تائين محدود نہ رهيو آهي، بلڪ جنهن جي ذات ۾ جيترو زور ۽ فڪر ۾ جيتري وسعت رهي آهي، ان جو اِهو پورهيو پنهنجي پنهنجي ملڪ جون حدون اورانگهي سڄيءَ دنيا تائين پهچي وڃي ٿو. اهڙين شخصيتن جا ڪارناما زبانن جا محتاج بہ نہ ٿا رهن. انهن جا ترجما اڳ بہ ٿيندا رهيا آهن، هاڻي بہ ٿين پيا ۽ اڳتي بہ ٿيندا رهندا. اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ زبان ۾ سوچڻ وارو ڪهڙو بہ ادب هجي، ڪنهن شاعر جو



www.sindhsalamat.com

ڪلام هجي يا مصور جو ڪو تصور. انهن سڀني جون تخليقون سڄيءَ انسانيت لاءِ وقف ٿي وڃن ٿيون.

هيءُ ڪتاب اهڙو ئي هڪ مثال آهي، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ۾ سهيڙڻ واري، جيڪو پاڻ ئي انهن مضمونن جو قلمڪار به آهي، تنهن سنڌ ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل پنهنجا مضمون ان ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن ته، ان سان گڏ جڳ مشهور فلسفي ۽ ڪميونزم جي داعي ڪارل مارڪس تي به سندس لکڻي ان ۾ موجود آهي. فيض احمد فيض جهڙي سڀني جي محبوب شاعر تي به طبع آزمائي ڪئي اٿس ته، انقلابي جدوجهد جي نمايان نالي لينن کي به ان سٿ ۾ جاءِ ڏني اٿس.

جامي چانڊئي جون مختلف شخصيتن تي لکڻيون، ڏهاڪو کن سالن کان به وڌيڪ عرصي تي محيط آهن، جيڪي مختلف موقعن تي، يا ته کن ڪتابن جي پيش لفظ طور لکيون ويون آهن، يا وري اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون طور ڇپيون آهن. انهن سڀني مضمونن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪتاب جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ سان، ڪيترين ئي اهم شخصيتن متعلق ڪارائتو احوال ۽ بي لاڳ تجزيو ۽ تبصرو هڪ هنڌ گڏ ٿي، هڪ ادبي دستاويز طور دستياب ٿيندو.

هن ڪتاب ۾ چاليهن جي لڳ ڀڳ شخصيتن جي حوالي سان مصنف پنهنجا تاثر پيش ڪيا آهن. جاميءَ جي مضمون ۾ هڪ محقق جي ٺوس حقيقتن تي مبني لکڻيون موجود آهن، جيڪي پڙهندڙن لاءِ ڄاڻ جو خزانو آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق سندس مختلف سوچ، اُونهون اڀياس، پڙهندڙن کي شاهه لطيف جي اُونهي فڪر جي ٻين به ڪيترن زاوين کان آشنا ڪرائي ٿو. هن لاءِ ڀٽ ڌڻي، رڳو هڪ شاعر ناهي، بلڪ هو هڪ مفڪر ۽ سماج ۾ موجود هاڃيڪار رَوين کي واڪو ڪري، ان ۾ بهتري آڻڻ جي راهه ڏَسڻ وارو فيلسوف به آهي.

محروم ئي مري ويا، ماهر تي نه مُئا،
ڇڙيءَ جيئن ڇُهنبَ هٽي، لڏيائون لُتا،
حباب ئي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.



www.sindhsalamat.com

(شاهہ)

شاهہ سائينءَ جي هن بيت جو مثال ڏيندي، جامي معاشري اندر موجود ڪجهہ محرومين طرف اشارو ٿو ڪري. اُهي ڪهڙيون اوڻايون آهن، جيڪي ڪنهن بہ سماج کي پوئتي ڌِڪي ڇڏين ٿيون؟ شاهہ سائين ادراڪ، ڏاهپ، تخليقي ۽ تنقيدي شعور جي نہ هئڻ کي سماج جي وڏي محرومي تصور ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح، لطيف سائين وٽ جهالت، توهم پرستي، عقيده پرستي ۽ فڪري گهٽتائي "ڪُوبجائپ" آهي.

اِهي ۽ اهڙن ڪيترن جذبن ۽ سماجي روين تي، جيڪي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ موجود آهن. جامي چانڊيئي نهايت خوبصورتيءَ سان انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. هن جي آڏو ٽي صديون اڳ جنهن غيرمعمولي شخص سنڌ جي سدوري ڌرتيءَ تي جنم ورتو سو هڪ جينيئس هو يگانو شاعر هو مفڪر ۽ ڏاهو ڏاتار هو. شاهہ صاحب جامي جي لفظن ۾ "خيال، احساس، تفڪر، ٻوليءَ ۽ فن جو هڪ غيرمعمولي تخليقي معجزو آهي." هن جو هيءُ بہ خيال آهي ۽ صحيح آهي تہ عوام جي اڪثريت گذريل ٽن سئو سالن کان لطيف شناسيءَ کان محروم رهي آهي ۽ هُو اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪونہ ٿا ڪن تہ ڀٽائي عظيم ڇو آهي؟

ڪارل مارڪس ۽ لينن تي لکيل جامي چانڊيئي جا مضمون پڙهندڙن لاءِ بنيادي معلومات رکڻ کان علاوه، تاريخ جي انهن انقلابين جي جدوجهد جي ان محور کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش آهن تہ."انساني تهذيب جو سفر فقط ۽ فقط انسان جو شعور ۽ پورهيو ئي آهي." ڪارل مارڪس سماج ۾ سوشلسزم جي مخالف نظرين سان جنگ ڪئي ۽ پورهيت طبقي جي تاريخي انقلابي ڪردار کي اُجاگر ڪيو جيڪو نئين غيرطبقاتي سماج جي تصور جو خالق آهي. جاميءَ جي آڏو لينن ڏاهپ ۽ انقلابي جدوجهد جو مثالي اهڃاڻ آهي. لينن سوويت انقلاب جو باني آهي، ۽ زار شاهيءَ خلاف هن جي جدوجهد ۽ انقلابي پارٽيءَ جو قيام ۽ انقلابي مارڪسي پارٽيءَ جو ناهڻ،تاريخ جا وڏا واقعا تصور ڪيا وڃن ٿا.

جامي چانڊيئي جي هن ڪتاب ۾ جي ايم سيد، محمد ابراهيم جويو ۽ رسول بخش پليجي تي لکيل مضمونن ۾ هو کين انهن مفڪرن جو درجو ٿو ڏي،



www.sindhsalamat.com

جنهن ڪان هن گهڻو ڪجهه پرايو آهي. ڪيس انهن شخصيتن ڪي ويجهو ڪان ڏسڻ جو موقعو مليو هو انهن جي افڪار ڪان متاثر آهي ۽ سندن فڪر ۽ ڪارنامن ڪي پڙهندڙن آڏو آڻڻ چاهي ٿو. هن جي خيال مطابق جي ايم سيد جديد سنڌ جو اَڏيندڙ آهي. سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو قيام ۽ علامه آءِ آءِ قاضي ۽ محمد ابراهيم جويي جهڙين شخصيتن جي انهن ادارن ۾ تقرري، جي ايم سيد جي ڪوشش جو نتيجو آهي. سنڌ ڪي هڪ مڪمل تاريخي قوم هئڻ جو شعور ڏيڻ به سيد صاحب جي ئي تحريرن ۽ نظريي جي مرهون منت آهي. جاميءَ آڏو جي ايم سيد ڪو روايتي يا عوامي سياستدان نه بلڪ، جاميءَ جي لفظن ته، "هو پاڻ ڪي هڪ نظرياتي سياستدان سڏيندو هو." هن نه صرف هن جي تاريخ ڪي قلمبند ڪيو بلڪ سياست ڪي علم ۽ ادب سان ڳنڍڻ جي روايت به قائم ڪئي. سڀ ڪان اهم ڳالهه ته جي ايم سيد پنهنجي سياسي اهداف ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ عدم تشدد جي واٽ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي.

"سَندي جوڳيان ذاتِ" ڪي مان هڪ اهڙو ڪتاب ٿي سمجهان، جنهن جي ذريعي سنڌ جي نئين نسل ڪي سنڌ جي ماضيءَ سان متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اڄڪلهه جي ماحول ۾، جڏهين، سوشل ميڊيا، نوجوان نسل لاءِ هڪ شغل بڻجي وئي آهي ۽ اسان جو نئون نسل نه صرف ڪتابن ڪان بلڪ سنجيده ادب ۽ تحقيق ڪان پري ٿي چڪو آهي، اسان پنهنجين ڪوتاهين سبب پنهنجن ڏرتيءَ جي سرواڻن، ادب جي وڏن نالن ۽ هيروز سان پنهنجي نوجوان نسل ڪي نه شناسائي ڪرائي آهي ۽ نه ئي انهن جي اهميت ڪي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جامي چانڊيو جنهن جي پنهنجي علمي ۽ ادبي حيثيت، اسان جي سڄاڻ حلقن ۾ مڃتا ماڻي چڪي آهي ۽ هو موجوده نسل جو هڪ نمايان محقق، اديب، تجزيه نگار سمجهيو وڃي ٿو. جنهن مهل هو محمد ابراهيم جويي ۽ رسول بخش پليجي ڪي پنهنجو فڪري استاد ٿو سمجهي ته هو پڙهندڙن ڪي انهن شخصيتن جي اُنهن خوبين ڪان آگاهه ٿو ڪري جيڪي هُنن ۾ اُتم درجي تي موجود آهن ۽ جنهن جي ڪري ئي سندن علمي ۽ ادبي قد ۽ ڪاٺ مٿاهون آهي. محترم محمد ابراهيم جويي جي "آدرشي حياتيءَ جي هڪ



www.sindhsalamat.com

صدي“. زندگيءَ جي گذاريل هڪ هڪ لمحي کي بامقصد بڻائي سنڌ جو خاموش خدمتگار ٿيڻ ۾ ئي وڏماڻهپائي سمجهي، جنهن فسطائيت (Facism) ۽ قوميت (Nationalism) جي فرق کي واضح ڪيو.جنهن سنڌي سماج ۾ سيڪيولر سوچ کي اجاگر ڪيو. ضروري آهي تہ سنڌ جو نئون نسل ان درويش صفت مهان اديب، محقق ۽ مفڪر کان واقف ٿئي.

ساڳيءَ ريت، جاميءَ جو رسول بخش پليجي لاءِ اهو چوڻ تہ، ”پليجي صاحب سان ڪچهري ايئن آهي جيئن ماڻهو اُت ڪتابن جا پڙهي اچي“ ڪو گهٽ خراج تحسين ناهي. رسول بخش پليجي جي فڪري پورهيي جي پرک ۽ ان جي سياسي ۽ سماجي نظرين جو اڻ ڏريو تبصرو ۽ تجزيو پڙهندڙن جي لاءِ پليجي صاحب کي وڌيڪ سڃاڻڻ جو چاهہ پيدا ڪري ٿو.

سوچيم پئي تہ اسان واري نسل کان پوءِ، ڪيترا هوندا، جيڪي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي مهانتا کان واقف هوندا. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ترقي پسند لکڻين ۽ روشن خياليءَ جو قدر ڪندا؟ ايندڙ نسلن کي ڪير ٻڌائيندو تہ محمد عثمان ڏيپلائي، سنڌ جي پورڙي عوام کي پيري مُريدي ۽ ذهني غلاميءَ کان آجي ڪرائڻ لاءِ ڪيڏو قلمي جهاد ڪيو؟ ان کي جامي چانڊيو سنڌ ۾ سماجي بغاوت جو قلمي سپهہ سالار چوڻ ٿو چوي؟

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪيترن ئي نام نهاد ليڊرن کان ڪيڏو وڏو ليڊر هو! اسان مان ڪيترا ان کان واقف آهن؟ اڄوڪي دور ۾ هڪ ٽڪي جي ڪُرسيءَ لاءِ جڏهين ماڻهو دين ايمان گروي رکيو ڇڏين، تڏهين 1943ع ۾ انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي رعب تاب واري نوڪري ڇڏڻ، پنيان جتوئي صاحب جي سامهون ڪهڙو مقصد ۽ ڪهڙو جنون هوندو؟ غريب مسڪين هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ حيدر بخش جتوئي ڇو پنهنجي سڄي حياتي ان مقصد کي اَرپي ڇڏي، اڄ ڪيترن نوجوانن کي اها خبر آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين جي متفق نعري ”جيئي سنڌ“ ڪٿان جنم ورتو؟ اِهو نعرو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي رچيل خوبصورت گيت ”جيئي سنڌ- جيئي سنڌ، جامِ محبت پيئي سنڌ“ تان ئي ورتو ويو. 1950ع ۾ سنڌ ٽيننس ايڪٽ پاس ڪرائڻ وارو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڪاش اِهو ڄاڻي

سگهي تہ جن جاگيردارن ۽ وڏيرن سان هن جنگ جوتي هئي، سا اڄ بہ جاري آهي، پر هن جهڙو ڪو ويڙهاڪ اسان کي پاڻ ۾ نظر نہ ٿو اچي.

شيخ اياز سنڌ جي جديد دور جي مزاحمتي شاعر، لاءِ جاميءَ جا تجزيا ۽ تبصرا پڙهڻ ۽ سوچڻ جهڙا آهن. شيخ اياز قوم ۽ وطن سان محبت سان سرشار شاعري ڪئي آهي؟ هو قومي شاعر ڪيئن ٿي اُڀريو؟ آخري دور ۾ منجهس روحانيت پسنديءَ جو لاڙو ڪيئن پيدا ٿيو جو سندس ان سوچ کي سنڌ جي روشن خيال ۽ ترقي پسند حلقن وٽ بيحد تڪراري بڻائي ڇڏيو هو عوامي ماڻهو نہ هئڻ باوجود عوام جي دلين تائين ڪيئن پهتو جاميءَ شيخ اياز جي ان ادبي سفر کي نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي.

ذوالفقار علي ڀُٽي لاءِ جيڪو تبصرو جامي چانڊئي ڪيو آهي، سو ان کان اڳ شايد ئي ڪنهن ڪيو هجي! هن جي خيال ۾، ”ذوالفقار علي ڀٽو جيڪڏهن سياستدان نہ هجي ها تہ يقينن ڪو وڏو شاعر هجي ها.“ جامي اِهو چو ٿو چوي، سو پڙهڻ سان تعلق ٿو رکي.

فيض احمد فيض، جاميءَ لاءِ اهڙو ڪردار رهيو آهي، جيڪو سدائين زندگيءَ جي ڏکويل ۽ مايوس ترين گهڙين ۾ بہ اتساهہ ڏيندو آهي. استاد بخاريءَ جهڙي ڌرتيءَ سان واڳيل شاعر کي شيخ اياز سان ڀيٽيندي لکي ٿو تہ، ”سنڌ ۾ شيخ اياز کي عوامي سطح تي ڳائڻ ۽ استاد بخاريءَ تي پارکو نظر سان لکڻ جي ضرورت آهي.“ هن لاءِ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”مون هن کي هڪ سادي، نِڄُ نِبار ۽ بيحد معصوم صفت ماڻهوءَ طور ڏٺو.“

سراج الحق ميمڻ کي هن سنڌ جو ”سِڄُ“ ڪوٺيو آهي. جاميءَ لاءِ هن جي هيءَ خوبي قابلِ تحسين آهي، تہ هن سڄي زندگي سنڌ جي علمي ۽ قلمي خدمت ڪئي پر ڪا دعوي نہ ڪيائين، نہ سنڌ سان عشق جي ۽ نہ ئي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت جي. رسول بخش پليجي جي ان ڏوراپي تي، ”هو (سراج) رڳو سڄو ڏينهن آفيس ۾ وينو آهي، رڳو وقت پيو وڃائي ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ عملي طور ڪجهہ نٿو ڪري.“ سراج ميمڻ جو جواب نهايت غور طلب آهي. هُن پليجي صاحب کي جواب ڏنو تہ، ”پليجا! جنهن خاڪ کي ڦُوڪون ڏئي باهہ ٿو ٻارڻ چاهين، اُن ۾ تپش رهي ئي ناهي.“ اهو واقعو جامي پنهنجي مضمون ۾ سراج الحق ميمڻ جي حوالي سان تحرير ڪري چڻ



www.sindhsalamat.com

اڄوڪي سنڌ جي سماج کي جھنجھوڙيو آهي ۽ ان جواب تي سنجيدگيءَ سان غور ڪري، پنھنجو پاڻ کي جاچڻ جي جيتري ضرورت اڄ آهي، سا شايد اڄ کان پھرين ايتري ڪونہ هئي.

دل تہ ايئن ٿي چوي تہ، جامي چانڊئي جي لکيل هڪ هڪ مضمون ۽ هڪ هڪ شخصيت تي، سندس لکڻين تي تبصرو ڪجي، پر ڊيگهہ جي خوف کان، پاڻ کي جهلڻ ضروري آهي، پر اِهو ڪيئن ممڪن آهي تہ آغا سليم جهڙي وجيهہ ۽ باوقار شخصيت، زندهہ دل انسان جمالياتي ذوق رکندڙ خوبصورت شعار، ڊرامہ نگار، معرڪہ الارا ناول نويس، اسٽيج ڊرامہ تخليق ڪندڙ شاهہ سائين جي شاعريءَ کي سهڻي اردوءَ ۾ ترجمو ڪندڙ ۽ سنڌ جي ادب کي سينگاريندڙ دل ڪولي ٺهڪ ڏيندڙ پر احساس طبع انسان آغا سليم جو ذڪر نہ ڪريان؟

خيرالنساءِ جعفري منهنجي هم ڪلاسي ۽ منٺڙي دوست ۽ اسان سيني جي پياري خيروءَ تي لکيل سندس تحرير جو ذڪر نہ ڪرڻ ممڪن ناهي. خيرالنساءِ جعفريءَ جي شخصيت تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي پر جاميءَ ان تي بہ ڪمال محبت سان لکيو آهي ۽ سچ تہ پنھنجي واقفيت ۽ خيروءَ جي صلاحيتن جي اعتراف جو حق ادا ڪيو اٿس.

سنڌي ادبي اِتهاس جو وڏو نالو طارق اشرف، جيڪو هڪ ادارو ناهي، پاڻ ادارو بڻجي ويو. هن جي فضيلت، ماڻهپو ۽ فرض شناسي، مثالي هئي. هو بي لوث خدمت ڪندڙ هڪ باعمل انسان هو. جامي چانڊئي جو مقالو ان جي شايان شان آهي. ساڳيءَ ريت آڪاش انصاريءَ جي شاعريءَ ۾ محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جي رمزن جي آشڪاري ۽ سنڌ جي خوبصورت نامياري صحافي، شاعر، اديب، سيلاني ۽ جاکوڙي انور پيرزادي تي جامي پنھنجي قلم جي فراخيءَ سان لکيو آهي ۽ کيس ’پٽائي ۽ سنڌ جو عاشق‘ قرار ڏنو آهي. اِهو مرتبو ملڻ تي اسان جو پيارو انور پيرزادو جنت جي هوائن ۾ رهندي بہ ضرور سَرهو ٿيو هوندو.

جاميءَ جتي سنڌ جي چاتل سچاتل، اديبن شاعرن ۽ ڏات ڌڻين تي لکيو آهي، اُتي هن پنھنجي ”وڄائجي“ وبل شهر قنبر جي استاد پيرل قنبر کي بہ انهن معززن جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪو سيني استادن کان منفرد



www.sindhsalamat.com

۽ غيررواجي شخص هو ۽ جنهن لاءِ جاميءَ جي پڇڻ تي تہ هيءَ ڪير آهي، اسڪول جي هڪ ٻئي استاد پيرل قنبر لاءِ جاميءَ کي هيءَ تلقين ڪئي تہ، "اهو شاعر آ، هن سان نہ ملجو هي واندو آهي ۽ ڪنهن ڪم جو ناهي."

هن ڪتاب ۾ جاميءَ وقتاً فوقتاً، پنهنجي قلم جي ڪرشمي سان مختلف شخصيتن جي ذات ۽ ڪم جي نهايت معياري پرک ڪئي آهي. ماڻهن کي ڏسڻ جا، هن جا پنهنجا مختلف زاويا ۽ معيار آهن. هو تجزيو ڪندي، اهڙا دلچسپ نُڪتا بہ ڪڍي ٿو اچي، جن کي شايد ٻيا پرکيندڙ نظرانداز ڪري ڇڏيندا هجن. مثلاً بينظير ڀٽو جي سياسي جدوجهد، صلاحيتون ۽ تعليمي قابليت پنهنجي جاءِ تي پر سنڌي سماج ۾ هڪ عورت کي عوام طرفان ملندڙ پذيرائيءَ لاءِ جامي لکي ٿو تہ، "ماڻهن لاءِ عجيب لقاءُ هو تہ وڏا وڏا ڀڄنگ وڏيرا سنڌس دڙڪا ٻارن وانگر کائيندا هئا ۽ هوءَ عجيب عورت هئي، جيڪا هڪ پِدرشاهي ۽ مرداڻي معاشري ۾ ڪروڙين مردن جي اڳواڻي ڪندي هئي."

ان کان علاوه ارشاد ساگر جهڙا وڄايل شاعر، مصدق سانول جي ياد، حسن درس جي شاعري، لاپرواهيءَ واري ريت، ڪيرت ٻاٻاڻي، قمر شهباز، بشير خان قريشي، نذير عباسي، مرتضيٰ ڀٽو راشد مورائي، موهن ڪلپنا ۽ عنايت بلوچ جهڙا مستند ۽ مڃيل قلمڪار ۽ قومي ڪارڪن بہ شامل آهن، جن کي جامي چانڊيي پنهنجن لفظن جي سوغات ڏني آهي.

جامي چانڊيو موجوده دور جو اهو معتبر اديب ۽ محقق آهي، جنهن کي الله پاڪ تحرير ۽تقرير جو هُنر ڏنو آهي. هن وٽ تحقيق وارو ذهن بہ آهي تہ مدلل اندازِ بيان پڻ، پر سڀ کان وڌيڪ هن وٽ اهڙو وَکر آهي، جيڪو اسان مان گهڻن وٽ ڪونهي، اُهو آهي مثبت سوچ ۽ کُليل دل سان ڪنهن ٻئي جي صلاحيتن جو اعتراف ڪرڻ، سنڌس اِها خوبي توهان کي هن جي سيني لکڻين ۾ ملندي.

مان هن ڪتاب کي موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ تحفو ٿي ڀانيان، جي ڪنهن کي ايترو وقت ناهي جو ڪنهن شخص تي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا وڏي ڇنڊڇاڻ ڪري تہ بہ هيءُ ڪتاب سنڌس رهنمائيءَ جو وڏو سبب بڻجي سگهي ٿو. اِتان هن کي تمام مستند معلومات ملي ويندي.



www.sindhsalamat.com

پيارا جامي! تنهنجي مهرباني، اسان سيني جي پاران تو ايترو ڪجهه پڙهيو تنهن جي مهرباني، ته پڙهڻ ڪانپوءِ پنهنجا رايا، تبصرا به قلمبند ڪيا، اُهي ڇپرايا، جيڪي ڪنهن پڙهيا ۽ ڪنهن نه به پڙهيا پر اُنهن سيني کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ته سڀ ڪان وڏيڪ مهرباني. پڪ اٿم ته هيءُ ڪتاب پڙهندڙن لاءِ هڪ معلوماتي ۽ خوشگوار پڙهڻي ثابت ٿيندو.

مان شڪرگذار آهيان جاميءَ جي ته سنڌ جي انهن وڏن ماڻهن جي صف ۾ هن مون کي به شامل ڪيو آهي، جنهن پدرشاهي معاشري جي ڳالهه جامي چانڊئي پنهنجين لکڻين ۾ ڪئي آهي، تنهن چاليهن جي فهرست ۾ ٽن عورتن: بينظير ڀٽو، خيرالنساءَ جعفري ۽ مهتاب اڪبر راشديءَ کي شامل ڪري، اڳتي لاءِ اِها ريت وجهي ڇڏي ته قلم جي ان سخا ۾ علم و ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ موجود ٻيون عورتون به ڳڻپ ۾ ايندڀون.

آخر ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو ذڪر نه ڪنديس ته انصاف نه ٿيندو. اسان وٽ موجود پبلشنگ ادارن وٽ شايد ئي ڪو ڊاڪٽر صاحب جيترو پڙهيل ڳڙهيل ۽ ٻوليءَ جو ماهر موجود هجي! پنهنجو ڪتاب "پيڪاڪ پبلشرز" جي حوالي ڪرڻ ڪان پوءِ، مصنف يا سهيڙيندڙ ان ڳالهه جي طرف مطمئن ٿي وڃي ٿو ته ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي نظرداريءَ هيٺ، ڇپجندڙ ڪتاب ۾ ڪنهن تاريخي حوالي جي ڪا غلطي، ٻوليءَ جي ڪا چُڪَ يا پُروف غلط رهجي ويندو. سندس نگرانيءَ هيٺ هلندڙ هن پبلشنگ اداري ان ڪري ئي ٿوري وقت ۾، ادبي حلقن ۾ پنهنجي ساک قائم ڪئي آهي. جامي چانڊئي جو هيءُ ڪتاب پڻ، سندس ساک ۾ اضافي جو سبب بڻبو.

**مهتاب اڪبر**

**راشدي**

30 نومبر 2016ع



www.sindhsalamat.com

# رُوحَ رَچنديون ڳالهڙيون!

هر ليکڪ پنهنجي فڪري، قلمي ۽ ادبي سفر ۾ انيڪ موضوعن، وارتائن، ڪتابن، لکڻين، ڪيفيتن ۽ ماڻهن مان اُتساهه وٺي ٿو. جيڪي سندس لاشعور ۾ هميشه نه رڳو رهن ٿيون پر اُنهن سان ماڻهوءَ جو دِلي ۽ احساساتي سٻنڌُ هوندو آهي. انهن ۾ اُهي ماڻهو تمام وڏي اهميت رکن ٿا، جن مان توهان اُتساهه وٺو ٿا، ضروري ناهي ته توهان اُنهن سان روبرو مليا به هجو. جيئن لطيف سائين سدائين منهنجي روح ۾ موجود رهندو آهي ۽ منهنجون هن سان اڻ ڳڻيون رُوحَ رهاڻيون پيون ٿينديون آهن. هر ماڻهو پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي اندر ۾ اُتساهه جا جهانَ کنيو پيو هلي، فرق رڳو اِهو آهي ته ليکڪ اُنهن اُتساهن کي اندر جي اُونهاين ۾ نه رڳو اوتي ٿو پر اُنهن جو جوهر پنهنجي سوچ، احساسَ ۽ لکڻين ۾ پَرتي ٿو. اُن ڪري ماڻهوءَ جا ويساههَ ۽ اُتساههَ سدائين هن سان گڏ گڏ سفر ڪن ٿا.

هيءَ ڪتاب اُنهن ماڻهن بابت آهي، جن ڪنهن نه ڪنهن طرح مون کي زندگيءَ جي مختلف موقعن تي اُتساهيو آهي. اُنهن مان ڪن سان مان ڪڏهن به ملي نه سگهيس، جو اُهي مون کان گهڻو اڳ جا هئا، پر سدائين اُنهن جي ڏاهپ ۽ تخليقن جا هُڳاءَ اندر ۾ محسوس ڪندو رهيس. گهڻن سان زندگيءَ جو ڳچُ عرصو گڏ گذريو ۽ ڪائنن مون تمام گهڻو سِکيو. ڪجهه اهڙا به آهن، جن سان ذاتي طور ڪٿي گِهرو لاڳاپو نه به رهيو هجي پر اُنهن جو سنڌ جي سماج تي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ اثر رهيو ۽ ظاهر آهي ته اُن نسبت سان هنن سان منهنجو به لاڳاپو رهيو. هن ڪتاب ۾ بين جي پيٽَ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي ۽ سائين رسول بخش پليجي جو ذڪر گهڻو ۽ بار بار اچي ٿو. اهو لاشعوري عمل اُن ڪري به آهي جو منهنجي شعوري عمر جو وڏو عرصو (لڳ ڀڳ ٽي ڏهاڪا) انهن سان گذريو. ٻئي سنڌ جا اَڪابر منهنجي لاءِ فڪري استادن جو درجو رکن ٿا، جن کان مون تمام گهڻو سِکيو. مون زندگيءَ ۾ سندن انساني ڪمزورين کي پاسي تي رکي، سندن ڳُڻن ۽ علميت کي ڪٺڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هر تخليقي شاگرد کي ايئن ئي ڪرڻ گهرجي. منهنجي شعورَ جي اوسر ۾ انهن ٻن ماڻهن جو وڏو هٿ رهيو آهي. ان لحاظ کان هيءَ



www.sindhsalamat.com

ڪتاب منهنجي بہ شعوري، عِلمي ۽ ادبي اوسر جي ڳتا آهي. ماڻهوءَ جي علمي ۽ ادبي شخصيت ڪھڙن محرڪن مان ڳوهجي ٿي، ان جو پتو سندس پسند جي موضوعن، ماڻهن ۽ ڪتابن مان بہ پوندو آهي، ان لحاظ کان هيءُ ڪتاب منهنجي اوسر جو آئينو بہ آهي.

هن ڪتاب ۾ روايتي خاڪا نہ آهن ۽ نہ وري ٺلهيون يادگيريون محفوظ ڪيل آهن. بنيادي طور هيءُ هڪ فڪري، سياسي ۽ ادبي پرک جو ڪتاب آهي، جيڪو هن دور ۽ نئين نسل کي سنڌ جي اِتهاس جي اُنهن ماڻڪ موتين سان متعارف ڪرائڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جن سنڌ جي فڪري، علمي، ادبي ۽ سياسي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هي سڀ ليک، ڪنهن هڪ وقت ۾ لکيل نہ آهن پر گذريل اڍائي ڏهاڪن ۾ مختلف موقعن تي لکيا ويا آهن، جن کي مون سهيڙيو آهي. هيءُ ڪتاب دراصل نئين نسل سان سنڌ جي روح جو تعارف آهي، ان لحاظ سان هن ڪتاب کي ”سنڌ شناسي“ بہ سڏي سگهجي ٿو. سموريون شخصيتون هڪ جُلد ۾ نہ ٿي اچي سگهيون، ان ڪري انهن کي ٻئي جُلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ سُتت ئي پڌرو ڪيو ويندو.

مان اُنهن سمورن دوستن ۽ ساٿين جو دلي ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ مون کي اُتساهيو ۽ سهائتا ڪئي، گڏوگڏ پنهنجي گڏوگڏ پنهنجي ساٿي سليمان سميجي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۽ پُروفنگ ۾ ڪابہ ڪسرَ نہ ڇڏي، وڏا وَڙَ دوست آفتاب ابڙي جا، جنهن جي اداري هيءُ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. سيني کان وڏا وَڙَ ادي مهتاب اڪبر راشديءَ جا، جنهن هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو.

هن ڪتاب جو لکيل هر ليک رڳو قلم سان نہ پر منهنجي روحَ سان لکيل آهي ۽ مون کي پَڪَ آهي تہ سنڌي ادب ۾ هيءُ پيار جو پورهيو قبول پوندو ۽ نئون نسل هن مان نہ رڳو پرائيندو، پر پنهنجي اِتهاس مان ڏاهپ جا پيرا ڳولي لهندو ۽ ان تاريخي تسلسل ۾ پنهنجي ڪردار، سوچ ۽ عمل جو تعين بہ ڪري سگهندو.

**جامي چانڊيو**

حيدرآباد

17 مئي 2016ع



www.sindhsalamat.com

# هڪ جينيئس جو جنم!

تاريخ ۾ ڪي ڏينهن سڀاڳا ٿين ٿا، جو انهن جي نسبت سان ٿيل واقعا، اتفاق يا حادثا تاريخ تي پنهنجا اڻ مِٽ اثر ۽ نشان ڇڏين ٿا. تاريخ ۾ ڪي ڏينهن اهڙا آهن، جن قومن جا نشان مِٽائي ڇڏيا ۽ تاريخ ۾ ڪي سَدورا ڏينهن اهڙا به اچن ٿا، جيڪي قومن ۽ ٻولين جي ابديت ۽ قومي وحدت جي ضمانت بڻجي وڃن ٿا. اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي تاريخ، بلڪ مان ته چوندس ته انساني تاريخ جو اهو سڀاڳو ڏينهن آهي، جڏهن 331 ورهيه اڳ ۽ فرينچ انقلاب کان پورا هڪ سئو سال اڳ، 1689ع تي سنڌ ۾ اهو املهه ماڻهو پيدا ٿيو جنهن کي اسين سنڌ جو لاڪيڻو لطيف چئون ٿا. اهو راز تاريخ ۽ وقت جي گرڀ ۾ ئي سانديل هو ته شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ٽئين پُٽَ سيد جمال شاهه جو هي پَڙ پوٽو اڳتي هلي سنڌ ئي نه پر انساني تاريخ جو هڪ يگانو شاعر، مفڪر ۽ ڏاهو ڏاتار ثابت ٿيندو. اهو هڪ عظيم عالمي جينيئس جو جنم هو، جنهن جي شاعري، خيال، احساس، تفڪر، ٻولي ۽ فن جو هڪ غير معمولي تخليقي معجزو آهي، هن کي ته بس سندس ئي لفظ ارپي سگهجن ٿا:

ڪـوڙين ڪايـائون تنهنجـون، لِڪـن لـکَ هـزار
جـيءُ سـپ ڪـنهن جـيءَ سـين، دَرسـن ڏارَون ڏارَ،
پـريمَ، تُنهنجـا پـارَ ڪـهـڙا چئـي ڪـهـڙا چـوان.

سنڌ جي اڪثريتي سادن، عقيدن جي ماريل اٻوجهه ماڻهن يا مجموعي طور انسانذات کي ڪهڙي خبر ته پٽ شاهه جي ڌرتيءَ جي هنج ۾ سُتل هي شخص ڪير آهي؟ هن جا خيال، ويچار، خواب، احساس ۽ تفڪر ڇا آهن؟ يا هن جي تصور جي ڪائنات ڪيتري وشال، حُسناڪ ۽ حيرت انگيز آهي؟ ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته، اڻجاڻائيءَ ۽ عقيدن جون خاردار تارون ڪيئن نه عوام ۽ لطيف جي فڪر جي روح وچ ۾ صدين کان اُهي وِٿيون پيدا ڪري ويٺيون آهن، جن جي هوندي لطيف جي مزار تي چادرن جا پَڙَ ته چاڙهي سگهجن ٿا، پر هن جي عظيم فڪر، ٻوليءَ ۽ فن کي سمجهي، پروڙي ۽ ڪارج پريو بڻائي نه ٿو سگهجي. لطيف سائينءَ ان صورتحال کي سمجهندي ۾ پاڻ ئي چئي ڏنو هو ته:



www.sindhsalamat.com

پاڙي ويجَ هئا، تان مون مُور نه پُڇيا،
تيلاهين پيام، موريسر اکين ۾.

لطيف سائينءَ کي خبر هئي ته جي پاڙي ۾ وِيجَ ۽ طبيب هوندا ۽ ماڻهن جي سوچن جي اکين ۾ عقيدن جا موريسر پيل هوندا ته پوءِ طبيبن جي شناس ماڻهن کي ڪيئن ۽ ڇو ٿيندي! ۽ هي ته جسمن جا نه پر انساني تصورن، خيالن، خوابن ۽ احساسن، دلين ۽ رُوحن جا ويجَ ۽ طبيب آهن. هنن جي منصب ۽ درجي کي سمجهڻ لاءِ اکيون گهرجن ۽ اکيون به جسماني نه پر روحاني اکيون، سمجهه ۽ شعور جون اکيون، ادراڪ ۽ تخليقي اتساهه جون اکيون!

جيڪڏهن ڪو مون کان پڇي ته سنڌ جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سڀاڳو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ ته جيڪر مان اهو چوان ته لطيف سائينءَ جو جنم ڏينهن. لطيف کي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هڪ شاعر طور سڃاتو ۽ پروڙيو سائين جي ايم سيد کيس سنڌ جي قومي شاعر طور پيش ڪيو ۽ پليجي صاحب کيس هڪ عالمي انقلابي شاعر طور دريافت ڪيو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ هن کي هڪ جمالياتي شاعر طور ڏٺو ۽ پيش ڪيو. اهو سڀ صحيح آهي، پر مان سمجهان ٿو ته لطيف رڳو شاعر نه هو هو هڪ غيرمعمولي مفڪر هو ۽ شاعري هن جو مقصد نه پر هن جي اظهار جو هڪ حُسناڪ ذريعو هئي. هن جي اندر ۾ حسن ايترو هو ۽ هن جي ٻولي فن جي انهن بلندين تي پهتل هئي، جتي هو پنهنجا اهڙا عظيم خيال فقط اهڙي ئي حسناڪ انداز سان پيش ڪري سگهيو ٿي، ان کان گهٽ حسناڪي، فن جي بلندي ۽ اظهار جي جماليات هن جي وَس ۾ ئي نه هئي ۽ نه ئي هن جي شعورَ جي شانَ وٽان هئي.

جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين،
مون تي ڪر، منهنجا پرين! توهه تُسي تيڏو،
اي ڪامِلَ! ڪم ڪيڏو! جيئن نوازينم نگاهه سين.

لطيف سائينءَ به پنهنجي بيت مطابق ائين ئي ڪيو هن فڪر ۽ ڏاهپ جي ڪامل رهبر اهو ڪو نه سوچيو ته ماڻهو پسمانده آهن، هزارن سالن کان عقيدن جا ماريل آهن، عالمي انساني شعور ۽ تفڪر کان پري ۽ محروم آهن، ادراڪ جي اُتاهين منزلن تي رَسيل نه آهن، پر پنهنجي شانَ شعور سان، ڏاهپ، فن ۽ فڪر جي نِبار سرچشمن سان هن فڪري طور پُٺتي پيل سنڌ کي ايترو



www.sindhsalamat.com

تہ سيراب ڪيو جو هڪ ڏڪ سان فڪري طور غريب الحال سنڌ، رڳو هڪ لطيف جي ڪري، تاريخ ۾ اُهو درجو ماڻيو جنهن لاءِ قومون، معاشرا ۽ دور سَڏون ڪندا آهن، سِڪندا آهن، پورَ پچائيندا آهن. پر الميو اهو بہ آهي تہ صدين پڄاڻان بہ اسان ڪي اهو ادراڪ ناهي تہ لطيف ڪير هو؟ هو اصل ۾ ڇا آهي؟ جي ائين نہ هجي ها تہ سنڌ فڪري طور دنيا جي سڀني کان سگهاري قوم هجي ها. تڏهن تہ اهو ڄاڻندي پاڻ ئي چئي ويو هو تہ.

هُئين تہ ويجهن وَٽِ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين!
سِـرُ ڏيئـي ۾ سـت، ڪُهــ نــ ڪيئـي ڍبــڙا!

لطيف جهڙي ڪامل رهبر هوندي سنڌ هيٺي هجي، جڏي ۽ ويچاري هجي، اهو رڳو ان ڪري ٿيو آهي، جو اڃا تائين اسان جو سماج، قوم ۽ عوام انساني تاريخ جي هن يگاني ويجَ جي حقيقي شناس کان پري آهي. هو پاڻ ئي تہ اها ميار ڏيندي چوي ٿو تہ، اسان پنهنجن خود فريب اعتقادن جو سِرُ عيوض ۾ ڏيئي، جي لطيف جي عظيم فڪر مان قومي دوا، سُتي ڪريون ها تہ اڄ اسان جي فڪري سگهہ جو درجو ڇا هجي ها؟

ها البتہ اِها ڳالهہ ڪا ايتري سولي بہ ناهي، جو لطيف جو پيغام رڳو ڪا حسين شاعري ناهي، جنهن کي پڙهي ماڻهو رڳو واهہ واهہ ڪري. هي تہ سڀ ڪجهہ تبديل ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، هڪ نئين انسان جي نئين فڪري، روحاني ۽ سماجي جنم جي ڳالهہ آهي. لطيف جو پيغام رڳ شاعرانہ تصور جي فني اظهار جي ڳالهہ بہ ناهي، جو ماڻهو مڙئي منفرد ۽ نئين ڳالهہ تي واهہ واهہ ڪري. هيءَ تہ انسان جي مڪمل طور نئين فڪري، احساساتي ۽ روحاني مِٽي ڳوهڻ جي ڳالهہ آهي. تڏهن تہ چوي ٿو:

اَڪِ اُلتـــــي ڏار، وَڻءُ اُلتـــــو عـــــامَ سِــــين،
ڄِت لَهوارو لوڪُ وهي، تہ تون اُوچو وَهہ اوڀار،
منجهــان ســوچَ نهــارَ وَڻءُ ڀُنيــرو پــرينءَ ڏي.

لطيف کي خبر هئي تہ هن زماني جا عام مروج خيال، تصور، قدر ۽ انساني رويا توڙي مفاد تہ لوڻ جي کاڻ آهن، پنهنجي دور جي تصورن ۽ روين توڙي آئيڊيلز جو ڳيجهو زماني ۾ ڇا ڪندو؟ ڪيترو ادراڪ رکندو ۽ اڳتي ويندو؟ هو پنهنجي دور جي جهالتن، عقيدن، فرسوده تصورن، خسيس روين ۽ رواجي مفادن جو مَجُو ۽ انهن آڏو سِرنگون هوندو. ان ڪري ئي لطيف زماني جي مروج



www.sindhsalamat.com

فرسوده دستور کان اُلٽي اک ڏارڻ ۾ لهواري لوڪ آڏو اوچو ۾ ابتو هلڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. پر اهو سڀ ائين ته ڪو نه ٿيندو؟ ڀ گدرا مُٺِ ۾ رکڻ سان ته اهو ممڪن ناهي. ان لاءِ تياڳ گهرجي. دنيا کان نه دنيا جي مروج فرسوده دستور کان ۽ اهو سڀ عشق کانسواءِ ممڪن ناهي. سڏڙيا اهو منصب نه ڪڏهن ماڻي سگهيا ۽ نه ماڻي سگهندا. لطيف اها مامَ پروڙي ان مقام کي رسڻ جو راز ڀ ٻڌائي ٿو. هو چوي ٿو:

پهـــرين ڪـــاتي پـــاءِ، پُڇـــج پـــوءِ پريتڙـــو.
ڏُک پريـــان جـــو ڏيـــلَ ۾، واجـــٿَ جيـــئن وَڄـــاءِ،
ســيخن ماهــرُ پچــاءِ، جـي نــالو ڳيــڙءِ نيــنهنَ جــو.

دنيا جو ڪو ڀ غير معمولي ڪم عشق کانسواءِ ممڪن ناهي. شعبو ڪهڙو ڀ هجي، ادب، فن، سياست، سائنس، مصوري، موسيقي، ايجادون، قربانيون ـ هي سڀ عشق جو جهان آهي. تڏهن ئي ته فلسفين کي ڏاهپ جا عاشق چئبو آهي. هي ته ان کان ڀ اڳيئين منزل جو ماڻهو آهي، جو لطيف وٽ رڳو ڏاهپ سان محبت ناهي، پر زندگيءَ تي ڏاهپ جو اطلاق آهي. سراپا ڏاهپ جو مجسمو ٿيڻ جو سوال آهي. ان ڪري هن جو درجو عام فلسفين کان ڀ ان مخصوص معنيٰ ۾ مٿي آهي. هيگل، مارڪس ۽ اينجلز جهڙا ماڻهو هن جا هم منصب آهن، جيڪي ڏاهپ کي منزل نه ٿا سمجهن، پر ڏاهپ کي ذريعو ۽ پنڌ سمجهن ٿا. لطيف وٽ ڪائنات، فطرت، زندگي ۽ خيال ۾ ڳِهري احساس ۽ ادراڪ جي وحدت آهي. هن جا ڪردار رڳو بظاهر مختلف آهن. سندن ماحول، محرڪ ۽ حالتون مختلف آهن. هن جو ڪردار هڪ ئي آهي، اهو ڪردار سر ڪلياڻ ۾ محبت ۽ مقصد جي وحدت جي ڳالهه ڪندڙ هجي يا يمن ڪلياڻ جو محبوب ۽ سُونهون. ڪنيات ۾ حسن جي علامت هجي يا سريراڳ جو ناکئو. ساموندڊيءَ جي پاتار ۾ پيل موتين جو طاماعو هجي يا عاشقانه بغاوت جي علامت سهڻي هجي، منزل کان ڳولا کي اهميت ڏيندڙ سسئي هجي يا وطن ۽ مارن سان عشق جي علامت مارئي هجي، ڪاموڏ جو سمو ڄام هجي يا گهاتوءَ جو مورڙو هجي، سورٺ جو عطائي هجي يا سُرَ تي سِرُ ڏيندڙ راءِ ڏياچ. ڪيڏاري جو سورهيه سورمو هجي يا آسا جو طالب هجي. رِپ جو وڇوڙن جي وَڍن جو ماريل عاشق هجي يا ڪاهوڙي ۾ رام ڪليءَ جا جوڳي، ڪاپائتيءَ جو ڪاتار هجي يا پورب جو ڪانگل هجي، ڪارايل جو هنج هجي يا پرڀاتيءَ جو مڱتو ـ اهي سڀ



www.sindhsalamat.com

ڪردار رڳو ظاهري ڏيک ۽ تمثيل ۾ مختلف آهن، پر سندن تصور، رويا، قدر، ماڻهپو، منزل، جُستجو ۽ شان ساڳيو آهي. ان ڪري مان لطيف جي سمورن ڪردارن ۾ ڏاهپ، خيال، احساس، رويي سفر ۽ منزل جي ساڳي وحدت ڏسان ٿو. جيڪو لطيف جي ڪردارن جي وحدت نه سمجهي سگهندو، اهو ڪڏهن به لطيف جي پيغام جي روح تائين رَسي نه سگهندو.

خود شناسائيءَ جو مقام، جنهن کان انسان ذات جي قطعي گهڻائي محروم رهي آهي ۽ اڄ به آهي. لطيف انسان جي ان خود شناسيءَ جي ادراڪ کي جاڳائيندڙ پر ان کان به اڳتي اهو ادراڪ تخليق ڪندڙ مفڪر شاعر ۽ ڪامل رهبر آهي. هو ان خود شناسيءَ کي ساڳي اجا مٿئين سطح تي هينئن ٿو بيان ڪري:

وڃين چو وڏڪار، هِت نه ڳولين هوتَ کي،
لِڪو ڪِينَ لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿي سَتِي ٻَڌُ سندورو، پِرت پنهونءَ سين پار،
نائي نيڻَ نِهارَ، تو ۾ ديرو دوست جو.

ڪائنات، فڪر ۽ سماج جي پرک ۽ پروڙ کان اڳ ۾ قوم شناسيءَ جو ڏاڪو اچي ٿو. خود شناسي معرفت آهي، هن ڪائنات، فطرت، سماج ۽ سموري جهان کي سمجهڻ ۽ بدلائڻ جي. ڇاڪاڻ ته خود شناس ماڻهو ئي روحاني فهم ۽ حقيقي طور اندر جو آزاد (Liberated) ماڻهو هوندو آهي. هن جهان جي حقيقي سمجهه ۽ ادراڪ نصيب ئي انهن کي ٿيندو آهي، جيڪي اندر ۾ آزاد ٿي پاڻ سڃاڻندا آهن، پاڻ کي ڳولي لهندا آهن ۽ پاڻ کي تبديل ڪندا آهن ۽ پوءِ ڏاهپ جي معراج کي رَسي پاڻ کي فنا ڪندا آهن. اهو ئي لطيف جي پيغام جو روح آهي. هن جو هر ڪردار اندر ۾ آزاد آهي، مڪمل طور Liberated آهي. ان ڪري ئي ايترو ارڏو، هٺيلو، بهادر، مثالي، نِهٺو، ڏاهو ۽ لطيف آهي. جنهن کي پنهنجي اندر جي شناس نه هوندي، ان کي خارجي جهان جي ڪهڙي شناس ٿيندي؟

لطيف سان ٺلهي، رسمي ۽ بي شعور عقيدتمندي لطيف شناسيءَ جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. هو ان کي هينئن بيان ٿو ڪري:

ڪِنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪيئن پنيولئين ڳرها!
اکين مٿي اکيا، پِڙ ۾ پيرَ ڳتاءِ،
وَڳَ ڪِ وسرياءِ، ٻڌو جيئن ڳهاٽي وهين!



www.sindhsalamat.com

اهو ڪهڙو جادو آهي، جنهن جي لطيف ڳالهه ٿو ڪري؟ اهو جهالتن، اعتقادن، پسماندگين، علم، ادراڪ ۽ ڏاهپ جي محروميءَ جو مَندُ آهي، جنهن ڳرهي ڪي پَنيپوليو ۽ گمراهه ڪيو آهي. اسان جي گهٽائيءَ جي اڪين تي انهن ئي جهالتن ۽ اعتقادن جا اَڪيا چڙهيل آهن، جنهن سبب سنڌ تہ ڇا پر انسان ذات جي گهٽائي خسيس تصورن، مفادن، روين ۽ دائرن جي پِڙ ۾ هلي هلي، جڻ تہ سفر بدران ٿلها پيرَ پئي گسائي ۽ پلا اهو وڳ ڪهڙو آهي، جنهن جي لطيف ڳالهه ٿو ڪري. اهو تاريخ جي شعور جو وَڳُ آهي، ڪائنات ۽ فطرت کي سمجهڻ جي سفر جو وَڳُ آهي، اهو سماج کي نہ رڳو سمجهڻ نہ پر ان کي تبديل ڪرڻ جي جستجو ۽ جاکوڙي سفر جو وڳ آهي. اهو پاڻ کي روحاني، فڪري ۽ شعوري طور جهالتن کان لبريٽ ڪرڻ جو وَڳُ آهي ـ ۽ دنيا جا سمورا حقيقي ڏاها، سچا، فيلسوف، آرٽسٽ، مفڪر، موجد، سُورما، سائنسدان، شاعر ۽ ادراڪ جا صاحب اُنَ ڏڳَ جا راهي آهن. سقراط، افلاطون ۽ ارسطو هجن يا هيگل، مارڪس ۽ اينگلز، شيڪسپيئر، گوئٽي، مائيڪل اينجلو هجن يا لينن، مائو ۽ هوچي منهہ، آئن اسٽائين، گليلو ۽ ڪاپرنيڪس هجن يا لطيف ۽ سچل ـ اُهي رڳو بظاهر مختلف آهن. اهو قبيلو ساڳيو آهي، اهو سفر ساڳيو آهي ۽ هي سڀ انسان ذات جي ان سفر جا سُونهان آهن. اڃو تہ سنڌ ۽ انسان ذات جي هن اعليٰ جينيئس ۽ رهبر لطيف کي هڪ نئين، باشعور ۽ تخليقي شعور سان پيٽا ڏيون ۽ اها پيٽا لطيف شناسيءَ معرفت خود شناسي ئي ٿي سگهي ٿي.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 23 مئي 2012ع



www.sindhsalamat.com

## لطيف شناسي:
# ڀٽائي عظيم ڇو آهي؟

هونئن تہ لطيف جي عظمت جا ڳُڻَ سنڌ ۾ هرڪو ڳائي ٿو ويندي اُهي بہ جن اڄ تائين سندس هڪ بہ بيت شعوري طور پڙهيو ۽ پروڙيو نہ آهي. الميو تہ اِهو آهي تہ پوڻا ٽي سئو سال گذري وڃڻ کانپوءِ بہ اسان جي سماج جي اڪثريت هن کي ڪو مفڪر، فيلسوف، عظيم شاعر، غيرمعمولي آرٽسٽ ۽ ڏاهو نہ پر هڪ ”اولياءَ“ يا ”بزرگ“ سمجهي ٿي، جتي ماڻهو باسون باسڻ وڃن ٿا، هن کان ڏيئون ۽ پُٽَ گهُرن ٿا يا پنهنجون مختلف مُرادون پوريون ڪرڻ لاءِ هن آڏو آسن جا جهولَ جهلين ٿا ۽ اهڙن شعور ۾ لطيف جي حقيقي شناس کان وانجهيل ماڻهو اِهو نہ ٿا ڄاڻن تہ هو دراصل ڏيئون ۽ پُٽَ ڏيڻ يا مَنَ جون مادي مُرادون پوريون ڪرڻ وارو ڪو ”اولياءَ“ نہ پر هڪ يگانو تخليقي سماجي ڏاهو ۽ عظيم مفڪر شاعر هو. هو ماڻهن کي ڏيئون ۽ پُٽَ نہ پر اُهي عظيمي تخليقي ۽ سَگهارا خيال، تصور، آدرش، احساس، رويا، خواب ۽ روحاني جرعتون ڏئي ٿو جن جو ڪو مُلهہ ٿي سگهي ئي نہ ٿو.

هر پسمانده ۽ فڪري طور پُٺتي پيل سماج جو الميو اِهو هوندو آهي تہ ان سماج جي قطعي گهڻائي نہ رڳو تخليقي ۽ تنقيدي شعور کان وانجهيل هوندي آهي پر اُها فطرت، زندگيءَ ۽ سماجَ جا حَسين راز پروڙي نہ سگهندي آهي ۽ اِهو ئي سبب آهي جو پُٺتي پيل سماجن جي گهڻائي، پنهنجي بي شعوريءَ، اڻڄاڻائيءَ ۽ ادراڪ جي کوٽ سبب عقيده پرستيءَ، توهم پرستي ۽ تقليد پرستيءَ جي ڏُٻڻ ۾ وڃي ڪِرندي آهي. سنڌي سماج سان بہ صدين کان اِها



www.sindhsalamat.com

ويڏن آهي ۽ اِهو ئي سبب آهي جو اسان جي گهڻائي گذريل پوڻن ٽن سئو سالن کان لطيف شناسيءَ کان محروم رهي آهي ۽ اڄوڪي ايڪيهين صديءَ ۾ به اُها ايئن ئي محروم آهي، جيئن اُها سوين نسلن کان رهي آهي. افسوس ته اِهو آهي ته اِها فطرت ۽ سماج جي ادراڪ ۽ شعور کان وانجهيل خلق ان ڏاهي ۽ وِيجَ لطيف جي قوم جي آهي، جنهن وٽ جيڪڏهن انسان لاءِ ڪو طعنو هو ته بس اِهو ئي هو ته:

محـــروم ئـــي مـــري ويـــا، مـــاهر تـــي نـــه مُئـــا،
ڇـــڙيءَ جيـــئن ڇُنهـــبَ هڻـــي، لـــڏيائون لُئـــا،
حبـــــاب ئـــــي هئـــــا، انهـــــيءَ واديءَ وِچ ۾.

سوال اِهو آهي ته لطيف جي نظر ۾ اِها "محرومي" ڪهڙي آهي؟ اِها ادراڪ، ڏاهپ ۽ تخليقي ۽ تنقيدي شعور جي محرومي آهي، اُونهي خيال، لطيف احساس، تفڪر ۽ تخيل جي محرومي آهي ۽ ان کان به وڌي ڳالهه ته اِها انهن غيرمعمولي روين، وِڪن، پنڌَ ۽ اورچ حوصلي جي محرومي آهي، جنهن کان سواءِ انسان هڪ حقيقي انسان ۽ اڃان به اڳتي هڪ عظيم انسان جو درجو نه ٿو ماڻي سگهي. اهڙي "محروم" انسان ۽ جانورن ۾ بس ٿورو ئي فرق هوندو آهي. ٻيو سوال ته جي لطيف وٽ محروميءَ جو تصور اهڙو انوکو ۽ حيرت انگيز آهي ته پوءِ هو جنهن "مهارت" جي ڳالهه ٿو ڪري، اُها ڪهڙي مهارت آهي؟ لطيف جي ڏسيل "مهارت" ڪِرت واري ته ٿي نه ٿي سگهي، دراصل لطيف انسان جي ان داخلي درجي کي "مهارت" سڏي ٿو جتي انسان پنهنجي تفڪر، تخيل، احساس ۽ ادراڪ سبب پنهنجي اندر ۾ ئي آڇپو ماڻي ٿو ۽ جڻ ته هو ڪائنات، فطرت ۽ زندگيءَ جو "جُزُ" نه پر پاڻ سموري ڪائنات ۾ بدلجي وڃي ٿو. لطيف ان منزل کي "مهارت" ٿو سڏي، جنهن لاءِ پنهنجي سُرَ ڪاهوڙيءَ ۾ چوي ٿو:

جِــتِ نـــه پکـــيءَ نـــه پيــرُ، تِــتِ تِمڪــي بـــاهڙي،
ٻيـــو ٻارينـــدو ڪيـــر، ڪـــاهوڙڪيءَ ڪِيـــرَ ريءَ.

ان جو مطلب ته لطيف جي دنيا ۾ رڳو اندر ۾ پُورَ پچائڻ، حسرتون ڪرڻ ۽ اڃا به وڌي ڳالهه ته "ڪاهوڙي" ٿيڻ ڪانسواءِ نه ته ماڻهو "ماهر" ٿي سگهي ٿو ۽ نه وري ادراڪ جي اُتاهين منزلن ۽ زندگيءَ جي شناس ۽ حُسناڪين جي لاهوت لامڪان جي بلندين تي وڃي ڏاهپ جي "باهڙي" تِمڪائي سگهي ٿو. اهو وڏو



www.sindhsalamat.com

غيرمعمولي سوال آهي تہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪُوبجن“ ڪان پري رهڻ جي تلقين بار بار ڇو ڪئي آهي؟ ۽ اِهي ڪُوبجَ ڪير آهن؟ لطيف وٽ جهالت، توهم پرستي، عقيده پرستي، تقليد پرستي ۽ فڪري بزدلي (جيڪو شڪُ ۽ سوال نہ ڪري سگهي) ڪُوبجائپ آهي. جن نہ رڳو سنڌ پر سموري انسانذات جي گهٽائيءَ جي سوين تہ ڇا هزارين نسلن جا روح، ذهن ۽ خميرَ ٻاري ۽ ساڙي ڇڏيا. لطيف انهن لاءِ چوي ٿو:

ڪُنيس ڪُوبجن، تَنَ طبيب نہ گَڏيا،
ڏيئي ڏَنيَ ڏَڏِن، پاڻان ڏيلُ ڏُکوئيو.

جهالتن ۽ عقيده پرستن جا امين اِهو ئي ڪري سگهن ٿا تہ اڳ ئي فڪري ۽ روحاني طور ڪمزور، جڏن ۽ ”محرومن“ کي رجعت پسند خيالن جا فڪري ۽ احساساتي ڏنپَ ڏئي، رڳو سندن جسم نہ پر سندن روح ڏکوئين. لطيف اهڙن ڪُوبجن کي انهيءَ ڪري ڏِڪاري ٿو ڇاڪاڻ تہ اُهي فڪري طور مَجو هوندا آهن. صدين جي جهالتن جي سفر جا امين بڻبا آهن ۽ جن جي محبت ماڻهوءَ کان هڪ باشعور تخليقي انسان هئڻ جو درجو کسي وٺي ٿي. انهيءَ ڪري تہ لطيف انهن لاءِ چوي ٿو:

اوريائين آڻين ميڙيو معلم خبرون،
ساتان سُڌ نہ ڏين، جتي وَهہَ ويڏن ڪري.

حقيقت ۾ ذهني، فڪري ۽ احساساتي طور غلام ماڻهو ڪڏهن بہ زندگيءَ جا راز پروڙي نہ ٿو سگهي. نہ ان جي ڏکن، المين ۽ هاڃن جي گهرائيءَ ۾ وڃي سگهي ٿو ۽ نہ وري ان جي اڻ ٻُڌين ۽ ويندي اڻ ڏٺل ۽ رڳو محسوس ڪيل حُسناڪين جا راز پنهنجيءَ زندگيءَ تي آشڪار ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ عقيده پرست ۽ ذهني يا فڪري طور غلام ماڻهوءَ جو ذهن، ضمير ۽ روح آزاد نہ هوندو آهي، اُهو مخصوص دائرن کان ٻاهر نهاري بہ نہ سگهندو آهي. روايتن کان بغاوت تہ پري جي ڳالهہ آهي. رڳو فڪري ڪنڌ ڌوڻي ”ها“ ڪرڻ وارو ماڻهو ڇا ماڻيندو هن وشال ڪائنات مان؟ اُهو تہ لطيف جي ٻوليءَ ۾ ڇڙيءَ وانگر چنهبَ ۾ ”لئا“ ڪٽي ئي لڏي سگهي ٿو. حقيقت اِها آهي تہ هن ڪائنات، فطرت، سماج ۽ زندگيءَ کي تقليد پسند ”ها“ نہ پر تخليقي ۽ تنقيدي ”انڪار“ پروڙيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪائنات ۽ ان جي سمورن لقائن سان انسان شعور، تجربي، تخيل، ڳولا، احساس ۽ تفڪر ذريعي ئي پنهنجو حقيقي رشتو جوڙي



www.sindhsalamat.com

سگهي ٿو. تقليد پسند ۽ عقيده پرست يا ذهني ۽ فڪري طور غلام ماڻهو پنهنجي ذات سان ناتو نٿو جوڙي سگهي، هيءَ ڪائنات تہ هن لاءِ لاحاصل ئي ٿي سگهي ٿي. اِهو ئي تہ سبب آهي جو لطيف "انڪار" ڪندڙ عزازيل کي عاشق ۽ بين کي رڳو "سَڏڙيو" سڏي ٿو. لطيف سائين چوي ٿو اِهو درجو ايئن نہ ٿو ملي، هو چوي ٿو:

سِـرُ سـانداڻ ڪـري، پُـڇـج گهـر لوهـار جـو.
ڏَڪـن هيـٺ ڌري، مـانَ گـڏنئي رُڪَ سـين.

هڪ نئين وجود جو اِهو درجو ڪلياڻ ۾ مقصد جي وحدت ۽ پاڻ وڃائي ڪلياڻ ماڻڻ سان مِلي ٿو يمن ڪلياڻ ۾ سُونهين ۽ محبوب جي معرفت ملي ٿو. ڪُنيات ۾ حُسن شناسيءَ سان ملي ٿو سريراڳ ۽ سامونڊيءَ ۾ ڳولا ۽ سفر سان، سهڻيءَ ۾ بي لوث قربانيءَ سان، سسئيءَ جي پنجن سُرن (سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حُسيني) ۾ اورچائيءَ سان، ڪاموڏ ۾ عاشقيءَ ۾ بادشاهيون ۽ تخت ڦِٽي ڪرڻ سان، گهاتوءَ ۾ حڪمت عمليءَ ۽ ڏاهپ سان، آسا ۾ خودشناسيءَ سان، ڌهر ۾ خودڪلاميءَ سان، رامڪلي ۽ ڪاهوڙيءَ ۾ پنهنجي اندر ۾ حقيقي آزادي ماڻڻ سان، ڪارايل ۾ هنج جون خصلتون اختيار ڪرڻ سان ۽ پرڀاتيءَ ۾ رهزن چالاڪيءَ بدران "ڏَيُ" ٿيڻ سان ۽ مارئيءَ ۾ سون تي سيڻ نہ مَٽائڻ سان ملي ٿو.

هاڻي تصور ڪري سگهجي ٿو تہ لطيف جي معيار تي پورو لهڻ وارو انسان ٿيڻ ڪيڏو نہ اوکو پنڌ ۽ زندگيءَ جو معراج آهي. مون دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ مفڪر، فيلسوف، شاعر، اديب ۽ ڏاهي وٽ انسان جو اهڙو خاڪو نہ ڏٺو آهي، جهڙو لطيف جو آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي ڪارلائل جا ٻُڌايل معيار ڪٽي لطيف کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪري پيش ڪيو پر منهنجيءَ نظر ۾ اُهي معيار غيرمعمولي ناهن ۽ اڪثر مغربي ادبي نقادن جا معيار غيرمعمولي ناهن. لطيف ان ڪري عظيم ناهي جو هو ڪارايل جي ٻُڌايل مخصوص ۽ محدود معيارن مطابق عظيم هو پر هُو دراصل ان ڪري عظيم آهي، جو هو جنهن انسان جو تصور ٿو پيش ڪري ۽ ان ۾ جيڪي خوبيون ۽ ڳُڻَ ٿو ڏسي، اهڙو انسان دنيا ۾ هڪ آدرش آهي ۽ اسان حقيقي معنيٰ ۾ اندر ۾ آزاد ٿي ان کي رَسي سگهون ٿا يا ان جي ويجهو وڃي سگهون ٿا. سر بروو سنڌيءَ ۾ هو چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com

ماڻھو گھُرن مال، آئون سڀ ڏينھن گھران سُپرين،
دنيا تنھن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نھال، پَسڻ تان پَري ٿيو.

ھن دنيا جا سڀ ”سياڻا ماڻھو“ رڳو ”مال“ ٿا گھرن ۽ ھر ”قيمت“ تي مال ٿا گھرن پر لطيف جي تصور جو تخليق ڪيل ڪردار سڀ ڏينھن ”سپرين“ ٿو گھري. اِھو سپرين ڪير آھي؟ ڇا اھو سپرين ڪو ماس ۽ ھڏن جو ٺھيل سپرين آھي؟ يا اھو ڪا اجا ٻي شيءِ آھي؟ اِھو سپرين لطيف جھڙي غيرمعمولي مفڪر شاعر وٽ ڪو ھڪ فرد ٿي نہ ٿو سگھي. جو فرد مان ماڻھو نيٺ ٽڪجي پوندو پر سُپرين دراصل انسان جي حقيقي آزاد حيثيت جو اُھو درجو آھي، جتي ماڻھو ڪڏھن بہ ٽڪجي نہ ٿو ورچي نہ ٿو ھن جي دل نہ ٿي پرجي، ھو بيزار نہ ٿو ٿئي، ھو رڳو ڏيڻ ۽ وٺڻ وارو نہ ٿو ھجي پر ھو اُھو ماڻھو ھجي ٿو جنھن وٽ ڏاھپ پنڌ ڪري پاڻ ھلي اچي ٿي، جنھن جو ڪائنات، فطرت ۽ زندگيءَ سان تقليدي نہ پر تخليقي رشتو جُڙي ٿو جنھن جي اندر ۾ سموري ڪائنات سموئجي وڃي ٿي ۽ جيڪو سڀئيءَ جي زباني پاڻ ئي پنھون ٿي وڃي ٿو. اِھو اُھو درجو آھي جتي انسان پنھنجي اندر ۾ حقيقي آزادي ماڻي ۽ شناسائيءَ جا گَس ڳولي، ھڪ حقيقي آزاد انسان جو درجو ماڻي ٿو. اِھو ئي سبب آھي جو زندگيءَ جا درد ۽ روڳ سھڻ پنھنجي جاءِ تي پر ان جي حُسناڪين ڪي ماڻي بہ اُھو ماڻھو ٿو. سرير اڳ ۾ لطيف سائين چوي ٿو:

ويا جي عميق ڏي، منھن ڪائو ڏيئي،

تِن سِپون سُوجھي ڪڍيون، پاتاران پيھي،
پسندا سي ئي، امل اکڙين سين.

اڳتي ھلي چوي ٿو:

سمنڊ جي سِيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
ڇلر جي ڇُوئين، تِن سانگوتا ۽ سُتيون.

اسان ڪڏھن سوچيو آھي تہ لطيف جي جھان ۾ اِھو ”سمنڊ“ ۽ ”ڪارو“ ڇا آھي؟ جن ڪي جيڪو ڪيڙڻ جو ساھس ساري ٿو اُھو مٽي منو ڪري موٽي ٿو ۽ اھي ”ڇلر“ ڇا آھن؟ سمنڊ دراصل جستجو، ڳولا، وُسعت، تغير، طلاطم ۽ تيز وھڪ يعني مسلسل تحرڪ جو اھڃاڻ آھي، جيڪو انسان جو تخليقي ۽



www.sindhsalamat.com

تنقيدي شعور ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اِهي سمنڊ جي ڪنارن تي پيل بدبودار ڇِلر دراصل صدين جي جهالت آهي، توهم پرستي، عقيده پرستي ۽ تقليد پرستي آهي، جنهن سان سلهاڙجي ماڻهو پنهنجو فڪري طور مَچو ڪنڌ تہ ڏوٽي سگهي ٿو پر شعور، تفڪر ۽ ادراڪ جا ڪَرَ ڪٽي ڪائنات کي تسخير ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي.

اسان کي لطيف جي حقيقي عظمت جي پروڙ تڏهن پوندي جڏهن اسان وٽ لطيف شناسيءَ جو سفر فڪري ۽ فني بلوغت تي ويندو، جڏهن پورب پڏرو ٿيندو ۽ لطيف پنهنجي حقيقي فڪري ۽ فني جمال سان اُڀري، اسان جي تنقيدي ۽ تخليقي ادراڪ جي اڱڻ تي اچي ويهندو. لطيف دراصل بظاهر مختلف ڪردارن جي صورت ۾ هڪ ئي ڪردار جي ڳالهہ ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو تہ لطيف جا سمورا سُرَ ۽ ڪردار، شعور ۽ رويا هن جي هڪ ئي تخليق ڪيل ڪردار جون خوبيون ۽ ڳڻ آهن. فرق رڳو ڪٿائن، صورتحالن، محرڪن ۽ ماحول جو آهي پر انهن جو وَڙُ زندگيءَ ڏانهن رويو، اورچائي، پنڌ ۽ ڏاهپ جو درجو، قربانيءَ ۽ سورهيائيءَ جو مقام ۽ مجموعي طور ڪردار ساڳيو آهي ۽ انهن سمورن ڪردارن ۾ هڪ نظر نہ ايندڙ "وحدت" آهي. اُها وحدت جيڪا نہ رڳو مختلف خوبين، ڳڻن، سوچن، احساسن ۽ روين يا واٽن کي هڪ محرڪ ۽ هڪ تحرڪ ۾ سموئي ٿي پر اُها وحدت جيڪا انسان کي فطرت، ڪائنات، زندگيءَ ۽ سماج سان ڳوتي هڪ ئي وجود ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿي. اِهو اُهو درجو آهي، جتي سسئيءَ جو سچو "وجود" ئي "وڻڪار" ٿي پوي ٿو ۽ جيڪي رڳو جهنگ ۾ ڪتوريءَ جي ڳولا ۾ نٿا وڃن پر جن جي اندر ۾ "سرڪنڊ" ساڻ ٿو هلي. مون کي انساني تاريخ جو ٻيو ڪوبہ مفڪر، اديب ۽ شاعر نہ سمجهي جنهن جو ڪردار ڏاهو بہ هجي، عاشق بہ هجي، اندر ۾ آزاد ۽ بي نياز بہ هجي، سورهيہ ۽ اورچ بہ هجي، حساسيت جي لطافت جي بلند مقام تي پهتل بہ هجي، جيڪو هر وقت متحرڪ سنسار ۾ سرگردان بہ هجي، جيڪو پنهنجي ذات جي نفيءَ جو قائل بہ هجي، جيڪو غيرروايتي ۽ باغي بہ هجي، جيڪو وطن جو عاشق هئڻ سان گڏ مارن ۽ سڄي عالم جي امن جو طالب بہ هجي، جيڪو منزل جو محتاج نہ هجي، جيڪو حاصل ڪري نہ پر وڃائي خوش ٿئي ۽ جيڪو بابو هجي ۽ بيڪاري تي خوش ٿئي، جيڪو تماچي سمون جام هجي ۽ ڪڪيءَ هاڻين ڪارين پرسان فخر سان اُيو بينو هجي. فلسفي ان کي ڇٽبو آهي

جيڪو سچ جي ڳولا ڪري ۽ ڏاهپ سان پيار ڪري پر هيءَ ته اڃا ٻي ۽ اتاهين منزل آهي، جتي اِهو ڪردار سراپا ڏاهپ ۽ سچ ٿيو پوي. اسان جو عظيم ۽ حقيقي رهبر عظيم ۽ سمورن رهبرن جو رهبر لطيف انهيءَ ڪري چوي ٿو:

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سسئي نه پڏي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُتِ ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

(لطيف)

پر ان منزل لاءِ سڀ کان اول اندر جو ”پنڌ“ گهرجي ۽ پوءِ لطيف اهو راز کولي ٿو ٻُڌائي ته جيڪي هِتان ڪٽي هُتِ رکندا، اُهي ئي ان منزل کي رَسندا ۽ اُها منزل اُها آهي جتي زندگيءَ جون سڀ کان حَسين شيون يعني ساجن، سونهن ۽ سُرتِ وکان ٿي ويجهو ٿيو پون ۽ اها منزل ڪنهن کي به رڳو سَڏون ڪرڻ سان نه ٿي ملي سگهي، ان لاءِ لطيف جي ٻوليءَ ۾ بابوءَ مان بيڪاري ٿيڻو پوندو.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 20 ڊسمبر 2013ع**



www.sindhsalamat.com

His name will endure through the ages,
and so also his work! -”Engels”

# انساني تاريخ جو عظيم فلسفي ۽ انقلابي: ڪارل مارڪس

(انسان ذات جي اڄوڪي سماجي، اقتصادي، سياسي، فڪري ۽ روحاني اؤسر جي سموري سفر ۾ جيتوڻيڪ انسان جي لڳاتار اجتماعي، جسماني ۽ ذهني پورهئي جو بنيادي عمل دخل رهيو آهي، پر ان جي باوجود تاريخ جي انيڪ عظيم فردن جي غير معمولي ڪردار کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڪجهه معاملن ۾ ته انساني تهذيب توڙي فڪر جي تاريخ شايد اهڙن غير معمولي فردن (سائنسدانن، فلسفين، شاعرن، انقلابين، فنڪارن، اديبن، جنگي سورمن، قانوندانن وغيره) جي عجب ۾ وجهندڙ ڪارنامن کانسواءِ چال نه ڏئي سگهي ها. تاريخ جا سڀ بنيادي ۽ وڏا ڪارناما، جن انساني تهذيب جي سفر کي هن اڄوڪي اؤج تي رسايو آهي، اهڙن ئي فردن هٿان سرانجام ٿيا. جيتوڻيڪ انساني تهذيب جي تاريخ جو سفر ڏاڍو گهڻ رُخو آهي. يعني اهو سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي به آهي ته ساڳئي وقت جسماني، روحاني ۽ فڪري به آهي پر جيڪڏهن پنهنجي ڪُليت ۾ ان جو بنيادي محرڪ ڳولبو ته اهو ان جي بنيادي عنصر طور فقط ۽ فقط انسان جو شعور ۽ پورهيو ئي آهي. ان ڪري انساني تهذيب جي همه گير سفر جي حوالي سان، ان جي فڪري اؤسر ۽ پورهيي کي ٻين شعبن جي پيٽ ۾ سيني کان وڌيڪ اهم ۽ مٿانهون لقاءُ سمجهيو ويندو آهي. انساني شعور ۽ فڪر جي تاريخ به زندگيءَ جي ٻين شعبن جيان ارتقا جي نارمل ۽ سنئين سڌي ڏگ تان نه گذري آهي. ان جو سفر به ڪڏهن تمام سُست، ڪڏهن رسمي ۽ رواجي رفتار سان، ڪڏهن بنهه ڊرو ته ڪڏهن غير معمولي طور تيزيءَ سان وڏا چال ڏئي اڳتي وڌيو آهي. ڪارل مارڪس به انسان جي فڪري تاريخ جو اهو عظيم ترين مفڪر ۽ انقلابي رهنما آهي، جنهن جي فڪري مهانتا کي تاريخ جا وقتي لاها چاڙها لوڏي نٿا سگهن. هتي ڪارل مارڪس جي زندگيءَ بابت ويهين صديءَ جي هڪ ٻئي عظيم مفڪر ۽ انقلابي ڪامريڊ لينن جو اهو مضمون ڏجي ٿو جيڪو ڪتاب ” Marx and Engles, through the eyes of their contemporaries“ (مارڪس ۽ اينگلز پنهنجن هم عصرن جي نظرن ۾) تان ڪٽي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. -جامي)



www.sindhsalamat.com

ڪارل مارڪس پنجين مئي 1818ع تي ٽرير شهر (رائن درياهہ جي ڪناري واري پروشيا) ۾ پيدا ٿيو. مارڪس جو پيءُ هڪ يهودي وڪيل هو جنهن 1824ع ۾ مسيحي فرقي پروٽسٽنٽ جو مذهب قبول ڪيو هو. سندس گهراڻو خوشحال ۽ مهذب ضرور هو پر انقلابي نہ هو. ٽرير ۾ جمنازيم جي تعليم ڪان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ مارڪس يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. پهرين بون ۽ پوءِ برلن يونيورسٽيءَ ۾ اُتي هن قانون جي تعليم حاصل ڪئي ۽ خاص طور تي تاريخ ۽ فلسفي جو گوڙهو مطالعو ڪيو. 1841ع تائين هن جي باقاعده شاگرديءَ واري زندگي آخري منزل کي پهتي ۽ هن ايپي ڪيورس جي فلسفي تي پنهنجو تحقيقي مقالو ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ پيش ڪري ڇڏيو. خيال جي لحاظ ڪان فڪري طور هو ان وقت تائين جرمن فلسفي هيگل جي عيني ”آئيډيلسٽ“ نظريي کي مڃيندو هو. برلن ۾ هن جو حلقو ”هيگل جي کاٻيءَ ڌر وارن حامين“ جو هو. مثلن برونو باؤير وغيره. انهن ماڻهن جي ڪوشش اها هوندي هئي تہ هيگل جي فلسفي مان لامذهبيت جا ويچار ۽ انقلابي نتيجا اخذ ڪن.

يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد مارڪس بون شهر اچي ويو جتي هن جو ارادو پروفيسر ٿيڻ جو هو پر هتي کيس محسوس ٿيو تہ حڪومت جي پاليسي سخت رجعت پرست آهي. حڪومت جڏهن فلسفيءَ لوڊوگ فائر باخ کي 1832ع ۾ يونيورسٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ 1836ع ۾ کيس يونيورسٽيءَ ۾ واپس اچڻ ڪان روڪي ڇڏيو ۽ 1841ع ۾ نوجوان پروفيسر برونو باؤير جي بون يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر ڏيڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي تہ اهو سڀ ڏسي مارڪس هڪ استاد واري زندگي گذارڻ جو ارادو ختم ڪري ڇڏيو. هيءَ اُن زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن جرمنيءَ ۾ هيگل جي کاٻي ڌر وارن حامين جا ويچار تيزيءَ سان پکڙجي رهيا هئا. فائر باخ 1836ع ۾ ۽ ان ڪان پوءِ خاص طور تي مذهبن تي کُليل تنقيد شروع ڪئي ۽ هو ماديت جي نظريي طرف راغب ٿيڻ لڳو. جيڪو اڳتي هلي 1841ع ۾ فائر باخ جي فلسفي تي حاوي ٿي ويو. ان ڏس ۾ ”مسيحيت جي اصليت“ سندس مشهور ڪتاب آهي. وري 1843ع ۾ سندس ڪتاب ”مستقبل جي فلسفي جا اُصول“ پڌرو ٿيو. انهن ڪتابن جي باري ۾ اينگلز اڳتي هلي لکيو تہ انهن ڪتابن ۾ نجات ڏياريندڙ گهرو اثر آهي، ان جو تجربو هر هڪ کي ضرور ٿيندو. انهن ڏينهن ۾ رائنتي



www.sindhsalamat.com

علائقي جي ريڊيڪل بورجوا ماڻهن، جن کي هيگل جي پُرجوش حامين سان ڪٺي ڪٺي اتفاق هو، ڪولون شهر مان هڪ مزاحمتي رسالو ڪڍيو. مارڪس ۽ برونو بائر ٻنهي کي دعوت ڏني وئي ته اهي ٻه ان رسالي لاءِ لکندا رهن. آڪٽوبر 1842ع ۾ ڪارل مارڪس ان اخبار جو چيف ايڊيٽر ٿي ويو ۽ بون شهر مان ڪولون هليو آيو. مارڪس جي ايڊيٽريءَ ۾ ان اخبار جو انقلابي جمهوري رنگ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. پهرين ته حڪومت ان اخبار تي ٻيٽي ٽيٽي سنسرشپ لڳائي ۽ پوءِ پهرين جنوري 1843ع تي فيصلو ٿيو ته اخبار کي مڪمل طور بند ڪري ڇڏجي. انهيءَ زماني ۾ مارڪس کي مجبور ٿي ايڊيٽريءَ تان استعيفا ڏيڻي پئي پر اخبار جي بچاءَ جي صورت وري به نڪري نه سگهي ۽ نيٺ 1843ع ۾ هيءَ اخبار بلڪل ويهي رهي. مارڪس هن اخبار ۾ ڪيترائي خاص اهم مضمون لکيا، انهن اخباري سرگرمين مارڪس تي واضح ڪيو ته سياسي معاشيات جي باري ۾ هن جي ڄاڻ ڪافي نه هئي، نتيجي ۾ هو ان مضمون جي گهري مطالعي ۾ مصروف ٿي ويو.

مارڪس 1843ع ۾ ڪروز ناخ شهر ۾ جيني ويسٽ نالي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. ٻئي ننڍپڻ جا دوست هئا ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي سندن شادي طئي ٿي چڪي هئي. مارڪس جي زال پروشيا جي اعليٰ گهراڻي مان هڪ رجعت پرست خاندان جي ڇوڪري هئي. سندس وڏو ڀاءُ 1858ـ 1850ع جي نهايت رجعت پسند دؤر ۾ پروشيا جو وزير داخلا رهي چڪو هو. 1843ع جي سَرءُ ۾ مارڪس پيرس ويو ته جيئن اُتان هڪ ريڊيڪل رسالو ڪڍي سگهي. مارڪس سان گڏ آرنلڊ روگي به هو (جيڪو 1802ع ۾ پيدا ٿيو هو ٻه هيگل جو پُرجوش حامي هو. 1825ع کان 1830ع تائين جيل ۾ رهيو. 1848ع کان پوءِ سياسي طور جلاوطن قرار ڏنو ويو ۽ 1866ع کان 1870ع تائين بسمارڪ جو حامي رهيو ۽ نيٺ 1880ع ۾ مري ويو) ان رسالي جو صرف هڪ ئي پرچو شايع ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته جرمنيءَ ۾ ڳُجهي نموني اخبار جي وڪري جي ڏکيائين ۽ آرنلڊ سان اختلافن سبب رسالي جي اشاعت ممڪن نه رهي.

ان رسالي ۾ مارڪس جيڪي مضمون لکيا، هو انهن ۾ هڪ پختو انقلابي نظر اچي ٿو. هو هر هنڌ زور ڀري ٿو ته هر شيءِ تي بي خوفيءَ سان ۽ ڇتي تنقيد



www.sindhsalamat.com

ٿيڻ گهرجي ۽ انهن ۾ ئي مارڪس عوام توڙي پورهيتن کي جدوجهد جي اپيل ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي.

سيپٽمبر 1844ع ۾ فريڊرڪ اينگلز (مارڪس جو هم عصر عظيم فلسفي) ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ پيرس آيو هو. ان ڪانپوءِ هو مارڪس جو بهترين ۽ جگري دوست بڻجي ويو. انهن ڏينهن ۾ پيرس ۾ انقلابي ٽولين جي زندگي اندر ئي اندر اُپامي رهي هئي. مارڪس ۽ اينگلز ٻنهي ان ۾ حصو ورتو. هنن ٻنهي وڏي مڙسيءَ سان وچين طبقي جي سوشلزم جي مختلف نظرين سان جنگ ڪئي ۽ پورهيت طبقي جي تاريخي انقلابي ڪردار کي اجاگر ڪيو. جيڪو نئين غيرطبقاتي سماج جو خالق آهي.

جڏهن فيبروري 1848ع جو انقلاب شروع ٿيو ته مارڪس کي بيلجيم مان بہ ڪڍيو ويو. هو وري پيرس آيو. هتي مارچ جي انقلاب ڪانپوءِ هو جرمنيءَ جي ڪولون شهر هليو آيو. ڪولون مان پهرين جون 1848ع تي هن هڪ نقشو تيار ڪيو جيڪو انقلابي پرولتاري سوشلزم يا ڪميونزم ”مارڪسزم“ جو نظريو هو. هنن گڏجي ان کي هڪ شڪل ڏني. ان ڏس ۾ مارڪس جون اُن زماني جون تحريرون ڏسي سگهجن ٿيون. 1845ع ۾ پروشيا جي حڪومت جي لڳاتار اصرار تي مارڪس کي پيرس مان ان الزام تحت ڪڍيو ويو تہ هو هڪ خطرناڪ انقلابي آهي. پيرس مان جلاوطن ٿي هو بروسلز شهر هليو ويو. 1847ع جي موسم بهار ۾ مارڪس ۽ اينگلز ٻنهي هڪ خفيہ پروپيگنڊا سوسائٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي. سوسائٽيءَ جو نالو ”ڪميونسٽ ليگ“ هو. جڏهن لنڊن ۾ نومبر 1847ع ۾ ”ڪميونسٽ ليگ“ جي ٻي ڪانگريس ٿي تہ هنن ٻنهي ان ۾ نمايان حصو ورتو. ان ئي سوسائٽيءَ جي چوڻ تي هنن جڳ مشهور ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميني فيسٽو تيار ڪيو. جيڪو فيبروري 1848ع ۾ شايع ٿي سامهون آيو. اهو ميني فيسٽو نهايت وضاحت ۽ ڪمال ذهانت سان دنيا جي هڪ تصور جو خاڪو پيش ڪري ٿو ۽ نهايت مربوط ۽ باضابطہماديت جي نظريي جو ڏس ڏئي ٿو. اهڙو نظريو جنهن جي دائري ۾ سڄي سماجي زندگي اچي وڃي ٿي، جدليات اچي وڃي ٿي، جيڪو ڪائنات جي اؤسر جو نهايت گهرو ۽ جامع تصور آهي.

اهو نظريو جيڪو طبقاتي جدوجهد جو نظريو هو جنهن لاءِ هڪ نئين اخبار جاري ڪيائين، جنهن جو مارڪس چيف ايڊيٽر هو. اها اخبار 19 مئي 1849ع



www.sindhsalamat.com

تائين نڪتي. 1948ع تائين جي انقلابي واقعن نئين نظريي جي ڏاڍي روشن طريقي سان عملي تصديق ڪري ڇڏي ۽ اها تصديق ان ڪان پوءِ دنيا جي تمام ملڪن جي پورهيت جمهوري تحريڪ هميشه ڪندي رهي آهي. انقلاب جي ويرين ڪي سوپ ٿي ته هنن نڪرڻ شرط مارڪس جي خلاف عدالتي ڪارروائي ڪئي ۽ پوءِ ڪيس جرمنيءَ مان جلاوطن ڪيو ويو. مارڪس هن دفعي وري جلاوطن ٿي سڌو پيرس پهتو پر جڏهن 13 جون 1848ع وارو مظاهرو ٿيو ته ڪيس وري پيرس مان ڪڍيو ويو. اُتان پڇي هو لنڊن پهتو. پوءِ مارڪس پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين لنڊن ۾ ئي رهيو.

سياسي جلاوطن جي حيثيت ۾ مارڪس جي حياتي وڏين مصيبتن جي زندگي هئي. مارڪس ۽ اينگلز جي وچ ۾ ان دوران خط و ڪتابت جيڪا 1913ع ۾ شايع ٿي، ٿيندي رهي. ان مان اهو صاف طور واضح آهي ته مارڪس ۽ هن جي خاندان کي سخت غربت ۽ مفلسيءَ جا ڏينهن ڏسڻا پيا. جيڪڏهن اينگلز مسلسل قرباني ڪري مارڪس جي مدد نه ڪندو رهي ها ته مارڪس پنهنجي عظيم تصنيف ”سرمائي“ (Capital) تي ڇا ڪم ڪري سگهي ها، پر پاڻ بک ۽ بدحاليءَ جي هٿان ختم ٿي وڃي ها. هڪ طرف اهي حالتون هيون، ٻئي طرف ننڍي ۽ وچولي سرمائيدار طبقي جا رجحان ۽ اهڙا نظريا جيڪي بلڪل غير پورهيت سوشلزم جي خيالن ۽ مفادن جا آئينه دار هئا، هر طرف ڇانيل هئا. انهن مارڪس کي مجبور ڪيو ته هو انهن نظرين سان لڳاتار ۽ بي خوف جنگ جوٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس نهايت بي شرم، گندن ۽ ذاتي حملن جا جواب ڏيڻا پيا. سياسي جلاوطنن جي حلقي کان لاتعلق ٿي، مارڪس ڪيترين تاريخي تصنيفن کي پنهنجيماديت جا نظرياتي بنياد ڏنا ۽ پنهنجين سمورين ڪوشش کي سياسي معاشيات جي مطالعي لاءِ گهٽي حد تائين وقف ڪري ڇڏيو. مارڪس هن علم جي پوريءَ ڪائنات ۾ ”سياسي معاشيات جي تنقيد“ 1859ع ۽ ”سرمائي“ جهڙو ڪتاب لکي فڪري طور وڏو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو.

19هين صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي جي آخر ۽ ستين ڏهاڪي جي زماني ۾ جمهوري تحريڪن ۾ جيڪا ٻيهر جان پئي ته مارڪس کي وري عملي سرگرمين جو سڏ ٿيو. 28 سيپٽمبر 1864ع ۾ لنڊن ۾ ”پورهيتن جي عالمي ايسوسيئيشن“ قائم ڪئي وئي، جيڪا ”پهرين انٽرنيشنل“ جي نالي سان مشهور آهي. مارڪس ان تنظيم جو روح روان بڻجي ويو. ان جي پهرين اپيل به مارڪس تيار ڪئي ۽ نه

چارٽ تہ ڪيترائي اعلان ۽ تجويزون مارڪس جي قلم ٿي تحرير ڪيا. مختلف ملڪن جي مزدور تحريڪن ۾ ٻڌي پيدا ڪري ۽ ان جي زبردست ڪوشش ڪري، مارڪسي نظريي کان اڳ جي غير پورهيت سوشلزم کي مجيندڙ مختلف صورتن کي گڏي، سرگرمين جو هڪ ئي رخ اختيار ڪيو ويجي. خاص طور تي هن مختلف ملڪن جي مزدور طبقي جي انقلابي جدوجهد لاءِ هڪ متناسب ۽ سڌي حڪمت عملي اختيار ڪئي. مارڪسي نظريي کان اڳ غير پورهيت سوشلزم جون صورتون هيئنئن هيون. مثلن ماتسيني، پروڌان ۽ ميخائل باڪونن جا نظريا، انگلينڊ جي لبرل ٽريڊ يونين تحريڪ، جرمنيءَ جي لاسال واري تحريڪ جيڪا ساڄيءَ ڌر ڏانهن وڌيڪ مائل هئي وغيره. 1817ع ۾ جڏهن پيرس ڪميون ختم ٿي ويو تہ مارڪس هن واقعي جو گهرو، واضح، روشن، اثرائتو ۽ انقلابي تجزيو ڪيو ۽ ان کان پوءِ باڪونن جي مجيندڙن جي هٿان پهرين انٽرنيشنل جا ٽڪر ٿي ويا ۽ يورپ ۾ هن جماعت جو باقي رهڻ ممڪن نہ رهيو. هيگ ۾ پهرين انٽرنيشنل جي ڪانگريس 1872ع ۾ ٿي تہ مارڪس ان جي جنرل ڪائونسل کي يورپ مان نيويارڪ منتقل ڪرائي ڇڏيو. پهرين انٽرنيشنل پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ اهڙي دؤر جي راهہ هموار ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ سڄيءَ دنيا جي مزدور تحريڪ وڌي ۽ ويجهي سگهي. هڪ اهڙو دؤر آيو جڏهن تحريڪ وسيع ٿي ۽ الڳ الڳ قومي رياستن ۽ عوام ۾ سوشلسٽ مزدور پارٽيون وجود ۾ آيون.

”انٽرنيشنل“ لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ ان کان بہ وڌيڪ فڪري مصروفيتن مارڪس جي صحت کي جهوري وڌو. سياسي معاشيات کي صحيح شڪل ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجي تصنيف ”سرمائي“ کي پورو ڪرڻ لاءِ هن بي انتها محنت ڪئي. ڪيترين زبانون سکيون، جيئن روسي وغيره. هن ايترو ڪم ڪيو جو سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪِرڻ لڳي ۽ نيٺ هو پنهنجي تصنيف ”سرمائي“ کي بہ مڪمل نہ ڪري سگهيو.

2 ڊسمبر 1881ع تي سندس زال جيني وفات ڪري وئي ۽ 14 مارچ 1883ع تي مارڪس بہ پنهنجي آرام ڪرسيءَ تي هميشہ لاءِ آرامي ٿي ويو. ”دنيا جي هن عظيم فلسفي ۽ انقلابي“ مارڪس کي بہ لنڊن جي هاءِ گيٽ قبرستان ۾ سندس زال جي پرسان دفنايو ويو.

---

روزاني ”عبرت“_ 14 مارچ 1999ع



www.sindhsalamat.com

# ڏاهپ ۽ انقلابي جدوجهد جو مثالي اهڃاڻ: لينن

جيتوڻيڪ هاڻي لينن جي خوابن جو انقلابي ۽ ڪميونسٽ ملڪ، سوويت يونين دنيا جي نقشي تي باقي نہ رهيو آهي ۽ سرمائيدار دنيا سڄيءَ دنيا ۾ وڏي زور شور سان اهو پرچار ڪري رهي آهي تہ ڪميونزم ۽ سوشلزم جو خواب پنهنجي ساڀيان جي ابتدائي زمانن ۾ ئي بي معنيٰ ثي چڪو آهي. جيتوڻيڪ اڄوڪي دؤر جي عالمي سطح تي اُپريل ۽ ڪنهن حد تائين هُليل راءِ اها ئي آهي، جنهن کي سرمائيدار دنيا پنهنجي ميڊيا جي جادوءَ جي لَٽِ سان سگهارو ڪيو آهي. حقيقت ۾ جي تاريخ جي سائنسي شعور ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي تہ طبقن، نظامن ۽ دؤرن جي هڪٻئي سان ويڙهہ ۽ ٽرانسفارميشن جو لقاءُ‌ايترو سادو نہ هوندو آهي، جنهن بابت حتمي فيصلا يا نتيجا هڪ ڏڪ سان ۽ فوري طور سامهون اچي سگهن. سوويت يونين جي ڀڃي ڀوڻ جي انيڪ جائز ۽ ناجائز سببن کان قطع نظر، هڪ ملڪ جي خاتمي جي بنياد تي تاريخ جي اعليٰ ترين سائنسي فڪر کي قطعي طور غلط ثابت ڪرڻ يا رد ڪرڻ تاريخ ڏانهن هڪ سطحي روش آهي.

سوويت انقلاب جو باني ۽ هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو مارڪسي مفڪر ۽ انقلابي اڳواڻ ڪامريڊ لينن انساني تارخ جو اهو عظيم ترين شخص آهي، جنهن جي علميت، فلسفيانہ گِهرائي، ڪردار جي وُسعت ۽ گهڻ رُخائيءَ تي دنيا جي سمورن مظلوم طبقن ۽ مجموعي طور انسان ذات کي هميشہ ۽ هر زماني ۾ فخر رهندو. ڪامريڊ لينن انساني تاريخ جي انهن تمام ٿورن ماڻهن مان هڪ هو جن پنهنجي زندگيءَ ۾ علم، ڏاهپ، سائنس توڙي عمل جي ميدانن ۾ اهڙا لازوال ڪارناما سرانجام ڏنا، جن کي انسان جي سموري تهذيب، تاريخ ۽ شعور جي اعليٰ ترين وِٿُ سڏجي تہ اهو ڪنهن طور بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. لينن انساني تاريخ جي سڀ کان اعليٰ آدرشن يعني فطرت جي مادي شعور جي ارتقا ۽ غير طبقاتي ۽ هر قسم جي ڦُرلت کان آجي سماج جي اڏاوت لاءِ علمي، فڪري، روحاني ۽ عملي ميدانن جي جن بلندين تي سوچيو، لکيو ۽ عملي



www.sindhsalamat.com

طرح ڪم ڪيو ان جا تاريخ ۾ ڪي گهٽا مثال نٿا ملن. لينن جهڙي عظيم ترين ۽ يگاني انسان جي زندگيءَ ۽ فڪر جي سمورن پاسن تي لکڻ جي ڪا به حد نہ آهي. مجموعي طور ويهين صديءَ جو هيءُ عظيم انسان سائنسدان، تخليقي مفڪر، ادبي نقاد، فلسفي، سياسي معاشيات جو عالم ۽ اهڙو يگانو انقلابي سورمو هو جنهن جي زندگي ۽ ڪردار هميشہ ۽ هر دؤر ۾ روشن ضمير ۽ باشعور ماڻهن لاءِ مثالي حيثيت رکي ٿو.

ولاديمير ايليچ لينن، 22 اپريل 1870ع تي شهر سمبرڪس (هاڻي ان شهر کي اوليانووسڪ چيو ويندو آهي) ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ ايليانڪو لائي وچ اوليانوف هڪ اسڪول ۾ انسپيڪٽر هو. لينن جي وڏي ڀاءُ اليگسينڊر کي زار اليگسينڊر ٽئين کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حصو وٺڻ تي 1887ع ۾ ڦاهيءَ جي سزا ڏني وئي هئي. 1887ع ۾ لينن پنهنجي ثانوي تعليم پوري ڪئي ۽ ڪازان يونيورسٽيءَ جي قانون جي شعبي ۾ داخلا ورتي پر سُتت ئي کيس شاگردن جي انقلابي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب گرفتار ڪري يونيورسٽيءَ مان خارج ڪيو ويو. 1888ع جي سرءُ جي موسم ۾ جڏهن کيس واپس ورڻ جي اجازت ڏني وئي تہ هو سمارا هليو ويو جتي هن قانون جو امتحان ڏيڻ جي تياري ڪئي ۽ 1891ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ يونيورسٽيءَ مان هن امتحان ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي. سمارا ۾ هن پهرين چڙوچڙ مارڪسي حلقي جي تنظيم ڪاري ڪئي تہ مارڪسزم بابت هن جي گهري ادراڪ ۽ علم سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو جو ان وقت تائين سندس علمي ۽ فڪري قدبُت بابت ماڻهن کي اڃا پوريءَ ريت ڄاڻ نہ ملي سگهي هئي.

آگسٽ 1893ع ۾ هو سينٽ پيٽرسبرگ هليو ويو. جتي هو اُتي جي مارڪسي حلقن جو وڏو اڳواڻ ٿي اُڀريو ۽ کيس سياسي طور باشعور مزدورن جون بيپناهہ پُرخلوص محبتون حاصل ٿيون. جن کي هو هر وقت مارڪسي تعليم ڏيندو هو.

1894ع ۾ هن پنهنجو ڪتاب "عوام جا دوست ڪير آهن ۽ هو سوشل ڊيموڪريٽس سان ڪيئن وڙهن ٿا؟" لکيو. هن ڪتاب ۾ هن ان ڳالهہ تي زور پريو تہ روس جو مزدور طبقو ئي زار شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ جي مخالفت ۽ انقلاب لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪندو. هن ڪتاب ۾ پهريون دفعو هن مزدورن ۽ هارين جي انقلابي اتحاد کي زار شاهيءَ جو تختو



www.sindhsalamat.com

اونڌو ڪرڻ جو اهم ۽ سگهارو ذريعو قرار ڏنو. هن ان ۾ وڌيڪ ان ڳالهه ڏانهن به اشارو ڪيو تہ ان سڄي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ پورهيت پارٽيءَ جي سخت ضرورت آهي. 1895ع ۾ لينن، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ سمورن مارڪسي پورهيتن جي حلقن کي هڪ ليگ جي نالي ۾ گڏ ڪيو جيڪا روس ۾ هڪ انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي ابتدائي صورت هئي. انهيءَ سال ڊسمبر ۾ کيس گرفتار ڪري جيل اُماڻيو ويو ۽ 1897ع ۾ کيس وري جلاوطن ڪيو ويو جتي هن پنهنجو مشهور علمي ڪتاب ”روس ۾ سرمائيداريءَ جي اوُسر“ مڪمل ڪيو جنهن جو آغاز دراصل هن جيل ۾ ئي ڪري ڇڏيو هو.

1900ع جي شروعات ۾ هو جلاوطنيءَ مان واپس موٽيو ۽ انهيءَ سال سياري ۾ ملڪ کان ٻاهر هليو ويو جتي هن روسي انقلابين جي سياسي اخبار ”اسڪارا“ يعني چڻنگ جاري ڪئي. مئي 1901ع ۾ اسڪارا ۾ لينن جو هڪ مضمون ”شروعات ڪيئن ٿيڻ گهرجي؟“ شايع ٿيو جنهن ۾ هن هڪ انقلابي مارڪسي پارٽيءَ جي قيام جو مڪمل خاڪو پيش ڪيو. اڳتي هلي هن ”ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ جي عنوان سان هڪ پورو ڪتاب لکي، ان خاڪي کي مڪمل ڪيو. ان ڪتاب ۾ لينن نہ رڳو هڪ حقيقي مارڪسي انقلابي پارٽيءَ جا بنيادي اُصول واضح ڪيا پر نظرياتي موقعي پرستيءَ جي بنيادن تي بہ سَنڌائتا ڌَڪ هنيا.

”روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ“ جي ٻي ڪانگريس ۾، جيڪا 1903ع ۾ ڪوٺائي وئي هئي، پڻ لينن موقعي پرستن کي بي نقاب ڪيو ۽ انقلابي مارڪسزم جي سوڀ کي يقيني بنائڻ تي زور ڀريو. ان سلسلي ۾ لينن اڳتي هلي هڪ ٻيو ڪتاب ”هڪ قدم اڳتي تہ ٻہ قدم پوئتي“ جي نالي سان لکيو، جيڪو مئي 1901ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي تاريخي اهميت جو هڪ دليل اهو آهي تہ ان ۾ لينن پورهيت طبقي جي اهم هٿيار جي حيثيت سان انقلابي پارٽيءَ جي ڪردار جي سڀ طرفي وضاحت ڪئي آهي ۽ ٻُڌايو آهي تہ پورهيت طبقو پنهنجي طبقاتي مفادن جي حقيقي علمبردار انقلابي پارٽيءَ کان سواءِ ڪاميابيءَ جون منزلون طئي ڪري نٿو سگهي.

نومبر 1905ع جي شروعات ۾ لينن واپس روس موٽي آيو ۽ سينٽ پيٽرس برگ پهچي هن زبردست تنظيمي سرگرمين جو آغاز ڪري ڇڏيو. انقلاب جي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ لينن 1907ع ۾ هڪ دفعو وري جلاوطن ٿي ٻاهر وڃڻ تي



www.sindhsalamat.com

مجبور ٿي ويو. ان دوران لينن پنهنجو شاهڪار ڪتاب ”ماديت ۽ عملي تنقيد“ لکيو جيڪو 1909ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب علمي، سياسي، سماجي، تاريخي توڙي فلسفيانہ لحاظ کان هڪ اهم ترين حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ لينن مارڪسي فلسفي جي بنياد تحت جدلي ۽ تاريخي ماديت جي موضوعن تي نهايت علميت ۽ پنهنجي دؤر جي سائنسي نظرين ۽ قانون جي روشنيءَ ۾ تفصيل سان بنيادي ڳالهيون سمجهايون.

1912ع ۾ پراگ ڪانفرنس ۾ بالشويڪن، ٽراٽسڪائي لڏي يعني مينشويڪن کي پارٽيءَ مان خارج ڪري ڇڏيو. سينٽ پيٽرس برگ جي مزدورن جي پيشقدميءَ سبب ڪميونسٽ پارٽيءَ، لينن جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ قانوني اخبار ”پراودا“ شايع ڪرڻ شروع ڪئي ۽ لينن پيرس مان ڪراڪو منتقل ٿي ويو تہ جيئن هو پارٽيءَ جي سرگرمين جي رهنمائيءَ لاءِ روس جي ويجهو هجي. 1913-14ع ۾ لينن قومي مسئلي تي، مارڪسي فڪر جي روشنيءَ ۾ هڪ طويل مضمون ”قومي مسئلي ڏانهن تنقيدي اشارا“ ۽ ”قومن جي آزاديءَ جو حق“ لکيو. پنهنجي هن مقالي ۾ لينن تاريخي ماديت جي شعور جي لحاظ کان قومي مسئلي جي سمورن بنيادي پاسن ۽ پيچيدگين کي واضح ڪيو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ سبب لينن کي آسٽريائي پوليس گرفتار ڪيو ۽ ڪيس يارنهن ڏينهن جيل ۾ رکيو ويو. جيل مان آزاديءَ بعد لينن سوئيٽزرلينڊ هليو ويو ۽ هن سامراجي جنگ جي سخت مخالفت ڪئي. ان ئي زماني ۾ لينن جنگ، امن ۽ انقلاب جي موضوعن تي نظرياتي توڙي حڪمت عملين جي لحاظ کان تفصيل سان قلم کنيو. ”سامراج- سرمائيداريءَ جي آخري منزل“ نالي مشهور ترين ڪتاب لينن انهن ئي ڏينهن ۾ لکيو ۽ سامراج بابت مارڪسي فڪر ۽ روين کي چٽائيءَ سان سامهون آندو.

فيبروري 1917ع ۾ روس ۾ آپيشاهي حڪومت جي شڪست بعد لينن سورهين اپريل تي پيٽرو گراڊ پهتو جتي جو پورهيت عوام کيس پنهنجو محبوب اڳواڻ سمجهندو هو. روپوشيءَ جي زماني ۾ بہ لينن پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪندو رهيو. اُن زماني ۾ هن پنهنجو مشهور ڪتاب ”رياست ۽ انقلاب“ لکيو جنهن ۾ هن رياست ۽ پورهيت طبقي جي راڄ جي باري ۾ مارڪس ۽ اينجلس جي نظرين کي سامهون آندو. ستين آڪٽوبر تي هو ڳُجهي نموني سان فِنلينڊ مان وري پيٽرو گراڊ پهتو. اهو لينن جي زبردست نظرياتي پختگيءَ ۽ منصوبابنديءَ جو نتيجو ئي هو



www.sindhsalamat.com

جو روس ۾ آڪٽوبر جي هٿياربند بغاوت ڪامياب وئي. 24 آڪٽوبر جي رات لينن اسموليني پهتو ۽ هن پاڻ ان بغاوت جي اڳواڻي ڪئي، جنهن جو آغاز اڳ ئي ٿي چڪو هو. لينن جي اڳواڻيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي زبردست سگهه سان روس ۾ پورهيتن، سرمائيدارن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. آڪٽوبر جي هٿياربند بغاوت ڪامياب وئي. آڪٽوبر جو عظيم پورهيت انقلاب سوپارو ٿي چڪو هو. 25 آڪٽوبر تي سوويتن جي ٻي "ڪُل روس ڪانگريس" جو آغاز ٿيو جنهن ۾ ڪين اقتدار حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. 26 آڪٽوبر جي اجلاس ۾ لينن رپورٽ پيش ڪئي ۽ امن ۽ زمين جي سلسلي ۾ پنهنجو تاريخي فرمان پيش ڪيو. ان ئي اجلاس ۾ لينن کي ڪانگريس جي چونڊيل اعليٰ ڪائونسل جو سربراهه مقرر ڪيو ويو.

سياسي مدبر جي حيثيت سان لينن جي غير معمولي ذهانت آڪٽوبر کان پوءِ حقيقي طور سامهون آئي. هن سمورن مسئلن بابت سوويت پاليسيءَ جا بنيادي اُصول مرتب ڪيا. سوويت رياست جا سمورا ادارا لينن جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪيا ويا. آڪٽوبر انقلاب جي سوڀ جي بلڪل شروعاتي ڏينهن ۾ ئي لينن اشتراڪي سرزمين جي بچاءَ جو نعرو بلند ڪيو ۽ گهرو ويڙهه جي ڏکين ڏينهن ۾ پورهيت عوام توڙي انقلابي پارٽيءَ جي مدد سان پنهنجي ملڪ جو نهايت ڪاميابيءَ سان بچاءُ ڪيو. جڏهن گهرو ويڙهه جو خاتمو ٿيو تہ لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪميونسٽ پارٽي قومي معيشت جي بحاليءَ ۽ مضبوطيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو.

2 نومبر 1922ع ۾ لينن ماسڪو سوويت جي مڪمل اجلاس ۾ ملڪ جي پرڏيهي ۽ ڏيهي پاليسيءَ تي بنيادي ۽ تاريخي تقرير ڪئي. اها سندس آخري تقرير هئي. 1918ع ۾ مٿس قاتلاڻي حملي جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. ان واقعي لينن جي جسماني صحت تي ڏاڍو خراب اثر وڌو ۽ 1922ع جي شروعات ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو. بيماريءَ جي حالت ۾ بہ لينن انقلاب ۽ اشتراڪيت جي عظيم مقصد لاءِ ڪم ڪندو رهيو جنهن لاءِ هونئن بہ هن پنهنجي سموري حياتي سوچيو لوچيو ۽ وڙهيو هو. 1922ع ۾ لينن جي تجويز تي سوويتن جي پهرين ڪُل يونين ڪانگريس، سوويت قومن جي هڪ رضاڪارانہ رياست يونين جي قيام جو اعلان ڪيو ۽



www.sindhsalamat.com

اها هئي سوويت اشتراڪي جمهوريتن جي يونين يعني يو ايس آر (U.S.S.R).

1923ع ۾ لينن پنهنجن اهم مقالن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو جنهن ۾ هن انقلاب ڪانپوءِ جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ملڪ جي نئين اڏاوت جو خاڪو ۽ منصوبو پيش ڪيو. ساڳئي وقت لينن سوويت جمهوريه جي بين الاقوامي ڪردار، موقف ۽ پرڏيهي پاليسيءَ تي پڻ خاص ڌيان ڏنو ۽ ان جا اُصول واضح ڪيا، جيڪي ظاهر آهي تہ ڦورو طبقاتي رياستن ڪان بنهہ مختلف هئا. حد کان وڌيڪ ذهني، فڪري توڙي جسماني پورهئي لينن کي سخت ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ هو جسماني طور ڪا وڏي ڄمار نہ ماڻي سگهيو. 21 جنوري 1924ع تي شام جو ڇهہ لڳي پنجاهہ منٽن تي ماسڪو لڳ گورڪيءَ ۾ دنيا جو هيءُ عظيم مفڪر ۽ انقلابي اڳواڻ وفات ڪري ويو ۽ جسماني طور وڏي ڄمار نہ ماڻي سگهندڙ لينن تاريخ ۾ ابدي ڄمار ماڻي هميشہ لاءِ سڄاڳيءَ ۾ انقلاب جو علمبردار ٿي امر ٿي ويو.

(مضمون لاءِ حوالا ۽ بنيادي ڄاڻ لينن جي بايوگرافيءَ تان کنئي وئي).

---

روزاني ”عبرت“- 22 اپريل 1999ع

# جديد سنڌ جي فڪري اڏاوت
# ۾ جي ايم سيد!

سائين جي ايم سيد جديد سنڌ جي چند وڏن ۾ اُنهن ڪردارن مان هڪ آهي، جن جي فڪر، قلم، سياست ۾ ڪردار جا پنهنجي دور تي غيرمعمولي اثر قائم ٿيا ۽ اج جڏهن هن جي وڇوڙي کي اُڻويهه سال ٿي ويا آهن، تڏهن به هن جو اُهو گهڻ-طرفو اثر ڪنهن به صورت ۾ گهٽيو ناهي. سائين هڪ نهايت گهڻ-طرفي شخصيت هو پر هن جي شخصيت جا بنيادي حوالا هڪ سياستدان ۽ قومپرست دانشور جا آهن. سائينءَ جي سياست ۾ سوچ به مختلف مرحلن مان گذرندي رهي ۽ اِها سائين جي ايم سيد جي وڏائي ۽ معصوميت جي نشاني هئي جو هن پنهنجي سياسي سفر جي غلطين جو هميشه کُليل ۽ لکت ۾ اعتراف ڪيو. سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست ۾ اهڙو ٻيو ڪوبه سياسي ايمانداريءَ جو مثال نه ٿو ملي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي سياست جي جن ڪمزور پاسن جو اعتراف نه به ڪيو ۽ انهن تي تنقيد به ٿي سگهي ٿي ۽ تاريخ جي رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ ٿيڻ به گهرجي پر ان سان سائينءَ جي ايم سيد جي وڏي ۽ گهڻ پاسائين شخصيت ۽ ڪردار جي تاريخي حيثيت ۽ اهميت گهٽجي نه ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ مان سائينءَ جي سياست جو حصو ڪڏهن نه رهيس (جيتوڻيڪ پرائمريءَ ۾ مان چٽنگ سنگت ۾ سرگرم رهيس) پر پوءِ به سائينءَ جي ڪتابن منهنجي شعورسازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سائينءَ سان منهنجو ويجهو ناتو به رهيو. سائين جي ايم سيد منهنجي والد عبدالحئي چانديي، جيڪو پاڻ به هڪ اسڪالر ۽ شاعر هو، جو نهايت دل گهريو دوست هو ۽ سندن دوستيءَ جو اِهو سُهڻو چئن ڏهاڪن کان مٿي وقت تي محيط هو. ان ڪري سائين جي ايم سيد بابت ذڪر سڀ کان اول مون گهر ۾ پنهنجي والد

ڪان ٻُڌو. جيتوڻيڪ بابا بنيادي طور ڪابيءَ ڌر جي سوچ جو هو پر هن جو سائينءَ سان تمام ويجهو دوستيءَ جو لاڳاپو هو. اسان وٽ اڄ بہ بابا ڏانهن سائينءَ جا لکيل انيڪ ذاتي، فڪري ۽ ادبي خط محفوظ پيل آهن. سائينءَ سان بابا جي دوستي سنڌ جي عظيم ڪردار ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪري ٿي، جيڪو بابا جو نهايت ويجهو دوست ۽ جڻ تہ اسان جي گهر جو ڀاتي هو. مان 1981ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري ويس تہ مون هڪ محبت ڪندڙ ٻار جي حيثيت ۾ سائينءَ کي خط لکڻ شروع ڪيا ۽ سائينءَ جي وڏائيءَ ۽ شفقت جو اهو حال هو جو مون جهڙي ٻار کي بہ خطن جا جواب ڏيندو هو. لکرائيندو شايد ناز سنائيءَ کان هو ۽ انهن تي دستخط پاڻ ڪندو هو. سائينءَ جو پوٽو يوسف حيدر شاهہ جڏهن پيٽارو ۾ داخل ٿيو تہ سائينءَ هن کي علم دوستيءَ ۽ ادبيت سبب مون سان ويجهو رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ اهڙو نياپو سائينءَ مون کي بہ ڪيو. مون کي ياد آهي تہ اُن زماني ۾ سائينءَ جي اڪثر ڪتابن تي بندش هوندي هئي، سو مون سائينءَ جو ڪتاب ”جيئن ڏٺو اهي مون!“ جون ٽي ڪاپيون هٿ سان لکي جڏهن ڪيڊٽ ڪاليج ۾ چونڊ شاگردن ۾ لکي لکي پڙهائڻ شروع ڪيون ۽ اِها ڳالهہ جڏهن يوسف حيدر شاهہ سائينءَ سان وڃي ڪئي تہ سائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون ڏانهن انعام ۾ هڪ ڪتاب ۽ ويهہ روپيا يوسف حيدر هٿان خرچي موڪلي هئائين. ايئن پوءِ سائينءَ جي حياتيءَ تائين ساڻس اِهو منهنجيءَ محبت ۽ سندن شفقت جو تعلق قائم رهيو. مان ڪوشش ڪري سدائين سائينءَ جي سالگرهہ جي تقريبن ۾ سن ويندو هئس ۽ سندن آخري سالگرهہ جي موقعي تي منهنجو لکيل مضمون ”ڇا رياست ۾ سائين جي ايم سيد کي ٻُڌڻ جي سگهہ آهي؟“ سائينءَ دوستن کان خاص طور پڙهائي ٻُڌو هو ۽ جڏهن مان اُتي پهتس تہ دوستن چيو سائين سوير کان توهان جو انتظار پيو ڪري ۽ مضمون جي واکاڻ ڪئي اٿائين. مان سائينءَ جي ان آخري سالگرهہ ۽ سندن وفات جي موقعي تي بہ ڪيس ڪُلهو ڏيڻ وارن ۾ موجود هئس ۽ مون کي سدائين اهو فخر رهندو تہ مون پنهنجي سانڀر ۾ سائينءَ کي انيڪ ڀيرا روبرو ڏٺو، ساڻس فڪري ڪچهريون ڪيون، ڪانئس سياسي سوال ڪيا. هو سدائين مهربان هوندو هو. ويندي تڏهن بہ جڏهن مان ڪانئس تنقيدي ۽ اختلافي سوال ڪندو هئس ۽ هو محبت ۽ شفقت سان اُنهن جا جواب ڏيندو هو. عام طور سائين تنقيدي سوالن



www.sindhsalamat.com

تي اڪثر ماڻهن سان ڇڙي پوندو هو پر مون سان برهم ڪڏهن بہ نہ ٿيو شايد هڪ سبب اهو بہ هو جو هو مون کي بابا جي نسبت سان پنهنجيءَ اولاد وانگر ڀائيندو هو.

تاريخ ۾ ڪوبہ ڪنهن کان سندس حقيقي حيثيت کسي نہ ٿو سگهي ۽ ايئن سائين جي ايم سيد کان اِها حيثيت ڪوبہ کسي نہ ٿو سگهي تہ هو سنڌ ۾ جديد قومي شعور جو بنياد رکندڙ هو. سنڌ لاءِ ڪيل سندس خدمتن ۾ هيٺيان ڪم تاريخي حيثيت رکن ٿا.

(1) سائين جڏهن پارلياماني سياست ۾ سرگرم هو تہ هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي قيام لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۽ سائين محمد ابراهيم جويي جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ تقرري سندس ئي ڪوششن ۽ سفارش تحت ٿي، جن انهن ٻنهي ادارن کي علمي اوڄ تي پهچايو افسوس جو اُهي ٻئي ادارا هاڻي زوال جي پستيءَ ۾ ڪِريل آهن، جنهن سبب هن جو فڪري روح ضرور رنج هوندو.

(2) سائين جي ايم سيد سنڌ کي هڪ مڪمل تاريخي قوم هئڻ جو شعور ۽ شعار ڏنو. ان لاءِ هن ڪا نِلهي زباني دعويٰ نہ ڪئي پر پنهنجي قلمي ۽ فڪري پورهيي سان تاريخيت، معروضيت ۽ منطقيت جي روشنيءَ ۾ ان کي ثابت پڻ ڪيو. "سنڌوءَ جي ساڃاهہ" ۾ هن سنڌ جي تاريخ کي قومي شعور جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو. "سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر" ۾ هن اهو ثابت ڪيو تہ ڪنهن بہ قوم لاءِ گڏيل تاريخ سان گڏ هڪ گڏيل قومي ٻولي ۽ ڪلچر پڻ لازمي هوندا آهن ۽ سنڌي قوم وٽ اِهي ٻئي عنصر تمام اُسريل شڪل ۾ موجود آهن. هن نہ رڳو گڏيل تاريخ، وطن، ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي چِٽو ڪيو پر سنڌين جا قومي اقتصادي مفاد، آزاد ۽ خودمختيار حيثيت جا سوال پڻ دليلن سان اُڀاريا.

(3) ڪابہ قوم گڏيل قومي اُتساهہ کانسواءِ اڳتي وڌي نہ ٿي سگهي ۽ قومن جا تاريخي سورما ايندڙ نسلن ۽ دورن کي اُتساهيندا آهن. جڏهن 1955ع ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو ۽ سنڌين ۾ گهٽتائيءَ جو احساس پيدا ڪيو ويو تہ سائين جي ايم سيد "سنڌ جا سُورما" نالي ڪتاب لکي، سنڌين کي اهو اتساهہ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جو مطلب اهو هو تہ نہ رڳو ماضيءَ ۾ سنڌ وٽ قومي سُورما رهيا آهن پر سنڌ کي نئين دور ۾ بہ ڏاهر، مخدوم بلاول، دولهہ درياهہ خان، دودي جهڙا سُورما گهرجن، جيڪي ساهہ ڏئي ڌرتيءَ ۽ قوم کي ويساهہ ڏين.



www.sindhsalamat.com

(4) لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ جيتوڻيڪ مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي پيرو مل پڻ سُنا ڪتاب لکيا آهن پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد ٻيو شارح هو جنهن پنهنجي ڪتاب ”پيغامِ لطيف“ ذريعي لطيف سائينءَ جي شرح هڪ قومي شاعر ۽ قومي شعور جي بنياد تي ڪئي. لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ اهو هڪ نئون فڪري قدم هو جيڪو سائينءَ کنيو. جيتوڻيڪ ان ۾ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي ٻين جمالياتي، فلسفيانہ، لسانياتي ۽ فني پاسن تي نہ لکيو ويو آهي، چاڪاڻ تہ سائينءَ پاڻ بہ لکيو تہ اِها لطيف جي خالص سياسي ۽ قومي شرح آهي. ادبي پرک ۾ ادب جي سياسي پرک کي پڻ تمام گهٽي اهميت ڏني ويندي آهي، چاڪاڻ تہ ادب جو تعلق زندگيءَ سان آهي ۽ ان جو ڪارج پس و پيش سماجي آهي تہ پوءِ ان جي سياسي شرح يا تشريح پڻ ضرور ٿيڻ گهرجي. پيغامِ لطيف، لطيف سائينءَ کي سنڌ ۾ هڪ گڏيل قومي شاعر طور متعارف ڪرايو.

(5) هر سياستدان کي ڪجهه معاملن ۾ پنهنجي دور ۽ حالتن سان مصلحت ڪرڻي پوندي اهي ۽ اُها اڪثر حالتن ۾ ضروري پڻ هوندي آهي پر جيئن تہ سائين ڪو روايتي يا عوامي سياستدان نہ هو ۽ هو پاڻ کي هڪ نظرياتي سياستدان سڏيندو هو ان ڪري هن لکڻ ۾ ڪا بہ مصلحت نہ ڪئي. سندس ڪتاب ”جيئن ڏٺو آهي مون“ ان جو هڪ وڏو اهڃاڻ ۽ دليل آهي. هڪ مذهبي ۽ عقيده پرست سماج ۾ مذهب بابت اهڙو ڪتاب لکڻ سندس دانشورانہ جرئت ۽ سچائيءَ جو ثبوت آهي. ان ڪتاب ۾ سائينءَ جي تصوف ڏانهن لاڙي جي تنقيدي چنڊ ڇاڻ تي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ بہ گهرجي پر مذهب بابت اهڙو ڪتاب لکڻ هڪ وڏو قدم هو جنهن جو هاڻي تہ شايد تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.

(6) سائين جي ايم سيد جو هڪ اهم ڪم اهو بہ آهي جو هن ويهين صديءَ جي سياست جو اهو سمورو دور، جنهن ۾ هو سرگرم رهيو ان کي قلمي طور محفوظ ڪري ويو. اِها روايت اسان جي اوير جي سماجن ۾ ۽ سنڌ ۾ تہ تمام ڪمزور آهي. مثال طور 1937ـ47ع تائين جي هڪ ڏهاڪي جي سنڌ جي پارلياماني سياست بابت هن ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ نالي اهم ڪتاب لکيو. سائينءَ جي ان دور جي سياسي تشريح سان اختلاف ٿي سگهي ٿو پر جي اهو ڪتاب نہ لکجي ها تہ شايد ان دور جو اهم رڪارڊ محفوظ ئي نہ رهي ها.



www.sindhsalamat.com

ايئن 1847ع کان 1936ع تائين اٺاسي سال سنڌ جيڪا بمبئي سرڪار جو حصو رهي ۽ ان کان عليحدگيءَ لاءِ سنڌ ۾ جيڪا سياسي جدوجهد هلي، ان بابت سائينءَ جو ننڍو ڪتاب "سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي" بابت اهم معلومات فراهم ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ان موضوع تي ڊاڪٽر حميده کهڙو جو ڪتاب تمام جامع ۽ نوس آهي پر سائينءَ جو ڪتاب پڻ ان دور جي دستاويزي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. ساڳيءَ طرح "جنب گذاريم جن سين"، "ديارِ دل داستانِ محبت" جهڙن ڪتابن ۾ هن نہ رڳو پنهنجي زندگيءَ جا تجربا دانشورانہ ايمانداريءَ سان قلمبند ڪيا پر سنڌ جي ان دور جي حالتن ۽ اهم شخصيتن تي پڻ لکيو. سنڌ ۾ ان دور بابت اهڙو ڪم علي محمد راشديءَ ۽ سائين جي ايم سيد ڪيو.

سائين جي هڪ ٻي عادت بہ اهم ۽ منفرد هئي جو هو تقرير هميشہ لکت ۾ ڪندو هو. ان جو هڪ سبب اهو ٿي سگهي ٿو جو هو ڪو عوامي مقرر نہ هو پر ان جو اهو سبب پڻ ٿي سگهي ٿو تہ هو تاريخ جي رڪارڊ خاطر پنهنجا خيال محفوظ ڪرڻ چاهيندو هو. ان ڪري بزمِ صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنس ۽ ٻين موقعن تي ڪيل ۽ لکت ۾ پڙهيل سندس تقريرن کي هاڻي تاريخي دستاويزن جي حيثيت حاصل آهي ۽ ايندڙ دور جو تاريخدان انهن کي بنيادي ماخذ طور استعمال ڪندو.

(7) سياست کي علم ۽ ادب سان ڳنڍڻ جي روايت کي سنڌ ۾ مضبوط ڪرڻ ۾ سائين جي ايم سيد جو بہ اهم ڪردار هو جنهن ۾ اڳتي هلي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجي، قاضي فيض محمد ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ سميت ڪيترن سنڌ جي اعليٰ ماڻڪن جو بہ وڏو ڪردار رهيو. سنڌ ان لحاظ کان سڄي ننڍي کنڊ ۾ ممتاز هئي جو ان جا سياستدان دانشور ۽ اديب پڻ هئا. ويندي پارلياماني سياست ڪندڙ سياستدان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سندس شهيد ڌيءَ محترمہ بينظير ڀٽو پڻ صاحبِ ڪتاب هئا ۽ سندن دانشوراڻي حيثيت دنيا ۾ تسليم ٿيل آهي. ان روايت ۾ سائين جي ايم سيد جو پڻ اهم ۽ مهنداريءَ وارو ڪردار آهي.

(8) 1971ع ۾ بنگال جي آزاديءَ کانپوءِ جيتوڻيڪ سائين جي ايم سيد سنڌ جي جاگرافيائي آزاديءَ جو نعرو هنيو ۽ ان بابت بہ ڪتاب ("پاڪستان هاڻي ٽٽڻ گهرجي" ۽ "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟") لکي پنهنجو سياسي ڪيس



www.sindhsalamat.com

پيش ڪيو پر ڪمال اهو هو جو سائينءَ ان لاءِ اهنسا ۽ عدم تشدد جي واٽ جي چونڊ ڪئي. مان سمجهان ٿو تہ اِها سياسي ڏاهپ ۽ دورانديشيءَ جي نشاني هئي. جيتوڻيڪ تاريخ ۾ نہ هٿياربند جدوجهد جي اهميت کان ڪو انڪار آهي ۽ نہ ان امڪان کي سياست ۾ حتمي طور خارج ڪرڻ گهرجي پر سائين، سنڌي سماج جي معروضيت جو ادراڪ رکندي، عدم تشدد جو تصور پيش ڪيو جيڪو سوچ، اُصول توڙي حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان هڪ درست فيصلو هو.

مان سمجهان ٿو تہ سائين جي ايم سيد جي سياست ۽ فڪر، سميت جديد سنڌ جي سياست ، معروضي حالتن ۽ سياسي اڳواڻن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، ذوالفقار علي ڀُٽي، رسول بخش پليجي جي سياست، فڪر ۽ سنڌي سماج تي ان جي اثرن جي بہ چنڊڇاڻ ٿيڻ گهرجي. ۽ اها چنڊڇاڻ ٺلهي جذباتيت، سطحي عقيدت ۽ داخليت جي بنياد تي نہ پر معروضيت، منطقيت ۽ سائنسيت جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي. اهو نسل پنهنجين خوبين ۽ خامين، ڪاميابين ۽ ناڪامين سميت جيڪو ڪري سگهيو اهو ڪري ويو. ان کري هاڻي اصل سوال سنڌ جي حال ۽ آئيندي جو آهي ۽ ان لاءِ گذريل ڏيڍ صديءَ جي سياست جي چنڊ ڇاڻ ۽ پرک جي ضرورت آهي. مان سمجهان ٿو تہ خود ان سياست جي بہ بي رحميءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان چنڊڇاڻ جي ضرورت آهي، جيڪا پاڻ کي سائين جي ايم سيد جو وارث ۽ ان جي سياست ۽ فڪر جو تسلسل سڏائي ٿي. اڄ ڏهن کان وڌيڪ ننڍا وڏا گروھ آهن، جيڪي ساڳئي جهنڊي، نعري ۽ سيد جي نسبت سان ساڳيءَ سياست ۽ واٽ توڙي منزل جا داعي آهن پر ڇا سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ ڪردار جو جوهر انهن ۾ آهي؟ جي آهي تہ زماني کي نظر ڇو نہ ٿو اچي؟ ۽ جي ناهي تہ پوءِ ڇا سائينءَ جي وارثيءَ جي دعوي جائز آهي؟ اِها چنڊ ڇاڻ وقت جي ضرورت آهي ۽ منهنجيءَ نظر ۾ سائين جي ايم سيد کي حقيقي ڀيٽا ڏيڻ جو اِهو ئي سائنسي طريقو ٿي سگهي ٿو.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 25 اپريل 2014ع**



www.sindhsalamat.com

# ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي:
# سنڌ جي اِتهاس جو
# هڪ سچو پچو وڏو ماڻهو!

دنيا ۾ وڏن ماڻهن جي ڪابه هڪ وصف، صورت، معيار ۽ ماڻ يا ماپو نہ آهي. وڏا ماڻهو هر شعبي ۾، هر صورت ۾، هر سطح تي ۽ هر رنگ ۾ ٿي سگهن ٿا ۽ انساني اتهاس جي رِلهيءَ ۾ وڏن ماڻهن جي هستين، ڪارنامن، خيالن، ڪردارن، سورهيائين، فلسفن، فڪري واڌُن، قربانين، تخليقن ۽ فني شاهڪارن جا انيڪ گوناگون رنگ پريل آهن. ڪنهن چيو هو تہ عظيم فن اُهو جيڪو حيرت کي جنم ڏئي، ان حوالي سان مان چوندس تہ وڏو ماڻهو اُهو جنهن جي هستي ۽ حياتي ڏسي ماڻهو اچرج ۾ پئجيو وڃي- تہ وَڄُ! ماڻهو ايئن بہ ٿي سگهي ٿو! يا حياتي ايئن بہ گذاري سگهي ٿو! ويهين صديءَ جي سنڌ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ اهڙن ماڻهن منجهان هڪ هو جنهن کي اسان ڪنهن بہ عالمي انساني معيار مطابق حقيقي طور هڪ وڏو ماڻهو چئي سگهون ٿا. جيئن ڪنهن عظيم فن پاري کي ڏسي ماڻهوءَ کي ڏندين آڱريون اچيو وڃن، تيئن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي حياتي، ڪمٽمينٽ، ڪارنامن، قلمي ۽ تخليقي پورهيو قربانيون ۽ انقلابيت ڏسي ماڻهو حيرت ۾ پئجيو وڃي. مان جڏهن بہ اهڙن ماڻهن جي حياتين جو مطالعو ڪندو آهيان تہ چڻ سچ پچ بہ اتساهہ جي سرچشمن مان سيراب ٿيندو آهيان. سنڌ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڪير سڏائي؟ ڪير ٿو هن جي جُتيءَ ۾ پير پائي سگهي! لطيف سائينءَ شايد اهڙن ڪاهوڙين لاءِ ئي چيو هو تہ:

جـــوڳيئڙا جهـــانَ ۾، نُـــوري ۽ نـــارِي،
ٻـــري جـــن ٻـــاري، آئـــون نـــہ جيئنـــدي اُن ريءَ.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي سموري حياتي پاڻ کي هڪ عاشق پرواني جيئن ٻاري، سنڌ ۾ روشن خياليءَ، ترقي پسنديءَ، قومي ۽ طبقاتي



www.sindhsalamat.com

جدوجهد جون شمعون ٻاريون ـ وڏي ڳالهه تہ نہ ڪڏهن ٿَڪو نہ ساهي پٽيائين، نہ عوام ۽ قوم کي ٻي شناسيءَ جون ميارون ڏنائين ۽ نہ وري پنهنجي "ٻري" ٻارڻ تي خود قياسي ڪيائين. وڏن ماڻهن جواِهو وَڏُي ناهي هوندو.

مونکي اهو ارمان هميشہ رهندو جو مون زندگيءَ ۾ ان عظيم هستيءَ کي ڪونہ ڏٺو. جيتوڻيڪ هو منهنجي والد پروفيسر عبدالحئي چانڊيي جو تمام دل گهريو دوست ۽ ترقي پسند سوچ ڏانهن مائل ڪندڙ هڪ فڪري استاد پڻ هو. بابا، مولانا عبدالڪريم ٻير وارو ۽ پير بديع الدين راشدي پير جهنڊي وارو دارلهدي نيڙهيءَ مان گڏ فارغ التحصيل ٿي "مولوي عالم فاضل" جا صاحبِ سَندَ ٿيا، مولانا غلام مصطفي قاسمي ڪانئن ٽي سال سينيئر هو. بابا جي هڪ مذهبي عالم مان هڪ ترقي پسند اسڪالر ٿيڻ ۾ ابتدائي ڪردار ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو هو ان ڪري مون پنهنجيءَ سانپر ۾ ڪامريڊ جتوئيءَ بابت اتساهيندڙ ڳالهيون پنهنجي والد ۽ پليجي صاحب کان ٻُڌيون ۽ ٻئي سنڌ جي هن يگاني ماڻهوءَ جون ساراهون ڪندي، سندس عظمت جا ڳُڻ ڳائيندي، ڪڏهن ڪونہ ٿَڪا. پليجو صاحب لطيف کانپوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو سڀ کان وڌيڪ احترام ۽ بار بار ذڪر ڪندو آهي تہ اُهو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي آهي.

موهن جي دڙي لڳ ڳوٺ بکو ديرو ۾ 7 آڪٽوبر 1901ع تي فقير الهداد خان جتوئيءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هيءُ سياڳو ٻار، اڳتي هلي پنهنجي سوچ، ڪردار ۽ قربانين ڀوڙي جدوجهد سبب "باباءِ سنڌ" جي لقب جو ڏڻي ٿيو. هو پرائمري پنهنجي ڳوٺ بکوديري ۽ باقراڻيءَ ۾ پڙهيو. 1918ع ۾ سنڌي فائنل ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو جنهن جي نتيجي ۾ نہ رڳو کيس اسڪالرشپ ملي پر هو سنڌ مدرسة الاسلام لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو. 1923ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري وڌيڪ تعليم هن ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. هو هميشہ هڪ مثالي شاگرد رهيو ۽ اُهو ئي سبب هو جو هو سدائين اسڪالرشپس تي پڙهيو. 1927ع ۾ هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان فارسي ٻوليءَ ۾ بي اي پاس ڪئي. جيتوڻيڪ هو عربيءَ، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جو بہ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو. سرڪاري ملازمت جي شروعات هن 1928ع ۾ وڏي منشيءَ يعني اسسٽنٽ مختيارڪار جي حيثيت سان ڪئي پر سُتت ئي مختيارڪار جي امتحان ۾ سنڌ ۾ اول نمبر آيو ۽ هن مختيارڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ

شروع ڪيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو تڏهن آيو جڏهن هن سرڪاري ملازمت جا 15 سال پورا ڪري، 1945ع ۾ پنهنجي اعليٰ منصب يعني ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. هن سموري تعليمي ۽ پيشه ورانه سفر دوران ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڇڻ ته هڪ اصلي داخلي ۽ فڪري سفر پنهنجي اندر ۾ به ڪيو هو ۽ جڏهن هو هن مختصر زندگيءَ کي ڪو عظيم مقصد ۽ ڪارج ڏيڻ جي پَدَ تي پهتو ته پوءِ شايد هن لاءِ طبقو، منصب، حيثيت، مراعتون ۽ عارضي زندگيءَ جو سُک اهم نه رهيا. اِهو ئي اُهو مرحلو هوندو آهي، جتي عام ماڻهو، وَڏَ ـ ماڻُهائپ جي منزل تي پُڄي، ڇڻ ته نئون جنم وٺي وڏا ماڻهو ٿي ويندا آهن. اهو ئي اندر جو پنڌُ هو جنهن هڪ خوشحال ۽ زميندار گهراڻي سان واسطو رکندڙ ڊپٽي ڪليڪٽر کي سنڌي هارين توڙي سنڌ جي هڪ قومي ۽ طبقاتي اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اڳ اُن زماني ۾ هڪ سنڌي مسلمان گهراڻي سان واسطو رکندڙ فرد لاءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي منصب تي پُڄڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي پر اِهو ته زماني جو معيار هو. حيدر بخش جتوئيءَ لاءِ ته اعليٰ ڪاموري ٿيڻ جي ڀيٽَ ۾ اعليٰ ڪامريڊ ٿيڻ وڏو ۽ حقيقي منصب هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ اسرائيل جو قيام عمل ۾ آيو ته عالمي طور هڪ چاتل سڃاتل يهوديءَ جي حيثيت ۾ نئين نهيل ملڪ جي پهرين سربراهه ٿيڻ جي آڇ آئن اسٽائن کي ڪئي وئي هئي پر سندس جواب ڪمال هو. هڪ سِٽ ۾ جواب ڏنو هئائين ته، ”مان سائنسدان آهيان، پنهنجو وقت ضايع ناهيان ڪندو.“ ڪامريڊ جتوئيءَ جو اِهو فيصلو به اهڙو ئي هو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي منصب تان استعيفيٰ ڏئي 1945ع ۾ ”سنڌ هاري ڪميٽيءَ“ ۾ شامل ٿيو. جيڪا جمشيد مهتا، جيٺمل پرسرام، عبدالقادر ميوا خان کوکر، سائين جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ حاتم علويءَ جي گڏيل ڪوشش سان 1930ع ۾ قائم ٿي هئي پر اها هڪ ڪميٽي هئي ۽ ڪا وڏي سياسي ۽ عوامي تحريڪ نه بڻجي سگهي، سبب شايد اهو به هو ته ڪيس ڪامريڊ جتوئيءَ جي سطح جو ڪُل وقتي اڳواڻ نه ملي سگهيو هو. وقت سان گڏ ۽ ان وقت جي ننڍي کنڊ جي سياسي حالتن سبب اُها ڪميٽي ماٺي ٿي چڪي هئي. 1945ع ۾ جڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي ته



www.sindhsalamat.com

سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو جنم ته نئون جنم ٿيو. هونئن به سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو پهريون دور سنڌ ۾ هاري سياست يا طبقاتي جدوجهد بابت ڪو وڏو تحرڪ پيدا نه ڪري سگهيو هو. ڪامريڊ حيدر بخش جي شموليت کانپوءِ پهريون پيرو سنڌ ۾ هاري سياست يا طبقاتي جدوجهد سگهاري انداز سان سامهون آئي. هاري ڪميٽيءَ طرفان ”هاري حقدار“ نالي اخبار شايع ٿيڻ شروع ٿي، جنهن سنڌ ۾ هارين جي مسئلن تي لکڻ شروع ڪيو سندن مفادن جي تحفظ لاءِ مطالبا سامهون اچڻ شروع ٿيا. ڪامريڊ جتوئيءَ شروعات ڪئي ۽ پوءِ هاري انقلاب بابت شاعري، مضمون ۽ ليک شايع ٿيڻ شروع ٿيا. هڪ وڏيرڪي سماج جي ڏِنگ وڏيرن خلاف چونڊن ۾ بيهڻ جي روايت سنڌ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ وڌي.1950ع ۾ ضلعي دادوءَ ۾ پير الاهي بخش جي سيٽ خالي ٿي ۽ اُن تي تڏهوڪي وڏي وزير ايوب کهڙي جو سالو اليڪشن ۾ بيٺو ته ڪامريڊ سندس خلاف اُٿي بيٺو پر ڪيس سرڪاري ڪارندن هٿان اغوا ڪرائي ڪيس اليڪشن ۾ فارم ڀرائڻ نه ڏنو ويو ۽ ايوب کهڙي جو سالو بنا مقابلي چونڊجي ويو. 1951ع ۾ قمبر ۾ ڪامريڊ جتوئي، غيبي خان جي پوٽي سردار سلطان احمد خان چانڊيي جي مقابلي ۾ فارم ڀريو ۽ اليڪشن ۾ بيٺو. اُنَ تَڪَ تي هڪ طرف ڪامريڊ جتوئيءَ سان سڄي سنڌ جو شعور گڏ هو ۽ ٻئي طرف روايتي وڏيراشاهي ۽ بي شعور عوام هو. انهن چونڊن ۾ ڪامريڊ ۽ سندس ساٿين سان جيڪي عقوبتون ٿيون، اِهو سنڌ جي سياسي تاريخ جو تاريڪ باب آهي، اُها ٻي ڳالهه آهي ته بعد ۾ هاري ڪميٽيءَ جي اپيل تي نواب سلطان احمد به اُها سيٽ کٽي نه سگهيو جو اليڪشن ڪميشن ڪيس نااهل قرار ڏنو جو اليڪشن ۾ بيهڻ جي سندس عمر ٺي نه هئي ۽ سندس تعليمي سرٽيفڪيٽ ڪوڙو ثابت ٿيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ عوامي سطح تي هاري ڪانفرنسن جي روايت کي سگهارو ڪيو ۽ رتيديري (1951_1948ع)، لاڙڪاڻي (_1955 54ع)، لالو رائنڪ (1957ع) ۽ ٻين شهرن ۾ ڪوٺايل انهن تاريخي ڪانفرنسن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جي سَڏَ تي سائين جي ايم سيد، پير الاهي بخش، برڪت علي آزاد، قاضي فيض محمد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، رسول بخش پليجو، جمال الدين بخاري، قادر بخش نظاماڻيءَ، سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ قاضي عبدالغفار سميت سنڌ جا ڏاها ۽ اڳواڻ شريڪ ٿيندا



www.sindhsalamat.com

هئا. هاري حقدار ڪانفرنس ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جي سنڌ اسيمبليءَ آڏو هزارين هارين جي مزاحمتي احتجاج جو ئي نتيجو هو جو تڏهوڪي وڏي وزير يوسف هارون نيٺ ڪامريڊ حيدر بخش ۽ سندس ساٿين کي مذاڪرات لاءِ گهرايو ۽ نيٺ 13 اپريل 1950ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪرايو. صوفي عنايت شهيد جي هن فڪري وارث سنڌ ۾ هارين ۾ نه رڳو سجاڳي آندي، سندن آواز بڻيو پر سندن حقن لاءِ انيڪ جدوجهدون پڻ هلايون. مولوي نذير حسين جتوئي، مولوي عزيزالله جروار، ڪامريڊ عبدالواحد سومرو، نبي بخش تونيه، مولوي الاهي بخش قريشي، ڪامريڊ قاضي غفار (وارهه وارو) ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي سندس خاص ساٿي هوندا هئا. اُن زماني ۾ هاري زميندار جو لاڳاپو قانوني طور واضح نه هو ۽ اڌو اڌ بٽئيءَ جو عملي طور ڪو تصور به نه هوندو هو. ڪامريڊ حيدر بخش جي انهن جدوجهدن سنڌ ۾ اڌو اڌ بٽئيءَ جو سوال اُڀاريو ۽ نيٺ 1950ع ۾ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ جي صورت ۾ ان کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بنيادي طور هڪ وڏو دانشور، اديب ۽ ڪميٽيڊ شاعر پڻ هو. هن جي تعليمي رڪارڊ، پيشه ورانه اهليت ۽ سياسي ڪارنامن سان گڏوگڏ سندس علمي، ادبي ۽ فڪري پورهيو به سنڌ جو املهه خزانو آهي. هو سنڌ مان اُنهن چند ماڻهن (جهڙوڪ ڄيٺمل پرسرام، ڪامريڊ برڪت علي آزاد، نبي بخش کوسي، قادر بخش نظاماڻي ۽ محمد ابراهيم جويي) مان هو جيڪو ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ئي نندي ڪنڌ جي ترقي پسند ادبي ۽ فڪري تحريڪ سان واڳجي چڪو هو. هن جو مطالعو تمام وسيع ۽ گهرو هو. فلسفو، تاريخ ۽ سائنسيت ڪامريڊ جتوئيءَ جا بنيادي موضوع هئا. هو بنيادي طور هڪ مارڪسوادي هو ۽ افسوس جو اُن زماني ۾ تنگ نظر پناهگير لابيءَ جي اثر هيٺ پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سنڌ ۽ نندي ڪنڌ جي هن املهه ماڻڪ، حقيقي دانشور ۽ انقلابيءَ کي به پارٽيءَ جي پڪي رُڪنيت نه ڏني. ڪامريڊ حيدر بخش ون يونٽ جي خلاف جيڪي انگريزيءَ ۾ مزاحمتي پمفليٽ لکيا، اُهي سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي ۽ فڪري ادب جا شاهڪار آهن. اهو ئي سبب آهي جو سائين محمد ابراهيم جويي کيس روسو ۽ والٽيئر سان ڀيٽيو آهي، جن جا پمفليٽ فرينچ انقلاب جي دور ۾ وڏا اثرانگيز ثابت ٿيا هئا پر سنڌ جو هيءُ ڪامريڊ ته فڪري طور روسو ۽ والٽيئر کان اڳتي وڌيل



www.sindhsalamat.com

فڪري روايت يعني پورهيت انقلابيت سان واڳيل هو. انهن پمفليٽن (ڪتاب: Statement of the Accused) ۾ ڪامريڊ جنهن گهرائيءَ سان ون يونٽ خلاف لکيو ۽ پاڪستان جي رياست، سياست، مذهبيت، سيڪيولرازم جي نفيءَ بابت جيترو گهرائيءَ سان اُنهن پمفليٽن ۾ اپٽار ٿيل آهي، پاڪستان ۾ ان دور بابت لکيل شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ هجي. ”جيئي سنڌ“ جواِهو نعرو جيڪو اڄ سموري سنڌ جو هڪ متفقہ قومي نعرو آهي، ان جو تخليقڪار بہ جتوئي صاحب هو ڇاڪاڻ تہ اهو سندس جڳ مشهور گيتَ ”جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ، جامِ محبت پيئي سنڌ“ مان ڪنيل آهي. اقبال جي شڪوه کان متاثر ٿي سنڌي ٻوليءَ ۾ شڪوه پڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ لکيو جيتوڻيڪ ان وقت جي مذهبي انتهاپسندن جي دٻاءُ ۾ اچي اقبال کي ”جوابِ شڪوه“ پڻ لکڻو پيو هو پر سنڌ جي ”حيدر“ ڪنهن جي دٻاءُ ۾ اچي جوابِ شڪوه نہ لکيو اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن خلاف بہ وڏيرا، سرڪاري دانشور ۽ رجعت پسند سرڪار وٽ بار بار دانهيندا هئا (علي محمد راشدي بہ انهن ۾ شامل هو)، ايتري قدر جو هڪ ڀيري حيدرآباد جي انگريز ڪمشنر گبسن وٽ بہ انهن دانهن ڏني، جنهن کيس اهو ڪتاب واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي، جيڪا جتوئي صاحب نہ مڃي. شڪوه لکڻ جي ڏوهہ جي پاداش ۾ مٿس فتويٰ پڻ جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ کيس سرڪاري منصب تان لاهي، سندس ڪتاب ضبط ڪري کيس ڦاهيءَ چاڙهڻ جي گهُرَ ڪيل هئي پر سنڌ جو هيءُ ”حيدر“ اٽل بيٺو رهيو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي رڳو سنڌ ۽ ملڪ ۾ ئي نہ پر عالمي طور بہ مڃتا ماڻي. پاڪستان جا چوٽيءَ جا سياستدان خان غفار خان، عبدالصمد خان اچڪزئي، شيخ مجيب الرحمان، ذوالفقار علي ڀٽو جي ايم سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي کيس وڏو مرتبو ڏيندا هئا. چين جو وزيراعظم چُو اين لائي پاڪستان جي دوري تي آيو تہ هن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ سندن اِها ملاقات ٿي. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي زندگيءَ جا آخري پندرهن سال گهٽي ڀاڳي جيلن ۽ ڪال ڪوٺڙين ۾ گذريا ۽ مَڇَ جيل ۾ سندس صحت گهڻو خراب ٿي ۽ نيٺ سنڌ جو هيءُ عظيم فرزند 21 مئي 1970ع تي 69 سالن جي ڄمار ۾ سنڌ جي تاريخ تي اَڻ مِٽ نشان ڇڏي هن جهان مان موڪلائي ويو.



www.sindhsalamat.com

اڄوڪي دور ۾ سنڌ کي حيدر بخش جتوئيءَ جهڙن عظيم ۽ بي لوث دانشورن، اديبن، شاعرن، مفڪرن، سياسي ڪارڪنن ۽ انقلابين جي ضرورت آهي. سنڌ جي سياست ۾ اهو ڪردار، فضيلت، علميت ۽ اٿاهه ڪمٽمينٽ گهرجي، جنهن جو مجموعو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هو ۽ سنڌي ادب ۽ ڏاهپ جي دنيا ۾ اُهو وَڙُ قلم جو ڪارج ۽ فڪري گهرائي گهرجي، جيڪا ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ذات ۽ ڏاهپ جو ڪمال هئي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌ کي اڄ اُها حقيقي هاري تحريڪ ۽ طبقاتي جدوجهد گهرجي، جيڪا نمائشي نہ هجي پر سچ پچ بہ هارين تي مشتمل ۽ سندن انقلابي فڪر ۽ جدوجهد جي ترجمان هجي. سنڌ پنهنجي هن عظيم ڏاهي ۽ اڳواڻ کي سندس ورسيءَ جي موقعي تي نِوڙي سئو سئو سلام پيش ڪري ٿي، جنهن ۾ هِڪُ هَٺُ منهنجو بہ آهي.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 21 مئي 2014ع**

# محمد عثمان ڏيپلائي:
# سنڌ ۾ سماجي بغاوت جو قلمي سِپهہ سالار

ويهين صديءَ جي سنڌ جيڪي وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن, اُنهن ۾ هڪ سنڌ جو هڪ بي باڪ ۽ مجاهد ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب بہ هو. سنڌ جي ساڃاهہ جي اؤسر ۾ سندس ڪردار جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سائين رسول بخش پليجي صاحب جي پايي جو اسڪالر ماڻهو بہ چوندو آهي تہ سندس زندگيءَ تي جن چند ماڻهن گهرو اثر وڌو, اُنهن ۾ ڏيپلائي صاحب بہ شامل آهي. ايئن ڏيپلائي صاحب جي روشن خيال ۽ ترقي پسند فڪر جو اثر ڪيترن ئي دؤرن ۽ نسلن تي پيو آهي. مان ننڍو هوندو هئس تہ عثمان ڏيپلائي صاحب جا ننڍڙا فڪرانگيز ڪتابڙا ۽ رسالا اسان جي گهر ايندا هئا, منهنجو والد صاحب عربيءَ ۽ فارسيءَ جو پروفيسر ۽ پاڻ هڪ اديب ۽ شاعر هو. هن جي محمد عثمان ڏيپلائيءَ سان ڏيٺ ويٺ هوندي هئي, والد صاحب اسان کي چوندو هو تہ ڏيپلائي صاحب جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهو ۽ سندس بيباڪ ترقي پسند لکڻيون پڙهو. ابتدائي عمر ۾ منهنجي زندگيءَ ۽ سمجهہ تي جيڪو اثر پيو يا جيڪا منهنجي ادبي, فڪري ۽ علمي پرورش ٿي, ان ۾ عثمان ڏيپلائي صاحب جي انهن ڪتابن ۽ رسالن جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. اها ساڳي ڳالهہ مون سنڌ جي انيڪ ساڃاهہ وندن کي ڪندي ٻُڌو آهي. ڪي ماڻهو قومن جا بنياد اَڏيندڙ هوندا آهن. سائين جويي صاحب جي زباني مون سدائين ڏيپلائي صاحب جا ڳُڻ ٻُڌا, جنهن جو ذڪر هن پنهنجي مضمون "سندم ساٿ ڏٽي" ۾ پڻ ڪيو آهي.

مثال طور يورپ جي تاريخ آهي. يورپ جي تاريخ ۾ جڏهن طويل اونداهو دؤر هو, جڏهن يورپ ۾ چرچ ۽ پادرين ادب, سائنس, فلسفي ۽ آرٽ تي صدين تائين پابنديون مڙهي, انهن کي معيوب قرار ڏئي ڇڏيو ۽ چيائون تہ اهو سڀ سماجي طور حرام ۽ باطل آهي. يورپ ۾ اهو لڳ ڀڳ هزار سال اونداهو دؤر هو. ان جي رد ۾ يورپ ۾ جيڪو نئين سجاڳيءَ جو دؤر آيو, جيڪڏهن ان کي ادب جي لحاظ کان ڏسون تہ اُن زماني ۾ اٽليءَ جا بہ ماڻهو هئا, جن اتي ادبي نشاة الثانيہ جا بنياد وڌا. اهي بہ ماڻهو بڪيشيو ۽ پيٽيارچ هئا, انهن جي اهميت اها



www.sindhsalamat.com

ناهي تہ اهي هر زماني جي لحاظ ۽ خيال کان ڪيترا اهم آهن. پر ڏسڻ اهو گهرجي تہ جنهن زماني ۾ يورپ اندر لکڻ ڏوهہ هو جنهن زماني ۾ يورپ ۾ ترقي پسند سماجي شعور نہ هو. جنهن زماني ۾ ڪا شعور جي روشني نہ هئي. اُن زماني ۾ جيڪي انهن بنياد رکيا. اُتي جيڪا ادبي نشاة الثانيہ آئي. ان جا اهي باني هئا. پين شعبن جا باني وري ڪي بيا ماڻهو هئا.

ايئن سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي ڀيرومل جيان محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي لکڻين جي تاريخي اهميت ۽ حيثيت بہ تڏهن سمجهي سگهبي جڏهن ان دؤر جي معروضي حالتن کي پروڙبو. ڏسڻو اهو آهي تہ جنهن زماني ۾ هن لکيو آهي، اهو زمانو ڪهڙو هو؟ اُن زماني جون سنڌ ۾ معروضي، فڪري ۽ سماجي حالتون ڇا هيون؟ ڏيپلائي صاحب جي تخليقي ۽ فڪري پروهيي کي بہ ان تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ ڏيپلائي صاحب جي هڪ وڏي خوبي يا جيڪو سندس وڏو ڪارنامو آهي، اُهو اِهو آهي تہ جنهن دؤر ۾ سنڌ اندر ايتري روشن خيالي نہ هئي، ايتري سماجي سجاڳي نہ هئي، هتي ايڏو پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس موجود نہ هو، عوام ايترو سجاڳ نہ هو ايترا تعليمي ادارا نہ هئا. ۽ مجموعي طور ايڏي سمجهہ جيڪا اڄ اسين سنڌ ۾ ڏسون ٿا، اُها نہ هئي. اُن زماني ۾ هن ماڻهوءَ جو ڪمال اهو آهي، جو هن جي سمورن شعبن بابت جيڪا وسيع نظري هئي، اُها ڪمال جي آهي. هن جا زندگيءَ جا مقصد ۽ آدرش ڪهڙا هئا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ انهن جي حاصلات لاءِ جاکوڙ ڪيتري وسيع هئي. هڪڙي ماڻهوءَ جو سماجي مشاهدو ايڏو گِهرو آهي جو اُهو وڏيرن جي زندگيءَ کي ايڏي باريڪ بينيءَ سان ڏسي ٿو تہ هي ڪيئن ٿا اسان جي هارين ۽ پورهيت طبقن کي پيڙين؟ ان ماڻهوءَ جي اها جيڪا نظر آهي ۽ سندس تخليقي ۽ تنقيدي ذهن اهو ڏسي ٿو تہ هي جيڪي نام نهاد پيرَ آهن. اُهي ڪيئن عام ماڻهوءَ جي سمجهہ ۽ انهن جي سماجي، معاشي ۽ فڪري زندگيءَ تي اثراندز ٿين ٿا ۽ اهي ڪيئن اسان جي مجموعي سماجي ۽ ذهني غلاميءَ کي سگهارو ڪن ٿا؟ اُهي ڪيئن اسان جي نجات، ترقيءَ ۽ واڌاري جي جهد جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن؟ سائين عثمان ڏيپلائي صاحب جي ڪتابن ۾ توهان کي انهن معاملن جو تمام باريڪ بينيءَ سان سماجي مشاهدو ملندو ۽ رڳو مشاهدو نہ پر انهن کي رد ڪرڻ جي جرئت، انهن سان بغاوت جو اُتساهہ ۽ ان جي جاءِ تي نوان ۽ روشن خيال تصور. جيئن تہ هو اديب ۽ اهل قلم هو ۽ جيئن تہ هو هڪ تخليقي ماڻهو هو ان ڪري هن ڪمال



www.sindhsalamat.com

فني هنرمنديءَ ۽ فڪري گهرائيءَ سان پنهنجين سوين لڪڻين ۾ ان جو ڇيد ڪيو آهي. جيڪو تخليقي ڪاٽ ۽ گهرو سماجي طنز ڏيپلائي صاحب جي قلم ۾ آهي, جنهن قسم جا هو اصطلاح ٺو گهڙي, جنهن قسم جي ٻولي ٺو استعمال ڪري ۽ جنهن قسم جا هو پنهنجين لڪڻين ڪي عنوان ٺو ڏئي, اهو ڏسي نظر ايندو تہ هڪڙي ماڻهوءَ ڪي ڪيڏي نہ بي پناهہ نفرت آهي هن مُدي خارج ۽ فرسوده سماج ڪان, هن سڄي جهالت واري نظام ڪان ۽ سندس اِها اٿاهہ نفرت توهان هن جي ٻوليءَ ۽ سماجي طنز ۾ ڏسي سگهو ٿا. هن جي ٻوليءَ ۾, هن جي عنوانن ۾ روايتي ۽ سطحي طنز ۽ مزاح نہ پر گهرو سماجي شعور سمايل آهي, جيڪو دراصل ان ڳالهہ جو اظهار ٿو ڪري تہ هن جو سماجي فلسفو ڪهڙو هو؟

ٻي ڳالهہ تہ ڏيپلائي صاحب هڪڙي لحاظ ڪان حيرت انگيز آهي تہ اسان جي پسمانده معاشرن ۾ ماڻهو ذهني طور جتي بيٺو هوندو آهي, اتي هميشہ بيٺل رهندو آهي. اڳتي وڌڻ, پاڻ ڪي مسلسل تبديل ڪرڻ, پاڻ ڪي مسلسل وڌائڻ ۽ پنهنجين ڪمزورين ڪي مسلسل گهٽائڻ يا ختم ڪندو رهڻ ۽ پاڻ ڪي هميشہ هڪ تخليقي شاگرد وانگر سکڻ واري روايت سان ڳنڍي رکڻ واري روايت اسان وٽ بنهہ گهٽ آهي. پسمانده معاشرن ۾ ماڻهن ۾ فڪري, تصوراتي, احساساتي ۽ سماجي توڙي سياسي ۽ معاشي جمود گهڻو ٿيندو آهي. ماڻهو ذهني طرح متحرڪ ۽ مسلسل تبديليءَ ڏانهن مائل گهٽ ٿيندا آهن. ڏيپلائي صاحب هڪ لحاظ ڪان ان ڪري بہ مثالي ماڻهو آهي, جو توهان ڏسندؤ تہ ڪنهن زماني ۾ هو پاڻ گهڻو مذهبي ۽ روايتي ماڻهو هو. ابتدائي زماني ۾ هن تي مذهب ۽ عقيدي پرستيءَ جو تمام گهڻو اثر آهي. جيئن جيئن اسان ڏيپلائي صاحب جي علمي, فڪري ۽ ادبي سفر ڪي ڏسون ٿا تہ اهو نظر ٿو اچي تہ هو وڃي ٿو مسلسل سِڪندو, پاڻ ڪي تبديل ڪندو, پاڻ ڪي ٽرانسفارم ڪندو. ان تحت هن جي سوچ ۾ جيڪا مسلسل بهتر ۽ مثبت تبديلي اچي ٿي, اُها ڪيئن ٿي سندس لڪڻين ۾ بهتر ۽ اثرائتي نموني ظاهر ٿئي. لطيف سائين چيو آهي:

پڙهيـــو تـــا پـــڙهن, ڪـــڙهن ڪـــين قلـــوب,
پاڻـــان ڏوهـــ چـــڙهن, جـــي ورق ورائـــين ويتـــرا.

(لطيف)

تہ ڏيپلائي صاحب جي ذهني ۽ فڪري اوُسر ۽ تبديلي ان ڳالهہ جو مظهر آهي تہ هو رڳو پڙهيو ڪونہ پر ڪڙهيو بہ ۽ پوءِ هن ان جو جيڪو بي باڪ



www.sindhsalamat.com

اظهار ڪيو اها روايت اسان وٽ گھڻي ڀاڱي ناپيد آهي. ڏيپلائي صاحب زندگيءَ جو وڏو عرصو سخت مذهبي ماڻهو هو ۽ گھڻو پوءِ هن پنهنجيءَ سوچ ۾ تبديلي آندي ۽ هو سائنسيت ۽ روشن خياليءَ ڏانهن وَريو. ان جو سبب هن جي علمي رِوش هئي، جيڪا هن کي مذهبيت مان سائنسيت ڏانهن وٺي آئي.

منهنجي خيال ۾ اسان ڏيپلائي صاحب کي ياد ڪري، هن کي خراج پيش ڪري، سندس حياتيءَ مان جيڪو سبق حاصل ڪري سگھون ٿا، ان ۾ هڪ وڏو سبق اهو آهي ته جيڪو ماڻهو پاڻ کي ايئن وڏي سطح تي مسلسل تبديل ڪري سگھي ٿو ته پوءِ اسان ۽ توهان پاڻ کي تبديل ڇو نٿا ڪري سگھون؟ توهان ڏيپلائي صاحب جي زندگيءَ جو ابتدائي زمانو ڏسندو ته هو ذهني ۽ فڪري طور گھڻو عقيدن جي نظام ۾ رهي ٿو ۽ اهو ساڳيو ماڻهو پنهنجي پوئين دؤر ۾ تمام گھڻو عقليت پسند، سائنسيت ڏانهن مائل ۽ تمام گھڻو روشن خيال ۽ ترقي پسند آهي.
هن جي لکڻين ۾ بيباڪيءَ سان گڏ تمام گھڻي سماجي روشن خيالي آهي. مون کي ياد پوي ٿو ته گھڻا سال اڳ مون هن جي لکيل انسان بابت لکيل ارتقاءَ جي ڪهاڻي پڙهي هئي. انسان جي ڪهاڻيءَ جي نالي سان ڏيپلائي صاحب جي ڪتابڙن جو هڪ سلسلو هئي. هڪڙي زماني ۾ هن جو اهو خيال نه هو پر بعد ۾ هن پاڻ جڏهن اهو سمجھي ورتو ته انسان جي ارتقا ڪيئن ٿي آهي؟ تڏهن هو فرض سمجھي ٿو ته هو پنهنجي معاشري ۽ ماڻهن کي حقيقت ٻڌائي ته انسان جي ارتقاءَ هيئن ٿي آهي ۽ اها هن سائنسي انداز سان سهڻي نموني عام فهم ٻوليءَ ۾ بيان ڪئي آهي. مون کي ياد پوي ٿو ته جڏهن مون ننڍي هوندي ان کي پڙهيو هو ته مون تي ان جو وڏو اثر پيو هو ۽ مون سوچيو هو ته هيءَ ڳالهه ته بلڪل نئين آهي. ان سڄيءَ ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته جيڪا ماڻهوءَ جي اندر مسلسل تبديلي اچڻ گھرجي، جيڪا ماڻهوءَ جي ذهن ۾ مسلسل بهتر ۽ مثبت اوسر ٿيڻ گھرجي، جيڪا ماڻهوءَ کي متحرڪ ڪندي هجي، اهو مثال اسان کي محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي آدرشي زندگيءَ مان ملي ٿو. اها ڪمال جي ڳالهه آهي. جڏهن قومن وٽ ادارا نه هوندا آهن ته ڪي فرد ادارن جو ڪم ڪندا آهن. جيئن سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ،ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، علامه دائودپوٽي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي.ايم.سيد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي، شيخ اياز، ايم ايڇ پنهور، عطا محمد ڀنڀري، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن ڪيو.



www.sindhsalamat.com

ٽين ڳالهه ته محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي شخصيت جي هيءَ جيڪا گهڻ-طرفائي آهي، اُها پڻ بيحد اُتساهيندڙ آهي. حليم بروهي هڪ ڀيري مزي جي ڳالهه ڪئي . هن لکيو ته قدرت جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ تي ڏمربي آهي ته هن کي گهڻن ڪمن جي صلاحيت ڏيندي آهي پر حقيقت اِها آهي ته شعور ۽ ذات جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ تي مهربان ٿيندا آهي ته اُهي سماج ۾ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جهڙا ماڻهو تي اُپرندا آهن. اهڙا ماڻهو گهڻيون صلاحيتون به رکن ٿا ۽ پنهنجو تخليقي ذهن به رکن ٿا ۽ ايڏي وڏي وسيع نظري هڪڙي ماڻهوءَ جي، جو جيڪو ماڻهو سماجي حقيقت نگار به آهي. اُهو گهرو مشاهدو رکندڙ به آهي، اهو اديب به آهي، اهل قلم به آهي، اهو ڪارڪن به آهي، اهو پبلشر به آهي ته اهو صحافي به آهي. لطيف سائينءَ جي ڳالهه وانگر:

جَڳَ سِين جهڙو جَڳُ هِئيَن سين هُتِ چَريَ

ڏيپلائي صاحب لطيف جي ان سِٽَ جو بلڪل عملي مثال هو ته هو پلي پنهنجي صحافت ڪري، ڏنڊو ڪري، روزگار ڪري، پنهنجا ڪتاب ڇپرائي ۽ لکي پر هن جو جيڪو خواب هو ۽ هن جي من جو جيڪو بنيادي ڪم هو اهو هو حقيقي سماجي تبديلي، معاشري ۾ سجاڳي آڻڻ، ماڻهن ۾ سماج کي تبديل ڪرڻ ۽ ماڻهن کي بهتر ۽ سجاڳيءَ جو ڏَڳُ ڏيڻ. اهو ئي حقيقي رهبرن ۽ سونهَن جو ڪم ٿيندو آهي.

بظاهر هو ڇا به ڪري پر "هِئين سان هُتِ چَري" يعني هن جو من چَرندو هو اُتي، جتي هن جو اصل ڪم ۽ مقصد هو. اسان ان مثال مان اهو سبق به حاصل ڪري سگهون ٿا ته اسان سڀ ماڻهو جيڪي مختلف ادارن ۾ آهيون، مختلف شعبن ۾ آهيون، ظاهر آهي ته جتي به هجون پر اسان جو من اهو ڪم ڪري، جنهن مان اسان جي وطن، اسان جي قوم، اسان جي ماڻهوءَ، اسان جي ٻوليءَ ۽ انسان ذات کي فائدو ملي، ۽ نه رڳو فائدو مِلي، پر اها تبديل ٿئي. ڏيپلائي صاحب ۾ اها ڳالهه به هئي. اها جيڪا هن ۾ غيرمعمولي گهڻ-طرفائي ۽ همه گيريت آهي، جو هڪڙي ماڻهوءَ کي سائنس جو به ادراڪ آهي. عقليت پسنديءَ جو به خيال آهي، صحافت جو به شعبو آهي، ادب جو به ڏانءُ آهي ته اها هڪ وڏي غيرمعمولي خوبي آهي.

هن جا بظاهر شعبا مختلف هئا، پر هن جو ڪم هڪ ئي هو. اهو هو سنڌ ۾ فڪري سجاڳيءَ ۽ سماجي تبديليءَ جي خواب جي ساڀيان. مون کي هڪڙي ڳالهه ياد پوي ٿي ته سراج ميمڻ صاحب هڪ ڀيري لکيو هو ته سندس زندگيءَ تي ٻن



www.sindhsalamat.com

ماڻهن جو وڏو غيرمعمولي رهيو اثر آهي. جيڪڏهن هُو انهن ٻن ماڻهن جي صحبت ۾ نه رهي ها ته هُو اڄ ”سراج ميمڻ“ نه هجي ها. چيائين ته هڪڙو محمد ابراهيم جويو صاحب۔ جويو صاحب جيڪي ڪيس ترجما ڏيندو هو هن جي پرورش ۽ تربيت ۾ هن وٽس جيڪا ٻولي سکي ۽ ترجمو ڪرڻ جو تخليقي ۽ معياري ڏانءُ سکيو اهو هن لاءِ وڏو درسگاهه ثابت ٿيو ۽ ٻيو ماڻهو محمد عثمان ڏيپلائي صاحب هو. هن چيو ته هو ڏيپلائي صاحب وٽ پريس ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ ڏيپلائي صاحب هن کي روزانو هڪ روپيو ڏيندو هو پر اهو روپيو به وڏن سورن ڪانپوءِ ڏيندو هو. اُن زماني ۾ اهو ڪم هڪ وڏو عذاب لڳندو هو پر اهو وقت جڏهن گذريو ته پوءِ خبر پئي ته هنن ايڏن وڏن ماڻهن جي هٿن مان نڪري سندن پرورش سبب هن ڇا پرايو؟ ظاهر آهي ته جيڪا به سختي هوندي هئي، اها انهن جي تربيت لاءِ هوندي هئي ته هو اڃا به بهتر ڪم ڪري. ايئن مون کي اهو ياد پيو ته سراج صاحب ڪٿي لکيو هو ته سندس زندگيءَ تي ٻن ماڻهن جو گهرو اثر آهي. هڪ جويي صاحب سان بورڊ وارو زمانو ۽ ٻيو ڏيپلائي صاحب جي پريس وارو زمانو.

مون اڳي به تجويز ڏني هئي ته محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي چونڊ لکڻين تي مشتمل ‘Selected Works’ شايع ڪيا وڃن. جيئن ته هر ماڻهوءَ جو پنهنجو سفر آهي. ماڻهو پنهنجي ابتدائي زماني کان الائجي ڪيترين ئي شين لکي ٿو ۽ اُهي ظاهر آهي ته ماڻهوءَ جي شعوري ارتقا جو حصو آهن پر جيڪي ڏيپلائي صاحب جون چونڊ لکڻيون آهن. انهن کي شايع ڪرائڻ کپي. ڇاڪاڻ ته هي نئون نسل جنهن رڳو ڏيپلائي صاحب جو نالو ٻڌو آهي. جنهن اُهي شيون پڙهيون ئي ناهن. مارڪيٽ ۾ اهي شيون موجود ئي ناهن ته منهنجي خيال ۾ اسان جو اهو فرض آهي ته اسان ڏيپلائي صاحب جي چونڊ ڪم کي گڏ ڪريون. پوءِ ڀلي اهو ڪم ثقافت کاتو ڪري يا سنڌي ادبي بورڊ ڪري يا ڪٿي کهڙو به پرائيويٽ ادارو ڪري. پر اهو ڪم ٿيڻ ضرور گهرجي. منهنجي خيال ۾ ڏيپلائي صاحب جهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن خراج ڏجي ته لطيف سائينءَ جا هي لفظ اهڙن ماڻهن لاءِ ئي چيل آهن:

سُـڪا مـنهن سـندن، پيـرين پراٽـا ڪيـتـڙا،
سـا جُـوءِ ڏوري آيـا، سُـونهان جِـت مُـنجهن،
ڳُجها ڳُجهيـون ڳـن، تهـان پرائـي پَنـڌَ جـون.

(لطيف)

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 7 فيبروري 2012ع**



www.sindhsalamat.com

# محمد ابراهيم جويو:
# آدرشي حياتيءَ جي هڪ صدي!

اڄوڪو ڏينهن يعني 13 آگسٽ 2015ع جديد سنڌ جي تاريخ جو اهم ترين ڏينهن آهي، جو سنڌ جي هڪ ڏاهي، عاشق، فڪري پورهيت ۽ استاد سائين محمد ابراهيم جويي پنهنجي حياتيءَ جي هڪ صدي پوري ڪئي آهي. ماڻهو روز جمن ٿا ۽ روز مرن ٿا ۽ گهڻا اهڙا بہ آهن جن جون جسماني عمريون هڪ صديءَ کان بہ مٿي چڙهي ويون پر هيءَ ڪا عام ڏکي ڇمار ۽ جسماني عمر جي طوالت جي ڳالهہ ناهي. هيءَ هڪ آدرشي، وطن ۽ قوم جي عاشق ۽ سنڌ جي فڪري استاد جي سڦلائتي زندگيءَ جي هڪ صديءَ جي تاريخ آهي. سنڌ پنهنجي اتهاس ۾ هونئن تہ انيڪ لاها چاڙها ڏٺا آهن پر مان سمجهان ٿو تہ گذريل ويهين صدي سنڌ جي تاريخ جي سيني کان وڌيڪ ڏکي ۽ آزمائشن ۾ وجهندڙ صدي ثابت ٿي، جنهن جي نتيجن کي قوم ۽ عوام ڀوڳيو ۽ سنڌ جي باشعور ۽ فرض شناس ماڻهن انفرادي توڙي اجتماعي طور مختلف صورتن ۾ اُنهن جي مزاحمت ڪئي ۽ ان ڏس ۾ گهڻ طرفي جدوجهد پڻ ڪئي. سائين محمد ابراهيم جويي جي زندگي ان لحاظ کان هڪ مثالي زندگي آهي تہ هڪ قوم جو ڏاهو، ليکڪ ۽ فڪري استاد ڪيئن نہ پنهنجي زندگي آدرشن سان سلهاڙي، پاڻ کي پنهنجي غلام وطن، تاريخ جي جبر جي ماريل قوم ۽ ويساهہ وسوڙيل عوام جي نجات ۽ سجاڳيءَ سان اربي، هن بي معنيٰ زندگيءَ کي غيرمعمولي معنيٰ بخشي ٿو. ان لحاظ کان اڄ جڏهن سموري سنڌ جا باشعور ماڻهو (ڪجهہ اڻڄاڻ ۽ بدنيت ماڻهن کانسواءِ) پنهنجي هن قومي سُونهين کي هڪ صديءَ جي بامقصد حياتي پوري ڪرڻ تي خوش آهن ۽ کيس محبت جا گل آڇي رهيا آهن، اُتي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ نئين نسل کي اُهو ٻڌايو ۽ سمجهايو وڃي تہ محمد ابراهيم جويي هڪ صديءَ جي بامقصد زندگيءَ ۾ سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو ۽ ڪيئن هن ٻوليءَ، ادب ۽ سماج جي بي لوث خدمت ڪئي، تہ جيئن سنڌ جو نئون نسل هن آدرشي انسان جي بامقصد زندگيءَ مان ڪجهہ پرائي ۽ پنهنجين حياتين کي بامقصد بڻائي سگهي.



www.sindhsalamat.com

هونئن تہ آئن ڏهاڪن تي مشتمل سندس باشعور زندگيءَ جي دور ۾ سائين جويي صاحب جا بي شمار ڪم رهيا آهن پر مان سمجهان ٿو تہ هينيان ڪم ۽ رويا سندس زندگيءَ جو روح ۽ جوهر آهن.

(1) سنڌي سماج ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ حقيقي ڪم ڪان وڏيڪ ڏيکاءُ تي زور گهڻو آهي پر سائين محمد ابراهيم جويو سدائين سنڌ جو خاموش خادم رهيو آهي. مون ساڍس زندگيءَ جو پاءُ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصو گڏ سندس فڪري, ذاتي ۽ ادبي صحبت ۾ گذاريو آهي. مون ڪيس ڪڏهن بہ خودنمائي ڪندي, پنهنجا ڪم ۽ ڪارناما ڳڻائيندي, سنڌ يا عوام کي ڏوراپا ڏيندي يا ٺلهيون شڪايتون ڪندي نہ ڏٺو. هن هميشہ هر ڪم اِهو سمجهي ڪيو تہ اِهو سندس ڪم آهي, جيڪو هن پنهنجي وطن, قوم ۽ عوام لاءِ ٻولي ڪنيو. ان حوالي سان جديد سنڌ جو هيءُ ڏاهو لطيف جو ڪاهوڙي نظر ايندو, جنهن وٽ رَيا, محبت جي موٽ, مهڻو ميار ۽ خودقياسي عيب هو. اهو وَڏُ مون سنڌ ۾ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ تمام گهٽ ماڻهن ۾ ڏٺو. جيئن ماءُ پنهنجي اولاد سان غيرمشروط محبت جو اظهار دل ئي دل ۾ ۽ پنهنجي عملي روين سان ڪندي آهي, ايئن سائين جويو صاحب ڪڏهن بہ پنهنجا پورهيا, ڪم ۽ ڪارناما زبان تي نہ ڪٽي آيو. اهو رويو فقط عاشق ئي اختيار ڪري سگهن ٿا.

(2) سائين محمد ابراهيم جويو سنڌ ۾ ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ جيئمل پرسرام ڪانپوءِ ٻيو ماڻهو هو جنهن سنڌ جهڙي پسمانده سماج ۾ سيڪيولر سوچ, ترقي پسنديءَ ۽ روشن خيال جديد قومي سوچ جا ٻِجَ ڇٽيا. ان لحاظ کان هو سنڌي سماج ۾ ويهين صديءَ ۾ روشن خياليءَ, ترقي پسنديءَ ۽ سيڪيولر سوچ جي بانين مان هو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي, سائين جي ايم سيد بہ ان طرف پوءِ لڙيا ۽ رسول بخش پليجو تہ سندس ئي شاگرد هو ۽ هو پاڻ بہ چوندو آهي تہ سندس پهريون ترقي پسند فڪري استاد سائين محمد ابراهيم جويو هو. سائين جويي صاحب 1942ع ۾ ئي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ فسطائيت ۽ قوميت ۾ ڇا فرق هوندو آهي؟ ۽ سنڌ کي ڪهڙي انسان دوست قوميت جو جديد سيڪيولر تصور ڪٽي تاريخ ۾ اڳتي وڌڻو آهي. سنڌ ۾ سيڪيولر سوچ جو سڀ کان وڏو پرچارڪ سڄي ڄمار سنڌ ۾ سائين محمد ابراهيم جويو رهيو آهي. مون کي سنڌ تہ ڇا پر سڄي ملڪ ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ سُجهن جن سيڪيولرازم جي هڪ جديد سياسي اُصول طور



www.sindhsalamat.com

سائين جويي صاحب وانگر ثابت قدميءَ سان سڄي عمر هڪ فڪري استاد طور پرچار ڪئي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي سوچ جا بنياد سيڪيولر بنيادن تي اَڏڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري مان هميشه اهو چوندو ۽ لکندو رهيو آهيان ته سائين جويو صاحب بنيادي طور 18هين صديءَ جيماديت پسنديءَ ۽ عقليت پسنديءَ، 19هين صديءَ جي سيڪيولرازم ۽ 20 صديءَ جي جديد قوميت جي فڪري ڌارائن مان ڳوهجي تهي جُڙي راس ٿيو. انيڪ خطرن، دٻائن ۽ رجعت پرستن جي فڪري حملن باوجود سائين جويي صاحب ڪڏهن به پنهنجي سيڪيولر ۽ ماديت پسند فڪر ۽ سوچ تان هٿ نه کنيو ۽ هو سنڌ جهڙي سماج ۾ ان فڪري ڌارا جو اهڃاڻ بڻيل رهيو.

(3) سائين جويي صاحب نه رڳو ورهاڱي کان اڳ "سنڌ بچايو۔ ڪنڌ بچايو!" جهڙو شاهڪار ڪتاب لکي ننڍي کنڊ ۾ ٻه قومي نظريي جي سخت مخالفت ڪئي ۽ انهيءَ کي رد ڪيو پر اها پڻ اڳڪٿي ڪئي هئي ته ٻه قومي نظريو هن ننڍي کنڊ ۾ تاريخي قومن ۽ انهن جي خودمختيار حيثيت جو انڪاري هئڻ سبب تاريخي طور سنڌ سميت سمورين مظلوم قومن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو ۽ سندس اِهو اهم فڪري ادراڪ تاريخ جو تلخ سچ ثابت ٿيو. افسوس شهيد الهه بخش سومري جهڙو سيڪيولر اڳواڻ شهيد ڪيو ويو ۽ سائين جي ايم سيد جهڙن اڳواڻن کي تاريخ جي اِها معروضيت گهڻو دير سان سمجهه ۾ آئي ۽ تيسين سنڌ سان تاريخ جو وڏي ۾ وڏو حادثو ۽ هاڃو ٿي چڪو هو. مون سڄي ڄمار سائين جويي صاحب کي ٻه قومي نظريي جي سخت مخالفت ڪندي ڏٺو ۽ اِها سندس نظرياتي ڪمٽمينٽ مثالي آهي. محمد ابراهيم جويو ويهين صديءَ جي انهن مفڪرن مان هڪ هو جن ڪڏهن به ٻه قومي نظريي کي قبول نه ڪيو ۽ نه وري اٽڪلي حڪمت عملين سان ان جي ڪڏهن به سڌي يا اڻ سڌي حمايت ڪئي.

(4) سائين محمد ابراهيم جويي جڏهن 1951ع ۾ سائين جي ايم سيد جي خواهش تي سنڌي ادبي بورڊ جون واڳون سنڀاليون ته اهو سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندس چوڏهن سالن جو دور نه رڳو سندس علمي ۽ ادبي زندگيءَ پر سنڌي ادبي بورڊ جو به سونهري دور هو. هن سنڌي ادبي بورڊ جي سرڪاري اداري کي سنڌ ۾ روشن خياليءَ جي ڦهلاءَ، جديد ادب جي ترويج ۽ معياري ترجمن ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي عالمي ادب جي ڌارائن سان ڳنڍڻ جي هڪ مثالي عمل ۾ تبديل

ڪري ڇڏيو. تہ ماهي مهراڻ ان دور ۾ ڪو رڳو رسالو نہ پر علم، ادب، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي واڌاري جو هڪ سگهارو ۽ غيرمعمولي ذريعو هو. شيخ اياز، جمال ابڙو، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج، رسول بخش پليجو، نياز همايوني، پروفيسر محرم خان، غلام رباني آگرو، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، مولانا محمد گراميءَ سميت انيڪ اديب، شاعر ۽ عالم ان دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي معرفت سامهون آيا ۽ سنڌ هنن سان صحيح معنيٰ ۾متعارف ٿي. سنڌي ادب ۾ بي مثال ڪتابن جا ترجما، سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب ۽ ٻوليءَ تي تحقيقي ڪم ۾ بنيادي ۽ وڏيون اڳڀرايون ان دور ۾ سائين جويي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. سنڌي ادبي بورڊ ۽ مهراڻ رسالو (امداد حسينيءَ جي مختصر دور کي ڇڏي ڪري) وري اُهو ساڳيو اوج ڪڏهن نہ ماڻي سگهيو.

(5) جيتوڻيڪ سائين جويي صاحب طبعزاد غيرافسانوي ادب جي شعبي ۾ پڻ تمام گهڻو ۽ معياري لکيو پر هن جون ٻہ ٻيون حيثيتون بہ سنڌ ۾ بي مثال آهن. هڪ تہ سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ سائين جويي صاحب کان وڏو ادبي ايڊيٽر ٻيو ڪوبہ پيدا نہ ڪيو آهي. هن جي ان ڏات جي ٻي ساک ڇا ڏجي جو سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد، جي ايم مهڪريءَ ۽ ايم ايڇ پنهور هميشہ پنهنجون سموريون لکڻيون ۽ ڪتاب جويي صاحب کان ايڊيٽ ڪرايا (جنهن جو مان پاڻ اکين ڏٺو شاهد آهيان) شيخ اياز پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ جو رومي سڏيو تہ وري جويي صاحب کي پنهنجو فڪري استاد ۽ شمس تبريز سڏيندو هو. جويي صاحب جي ادبي ادارت ڪنهن بہ لکت جي فڪري ۽ فني معيار تي مڃتا جي آخري مهر سمجهي ويندي هئي. سنڌ ۾ اهو اعزاز ٻيو ڪنهن کي بہ نہ ملي سگهيو. ٻيو سائين جويي صاحب جا ڪيل ترجما، ڪتابن جي چونڊ، بي حد معياري ترجما ۽ اُنهن جا مهاڳ انهن ڪتابن کي سنڌي ادب ۾ اصلوڪن ڪتابن جو درجو ڏئي ڇڏيندا هئا، روسو، پليو ٽارچ، برٽالڊ بريخت، خليل جبران ۽ لارڊ بائرن سميت انيڪ پرڏيهي ڏاهن، اديبن ۽ شاعرن جون جڏهن تخليقي ۽ فڪري لکڻيون جويي صاحب سنڌيءَ ۾ آنديون تہ ڄڻ انهن تحريرن نئون جنم ورتو. جويي صاحب اِهي ترجما انهيءَ لاءِ ڪياتہ جيئن سنڌ جهڙي پسمانده ۽ علم ادب جي عالمي سرچشمن کان ڪٽيل سنڌي سماج کي انهن عالمگير ادبي، فڪري ۽ تخليقي ڏارائن سان نہ رڳو سلهاڙجي



www.sindhsalamat.com

پر انهن جو جوهر پنهنجيءَ سوچ، چاڻ ۽ ادب ۾ رچائجي ۽ ان جا نتيجا سنڌ ۾ ڏسي سگهجن ٿا. اڄ سنڌ جي پڙهيي لکيي لڏي ۾ جيڪا بہ روشن خيالي، ترقي پسندي، سيڪيولر سوچ ۽ قوميت جو جذبو آهي، ان جي آبياريءَ ۾سائين جويي صاحب جو بہ بنيادي ڪردار رهيو آهي، جنهن کان رڳو اٽڃاڻ ۽ نيت جا کوٽا ئي انڪار ڪري سگهن ٿا.

(6) مضمون نثري ادب جي اهم صنف آهي، جنهن کي دنيا جي ادب ۾ هڪ اهم حيثيت حاصل آهي. سنڌ ۾ ان صنف کي ٿاهي، سنواري پنهنجن پيرن تي بيهارڻ وارو پهريون ماڻهو سائين محمد ابراهيم جويو هو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ بہ مرزا قليچ بيگ کان وٺي ڊاڪٽر دائودپوٽي، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، جيٺمل پُرسرام ۽ انيڪ عالمن ۽ اديبن مضمون جي صنف ۾ بهترين لکيو پر سنڌي ٻوليءَ ۾ مضمون جي صنف پنهنجو اوج جويي صاحب ۽ پليجي صاحب وٽ ماڻيو. جديد مغربي ادب ۽ فڪر ۾ بيڪن، ڪولرج، ورڊس ورٿ، شيلي، فلپ سڊني ويندي ميٿيو آرنالڊ، ٽي ايس ايلٽ ۽ ٻين انيڪ ليکڪن جي مضمونن کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مضمون جي صنف جا سگهارا بنياد رکڻ ۾ جويي صاحب جو هٿ بنيادي آهي.

(7) جويو صاحب علمي، ادبي ۽ تخليقي ڪم سان گڏوگڏ بنيادي طور هڪ انسان ساز ماڻهو رهيو آهي ۽ اهو ئي ڪنهن بہ حقيقي ڏاهي ۽ فڪري سُونهين جو ڪم هوندو آهي. شيخ اياز، رسول بخش پليجي ۽ سراج الحق ميمڻ جي نسل کان وٺي اسان تائين ۽ ويندي اسان کان پوءِ جي نسل يعني عاصم آخوند ۽ علي آڪاش تائين سنڌ جو ڪهڙو ترقي پسند، سيڪيولر ۽ روشن خيال ماڻهو آهي، جيڪو اها مڃتا نہ ڪندو تہ سندس فڪري تربيت ۾ بنيادي هٿ سنڌ جي هن ڏاهي ۽فڪري سُونهين جو رهيو آهي؟ مان سمجهان ٿو تہ اهو انسان سازيءَ جو ڪم هزارين ڪتاب لکڻ کان بہ وڏو تخليقي ۽ فڪري پورهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ سماج ۾ مختلف شعبن ۾ سماج جا سونهان پيدا ڪرڻ تمام وڏو ڪم آهي. ان ڪري جيڪڏهن سائين محمد ابراهيم جويي کي جديد سنڌ جو فڪري سونهون سڏجي تہ اهو ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. زماني کي نظر ايندڙ ۽ ماڻهوءَ جي ڪاٿي ۾ليڪجندڙ ڪم تہ هرڪو ڪندو ۽ ڪرڻ چاهيندو آهي پر سنڌ ۾ گهڻا اهڙا عالم، اديب ۽ فڪري استاد ٿي گذريا آهن، جن سڄي زندگيءَ، روز ۽ هر گهڙيءَ اهڙا ڪم ڪيا هجن جيڪي



www.sindhsalamat.com

رڪارڊ تي ئي نہ آهن. سائين جويو صاحب ان روايت جي حوالي سنڌ ۾ بي مثال آهي. نوجوان سيڪڙات ليکڪن جي لکڻين جي درستگي بہ ساڳيءَ پاپوهہ، ڏيان ۽سنجيدگيءَ سان ڪندو. پنهنجي تربيت ۽ اثر هيٺ هر ماڻهوءَ کي هر وقت معياري مطالعي، ترقي پسند ۽ سيڪيولر توڙيماديت پسند سوچ لاءِ پيو اُتساهيندو. کين گهربل ڪتاب ڏيندو. ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ کانئن ذميواريءَ سان حال احوال وٺندو ۽ هر وقت کين پنهنجي ٻوليءَ، وطن ۽ ماڻهن لاءِ ان سوچ آدارباًمقصد عمل لاءِ پيو تلقينون ڪندو. مون کي جڳ مشهور ”ٿنڪرس لائبريريءَ“ جي سيريز جا سئو کان وڌيڪ ڪتاب سائين جويي صاحب پڙهايا. يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ جي دور کي سمجهڻ لاءِ سائينءَ اتساهيو ۽ ايئن هن هر اُن ماڻهوءَ سان ڪيو آهي، جيڪو سندس فڪري طور ويجهو رهيو. سنڌ ۾ وڏا وڏا ماڻهو مختلف شعبن ۾ رهيا پر پوئيان ڪي تربيت يافتہ هم خيال ماڻهو گهٽا پيدا ڪري نہ ويا. مون پنهنجيءَ سانير ۾ اِهو ڪم سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد، سائين محمد ابراهيم جويي ۽ سائين رسول بخش پليجي کي وڏي پيماني تي ڪندي ڏٺو جنهن ۾ جويي صاحب جو ڪردار خاص طور اهم آهي.

(8) سائين محمد ابراهيم جويو جيتوڻيڪ بنيادي طور هڪ عالم، اديب ۽ فڪري سونهون آهي پر هو گذريل ستن ڏهاڪن کان نندي ڪنڊ، پاڪستان ۽ سنڌ جي سياست کان لاتعلق نہ رهيو آهي. تنظيمي طور هو باضابطہ طور تہ ورهاڱي کان اڳ صرف ايم اسين راءِ جي ”ريڊيڪل هيومنسٽ پارٽيءَ“ ۾ رهيو آهي پر ورهاڱي کانپوءِ سموري ڄمار هو باضابطہ طور ڪنهن مخصوص سياسي تنظيم ۾ رهڻ بجاءِ هو انهن سياسي ۽ فڪري اُصولن جو علمبردار رهيو آهي، جنهن جي نہ صرف سنڌ جي سياست کي ضرورت هئي پر سنڌ کي محمد ابراهيم جويي جهڙا دانشور بہ گهربل هئا، جيڪي تنظيمي تعصب کان بالاتر ٿي ترقي پسنديءَ، سيڪيولرازم، ماديت پسنديءَ، عقليت پسنديءَ ۽ روشن خيال قوميت جي تصورن ۽ اُصولن جي پاسداري ڪن. سنڌ ۾ جويو صاحب ان رويي جو مثالي اهڃاڻ رهيو. هن هر ان تنظيم يا تحريڪ جي اخلاقي حمايت ۽ عملي مدد ڪئي، جن جو انهن اُصولن ۾ ويساهہ هو. اهو ئي سبب آهي جو هو سنڌ هاري ڪميٽيءَ، عوامي ليگ، جيئي سنڌ، عوامي تحريڪ ۽ ڪميونسٽ پارٽين کي مختلف وقتن تي ويجهو رهيو پر هن جي



www.sindhsalamat.com

اوليت هميشہ پنهنجا سياسي، انساني ۽ فڪري اُصول رهيا. مان سمجهان ٿو تہ جڏهن سياست ۾ معيار جي ڪوٽ هجي تڏهن هڪ سچي فڪري سونهين ۽ دانشور جو اِهو ئي ڪردار هئڻ گهرجي تہ هو فردن ۽ مخصوص تنظيمن سان وفاداريون نڀائڻ بجاءِ اُنهن اُصولن ۽ آدرشن جي پاسداري ڪري جيڪي قومي اڏاوت لاءِ گهربل سياست جو بنياد ٿي سگهن.

سائين محمد ابراهيم جويي جهڙن آدرشي ماڻهن جي بامقصد زندگي رڳو ٿلهي ڊگهي ڄمار سبب قوم لاءِ فخر جوباعث نہ آهي پر حقيقت ۾ سندن آدرش، اُصول، ويساهہ، پورهيو خواب ۽ انهن جي ساڀيان لاءِ سندن فڪري ۽ عملي پورهيو ۽ اورچائي ئي آهي، جيڪا کين تاريخ ۾ امرتا بخشي ٿي. سنڌ جو هيءُ آدرشي ۽ سادو ڪاهوڙي ڪنهن ميڊتا جو محتاج نہ آهي. اِها ميڊتا دراصل ان سماج يا ٻوليءَ کي اهواعزاز بخشي ٿي تہ اهڙا املهہ انسان هن ڌرتيءَ تي ڄاوا ۽ انهن پنهنجي وطن، قوم، انسانذات ۽ آدرشي اُصولن جي عشق ۽ پاسداريءَ جو حق ادا ڪيو. مان تہ سمجهان ٿو تہ اِها ٿلهي ميڊتا بہ ڪافي نہ آهي، جيڪڏهن اسان جو اڄوڪو ۽ ايندڙ نسل اهڙن مثالي انسانن جي حياتيءَ مان پرائي نہ ٿو ۽ انهن آدرشن ۽ روين کي پنهنجي زندگيءَ جو شعار ۽ عملي حصو نہ ٿو بڻائي تہ پوءِ اِها حقيقي ميڊتا نہ چئبي. سوال آهي تہ اسان مان گهڻا آهن جيڪي ٿلهيون شڪايتون ڪرڻ بدران هنن ماڻهن جيان زندگيءَ ۾ معياري فڪري، علمي ۽ ادبي پورهيو ڪن ٿا؟ پنهنجي قومي جي شعورسازيءَ ۽ اڏاوت ۾ ايڏيءَ گهرائيءَ سان حصو وٺڻ ٿا؟

سائين محمد ابراهيم جويي جي صورت ۾ آدرشي زندگيءَ جي هڪ صديءَ کي ميڊتا ڏيندي اسان کي مٿين سوال تي سنجيدگيءَ سان نہ رڳو غور ڪرڻ گهرجي، پر همعصر ۽ ايندڙ دور جي حوالي سان پنهنجي پنهنجي ڪردار جو تعين بہ ڪرڻ گهرجي!

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، خميس 13 آگسٽ 2015ع

# شيخ اياز: جديد سنڌيءَ شاعريءَ جو مُهندار!

قومون ۽ سماج پنهنجيءَ فڪري، ذهني ۽ تخليقي سگهه جو اظهار ڪجهه فردن جي صورت ۾ ڪندا آهن ۽ پوءِ اهي غير معمولي سرجڻهار پنهنجي تخليقي وهيءَ چڙهي، هڪ اهڙي دور کي جنم ڏيندا آهن، جيڪو دور قومن کي تاريخ ۾ فڪر، فن، ٻوليءَ جي واڌاري جي اوج جون ٻرانگهون پرائي اتهاس ۾ اڳتي وڌڻ جو محرڪ بڻبو آهي. ويهين صديءَ جي سنڌ جي ادبي ميدان ۾ شيخ اياز به هڪ اهڙو ئي فرد هو. هڪ فرد ڇا، هو جديد سنڌي ادب جي اوسر، تخليقي ۽ مزاحمتي سگهه جو هڪ ڀرپور دور هو ۽ آهي. جديد سنڌي شعري ادب ۾ هوندي به ڪشنچند بيوس، عبدالڪريم گدائيءَ، هوندراج دُکايل، نياز همايونيءَ، تنوير عباسيءَ، استاد بخاريءَ، نارائڻ شيام، امداد حسينيءَ، ابراهيم منشيءَ، سروبچ سجاوليءَ ۽ ونڊي آڪاش انصاريءَ ۽ حَسن درس سميت انيڪ باڪمال ۽ وڏا شاعر آهن پر شيخ اياز ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ رڳو هڪ وڏو جديد تخليقي شاعر ئي نه پر پاڻ سان گڏ هڪ دور ڪٺي آيو جنهن جا گهرا اثر اڄ سوڌو سنڌي ادب تي آهن ۽ شايد ڪيترا زمانا اڃا رهندا. مان نه ٿو سمجهان ته جديد سنڌي ادب ۾ شيخ اياز کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به شاعر يا اديب پنهنجي هم عصر ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ ادبي نسلن تي ايترا گهرا ۽ گهڻ طرفا اثر ڇڏيا ۽ اهو ئي سبب آهي، جو شيخ اياز کي جديد سنڌي ادب ۾ هڪ جينيس جو درجو مليل آهي ۽ اهڙو درجو ادب جي دنيا ۾ ان کي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو جنهن پنهنجي باڪمال فڪر، فن ۽ تخليقي ٻوليءَ سان هم عصر ادب جي "مِٽي" نئين سِر ڳوهي، رڳو اعليٰ شاعري ۽ ادب ئي نه پر ادب ۽ فن جو ڪو نئون دور تخليق ڪيو هجي. شايد اهو احساس هن جي تحت الشعور ۾ هو، تنهن ڪري ئي ته هن چيو هو ته، "هي ڌوهه نه آ، هن ماڻهوءَ جو مون مِٽيءَ ٻيهر ڳوهي آ". اهو ئي سبب آهي، جو هر غير معمولي شاعر ۽ آرٽسٽ جيان هو پنهنجي هم عصر دور ۾ بيحد تڪراري به رهيو آهي. ظاهر آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي هم عصر ۽ پاڻ کان اڳ جي دورن جي تصورن، سوچن، قدرن، روين، لاڙن، فني بندشن ۽ محرڪن کي وڏي تخليقي سَگهَه سان



www.sindhsalamat.com

لوڏيندو ۽ ڏوڏيندو تہ پوءِ اُهو تڪراري ڪيئن نہ بڻبو؟ ماڻهو تخليقي ۽ جينيس بہ هجي ۽ تڪراري بہ نہ بڻجي، اهو ڪيئن ممڪن آهي! پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ تہ هن سامراج کي ”لوڏڻ“ ۽ ڏوڏڻ جو سنيهو ڏنو پر دراصل هن پاڻ بہ پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي سماج جي مذهبي خارج فڪر ۽ فن کي بي پناهہ ۽ بي ساختہ سگهہ سان اهڙو تہ لوڏيو ۽ ڏوڏيو جو اها مذهبي خارج ۽ رجعت پرست روايت وري پنهنجا فڪري ۽ فني پيرَ جهلي نہ سگهي ۽ اهو ئي سبب هو جو پنهنجي همعصر دور هن کي بيحد تڪراري هجڻ جو انعام ڏنو. اهم سوال اهو نہ آهي تہ هو تڪراري ڇو هئو؟ پر بنيادي سوال اهو هو تہ هو ڪنهن جي وِچ ۾ ۽ ڇو تڪراري هو؟ مان هن جي تڪراري هجڻ کي هن جي عظمت جو اهڃاڻ ۽ سندس ڀاڳ سمجهان ٿو. منهنجيءَ نظر ۾ اهو ئي سبب هو جو سنڌي ادب ۾ لطيف سائينءَ کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ شيخ اياز تي لکيو ويو. اولهہ جي هڪ وڏي انگريز ادبي نقاد ميٿيو آرنالڊ اهو بہ چيو آهي تہ ”وڏو شاعر ۽ اديب  اهو آهي، جيڪو پنهنجي دور ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪري سگهي“ ۽ شيخ اياز جي شاعري پنهنجي دور ۾ هميشہ وڏي اٿل پٿل جو محرڪ رهي، سواءِ سندس آخري دور جي، جڏهن هو عقيده پرستيءَ ڏانهن وريو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ يا فڪر جي آخري دور جو پنهنجي سماج تي اهو اڳوڻو ”ٿرٿلي ۽ زلزلي“ وارو اثر نہ پيو پر ان مختصر دور سان سندس مجموعي ادبي ۽ تخليقي عظمت گهٽجي نہ ٿي سگهي. هونئن بہ اهو لازمي ناهي تہ ڪنهن جينيس شاعر يا اديب جو سمورو ادب غير معمولي ۽ عظمت جي چوٽين تي پهتل هجي. دنيا جي هر وڏي شاعر ۽ اديب جي تخليقي پورهئي ۾ ڪجهہ عنصر روايتي ۽ مڙئي پرتيءَ وارا هوندا آهن. ويندي لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ بہ ائين آهي، ڇو تہ تضاد ڪائنات ۽ فطرت توڙي سماج جي هر مظهر ۾ آهي تہ پوءِ اهو انسان جي فڪر ۽ فن ۾ ڪيئن نہ هوندو! ڏسڻ  اهو گهرجي تہ ڪنهن بہ غير معمولي شاعر ۽ اديب جي فڪر ۽ فن جو بنيادي جوهر ڇا آهي، ان جو ڪارج ۽ پنهنجي دور يا ايندڙ دورن تي اثر ڇا آهي؟ ان معيار مطابق شيخ اياز جي عظمت گهٽجي نہ ٿي سگهي ۽ هو هميشہ امر رهندو.

شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو پهريون وڏو غير معمولي شاعر هو جنهن سنڌي شاعريءَ جي فارسي آميزيءَ مان جند ڇڏائي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ سُمنگ چارڻ ۽ ڀاڳو ڀان، ان کانپوءِ لطيف سائين ۽



www.sindhsalamat.com

صوفي شاعرن کي ڇڏي ڪري سنڌي شاعرن جي هڪ وڏي انگ تي، ويندي ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين، روايتي فارسي شاعريءَ جو وڏو اثر هو پر شيخ اياز انهيءَ روايت کان بغاوت ڪري، پنهنجي بي پناهہ سگهاري تخليقي اٿل سان سنڌي شاعريءَ کي هڪ اهڙي دور ۾ وٺي آيو جتي سنڌي شاعريءَ نہ رڳو پنهنجو فڪري، فني ۽ لساني سڳ ڏرتيءَ، ان جي اتهاس، ان جي فطري حسناڪيءَ، ڪردارن، ماڻهن ۽ مِٽيءَ سان ڳنڍيو پر هم عصر عالمي ترقي پسند تحريڪ سان پڻ جوڙيو. مان ڀانئيان ٿو تہ اهو جديد سنڌي ادب جو پهريون دور هو جنهن ۾ نہ رڳو سنڌي شاعريءَ جا موضوع ۽ اهڃاڻ ڌرتيءَ مان اپريا پر اها هڪ عالمي ڌارا سان پڻ ڳنڍجي وئي ۽ اهو ٻن روايتن جو امتزاج ئي جديد سنڌي ادب جو بنياد بڻيو جنهن ۾ شيخ اياز جو بنيادي ڪردار هو.

هونئن تہ شيخ اياز هڪ پنهنجي لهجي، سوچ، اسلوب ۽ فڪري روايتن جو شاعر هو پر حقيقت ۾ هن تي ٽن روايتن جو بنيادي ۽ گهرو اثر آهي: هڪ فارسي شاعري، جو فارسي هن جي جڻ تہ گهر جي ٻولي هئي ۽ شيخ اياز جو فارسي ادب ۽ اپياس تمام ڳوڙهو هو. فارسي شاعريءَ ۾ جيڪا عاشقي، حسن پروري، بي باڪي، احساس جو بي ساختہ ۽ نفيس اظهار ۽ تخيل جي گهرائي آهي، ان جو شيخ اياز جي شاعريءَ تي نمايان اثر نظر اچي ٿو. ان ڪانسواءِ شيخ اياز جو ڪمال اهو هو تہ هن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي لاجواب مثبت ۽ تخليقي روايتن سان بہ ناتو نہ ٽوڙيو. ان ڏس ۾ هن جو لطيف سائينءَ جي اردو ترجمي تي لکيل لاجواب مقالو ۽ فلاسافيڪل ڪانگريس ۾ ڪيل مختصر صدارتي تقرير ضرور پڙهڻ گهرجي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هو ان روايت کان ڪيترو نہ متاثر هو. مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن شيخ اياز لطيف سائينءَ جي فڪري ۽ فني سرچشمن مان فيضياب نہ ٿئي ها تہ شايد شاعريءَ جي انهن بلندين تي نہ رسي ها ۽ هو هميشہ ان جو اعتراف ڪندو رهيو. ٽين روايت، جنهن تي تمام گهٽ لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي، سا اها تہ، جيتوڻيڪ شيخ اياز ترقي پسند تحريڪ کان متاثر هو ۽ هن ان جا اثر قبول ڪيا پر جي گهرائيءَ سان ڏسبو تہ شيخ اياز تي بنيادي طور يورپ جي لبرل شاعريءَ جو وڏو اثر هو. آزاد خيالي هن جي فڪر جي رڳ رڳ ۾ هئي ۽ شيخ اياز جا موضوع، احساساتي رويا، سماجي تصور ۽ اظهار جو ڏانءُ ٻڌائين ٿا تہ هو يورپ جي آزاد خيال شعري روايت کان گهڻو متاثر هو. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ مٿي بيان



www.sindhsalamat.com

ڪيل تي مختلف روايتون هيون, جن جو شيخ اياز تي گھرو اثر بہ نظر اچي ٿو ۽ اهي ٿيئي مختلف روايتون هڪ حسين ۽ تخليقي امتزاج سان شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ چِٽيءَ طرح نظر اچن ٿيون. شيخ اياز جي شاعري ۾ فن, ٻولي, فني بندشن ۽ شعري رجحانن يا تخيل جي محرڪن جي ڇنڊ ڇاڻ ان بنياد تي پڻ ٿيڻ گھرجي ۽ اهو اياز شناسيءَ جو هڪ اهم موضوع بڻجي سگھي ٿو.

ادب جي پرک جو هڪ مک معيار ادب جا فڪري محرڪ پڻ هوندا آهن ۽ ان ڏس ۾ شيخ اياز کي پرکجي تہ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ فڪري محرڪن جون نہ رڳو مختلف روايتون گڏ گڏ هلنديون نظر اچن ٿيون پر اهي وقت ۽ دورن سان گڏ مُتجندي بہ نظر اچن ٿيون. مثال طور, ورهاڱي کان اڳ جيڪا طبع زاد اردو شاعري ڪيائين, ان ۾ ويڳاڻپ, وجوديت ۽ مزاحمت جا اهڃاڻ گڏ گڏ ملن ٿا. ان کانپوءِ سندس شاعريءَ جو دور, جيڪو گھڻي ڀاڱي "ڀنئور ڀري آڪاس" ۾ ملي ٿو, ان ۾ اياز تي عاشقيءَ, رومانويت ۽ حُسن پرورِيءَ جا لاڙا وڌيڪ حاوي نظر اچن ٿا, جنهن سبب هو پاڻ کي ان دور ۾ "شاعرِ محبت" سڏي ٿو. جيتوڻيڪ اياز تي ترقي پسند فڪر جا اثر ورهاڱي کان اڳ پئجي چڪا هئا ۽ اُن جا عڪس هن جي شاعريءَ تورڙي نثري لکڻين مان پَسي سگھجن ٿا پر ون يونٽ جي دور ۾ ترقي پسنديءَسان گڏ اياز جي مزاحمتي, وطن ۽ قوم سان محبت سان سرشار شاعري ملي ٿي, جنهن سڄي سنڌي شاعريءَ جو مزاج ئي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ مان سمجھان ٿو تہ اياز صاحب جي پنهنجي دور ۽ ايندڙ نسلن تي اثر جا بنياد گھڻي ڀاڱي ان دور ۾ پيا ۽ "شاعرِ محبت" اياز سنڌ جو" قومي شاعر" ٿي اڀريو. ائين ستر جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻيو تہ سندس ان دور جي شاعريءَ تي وجوديت Existentialism جي فڪر جو لاڙو وڌيڪ حاوي نظر اچي ٿو. سندس نثري نظمن جو ڪتاب "پتڻ تو پُور ڪري" ان جو ئي عڪس آهي.

ائين اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ جمهوريت پسندي, ۽ پوءِ آخري دور ۾ روحانيت پسنديءَ جو لاڙو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ابري آيو. جيڪو سنڌ جي روشن خيال ۽ ترقي پسند حلقن وٽ بيحد تڪراري بڻيو. رسول بخش پليجي, عبدالواحد آريسر, تاجل بيوس ۽ مون سميت ڪيترن اديبن ۽ نقادن مٿس تنقيدي مضمون لکيا. مون شيخ اياز جي شاعريءَ جي سمورن دورن جو گھرائيءَ سان ۽ بار بار هڪ ادبي نقاد طور مطالعو ڪيو آهي ۽ مان سمجھان ٿو



www.sindhsalamat.com

تہ مٿي بيان ڪيل مختلف فڪري روايتن باوجود هن جي شاعريءَ جا بنيادي قدر ۽ محرڪ ساڳيا هئا ۽ اهي هئا انسان دوستي، رومانويت، وطنيت ۽ قوميت، مزاحمت، انقلابيت ۽ اظهار جي جماليات. هن جي شاعري ڪنهن بہ دور ۾ دقيانوسي فڪر تي مشتمل نہ هئي. دنيا جا اڪثر تمام وڏا عظيم شاعر رومانويت ۽ ويندي مذهبيت جا حامل بہ هئا، پر ان سان سندن شعراڻي عظمت گهٽجي نہ ٿي سگهي. رومي، حافظ، خيام، عرفي، شيڪسپيئر، گوئٽي، ڪاليداس، امارو، ڀهاري، پري هر ترِي، ڪبير، ميرا، تلسي، لطيف، شاهہ حسين ۽ ويندي غالب ۽ اقبال تائين انهن مان ڪوبہ دهريو نہ هو پر هنن جي شاعراڻي عظمت ڪنهن بہ شڪ کان بالاتر آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جو هڪ پاسو حيرت انگيز آهي، جنهن تي مان سدائين حيران ٿيندو آهيان. شاعر رولاڪ هوندا آهن، ماڪيءَ جي مادي مَک جيان گُلَ گُلَ جو رَسُ چُوسي، اُنَ ۾ چَس پيدا ڪري، هڪ انمول شئي تخليق ڪندا آهن. پر شيخ اياز ڪنهن طور بہ عوامي ماڻهو نہ هو نہ وري هو گهٽا سفر ڪندو هو يا رولاڪيون ڪندو هو پر هن جي شاعري ان باوجود حيرت انگيز آهي. مان سمجهان ٿو تہ هن جي شاعريءَ تي مشاهدي ۽ تفڪر کان وڌيڪ گهري فيلسوفياڻي تخيل جو اثر آهي. اها تخليقي سگهہ جي منتها آهي، جيڪا سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز پنهنجي مسلسل فڪري ۽ احساساتي رياض سان حاصل ڪئي ۽ جيڪا هن جي غير معمولي تخيل جي صورت ۾ ظاهر ٿي. شايد انهيءَ ڪري هن پاڻ کي يا پاڻ جهڙن کي ”ننڍ جي نيڻن“ سان تشبيهہ ڏني هئي. شيخ اياز جي ٻولي ۽ فن بہ بلندين جي ڪمال کي رسي ٿو. هو هڪ شهري ماڻهو هو ۽ ٻوليءَ جا سرچشما ٻهراڙين ۾ آهن پر اياز صاحب جي ٻوليءَ سنڌي ٻوليءَ کي چا تہ نواڻ ۽ نئون حسن بخشيو. اصل ۾ فڪر ۽ تخليقي سگهہ ٻوليءَ کي جڻ تہ نئون جنم ڏين ٿا. لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ نئون جنم ورتو هو ۽ ائين جديد سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز، استاد بخاريءَ، حاجي احمد ملاح ۽ ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻولي چا تہ ڪرشماتي ڀَڏَ کي پُڄي ٿي. شيخ اياز جون تشبيهون روايتي ۽ اُڌاريون کنيل ناهن، بنهہ نبار آهن ۽ جيڪڏهن ”اڻتيهينءَ جي اونداهي“ جهڙيون تشبيهون اياز صاحب لطيف کان کنيون بہ، تہ ان جو استعمال ايترو تہ تخليقي ۽ نبار آهي، جو جڻ اها تشبيهہ پڻ نئون جنم وٺي ٿي. اياز صاحب جا استعارا،



www.sindhsalamat.com

تلميحون، اشارا، ڪنايا، ڪافيا، بندشون، ۽ خيال جي اُٽت جڙ ته هڪ تخليقي ڪرشمو آهي، جيڪو ويهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڀاڱ ۾ آيو.

سنڌي ادب ۾ ”تخليقي تنقيد“ اجا جڙ ته ٻانبڙا پئي پائي. هڪ دور هو جڏهن محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ابن حيات پنهور، مولانا غلام محمد گراميءَ ۽ پوئين دور ۾ امير علي چانڊيو ان کي اوج تي رسايو پر هم عصر سنڌي ادب جي دور ۾ ادبي تنقيد گهڻي ڀاڱي سطحي تبصرن کان مٿي نه ٿي چڙهي، جڏهن ته تنقيد جو ڪم ۽ ڪارج پرک، پروڙ ۽ ڇنڊ ڇاڻ آهي، پوءِ چاهي اها فڪر جي هجي يا ٻوليءَ ۽ فن جي. مان سمجهان ٿو ته جيئن سنڌ ۾ لطيف شناسيءَ جي ضرورت آهي، تيئن جديد دور ۾ اياز شناسيءَ ۽ بخاري شناسيءَ جي به وڏي ضرورت آهي. ٻي دنيا جيسين لطيف، سچل، اياز ۽ بخاريءَ کي سمجهي، تيسين گهٽ ۾ گهٽ پهرئين مرحلي ۾ سنڌ ۾ ته انهن جي حقيقي پرک ڪجي ته جيئن سنڌ سماج کين سنڌن حقيقي فڪري ۽ فني جوهر ۾ سمجهي ۽ پروڙي سگهي. پنهنجي حال سارو مون اهو ڪم زندگيءَ ۾ ٻولي ڪنيو آهي ۽ زندگيءَ جو ساٿ رهيو ته ضرور ڪندس پر ان لاءِ انيڪ ٻيا ماڻهو به گهرجن، ڇاڪاڻ ته اهو همه گير ڪم ڪو به هڪ ماڻهو نه ٿو ڪري سگهي. سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ادبي ادارن کي ”اياز شناسيءَ“ بابت باقاعدگيءَ سان رٿابندي ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ”اياز شناسي“ رڳو هڪ فرد جي نه پر سنڌ سميت سڄي سنسار جي شناس آهي.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 28 ڊسمبر 2012ع



www.sindhsalamat.com

# ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٿا
## (رسول بخش پليجي جي فڪري پورهيي جي پرک)

اها اپريل 1997ع جي هڪ شام جي ڳالهه آهي، حيدرآباد ۾ گهر وينو هئس ته پليجي صاحب جو ملازم هڪ چِٺي کڻي آيو جنهن ۾ لکيل هو ته "ڪچهريءَ لاءِ دل ٿي چوي، مون وٽ اچ يا تو وٽ آئون ٿو اچان." مون ڪيس جواب ۾ لکي موڪليو ته "مان پاڻ ٿو اچان." پليجي صاحب سان ڪچهري ائين آهي، جڻ ماڻهو اَڻ ڪتابن جا پڙهي اچي ۽ اتساهه جي سرچشمن مان سيراب ٿي اچي. پليجي صاحب سان طويل علمي، ادبي، سياسي ۽ ذاتي ڪچهريون ته هونئن به منهنجي لاءِ معمول جي ڳالهه هئي پر اها ڪچهري تمام گهڻن حوالن سان ڏاڍي عجيب ۽ فيصلائتي ثابت ٿي. سنڌ، پاڪستان ۽ عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل بنيادي سوالن تي نهايت گهرائيءَ سان ۽ ڪليل نموني ڳالهايوسون. ان زماني ۾ ڪيترن ئي معاملن بابت جزوي طرح مون ساڻس اختلاف به رکيو ٿي ۽ انهن سوالن تي به ڏاڍي لاياڻتي ڪچهري ٿي. جيئن لطيف کي پڙهڻ سان ماڻهو هر دفعي اُن کي نئين سر سمجهندو ۽ دريافت ڪندو آهي، تيئن پليجي صاحب سان به طويل گفتگوءَ ڪانپوءِ هميشه ماڻهو هن کي نئين سِر سمجهندو آهي، ان شامَ مون کيس جڻ ته نئين سر دريافت ڪيو. ڪيترن معاملن بابت ماڻهو عوامي سطح تي ڪليل نموني سان نه ٿو ڳالهائي سگهي، پر روبرو ڳالهائي سگهي ٿو ۽ اسان ڳالهايو. اُنهن ڏينهن ۾ پليجي صاحب جي صحت اڪثر خراب رهندي هئي، سو حقيقت اها آهي ته مون کي دل ۾ هڪ عجيب خوف جو احساس ٿيڻ لڳو ته موت اٽل حقيقت آهي، جي سياڻي اوچتو هن تي اها گهڙي اچي وڃي ته ان اٿاهه علم، ڏاهپ ۽ همه گير تجربي جو ڇا ٿيندو، جنهن جو پنج سيڪڙو به هن اجا لکي رڪارڊ تي ناهي آندو. (جيتوڻيڪ هو سنڌ جي اُنهن چند عالمن ۽ اديبن مان هڪ آهي، جن سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو ۽ معياري لکيو آهي) هن جو مون سان رشتو هڪ استاد ۽ اڳواڻ وارو ته هو ۽ آهي پر اسان جو هڪ تعلق بيحد پنهنجائپ واري حُجائتي ذاتي دوستيءَ وارو به آهي. آئون هن کي ڏکي کان ڏکي ڳالهه به سامهون چئي سگهندو آهيان. سو اُن شام به مون پنهنجي خوف جو



www.sindhsalamat.com

احساس ساڳس شيئر ڪيو. هڪ لمحي لاءِ ڪيس به منهنجي سوال سوچڻ تي مجبور ڪيو. ڊگهي خاموشيءَ کانپوءِ هن جو جواب سوال کان وڌيڪ عجيب هو. چئي: ”جي ائين ٿيو ته ان علمي، ادبي ۽ فڪري نقصان جو ذميوار تون هوندين!“ ڳالهه ته هن هڪ جملي ۾ ڪئي پر مون کي لڳو ته ڪو غير معمولي بارُ منهنجي ”ڪلهن“ تي رکجي چڪو آهي، جنهن کي مڙس ماڻهو ٿي کڻڻ کانسواءِ ٻي ڪا به واهه نه هئي. ٻئي ڏينهن پليجي صاحب جو سکر هاءِ ڪورٽ ۾ مرڊر ڪيس رکيل هو سو وري گڏجي نڪتاسون. سموري سفر ۾ گهٽي پاڳي سوال ۽ ذڪر ساڳيو ئي هو. رات جو هوٽل الحبيب ۾ ترسياسون. سڄي رات اتي به ساڳيو موضوع ڪچهريءَ جو محور رهيو. اوچتو مون کي هڪ خيال ذهن ۾ آيو ۽ مون ساڳس هڪدم شيئر ڪيو ”جيستائين توهان کان رهيل شيون لکجرائن، تيسين ڇو نه توهان جون سموريون ڇپيل ۽ لکيل لکڻيون هڪ هنڌ گڏ ڪري ”Collected works of Rasool Bux Palijo“ جي صورت ۾ شايع ڪجن؟ موت ۾ هن جي چپن تي هڪ هائوڪار جهڙي معنيٰ خيز مرڪ هئي ۽ جڻ ته اها مرڪ هن رٿا جو بنياد هئي. سو هن سموري رٿا جو ڪريڊٽ ان ڪچهريءَ ۽ سفر ۾ بار بار اُٿيل ان سوال ڏانهن وڃي ٿو.

تاريخ ۾ فرد جو ڪردار زمانن کان بحث جو موضوع رهيو آهي. جيتوڻيڪ تاريخ کي معروضي حالتون ئي اڳتي وڌائين ٿيون پر ان جي رفتار کي ڍرو ۽ غير معمولي طرح تيز ڪرڻ ۾ املهه ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، اڳواڻن، سائنسدانن، فيلسوفن ۽ سورمن جي ڪردار کي ڪنهن طور به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. معروضي حالتون اهڙن فردن کي پيدا ڪن ٿيون ۽ موٽ ۾ اهڙا ”فرد“ تاريخ جون ڌارائون تبديل ڪن ٿا.

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جي،
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
۽ دنيا کي بدلائي ٿي.

(اياز)



www.sindhsalamat.com

رسول بخش پليجو بہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهڙو يگانو ”فرد“ آهي، جنهن نہ رڳو پنهنجي همر عصر دؤر تي پنهنجي ڏاهپ، علمر فن، عمل ۽ مسلسل جدوجهد سان غير معمولي اثر وڌا آهن پر پاڻ بہ جڻ تاريخ بڻجي چڪو آهي.

اها منهنجي خوشبختي چئبي جو مان هن جي بنهہ ويجهن ساٿين ۾ شامل رهيو آهيان. مون نہ رڳو علمر سان عشق ڪندڙ هڪ شاگرد ۽ جدوجهد جي سفر جي هڪ ڪارڪن ۽ ساٿيءَ جي حيثيت ۾ هن کان بيحد سکيو آهي پر هڪ سبجيڪٽ طور هن کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو پرکيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي. علمر ۽ ادراڪ جي ستن سمونڊن جي هن ”کيڙائو“ ۽ جدوجهد جي سُونهين توڙي پارکوءَ سان زندگيءَ جا اٺويهہ سال گڏ گذارڻ مون لاءِ هڪ اهڙو ڀاڳ آهي، جنهن تي جيترو بہ فخر ڪجي، اهو گهٽ آهي. رسول بخش پليجي جي زندگيءَ جا انيڪ رنگ ۽ روپ آهن پر انهن سمورن رنگن جو روح هڪ ئي آهي، انقلاب! رڳو سنڌ جي پورهيت عوام لاءِ نہ پر سموري انسان ذات لاءِ، سموري ڌرتيءَ لاءِ ۽ دنيا جي سموري پورهيت مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن لاءِ، هو پنهنجي فڪري سرشت ۾ هڪ بين الاقواميت پسند عالمر انقلابي ۽ تخليقڪار آهي.

هن جي گهڻ پاسائين شخصيت جو هر پاسو ايڏو وڏو آهي، جو ان تي باقاعده ۽ ايمانداريءَ سان علمي تحقيق ٿيڻ گهرجي. سنڌي ادب ۾ تحقيق فڪري ۽ علمي طور اڃا بانبڙا پئي پائي. تحقيق جي خيال کان وڌن موضوعن کي هٿ ۾ کڻڻ جي روايت اڃا سنڌي ادب ۾ ايترو اُسري نہ سگهي آهي. لطيف، سچل، حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، ذوالفقار علي ڀُٽي، محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز، استاد بخاريءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايم ايڇ پنهور ۽ رسول بخش پليجي جي علمي، فڪري، سياسي ۽ ادبي پاسن جهڙي سماجي ڪارج تي سائنسي انداز سان ۽ پرک جي لحاظ کان تحقيق ڪٿي ڪئي وئي آهي؟ سنڌي ادب ۾ تحقيق جو اهو بالغ دؤر اڃا اچڻو آهي. هن ڪتاب جي رٿا تي عمل لڳ ڀڳ ٽن سالن ۾ مڪمل ٿيو ۽ جڏهن ڪتاب مڪمل ٿيو تہ پليجي صاحب خواهش ڏيکاري تہ ان جو مهاڳ بہ مان لکان. رسول بخش پليجي جي ڪتاب تي مهاڳ ڪير نہ لکي ها؟ هو جنهن کي بہ چوي ها، اهو اها آڇ پنهنجي قلم جي اکين تي رکي ها پر هن اهو اعزاز بہ مون کي بخشيو. حقيقت اها آهي تہ هن ڪتاب جي اشاعت ۾ گهٽي دير جو هڪ سبب اهو مهاڳ بہ هو. رسول بخش پليجي جهڙي يگاني عالمر مفڪر ۽ اڳواڻ جي



www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي ڪارنامن، علم ۽ عمل تي ماڻهو هڪ مهاڳ ۾ ڇا لکي ڇا لکي؟ اهو تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پي ايڇ ڊيءَ جو موضوع آهي ۽ اها پي ايڇ ڊي بہ اسان وارن ”ادبي ماسترن“ جي معيار جي نہ پر تحقيق جي عالمي معيارن موجب. مون کي اُميد آهي تہ سياڻي سنڌي ادب جو ڪو نہ ڪو سنجيده محقق ان موضوع تي ڪم ڪندو. اهڙي تحقيق جي گهرج تحقيق جو موضوع بڻجندڙ فردن کي نہ پر سندن عوام، سماج، قوم ۽ مجموعي طور سموري انسان ذات کي هوندي آهي.

هي مهاڳ رڳو ان آئيندي جي تحقيق جي بنيادي نقطن ۽ موضوعن کي واضح ڪري ٿو. اڃا بہ ائين سمجهڻ گهرجي تہ هيءُ مهاڳ ان مستقبل جي تحقيق جو هڪ خاڪو آهي، جنهن کي بنياد سمجهي اڳتي وڌي سگهجي ٿو.

حليم بروهيءَ هڪ ڀيرو لکيو هو تہ قدرت ڪنهن شخص تي ڏمربي آهي تہ ان کي گهڻيون صلاحيتون ڏئي ڇڏيندي آهي، پر حقيقت اها بہ آهي تہ قدرت ڪنهن قوم تي مهربان ٿيندي آهي تہ ان جي ڪُک مان اڻ ڳڻين صلاحيتن ۽ قوتن جي مالڪ ڏاهن ۽ سورمن کي پيدا ڪندي آهي. رسول بخش پليجو بہ ان ئي ساٿ جو سرواڻ ۽ سُونهون آهي. هن جي شخصيت ايڏي تہ گهڻ پاسائين ۽ هر پاسي کان ڀرپور آهي، جو ماڻهو هن کي ڪنهن بہ هڪ خاني ۾ فِٽ نہ ٿو ڪري سگهي. ماڻهو اِهو تعين نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو بنيادي طور اسڪالر، مفڪر ۽ سماجي سائنسدان آهي يا سياسي اڳواڻ، بنيادي طور اديب ۽ آرٽسٽ يا هڪ پيشيور انقلابي ۽ ڪميٽيڊ ڪارڪن؟ پاليسي ساز حڪمت عملين جو ماهر ۽ تنظيم ساز آهي يا ڪو فوجي جرنيل جيڪو غلط جاءِ تي پيدا ٿيو؟ منهنجي خيال ۾ ان ٻهَه ڳُڻائپ جو تعين ”يا“ جي سوال سان نہ ٿو ڪري سگهجي. هُو اهو سڀ آهي. هِي هُن جي شخصيت ۽ روح جا سڀ رنگ آهن. رسول بخش پليجو علمي، فڪري، سياسي، ادبي ۽ سماجي طور هڪ - رنگو گُل ناهي پر عالمي ڏاهپ، علم، عمل ۽ جدوجهد جي آسمان جي پس منظر ۾ اُپريل هڪ اندلٺ آهي، جنهن جي سڄاڻپ ڪنهن هڪ رنگ سان ٿي نہ ٿي سگهي. سو اچو تہ هن دؤر جي هن يگاني انسان جي علمي، فڪري، سياسي، ادبي، تخليقي ۽ سماجي ڪارنامن تي هڪ پارکو نظر وجهون.

## (1) رسول بخش پليجي جا علمي ۽ فڪري ڪارناما:

رسول بخش پليجو بنيادي طور هڪ ڏاهو اسڪالر ۽ سائنسي سياسي مفڪر آهي. جيئن هن جي زندگيءَ، جستجو، پورهيي ۽ عمل جو دائرو وسيع



www.sindhsalamat.com

آهي، تيئن هن جو علمي دائرو بہ ڪيترن ئي شعبن تائين ڦهليل آهي. فلسفو ادب، تاريخ، مذهب، سماجي سائنسون، فن، سياست، سائنس، قانون، جنگيون ۽ جنگي حڪمت عمليون، سماجي نظام ۽ انهن جي تاريخ، مارڪسزم، ننڍو کنڊ ۽ سنڌ هن جا پسند جا موضوع ئي نہ پر اهڙا شعبا آهن جن تي هن کي عبور حاصل آهي. ايترن گهڻن مختلف توڙي متضاد شعبن جي هم آهنگي ڪنهن هڪ اسڪالر وٽ ملڻ سچ پچ تہ ڪنهن علمي معجزي کان گهٽ ناهي ۽ اهو بہ ان ماڻهوءَ وٽ جيڪو رڳو اسڪالر ناهي پر پورهيت ڪارڪن، سياسي اڳواڻ ۽ عمل جي ميدان جو مجاهد بہ آهي. انهن سمورن شعبن ۽ موضوعن کي رسول بخش پليجي سنڌ ۾ نئين سر متعارف ڪرايو. هڪ اصلوڪي مفڪر (Original Thinker) جي بنيادي خوبي ئي اها هوندي آهي. جي رڳو موجود ڪتابن کي اندر ۾ ئي اوتڻو آهي تہ پوءِ ڪتابن کي سنڀالڻ جي ۽ گڏ ڪرڻ جي گنجائش ۽ صلاحيت تہ لائبريرين ۾ وڌيڪ هوندي آهي. نِبار ڏاهن ۽ اسڪالرن جو ڪم رڳو پنهنجي اندر ڪتاب گڏ ڪرڻ نہ هوندو آهي پر علم کي تخليقي ذهن ۽ رويي سان حاصل ڪري، ان کي پنهنجي ڏاهپ جي مٿيءَ سان ٻيهر ڳوهي، علم کي ڏاهپ ۽ ادراڪ جي منزل تائين رسائڻ هوندو آهي. رسول بخش پليجو جڏهن لکندو ۽ ڳالهائيندو آهي تہ هو ڪتاب نہ اوڳاڇيندو آهي، پر نوان تصور، ڏاهپ جا رنگ، علمي رويا ۽ تخليقي قدر ۽ زندگيءَ جا ڍنگ تخليق ڪندو آهي. پنهنجي سموري سوچ، رويي، جدوجهد، ڏاهپ ۽ زندگيءَ ۾ هو هڪ نِبار تخليقڪار نظر ايندو اها ئي هن جي ذات جي انفراديت آهي.

**مارڪسزم کي نئين انداز سان متعارف ڪرائڻ:**

رسول بخش پليجو فڪري طور مارڪسسٽ آهي پر هو نظرياتي ميڪانڪيت جو شڪار ڪڏهن بہ نہ ٿيو. هڪ اصلوڪي مفڪر جيان هن مارڪسي فڪر کي ٽين دنيا، پاڪستان ۽ سنڌ جي مخصوص سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن پٽاندر تخليقي ۽ عوامي انداز سان پيش ڪيو. اسان وٽ کاٻي ڌر جا اڪثر روايتي اڳواڻ رڳو پاڻ ئي هن ديس جي عوام لاءِ اوپرا نہ هئا پر هنن جنهن رويي ۽ انداز سان مارڪسزم کي هتي متعارف ڪرايو ان رويي هن نظريي کي بہ عوام لاءِ اوپرو بڻائي ڇڏيو. کاٻي ڌر جا روايتي ”ڪامريڊ“ بورجوا، پرولتاريت، پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ، پيٽي بورجوا، ” Haves



www.sindhsalamat.com

Haves not & ” جي ٻوليءَ کان گهٽ ڳالهائيندا نہ هئا. هتي پورهيتن جي گهڻائي هاري هئي، پر هنن جو سڄو زور پرولتاري مزدورن تي هو. ماسڪو ۾ برف پوندي هئي تہ هو هتي ڪوٽ پائڻ شروع ڪندا هئا. عوام ۾ هيٺين سطح تي ڪڏهن نہ ويا. وڏيون عوامي جدوجهدون عوام جي ساٿ سان نہ ڪڏهن هلايائون ۽ نہ اُن ۾ سرگرم حصو ورتائون. مطلب تہ هڪڙي مصنوعي، فيشني، ڪاغذي ۽ اوپري سياسي ۽ نظرياتي ڪلچر جو ماحول جوڙيائون. جنهن کي هنن مارڪسزم جي سياست ٿي ڪوٺيو. حد تہ اها هئي تہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جهڙي يگاني پورهيت اڳواڻ ۽ انقلابي دانشور کي بہ آخر تائين پارٽيءَ جي ڪنهن ”اداري“ ۾ ميمبر ڪري نہ ڪنيائون. ان جي پيٽ ۾ رسول بخش پليجي، مارڪسزم کي تخليقي ۽ عوامي انداز سان جڻ تہ هڪ مقامي فڪر ڪري پيش ڪيو. هن جي سمورين لکڻين ۽ تقريرن توڙي ليڪچرن ۾ توهان کي اوپري ٻولي، اوپرا رويا، اوپريون تشريحون ۽ تاويلون نہ ملنديون. هن مارڪسي نظريي کي اهڙي تہ سولي ۽ تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو جو ان کي هڪ عام هاري بہ سمجهي سگهيو ٿي ۽ جنهن جنهن تائين اها ڳالهہ پهتي، هُن اها ڳالهہ سمجهي.

مارڪسزم جي جيڪا ۽ جهڙي تشريح رسول بخش پليجي پيش ڪئي، اها رڳو سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ ئي نہ پر سڄيءَ ٽين دنيا لاءِ بہ اوتري ئي نهڪندڙ ۽ اهميت واري آهي. هن رڳو ڪارخانن جي مزدورن تي زور ڏيڻ بجاءِ عوام جي اڪثريتي پورهيت حصي يعني هارين سميت سمورن پورهيتن ۽ عوام جي گڏيل طبقاتي ۽ عوامي جمهوري جدوجهد جي ڳالهہ ڪئي.

**قومي، طبقاتي، جمهوري، انقلابي ۽ سامراج دشمن جدوجهد کي گڏي هلائڻ جو تصور:**

رسول بخش پليجي کان اڳ بہ سنڌ ۾ روشن خيال سياست جون مختلف ڌارائون هيون. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بيشڪ سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ غير معمولي ۽ املهہ ڪردار آهي ۽ هو تُنهن کان چوٽيءَ تائين ترقي پسند مفڪر ۽ اڳواڻ هو پر هن جي سياست جو گهڻو زور طبقاتي سوال تي هو ۽ سنڌس سنڌي هاري ڪميٽي ان جو مظهر هئي. سائين جي ايم سيد طبقاتي ۽ جمهوري سوالن کي گهڻي اهميت نہ ٿي ڏني. هن جو گهڻو ۽ سڄو زور قومي سوال تي هو پر ان ڏانهن بہ هن جو رويو عوامي جدوجهد تي ويساهہ وارو نہ پر وڏيرڪو ۽ توڪل



www.sindhsalamat.com

تي هلڻ وارو هو. ٽئين طرف ذوالفقار علي ڀُٽي طبقاتي ۽ قومي سوالن کي علمي طور اهميت ڏيڻ بجاءِ صرف اسٽيٽسڪو (Status Quo) جي مطيع جمهوري سوال کي کنيو. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ قومي ۽ طبقاتي سوالن کان سواءِ جمهوريت جو تصور هڪ خوبصورت خود فريبيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ ناهي. جڏهن تہ اسان جي روايتي ۽ اوپري ڪاٻيءَ ڌر جو گهڻو زور سامراج دشمنيءَ تي هو. هتي جي قومي ۽ جمهوري سوالن کي هنن صرف ”بورجوا طبقي“ جي مفادن جي پاسداري تي سمجهيو. عوام جي اڪثريتي پورهيت حصي يعني هارين ۽ مظلوم قومن جي مفادن جو سوال هنن لاءِ وڏيرن جي مفادن جي پورائي جي برابر هو. رسول بخش پليجي فڪري طور سياست جي انهن سمورين ڌارائن کي هڪ تہ نئين انداز سان ڏٺو ۽ کنيو ۽ ٻيو تہ انهن وچ ۾ فڪري ۽ معروضي رشتن ۽ لاڳاپن کي وڏي سائنسي توازن ۽ فڪري هنرمنديءَ سان چِٽو ڪيو. سندس ڪتاب ”صبح ٿيندو“ اهڙي ئي متوازن ۽ دوررانديش فڪر جو ترجمان آهي. يعني سادن لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو تہ هن قومي، طبقاتي، جمهوري ۽ سامراج دشمن سوالن کي گڏي ۽ توازن سان کنيو. ڇاڪاڻ تہ انهن جا سبب ۽ محرڪ بہ ساڳيا هئا ۽ آهن تہ حل بہ هڪ ئي تي مدار رکندڙ آهن. وڏي اعتماد سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو فڪري توازن سياسي ميدان ۾ پاڪستان اندر ورلي ڪٿي نظر ايندو. رسول بخش پليجو رڳو مقامي طرح نہ پر حقيقت ۾ پنهنجي هم عصر دؤر جو ٽين دنيا جي مظلوم طبقن ۽ قومن جي جدوجهد جو سماجي مفڪر ۽ نظريہ دان آهي. جيئن لطيف هڪ عالمگير شاعر ۽ مفڪر آهي، پر مخصوص حالتن ۽ سببن جي ڪري دنيا هن جي فن ۽ فڪر کان گهربل لاڀ حاصل نہ ڪري سگهي آهي، تيئن رسول بخش پليجي جهڙن مفڪرن سان بہ اها ساڳي صورتحال لاڳو آهي. هن کي موقعا هجن ها ۽ حالتون هن کي اجازت ڏين ها تہ هن کي ٽين دنيا جي مظلوم طبقن ۽ قومن جي جدوجهد جو هڪ اول درجي جو نظريہ دان ۽ مفڪر سمجهيو ۽ مڃيو وڃي ها. پاڪستان جي مشهور ترقي پسند دانشور ڊاڪٽر اقبال احمد کي اهڙي حيثيت حاصل هئي ۽ مان هن جو بيحد احترام ڪندو آهيان، پر جيڪڏهن هن جي ڀيٽ رسول بخش پليجي سان ڪجي تہ مون کي علمي ۽ فڪري طور رسول بخش پليجي جو پاسو وڌيڪ ڳرو نظر اچي ٿو. جڏهن تہ ڊاڪٽر اقبال احمد جي عمر رڳو ڪتابن ۽ فڪري تعليم ۾ گذري پر رسول بخش پليجي جي حياتيءَ جو وڏو حصو جدوجهدن، عمل جي ميدانن ۽ جيلن ۾ گذريو آهي. جيتوڻيڪ پليجي



www.sindhsalamat.com

صاحب دنيا جي انيڪ وڏين يونيورسٽين ۾ عالمي سطح جا ليڪچر ڏنا آهن پر ان جي باوجود مخصوص مقامي، تنظيمي، سياسي ۽ معاشي مجبورين توڙي ترجيحن سبب هو جنهن سطح جو اسڪالر آهي، اوترو وقت عالمي سطح تي ڏئي نه سگهيو ۽ اُها گهربل مچتا عالمي سطح تي نه ماڻي سگهيو.

**نظرياتي مهم جُوئيءَ کان پاسو ڪرڻ:**

رسول بخش پليجي جو منهنجيءَ نظر ۾ هڪ وڏو فڪري ڪارنامو هن جو نظرياتي ميڪانڪيت کان بچڻ ۽ نظرين کي تخليقي ۽ حقيقت پسنديءَ سان پيش ڪرڻ آهي. مثال طور ترقي پسند دنيا ۾ فڪري هلڪڙائپ جو مظاهرو ڪندي مذهبن کي سادگيءَ سان رد ڪيو ويندو آهي ۽ مذهبن خلاف عوامي سطح تي ڳالهائڻ کي ترقي پسنديءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. مون رسول بخش پليجي کي ڪڏهن به مذهبن بابت غيرسنجيدگيءَ سان ڳالهائيندي نه ڏٺو آهي. هو سدائين مذهبن کي انسان جي شعوري اوسر ۽ سماجي ارتقا جا هڪڙا ڏاڪا ۽ انهن ڏاڪن جي نسبت سان عقيدن جا نظام سمجهندو آهي، جن ڪانسواءِ انسان هن اجوڪي دؤر ۽ ڏاڪي کي رسي نه سگهي ها. مذهبي اعتبار کان نه پر تاريخي اعتبار کان هو حضرت محمد ﷺ جن کي انساني تاريخ جو عظيم ترين انسان قرار ڏيندو آهي. حضرت محمد ﷺ جن جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي هن جا ليڪچر رڪارڊ تي آهن. مذهبن جي تاريخ، عقيدن جي نظامن (Belief Systems) جي تاريخ ۽ خاص طور اسلام جي تاريخ هن جا خاص پسند جا موضوع رهيا آهن، جن تي هن کي عبور حاصل رهيو آهي. ساڳيءَ طرح هو انقلاب جي ميڪانڪي تصور جو به قائل ناهي. انقلاب هن لاءِ اُها بنيادي فڪري، ثقافتي، علمي، سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ اسٽرڪچرل تبديلي آهي، جيڪا مظلوم طبقن ۽ قومن کي طبقاتي ۽ سامراجي نظام جي چنبي مان ڪڍي ٿي ۽ اها مسلسل جدوجهد جي مرحلن ۽ لقائن ذريعي اچي ٿي. هن لاءِ انقلاب جو مطلب هڪ نئون انسان ۽ هڪ نئون سماج تخليق ۽ تعمير ڪرڻ آهي. هن لاءِ انقلاب ڪنهن مخصوص ڏاڪي جو نه پر مسلسل تبديليءَ جي عمل جو نالو آهي.

**سائنسي شعور ۽ ادراڪ جي بنياد تي مستقبل جون اڳڪٿيون ڪرڻ:**

ڏاهپ ۽ ادراڪ، علم ۽ اعليٰ درجي جي سمجهه جي امتزاج جو نتيجو به آهن، ان جي پيداوار به آهن ۽ ان جا مٿيان ڏاڪا به آهن. فلسفي جي هڪ



www.sindhsalamat.com

شاخ Theory of Knowledge (علم العلم) انهن پيچيدگين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو علم آهي. علم تجربن جي اُپٽار جو نتيجو آهي، جڏهن تہ ادراڪ علم ۽ تجربي جي بنياد تي مستقبل جي امڪاني حالتن کي ڏسڻ، محسوس ڪرڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو نالو آهي. دنيا جا سمورا ڏاها پنهنجي غير معمولي علم ۽ ادراڪ جي بنياد تي پنهنجي مخصوص شعبن اندر مستقبل جي پيچيدگين کي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهندا هئا ۽ آهن. ٻين لفظن ۾ هو امڪانن جي سائنس (Science of Probability) جا ڄاڻو ئي نہ پر ادراڪ رکندڙ پڻ هوندا آهن.

رسول بخش پليجي جون گذريل چئن ڏهاڪن کان لکڻيون پڙهجن يا ليڪچر ۽ تقريرون ٻڌجن تہ اها ڳالهہ نهايت چٽائيءَ سان محسوس ٿي ويندي تہ هن هر دؤر ۾ مستقبل جي امڪاني پاسن کي ايڊريس ڪيو آهي، جيڪو ئي ڪنهن ڏاهي جو اصل ڪم هوندو آهي. هن فڪري، ادبي ۽ سياسي طور جيڪي تجزيا مختلف دؤرن ۾ ڪيا، اهي اڳتي هلي گهڻي ڀاڱي درست ثابت ٿيا. مثال طور هن جو مضمون ”سيد ۽ ٻُٽو“ وري پڙهي ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ هن ٻنهي جي واڌ، رويي ۽ سياست جو جيئن چيد ڪيو، پوءِ جي حالتن ان کي بلڪل درست ثابت ڪيو. هن جيل جي ڊائريءَ ۾ اياز بابت لکيو تہ اياز جي ٻي پناهہ فن جي نرگسيت ۾ هُن جا فڪري جهولَ لِڪي ٿا وڃن پر جي اياز ڪڏهن بہ نثر ۾ لکيو تہ هن جا اُهي فڪري جهول پڌرا ٿي پوندا. يا هن اياز لاءِ جيل جي ڊائريءَ ۾ لکيو تہ اياز جو مطالعو وسيع آهي، پر گِهرو نہ آهي. واقعي جڏهن اياز زندگيءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ نثر ۾ لکيو تہ اهي ٻئي ڳالهيون سورنهن آنا درست ثابت ٿيون. هن ٽي ڏهاڪا اڳ چيو تہ سنڌ جي تعليم نام نهاد قومپرست شاگرد سياست جي آڙ ۾ شعوري طرح ۽ هڪ سازش طور تباهہ ڪئي پئي وڃي. حالانڪہ ان دؤر ۾ ائين چوڻ نهايت ڏکي ڳالهہ هئي پر اڄ وقت ثابت ڪيو تہ اُن ڳالهہ ۾ ڪيترو نہ آئيندي جو ادراڪ ۽ فهم هو. پاڪٽيءَ جي حوالي سان پنجاب جي حڪمران طبقي جون نيتون ۽ نگاهون هن اَسيءَ جي ڏهاڪي کان پروڙي ورتيون هيون. اڄ حقيقت اسان جي سامهون آهي. هن پنهنجي وقت ۾ اوير پاڪستان جي حوالي سان وَسَ ڪيا تہ اُهو الڳ نہ ٿئي. ٻُٽي صاحب سان خاص طور وڃي مليو پر ظاهر آهي تہ ڳالهہ هن جي وس کان ٻاهر هئي. هن جا اُن زماني ۾ تحريڪ ۾ لکيل اداريا وري پڙهجن تہ محسوس ۽



www.sindhsalamat.com

معلوم ٿيندو تہ هن ڇو اوپر پاڪستان جو اسان سان گڏ ضروري ٿي سمجھيو؟ اج پاڪستان ۾ سموريون مظلوم قومون ۽ عوام پنجاب جي ڪوتاھ نظر ۽ بيرحم حڪمران طبقي جي سفاڪيءَ جي ور چڙھي ويون آهن. اهو سڀ ڪجھ اوپر پاڪستان جي الڳ ٿيڻ جو منطقي نتيجو آهي. 1973ع جي آئين بابت هن جيڪي اڳڪٿيون ڪيون، اُهي وري پڙهڻ گھرجن. هن آسيءَ جي ڏهاڪي جي شروع ۾ ئي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي بحران تي لکيو ۽ جيڪي نتيجا ڪڍيا، اُهي وري پڙهڻ گھرجن. اهو دراصل هن جي علمي بصيرت ۽ سائنسي ڏاهپ جو نتيجو هو جو هو هر زماني ۾ پنهنجي وقت ۽ حالتن جي نبض تي هٿ رکندو آيو آهي ۽ هر وقت عوام کي مستقبل جي خطرن کان آگاھ ڪندو آيو آهي.

**سياست کي علم، ادب ۽ فن سان ڳنڍڻ:**

هڪ اسڪالر ۽ مفڪر جي حيثيت ۾ رسول بخش پليجي جي سياست بابت تصور، رويا، قدر ۽ خواب ئي پنهنجي منفرد نوعيت جا رهيا آهن. جيتوڻيڪ اها روايت هن کان اڳ بہ هئي. حيدر بخش جتوئي ۽ جي ايم سيد انيڪ ڪتابن جا مصنف هئا پر رسول بخش پليجو ان روايت کي اجا اڳتي وٺي ويو. هن جي سڄي جمار سياست کي علم ۽ ادب سان ڳنڍڻ ۾ گذري آهي. هن جا سمورا ڪتاب ان رويي جا عڪاس آهن. هو پاڻ بہ سياست کي علم، ادب توڙي فن سان ڳنڍيندڙ هڪ پُل جو نالو آهي. هن جي سڄي جمار اها پُل تعمير ڪندي ۽ ان جو بچاءُ ڪندي گذري آهي. ماڻهو هن کي سياست، علم ۽ ادب جي شعبن ۾ ورهايل شخص سڏيندا آهن پر هو سياست، علم ۽ ادب جي بظاهر ورهايل شعبن کي ڳنڍيندڙ شخص بہ تہ آهي. ڇا اهو ڪو معمولي ڪارنامو آهي؟ اهو بہ سنڌ جھڙي نهايت پسمانده سماج ۾! سياست ۾ هاڻي اها روايت ۽ اهو نسل ختم ٿيندو ٿو وڃي. هونئن بہ رسول بخش پليجو رڳو ادبي ۽ سياسي طور تخليقڪار ناهي پر هو جديد روين جو بہ تخليقڪار آهي. تخليق رڳو ادب ۽ فن ۾ نہ ٿيندي آهي. تخليقيت جو دائرو تہ ڪائناتگير ٿي سگھي ٿو.

## (2) رسول بخش پليجي جا سياسي ڪارناما:

**سياست جو نئون تصور ۽ رويو متعارف ڪرائڻ:**

پليجي صاحب سان منهنجي ويجھڙائيءَ کي ارڙنهن سالن کان مٿي وقت گذري چڪو آهي. ابتدائي سالن جو گھڻو وقت مان ان راءِ جو هوندو هئس تہ هو



www.sindhsalamat.com

بنيادي طور هڪ اديب ۽ مفڪر آهي ۽ سياست سندس بنيادي ترجيح ناهي پر هن جي شخصيت، سوچ، فڪر ۽ روين توڙي ترجيحن جو اُونهو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي پهرين راءِ درست نہ لڳي. هو نہ تہ روايتي دانشور ۽ اديب آهي ۽ نہ وري روايتي سياستدان. مون نهايت باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪرڻ کانپوءِ اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ هو سياست، ادب، فن توڙي علم کي بذات خود مقصد ۽ منزل نہ پر هڪ نئين انسان ۽ نئين انصاف پريي حُسناڪ سماج جي تعمير لاءِ ”ذريعا“ سمجهي ٿو. اها نئين اڏاوت جنهن کي هو ”انقلاب“ سڏي ٿو. رسول بخش پليجي لاءِ انقلاب جو مطلب ڪا نئين حڪومت قائم ڪرڻ ناهي يا رڳو اقتدار تي قبضو ڪرڻ ناهي، هو انقلاب جو هڪ همہ گير ۽ اُونهو توڙي متحرڪ تصور رکي ٿو. هو سياست ۾ ادب، شاعريءَ ،علم ۽ فن کي جاءِ ڏيڻ چاهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ بيءَ صورت ۾ سياست بي روح، عوام دشمن، رجعت پسند، بدبودار ۽ ڇَسي ٿي پوندي، جنهن سياست ۾ علم ۽ ادراڪ جي گهرائي نہ هوندي، جنهن سياست ۾ خواب ۽ آدرش نہ هوندا، جنهن سياست ۾ عوامي ثقافتي رنگ نہ هوندو، جنهن سياست ۾ ڪتاب هڪ علامت نہ هوندو، جنهن سياست ۾ ادب ۽ شاعريءَ جو فڪري ۽ جمالياتي جوهر نہ هوندو، جنهن سياست ۾ رقص، ناٽڪ، موسيقي ۽ جذبن جي جماليات نہ هوندي، اها سياست عوام دشمن قوتن جي ئي ڪم جي هوندي. ساڳيءَ طرح هو ادب ۽ فن کي سياست کان ڌار ڏسڻ نہ ٿو چاهي. جنهن ادب ۽ فن ۾ حق ۽ سچ جي ڳالهہ نہ هوندي، جيڪو ادب ۽ فن مظلوم ۽ حق جو طرفدار ناهي، جيڪو ادب ۽ فن عوام جي ويري قوتن ۽ مفادن جي تصوراتي ۽ ثقافتي روين جي نظام تي سَنڌائتا وارَ نہ ٿو ڪري، جيڪو ادب ۽ فن عوام جي جذبن جي حُسناڪيءَ جو ترجمان ناهي، جيڪو ادب ۽ فن عوام خلاف آپريٽ ڪندڙ تصورن، قدرن، روين، مفادن ۽ قوتن، نظامن ۽ عقيدن جي تاجي پيٽي جا بکيا نہ ٿو اُڌيڙي، جيڪو ادب ۽ فن عوام جي زنده دليءَ، بهادر جذبن جي پاڪيزگيءَ، رومانس، حسرتن، المين، ڏکن، خوشين ۽ خوابن جي ترجماني نہ ٿو ڪري، اهو بہ پس و پيش ان جي ويري قوتن جي ناجائز مفادن جي ڪم اچي ٿو. رسول بخش پليجي جو فڪري ۽ روحاني تعلق علم، ادب، فن، فڪر ۽ عمل جي ان قبيلي سان آهي، جيڪو رڳو دنيا کي سمجهڻ ۽ ان جي علمي يا ادبي اظهار کي ڪافي نہ ٿو سمجهي. هو تاريخ جي ان قبيلي جو تسلسل آهي، جيڪو دنيا کي بدلائڻ کي وڏي ڳالهہ سمجهي ٿو ۽ رڳو بدلائڻ جي خواهش کي وڏي ڳالهہ نہ ٿو



www.sindhsalamat.com

سمجهي پر ان لاءِ پنهنجن سمورن ذهني، فڪري، علمي، سماجي، سياسي، تخليقي ۽ روحاني وسيلن سان مسلسل جدوجهد ڪرڻ ڪي دنيا تي ڪو احسان نہ پر پنهنجي معمول جي فرض ادائيگي سمجهي ٿو ۽ اها جدوجهد اڪيلي سر بہ گهربل نتيجا ڏئي نہ ٿي سگهي. هو سياست کي ان همہ گير جدوجهد لاءِ ساٿ کي منظم ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو. لطيف سائين چيو آهي:

هيڪِليُون هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندي ٿُوڻِ،
اِي اَهُڪي پُوڻِ، سُونهَن رِءَ نہ سُتِري.

**(لطيف)**

رسول بخش پليجي پنهنجي شعوري اوُسر جي هڪ ڏاڪي تي اهو چڱيءَ طرح محسوس ڪري ۽ سمجهي ورتو هو تہ اهو طويل سفر ساٿ کانسواءِ سولو نہ آهي. هن سمجهي ورتو هو تہ سنڌ کي هڪ اهڙي منظم ۽ سگهاري پارٽيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا روايتي سياست جو ڪاج نہ بڻجي، جيڪا وڏيرن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مفادن جي مطيع نہ هجي، جيڪا عوام پرستيءَ ۽ قومپرستيءَ جي ڪوڙي ڏيکاءُ جو شڪار نہ ٿئي پر جيڪا عوام جي ڏاڪي بہ ڏاڪي تربيت ڪري ۽ قومي مفادن لاءِ هڪ منظم اداري طور ڪم ڪري. عوامي تحريڪ ان ئي سوچ جي سفر جو عملي روپ آهي، جنهن کي بيشڪ سنڌي سماج جو هڪ سگهارو سياسي ادارو سڏي سگهجي ٿو. سندس ئي چواڻي تہ عوامي تحريڪ سنڌ کي جيڪي فائدا ڏنا اهي تہ پنهنجي جاءِ تي پر ان گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ جا جيڪي نقصان گهٽايا آهن، انهن جو ڪاٿو لڳائڻ تي بہ تحقيق ٿيڻ گهرجي. ان ڪري وڏي ۽ جائز اعتماد سان چئي سگهجي ٿو تہ رسول بخش پليجي جو هڪ وڏو سياسي ڪارنامو هڪ نئين قسم جي سياست، سياسي رويو ۽ سياسي ڪلچر متعارف ڪرائڻ آهي. ان سياست جو هڪ Case Study طور اڀياس ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ بہ گهرجي.

**عوامي جدوجهد جي سائنس کي علمي طور متعارف ڪرائڻ:**

مان رسول بخش پليجي کي عوامي جدوجهدن جو سُونهون ئي نہ پر هڪ مفڪر سمجهندو آهيان. جيئن چرچل چيو هو تہ جنگ ايڏو حساس معاملو آهي جو اهو جرنيلن جي حوالي نہ ٿو ڪري سگهجي، تيئن عوامي جدوجهدون بہ ايڏو حساس معاملو آهن، جو انهن کي مهم جُو سوچ ۽ رويي جي حوالي نہ ٿو



www.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي. تاريخ ۾ چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ان ميدان تي ڏڪُ کائي ويا. جدوجهد ۾ مهم جُوئي پنهنجي ذات جي ڪيفيت يا جذبي جي تسڪين جو معاملو آهي. اها جدوجهد جا گهربل نتيجا ڏئي نه ٿي سگهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها گهڻو وقت جٽاءُ نه ٿي ڪري سگهي. عوامي جدوجهدون تمام نازڪ معاملو آهن. رسول بخش پليجي عملي طور انهن ٻن ڳالهين جو تمام گهڻو لحاظ پڻ رکيو آهي. هڪ ته سواءِ ڪن مخصوص غير معمولي حالتن جي عوامي جدوجهد جمهوري انداز سان ۽ پُرامن هئڻ گهرجي. فلسطين، ڪشمير يا هاٽي عراق يا اهڙن مخصوص مثالن جي صورتحال مختلف آهي. جڏهن پُرامن جمهوري جدوجهد لاءِ ٻي ڪابه واٽ نه ڇڏي وڃي ته پوءِ هٿياربند يا گوريلا جنگ اٽتر ٿي پوي ٿي. پر جن حالتن ۾ پُرامن جمهوري جدوجهد لاءِ ميدان سازگار هجي ٿو اُتي حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اها هڪ بهتر ۽ وڏيڪ جٽادار واٽ آهي، جنهن مان نسبتاً وڌيڪ گهربل نتيجا ملي سگهن ٿا. ٻيو ڪاڻ ته هڪ ته اُها جٽادار آهي، ڊگهو هلي سگهي ٿي ۽ ٻيو ته ان ۾ وسيع تر عوام جي عملي شرڪت جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن. مهم جوئيءَ سان وقتي طور تڪڙا چال ڏئي سگهجن ٿا ۽ ڪي عارضي نتيجا به حاصل ڪري سگهجن ٿا پر ان سان جدوجهد تسلسل سان اڳتي نه ٿي وڃي سگهي، سواءِ اتي جتي عوام وٽ مهم جوئيءَ کان سواءِ ٻي ڪابه واٽ نه هوندي آهي. ان ڪري ڪن مخصوص حالتن کانسواءِ عوامي جدوجهد جو پُرامن جمهوري انداز ئي جٽادار آهي ۽ دشمن کي ڏاڪي به ڏاڪي گوڏن ڀِرِ ويهاري سگهي ٿو.

عوامي جدوجهد جي حوالي سان پليجي صاحب جو ٻيو اُصول اهو رهيو آهي ته جدوجهد جا فارم عوام جي سياسي سگهه ۽ تربيت جي ڏاڪي سان ٺهڪندڙ هجن. جي عوام جي سگهه ۽ سمجهه کان جدوجهد جا فارم اڳتي وڌيل (Advance) هوندا، ته به جدوجهد ناڪام ويندي ۽ جي جدوجهد جا فارم عوام جي سمجهه ۽ سگهه کان گهٽ درجي ۽ سطح جا هوندا، تڏهن به جدوجهد اڳتي وڌي نه سگهندي. ان ڪري عوامي جدوجهد جي سائنس جي لحاظ کان عوام جي سطح، سگهه ۽ جدوجهد جي فارم ۾ توازن ۽ هم آهنگيءَ جو هجڻ نهايت ضروري آهي. گانڌيءَ جي سوچ، فڪر ۽ سياست سان ماڻهو ڪٽي ڪهڙا به اختلاف رکي پر ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته عوامي جدجهد جي حوالي سان سياستدان ئي نه پر وڏو غير روايتي حڪمت عملي ساز به هو. هن کي خبر هئي



www.sindhsalamat.com

تہ هندستان جو عوام ڏٺي، لڳاتار ۽ گهڻي خطرن واري جدوجهد نہ ڪري سگهندو، اهو بار هڪ واپاري ۽ نفعي خور سماج جي سياسي ڪلهن ڪان ڳرو آهي. ان ڪري هن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهڙا فارم ايجاد ڪيا، جن اهنسائي طريقن، بک هڙتالن جهڙن بظاهر ننڍڙين پيش قدمين سان ڪروڙين عوام کي متحرڪ ڪري، کين هڪ غير معمولي قوت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ پاٽيءَ جي مسئلي جو مثال وٺي سگهجي ٿو. سنڌ جي پاٽيءَ جي ڪيس کي عوامي سطح تي هڪ وڏو اشو بڻائڻ ۾ رسول بخش پليجي جو بنيادي ڪردار رهيو آهي. اها ڳالهہ تہ سنڌس مخالف بہ مڃيندا. ان ۾ بہ سنڌس حڪمت عملي ساڳي رهي آهي. رسول بخش پليجو عوامي راءِ کي غير معمولي سياسي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ جو وڏو هنرمند ۽ سماجي انجنيئر آهي. اڄ سنڌ جو ٻچو ٻچو پاٽيءَ جي سوال تي واضح آهي، ۽ اسلام آباد جي ارادن جي نڙيءَ ۾ ڦاٿل ڪنڊو آهي. اهڙا ٻيا انيڪ مثال ان ڏس ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا.

**حالتن سان ٺهڪندڙ درست سياسي حڪمت عمليون ٺاهڻ:**

ٽين دنيا جي جمهوري، قومي ۽ عوامي تحريڪن جي سياسي پس ماندگيءَ جو هڪ بنيادي سبب حڪمت عملين جي سائنس کان اڻ واقفيت بہ آهي، حڪمت عملي جنگ، واپار توڙي سياست جي دنيا جو هڪ اثرائتو هٿيار آهي ۽ پس مانده سماجن جون اڪثر تحريڪون ايڊوانس علم ۽ هنر کان وانجهيل هونديون آهن. رسول بخش پليجي جو ڪامريڊ مائوءَ کان گهڻو متاثر هجڻ جو راز مون کي تڏهن سمجهہ ۾ آيو جڏهن مون حڪمت عمليءَ کي هڪ سبجيڪٽ طور پڙهيو ۽ ان ڪانپوءِ مائوءَ کي وري پڙهيو. پليجو صاحب هڪ اعليٰ پايي جو اسٽريٽجڪ ڄاڻو آهي ۽ مائو تہ هن علم ۽ هنر جو وڏو عالمي استاد آهي. حڪمت عمليءَ جي سائنس اوائلي زماني ۾ گهڻي ڀاڱي جنگ ۾ ڪتب ايندي هئي ۽ جيئن تہ چيني جنگ جي فن جا هزارن سالن کان ماهر آهن، ان ڪري حڪمت عملين جو فن سندن سرشست ۾ موجود آهي. سن زوءَ کان مائوءَ تائين چين تاريخ جا عظيم ترين حڪمت عملين جا ماهر پيدا ڪيا. رسول بخش پليجي گهڻو اڳ اهو سمجهي ورتو هو تہ هيءَ جنگ رڳو آدرشن، نظرين ۽ سادين خواهشن سان نہ ٿي وڙهي ۽ کٽي سگهجي. حڪمران طبقن کي عوام کي دوکو ڏيڻ، سندن وسيلا ڦرڻ ۽ مٿن راڄ ڪرڻ جو توڙي



www.sindhsalamat.com

طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جو صدين جو نہ پر هزارين سالن جو تجربو آهي. ان جي پيٽ ۾ سخت پسمانده، غير منظم، نِبل ۽ هيٺين طبقن ۽ قومن جو تجربو رڳو ڦرجڻ، لُٽجڻ، ظلم سهڻ، رضا تي راضي رهڻ ۽ خود فريب اُميدن ۽ آسرن جو آهي. ان ڪري جيستائين اُهي منظم نہ ٿيندا، طاقت ۾ تبديل نہ ٿيندا ۽ حڪمت عملين سان اڳتي نہ وڌندا تيسين سندن قسمتن ۾ قيامتون برپا هونديون ۽ سندن خواهشون ديواني جو خود فريب خواب هونديون. جنگ ۽ جدوجهد ۾ درست ۽ محتاط حڪمت عملين کان سواءِ سوپارو ٿيڻ تہ ڇا پر اڳتي وڌي بہ نہ ٿو سگهجي.

سنڌ جي سياست ۾ پليجي صاحب جو هڪ وڏو حصو گذريل ڇئن ڏهاڪن کان سمورن حساس موقعن تي درست حڪمت عمليون ڏيڻ رهيو آهي. هي اهو ڪردار آهي جنهن کي اسٽريٽجڪ اڳواڻي چئبو آهي. ڪهڙي اِشوءَ کي ڪيئن کڻجي، اِهو ڏانءُ پليجي صاحب کان سکڻ گهرجي. خاص طور تي هو مؤقف جي بيهڪ ۽ پيشڪش جو وڏو ماهر آهي. وڏيءَ هنرمنديءَ ۽ تخليقي انداز سان اهڙيون فارموليشنز ناهيندو ۽ اُهي اهڙيءَ اثرائتي حڪمت عمليءَ سان پيش ڪندو جو ماٺهو پنهنجي ڳالهہ بہ وزنائتي انداز ۾ رکي ۽ دشمن کي دفاعي پوزيشن ۾ آڻي ڇڏي. مثال طور موجوده پاڪستان جي نفي ڪرڻ لاءِ اِها فارموليشن تہ هي جناح وارو پاڪستان ناهي، اسان کي اُهو سيڪيولر ملڪ گهرجي، يعني هڪ ڌڪ سان دشمن دفاعي پوزيشن ۾. ايم ڪيو ايم کي سڀ کان اڳ ۾ دهشتگرد پليجي صاحب ڪوٺيو ۽ اڄ سڄي ملڪ ۾ سندن نسبت سان اهو اصطلاح استعمال ٿئي ٿو. جنرل مشرف جي اقتدار تي قبضي جي ڪجهہ ئي مهينن ۾ هن چيو تہ هي ايم ڪيو ايم جو ماٺهو آهي، اڄ هر ڪو اها ڳالهہ تسليم ڪري ٿو. هن شروع کان چيو تہ ڪرمنل ۽ ڀتي خور قومپرست ٿي نہ ٿا سگهن. اُهي سڌي توڙي اڻ سڌيءَ ريت ڪم ايجنسين ۽ اسٽيبلشمينٽ جو ڪندا. اڄ قومپرستيءَ جي نالي ۾ سياست جي ڪرمنلائزيشن جا نتيجا اسان جي سامهون آهن. جي غور ڪبو تہ پليجي صاحب جي ٻولي بہ اسٽريٽجڪ آهي. هن جا محاورا، تشبيهون، استعارا، اصطلاح سڀ اسٽريٽجڪ هوندا آهن. انڌا اونڌا ويچ، صبح ٿيندو، ڌراڙن جا ڌَڪَ، ڳالهيون ڳنوارن جون، واٽون ويهہ ٿيون، سنڌي ذات هنجن جهڙن فڪري ۽ پاليسي نوعيت جي ڪتابن جي ٻوليءَ تي غور ڪبو تہ سڄي ڳوٺَ ڀَڄي پوندي. هن جي جرحَ، حملي، دفاع ۽ وار جو



www.sindhsalamat.com

انداز اسٽريٽجڪ هوندو آهي. هن جي اسٽريٽجڪ حملي مان جيڪو بچي نڪتو سو جڻ نئون جائو. هن جي اڪيلي سر ايترن محاذن تي پرپور ۽ مسلسل جنگ ۽ جدوجهد جو راز ئي هن جو حڪمت عمليءَ جو اعليٰ شعور، ڄاڻ ۽ هنر آهي.

**هيٺين طبقي جي قيادت کي اڳيان آڻڻ:**

سنڌ جهڙي سماج ۾ جتي سياست جي اڄي ڪاري جو مالڪ دهشتگردن، سرمائيدارين ۽ وڏيرن کي بڻايو ويو آهي، اُتي عوامي تحريڪ ئي آهي، جنهن ۾ توهان کي بنهه هيٺين طبقي جا هاري ۽ محروم طبقن جا ماڻهو اڳواڻ صفن ۾ نظر ايندا. هيٺين طبقي جي مفادن جي ڳالهه ڪرڻ هڪڙي ڳالهه آهي پر ان مان سياسي قيادت پيدا ڪرڻ منهنجيءَ نظر ۾ وڏو ڪم آهي. پليجي صاحب رڳو پورهيت طبقن جي ڳالهه نظرياتي طور ڪئي ناهي پر پنهنجي سياسي زندگيءَ جو وڏو حصو انهن طبقن جي ماڻهن سان ساٿ ۾ گڏ گذاريو آهي. هو پاڻ به هڪ فڪري ۽ سياسي پورهيت آهي. هو هڪ وڏو اڳواڻ آهي پر زندگيءَ ۾ هليو هڪ ڪارڪن جيان آهي ۽ پاڻ کي سڏيندو به ڪارڪن آهي. مون ڏٺو آهي ته هن کي روحاني خوشي شهرن ۾ مڊل ڪلاس يا مٿين طبقي جي ماڻهن سان اُٿڻ ويهڻ بجاءِ ڳوٺن ۾ پورهيت طبقي سان ويهڻ، رهاڻيون ڪرڻ ۽ سندن ساٿ ۾ ملندي آهي. هو صرف عوام جي ڳالهه ڪندڙ دانشور يا اڳواڻ ناهي پر عوام سان حقيقي طور پيار ڪندڙ اڳواڻ آهي.

**پورهيت عورتن کي سياست جي اڳواڻ دستي طور اڳيان آڻڻ:**

منهنجيءَ نظر ۾ پليجي صاحب جي سموري زندگيءَ جي غير معمولي ڪارنامن ۾ هڪ اهم ترين ڪم پورهيت طبقي جي عورتن کي قومي، عوامي، جمهوري تحريڪ جي هڪ اڳواڻ دستي طور اڳيان آڻڻ آهي. هي عورتون مظلوم طبقن جي اندر وري سڀ کان مظلوم طبقو يا حصو آهن. ان ڪري سندن خود مختياريءَ ۽ سگهاري ڪردار کانسواءِ مظلوم طبقن ۽ قومن جو ڇوٽڪارو عملي طور نه ته ممڪن آهي ۽ نه اهو ڪا معنيٰ رکي ٿو. ٻيو ته جنهن جدوجهد ۽ ساٿ ۾ عوام جو اڌ حصو شامل نه هوندو، ان کي نه ته نمائنده عوامي جدوجهد سڏي سگهجي ٿو ۽ نه ان جي ڪا اخلاقي ثابتي آهي. تيئن ته عورتن کانسواءِ مظلوم طبقن ۽ قومن جي قومي، جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد ڪنهن طور به ڪامياب وڃي، اهو ممڪن نه آهي. شهري بيگمات جون سماجي



www.sindhsalamat.com

تنظيمون ميڊيا يا سماجي ميدان تي اڪثر ظاهر ٿينديون آهن پر سنڌياڻي تحريڪ جهڙي پورهيت عورتن جي سگهاري ۽ بهادر نظرياتي سياسي تنظيم سنڌ ۾ ڇا سموري پاڪستان ۾ نظر نہ ايندي. اها تنظيم پليجي صاحب جي ئي تخليقي انقلابي ذهن ۽ فڪر جي پيداوار آهي. ڏهہ ڏهہ هزار ڳوٺاڻن ۽ پورهيت عورتن جو هڪ جهنڊو، نعري ۽ نظريي ۽ تنظيم هيٺ منظم ٿي جلسن، جلوسن ۽ لانگ مارچن ۾ شريڪ ٿيڻ اسان جهڙي سماج ۾ ڪنهن سياسي معجزي کان گهٽ نہ آهي.

## (3) رسول بخش پليجي جا ادبي ۽ فني ڪارناما:

پليجي صاحب جي ادبي حيثيت سندس فڪري ۽ سياسي حيثيت جيتري ئي مٿانهين آهي. هو بنيادي طور ادب ۽ فن جي مٿيءَ مان ڳوهيل ماڻهو آهي. ادب هن جي هڪ ڀرپور سڃاڻپ آهي. سندس ذات ۽ اميج جو بيو ڪوبہ حوالو ڪائنس سندس ادبي سڃاڻپ کسي نہ سگهيو آهي. هو سياسي ميدان تي هجي يا سماجي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾، ادب هن جي زندگيءَ ۾ مسلسل انسپائريشن جو ذريعو ۽ سندس فڪر جي اُڏام توڙي اندر جي اُٿل جو بي ساختہ تخليقي ذريعو آهي. پليجو صاحب ادب ۽ فن ڪانسواءِ ائين آهي، جيئن مڇي پاڻيءَ ڪانسواءِ، خاص طور تي شاعري، افسانن، ناولن، ناٽڪن ۽ تنقيد سان سندس روح جون تندون ۽ پٽيهہ دليون آهن. پليجي صاحب جي ڪابہ محفل، ڪچهري يا گڏجاڻي، ادب، شاعري ۽ راڳ ڪانسواءِ توهان کي وِرلي ملندي. هن جي ادبي پورهيي تي گهٽ قلم کنيو ويو آهي. اچو تہ سندس ادبي ڪارنامن تي هڪ مختصر پر گهري نظر وجهون.

**ادب بابت ترقي پسند نظريي کي نئين ۽ تخليقي انداز سان پيش ڪرڻ:**

جنهن دؤر ۾ پليجي صاحب ادب جي دنيا ۾ پير پاتو تڏهن ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ پنهنجي عروج تي هئي. خاص طور تي ڪائنس ڪجهہ ڏهاڪا اڳ اردو ادب ۾ ان جو اوُج هو. سنڌي ادب ۾ جن چند آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ادبي اسڪالرن ۽ اديبن ترقي پسند فڪر کي نئين سر متعارف ڪرايو، انهن ۾ هڪ نمايان ڪردار پليجي صاحب جو بہ آهي. پنهنجي سموري افسانوي ۽ غير افسانوي ادب، سوين ڇا هزارين تقريرن ۽ ليڪچرس ذريعي هن ادب ۽ فن بابت پنهنجو ترقي پسند نقط نظر هميشہ واضح پئي ڪيو آهي. نہ رڳو هن سنڌي



www.sindhsalamat.com

ادب ۾ ترقي پسند نقط نظر کي متعارف ڪرائڻ لاءِ جاکوڙيو پر ان کي تخليقي انداز سان پيش پڻ ڪيو.

**ادب ۾ فڪري تنقيد جي روايت کي اڳتي وڌائڻ:**

تنقيدي شعور انساني شعور جي سڀ کان مٿانهين صورت آهي. فلسفي ۽ سائنس جهڙا شعبا ۽ علم انسان جي تنقيدي شعور جي ئي پيداوار آهن. اهو ساڳيو شعور جڏهن ادب جهڙي لطيف شعبي ۾ پنهنجو تخليقي اظهار ڪري ٿو تہ ان کي ادبي تنقيد چيو ويندو آهي. انساني فڪر جي تاريخ ۾ ارسطوءَ کي ادبي تنقيد جو ابو سڏيو ويندو آهي، جنهن ادب جي پرک بابت ”بوطيقا“ جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو. ان کانپوءِ جيئن جيئن انسان جو علم، تجربو، ادراڪ، ڏاهپ اُسريا آهن، تيئن تيئن انسان جي پرک جي اک جي زاوين جو دائرو وسيع ٿيندو ويو آهي. اها ساڳي وُسعت ادبي تنقيد جي ميدان ۾ بہ آئي آهي. اڄ ادبي تنقيد جي ڪيترن ئي زاوين جي مختلف حوالن سان درجہ بندي ڪئي وئي آهي. ادب جي لسانياتي تنقيد، سماجي تنقيد، جمالياتي تنقيد، سياسي تنقيد، فني تنقيد، فڪري تنقيد وغيره. ادبي تنقيد جي انهن سمورين ڌارائن ۾ فڪري تنقيد دراصل ادب جي قدرن، تصورن، نظرين ۽ فلاسافيڪل بنيادن جي پرک ڪري ٿي. سنڌي ادب ۾ فڪري تنقيد جي روايت مختلف حوالن سان اڳ بہ هئي پر ان روايت کي بلوغت تي جيڪو نقاد وٺي آيو اهو رسول بخش پليجو هو. اڃا بہ ائين ڪٿي چئجي تہ ترقي پسند نقط نظر کان سنڌي ادب ۾ فڪري تنقيد جي روايت کي پختو ڪرڻ ۾ پليجي صاحب جو ادبي ڪردار سڀن کان نمايان آهي. اچو تہ ان جي ڪجهہ مثالن تي غور ڪريون.

(الف) ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي جيڪا لهر اُڀري، ان جو سنڌي ادب ۾ مُهندار شيخ اياز هو. رجعت پسند اديبن ۽ شاعرن جي ٽولي سيني طرفن کان اياز تي ادبي ۽ فڪري حملا ڪرڻ شروع ڪيا تہ هن جي شاعري الحاد ۽ ڪفر جي شاعري آهي. ان ٽولي جو اصل مقصد اياز جي بهاني سموري ترقي پسند ادبي روايت کي اُٿندي ئي چيپاڻي ڇڏڻ هو. جنهن لاءِ هنن وَسان نہ گهٽايو. ان دؤر ۾ يار محمد ابن حيات پنهور ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ کانپوءِ جنهن ادبي نقاد رجعت پسندن جي جاهلاڻي تنقيد جا بکيا اُڌيڙي مٿن حتمي فڪري وار ڪيو اهو رسول بخش پليجو هو. وڏيءَ علميت،



www.sindhsalamat.com

اُتاهہ ادبي ادراڪ ۽ فڪري گهرائيءَ سان لکيل هن جي شاهڪار مقالي ”انڌا اونڌا ويچ“ کي سنڌي ادب ۾ جڻ تہ هڪ ڪلاسڪ جو درجو حاصل آهي. ”انڌا اونڌا ويچ“ رجعت پسندن کي ادب ۾ فڪري طور گوڏن ڀر ويهاري ڇڏيو. سنڌي ادب ۾ رجعت پسند ٽولو ”انڌا اونڌا ويچ“ ڪانپوءِ چڙهيو ئي ڪونہ.

(ب) سٺ جي ڏهاڪي ۾ ساڳيو رجعت پسند ٽولو ”پيغامِ لطيف“ ۽ ”جيئڻ ڏنو آهہ مون“ جهڙا ڪتاب لکڻ سبب سائين جي ايم سيد تي ڏمرجي پيو. سڄيءَ سنڌ ۾ وني سندس خلاف فڪري طور محاذ کڙو ڪيائون تہ سيد ڪافر ۽ ملحد آهي. اڪيچار پمفليٽ ۽ مضمون لکيا ويا. ان حساس موقعي تي بہ رسول بخش پليجي جي اندر جو ڪميٽيڊ فڪري نقاد هو جنهن اڳتي وڌي ان ساڳئي ٽولي جا عملي ۽ فڪري طور ڏند کٽا ڪيا. هن سيد جي فڪري بچاءُ ۾ مضمون لکي رجعت پسند ٽولي کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. مون کي پليجي صاحب پاڻ ٻڌايو تہ جڏهن سيد اهو مضمون پڙهيو هو تہ ڪيس نراڙ تي چُمي ڏئي جڻ تہ پنهنجو خراج تحسين پيش ڪيو هئائين. ان دؤر جون لکڻيون ۽ جهونا دانشور اها ساک ڏيندا تہ رسول بخش پليجو ان دؤر ۾ سنڌي ادب توڙي سياست ۾ ترقي پسندن جي فڪري ڍال بڻيل هو.

(پ) ستر ۽ اَسيءَ جو ڏهاڪو سنڌي ادب ۾ وري نوان چئلينج کڻي آيو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ مغربي دنيا ۾ جيڪو خوف، احساساتي ويڳاڻپ ۽ بي يقينيءَ جو ماحول جڙيو، ان ادب ۾ بہ بي معنويت، بي مقصديت ۽ فڪري وائڙائپ جي هڪ لهر آندي. دلچسپ ڳالهہ تہ ان ادبي ۽ فڪري وائڙائپ کي ”جدت“ جو نالو ڏنو ويو. ان ادب جو ڪارج سواءِ ان جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو تہ عوام کي بتال ڪجي، ماڻهوءَ جو زندگيءَ جي حُسناڪين ۽ جستجوءَ مان ويساهہ کڻائجي، آدرش ۽ انساني قدرن جي نفي ڪجي. زندگيءَ بدران موت کي رومانيت جو رنگ ڏجي، جدوجهد بدران فرار جي وڪالت ڪجي، اميد بدران اويساهيءَ، قنوطيت ۽ مايوسين جا مانارا ٺاهجن. ظاهر آهي تہ ڦورو، ظالم ۽ حڪمران طبقا تہ ان لباڙ جو اثر قبول ڪندا ڪونہ. جو نہ هنن وٽ ان لاءِ وقت آهي ۽ نہ سندن احساس اهڙا تي سگهن ٿا. جڏهن اختيار، اقتدار، وسيلا ۽ حاڪميت سڀ وٽن آهن، تہ پوءِ ڇا لاءِ مايوس ٿيندا ۽ اويساهيءَ جي خودفريبي ڪندا! ڏئي وني اهو ادب عوام جو فڪري سِر رُلائيندو ۽ حڪمران طبقن جي ناجائز حاڪميت ۽ ڦرلٽ جي کي سَگهہ بخشيندو. جي عوام



www.sindhsalamat.com

سجاڳ نہ هجي، باشعور ۽ زندھ ضمير نہ هجي، منظم ۽ بهادر نہ هجي، پر اُميد ۽ جدوجهد جي ميدان تي نہ هجي، صحيح تصورن ۽ خيالن وارو نہ هجي، بااعتماد ۽ سگهارو نہ هجي، جهالت ۾ بڌل ۽ رضا تي راضي هجي، مايوس، واڙو ۽ بتال هجي تہ پوءِ حڪمران طبقن کي ٻيو ڇا گهرجي؟ ۽ جي اهو ”نيڪ“ ڪم ادب کان وٺي سگهجي تہ پوءِ ڪين ڪهڙي لهر ڪهڙو لوڏو؟ ستر ۽ اَسيءَ جي ڏهاڪن ۾ ادب جي ناليءِ ۾ ان زهريلي روش کي ’جديد ادب‘ سڏيو ويو ۽ اهڙا لاڙا سنڌي ادب ۾ بہ گهڙي آيا. جيڪو تي گهران رُنو سو جديد اديب تي سڏيو ويو. جنهن اديب جي ڪهاڻين، افسانن، ناولن، مضمونن، شعرن ۾ جيتري مايوسي، فراريت، بي يقيني، قنوطيت ۽ زندگيءَ مان ويساھ کڻائڻ جي روش وڌيڪ، اهو اوترو ئي وڏو جديد اديب ۽ شاعر تي سمجهيو ويو. اهڙي نازڪ دؤر ۾ هڪ دفعو وري اهو رسول بخش پليجي جو قلم هو جنهن سنڌي ادب ۾ ”سندي ذات هنجن“ جهڙو ٻيو شاهڪار ڪتاب لکيو. سائين محمد ابراهيم جويي انهيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن کي نثر جو لطيف ۽ سنڌي ادب جو ترگنيف ڪوٺيو. ”سندي ذات هنجن“ ادبي تنقيد ۽ پرک جو فڪري حوالي سان پنهنجي دؤر جو وڏو ادبي ڪارنامو هو. ٻاڳواريون آهن اُهي ٻوليون جن ۾ ان معيار جا ڪتاب لکجن ۽ شايع ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اهو ڪتاب ”جديديت“ وارن حلقن ۾ سخت تڪراري بہ بڻيو جيڪو بنهہ اٽتر هو پر ان ڪتاب پنهنجي دؤر تي ادبي ۽ فڪري حوالي سان غير معمولي اثر ڇڏيا. هونئن بہ ادبي تنقيد جو ڪتاب تہ لکبو ئي تڪرارن جي حوالي سان آهي. ان ڪري اِهو ٻنهي ڌرين لاءِ قبوليت جوڳو تہ ٿي سگهي نہ ٿو. اهڙي ادب جو رجحان سنڌي ادب ۾ سنڌ سان گڏ هند ۾ بہ هو. اسان جي دوست شيام جئہ سنگهاڻيءَ جي ڪتاب ”ڪندڙ“ تي پليجي صاحب جي تنقيد هڪ الڳ شاهڪار آهي. پليجي صاحب ادب جي ناليءِ ۾ بدحواسيءَ جي ان لهر جو فڪري ڇيد ڪري ان جا بنياد لوڏي ڇڏيا. سنڌي ادب ۾ اهو رجحان وري ان اعتماد ۽ فخر سان ڪَرُ کڻي نہ سگهيو.

(ت) پليجو صاحب ادبي، فڪري، سياسي ۽ علمي معاملن ۾ ذاتي لاڳاپن کي ڪڏهن بہ خاطر ۾ نہ آڻيندو آهي. شيخ اياز جنهن جو ادبي طور سڄي زندگي پليجي صاحب دفاع ڪيو اهو جڏهن پنهنجي آخري دؤر ۾ وڃي عقيدت پرستيءَ جو شڪار ٿيو تہ سندس ان فڪري لاڙي تي ڀرپور تنقيدي



www.sindhsalamat.com

آڳر رسول بخش پليجي ڪنئي. حالانڪ اياز بابت اهڙن خدشن جو اظهار پليجو صاحب پنهنجي ڪوٽ لکپت جي ڊائريءَ ۾ اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ اڳ ئي ڪري چڪو هو. هن اياز جي ان عقيده پرستيءَ ۽ هندي آميز ٻوليءَ جي ڪمزورين توڙي فني طرح تنقيد جي حوالي سان ڪيترائي مضمون لکيا، جيڪي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا. معياري تنقيد ڪنهن به تخليقڪار کي گهٽ نہ ڪندي آهي پر سندس پرک جي سفر کي اڳتي وڌائيندي آهي. اياز صاحب جا عقيدي پرست ادبي مُريد مٿس مڇرجي پيا پر هن هميشہ جيان ڪوبہ ناجائز دٻاءُ قبول نہ ڪيو ۽ پنهنجي ڳالهہ رڪارڊ تي آندي. ادب ۾ تقليد تخليق جو موت آهي ۽ تنقيدي شعور تقليد جو ويري آهي. پليجي صاحب جا ادبي تنقيدي مضمون هڪ دفعو وري ادبي ۽ فڪري حلقن ۾ وڏي بحث جو موضوع ۽ فڪري تحريڪ جو سبب بڻيا ۽ اهو ئي فڪري تنقيد جو وڏي ۾ وڏو ڪارج هوندو آهي.

**تخليقي ۽ وَڏَ وجهندڙ ٻوليءَ جو لهجو تخليق ڪرڻ:**

رسول بخش پليجي جا تخليقي ڪارناما رڳو ڪهاڻين، افسانن، مضمونن ۽ سياسي فڪر تائين محدود ناهن. هو پنهنجي هر رنگ ۾ هڪ غير معمولي تخليقي ماڻهو آهي. ادب توڙي سياست ۾ رسول بخش پليجي پنهنجي فڪر انگيز ٻوليءَ جو هڪ نرالو لهجو ۽ اسلوب تخليق ڪيو. پليجي صاحب جي لکڻين توڙي گفتگوءَ ۾ هن جو ڊڪشن هن جو پنهنجو تخليق ڪيل آهي. هن جي ڪنهن لکڻيءَ تي سندس نالو نہ بہ هجي پر ماڻهو پڙهي سمجهي ويندو تہ اهو قلم رسول بخش پليجي جو آهي. هن جي ٻوليءَ ۾ توهان کي هر جاءِ تي نوان نوان اصطلاح ملندا، جيڪي خاص طور هن جي تخليق هوندا آهن. هن جون تشبيهون، استعارا، اشارا، اصطلاح نہ رڳو نِيارا ۽ پنهنجا تخليق ڪيل هوندا آهن پر انهن جو استعمال بہ نرالو ۽ منفرد هوندو آهي ۽ اهي سڀ شيون گڏجي هن وٽ ٻوليءَ جو هڪ نئون لهجو تخليق ڪن ٿا. تنقيد ۾ هن جي ٻولي بنهہ ڪاٽَ واري ۽ وَڏَ وجهندڙ هوندي آهي. هو ٻوليءَ سان دشمن کي زخمي نہ ڪندو آهي، مٿس قاتلاڻو حملو ڪندو آهي. هن جي ٻوليءَ جي ضرب مان ڪو بچي ويو تہ جڻ نئون جائو. هن وٽ توهان کي Status Quo جي وچٽري، ڦِڪي، سرد ۽ جهيڻي ٻولي نہ ملندي. ٻولي پليجي صاحب وٽ هڪ ثقافتي ۽ سماجي هٿيار آهي،



www.sindhsalamat.com

جنهن جو هن هميشھ بي خوفيءَ سان استعمال ڪيو آهي. هن ڪي جيتري هن نظام ڪان، ان جي ڪوڙهيل قدرن سان، پسمانده تصورن ۽ روين سان، ڦورو ۽ ظالم طبقن سان، سندن حاڪميت، برتريءَ ۽ ناجائز مفادن سان شديد نفرت آهي، سندس ٻولي ان نفرت جو تخليقي اظهار آهي. نفرت پنهنجو تخليقي اظهار ٻوليءَ ۾ ڪيئن ڪري سگهي ٿي، ان جو زندھ مثال رسول بخش پليجي جي ٻولي آهي. جيئن هو پاڻ فڪري مصلحت نہ ڪندو آهي، تيئن هن جي ٻولي بہ هن جيان هٿيلي ۾ تلوار جي تکي ڌار جيان تيز هوندي آهي. ٻولي بہ دراصل ماڻهوءَ جي اندر سندس فڪر جي گهرائيءَ ۽ اُڏام، سندس آدرشن، تصورن، روين، سندس محبتن ۽ نفرتن، سندس مقصدن ۽ منزلن جي ترجمان هوندي آهي. سنڌ ۾ گهڻي ڀاڱي مشهور قومي نعرا پليجي صاحب جا ٺاهيل آهن، هو نعرن ٺاهڻ جو بادشاھ ڪاريگر آهي. حالتن سان ٺهڪندڙ دشمن جي سگهہ جي ديوارن ۾ ڏارَ وجهندڙ نعرا ٺاهڻ بہ هڪ وڏو نازڪ ۽ تخليقي ڪم آهي. غير معمولي نعرا ٺاڻبن جيان هوندا آهن، جيڪي جتي اُڇلائبا آهن، اهو هنڌ سڙي رک ٿي ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي وڏي اسڪالر ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي بہ پليجي صاحب جي ڪهاڻين جي ڪتاب ”پسي ڳاڙها گل“ جي مهاڳ ۾ سندس تخليقي ٻوليءَ جي وڏي واکاڻ ڪئي آهي.

**لطيف شناسيءَ جو نئون بنياد وجهڻ:**

لطيف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو وڏي ۾ وڏو موضوع آهي. صدين تائين تہ لطيف جهالت واري عقيدي پرستيءَ جي چپ هيٺ دٻيل رهيو. لطيف هڪ مفڪر، شاعر ۽ ڏاهو رهبر آهي. هو ماڻهن جي گهڻائيءَ لاءِ هڪ پير ۽ درگاهي اولياءُ هو ۽ ڪنهن حد تائين بدستور آهي. ڪيترا زمانا تہ هن کي شاعر سمجهڻ بہ هن جي توهين سمجهي ٿي وئي. اسان جهڙن پس مانده سماجن جي اِها وڏي بدنصيبي ٿئي ٿي جو اُهي پنهنجن املھ ماڻڪن جي پرک ۽ پروڙ ڪان محروم رهن ٿا.

”پـــاڻيءَ مٿـــي جهـــوپڙا، مُـــورک اُڃ مـــرن“

(لطيف)



www.sindhsalamat.com

لک شابسون هجن ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي کي جنهن لطيف کي هڪ شاعر طور ڪنيو ۽ سندس دؤر جي تاريخي حالتن تي لکيو. اهو لطيف جو چڱ ته ڀرپور تعارف هو. ان کان اڳ ٽرمپ رسالو سهيڙي چڪو هو پر سڌيءَ طرح لطيف شناسيءَ ڏانهن ڀرپور وِکَ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کنئي، جنهن لطيف کي هڪ شاعر طور متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ اهو هڪ بِنهه ابتدائي نوعيت جو ڪم هو، جيڪو هو مڪمل به نه ڪري سگهيو پر بهرحال انهن مخصوص حالتن ۾ اهو هڪ وڏو ۽ غير معمولي ڪم هو. ان کان پوءِ لطيف شناسيءَ ڏانهن ٻي وِکَ سائين جي ايم سيد جو ڪتاب "پيغامِ لطيف" هو. اها ڀرپور ڪوشش هئي، جنهن ۾ لطيف کي سنڌ جو قومي شاعر ڪري پيش ڪيو ويو هو ۽ هن جي فڪر کي سنڌي عوام جي ٻڌيءَ، آزاديءَ ۽ جدوجهد جو بنياد بڻائڻ لاءِ شعوري ڪوشش ڪئي وئي. پنهنجي دؤر ۾ ان ڪتاب جو وڏو اثر ٿيو ۽ گربخشاڻيءَ کانپوءِ لطيف جو ٻيو ۽ نئين انداز جو ڀرپور تعارف ٿيو. گهڻ ۾ گهڻ سنڌ جي روشن خيال عوام ۽ ادبي توڙي سياسي حلقن وٽ لطيف هاڻي ڪنهن پير ۽ اولياءُ بجاءِ هڪ قومي شاعر، مفڪر ۽ سنڌ جي قومي وحدت جي علامت هو. پيغامِ لطيف انهن مخصوص حالتن ۾ سنڌي ادب توڙي فڪري حوالي سان هڪ وڏو ڪارنامو هو. جيتوڻيڪ ان کانپوءِ لطيف تي مختلف حوالن سان علامه قاضيءَ، تنوير عباسيءَ، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر الانا ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن لکيو آهي پر لطيف شناسيءَ ڏانهن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ جي ايم سيد کانپوءِ ٽين ڀرپور فڪري وِکَ رسول بخش پليجي کنئي. هن جي ادبي نقاد ۽ پارکُوءَ هڪ نئين لطيف کي دريافت ڪيو. انقلابي جدوجهد جو فڪري سرواڻ لطيف، عوامي جدوجهد جو سُونهون لطيف، عوام تي رحم ڪائيندڙ نه پر عوام کي رومانويت جي سونهن بخشيندڙ لطيف، زندگيءَ جي سمورن پاسن بابت نيون راهون ڏسيندڙ نوان رويا، تصور ۽ ڪردار تخليق ڪندڙ لطيف، زندگيءَ جي سفر جي "ڳُجهه ڳُجهاندر ڳالهڙين" جا مُنجهيل سُٽَ سُلجهائيندڙ ڏاهو ڏاتار لطيف آهي. جيتوڻيڪ هن لطيف تي لکيو گهڻ آهي پر هن جا لطيف تي سوين ليڪچر ۽ تقريرون رڪارڊ تي محفوظ آهن. شيخ اياز به لکيو هو ته هو جڏهن لطيف جا بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون پليجي صاحب جي زباني ٻُڌندو آهي ته هن کي ائين لڳندو آهي جڻ اُهي بيت



www.sindhsalamat.com

هو پهريون پيرو ٻُڌي رهيو هجي. پليجو صاحب سدائين مون کي چوندو هو ته ڪانئس لطيف تي هڪ پورو ڪتاب لکرائڻ منهنجو اولين ادبي ۽ فڪري فرض آهي. هو هن دؤر جو لطيف جي ٻوليءَ ۽ فڪر جي وڏي ۾ وڏو پارکو ۽ شارح آهي. اصل ۾ پليجو صاحب بنيادي طور عالمي ادب ۾ شاعريءَ جو خاص طور عالمي سطح جو ڄاڻو آهي. هن کي ساڳئي وقت انگريزي، فارسي، هندي، سنسڪرت، پنجابي، سرائيڪي، پشتو اردو ۽ سنڌي ٻولين جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي عبور حاصل آهي. شاعري هن جو خاص موضوع آهي ۽ ان جي فڪري ۽ فني پرک هن جو پيشه ورانه ڪم رهيو آهي. پليجي صاحب جي لطيف شناسيءَ ۽ لطيف جي شاعريءَ سان بي پناهه عشق جو بنيادي سبب هن جو عالمي شاعريءَ جي اٿاهه ڄاڻ آهي. هو جڏهن لطيف کي انقلاب ۽ عوامي جدوجهد جي خيال کان دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿو سمجهي ۽ سڏي ته ان جو سبب هن جي شاعريءَ بابت عالمگير ۽ اُٿاهه ڄاڻ آهي. هن جي نظر ۾ لطيف رڳو سنڌ نه پر سموري انسانذات ۽ خاص طور ٽين دنيا جي مظلوم طبقن ۽ قومن جو ويچ ۽ سونهون شاعر آهي. هو پاڻ کي به عالمي سائنسي سماجي فڪر سان گڏوگڏ لطيف جي فڪر جي پيداوار ڪوٺيندو آهي.

جڪرا! جيئن شال، تنهنجو ڳنين مَدو مَٺان،
جيئن تو اچي ڪالَ، نالائق نوازيا.

**سنڌي ٻوليءَ ۾ سياسي ادب کي متاهين ڏاڪي تي وٺي وڃڻ:**

جيئن ذميوار عوام دوست سياست ڪانسواءِ ڪوبه سماج اُسري ۽ اڳتي وڌي نه ٿو سگهي، تيئن معياري، روشن خيال ۽ عوام دوست سياسي ادب ڪانسواءِ عوام ۽ ڪابه قوم يا معاشرو ذهني طور بالغ ٿي نه ٿو سگهي. دنيا ۾ اعليٰ معيار جي سياسي ادب کي ان ٻوليءَ ۽ سماج جي بلوغت جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. سنڌي ٻولي پاڪستان جي ٻين ٻولين کان ان ميدان ۾ ڪجهه اڳڀري رهي آهي. حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، محمد ابراهيم جويي ۽ علي محمد راشدي ورهاڱي کان اڳ ئي سياسي ادب جي ميدان ۾ قدم رکي چڪا هئا، خاص طور تي ان دؤر ۾ حيدر بخش جتوئي ۽ جي ايم سيد جي لکيل سياسي پمفليٽن، مضمونن، مقالن سنڌ جي سڄاڻ حلقن ۾ سُني مڃتا ماڻي. راشديءَ جو ”فريادِ سنڌ“ جيتوڻيڪ شروع ۾ اردوءَ ۾ شايع ٿيو پر سُتت ئي سنڌيءَ ۾ شايع ٿيو ۽ بيحد مقبول ٿيو. سائين جويي صاحب جو شاهڪار



www.sindhsalamat.com

ڪتاب "Save Sindh Save the Continent" هو تہ انگريزيءَ ۾ پر سنڌ جي خود مختياريءَ جي سوال بابت هو ۽ ان جو مهاڳ ان زماني ۾ ئي سنڌيءَ ۾ شايع ٿيو. ان زماني ۾ فڪري سياسي ادب جا ترجما بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيڻ لڳا. برڪت علي آزاد جو پرنس پيٽرڪر پوٽڪن جو جڳ مشهور مقالو "نوجوانن ڏانهن" جو سنڌي ترجمو شايع ٿيو جنهن جو سنڌ جي سجاڳ حلقن جي ڪيترن ئي نسلن تي اثر رهيو. نورالدين سرڪيءَ ٽالسٽاءِ جو "نيٺ ڇا ڪجي؟" جو ترجمو ڪيو. جيڪو ادبي بورڊ شايع ڪيو. ائين ڪيترن ڪتابن جا حوالا ڏئي سگهجن ٿا. رسول بخش پليجي سٺ جي ڏهاڪي ۾ لکڻ شروع ڪيو پر هو پاڻ سان گڏ پنهنجو سوچ جو انداز لکڻ جو اسلوب ۽ سياسي توڙي فڪري روين جو ڍنگ ڪٽي آيو. جيتوڻيڪ هن سياسي ادب جي ميدان ۾ پير دير سان پاتو. اوائلي دؤر ۾ هن ادبي خط، تنقيدي تبصرا، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا. جن جا موضوع خالص ادبي هئا. ون يونٽ جي زماني ۾ هن سياسي ادب لکڻ شروع ڪيو. مان سندس اوائلي زماني جون سياسي ۽ فڪري لکڻيون پڙهي حيران ٿيندو آهيان تہ اُن زماني ۾ هن جي ٻولي، لهجو دليل، انداز ۽ رويا ساڳيا هئا. ون يونٽ جي زماني ۾ ڇپايل اڪثر پمفليٽ پليجي صاحب جا لکيل آهن. عوامي تحريڪ جو بنياد وجهڻ ڪانپوءِ هن "تحريڪ" رسالو جاري ڪيو. تحريڪ رسالو سنڌي ٻوليءَ ۾ سياسي ادب جو مهندار رسالو هو. هي پنهنجي دؤر جو واحد رسالو هو جيڪو سنڌ جي لکيل پڙهيل ماڻهن سان گڏ سنڌ جا سياسي شعور رکندڙ هاري بہ پڙهندا هئا. تحريڪ ۾ شايع ٿيل مواد جو ڳوٺن ۾ رکيل سياسي ڪچهرين ۾ گڏيل مطالعو ٿيندو هو. خاص طور تي تحريڪ جي سموري دؤر ۾ پليجي صاحب جا لکيل ايڊيٽوريل ان دؤر جي تاريخ جا تجزياتي ماخذ آهن. جيڪي اڳتي هلي "ڏاڙهن جا ڏک" ۽ "ڳالهيون ڳنوارن جون" جي نالي سان شايع ٿيا. انهن ڪتابن جي ٻولي، ان ۾ ڪيل تجزيا، تنقيدون، تجويز ڪيل حل ۽ سنڌ بابت Vision پليجي صاحب جي غير معمولي سياسي بصيرت جا آئينہ دار آهن. "صبح ٿيندو" پليجي صاحب جو اهم ترين نظرياتي سياسي ڪتاب آهي. جيڪو پڻ عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل سياسي ڪارڪنن ۾ سياسي نصاب طور پڙهيو ويندو هو ۽ جنهن جا اڪيچار ايڊيشن پڌرا ٿيا. ڪتابن کان علاوه پليجي صاحب جا سوين نظرياتي ۽ پاليسي سطح جا سياسي مضمون سنڌي اخبارن



www.sindhsalamat.com

۾ گذريل ويهن سالن کان لڳاتار شايع ٿيندا رهيا آهن. جن ۾ هر دؤر ۾ هن سنڌي عوام کي نازڪ مرحلن ۾ سجاڳ پئي ڪيو آهي ۽ سندن جدوجهد لاءِ راهون هموار پئي ڪيون آهن. جيترو سياسي ادب پليجي صاحب لکيو آهي، اوترو ۽ ان سطح جو سياسي ادب، سنڌ ته ڇا پاڪستان ۾ ڪابہ ٻئي درجي ڪنهن دانشور يا سياسي اڳواڻ وِرلي لکيو هوندو.

## (4) رسول بخش پليجي جا سماجي ڪارناما:

سماجي انقلاب سياسي ۽ معاشي انقلاب کان وڌيڪ ڏکيو ۽ پيچيده عمل آهي. ڇاڪاڻ ته سماجي رويا، قدر ۽ تصور صدين ۾ ٺهن ٿا ۽ اهي ثقافتي طور ماڻهن جي زندگيءَ جو حصو ٿي وڃن ٿا ۽ توڙي جو اُهي پس و پيش عوام جي مفاد ۾ نہ هوندا آهن پر ان باوجود اهي عوام جي تحت الشعور جو حصو ٿي لاشعوري طور پنهنجو سماجي اظهار ڪن ٿا. سياسي يا معاشي پسماندگيءَ جي پيٽ ۾ سماجي پسماندگيءَ جون پاڙون اونهيون ۽ صدين ۾ کُتل هجن ٿيون. ان ڪري ماڻهوءَ جي سياسي ۽ معاشي روين ۾ تبديلي، سماجي تبديليءَ جي پيٽ ۾ نسبتن گهڻي آسان آهي. ماڻهو آسانيءَ سان پنهنجون سياسي وفاداريون بدلائي سگهن ٿا. معاشي سرگرميون تبديل ڪري سگهن ٿا پر سولائيءَ سان پنهنجا سماجي رويا، تصور ۽ قدر نہ ٿا مٽائي سگهن. ڇاڪاڻ تہ گهڻي ڀاڱي اهو انفرادي مسئلو نہ آهي. فرد سماجي طور نظر نہ ايندڙ بندشن، رشتن، مفادن، تصورن، قدرن ۽ روين جي تاڃي پيٽي ۾ سوگهو ٿيل آهي، جنهن جو آسانيءَ سان اتان آزاد ٿيڻ ممڪن نہ آهي. ان ڪري سماجي انقلاب ۽ Status Quo جي خلاف سماجي جرئت لاءِ ماڻهوءَ کي غير معمولي شعور گهرجي. سماجي روين ۽ ڍانچن جي پوري نظام ۾ بنيادي تبديلي اعليٰ درجي جي سائنسي سماجي شعور کانسواءِ ممڪن نہ آهي.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پليجي صاحب جي اهم ترين ڪارنامن ۾ هن جا سماجي ڪارناما آهن، جن کي روايتي اک ڏسي، محسوس ڪري ۽ پرکي نہ ٿي سگهي. جيئن سماجي تبديلين لاءِ اعليٰ شعور گهرجي، تيئن انهن تبديلين کي سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ بہ گهري سمجهہ گهرجي. اچو تہ پليجي صاحب جي حوالي سان ان جي ڪجهہ مثالن تي غور ڪريون:

**انقلابيت ۽ ترقي پسنديت جو سماجي روين سان اظهار ڪرڻ:**



www.sindhsalamat.com

مون پليجي صاحب سان طويل ساٿ ۾ ڪيس نهايت ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي تہ هو سماجي طور هن معاشري جو فرد ئي نہ آهي. هن جا سماجي رويا، تصور ۽ قدر هن معاشري جي سماجي نظام جي بنهہ اُبتڙ آهن. رسول بخش پليجو عملي طرح پنهنجي تصور ۽ شعور جي سماج ۾ رهي ٿو. هو پاڻ چوندو آهي تہ هن جي انقلابي هجڻ جو وڏو ۽ بنيادي سبب هن جي سماج جي نظام کان اٿاهہ نفرت آهي. هو پنهنجي سمورن سماجي روين ۾ هن سماج کان ڌار نہ بلڪ ان جي اُبتڙ ۽ هر وقت ان جي نفي ڪندي نظر ايندو. هن جي انقلابيت ۽ ترقي پسنديت رڳو فڪر، ادب ۽ سياست تائين محدود نہ آهي. هو ان جو اصل ۽ عملي اظهار پنهنجي سماجي روين سان ڪندو آهي. مون هن کي حقيقي طور هڪ تبديل ٿيل ماڻهو محسوس ڪيو آهي. هو سماجي طور پنهنجي شعور جي روين ۽ قدرن جي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو آهي. ان لحاظ کان هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ ماڊرن ماڻهو آهي. هن جي سمورين لکڻين، تقريرن ۾ ليڪچرس ۾ سنڌ لاءِ اهڙي سماجي تبديليءَ ۽ انقلاب جا خواب نظر ايندا. پليجي صاحب جي انقلاب جو تصور بنيادي طور آهي ئي سماجي. هو زبان ۽ قلم سان جنهن ”انقلاب“ جي ڳالهہ ڪري ٿو. هو عملي طور پاڻ ان جو مثالي نمونو آهي. رسول بخش پليجو هن سماج کي ايترو جلد بدلائي نہ ٿو سگهي تہ هي سماج بہ هن کي پنهنجي آڏو ڪمپرومائيز لاءِ مجبور نہ ٿو ڪري سگهي. غلامين جي انيڪ دائرن ۾ مقيد هن سماج ۾ رسول بخش پليجو حقيقي معنيٰ ۾ هڪ آزاد شخص آهي ۽ اهو آزاديءَ جو پاڳ هن جي جهوليءَ ۾ هن کي هن جي غير معمولي شعور، علم، بهادريءَ ۽ ڏاهپ وڌو آهي. پليجو صاحب لطيف لاءِ بہ عجيب ڳالهہ ڪندو آهي. هو چوندو آهي لطيف ان ڪري عظيم آهي جو هن جا سماجي رويا سنڌي سماج جي اُبتڙ ۽ ان جي نفي ڪندڙ آهن. واقعي لطيف بہ ائين هو، نہ تہ ڪو بہ روايتي شاعر سهڻيءَ کي سُورمي ڪري پيش ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري ها. لطيف جا سمورا ڪردار پنهنجي سماج جي سماجي طور نفي ڪندڙ آهن ۽ هڪ نئين سماج لاءِ جديد روين جا بنياد وجهندڙ آهن. ان ڪري حقيقت اها آهي تہ مان پليجي صاحب جي اصل انقلابيت ۽ ترقي پسنديت هن جي سماجي روين ۾ ڏسندو آهيان. سماجي انقلابيت، سياسي ۽ معاشي انقلابيت کان هزار دفعا



www.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڏکيو ۽ پيچيده ڪم آهي ۽ اهو ئي دراصل ڪنهن جي انقلابيت ۽ ترقي پسنديت جي پرک جو پيمانو به آهي.

**پنهنجي سموري خاندان کي سياست ۾ آڻڻ:**

پليجو صاحب سياست بابت جيڪي تصور رکي ٿو ۽ جنهن قسم جي سياست ڪري ٿو هن جي چوويهه ڪلاڪ اها ڪوشش هوندي آهي ته سنڌ جو ٻچو ٻچو اُها سياست ڪري. هو هر وقت پنهنجن سمورن ساٿين ۽ دوستن کي اُتساهيندو آهي ته اُهي پنهنجي سموري خاندان کي ان سياست ۾ شامل ڪن. خاص طور تي عورتن کي هن سڀ کان اول اهو مثال پاڻ قائم ڪيو. هو پاڻ رول ماڊل ٿيو. پليجي صاحب پنهنجي سموري خاندان کي سياست ۾ شامل ڪيو. اڪثر سياستدان چاهيندا آهن ته سندن اولاد مراعتن لاءِ ته سياست ۾ هجي پر جي ڏکيو وقت هجي ته اُهي هن شعبي کان پري رهن. مون هن کي پنهنجي اولاد کي سدائين وطن دوست ۽ عوام دوست سياست لاءِ تلقين ڪندي ڏٺو آهي. هن پنهنجون پيٽون، پائٽيون، پاٽيجيون، سياست جي ميدان تي آنديون. جيجي زرينه سندن گهر واري آهي ۽ هن سدائين سياسي طور پليجي صاحب جو ساٿ ڏنو. ون يونٽ نافذ ٿيو ته اختر بلوچ حيدرآباد ۾ بک هڙتال تي ويٺي. اُن زماني ۾ ڪنهن نوجوان سنڌياڻيءَ جو بک هڙتال تي ويهڻ وڏي ڳالهه هو. پليجي صاحب جون پيٽون ايم آر ڊيءَ ۾ جيلن ۾ ويون. هن پنهنجين پيٽن ۽ ڇوڪرين کي نه رڳو ڳائڻ جي اجازت ڏني پر پاڻ ان لاءِ هميشه اُتساهيو ۽ هنن سدائين قومي ڪاڄن ۾ اسٽيج تي وڏي فخر سان ڳايو آهي. اهڙو مثال سنڌ ته ڇا پاڪستان جي سياست ۾ وِرلي نظر ايندو.

**اعليٰ شعور، ڪردار ۽ معيار جا نوان ماڻهو پيدا ڪرڻ:**

پليجي صاحب جو هڪ غير معمولي سماجي ڪارنامو اعليٰ شعور، ڪردار ۽ معيار جا نوان ماڻهو پيدا ڪرڻ رهيو آهي. مان هن کي هڪ مڪمل ۽ ڇُرندڙ پُرندڙ يونيورسٽي سڏيندو آهيان. ماڻهن جي تربيت ڪرڻ، ماڻهن جا رويا بدلائڻ، کين اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهڻ، منجهن علم سان محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ، کين روايتن سان بغاوت ڪرائڻ، کين جدوجهد لاءِ تيار ڪرڻ هن جو جڻ ته هڪ قسم جو پيشه ورانه ڪم آهي. ماڻهو هن جي ور چڙهي ۽ "بچي" نڪري، ان جا امڪان تمام گهٽ هوندا آهن. هو ماڻهوءَ کي تبديل ڪرڻ لاءِ اُتساهه جو اهڙو ڇار اُڏندو جو ماڻهوءَ جي قاسڙ تي دل پئي چوندي. باقي بي



www.sindhsalamat.com

عمل ماڻهو هن کي ڏسي گهڻي متاثر ٿيندا آهن. رسول بخش پليجو هڪ انسان ساز فيڪٽري آهي، هو سماجي جانور کي انسان بڻائڻ جو هنر ڄاڻي ٿو. جنهن ماڻهوءَ ۾ به هن کي اهڙي مٽيا ۽ چڻنگ نظر ايندي، هو ان تي وڏو پورهيو ڪندو آهي. ڪيس ڪتاب ڏيندو، ڪچهريون ڪندو، ان تي نظر رکندو، مٿس مسلسل تنقيد ڪندو، ڪيس اتساهه ڏيندو ۽ ماڻهوءَ کي خبر ئي نه پوندي ته ڪو هن سان ڪا ”ڪارروائي“ ٿي رهي آهي. اِها خبر ته هن پارکوءَ ۽ ويجَ کي هوندي آهي ته ماڻهوءَ کي روايتي انسان مان ڦيرائي نئون انسان ڪيئن ٺاهجي؟ اها خوبي مون پليجي صاحب کانسواءِ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ۾ به ڏٺي آهي. سنڌ جي تمام گهڻن ماڻهن جي تربيت پنيان سنڌ جي هنن ٻن ڏاهن جو هٿ رهيو آهي. ٻنهي جو طريقو پنهنجو پنهنجو آهي پر رويو ساڳيو آهي. مون پليجي صاحب کي ٻارن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪچهريون ڪندي ڏٺو آهي. هو انساني ذهن جي تبديليءَ کي ”انقلاب“ جو وڏي ۾ وڏو ذريعو سمجهي ٿو ۽ هن سڄي ڄمار ان حوالي سان سيڙپ پڻ ڪئي آهي.

**هڪ عجيب شخص:**

رسول بخش پليجو هڪ انسان آهي، هن ۾ به انيڪ انساني ڪمزوريون آهن. هن جي فڪر، ڪردار ۽ سياست تي تنقيد به ٿي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ به گهرجي پر سندس شخصيت ۾ ڪارنامن جي انهن سمورن پاسن تي غور ڪري ماڻهو بس حيران ئي ٿي سگهي ٿو. ڪنهن هڪ شعبي ۾ ماڻهو وڏي مهارت حاصل ڪري سگهي ٿو يا وڏا ڪم ڪري سگهي ٿو پر ايترن گهڻن شعبن ۾ ايڏي مهارت ۽ ايترو اڻ ورچ پورهيو هڪ اُتساهيندڙ ئي نه پر هڪ وڏو حيرت ۾ وجهندڙ عنصر به آهي. ائين ئي ماڻهو هن عجيب شخص جي حياتيءَ، علم، ڏاهپ، تخليقي سگهه، اتساهه ۽ جدوجهد ڀوڙي ڪارنامن کي ڏسي حيران ئي ٿي سگهي ٿو. هو واقعي به هڪ عجيب و غريب شخص آهي. هن جي ڪابه ذاتي زندگي ناهي، هن جا ڪي به ذاتي رشتا ناهن، هن جا ڪي به ذاتي دوست ناهن، هن جون محبتون ۽ نفرتون ذاتي بنياد تي ناهن. هو آهي اڳواڻ پر هلندو ڪارڪنن وانگر، هو آهي عالم ۽ اسڪالر پر سکندو شاگردن وانگر. هو آهي هڪ جديد ترين انسان پر لڳندو ڳوٺاڻو ۽ روايتي ماڻهو. هو هوندو هجومن سان گڏ پر نظر منفرد ايندو. مايوسين جي گهيري ۾ هلندي اُتساهه جا



www.sindhsalamat.com

آبشار وهائيندو. مون ساڱس ٻن ڏهاڪن جي ساٿ ۾ ڪڏهن بہ ڪيس ٿڪل، مايوس، ويڳاڻو اندر ۾ جهُريل، ورچي ويٺل ۽ ڪمزور نہ ڏٺو آهي. خود قياسيءَ جو لفظ هن جي لغت ۾ ئي ڪونهي. رسول بخش پليجو سچ پچ بہ هڪ عجيب و غريب شخص آهي. هن جو فڪر، علم، ادراڪ، پورهيو ۽ پنڌ سنڌ جي ايندڙ نسلن ۽ دؤرن لاءِ جڻ تہ هڪ غير معمولي سيڙپ آهي. اَمُلهہ موڙي ۽ وِٿُ آهي، اُن اَملهہ سيڙپ، مُوڙيءَ ۽ وِٿُ جو قدر ۽ ان جي سنڀالَ اسان جو ۽ اسان جي ايندڙ نسلن جو فرض آهي.

جڪـــــرو جَـــسَ ڪـــرو، ٻيــــا مڙئـــــي ميــــر،
متـــــي ان خميـــــر، اصــــل هئـــــي ايتـــــري.

(لطيف)

---

**رسول بخش پليجي جي ڪتاب "سياسي ادب ـ جلد پهريون" جو مهاڳ – 2005ع**

# هو جيڪو عجيب هو!

گهڻي زماني کان دل ۾ سڌ هئي تہ ذوالفقار علي ڀُٽي تي ڪجهہ لکان. جيتوڻيڪ مان ذاتي طور نہ ڪڏهن بنيادي طور پ پ جو حمايتي رهيو آهيان ۽ نہ وري سياسي طور ان سوچ جو حامي آهيان، جنهن جي پاڪستان ۾ مُهندار پ پ پ آهي. تنهن هوندي بہ مون کي زندگيءَ ۾ جيڪي شخصيتون پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود بيحد دلربا محسوس ٿينديون آهن ۽ جن بابت تصور ذهن ۾ آڻڻ سان اتساهہ، حيرت ۽ فخر جا جذبا جاڳندا آهن، اُنهن ۾ ذوالفقار علي ڀُٽو هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. هونئن بہ منهنجي خيال ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جهڙي غير معمولي ۽ جينيس شخص کي فقط ڪنهن هڪ پارٽيءَ، خطي، قوم يا ملڪ تائين محدود يا مشروط ڪرڻ هن سان وڏي زيادتي ٿيندي. ذوالفقار علي ڀٽو بہ انساني تاريخ جي ان ”قبيلي“ جو فرد هو جنهن تي فخر ڪرڻ، جن سان پيار ڪرڻ ۽ ڪائنئن اتساهہ وٺڻ جو حق سموري انسانذات کي ڪنهن بہ نظرياتي، سياسي، قوميتي ۽ علائقائي مت ڀيد کان سواءِ ملڻ گهرجي. دنيا ۾ جينيس ماڻهن جا بظاهر پيل تہ شعبا، ڪارناما، قومون، ٻوليون، مقصد ۽ محرڪ الڳ الڳ، مختلف ۽ ڪن حالتن ۾ متضاد ٿي چو نہ هجن پر انهن جو قبيلو ساڳيو ٿئي ٿو ۽ اهي پس و پيش انسانذات جي گڏيل وِرثُ ٿين ٿا. جينيس ۽ تاريخ جا يگانا ماڻهو پيل تہ سائنس جي شعبي ۾ هجن يا سياست ۾، اهي عظيم شاعر هجن يا فلسفي ۽ دانشور، اهي بهادر سورما هجن يا فنڪار، سندن ”قبيلو“ هڪ ئي ٿئي ٿو ۽ اهو آهي، دنيا جي يگانن ۽ عظيم ماڻهن جو قبيلو. آمريڪي فيلسوف ۽ سائنسدان فرتجف ڪيپرا پنهنجي ڪتاب”غيرمعمولي ڏاهپ“ (Uncommon Wisdom) ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ ڏاڍو خوبصورت جملو چيو آهي تہ: ”The are swimming in the same occean!“ (هو ساڳئي سمنڊ جا تيراڪ آهن.)

هر ماڻهو زندگيءَ ۾ پاڻ سان انيڪ روپ ۽ ڪردار گڏ کڻي هلي ٿو. اهي روپ ۽ ڪردار ڪڏهن هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ هم آهنگ هوندا آهن. ڪڏهن مختلف ۽ ڪڏهن تہ اهي بنهہ متضاد بہ هوندا آهن ۽ اهو سڀ فطري آهي. خاص



www.sindhsalamat.com

طور غير رواجي ۽ وڏن ماڻهن ۾ ته اهو فرق ۽ تضاد ٿِهائين وڌيڪ هجي ٿو ۽ ان سان انهن ڪردارن جي اهميت ۽ وڏائي گهٽ نه پئي ٿئي، جيڪي ماڻهو سائنسي ۽ فلسفيانه سوچ رکن ٿا. انهن کي خبر آهي ته شيون ساڳئي وقت هڪ جهڙيون به هونديون آهن ته متضاد به ۽ اهو عين فطري آهي. هڪ جهڙائي ۽ تضاد فطرت جي وڏي مادي حقيقت آهي. اها ڳالهه فطرت جي مادي لقائن سان گڏ ان جي ذهني، روحاني ۽ داخلي دنيائن سان به لاڳو آهي، جن ۾ انساني شخصيتون به اچي وڃن ٿيون. دنيا جا عظيم ترين ماڻهو به هڪڙين نسبتن سان ته عظيم هجن ٿا پر ٻين نسبتن سان ساڳيا ماڻهو ڪٿي عام رواجي هجن ٿا ته ڪٿي ان کان به هيٺين سطح تي هجن ٿا، پر سندن ڪردار جي ڪٿ جزوي طرح نه پر مجموعي حوالي سان ڪبي آهي. مثلن هڪڙو غالب اهو هو جيڪو پنهنجي شاعريءَ ۾ دنيا کي ٻارن جي راند (بازيچہ اطفال) سڏيندو هو ٻيو غالب اُهو هو جيڪو چند ٽڪن خاطر حڪمرانن دربارن جا چڪر هڻندو هو باده خواريءَ لاءِ خوار ٿيندو هو. ايئن شاعرن کان وٺي سائنسدانن تائين ۽ فلسفين کان وٺي فنڪارن تائين سڀ عظيم ماڻهو پنهنجي اندر متضاد ڪردار رکندا آيا آهن. بلڪل ايئن هڪڙو ذوالفقار علي ڀٽو اُهو هو جنهن جا جانشين هاڻي جيالا وجي بچيا آهن ۽ جنهن سان شايد پاڪستان جي تاريخ جي گهڻي ۾ گهڻي محبت ۽ نفرت ڪئي وئي آهي، پر ٻيو ذوالفقار علي ڀٽو اُهو هو جنهن جي مان ڳالهه ٿو ڪريان. اهو ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو مدبر ۽ اهلِ دل هو جيڪو بهادر ۽ حَسين هو جيڪو تاريخدان نه پر تاريخ ساز هو اُهو ڀٽو جنهن جهڙو ماڻهو هڪ لحاظ کان سنڌ، پاڪستان ۽ ننڍي کنڊ به اُن دور ۾ ورلي پيدا ڪيو هجي. اهو ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو "ايبنارمل" هو. هر جينيس هڪ حد تائين ايبنارمل هجي ٿو جو فقط نارمل ماڻهو مخصوص دائرن کان ٻاهر نڪري نه سگهندا آهن.

زندگيءَ ۾ هر وڏي ڪم ۽ ڪردار لاءِ هڪ خاص ذهني قوت، روحاني ۽ وجداني عنصر گهرجي ٿو جنهن کي ڀٽائي "ٻيو فهم" سڏيو آهي ۽ مان ان کي "ايبنارملٽي" سڏيان ٿو. ذوالفقار علي ڀُٽي جي سڄي زندگيءَ تي نظر وجهجي ٿي ۽ سندس زندگيءَ جي ڪارنامن، سنگين غلطين ۽ خواهشن جون ڪڙيون ملائجن ٿيون ته هو اسان کي واقعي به هڪ "ايبنارمل" ۽ عجيب و غريب انسان نظر اچي ٿو. مثلن ذوالفقار علي ڀٽو ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تي ته



www.sindhsalamat.com

گهڻو پوءِ اُپريو. پر هن کي ننڍي هوندي کان وٺي پنهنجي وڏي ماڻهو هجڻ جو پورو پورو احساس هو. وولپرٽ هن بابت لکيو آهي تہ:

"Zulfi had always considered himself to be a member of the topest of Indo –Pakistan society."*

يا مثلن جڏهن هو ڪيليفورنيا ۾ برڪلي پڙهندو هو. تڏهن سائنس گڏ پڙهندڙ دوستن جو چوڻ آهي تہ هو شروع کان پاڻ کي هندستان جو وارث سڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ هڪڙن ماڻهن کي زندگيءَ جي آخر تائين پنهنجي غير معمولي هئڻ جو احساس نہ ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ اُهي تمام وڏا ماڻهو هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ان جي اُبتڙ هڪڙن ماڻهن ۾ ايڏي تہ ذهني، روحاني ۽ وجداني سگهہ هوندي آهي، جو ڪين وقت کان گهڻو اڳي پنهنجي غير معمولي داخلي قوتن ۽ وڏائيءَ جو احساس ٿي ويندو آهي. ان ڪري پهرين ماڻهن ۾ هميشہ پنهنجي نفيءَ جو احساس رهي ٿو اهڙن ماڻهن کي نفسيات جي ٻوليءَ ۾ انٽروورٽ چيو ويندو آهي. جڏهن تہ ان جي اُبتڙ پوين ماڻهن ۾ حد کان وڌيڪ خوداعتمادي ۽ انا جو عنصر هوندو آهي. ذولفقار علي ڀٽو بہ اهڙو شخص هو جنهن کي پنهنجي غير معمولي هجڻ جو احساس ۽ اعتماد ٻاروتڻ کان ئي هو ۽ ڀُٽي جهڙي انا جو مثال اوير جهڙن معاشرن ۾ اسان کي گهٽ نظر ايندو. هن جي انا ڪا روايتي ۽ ٺلهي وڏيرڪي انا نہ هئي پر هڪ اهڙي خوداعتماديءَ واري غير معمولي انا هئي، جيڪا تاريخ ۾ تمام ٿورن ماڻهن ۾ نظر ايندي آهي. هن جو شهادت قبولڻ جو فيصلو پڻ ان "انا" جو مظهر هو. جيئن مون مٿي چيو تہ ڀٽو پنهنجيءَ شخصيت ۽ ذات ۾ هڪ عجيب و غريب ماڻهو هو ايترو عجيب و غريب جو ڪڏهن ڪڏهن هن جي شخصيت ۾ شاعرانہ- مسٽري نظر اچي ٿي. ذوالفقار علي ڀٽو جيڪڏهن سياستدان نہ هجي ها تہ يقينن ڪو وڏو شاعر هجي ها. هن جي شخصيت، مزاج جي دلربائي، ذهني نفسيات پسندي ۽ حُسن بيني توڙي هن جون تقريرون، تحريرون، زندگيءَ ڏانهن رويا ۽ آدرش ڏسي ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نٿو رهي تہ سياستدان ۽ ڊپلوميٽ ذوالفقار علي ڀُٽي جي روح جي رڳ رڳ ۾ شاعري سمايل هئي، جي هو شاعر نہ بہ هجي ها ۽ هن کي گهربل حالتون ميسر هجن ها تہ هو يقينن ڪو وڏو جنگي سورمو هجي ها. هن کي ساڳئي وقت شيڪسپيئر، ڪامريڊ مائو ۽ نيپولن بونا پارٽ بيحد وڻندا ۽ اتساهيندا هئا. جيتوڻيڪ

* (ڪتاب Zulfi Bhutto of Pakistan، باب 3، ص 27)



www.sindhsalamat.com

بظاهر اهو هڪ تضاد نظر اچي ٿو پر اهو تضاد ئي هن جي شخصيت کي غير معمولي ۽ غير رواجي بڻائي ٿو. ذوالفقار علي ڀُٽي جي شخصيت بہ گهڻن حوالن سان پنهنجي اندر عجيب و غريب تضاد رکندڙ هئي. اهي تضاد ڪٿي اسان کي بيحد معصوم ۽ وڻندڙ نظر اچن ٿا تہ ڪٿي بنهہ اڻ وڻندڙ ۽ اڻ سونهندڙ. هن جي شخصيت جي تضادن جي ڪهاڻي بہ عجيب و غريب آهي، جنهن ذوالفقار علي ڀُٽي جي خود اعتماديءَ تي دنيا رشڪ ڪندي هئي، ان بابت جڏهن سندس زال نصرت ڀٽو کان پڇيو ويو تہ هن چيو "ڀٽو بيحد شرميلو ماڻهو هو." جيتوڻيڪ اهو بظاهر عجيب ۽ ناممڪن نظر اچي ٿو تہ غير معمولي ڊپلوميٽڪ اعتماد رکندڙ هڪ شخص ذوالفقار علي ڀٽو ساڳئي وقت شرميلو بہ هجي. حقيقت ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جي شخصيت ٻن متضاد مزاجن جي تصادم جو نتيجو هئي. هن جو دماغ، سياسي سوچون ۽ سماجي محرڪ بنيادي طرح اولهہ جا هئا ۽ هن جي دل اوپر جي حساس ۽ وجداني مٽيءَ مان ڳوهيل هئي. هو جڏهن ڪيليفورنيا ۽ آڪسفورڊ ۾ پڙهندو هو تہ هن جي اندر ۾ تڏهن بہ ننڍو کنڊ ۽ اوپر زندهہ هئا. هن کي جناح ۽ نهروءَ جون شخصيتون اتساهينديون هيون. ساڳيو ڀٽو جڏهن پاڪستان ۽ ايشيا جي محفلن ۾ ڳالهائيندو هو تہ نہ رڳو هن جون سياسي سوچون اولهہ جي جمهوري انقلابن جون آئينہ دار هونديون هيون، پر هن جا دلپسند ڪردار نيپولن بونا پارٽ ۽ مائو هوندا هئا. ذوالفقار علي ڀٽو ان لحاظ کان بہ عجيب ماڻهو هو جو هڪ طرف تہ هن سان بي انتها ۽ بي لوث محبتون ڪيون ويون ۽ پاڪستان ۾ هن جيتري محبت شايد ئي ڪنهن سان ڪئي وئي هجي، پر جن هن سان زندگيءَ ۾ نفرت ڪئي، انهن بہ پنهنجين دلين ۾ ڀُٽي کي جي ڏنو تہ قابل رشڪ نظرن سان ئي ڏنو. شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ڀُٽي صاحب کي قاسي اچي چڪي هئي، تڏهن هن جي ملاقات اسلام آباد ڀُٽي جي سخت ترين مخالف اي ڪي بروهيءَ سان ٿي. اي ڪي بروهي نہ رڳو ڀُٽي جو سخت مخالف هو پر ساڳئي وقت هو مطالعي جي حوالي سان ڪنهن کي بہ پنهنجو مَٽُ نہ پائيندو هو. اياز صاحب لکيو آهي تہ جڏهن هن اي ڪي بروهيءَ کان ڀُٽي صاحب بابت راءِ پڇي تہ هن جو جواب حيرت انگيز هو. اي ڪي بروهيءَ چيو: "مون ڀُٽي جيترو محنتي ۽ پڙهيل شخص زندگيءَ ۾ نہ ڏٺو." ڀٽو سياست کان قطع نظر هڪ وڏو تخليقي دانشور بہ هو. ڪيليفورنيا ۾ گريجوئيشن دوران هن جي مطالعي جا خاص موضوع تاريخ ۽ سوشلزم هوندا هئا ۽ ڪيليفورنيا تائين



www.sindhsalamat.com

لاس اينجلس ۾ هر طرف هن جي رومانس ۽ مطالعي جي هاڪ هوندي هئي. هونئن بہ سُنا ڪتاب عوام جا هُجومَ ۽ حَسين عورتون سڄي زندگي ذوالفقار علي ڀُٽي جون ڪمزوريون رهيون. هو ساڳئي وقت اهلِ دل بہ هو ۽ اهلِ دانش بہ هو ۽ ايئن عومن تمام گهٽ ٿيندو آهي. 1948ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ڪيليفورنيا کان اعليٰ تعليم لاءِ آڪسفورڊ ٿي ويو تہ سندس هڪ استاد پروفيسر ٽي والٽر ويلبينڪ (T. Walter Walbank) هن لاءِ جيڪي رمارڪس ڏنا اهي اڄ بہ رڪارڊ تي موجود آهن. هن آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ کي لکيو:

"One of my student from India, the Z.A Bhutto has been in my history classes for the period of one year, definitely a superior, perhaps even in the brilliant category."

اوپر جي مزاج جي باري ۾ دنيا ۾ جيڪي چند مستند رايا وڏي اهميت رکن ٿا، اُنهن ۾ هڪ اهو آهي تہ اوپر جا ماڻهو ۽ ان ۾ خاص طور تي هن خطي يعني ننڍي کنڊ جا ماڻهو مزاجن ٿڌا ۽ محدود خواهشون رکندڙ ٿين ٿا. پر ذوالفقار علي ڀٽو بي پناهہ خواهش پسند ۽ آئيڊيلسٽ ماڻهو هو ۽ هن جي خواهشن جو دائرو اقتدار حاصل ڪرڻ کان وٺي ويندي قربانين ڏيڻ تائين هو. مثلن ڀٽو جڏهن هندستان جي شهر ميسور ۾ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، تڏهن هن اپريل 1945ع تي ميسور مان محمد علي جناح کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هن اهو بہ لکيو تہ:

"The time will come when I will even sacrifice my life for Pakistan"

عام طرح ماڻهن جي خواهشن جو دائرو حاصل ڪرڻ تائين محدود هوندو آهي، چو تہ عام طور خواهشون هونديون ئي وٺڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ آهن، پر جيئن هر ڳالهہ هڪ خاص سطح ۽ نهج کان پوءِ پنهنجو مزاج ۽ دائرا تبديل ڪري ٿي، بلڪ اُبتڙ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، تيئن خواهشون بہ جڏهن عام دائرن جا رَندَ ۽ پَندَ لتاڙي غير معمولي بڻجن ٿيون، تڏهن اهي حاصل ڪرڻ جي اُڻ تُڻ سان گڏ ڏيڻ ۽ وڃائڻ جي تانگهہ ۾ تبديل ٿي ونديون آهن. هيءُ خواهشن جو اهو ئي مقام آهي، جڏهن غالب چيو هو:

ہے کہاں تمنا کا دوسرا قدم یارب،
ہم نے دشتِ امکاں کو اِک نقش پا پایا۔



www.sindhsalamat.com

ذوالفقار علي ڀُٽي جهڙي رنگين مزاج، رومانٽڪ، حُسن بين، حَسين، بهادر، ڊپلوميٽ، متضاد ۽ شاعرانہ مزاج رکندڙ ويهين صديءَ جي هن شهيد اڳواڻ ۽ تاريخ جي هڪ بيحد نرالي شخص تي سيني پاسن کان لکڻ ۽ هن سان انصاف ڪرڻ لاءِ تہ وڏا دفتر گهرجن ۽ پوءِ بہ شايد اهو موضوع تشنہ ئي رهي. پنهنجن تخليقي سياسي ڪارنامن توڙي زبردست ڪمزورين ۽ غلط فيصلن سبب هن شخص سنڌ، ملڪ، ننڍي کنڊ، ٽين دنيا ۽ بين الاقوامي سياست تي ايترا تہ سُٺا ۽ خراب گِهرا اثر ڇڏيا، جو زمانن تائين هو محبتن ۽ نفرتن جو محور ۽ مرڪز رهندو ۽ اهلِ دل ماڻهو جڏهن جڏهن بہ هن کي ياد ڪندا ۽ هن تي قلم کڻندا تہ يقينن هن جي زندگيءَ جي ڪيترين ئي سنگين غلطين تي تنقيد ڪرڻ سان گڏوگڏ هن جي عظيم موت ۽ بهادريءَ تي ڪين فخر ٽيندو.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 5 جنوري 2000ع



www.sindhsalamat.com

# فيض احمد فيض:
# جنهن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ انقلاب جون سرحدون مليِ وڃن ٿيون!

مون کي زندگيءَ ۾ جن ٽورين شين سان بيحد چاهہ ۽ محبت رهي آهي، اُنهن ۾ شاعري بہ آهي. دنيا ۾ هزارين ماڻهن شاعريءَ جون اڻ ڳڻيون وصفون بيان ڪيون آهن، پر شاعريءَ جي ڪا حتمي وصف اڄ تائين ڪوبہ بيان نہ ڪري سگهيو آهي ۽ شايد اُها ڪڏهن پوريءَ ريت بيان ٿي بہ نہ سگهندي. جيتوڻيڪ جماليات فلسفي جي علم جي هڪ پوري شاخ آهي ۽ اُن وٽ حُسن ٻيڻيءَ جي پرک جو مڪمل علمي ۽ منطقي نظام آهي، پر جڏهن حُسن ۽ حُسناڪين جي ڪا حد نہ آهي، تہ پوءِ اُن جي پرک جي آخري حد ڪي ڪير ٿو رَسي سگهي؟ مولوي حاجي احمد ملاح سنڌي شاعريءَ جي ٻوليءَ جي حُسناڪيءِ ۽ اميريءَ جي لحاظ کان باڪمال شاعر هو. چون ٿا تہ جڏهن هو زنده هو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چيو هو تہ جيسين مولوي احمد ملاح جيئرو آهي، تيسين سنڌي ٻوليءَ جي لُغت پوري ٿي نہ سگهندي. معصوميت جي وصف ڀلا ڪير ڇا بيان ڪري سگهندو؟ سُرهاڻ، اندر جي اُونهائين ۾ ڪيترو لهي ويندي آهي، اُن جو انت ڪير ٿو لهي سگهي؟ محبت ڇا آهي؟ اُن جي واچوڙن ۾ ماڻهوءَ جو مَنُ ڪيئن ٿو ويڙهجي وڃي؟ اُن سوال جا پيرا صدين کان ماڻهن کنيا تہ آهن، پر ڳُجهارت تہ پنهنجي جاءِ تي اڄ بہ موجود آهي. محسوسات جو سائنسي تجزيو تہ ڪري سگهجي ٿو ۽ اُن جا طبعي، ڪيميائي ۽ حياتياتي سبب بہ بيان ڪري سگهجن ٿا، پر محسوسات جي پاتال ۾ ڪير ٿو لهي سگهي؟ اهو ئي تہ اُهو "انت بحر" آهي، جنهن جي صوفين کي خبر نہ ٿي پئي. سو شاعري بہ ايئن آهي.

فن، پوءِ چاهي اُهو ڪهڙي بہ ميڊيم ۾ هجي، جڏهن پنهنجي معراج کي رَسندو آهي، تہ حيرت کي جنم ڏيندو آهي. هومر، ڪاليداس، امارو هري ڀرتري ڀهاري، شيڪسپيئر، ورجل، گوئٽي، ڊانٽي، جان ڊان، اِمراءُ القيس، رومي،



www.sindhsalamat.com

حافظ ۽ خيام توڙي بُلي شاهہ، وارث شاهہ ۽ لطيف جي شاعري هجي يا موزارٽ جون ڌُنون ۽ مائيڪل اينجلو ۽ وان گاگ جون شاهڪار تصويرون ـ اهو سڀ پڙهي، ٻُڌي، محسوس ڪري ۽ ڏِسي، ماڻهو بس حيران ئي ٿي سگهي ٿو. مذهبن ۾ بيان ڪيل معجزن جي حيثيت تہ ڏند ڪٿائن کان مٿي نہ آهي، پر حقيقي معجزا فن جون اُهي بلنديون آهن، جيڪي انسان کي حيرت جي جهانُ ڏانهن وٺيو وڃن ٿيون. ماڻهن کي شايد عجيب لڳي، پر مون کي تہ رياضي بہ رڳو ڪو سائنسي علم نہ، پر عجيب و غريب ۽ اعليٰ ترين فن محسوس ٿيندي آهي ۽ اُن جي منطقي حُسناڪين تي حيرت ٿيندي آهي. مون کي نئيپئر کان وٺي شاعري ۽ ميٿيميٽڪس، گڏوگڏ ۽ هڪ جيترو اُتساهيندڙيون آهن. فيثا غورث جي ٿيورمس ۽ جان ڊان ۽ لطيف جي شاعريءَ جي حُسن ۾ فرق ڪرڻ ڪي ماڻهوءَ جي سمجهہ ۽ محسوسات جي محدوديٽي ۽ بدنصيبيءَ کانسواءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي؟ فرتجوف ڪيپرا، موجوده وقت جو نہ رڳو وڏو فزڪس جو ماهر آهي، پر هو ساڳئي وقت فلسفي بہ آهي. هُن کي ڪوانٽم مڪينڪس ۽ هائيزن برگ جا مادي بابت نظريا ئي نہ پر دنيا جي شاعري، اوپر جو فلسفو، تصوف ۽ فن بہ اوترو ئي اُتساهيندا آهن. هو دنيا جي وڏين وڏين ليبارٽرين ۾ مادي تي تحقيق بہ ڪندو هو ۽ راڌا ڪرشنا جا ليڪچر ٻُڌڻ لاءِ هندوستان ۽ دنيا جي ڪيترين يونيورسٽين ۾ بہ خاص طور سيڙجي ويندو هو. هُن کان بار بار اهو سوال پڇيو ويندو آهي تہ هُن کي ساڳئي وقت سائنس ۽ ادب توڙي فن ۽ فلسفو ڪيئن ٿا اُتساهين؟ حقيقت ۾ سائنس ۽ آرٽ ۾ حيرت جي هڪجهڙائي آهي، جنهن کي عام طور ماڻهو سمجهن نہ ٿا.

حقيقت ۾ آهي بہ ايئن. انسان پنهنجي سموري شعوري ۽ تهذيبي سفر ۾ پنهنجي سموري ذهني ۽ روحاني جُستجوءَ، اڻ ڳڻين ذريعن ۽ شعبن وسيلي پئي ڪئي آهي. هندو مِٿالاجيءَ ۾ چيو ويو آهي تہ سچ هڪڙو هاٿي هو جنهن کي ڀڳوان ٽُڪر ٽُڪر ڪري سڄيءَ دنيا ۾ ورهائي ڇڏيو پوءِ جنهن کي جيڪو حصو هٿ آيو اُن ايئن سمجهيو تہ سمورو سچ بس اهو ئي آهي. جڏهن تہ سچ جو هاٿي ٽُڪرن ٽُڪرن جي صورت ۾ سڄيءَ دنيا ۾ هر هنڌ موجود هو. دنيا جا سمورا علم ۽ فن بہ دراصل اسان جي استدلال، ڄاڻ ۽ ادراڪ جي حُسناڪين جي هاٿيءَ جا اُهي جُزوي ٽُڪر ٽُڪر آهن، جن کي جيڪڏهن مڪمل سمجهبو تہ اُهو سچ سدائين اڌورو ۽ اڻپورو ئي رهندو.



www.sindhsalamat.com

شاعريءَ سان مون کي اُنسيت شايد ان ڪري بہ وڌيڪ رهي آهي، جو مون جنهن گهر ۾ ماحول ۾ اک کولي، اُن ۾ شاعريءَ کي سيني ڪان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي. بابا نہ رڳو فارسي ۽ عربي ادب جو پروفيسر هو پر هو فارسي، سنڌي ۽ اردو زبان جو سُٺو شاعر بہ آهي. هُن ڪڏهن پنهنجي شاعري شايع ڪونہ ڪرائي، جو مزاجن سدائين اڪيلائي پسند ۽ گُمنام طبع جو ماڻهو رهيو آهي. هُن جو هڪ شعر مون کي اڪثر زبان تي رهندو آهي تہ:

ڏينهن کي ڪهڙي خبر، ڪيڏو ڏکيو گهاريو تي ڪنهن،
رات کي ڪهڙو پتو ڪوئي ڪيئن بي آرام ٿيو.

سو ادب ۽ شاعري ننڍپڻ کان اسان جي سِرشت ۾ هئا. منهنجي وڏي ڀيڻ (جيڪا قمبر ۾ فزڪس جي اُستاد آهي) ۽ مان پرائمري ۾ ئي فارسي گڏ پڙهندا هئاسين. ٻارن کي والدين رات جو جنن ۽ پرين جون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن، پر بابا اسان کي شيخ سعدي، رومي، حافظ، جامي ۽ عُرفيءَ جا شعر ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو هو. منهنجو لاڙو شاعريءَ ۽ ادب ڏانهن گهڻو هوندو هو. پوءِ سيڪنڊري تعليم لاءِ جڏهن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ويس، عجب ڳالهہ تہ هڪ فوجي ڪاليج ۾ پڙهندي ۽ هڪ ڪيڊٽ هوندي بہ منهنجي دل جنهن شعبي ڏانهن وڌيڪ مائل رهي، اُهو ادب ۽ شاعري هئي. ڇا تہ استاد هئا. اردوءَ جو مشهور شاعر مختار ڪريمي، انگريزي ادب جو وڏو اسڪالر طارق مصطفيٰ صاحب مرحوم ۽ ٻيا انيڪ ماڻهو. اڄوڪي جديد اردو ادب جا مشهور ۽ نمائنده شاعر سعيدالدين احمد، عتيق جيلاني، رفيق احمد ”نقش“ اسان جا دوستن جهڙا استاد هئا. سو ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جو فوجي ماحول بہ منهنجو ڪجهہ نہ بگاڙي سگهيو.

دنيا جي مختلف ٻولين جي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعري پڙهڻ ۽ هميشہ پڙهندو رهڻ منهنجو شوق ئي نہ پر هڪ جنون رهيو آهي. شيڪسپيئر چيو هو تہ جنهن ماڻهوءَ جي من ۾ موسيقيءَ جا آلاپا وَڏَ نٽا وجهن، اُن جي انسان هجڻ تي شڪ ڪيو وڃي. حُسن، پوءِ چاهي اُهو ڪهڙي بہ وجود، رنگ، شبيهہ ۽ انگ توڙي خيال جو هجي – اُهو ڪائنات جو تمام وڏو قدر آهي، جنهن کي اعليٰ شعور ۽ ادراڪ ئي پسي ۽ رسي سگهي ٿو. اُن ڪري فرد توڙي سماج جي شعور ۽ روحاني ادراڪ جي پرک جو هڪ وڏو پئمانو اهو بہ آهي تہ اُن جا حُسن ۽ محبت جهڙن ڪائناتي قدرن ڏانهن رويا ڪهڙا آهن؟



www.sindhsalamat.com

اها 20 نومبر 1984ع جي هڪ سرد رات هئي، مان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي لطيف هائوس ۾ رهندو هئس. ڊنر تان واپس آيس تہ اسان جي هائوس ماسٽر پروفيسر مسعود پرويز دراني، جيڪو ڪاليج ۾ فزڪس جي شعبي جو استاد ۽ سربراهہ بہ هو ۽ پاڻ بہ شاعر هو (دراني صاحب هينئر ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جو وائيس پرنسيپال آهي) تنهن مون کي سڏايو ۽ ٻڌايائين تہ اردوءَ جو عظيم شاعر فيض احمد فيض گذاري ويو آهي. دراني صاحب مون کي ادب ڏانهن مائل هئڻ سبب ڀائيندو هو نہ تہ فوجي ڪاليجن ۾ استاد ڪيڊٽس سان گهٽ گهُلندا ملندا نہ هوندا هئا. ٻئي ڏينهن ڊان اخبار سميت ڪيترين اخبارن اها خبر وڏي سُرخيءَ سان شايع ڪئي تہ فيض احمد فيض گذاري ويو. مان اُن زماني ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هئس. شاعري تہ گهٽ پڙهندو هئس، پر مون فيض نہ پڙهيو هو. رڳو هُن بابت ٻُڌو هو. اُنهن ڏينهن ۾ اخبارن ۾ فيض بابت ايترو لکيو ويو جو شوق ٿيو تہ فيض کي پڙهان. سو ايئن فيض جي نالي سان شناسائي ٿي ۽ مون فيض کي پڙهڻ شروع ڪيو. اڄ ان ڳالهہ کي 16 سال ٿي ويا آهن ۽ مون اهو سڄو عرصو فيض کي بار بار ۽ وڏيءَ محبت سان پئي پڙهيو آهي. مون کي زندگيءَ ۾ جيڪي چند شاعر بيحد وڻيا آهن ۽ جن کي سولي سنڌيءَ ۾ مون اُٿلائي پُٿلائي پڙهيو آهي، فيض اُنهن ۾ سرموڙ حيثيت رکي ٿو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي زماني ۾ بہ راتين جو هاسٽلن تي حفيظ ڪنڀر، اختر بروهي (هاڻي نصير آباد ۾ فزڪس جو استاد آهي)، مشرف تالپر، حسن درس ۽ ٻين دوستن سان ڪچهريون ٿينديون هيون تہ بہ فيض اسان جو خاص موضوع هوندو هو. 1991ع ۾ حسن درس، مظفر چانڊيو ۽ مان هندوستان پئي وياسين. وڃڻ کان اڳ بہ ڏينهن لاهور ۾ هئاسين ۽ پهريون پيرو اُن "ڪافي هائوس" تي بہ وياسين، جتي ڪنهن زماني ۾ فيض ايندو هو ۽ لاهور جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جون ڪچهريون مچنديون هيون. اسان کي اُن "ڪافي هائوس" ۾ ويهندي بہ عجيب رومانس محسوس ٿي ٿيو جو فيض اُتي اچي ويهندو هو. اسان ڪافي هائوس جي بيري کان، جيڪو پاڻ بہ اديبن ۽ دانشورن جون خبرون ٻُڌي جڻ تہ ڪو دانشور ٿي لڳو فيض صاحب جون يادگيريون پڻ پڇيون هيون. ماڻهو جنهن شيءِ/ ماڻهوءَ سان محبت ڪري ٿو اُن سان وابستہ هر شيءِ سان بہ اُنسيت ٿي وڃي ٿي. هندستان ويندي اسان جي ٽرين جڏهن امرتسر کان گذري رهي هئي تہ مون حسن درس کي سڏيو. ٽرين ۾ وينل ماڻهن



www.sindhsalamat.com

ٿي چيو تہ امرتسر اها اسٽيشن آهي، جتي سِکَ باغي مسافرن تي حملا ڪندا آهن، اُن ڪري ڪنهن مسافر ٻاهر جهاتي نہ ٿي پاتي. مان ۽ حسن دريءَ ڪان ٻيئا ٻاهر ڏسي رهيا هئاسين. جو امرتسر اسان لاءِ رڳو باغي سِکَن جو نہ پر اهو شهر هو. جتي فيض رهندو هو ۽ ڪاليج ۾ انگريزي ادب پڙهائيندو هو. سو فيض مون لاءِ اهڙو ڪردار رهيو آهي، جيڪو سدائين زندگيءَ جي ڏکويل ۽ مايوس ترين گهڙين ۾ بہ اُتساهہ ڏيندو آهي. هن جا غزل ۽ نظم زندگيءَ جي سمورين وحشتن جو شديد احساس جاڳائي، وري بہ زندگيءَ، اُميد ۽ اُتساهہ ڏانهن وٺي ويندا آهن. فيض جي سموري شاعري محبت، اُميد، اُتساهہ ۽ انقلاب جي جذبن جو سرچشمو آهي.

شاعريءَ جو تعلق رڳو عام انساني احساسن، ڪائناتي قدرن ۽ انسانذات جي فڪر، فن ۽ خيال سان ئي نہ آهي، پر شاعريءَ جون پاڙون پنهنجي مخصوص سماجي ماحول، تهذيبي روايتن، فڪري محرڪن ۽ مجموعي طور سڄيءَ ڪائنات سميت پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي ڏکن، سُکن، خواهشن، خوابن، ارمانن، اُتساهن ۾ بہ هونديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو بنيادي انساني احساسن ۽ ڪائناتي قدرن کي ڊيل ڪرڻ باوجود، هر خطي جي شاعريءَ، ادب ۽ فن جو مزاج پنهنجو ۽ منفرد هوندو آهي. يعني شاعري احساسن، تصورن ۽ محرڪن جو عام فنامنا بہ آهي، پر ساڳئي وقت خاص لقاءُ بہ آهي. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو تہ مجموعي طور اولهہ ۽ اوڀر ۾ بہ نئين ڪنڊ جون شعري روايتون پنهنجو الڳ مزاج، معيار ۽ ذائقو رکن ٿيون. ايئن ناهي تہ ڪو اولهہ جي جيافري چاسر، سرٿامس وات، فلپ سڊني، اسپينسر، شيڪسپيئر، بن جانسن، جان ڊان، رابرٽ هيرڪ، ملٽن، مارويل، هينري رائوگاف، ڊرائيڊن، اليگزينڊر پوپ، وليم بليڪ، ورڊس ورٿ، ڪالرج، بائرن، شيلي، ٽينيسن، برائوننگ، ميٿيو آرنالڊ، والٽ وٽمئن، رابنسن، رابرٽ فراسٽ ۽ اوڀر جي اَمارو، ڪاليداس، امراءُ القيس، حافظ، خيام، رومي، عُرفي، غالب ۽ لطيف ۾ ڪي هڪڙا گهٽ آهن ۽ ٻيا مٿي آهن. هڪڙي مزاج، ماحول ۽ سماج جي پس منظر ۾ شين کي ڏسي، اُن جي پرک ٻين سان ڪبي تہ اها زيادتي ٿيندي. فردوسيءَ وانگر شيخ اياز بہ پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪٿي لکيو آهي تہ شاعري بنيادي طور قومي ٿيندي آهي. هن اها ڳالهہ سياسي معنائن ۾ نہ ڪئي هئي، تہ شاعري رڳو مزاحمتي ۽ قومي مسئلن بابت ٿيندي آهي. هن جو مطلب هو تہ اها



www.sindhsalamat.com

بنيادي طور قومي زندگيءَ، اُن جي سماجي ماحول، اُن جي ڪلچر، نفسياتي ۽ جمالياتي روين جي ترجمان هوندي آهي. مثال طور ثقافتي ۽ سماجي ماحول جي فرق سبب اولهہ ۽ اوڀر جي محبت جي تصور توڙي رومانوي روين ۾ وڏو فرق آهي. اسان وٽ سنسڪرت جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ڪانسواءِ مجموعي طور محبت ۽ عشق کي فقط روحاني شيءِ سمجهيو ويجي ٿو جڏهن تہ اولهہ جي شاعريءَ ۾ ايئن ناهي. اُتي محبت جو جسماني تصور وڌيڪ حاوي آهي، ظاهر آهي تہ اِهو تصوراتي ۽ روحاني بہ آهي، پر پنهنجي رويي ۾ اُن تي جسماني محبت جو رنگ وڌيڪ چڙهيل آهي. يعني ٻيو تہ ٺهيو پر جان ڊان جهڙو ماڻهو جيڪو پاڻ هڪ پادري هو، اُن جي شاعريءَ ۾ بہ اسان کي اهو رنگ نظر اچي ٿو. اوڀر جي شاعريءَ ۾ سنسڪرت ۽ عربي شاعريءَ ۾ بہ اسان کي اهو رنگ ملي ٿو پر اُن جو مزاج وڌيڪ لطيف آهي. فارسيءَ جي بہ هڪ حصي تي اهو اثر آهي ۽ اُن معرفت هتي ننڍي کنڊ ۾ اردو شاعريءَ ۾ اهو عنصر داخل ٿيو.

ننڍو کنڊ، دنيا جو هڪڙو عجيب و غريب خِطو آهي. ڪجهہ ڳالهين ۾ دنيا جو پس مانده ترين ۽ نهايت ڪنزرويٽو خِطو آهي، پر ڪو ٻيو "فهم" اهڙو بہ آهي، جيڪو ننڍي کنڊ کي دنيا کان ممتاز ڪري ٿو. ننڍو کنڊ پنهنجي اندر اهي متضاد مزاج ۽ محرڪ گڏ گڏ کڻي هلي ٿو. ويندي اڄ تائين ايئن آهي. يعني روايتي هندو سماج (جيڪو عوام جي اڪثريت کي حقير سمجهي) سندن سمورن انساني ۽ فطري حقن کان انڪار ڪندو رهيو اُن جي اندر جڏهن اسين ڪلاسيڪي سنسڪرت ۽ هندي شاعريءَ کي ڏسون ٿا تہ اُها محبت جي ميدان تي پنهنجي سڄي سماجي روين جي نظام کان انڪار ڪريو ويٺي آهي. محبت جي انڪاري سماج ۾ "ڪاماسُتر" جو فلسفو دراصل مزاحمت نہ هئي تہ ٻيو ڇا هو؟ جنهن سماج ۾ پنهنجن سمورن فطري جذبن، خواهشن ۽ حقن جي نفيءَ کي نرواڻ سمجهيو ويندو هو، اُتي اَجنتا ۽ اَلورا جهڙن غارن ڇا ٿيون ٻُڌائين؟ جن ۾ انسانن جي جسماني محبت جي گهڙين کي پٿرن جي زبان ڏئي مجسمن ۾ تراشيو ويو آهي. سماج جي سڌي ۽ شعوري مزاحمتي اظهار جو شعبو سياست آهي، پر اُن جي اڻ سڌي ۽ تحت الشعور جي مزاحمت اُن جو ادب ۽ فن ڪندو آهي ۽ مزاحمت، صرف انسان توڙي سماج جو شعور نہ ڪندو آهي، پر اُن جو لاشعور ۽ تحت الشعور بہ ڪندو آهي. ايئن آهي تہ ان جا شعبا ڌار ڌار آهن. ٻئي طرف هتي مسلمان آيا ۽ ننڍي کنڊ ۾ هڪ ٻئي سماج جو بنياد بہ پيو. اسان جي اُن وقت جي



www.sindhsalamat.com

مولوي صاحبان وٽي گوڙ ڪيو تہ اسلام ۾ سواءِ ڪتابت ۽ عمارت سازيءَ جي ٻيا فن مثال طور مصوري، مجسمہ سازي، موسيقي جائز نہ آهن، وينديشاعريءَ لاءِ گوڙ ڪندا هئا تہ اسلامي شاعريءَ کانسواءِ ٻي شاعري، جيڪا انسان جا جمالياتي جذبا جاڳائي، اُها غير اسلامي آهي. اُن جو نتيجو ڇا نڪتو؟ سماج تصوف ذريعي اُن جي مزاحمت ڪئي، صوفي ڪير هئا؟ دراصل اُهي پنهنجي وقت جا، روحانيت جي دائري اندر، سماج جا مزاحمتي سرواڻ هئا. مُلن ۽ ٻاوَن خدا ۽ پيگوان کي مسجد ۽ مندر تائين محدود ڪري ۽ پاڻ کي اُن جو نمائندو مقرر ڪري ڇڏيو. صوفين چيو تہ خدا ڪائنات ۾ هر هنڌ آهي، هر رنگ ۾ آهي ۽ ان جي هر جلوي ۾ آهي. هنن خدا کي حُسن قرار ڏنو. ايئن ئي جيئن نوافلاطوني رومن فلسفي فلاتينوس خدا کي ”حُسنِ ازل“ قرار ڏنو هو. هنن محبت کي خدا شناسيءَ جو رستو قرار ڏنو. هنن شاعريءَ، موسيقيءَ ۽ فن کي پنهنجو هٿيار بڻايو ۽ خدا جا ڏرتيءَ تي ڪوڙا نائب مُلان رَئي ٿي ويا. جيئن انسان پاڻ پيچيده شيءِ آهي، تيئن هن جا رويا ۽ ردعمل بہ عجيب و غريب ٿين ٿا. مان تہ دنيا جي سموري اعليٰ شاعريءَ کي دراصل مزاحمتي شاعري ئي سمجهندو آهيان. اهي شاعر ۽ آرٽسٽ ئي تہ هئا، جن اڻ سڌي مزاحمت سان حُسناڪين کي ساڻ کڻي، انسانن جي چوڏاري جهالتن، بندشن ۽ ننگيءَ جي ٿاهن جي دائرن کي پنهنجي پنهنجي زماني ۾ ٽوڙيو. ٻيو انسان بنيادي طور هڪ سماجي جانور آهي، هزارين سال گذاري اچڻ ۽ بظاهر تهذيب جي هن بلند مقام تي بيٺل هجڻ باوجود پنهنجي اندر سموريون حيواني جبلتون رکي ٿو. انسان کي حيواني دائرن مان ڪڍي، ماڻهپي جي منزل ڏانهن وٺي اچڻ ۾ ادب، آرٽ ۽ شاعريءَ جو تمام وڏو بنيادي ڪردار رهيو آهي.

مون فيض احمد فيض کي سدائين اُن وسيع پسمنظر ۾ ڏٺو پڙهيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. سوال آهي تہ جڏهن اردوءَ شاعريءَ ۾ ايترا جبل جيڏا شاعر ويٺا آهن، تہ پوءِ جديد اردو شاعريءَ ۾ فيض کي ئي ايڏي ممتاز حيثيت ڇو ٿي ڏني وڃي؟ مون اڳ بہ ڪٿي لکيو آهي تہ هر وڏو تخليقڪار، پوءِ ڇاهي اُهو ڪهڙي بہ دور ۽ ٻوليءَ جو هجي، اُهو هڪ همہ گير لقاءُ هجي ٿو. فيض بہ ايئن هو. هن جي شاعريءَ ۽ فن ۾ جتي پنهنجي دؤر جي وڏن تصورن، محرڪن ۽ قدرن جا عنصر ملن ٿا، اُتي هن جون پاڙون ننڍي کنڊ جي رڳو ڪلاسيڪي اردو شاعريءَ ۾ ئي نہ پر سمورين اعليٰ شعري روايتن جي ”زمين“ (شاعراڻي ٻوليءَ ۾) ۾ ملن ٿيون. هڪ طرف فيض اردو ٻوليءَ جو شاعر آهي، جيڪا پنهنجو وڏو پس منظر رکي ٿي.



www.sindhsalamat.com

اها اردو شاعري، جنهن جي آسمان تي امير خسروءِ ولي دکني کان وٺي، مير تقي مير، غالب، نظير اڪبر آباديءَ، مومن، سودا ۽ اقبال، جوش، سردار جعفريءَ جهڙن وڏن شاعرن جون ڪيرَ ڏارائون آهن. فيض جيئن تہ ڪو روايتي ۽ سطحي باغي شاعر نہ هو، اُن ڪري هن اردو شاعريءَ جي فني ڪلاسيڪي روايتن ڪي رد نہ ڪيو، پر اُن ڪي نوان موضوع ۽ نئين جدت ڏئي هڪ نئين زندگي ڏئي ڇڏي. خاص طور تي فيض جا غزل اُن ڪلاسيڪي مزاج جي آهنگ ۾ آهن. اردو جيئن تہ نندي ڪنڊ ۾ ڪنهن مخصوص قوم جي اتهاس مان نہ آئي هئي، اها عوام جي مختلف حصن جو گڏيل سماجي ۽ ثقافتي لقاءُ هئي، اُن ڪري اُن ۾ جتي قومي، ثقافتي بنيادن جي نہ هئڻ جون ڪمزوريون آهن، اُتي ڪو مخصوص قومي پس منظر نہ رکڻ سبب پنهنجي نوعيت جون ثقافتي ۽ سماجي آزاديون بہ آهن. مثال طور اردو شاعريءَ ڪي ڪوٺن جي ”زمين“ ملي ۽ نتيجي ۾ موسيقيت جي فن اُن سان گڏوگڏ سفر ئي نہ ڪيو آهي، پر اُن اردو شاعريءَ جي مزاج ڪي بہ متاثر ڪيو آهي. فيض اردو شاعريءَ جي اُن ڪلاسيڪي مزاج جي روايتي نفي ڪري، اُن ڪي نقصان نہ رسايو پر اُن ۾ تخليقي جدتون آڻي ۽ اُن ڪي زندگيءَ جا نوان موضوع ۽ عنوان ڏئي، هڪ نئين حياتي ڏني. فيض جو ٻيو اهم پاسو هيءُ هو تہ جيتوڻيڪ هو اردو ٻوليءَ جو شاعر تہ هو پر اردو ٻوليءَ جي سماج جو فرد نہ هو. ٻولي جيئن تہ سماج مان ايندي ۽ اُسرندي آهي، اُن ڪري اُها پنهنجو هڪ مخصوص ”ٻوليءَ جو سماج“ بہ رکندي آهي. فيض جا ثقافتي، سماجي، سياسي، تاريخي، جمالياتي، ذهني ۽ روحاني رويا اردو ٻوليءَ جي مخصوص سماج جي ڪُکِ مان پيدا نہ ٿيا هئا، اُن ڪري فيض اردو شاعريءَ جي فن جي پيالي ۾ روين، تصورن ۽ قدرن جي نئين ترقي پسند انقلابي مَڌُ پرٿي آيو. اردو،هِندي ۽ فارسيءَ سان گڏ ڪيس خاص طور تي پنجابي ۽ سرائيڪي شاعريءَ جو پسمنظر بہ هو. فيض جي شاعريءَ جي مزاج ۾ اردوءَ سماج واري چالاڪي، حرفت بازيءَ، ”محبوب“ سان بہ ”سياڻپ“ ڪرڻ وارا رويا نہ ٿا ملن. مثال طور غالب آهي. مان غالب جي شاعريءَ جو عاشق آهيان ۽ مون ڪي هن جي وڏي شاعر هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، پر غالب جي بہ سماجي، احساساتي، ذهني، روحاني ۽ ثقافتي روين ڪي ڏسبو تہ هو هڪ مڪمل ”سياڻو“ شاعر لڳندو جنهن ۾ تخيل جو حُسن تہ آهي، پر سرمستي ناهي. اُها سرمستي، جيڪا اسان جي صوفي شاعرن ۾ آهي. بابا فريد، شاهہ حسين، بلها شاهہ، لطيف ۽ سچل ۾ اسان ڪي اُها سرمستي ۽ احساسن توڙي روين



www.sindhsalamat.com

جي پوترتا جو اِهو ڪمال ملي ٿو جو ماڻهو اُنهن کي محسوس ڪري بہ سرمست ٿيو وڃي. فيض جي سرشت ۾ اِهي عنصر هئا. جڏهن اردو شاعريءَ جي ڪلاسيڪي فني روايتن ۽ اُن نِيارا احساسن ۽ ترقي پسند خيالن واري فڪر جو تخليقي امتزاج ٿيو تہ اُها شاعري سامهون آئي، جنهن سبب اسين فيض سان ايترو پيار ڪريون ٿا. اُها سرمستي هئي، جيڪا فيض جي شاعريءَ جي دهليز تي اردو شاعريءَ کي آڻي ڪان وٺي ”درباريت“ جي دائرن کان ٻاهر ڪڍي آئي ۽ اردو شاعريءَ لطيف ۽ نِيار احساسن، ترقي پسند ۽ انقلابي فڪر ۽ سرمستيءَ جي فضا ۾ وقار سان ساهہ کڻڻ شروع ڪيو. فيض جي رومانوي رويـن ۾ بہ هڪ وقار آهي. محبت جو درد، احساس ۽ اظهار، جيڪو اردو شاعريءَ ۾، ننڍڙن ۽ خسيس رويـن جي ٽُڏن ۾ ڦاٿڙجي پيو هو، اُن اقبال، ساحر ۽ فيض وٽ وقار سان وري ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ اِهي سڀ اُهي شاعر هئا، جيڪي اردوءَ جي ٻوليءَ جي سماج جا فرد نہ هئا، اُن ڪري ئي هُنن اردو شاعريءَ کي روين ۽ اظهار جا ايڏا وسيع ميدان ڏنا.

فيض جي حوالي سان ٿين ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اِها آهي تہ هو پنهنجي دؤر جي عالمي حالتن، اُٿلن پُٿلن، فڪري محرڪن ۽ سماجي تضادن کان نہ رڳو واقف هو پر اُن ۾ پنهنجو ڪردار بہ متعين ڪري چڪو هو. فيض جڏهن ادب جي ميدان تي قدم رکيا، تہ ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ جا زبردست بنياد پئجي چڪا هئا. ماڻهو اُن سان اختلاف ڪري سگهن ٿا، پر مان ننڍي کنڊ ۾ روشن خيال ادبي تحريڪ جي ابتدائي معمارن ۾ اقبال کي بہ وڏي حيثيت ڏيان ٿو. جيتوڻيڪ اقبال مذهبي خيالن جو ماڻهو بہ هو ۽ هن جو الميو اِهو هو تہ هن جهڙي وڏي شاعر انسانن جو شاعر ٿيڻ بدران رڳو مسلمانن جو شاعر ٿيڻ چاهيو. ايئن مٿس فڪري حوالي سان وڏي تنقيد ڪري سگهجي ٿي، پر هن جا ڪجهہ تخليقي ڪارناما وسارڻ جوڳا نہ آهن. هڪ تہ هن مُلائيت تي وڏا وار ڪيا. هن مذهبي هوندي بہ ننڍي کنڊ جي ادبي ماحول ۾ سطحي مُلائيت جا بنياد لوڏي ڇڏيا. ٻيو تہ هن اردو شاعريءَ ۾ فڪري ۽ سماجي لبرل رويـن کي پڙ هٿي ڏني. ”شڪوه“، ”ابليس نامہ“ ۽ ٻيا ڪيترائي اُن جا مثال آهن. جيتوڻيڪ مزاجن اقبال عوامي ماڻهو نہ هو هڪ اريسٽوڪريٽ هو ۽ هن جي شاعري بہ عوامي نہ آهي، پر هن اردو شاعريءَ ۾ عوام ڏانهن هڪ نئين روش سامهون آندي.



www.sindhsalamat.com

"جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روٹی،
اُس کھیت کے ہر گوشہء گندم کو جلادو۔"

اهو اردو شاعريءَ جو مزاج ئي نه هو پر اڳتي هلي نئدي ڪنڌ ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ جو جيڪو ٻيو دؤر آيو اُن نئدي ڪنڌ جي سمورين ٻولين جي ادب توڙي سماج تي گهرا اثر ڇڏيا. جيئن ته اُها ڪا فقط مقامي نه پر هڪ عالمگير تحريڪ هئي، اُن ڪري اُن جون پاڙون به سڄيءَ دنيا جي ترقي پسند ادبي تحريڪن ۾ هيون. جيتوڻيڪ ترقي پسندي هڪ مخصوص سماجي ۽ فلسفيانه سياسي نظريو آهي، جيڪو هر زماني ۾ مختلف صورتن ۾ موجود رهيو آهي ۽ هميشه موجود رهندو. هر دؤر جي ترقي پسندي پنهنجي هم عصر عالمي دؤر جي سيني ڪان اُسريل ۽ بهتر فڪري ڌارا جي ترجمان هجي ٿي. اُن ڪري نئدي ڪنڌ ۾ 1930ع جي ڏهاڪي ۾ جيڪا ترقي پسنديءَ جي لهر آئي، اُها عالمي سوشلسٽ تحريڪ ۽ انقلاب ڪان متاثر هئي ۽ اُن جي ئي پيداوار هئي. اهو اُن دؤر جو عالمگير لقاءُ هو جنهن سياست سان گڏ ادب ۽ فن کي به متاثر ڪيو. نئدي ڪنڌ ۾ اُن جا بنياد سجاد ظهير، ملڪ راج آنند، رشيد جهان، مخدوم محي الدين، علي سردار جعفري ۽ ٻين وڌا. فيض اُن تحريڪ کي تمام ميچوئر سطح تائين کڻي ويو. اسان وٽ اُن جو نمائندو شاعريءَ جي ميدان تي اياز هو ۽ اياز به ڪو صرف سنڌ جي سطح جو شاعر نه هو. اهو اياز جنهن چيو ٿي:

"اسان نئڌ جا نيڻ آهيون پرين!
سُتي ساهه جاڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چنڊ ساٿي،
ڪتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نه آغاز جن جو نه انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان ڪان مسلسل نجاتون،
ازل ڪان ابد تائين سُک جون براتون،



www.sindhsalamat.com

جڏهن موت ڪائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون،
اُنهن سان اچي جڳ سڄو جڳمڳايون،
اسان جاڳ جا پاڳ آهيون پرين!

فيض جيئن تہ اردوءَ جو شاعر هو اُن ڪري هو اردو شاعريءَ کي ترقي پسند روين، آدرشن، قدرن ۽ روين جي هڪ اهڙي جهان ۾ وٺي ويو جنهن جا وَڙَ اردو شاعريءَ صدين کان نہ ڏٺا هئا. فيض جي شاعريءَ ۾ اردو سچ پچ بہ محبوب جي زلفن جي ڇانوَ ۾ ڇڙيون هڻڻ ۽ ناٽڪي ادائن مان نڪري اُن معيار ۽ اوج کي پهتي، جتي فيض کي هر ٻوليءَ جي پڙهندڙ/ ٻُڌندڙ پنهنجو شاعر ٿي محسوس ٿيو ۽ رڳو هتي ئي ايئن نہ هو. پنهنجي وقت جا زبردست عالمي سطح جا شاعر، ناظم حڪمت، پبلونرودا، محمود درويش، رسول حمزا توف ۽ ٻيا هن جا محبت منجهان معتقد هئا. 1995ع ۾ اسلام آباد ۾ اڪادمي ادبيات طرفان اديبن ۽ دانشورن جي ڪوٺايل عالمي ڪانفرنس ۾ داغستان کان آيل رسول حمزا توف کان جڏهن اسان پڇيو هو تہ توکي هتي اچي ڪيئن ٿو لڳي؟ تہ هُن اُداسيءَ وچان چيو هو: ”مون لاءِ تہ پاڪستان فيض هو.“

ماڻهو هونئن تہ هڪ جانور ۽ حقير شيءِ آهي، پر اُهو جڏهن وڏن آدرشن، قدرن ۽ تصورن جو پاسبان بڻجي ٿو ۽ گهرن لطيف ڪائناتي احساسن جو ترجمان بڻجي ٿو تہ پوءِ هو واقعي پاڻ بہ هڪ ڪائنات بڻجي وڃي ٿو جو سندس ذهن، روح ۽ دل جو دامن ڪائناتگير ٿي وڃي ٿو. اڄ سوويت روس ڀڄي چڪو آهي، تہ دنيا ۾ سرمائيداريءَ جا دهلاري دهل پيا وڄائين تہ دنيا ۾ نظرين ۽ آدرشن جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي. جي ايئن هجي ها تہ پوءِ سڄيءَ دنيا ۾ زوال پسند قدرن ۽ تصورن جا ناول ردي ڪتابن جي گاڏن تي چو وڪامجن ها ۽ فيض اڄ بہ ڇو زنده هجي ها؟ ملڪ، نظريا ۽ نظام ناڪام ٿي ۽ ڀڄي سگهن ٿا پر عظيم خواب، قدر، تصور، رويا ۽ اُنهن جون حُسناڪيون مري ۽ فنا نہ ٿيون ٿي سگهن. آزادي، ماڻهپو، ظلم خلاف نفرت ۽ اُن خلاف اُٿي بيهڻ ۽ دنيا کي غلاميءَ، ظلم، ناانصافيءَ ۽ محرومين کان پاڪ ڏسڻ انسان جي ازلي خواهش



www.sindhsalamat.com

رهي آهي ۽ اُن جا آدرش ڪڏهن بہ مري نٿا سگهن. فيض اُنهن قدرن ۽ روين جو ئي ترجمان آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان ڪي يا گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهو ويساهہ آهي تہ جيستائين فيض جا آدرش زندهہ آهن ۽ اُنهن ڏانهن فيض واري آرٽسٽڪ ۽ حُسناڪ روش زندهہ آهي، فيض مري نٿو سگهي.

---

**روزاني عبرت حيدرآباد، 30 نومبر 2000ع**



www.sindhsalamat.com

# استاد بخاري:
# سنڌ جو سُونهون ۽ ويجُ شاعر!

انسانَ پنهنجي تفڪر، تخيل ۽ محسوسات جو حَسين اظهار جن تخليقي شعبن ۾ ڪيو آهي، انهن ۾ شاعريءَ جو وڏو درجو آهي. انهيءَ ڪري ئي شاعريءَ کي رڳو انسان جو انفرادي ۽ داخلي فڪر، تخيل ۽ احساس ئي نه پر ان کي قومن، طبقن ۽ معاشرن جي روحاني ۽ احساساتي تاريخ به سڏيو ويندو آهي. شاعريءَ مان به خبر پوندي آهي ته هر دور جي سماجن ۽ ان جي مختلف حصن جا خيال، احساس، ارمان، خواب ۽ تخليق جا بنياد يا محرڪ ڇا هئا! سنڌي شاعريءَ جو ڪلاسيڪل دور ته رڳو هڪ لاکٽي لطيف جي ڪري ئي سيني دورن تي حاوي آهي ۽ رهندو پر سنڌي شاعريءَ جو جديد دور به گهٽ اهم ناهي. ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، استاد بخاريءَ سميت هڪ وڏو ڀرپور دور آهي، جنهن ۾ نئين نسل جا به انيڪ باڪمال شاعر اڀري وڃن ٿا. مان سمجهان ٿو ته ويهين صديءَ ۾ سنڌ به عظيم شاعر پيدا ڪيا. هڪ شيخ اياز ۽ ٻيو استاد بخاري. ٻنهيءَ جون خوشبختيون به پنهنجون آهن ته ڪمزوريون به. شيخ اياز تي تمام گهڻو لکيو ويو جنهن جي ڪري هو سنڌ جي پڙهيي لکيي طبقي ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو پر جيئن ته شيخ اياز کي عوامي سطح تي گهٽ ڳايو ويو آهي، ان ڪري هو عوام ۾ ايترو مقبول ناهي. جڏهن ته سندس ڀيٽ ۾ استاد بخاري عوامي سطح تي تمام گهڻو ڳايو ويو آهي، ان ڪري هو عوام ۾ ته تمام گهڻو مقبول آهي پر افسوس جو جيئن ته بخاريءَ جي شاعريءَ تي سندس شاعريءَ جي پرک جي حوالي سان لکيو گهٽ ويو آهي، ان ڪري سنڌ جو پڙهيو لکيو طبقو هن کي رڳو سندس ڳايل شاعريءَ جي نسبت سان ئي سڃاڻي ٿو. جڏهن ته حقيقت اِها آهي ته استاد بخاريءَ جي ڳايل شاعريءَ جو رومانوي پاسو سندس گهڻ رنگي شاعريءَ جو رڳو هڪ پاسو آهي. ان ڪري استاد بخاريءَ کي گهڻي ڀاڱي ماڻهو رڳو عوامي يا رومانوي شاعر طور ئي سڃاڻن ٿا. حقيقت اِها آهي ته بنيادي طور استاد بخاري هڪ مفڪر شاعر آهي ۽ جيڪڏهن هو عوامي شاعر آهي ته ان معنيٰ ۾ هرگز نه ته هن جا خيال



www.sindhsalamat.com

هڪ جهالتن ۽ عقيدن جي وَرِ چڙهيل عوام جي سطح جا آهن يا انهن جي سوچ جا ترجمان آهن. استاد بخاري هن معنيٰ ۾ عوامي شاعر آهي جو هو عوام لاءِ شاعري ڪري ٿو. عوام ڪي عشق، جدوجهد، جستجو، قربانيءَ، سورهيائيءَ جا نوان تصور ڏئي ٿو ۽ سندن سوچ، احساس ۽ عمل جي مِٽي نئين سِر ڳوهي، ڪين جهالتن، عقيدن ۽ خودفريبين جي ڏبڻ مان ڪڍي، پنهنجي ۽ سماج جي قسمت بدلائيندڙ عوام ۾ تبديل ڪري ٿو. ان ڪري استاد بخاري جيڪڏهن عوامي شاعر آهي تہ رواجي معنيٰ ۾ نہ پر انقلابي معنيٰ ۾ آهي.

منهنجي خوشبختي آهي جو استاد بخاريءَ سان منهنجو تمام ويجهو لاڳاپو رهيو. هڪ تہ هو منهنجي بابا جو دوست هو جو بابا گورنمينٽ ڪاليج دادوءَ ۾ ڪجھ عرصو پروفيسر طور پڙهايو هو ۽ اُن زماني ۾ استاد بخاري ساڳئي ڪاليج ۾ ليڪچرار هو پر حقيقت اِها آهي تہ بخاري صاحب سان منهنجي ادبي ۽ فڪري دوستي بنهہ ذاتي نوعيت جي بہ هئي، ان حد تائين جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران هو مون وٽ هوشو هاسٽل تي بہ اڪثر ملڻ ايندو هو. هن جا مون ڏي لکيل انيڪ خط اڄ بہ مون وٽ ساهَہ سان سانڍيل آهن. انهن ۾ ڪجھہ خط تہ اهڙا بہ آهن جن ۾ هن پنهنجا تازا نظم پهرين پهرين مون ڏانهن اُماڻيا هئا.

مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ شيخ اياز کي عوامي سطح تي ڳائڻ ۽ استاد بخاريءَ تي پارکو نظر سان لکڻ جي ضرورت آهي تہ جديد سنڌ جي هنن ٻن عظيم شاعرن مان هڪ جو عوام سان ۽ ٻئي جو سنڌ جي پڙهيي لکيي طبقي سان حقيقي تعارف ٿي سگهي. مون استاد بخاريءَ جي مڪمل شايع ٿيل شاعريءَ کي وڏي ڌيان ۽ گِهرائيءَ سان بار بار پڙهيو آهي ۽ سندس شاعريءَ جي فڪر، ٻوليءَ، تخليقي فني تجربن ۽ ان جي سماجي ڪارج تي هڪ جامع ڪتاب پڻ لکي رهيو آهيان، جيڪو افسوس جو گهڻين مصروفيتن سبب اڃا تائين پورو نہ ڪري سگهيو آهيان، پر استاد بخاريءَ جو اهو مون تي قرض آهي، جيڪو مان هڪ محبتي قرض طور ضرور ادا ڪندس.

مون استاد بخاريءَ کي هميشہ هڪ سادي، نِج نِبار ۽ بيحد معصوم صفت ماڻهوءَ طور ڏٺو. هو پنهنجي سوچ، روح ۽ مزاج ۾ هڪ مڪمل شاعر هو. هو هر وقت تخيلاتي ڪيفيت ۾ رهندو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو هلندي، ڦرندي، سفر ۾، جاڳندي، سُتي هن تي شاعريءَ جو مينهن پيو وَسندو هو. مان سمجهان ٿو تہ



www.sindhsalamat.com

شايد ان مزاج ۾ ڏيان ڪان سواءِ ڪو ماڻهو وڏو شاعر يا آرٽسٽ ٿي به نه ٿو سگهي. تفڪر ته ماڻهوءَ ۾ ٿي سگهي ٿو پر جيستائين تفڪر ۽ تخيل کي اظهار جي حُسناڪيءَ سان نٿو سلهاڙجي تيسين عظيم فن يا شاعري تخليق ٿي ئي نه ٿي سگهي. استاد بخاريءَ ۾اِهي ٽئي عنصر ڪمال سگهه ۽ نفيس توازن سان موجود آهن. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن شاعريءَ ۾ رڳو تفڪر هجي ۽ تخيل ۽ اظهار جي حُسن جو پاسو ڪمزور هجي ته اردوءَ جي وڏي ترقي پسند شاعر مخدوم محي الدين جيان شاعريءَ ۾ نفاست بجاءِ ڪرختگي حاوي ٿيو وڃي ۽ جي تخيل وري تفڪر کان وانجهيل آهي ته پوءِ شاعريءَ جي حيثيت نِلهي خيال آرائيءَ يا ذهني اختراع کان وڌيڪ ناهي ۽ شاعريءَ ۾ فن يا ٻولي دراصل خيال ۽ فڪر جو لباس آهي، ان ڪري ظاهر آهي ته حَسين خيال، تصور ۽ فڪر کي لباس به ڪوجهو نه گهرجي. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ تفڪر، تخيل ۽ جماليات جو نفيس توازن هئڻ بيحد ضروري آهي. سنڌ جي هنن ٻنهي جديد عظيم شاعرن يعني شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ ۾ اهو توازن ڪمال درجي تي پهتل نظر اچي ٿو.

منهنجيءَ نظر ۾ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي هيٺين پاسن تي تخليقي تحقيق ۽ تنقيد يعني پرک ٿيڻ گهرجي ۽ مون به پنهنجي ڪتاب ۾ استاد بخاريءَ جي انهن ئي پاسن کي ڪنيو آهي.

(1) جيتوڻيڪ استاد بخاري هڪ نهايت گهڻ-رنگو شاعر آهي، جنهن کي عام طور تي هڪ عوامي رومانوي شاعر سمجهيو وڃي ٿو پر مان سمجهان ٿو ته استاد بخاري پنهنجي ڳَرُ ۽ جوهر ۾ بنيادي طور هڪ رومانوي انقلابي شاعر آهي. واضح هجي ته انقلابيءَ جو مطلب نعري بازي ناهي پر اهو فڪر آهي، جيڪو دنيا کي نه رڳو گهرائيءَ سان سمجهڻ جو شعور ڏي پر ان کي تبديل ڪرڻ جو شعور به ڏئي. استاد چيو:

وقـــــت هجـــــي روهيلــــــورڻ پَـــــــٺُ،
ڏيــــــنهنَ ضـــــرور تــــــ ٿُـــــوهَر هونــــــدا،
ذِهَـــــــن جتـــــــي اُونـــــــداهيون غــــــارون،
فڪـــــــر اُتـــــــي ڪــــــارِيهَر هونـــــــدا.

استاد جي تفڪر ۽ فني اظهار جو ڪمال ته ڏسو ته هو جهالت ۽ عقيده پرست سوچن تي ٻڌل فڪر کي ”ڪاريهر فڪر“ سان تشبيهه ٿو ڏئي. الميو



www.sindhsalamat.com

اهو آهي تہ استاد جي حقيقي انقلابي شاعري گهٽ ڳائي وئي آهي. پليجي صاحب ڪجهہ سالن کان سندس چونڊ انقلابي شاعريءَ کي ڳائرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اجا تائين اهو سلسلو هيٺ عوامي سطح تي نہ لهي سگهيو آهي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو اصل روح سندس فڪري انقلابيت آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت آهي.

(2) ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ بخاري هڪ غيرمعمولي رومانوي شاعر آهي. رومانويت هن جي شاعريءَ سان گڏ هن جي مزاج تہ ڇا پر رَڳِ رَڳِ ۾ سمايل هئي. پر هن جي رومانويت جو ڪمال اِهو آهي تہ هڪ طرف هن جا رومانوي رويا نِج ڳوٺاڻي سماج بلڪ روايتي سنڌي رواجي سماج جا آهن پر ٻئي طرف هو هميشہ رومانويت کي مقصديت ڏانهن ڪڍي ٿو وڃي ۽ اهو بخاريءَ جو ڪمال آهي، اهو ساڳيو ڪمال اسان کي فيض احمد فيض وٽ بہ ملي ٿو. مثال طور سندس هيءُ تصور ڏسو. جيڪو بخاري چوي ٿو:

هِڪ موت مُئي جو پئو سُهڻا،
ٻيو تو مان نہ ٿو ٿئي ڏئو سهڻا.

اهو وري هيئن بہ چوي ٿو تہ:

ليليٰ سان ڪيئي پيار، او مجنون! ڇا ٿيو!؟
اڪرن سان رکڻ چاهہ وڏي مشڪل آ!
مُردن ۾ وِڌئي ساهہ او عيسيٰ ڇا ٿيو!؟
لفظن ۾ وجهڻ ساهہ وڏي مشڪل آ.

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کي گِهرائيءَ سان پڙهبو تہ واضح نظر ايندو تہ هن جي رومانويت هڪ فرد کان ٿيندي عوامي ۽ قومي رومانويت تہ ڇا پر ڪائنات گير ٿي وڃي ٿي. اِها ئي اُها ڪمال جي خوبي آهي، جيڪا استاد بخاريءَ کي هڪ داخليت پسند روايتي رومانوي شاعر بدران هڪ سماجي مفڪر، انقلابي رومانوي شاعر جو درجو ڏئي ٿي. هو پنهنجي رومانوي سپاءَ ۾ ڪنهن بہ هڪ انتها جو شڪار نہ ٿو ٿئي پر هن وٽ رومانويت جي روايت جو بہ امتزاج ئي نہ پر حَسين توازن بہ آهي.

(3) استاد بخاري سنڌ جو عاشق شاعر آهي ۽ سنڌ هن جي محبت جو محور آهي. ان ڪري بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ قومي شعور وڏيءَ شدت ۽ گِهرائيءَ سان موجود آهي پر ساڳئي وقت استاد جيئن تہ بنيادي طور هڪ انقلابي شاعر آهي،



www.sindhsalamat.com

ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ طبقاتي فڪر بہ ساڳيءَ سگهہ سان موجود آهي. هو جتي پنهنجي قوم ۽ وطن جا گيت ڳائي ٿو انهن لاءِ لُڇي ۽ پُڇي ٿو اُتي هن جو روح پنهنجي ۽ سڄيءَ دنيا جي پورهيتن ۽ مظلومن لاءِ ڳڙهي ۽ ڪُڇي بہ ٿو. بخاري چوي ٿو:

اُتيو هاڻ گهوريو ۽ پانو اُتي پيو
ٻنيءَ ساڻ گڏ ڪارخانو اُتي پيو
ڏني اُڀ لولي، جهلي پونءِ جهولي،
مگر چيلهہ موڙي زمانو اُتي پيو.

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فڪر ۾ وطن ۽ قوم جي نجات تيسين ممڪن ئي ناهي جيسين اُها اندروني ۽ سماجي طور تبديل نہ ٿي ٿئي ۽ سنڌ جي سَڀَ-طرفي آزاديءَ جو مُهندار ۽ ڦل ماٽيندڙ هن ديس جو پورهيت ناهي. استاد بخاري ڪو شهري مڊل ڪلاسي شاعر ناهي، جيڪو وڏ ۾ وڏ عوام تي رحم ڪائي يا ساڻن پري کان بيهي همدردي ڪري. استاد هن ديس ۽ انسانذات جي سمورين مظلوم قومن ۽ طبقن جو سُونهون ۽ ويچ شاعر آهي ۽ اها ئي هن جي شاعريءَ جي حقيقي رومانويت آهي.

(4) استاد بخاري جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو واحد وڏو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ لطيف وانگر ڪٿي بہ پاڻ تي رحم ڪائڻ، سماج کي پِٽون پاراتا ۽ مِهڻا ڏيڻ يا مجموعي طور خودقياسيءَ جو رويو ناهي. استاد بخاريءَ جي فڪر جي روح جي ويجهڙائي لطيف جي تفڪر جي روايت سان آهي، جنهن جي فڪر جي "دين" ۾ خودقياسي "ڪُفر" آهي. ان نقطي تي استاد بخاري شيخ اياز کان گهڻو اڳتي اچي، چاڪاڻ تہ اياز صاحبَ جي شاعريءَ خودقياسيءَ جو عنصر گهڻين جاين تي نمايان نظر اچي ٿو جڏهن چوي ٿو تہ "تڙياسين دامنِ صحرا ۾، ساري خوشبو ئي اجائي وئي!" پر استاد بخاريءَ لاءِ خودقياسي جڻ تہ عيب آهي. اياز وري ٻين تخليقي خوبين ۾ ٻي مثال ۽ بخاريءَ سميت پنهنجي ٻين هم عصرن کان گهڻو اڳتي آهي. هر شاعر جو پنهنجو ڪمال ۽ پنهنجون مخصوص ڪمزوريون بہ هجن ٿيون. بخاري قوم، عوام کي ميارون ڏيڻ بجاءِ هڪ حقيقي سونهين ۽ رهبر وانگر سڄو بارُ پاڻ تو کڻي، چوي ٿو:

مـــان پــين وانگـــر اکيـــون پُـــوتي سُـــمهان،
رات جـــي تـــارن کـــي تڙپائينـــدو کيـــرا!
مـــان بـــ جـــي مـــدهوش ٿـــي ليٽـــي پـــوان،
پرهـــــ جـــا پيغـــام پهچائينـــــدو کيـــرا!

(5) استاد بخاري پنهنجي شاعريءَ ۾ اُهو ڪم ڪيو آهي، جيڪو عام طور شاعر ناهن ڪندا. يعني درد جو اظهار تہ شاعر ڪندا آهن، محسوسات کي اُپارڻ ۽ ويندي تخليق ڪرڻ جو ڪم بہ شاعر ڪندا آهن، سمجهہ ۽ شعور جون ڏياٽِيون ٻارڻ جو ڪم بہ شاعر ڪندا آهن پر ايئن وِرلي ملندو تہ ڪو شاعر نجات جا گسَ ٻُڌائي، واٽون سِڌيون ڪري ڏئي ۽ ويندي حڪمت عمليون بہ ٻُڌائي. اهو سندس شاعريءَ جو ڪمال آهي ۽ اِها روايت شاعريءَ جي دنيا ۾ ايتري عام ناهي. مثال طور هو چوي ٿو:

”ڇـــا ڪجـــي“ ڪـــي ڇـــڏ بخـــاري اُٿ، اُٿـــون!
ڪـــر تِڪـــي تڪـــڙي تيـــاري اُٿ، اُٿـــون!
ســـمنڊ ٿيـــون، ســـيلاب ٿيـــون، برســـات ٿيـــون،
ظُلـــــمَ آهـــــي پـــــونءِ ڀـــــاري، اُٿ اُٿـــــون!

يا وري هيئن ٿو چوي:

تحريـــــر کـــــي تـــــرارَ بنـــــايون، بچـــــي پئـــــون!
ڳُوڪـــار مـــان ڳـــتار بنـــايون، بچـــي پئـــون!
هـــــن ديــــس لاءِ هـــــزار اُٿـــــن جانبـــــاز پيـــــا،
هـــڪ هـــڪ منجهـــان هـــزار بنـــايون، بچـــي پئـــون!

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي اهڙا سوين شعر ملندا، جن ۾ تدبر بہ آهي تہ تدبير بہ آهي، حڪمت بہ آهي تہ حڪمت عملي بہ آهي، منزل جو ڏس بہ آهي تہ ان جي واٽ بہ آهي، هو ”هيٺن“ کي سوپاري سَگهہ ڏيندڙ نہ رڳو سُونهون پر ويجُ شاعر آهي ۽ اِها حقيقت ۾ لطيفي روايت آهي. اها روايت اسان کي سچل، خواجہ غلام فريد يا ڪلاسيڪل دور جي وڏن شاعرن ۾ عام طور تي نہ ٿي ملي. اوير جي سڄي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اسان کي اها روايت رڳو لطيف وٽ غيرمعمولي سگهہ سان ملي ٿي. اُها بي ڳالهہ آهي تہ ڪي ٻيون املهہ روايتون لطيف کان وڌيڪ ٻين شاعرن وٽ بہ آهن، پر اها خاص روايت



www.sindhsalamat.com

لطيفي آهي، جنهن جو استاد بخاريءَ تي غيرمعمولي اثر نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ٿلها ڀُور پچائڻ، پاڻ تي ويڳاڻپ ۽ اَويساهيءَ کي طاري ڪرڻ ۽ بيرحم حقيقتن کي بهادريءَ سان منهن ڏيڻ بدران پيچي ويڃڻ جا گس ڏسڻ بجاءِ حوصلو آهي، جرئت آهي، ارڏائي ۽ جدوجهد آهي ۽ لطيف جي ٻوليءَ ۾ وِرچي نه ويهڻ جو تصور آهي، چوي ٿو:

نـــه روئـــڻ پـــتڻ ۾ اســـان جـــو عـــلاج،
نـــه سَـــترون ڪُـــتڻ ۾ اســـان جـــو عـــلاج!
ڏِيـــون، پُـــٺَ. ســـيئي ـ ڏرتـــيءَ ڄٽيـــا،
اُٿـــي پئـــو اُٿـــڻ ۾ اســـان جـــو عـــلاج!

يا وري چوي ٿو:

مَـــرڻ کـــان ڊِڄـــي، زنـــدگي ٿـــا گهُـــرو،
ٻَـــرڻ کـــان ڀِڄـــي، روشـــني ٿـــا گهُـــرو،
بنـــا ڪاوشـــن جـــي ڪِرشـــمو ٿئـــي ڇـــو؟
ڏُکـــن کـــان لِڪـــي ڀـــوءِ خوشـــي ٿـــا گهُـــرو.

(6) استاد بخاري اهو شاعر هرگز ناهي، جنهن لاءِ شاعري بذات خود دل جي وِندر يا مقصد هجي. هو شاعريءَ کي انسان جي انفرادي توڙي اجتماعي سوچ ۽ زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ جو هڪ اهم تخليقي ذريعو سمجهي ٿو. هو جتي شاعريءَ ۾ جماليات ۽ رومانويت جو قائل آهي، اُتي هو شاعري ۽ ادب جي مقصديت جو به وڏو پرچارڪ آهي.

چوي ٿو:

طوفـــان، زلزلـــي ۾ ڇهـــرن ڏي ڪيـــر ڏســـندو؟
برســـات ۾ ڳـــڙي ۾ ڳـــوڙهن کـــي ڪيـــر اُگهنـــدو؟
جنگـــاڻ جـــي طبـــلَ ۾ ڪُوئـــل جـــي ڪُـــوڪَ ڪهـــڙي؟
هـــر گهـــر ۾ حشـــر، تنهنجـــي شـــعرن کـــي ڪيـــر ٻُڌنـــدو؟

حقيقت ۾ تخليقي ادب زندگيءَ ۾ پنهنجو ڪارج به تڏهن ٿو ڳولي لهي، جڏهن اُهو زندگيءَ کي ڪا نئين معنيٰ ٿو بخشي، نه ته ٿلهي دل جي وندر جي ڪهڙي عمر ۽ ان کي ڪهڙو دوام؟ استاد بخاري جيتوڻيڪ پنهنجي سياءَ، سوچ ۽ گفتگوءَ ۾ تمام سادو لڳندو هو ۽ حقيقت اِها آهي ته مون کي سندس



www.sindhsalamat.com

حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهو ادراڪ نہ ٿيو تہ ڪو هن جو سماجي شعور ايترو ڳِهرو عقليت پسند، عقيدي پرستيءَ کان آجو ۽ سائنسي آهي. اهو ادراڪ مون کي سندس وفات کان گهڻو پوءِ سندس شاعريءَ جو ڳهرو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ ٿيو. هونئن عام طور شاعرن ۾ اهڙو شعور ناهي هوندو جو گهڻي ڀاڱي سندن شاعريءَ جو محرڪ جذبا، خيال، تخيل ۽ حُسن بيني هوندا آهن پر استاد جو اهو وڏو ڪمال آهي. استاد واقعي ”فڪري استاد“ بہ آهي. ان ڪري ئي مون هن کي سنڌ جو ”سُونهون“ ۽ ”ويچ“ شاعر ڪوٺيو آهي.

(7) استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي ٻولي، فن، تخليقي تجربن، منفرد تخليقي تشبيهن، علامتن، استعارن جي حَسين استعمال ۽ خيال جي اُٿت جا پاسا بہ ايترائي باڪمال آهن جيترا هن جا فڪري يا تخيلاتي پاسا آهن. جيئن هن جو فڪر غيرروايتي آهي، تيئن هن جي ٻولي، اسلوب، فن، بندشون ۽ ترڪيبون پڻ بيحد انوکيون نيون، منفرد ۽ تخليقي آهن. اهو استاد جو ئي ڪمال آهي جو هن جي شاعريءَ ۾ بنهہ غيرشاعراڻا لفظ بہ نئون معنوي جنم وٺي وڏيءَ حُسناڪيءَ سان جهُومڻ لڳن ٿا. حُسن ۽ جماليات استاد جي شاعريءَ جي هر انگ ۽ رنگ ۾ آهي. جنهن جي حوالي سان بہ استاد جا تجربا ڪمال جا آهن. مان سمجهان ٿو تہ نظم ۽ گيتَ سميت شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ جيترا گهڻ طرفا تخليقي تجربا استاد ڪيا آهن، سنڌي ٻوليءَ ۾ شيخ اياز کانسواءِ وِرلي ڪنهن شاعر ڪيا هوندا.

مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي ڪا يونيورسٽي استاد بخاريءَ تي هڪ چيئر قائم ڪري تہ جيئن سنڌ جي هن ”استاد“ شاعر بابت معياري تحقيق ذريعي سنڌ کي سندس فڪر، ٻوليءَ ۽ فن جي پرک ملي سگهي ۽ سنڌ جا هم عصر ۽ ايندڙ نسل اِهو ڄاڻي سگهن تہ سنڌ جي دل دادوءَ جي ارڙي ۽ رومانوي مِٽيءَ مان نِسريل جديد سنڌ جو هيءُ وڏو شاعر ڪيڏو نہ باڪمال مفڪر ۽ آرٽسٽ هو!

ٻيلـــو نـــہ جهلـــي ٻُـــور، اِهـــو نـــاممڪن،
تنهنجـــو نـــہ ڀـــوي ڀُـــور، اِهـــو نـــاممڪن،
اُســـــتاد جـــــو آواز لَٿيـــــو ٿـــــا لُـــــڙ ۾،
اوندهـــہ ۾ لِڪـــي نُـــور، اهـــو نـــاممڪن.

(بخاري)

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 09 آڪٽوبر 2013ع**



www.sindhsalamat.com

# سنسار سونهن ۽ سنڌ جو عاشق!

استاد بخاريءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ٻاروتڻ ۾ ٿي، جڏهن هو ۽ منهنجو والد صاحب عبدالحئي چانڊيو دادوءَ جي ڪاليج ۾ پروفيسر هئا. ٻوبڪ ۾ بابا جو دِل-گهريو دوست گل محمد ميمڻ رهندو هو جيڪو سنڌ جو مشهور حڪيم هو. اسان جو اُتي اچڻ وڃڻ هوندو هو. هڪ دفعي مان بابا سان گڏ ٻوبڪ ويو هوئس ۽ واپسيءَ تي ڪاليج ۾ استادن جي اسٽاف روم ۾ مون پهرين ڀيرو استاد بخاريءَ کي ڏٺو. مون کي ٻاروتڻ کان شاعريءَ سان نہ رڳو گهرو لڳاءُ هوندو هو پر مون کي تمام گهڻي سنڌي ۽ اُردو شاعري ياد هوندي هئي. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ اُن ڏينهن استاد بخاريءَ لئہ ۽ تالَ ڏئي ڏاڍي ترنم ۾ پنهجا شعر ٻڌايا هئا. ائين اسان جي گهر ۾ استاد بخاريءَ جو ذڪر پيو ٿيندو هو خاص طور تي ادبي لاڙي سبب بابا مون سان هن جو ذڪر پيو ڪندو هو. مون سدائين بابا کان استاد بخاريءَ بابت مثبت راءِ ٻڌي، سواءِ هڪ دوستاڻي تنقيد جي تہ هو تاريخ ۽ فلسفي جو وسيع مطالعو نہ ٿو ڪري. اها خبر مون کي وڏو ٿي پوءِ پئي تہ استاد بخاريءَ زندگيءَ جو وسيع ۽ گهرو مطالعو ڪيو هو جنهن جا انيڪ عڪس سندس شاعريءَ ۾ آهن. هو تاريخ جو اِدراڪ رکندي علامتي انداز ۾ ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ٿو چئي:

سمنڊ نہ سُڪندو، پر مون سُڪندي آهي ڏٺو
روهُہ نہ ڀُرندو، پر مون ڀُرندي آهي ڏٺو
اڪين سان استاد بخاري سچَ ڪي،
ڪني جيڏي ڪڏَ ۾ ٻڏندي آهي ڏٺو.

استاد بخاريءَ سان منهنجي واقفيت جو ٻيو حوالو رسول بخش پليجو آهي، جنهن سان منهنجي شعوري حياتيءَ جا لڳ ڀڳ 25 سال گڏ گذريا. پليجي صاحبَ جي صحبتَ ۾ ساٿس گڏ سفر ڪرڻ معنيٰ هڪ يونيورسٽيءَ جو هم سفر هجڻ آهي. استاد بخاريءَ جو مون وٽ ابتدائي تعارف هڪ بيحد رومانوي شاعر وارو هو جيڪو خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي رومانوي رويـن جو



www.sindhsalamat.com

ترجمان هو. اهو بخاري جيڪو پنهنجي رومانوي اظهار ۾ بيحد بيخوف آهي، هو چوي ٿو:

ڪٽـي نگاهَـه پڇيـائين تـه ڪـانُ هـويـا نـه؟
چـيـم تـه جـنهن بـه پڇـايو جُـوانُ هـويـا نـه؟
هــزار شورشُــون ڇهــرو ڪئــي قصــا آنســو
زبـــانَ بنـــد هئـــي پـــر بيـــانُ هـــويـــا نـــه؟

بخاريءَ جو رومانوي انداز بہ سراپاءِ باهہ آهي، چوي ٿو:

اســان عشــقُ ڪيــو هــو اُهــو نــه تــو وســري،
مچــن ۾ شــوقُ نچيــو هــو اُهــو نــه تــو وســري،
بــلا تــي پيــر نــه پيــو هــو جــو چــالَ ڏئـي بچجـي،
ڪِنــوڻ ڪــي پــانهَن ٻَڪيــو هــو اهــو نــه تــو وســري.

پليجو صاحب 1986ع ۾ جڏهن جيل مان نڪري آيو تہ اسان سڄيءَ سنڌ جا سفرَ گڏجي ڪرڻ شروع ڪيا. سڄيءَ سنڌ ۾ جهر جهنگ وياسين. سفرَ ۾ رڳو بحث مباحثا، ادبي رهاڻيون، لطيف جا بيتَ، انقلابي شاعري، فلسفو سياستَ ۽ عالمي موضوعَ هوندا هئا. انهن رهاڻين ۾ منهنجي سامهون هڪ نئون استاد بخاري اُڀري آيو. رُڳو رومانوي نہ، پر هڪ انقلابي، قومي، طبقاتي شعورَ جو حامل ۽ بيپناهہ آرٽسٽ شاعر استاد بخاري! مون ڪي پليجي صاحب جو بخاريءَ بابت اهو نئون موقفُ هضم ڪرڻ ۾ وڏو وقتُ لڳو ۽ ساڻس گهڻي ۾ گهڻا اختلافي بحث مباحثا بہ مون ڪيا، پر پوءِ جڏهن سڄي ڳالهہ پيراڻتي سمجهيم تہ مون استاد بخاريءَ کي هڪ نئين اکِ سان ڏسڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ پروڙڻ شروع ڪيو. اهو بخاري جيڪو رومانوي بہ آهي تہ انقلابي بہ آهي، قومي ۽ طبقاتي سوچ جو حامل بہ آهي تہ بيحد فطرت-پسند، حسن-پرست بہ آهي. يعني مختلف شعري روايتن جو سنگم پر روايتي شاعر بلڪل بہ نہ. هن جي عواميتَ بہ عوام جي سطح جي نہ پر انقلابي عواميتَ آهي، يعني اُها عواميتَ جيڪا عوام لاءِ تہ آهي پر عوامَ کي تبديل ڪندڙ شعورَ ۽ فڪرَ تي ٻڌل آهي. استاد بخاريءَ چوي ٿو:

جو ڪٿي رُڪجون رفيقو! ارتقا رُڪجي نہ ٿي،
زنـدگيءَ جـي آرزوءَ ۾ جُسـتجو ٿڪجي نـه ٿـي،
ســاٿيو! ســندرا ٻــڌي هلنــدا هلــو وڌنــدا هلــو



www.sindhsalamat.com

پاڻ چوبيهي رهون، دنيا جڏهن بيهي نہ ٿي!

سڄيءَ دنيا جي ۽ سموري تاريخ جي ڪُوڙ کي بخاريءَ جي للڪارَ جو انداز ڏسو:

پنهنجي اونداه آڻ، منهنجي سوجهري جي سامهون،
تنهنجو منهنجو مامرو آ، فيصلي جي سامهون،
پير پنهنجا ڪوڙ جي ڪوڙي سگهين او ڪُوڙ پُڌا!
ڏُوڙ ٿي ويندين، جو آهين زلزلي جي سامهون!

بخاريءَ جو انقلابي شعور تہ پنهنجي جاءِ تي پر ان جي اظهارَ جو اعتماد ۽ لهجو تہ ڏسو:

پڇيائون تہ هٿ ۾ قلم آ، يا بجلي؟
بغل ۾ ڪتاب آ يا طوفان آهي؟
تکي ڪامريڊَن جي مُنهن ۾ چيم:
نون انقلابن جو سامانُ آهي.

يا وري هي ڏسو:

سڄو وقت آهيون اسان انقلابي،
رُتن کي ڳتن کان وٺي ٿا گُهمايون،
خزائُن کي لوڏي، لُڪن کي تڙائي،
بَهاريون گُهرايون، ڪٿُوريون ورهايون!

استاد بخاريءَ سان ان نئين ۽ شعوري ڏيٺ ويٺ ۽ تعارف کان پوءِ اتفاق سان اسان جو ذاتي طور بہ محبت ۽ احترام جو تعلق جُڙيو جيڪو سندس زندگيءَ جي آخري پساهہ تائين قائم رهيو. مان جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس تہ هو مون سان ملڻ ڪڏهن هاسٽل هليو ايندو هو تہ ڪڏهن يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ جي گهر ترسي اُتي گهرائيندو هو ۽ پوءِ اسان جون طويل ادبي رهاڻيون ٿينديون هيون. هو داد وءَ کان ريلَ ۾ ايندو هو ۽ پوءِ مان هميشہ کيس ڄامشوري ريلوي اسٽيشن تي چڙهڻ ويندو هوس. مون کي اهو بہ فخُر حاصل آهي تہ هو مون کي ادبي خطَ لکندو هو ۽ مون وٽ هن جا انيڪ اهڙا خط سانڍيل آهن، جن ۾ ڪيترا شعر هن پهريو پيرو لکي پڙهڻ لاءِ مون کي اُماڻيا هئا.

استاد بخاري ذاتي طور هڪ بيحد سادو ۽ معصوم طبع ماڻهو هو. هن جي سامهون هن جي شاعريءَ تي پارکُو نظر سان ڳالهائبو هو تہ هو وڏيءَ معصومانہ



www.sindhsalamat.com

حيرتَ وچان پيو پُڏندو هو. جڏهن ته هن کي يقين نه ايندو هجي ته اهو سچو اِدراڪ، فن ۽ ڏاهپ سندس شاعريءَ جو مزاج ۽ جوهر هئا. هن جي شاعريءَ ۾ حُسن پروري، عاشقي، فن سان محبت، قوميتَ، انقلابيتَ، جماليات ۽ فطرت پسنديءَ جا گهڻ طرفا عڪس آهن. خاص طور حُسن پروري، بـ ايتري جو هن کي موت جي خبر بہ حسين گُهرجي، هو چوي ٿو:

آگ جـي دريـاه ۾ ڪُـڏان،
هُـن ڪنـاري تـي اگـر سـهڻي هجـي!
زنـدگي ڪـوجهيءَ ڪـان ڏاڍو تـو ڊڄـان،
مـوت جـي ئـي خبـر پـر سـهڻي هجـي!

پر مان سمجهان ٿو تہ استاد بخاريءَ جي محبتي شاعريءَ تي انقلابي شعورُ وڌيڪ حاوي آهي، شايد اهو ئي سبب آهي جو سچي حياتي شاعريءَ کي ارپي بہ هو خود ڪلاميءَ جي ڪيفيتَ ۾ چوي ٿو تہ:

مجـيم سَـچَ جـو سـچُ ۽ ڀـجُ آهـين،
ٻُڪئـي لاءِ ڳِيـو نـاهين، او شـاعري!
وڏي ذاتَ تـي ڏيهَـ ڪـي روز ڏيـن پـر،
ننگـي لاءِ لٽـو نـاهي، او شـاعري!

استاد بخاري هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن پنهنجي وجود کي عشقَ، انقلابَ، سنڌ ۽ انقلابي عواميتَ جي روحَ ۾ رچائي چڏيو هو ان ڪري بخاريءَ کي انهن قدُرن کان جدا ڪري ئي نہ ٿو سگهجي. هو ان جو اظهار هيئن ٿو ڪري ٿو:

جـذبات ۾ محتـاط رهـڻ ڪـو نـہ آيـو
درياهـہ کـي سُـونهين ٿـو وهـڻ ڪـو نـہ آيـو
محبـوب جـي محفـل مـان اُٿـڻ مشـڪل هـو
مظلـومَ ڪئـي ڪـوڪَ، ويهـڻ ڪـو نـہ آيـو!

ان ڪري استاد بخاريءَ وٽ جتي شاعري عشق جي اظهار، فن سان محبت، ٻوليءَ سان عشقَ جو لطيف ذريعو هو اُتي هن وٽ شاعري هڪ فڪري مورچو بہ هو جتي هن پنهنجي دور کي جاڳائڻ، لوڏڻ، ڌوڏڻ ۽ متحرڪ ڪري تبديل ڪرڻ ٿئي چاهيو. سندس تصور تہ ڏسو!



www.sindhsalamat.com

آڙاهَه ۾ آلاڻ، اِها اڻ ٽيٽي!
۽ سونَ ۾ ڪاراڻ، اها اڻ ٽيٽي!
جنهن وقت سڏي سنڌ، بخاري پُٽڪي،
چا لاءِ، چاڪاڻ، اها اڻ ٽيٽي!

استاد بخاريءَ کي عقيدي پرستي ۽ اوهام پرستيءَ کان نفرت هئي، جو هو سمجهندو هو ته اهي فڪري غلاميءَ جا وَنگ نه رڳو صدين کان سندن پيرن ۾ پيل آهن، پر اهي سندن تاريخي غلاميءَ جا سبب ۽ محرڪ پڻ آهن.

هو چوي ٿو:

انسان جي عظمت کي ميجون ٿا سو ميجون ٿا،
ڏرتيءَ کان هلي چنڊ وڃون ٿا، سو وڃون ٿا،
تحقيق جي مضبوط هٿوڙيءَ سان ٺڪوري،
وهمن جا ٺلها ناٺَ پڃون ٿا، پڃون ٿا!

هو صدين جي اوهام پرستيءَ جو ٽُٽندڙ طلسم ڏسندي چوي ٿو:

جُهور عقيدو اُڏڙي پيو آ،
عقل، جُوانو اُڳهڙي پيو آ،
حُجري جون ٿا ٽُوٽيون ڪوڙيو
هوڏانهن عرش به اُکڙي پيو آ!

روشن خيالي، سنڌ ۽ پورهيت عوام بخاريءَ جي محبت جا محور هئا، سنڌ ۾ ته هن جو ساهُه هو. جنهن باشعور سنڌ جي هن پنهنجيءَ شاعريءَ ذريعي آبياري ڪئي، ان جي ارڏي باغيانه مزاج بابت هن جو اتساهه ۽ اعتماد ڏسو:

ترِڪي جي ٽَتان، سمنڊ سُڪي ناممڪن،
ڪڪرن جي اڳيان، ڪوهُه ڊُڪي، ناممڪن،
تاريخَ ڪري چيخَ چيو: او آمر!
جابرَ جي اڳيان سنڌُ جُهڪي، ناممڪن!

پر ساڳئي وقت هو سنڌ جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن کي خبردار به ڪري ٿو:

ته چا گمنام ٿي ويندا سين، پر آهستي آهستي؟
خيال-خام ٿي ويندا سين، پر آهستي آهستي؟
پراون کي پناهون ڏيندي ڏيندي ڏينهن هڪُ ايندو
اسين خود سامَ ٿي ويندا سين پر آهستي آهستي؟



www.sindhsalamat.com

بخاريءَ کي خبر هئي تہ نئين سنڌ جي اڏاوتَ ڏاهپ، جدوجهد ۽ مزاحمت سان ئي ٿي سگهي ٿي. تڏهن تہ هو چئي ويو:

صدين ۾ ٿيو بہ هڪڙو ديده ور پيدا تہ ڇا ٿي پيو؟
اسان جي ڏيهَہ کي ڏاهن هزارن جي ضرورت آ.
نوان سُقراطَ افلاطون پيو استاد پئدا ڪري،
زماني کي نڪورن شاهڪارن جي ضرورت آ.

مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ جڏهن هو ڪينسر جي بيماريءَ وِگهي ڳري ڪنڊا ٿي ويو هو پر بخاريءَ جو اُتساهہ، زندگيءَ ۾ ويساهُہ، حوصلو تخليقيتَ، اُميد پسندي ۽ هڪ نئين سنڌ ۽ نئين دنيا جي اڏاوت ۾ ايمان هماليہ کان بہ اوچو هو ۽ هو تہ سراپا پنهنجي هن شعر وانگر هو:

پيلو نہ جهلي پُور، اهو نا ممڪن!
تنهنجو نہ پوي پُورُ اهو ناممڪن!
اُستادَ جو آواز لَٽيو تا لُٽَڙَ ۾،
اوندهہ ۾ لڪي نُورُ، اهو ناممڪن آ!

وفات کان ڪجهہ ئي ڏينهن اڳ علي دوست عاجز سان مون کي ملي وڃڻ جو نياپو ڪيائين. مان وٽس دادوءَ واري گهر ويس، تہ هي هماليہ کان سگهارو سنڌ جو انقلابي ۽ رومانوي شاعر، هڏن جي مُٺ جيان هنڌ تي پيو هو. مان وٽس گهڻي دير ويٺو رهيس، جڏهن تہ ماڻهن سان ملڻ جي ڪيس مڪمل منع ٿيل هئي، ان حالت ۾ بہ ڇا تہ لفظ چيائين، ”موتَ کان نہ ٿو ڊڄان، پر زندگي بيحد وڻيم ٿي، چاهيان ٿو انسان ڪينسر جو علاجُ ڳولهي لهندو، پر تڏهن مان نہ هوندس“.

ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ سندس فاني جسم تہ وڃي ڌرتيءَ جي هنج ۾ سُتو پر سنڌ جو استاد بخاري رڳو ڪو فاني جسم تہ نہ هو سنڌ جو روحُ، سنڌ جو احساسُ هو، شعور هو شُعار هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ سدا حيات عاشقُ هو اهو ڪيئن ٿو مري سگهي؟ هو پاڻ ئي تہ بشارت ڏئي ويو هو تہ:

جو قومَ جياري، اُهو جيئندو رهندو،
جو عامُ اُجاري، اهو جيئندو رهندو،
مون کي تاريخ ۽ تقديرَ ڏني پڪَ آهي،
جو سنڌُ سنواري اهو جيئندو رهندو

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 09 آڪٽوبر 2014ع



www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جون علمي ۽ ادبي خدمتون

سنڌ ۾ ڪجھ ماڻهو اهڙا آهن، جن جي دانش ۽ ڪم جي پوريءَ طرح سڃاڻپ ۽ مڃتا نہ ٿي آهي. سنڌ ۾ شين جي پرک، عقلي ۽ علمي ڇنڊڇاڻ ۽ سندن جائز حيثيت جي تعين جي روايت اڃان پختي ناهي. تاريخ جو ڊگهو عرصو غلام، محڪوم، محروم ۽ ويڳاڻپ جو شڪار رهڻ ڪري، عام طور جيڪي سماجي ۽ نفسياتي ڪمزوريون اهڙن معاشرن ۾ پيدا ٿينديون آهن، اُنهن جو شڪار اسين بہ ٿيا آهيون ۽ پنهنجن املھ ماڻڪن جو گهربل قدر نہ ڪرڻ بہ اهڙين ڪمزورين مان هڪ آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جنهن سطح جو عالم، اديب هو ۽ هن سڄي زندگي جن وڏن ۽ بنيادي موضوعن تي نهايت علميت ۽ گهرائيءَ سان سوچيو ۽ لکيو جي اُهي اڄ بہ اسان جي سماجي، فڪري ۽ ادبي ايجنڊا تي گهربل اهميت سان سامهون اچن تہ مان پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ سان چوان ٿو تہ سنڌي ادب ۽ سماج صحيح معنيٰ ۾ هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

اڄوڪو جديد ۽ سائنسي طور زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بلندين کي ڇُهندڙ يورپ رڳو اڄ ڪان ڪي پنج – ڇهہ صديون اڳ ڏرتيءَ جو هڪڙو اڻ سُڌريل، پست حال ۽ سماجي طور مذهبي تسلط سبب هڪڙو ٻوساٽيل خِطو تصور ڪيو ويندو هو ۽ اڄ ساڳيو يورپ سڄيءَ دنيا لاءِ ترقيءَ ۽ تحقيق جي حوالي سان هڪڙو مثالي خِطو تصور ڪيو وڃي ٿو. جي يورپ جي ان پستيءَ کان اڄوڪي اوڄ جا بنيادي سبب معلوم ڪبا تہ واضح ٿيندو تہ اهي يورپ جا غير معمولي علم ۽ دانش جا اڪابر ئي هئا، جن سمجهي ورتو هو تہ جيستائين کو سماج اعليٰ ادراڪ ۽ سائنسي شعور سان نئو سلهاڙجي، تيسين اُهو زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ اُسري نٿو سگهي. قومون، ملڪ ۽ معاشرا عوام سان ٺهندا ۽ سندن ئي جسماني ۽ ذهني پورهيي سان وڌندا ۽ سڌرندا آهن. ان ڪري جيستائين عوام کي معياري تبديليءَ ۽ معنيٰ خيز تغير جو شعور نٿو ڏجي، تيسين تبدلِيين جا سپنا ساپيائن کي پُڄي نہ سگهندا. سنڌ ۾ ادبي نشاة



www.sindhsalamat.com

الثاني (Renaissance) جي شعور جو جيڪو ٻج هن صديءَ جي شروعات ۾ مرزا قليچ بيگ پوکيو هو تنهن جي آبياري عقلي استدلال ۽ شعور سان پنجاهه ۽ سَٺِ جي ڏهاڪن ۾ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جي هڪ پوري نسل ڪئي. آبياري چا ڪئي، بلڪ مان تہ چوندس تہ سنڌ ۾ فڪري طور نئين ۽ سائنسي سجاڳيءَ جا بنياد ئي هنن وڌا. هنن جي خوابن ۾ جيڪا سنڌ هئي، اها غلام، جاگيرداري ۽ وڏيرڪي سرشتي جي سنگهرن ۾ قاتل ۽ عملي پسماندگيءَ جي شڪار نہ پر هڪ آزاد، باوقار، دنيا جي سڀ کان اڳتي وڌيل سماجي، سياسي ۽ سائنسي شعور سان سلهاڙيل هڪ جديد سنڌ هئي. هڪ اهڙي سنڌ، جنهن کي هڪ دفعو وري انسان جي تهذيبي اِتهاس جي ارتقا جي سفر ۾ سيبتو ۽ سُونهون ڪردار ادا ڪرڻو هو. سنڌ ۾ علم ادب جي ميدان ۾ جنهن "نئين سجاڳيءَ" يعني Renaissance جا بنياد اُنهن ڏاهن وڌا ان کي اڳتي هلي جن مٽيادار مڙسن ۽ ڏاهن علم ادب جي ميدان تي بلوغت تي رسايو اُنهن ۾ سنڌ جو قابلِ فخر فرزند ۽ ڏاهو انسان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو بہ هو.

منهنجي خوشبختي چئجي جو مون کي زندگيءَ ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي جهڙي ڏاهي ۽ صاحبِ علم و ادراڪ انسان سان ويجهو رهڻ جو گهڻو موقعو مليو. ڊاڪٽر ٻوهيو هونئن تہ اسان جي ارد گرد لکين ۽ ڪروڙين انسانن جهڙو انسان هو ۽ يقينن انسان هئڻ جي ناتي منجهس ڪمزوريون بہ رهيون هونديون. پر جيڪي ماڻهو کيس زندگيءَ ۾ ويجها رهيا، اُنهن کي خبر آهي تہ هو علمي طور ڪا ٻي شيءِ هو. منهنجي خيال ۾ سنڌ ويجهي ماضيءَ ۾ علم ادب جي دنيا ۾ جيڪي چند وڏا ذهين ۽ ڏاها انسان پيدا ڪيا، ڊاڪٽر ٻوهيو اُنهن ۾ بہ پنهنجي هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. هو مزاجن پس منظر ۾ رهڻ وارو شخص هو. ان ڪري هن جون انيڪ صلاحيتون ۽ ڏاهپ سماجي سطح تي گهڻو اُڀري نہ سگهيون. ان هوندي بہ هن جو علمي ۽ فڪري پورهيو اسان جي نئين نسل جي رهبري ڪندو رهندو. ماڻهن علم سان عشق جي ڳالهہ ٻُڌي هوندي، ڪتابن ۾ پڙهي هوندي پر مون علم سان عشق، ڊاڪٽر ٻوهيي جي صورت ۾ اکين سان ڏٺو. هو علم جي حوالي سان سراپا عشق هو ۽ اُهو جنون ئي هو جيڪو کيس ايترو اڳتي وٺي آيو جو هڪ هاريءَ جي غريب، ٻي پهچ ۽ نڌڻڪي ٻار مان هو اڳتي هلي سنڌ جو برک ڏاهو ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com

مان بنيادي طور سائنس ۽ فلسفي جو شاگرد آهيان ۽ سائنس جي پنهنجي هڪ اخلاقيات ٿئي ٿي، جنهن جو هڪ بنيادي اُصول ۽ ضابطو اهو آهي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڇنڊڇاڻ ۽ تَڪَ تور وقت اجائي وڌاءَ کان ڪم نہ ورتجي، ٻيءَ صورت ۾ حاصل ڪيل نتيجن جي ڪابہ وقعت نہ ٿي رهي. ان تناظر ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جي پيچُوهن جي ڳوٺ ۾، محمد علي ٻوهيي نالي هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ غربت، محرومين ۽ اهنجن ۾ ٻالڪپڻ گذاريندڙ وڏن وڏن تعليمي ادارن تائين پهچڻ جو تصور بہ نہ ڪري سگهندڙ هڪڙو ڳوٺاڻو ٻار- جڏهن اڳتي هلي پنهنجي دؤر جو وڏو عالم، اعليٰ پايي جو دانشور ۽ اديب يعني ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ٿي پوي تہ پوءِ سندس وڏائي ايئن ثابت ٿي پوي ٿي جيئن سج پنهنجي اُيرڻ سان پنهنجين ثابتين جو سامان پاڻ سان کڻي ايندو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ٻوهيي جا ڪتاب هن جي عميق علميت جي پوريءَ طرح اِحاطو نہ ٿا ڪري سگهن، جو اُهي موضوع تہ صرف هن جي اوليت هئا، جن کي هن سنڌ جي ماڻهن تائين رسائڻ بنهہ ضروري ٿي سمجهيو پر هن جي موضوعن جي چونڊ مان ئي پتو پئجي ويندو تہ هو علمي خيال کان ڪيتري نہ وسيع ذهن ۽ سوچ جو ڌڻي هو.

غلام ۽ پسمانده معاشرن جي هڪ ڪمزوري اها بہ آهي تہ اُهي پنهنجن غير معمولي انسانن جي صلاحيتن جو لاڀُ پوريءَ طرح حاصل نہ ڪري سگهندا آهن. ٻوهيي صاحب سان بہ ايئن ٿيو ۽ اسين هن جهڙي دانشور جي علميت ۽ تخليقي صلاحيتن مان پوريءَ طرح فائدو حاصل نہ ڪري سگهياسين. ٻوهيو صاحب جيتوڻيڪ هڪ اديب ۽ قلمڪار هو پر منهنجيءَ نظر ۾ بنيادي طور هو هڪ سماجي سائنسدان ۽ عمرانيات جو ماهر ( Social Anthropologist) هو. اها ڳالهہ مان اڪثر ڪيس روبرو بہ چوندو هئس ۽ هو بہ اختيار کِلي پوندو هو ۽ چوندو هو: ”جيستائين ڪوبہ اديب پنهنجي سوچ، فڪر ۽ روين ۾ سوشل سائنٽسٽ ناهي، تيسين هو ڪو وڏو ادب تخليق نہ ٿو ڪري سگهي. ظاهر آهي تہ اديب سماج لاءِ لکي ٿو، سماج اديب جو آڏينس آهي ۽ جيڪڏهن اديب کي سماج جو کِهرو شعور ۽ ادراڪ نہ هوندو، تيسين هو ڪابہ غير معمولي ڳالهہ چئي ۽ لکي نہ ٿو سگهي. ان ڪري اديب لاءِ عمرانيات جو شعور لازمي آهي.“ ٻوهيي صاحب جو سماجي سائنسن جو مطالعو بہ نهايت وسيع هو. سماجيات، تاريخ، سياسي-معاشيات، فلسفو ۽ علمِ



www.sindhsalamat.com

تنقيد هن جا خاص موضوع هئا. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن سماج بابت لکندو يا ڳالهائيندو هو ته وڏيءَ گِهرائيءَ، ڏور رس نگاهه ۽ Vision سان ڳالهائيندو هو.

هو پهريون ماڻهو هو جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي سوال تي خالص سائنسي ۽ سمجاياتي لحاظ کان قلم کنيو. نه رڳو ايترو پر ٻوليءَ سان گڏ ادب توڙي فڪر کي به عمرانيات جي تناظر ۾ سمجهڻ ۽ پرکڻ تي زور ڏنو. هن چاتو ٿي ته سنڌ علمي پسماندگين ۽ جهالتن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل ۽ انيڪ دائرن ۾ قيد سماج آهي. اديب، دانشور ۽ قلمڪار جيڪي سماج ۾ قدرن، تصورن ۽ تفڪر جا سُونهان هوندا آهن، جي اُهي به گِهري سماجياتي شعور کان وانجهيل هوندا، ته پوءِ اها تبديلي محض هڪ خواب بڻجي ويندي ۽ ساپيان جي اُن سطح تائين هرگز رَسي ڪين سگهندي، جيڪا قومن ۽ معاشرن جون تقديرون بدلائي ڇڏيندي آهي.

70_1960ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت گهڻا بحث ڇڙيا، جنهن ۾ خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سراج الحق ميمڻ صاحب حصو ورتو پر اهو بحث سائنسيت سان اڳتي وڌي ڪنهن نتيجي تي نه پهتو. اُن زماني ۾ جنهن شخص ٻوليءَ جي سوال کي تخليقي انداز سان سماجياتي پس منظر ۾ وڏيءَ گِهرائيءَ ۽ علميت سان کنيو ۽ ان کي ڪنهن نتيجه خيز هنڌ تائين پهچايو ته اهو ڊاڪٽر ٻوهيو هو. هن ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي عنوان سان ان موضوع تي هڪ ٿيسز لکي، جنهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني وئي. ٻوليءَ جي سماجي ڪردار ۽ ڪارج جي سوال تي سائنسيت سان ايڏو تخليقي ڪم نه رڳو سنڌ ۽ سنڌي پر اردو ادب ۾ به مون کي نظر نه آيو آهي. پنهنجي ان ٿيسز ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي سماج، ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي پاڻ ۾ تعلق کي عمرانيات جي لحاظ کان واضح ڪري، سنڌي ٻولي، ادب ۽ ان جي سماجي افاديت توڙي ڪارج بابت پنهنجا عالماڻا ويچار پيش ڪيا. پنهنجي ٿيسز بابت هو پاڻ لکي ٿو ته:

”اسان سڀ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ دنيا يعني سماج ۾ رهون ٿا، جيڪو ٻوليءَ سان گڏ ۽ ان جي ئي حدن اندر لڳاتار بدلجندو رهي ٿو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو. هونئن به انساني بنيادن جي تخليقي تهذيب



www.sindhsalamat.com

(Creative Civilization) ۾ ٻولي بدلجندڙ ۽ هميشہ تيار ۽ مستعد طاقت جيان ڪم ڪندي آهي. ٻوليءَ جو هيءُ ارتقائي ۽ حياتياتي پهلو (Biological Aspect) ٻوليءَ جي ڪارج ڪي سماج جي ارتقاءِ حياتيات سان لاڳاپي ۾ آڻي ٿو.“

هنن خاص ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻوليءَ جو اڀياس هاڻي سماجيات (Sociology)، حياتيات (Biology)، نفسيات (Psychology)، سماجي نفسيات (Social Psychology) ۽ انسانيات (Anthropology) جهڙن علمن جي اُصولن پٽاندر ڪرڻو پوندو. ايئن علمِ ڪلچر (Culturology) بہ ٻوليءَ جي ماهرن سان واسطو رکي ٿو. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي علم جي حيثيت هڪ اهڙي علم جهڙي ثابت ٿئي ٿي، جيڪو سيني عمراني علمن سان تعلق رکي ٿو ۽ جنهن ۾ هنن سيني علمن جي اُصولن جو استعمال ٿي سگهي ٿو.

ٻوليءَ جو اڀياس هاڻي سماجي نفسيات جو هڪ اهم موضوع بڻجي ويو آهي. هارس گنز برگ لکي ٿو تہ: ”سماجي نفسيات جو ڪم آهي سماج جي سڄيءَ زندگيءَ جو هڪ تجزيو ڪرڻ ۽ اهو علمي تجزيو ٻوليءَ، آرٽ، مذهب ۽ گڏيل ڪارڪردگيءَ جي مدد سان ئي ڪري ٿو سگهجي.“ (The Psychology of Society P.IX) اهڙيءَ ريت ”وليهيم ونٽ“ جنهن کي جرمنيءَ ۾ سماجي نفسيات جو پرچارڪ مڃيو ويندو آهي، تنهن جو چوڻ آهي تہ ”سماجي نفسيات جو تعلق سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي انهيءَ دماغي پيداوار سان آهي، جنهن کي اسان ٻوليءَ، مِٿ (Myth) ۽ رواج ۾ ڏسي ٿا سگهون. ٻوليءَ جي سماجي حيثيت جو تعلق وچي ٿو ”هيگل“ جي انهيءَ تحريڪ سان قائم ٿئي، جنهن کي لوڪ روح (Volkgeist of Folk Soul) جو تصور ڪوٺيو ويو آهي، هن تصور مان بعد ۾ ڪُلياتي روح (World Soul) جو تصور پيدا ٿيو. ”هيگل جي هيءَ تحريڪ اسان لاءِ ڏاڍي اهم آهي، چو تہ ان مان اسان کي قوم جو اهو روحاني تصور ملي ٿو جنهن کي اسان ادب، آرٽ، قانون، ٻوليءَ، مِٿ ۽ رواج ۾ ڳولي سگهون ٿا. هيگل جي انهيءَ تصور تي مشهور عالم صاو بنيءَ (Svigny) پنهنجي انهيءَ اُصول جو بنياد رکيو جنهن کي بعد ۾ ”قانون جو تاريخي اُصول“ چيو ويو آهي. ("The Psychology of Society" PP 8_9)



www.sindhsalamat.com

ان مان خبر پوي ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ هيگل کان وٺي اڄ تائين علمي دنيا ۾ اهو تصور قائم رهندو آيو آهي تہ ٻوليءَ جو مامرو هڪڙو سماجي مامرو آهي ۽ ٻوليءَ جو اڀياس سماجي نفسيات ۽ ٻين سماجي علمن جي مدد سان ئي ڪرڻ گهرجي.

3 ـ اهي ئي ڳالهيون آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻوليءَ جي باري ۾ اسان جي ڪيل تحقيق جيڪا گهڻو ڪري صوتيات (Phonetics)، علم لغت (Lexicography) ۽ تاريخي علم زبان (Comparative Linguistics) جي ميدانن تي ٿي آهي، سا ڪافي نہ آهي. بيشڪ هڪڙو دؤر ٻوليءَ جي تحقيق جي انهن مقصدن جو متقاضي بہ هو. ان دؤر ۾ ٻوليءَ جي باري ۾ ڪي بنيادي ڳالهيون معلوم ڪرڻيون هيون. وري ان وقت علم جي ترقيءَ جي خيال کان رڳو علمي تجسس بہ وڏي ۽ اهم ڳالهہ هئي، پر اهو دؤر اسان جي ڏسندي ڏسندي گذري ويو. خود ان دؤر ۾ بہ مئڪس ميولر (Max Muller) جهڙي عالم جي قلم مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ ”جڏهن آئون چوان ٿو تہ ڪي ماڻهو آريا آهن تڏهن آئون رڳو ايترو ٿو مڃان تہ ڪي ماڻهو آريائي ٻوليون ڳالهائين ٿا.“ اهڙيءَ ريت اسان جي ٻولي بہ اسان کي اسان جو سماجي تشخص (Social Personality) بخشي ٿي. اسان جي ٻولي اسان جي گڏيل منٽ (Collective Mind) جي ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي اسان ماڻهن جي، اسان جي سماجي ادارن جي، ۽ اسان جي گڏيل ڪلچري ڪارڪردگيءَ جي هڪ تاريخ آهي. اهڙيءَ ريت، جهڙيءَ ريت ٻولي اسان جي تاريخ آهي، اسان جي ٻولي:

(1) اسان کي پنهنجا ڏئي ٿي،
(2) اسان جو ماحول ۽ دائرو مقرر ڪري ٿي،
(3) اسان کي پنهنجو ماضي ۽ حال سمجهائي ٿي،
(4) اسان جي فهم ۽ ”وهم“ جو دائرو مقرر ڪري ٿي ۽
(5) اسان کي اسان جي بنيادي نظرين ۽ خيالن، رسمن ۽ رواجن جو هڪ رڪارڊ پيش ڪري رهي آهي.

4 ـ هن قسم جون حقيقتون هاڻي اها تقاضا ڪري رهيون آهن تہ ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق جي مقصدن کي نئينءَ طرح مرتب ڪجي ۽ هاڻي ٻوليءَ جي وڌيڪ تحقيق ٻوليءَ جي باري ۾ حاصل ٿيندڙ نئين معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪجي ۽ اهڙيءَ ريت ۽ انهيءَ مقصد سان ڪجي تہ ٻوليءَ کي انسان جي بهتريءَ، سماجن جي ترقيءَ، فردن جي



www.sindhsalamat.com

افرادي قوت، ۽ قومن جي آسودگيءَ جي مقصدن جي لاءِ ڪم آڻي سگهجي.)

5۔ هن تحقيق جو موضوع۔ ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“۔ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ته هڪ نئين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين تحقيق جو بنياد رکي رهيو آهي پر عام طور تي ٻوليءَ جي باري ۾ هيءُ موضوع اسان کي ڪو نئون نظريو ڪونه ٿو ڏئي. بنيادي طور تي بحث هيٺ ايندڙ ڳالھ اها نه آهي ته ٻوليءَ جو ڪو سماجي ڪارج ٿيندو آهي يا نه. اها ڳالھ هاڻي دنيا جي سڀني عالمن وٽ مڃيل آهي ته ٻولين جو هر ڪو ڪارج هڪ سماجي ڪارج آهي، پر جدا جدا سماجن جون تقاضائون، اخلاقي قدر، معيار، سياسي ۽ سماجي رجحان ۽ ادبي مقصد ۽ لاڙا جدا جدا ٿين ٿا. ان ڪري هر سماج جي ٻوليءَ جو ڪردار به نرالو ۽ جدا جدا ٿئي ٿو. ان ڪري اسان جي سامهون به سوال رکيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي. ٻين لفظن ۾ هيءَ تحقيق انهيءَ مقصد تحت تي رهي اهي ته اسان معلوم ڪريون ته سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان اسان پنهنجي سماج جي نفسيات، معاش، اقتصاديات، سياست، تاريخ، حياتيات، مذهبي عقيدي ۽ ڏاهپ جي باري ۾ ڪهڙو رايو قائم ڪري ٿا سگهون. سماجي لسانيات جي مڃيل اُصولن مطابق هن قسم جو اڀياس اُهو آهي جنهن کي بياني سماجي لسانيات (Descriptive Socio_linguistics) ٿو چئجي.“

”8۔ هن طرح هيءَ تحقيق انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي ته:

(1) سنڌي سماج جي اڀياس ڪرڻ ۾ هڪ طريقو ڳولي لهجي،

(2) اهو معلوم ڪجي ته سنڌي سماج، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جو پاڻ ۾ ڪهڙو سٻنڌ آهي.

(3) اهو معلوم ڪجي ته سنڌي ٻولي، پنهنجي ادب جي معرفت اهڙو ڪهڙو سماجي ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن مان خود سنڌي سماج جي مزاج ۽ مسئلن جو اڀياس ڪري ٿو سگهجي.

(4) عام رواجي سنڌي ٻوليءَ جو اهو ڪهڙو طريقو آهي، جنهن مان اسان جي سماج جي ڪن اهم اظهارن جي پورائي ٿئي ٿي، ۽ ٻولي اها ضرورت ڪهڙيءَ ريت پوري ڪري رهي آهي؟



www.sindhsalamat.com

(5) ٻوليءَ جي وڏي مفهوم جي خيال کان سنڌي سماج ۾ اشارن جي ٻوليائي حيثيت ڪهڙي آهي ۽ انهن جو سماجي ڪردار ۽ ڪارج ڪهڙو آهي.

(6) ”علم معنيٰ“ ۽ ”علم علامت“ جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس ڪرڻ مان اسان کي ڇا ٿو معلوم ٿئي، ۽ ان اڀياس مان اسان جي سماج جا ڪهڙا پهلو روشن ٿين ٿا. ۽

(7) سنڌي ٻوليءَ ۾ معنيٰ جون ابتدائي صورتون ڪهڙيون آهن.“

هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر ٻوهيي جيڪو ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي موضوع تي تحقيقي ڪم هٿ ۾ کنيو هو ان جو فڪري تناظر ڪيڏو نه وسيع هو ۽ هن ٻوليءَ جي سماجي ڪردار ۽ ڪارج کي اُجاگر ڪري دراصل ڇا ٿي واضح ۽ ثابت ڪرڻ گهريو. سڀ کان وڏي اهم ڳالهه ته هن وٽ تحقيق جو تصور ڪيڏو نه وسيع، سنجيده ۽ تخليقي هو. نه رڳو اهو پر تحقيق جي ميدان ۾ به هو اڪيلو شخص آهي، جنهن جديد سائنسي معيارن موجب تحقيق جي علم ۽ طريقه ڪار (Methodology) کي واضح ڪيو ۽ ”علمِ تحقيق“ نالي هڪ الڳ ڪتاب لکيو. ڊاڪٽر ٻوهيي جي اها خوبي هئي جو هو جنهن به موضوع جي بنيادي اهميت کي سمجهندو هو يا ان تي لکندو هو ته سڀ کان پهرين ان جي علمي بنيادن کي واضح ڪندو هو ۽ اهو ئي هڪ سچي اسڪالر جو ڪم آهي ته اهو جنهن به شعبي ۾ مهارت رکي ۽ ان کي سماج لاءِ ڪارائتو سمجهي. اُن حوالي سان پنهنجي ٻوليءَ، ادب توڙي سماج کي هڪڙا بنياد به فراهم ڪري.

ڊاڪٽر ٻوهيي پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ پاڻ بابت چيو هو ته: ”مان هڪ مشڪل پسند ماڻهو رهيو آهيان.“ منهنجي خيال ۾ هن جي علمي ڪاميابين جو سڄو راز ان هڪ جملي ۾ اچي وڃي ٿو. دنيا جي وڏن ماڻهن جون آتم ڪٿائون پڙهڻ منهنجو من پسند موضوع رهيو آهي ۽ مون ڄاتو آهي ته زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ وڏا ڪارناما اُنهن ماڻهن پئي سرانجام ڏنا آهن، جيڪي هميشه مشڪل پسند رهيا آهن. سهل پسند ماڻهو ذهني طور ڪمزور هوندا آهن. سهل پسنديءَ مان منهنجي مُراد جسماني نه پر ذهني ۽ روحاني سهل پسندي آهي. مشڪل پسند ماڻهو بهادر هوندا آهن ۽ ذهني طرح بهادر ماڻهو ئي وڏا ۽ غير معمولي ڪم ڪري سگهندا آهن. ڊاڪٽر ٻوهيو به ذهني طرح هڪ بهادر ۽ مشڪل پسند ماڻهو هو. علم جي اخلاقيات ۽ قدرن جي نظام (System



www.sindhsalamat.com

(of Values ۾ بهادريءَ جا تصور اُهي ناهن جيڪي اسان جي مروج سطحي ۽ پست سماجي نظام جا مقرر ۽ متعين ڪيل آهن. سنڌي سماج ۾ وڏن ماڻهن جي پرک جي باري ۾ بہ اسان کي پنهنجا روايتي قدر ۽ ماپا تبديل ڪرڻا پوندا. ٻوهيو صاحب جيئن تہ مزاج ۾ هڪ مشڪل پسند ۽ ذهني طرح بيحد پختو ۽ عالم ماڻهو هو اُن ڪري هن ادب جي ميدان ۾ بہ پنهنجو بنيادي موضوع علمِ تحقيق ۽ علمِ تنقيد کي بڻايو. اها ٻي ڳالھ آهي تہ هو نہ رڳو هڪ تخليقڪار هو پر تنقيد ۽ تحقيق ۾ بہ هو هڪ تخليقي نقاد ۽ محقق رهيو. تخليقيت جا معيار ۽ تصور اسان وٽ ڏاڍا سطحي ۽ پس مانده رهيا آهن. اسان وٽ عام طور تخليقيت کي ادب جي مخصوص صنفن سان مشروط ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ حقيقت ۾ تخليقيت فقط صنف ۽ فارم جو نہ پر مواد جو سوال آهي. انسان جي تهذيبي ۽ ذهني اوُسر جي تاريخ ۾ قدرن، تصورن ۽ تفڪر جي تخليق کي سڀ کان اُتم ۽ مٿانهون درجو ڏنو ويندو آهي، پوءِ چاهي ان جو اظهار ڪهڙي بہ صنف ۽ فارم ۾ ٿئي. ادب ۾ بہ گهرائي،وُسعت ۽ حُسناڪي تڏهن ٿي اچي، جڏهن فن ۽ ٻوليءَ سان گڏ ان جا ڪي علمي، فڪري ۽ گهرا احساساتي بنياد هوندا. ڊاڪٽر ٻوهيو جيئن تہ هڪ عالم ۽ دانشور اديب هو ان ڪري هن سمجهيو ٿي تہ جيسين دنيا جي سمورن فڪري ڌارائن کي سنڌي ادب ۾ اچڻ جا لَنگهَہ نہ ڏبا ۽ سنڌي ادب کي فڪري طرح دنيا جو سجاڳ ۽ فلسفياڻو شعور رکندڙ ادب نہ بڻائبو، تيسين اسان جو ادب پنهنجي سماج لاءِ ڪنهن بہ وڏي تبديليءَ ۽ رهبريءَ جو سبب نہ بڻبو. ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي موضوع تي هن جي ريسرچ جو مُحرڪ بہ اِهو هو. تنقيد جي ميدان ۾ بہ هن جي ڪم جو مُحرڪ ساڳيو هو. ا جوڪي اُسريل دنيا ۾ علم جي هر شعبي جي درجہ بندي بنيادي طور ٻن شعبن ۾ ڪئي ويندي آهي، يعني هڪ ان جو خالص نظرياتي يا علمي پاسو (Theoretical) ۽ ٻيو ان جو اطلاقي يا عملي (Applied) پاسو. اهڙيءَ طرح تنقيد کي بہ هاڻي ٻين علمي شعبن وانگر ساڳين ٻن حصن ۾ ورهايو ويجي ٿو ۽ اُهي آهن:

1. علمِ تنقيد
2. فنِ تنقيد

اهڙيءَ طرح پهرين موضوع جو تعلق تنقيد جي علمي يا نظرياتي پاسي سان آهي، جنهن جو ڪم تنقيد ڪرڻ جي علم، ان جي نظام ۽ اُصولن کي



www.sindhsalamat.com

واضح ڪرڻ آهي. جڏهن تہ ٻئي موضوع جو تعلق تنقيد جي اطلاقي پاسي سان آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ علمِ تنقيد جي اُصول جي بنياد تي تنقيد ڪرڻ جي فن کي واضح ڪرڻ يا خود, تنقيد ڪرڻ. ڊاڪٽر ٻوهيي گھڻو ڌيان تنقيد جي علمي ۽ نظرياتي پاسي تي ڏنو. ان جو سبب هيءُ بہ ٿي سگهي ٿو جو هن کان اڳ جيتوڻيڪ تنقيد ڪئي تہ ويندي هئي ۽ سٺ جي ڏهاڪي ۾ ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رُجحانات“ (مولانا گرامي) توڙي ”انڌا اونڌا ويچ“ (رسول بخش پليجو) جهڙا شاهڪار تنقيدي مقالا لکجي چڪا هئا پر ادب ۾ تنقيد جو شعبو پوريءَ طرح واضح نہ هو تہ ان جا ڪهڙا اُصول آهن ۽ دنيا ۾ تنقيد بابت گهڻا نظريا ـ سامهون اچي چڪا آهن؟ تنقيد جي علم ۽ فن ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ اهي ٻئي شعبا هڪ ئي شعبي جون ڌارائون هئڻ باوجود الڳ الڳ شعبا ڪيئن آهن؟ چاڪاڻ تہ قبلِ مسيح جي يوناني مفڪر ارسطوءَ کان وٺي ويندي ٽين صدي عيسويءَ جي لانجائينس تائين ۽ فلپ سڊنيءَ کان وٺي ويندي ڊرائيڊن ۽ ڊاڪٽر جانسن تائين، ورڊس ورٿ، ڪولرج، ميٿيو آرنالڊ، ازراپائونڊ ۽ آءِ اي رچرڊس کان وٺي ويندي ويهين صديءَ جي ٽي ايس ايليٽ، ايڊورڊ سعيد ۽ وليم اي بانڊ تائين تنقيد جي علم ۽ فن، ادب ۽ فلسفي جي دنيائن ۾ وڏو سفر طئي ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيي جو اهو پختو خيال هو تہ جيستائين علم، فن ۽ فڪر جي ان سڄي سفر کي سنڌ ۾ متعارف نہ ٿو ڪرايو وڃي، تيسين سنڌي ادب ۾ اُها وسعت نہ ايندي، جيڪا نہ رڳو اسان جي عوام جي رهبري ڪري پر سنڌ کي ايندڙ زمانن ڏانهن بہ چيچ کان وٺي جهلي اڳتي وٺي وڃي سگهي. اِهي ئي آدرش هئا، جيڪي ساڻ کڻي ڊاڪٽر ٻوهيي سنڌي ادب ۾ تنقيد کي هڪ علمي شعبي طور اڳتي آندو ۽ اُن ۾ وڏو ڪم ڪيو. هن جو ڪتاب ”تنقيدون“ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان شايع ٿيل) ان حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن نہ رڳو تنقيد جي علم ۽ فن جي تاريخ تي لکيو آهي پر ادب جي نظرياتي، اخلاقياتي، مذهبي، نفسياتي، جمالياتي، سماجياتي، افادياتي، عملي، داخلي ۽ ”نئين تنقيد“ جهڙن موضوعن تي ڌار ڌار ۽ تقابلي انداز سان لکي ”علمِ تنقيد“ جي لڳ ڀڳ سمورين ڌارائن کي واضح ڪيو تہ ادب جو تنقيدي اڀياس ايترن گهڻن رُخن کان بہ ڪري سگهجي ٿو جنهن مان


www.sindhsalamat.com

اِها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي ته ادب تي ايترن گهڻن رُخن کان تڏهن ئي تنقيد ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان جي موضوعن جو دائرو به ايترو وسيع ۽ همه گير هجي.

افسوس جو اڃا تائين اسان جي ڪنهن به اديب ۽ نقاد "علمِ تنقيد" جي انهن سمورن نظرين کي سامهون رکي سنڌي ادب جو وسيع مطالعو پيش نه ڪيو آهي. ٻيو ته ٺهيو پر سنڌي ادب جي ڪا معياري تاريخ اڄ تائين لکي نه وئي آهي، جي ڪا مختصر تاريخ لکي به وئي آهي ته اُها به محض نصابي سطح جي. ان جو سبب به منهنجي خيال ۾ اهو آهي ته ڪابه تاريخ لکڻ اڄوڪي دؤر ۾ خود هڪ "نظامِ علم" آهي، جنهن کي "علمِ تاريخ" به چئجي ٿو يعني تاريخ لکڻ جو علم ۽ اُن جا اُصول. جڏهن ادبي تاريخ لکڻ جا بنيادي اُصول ئي واضح نه هوندا ته ڪا معياري تاريخ ڪيئن لکبي؟ ڊاڪٽر ٻوهيو پهريون عالم ۽ اديب هو جنهن "سنڌي ادبي تاريخ لکڻ جا اُصول"، "سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ان جا مسئلا" ۽ "تاريخي واقعيت جو نظريو" جهڙا مضمون ۽ مقالا لکي واضح ڪيو ته ڪا معياري ادبي تاريخ لکڻ جا اُصول ۽ معيار ڪهڙا آهن؟ اهڙيءَ طرح اسان وٽ ادب ۾ خاص طور شاعريءَ جي پرک جا معيار به واضح نه رهيا آهن ۽ اهو ڪم به سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي ڪيو. هن "شعر جي اڀياس جا نوان طريقا" جي عنوان سان هڪ شاهڪار مقالو لکي واضح ڪيو ته عظيم شاعري توڙي عمومي شاعريءَ جو اڀياس ڪيئن ڪجي؟ عمرانياتي، تاريخي، فطري ۽ فڪري پس منظر، ڪرداريت، قدرن، تصورن ۽ ٻوليءَ جي نسبت سان لکيل اهو عالماڻو مقالو شعر ۽ ادب جي اڀياس لاءِ نوان گسَ ۽ اُصول متعين ڪري ٿو. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو لکيل ڪتاب "شاهه لطيف جي شاعري" دراصل انهن ئي اُصولن تي لکيل اڀياسي ڪتاب آهي ۽ ايئن ئي ڪو اديب يا نقاد شيخ اياز بابت لکي ته اياز جي شاعريءَ جي صحيح ۽ معياري ڇنڊ ڇاڻ ۽ مطالعو سامهون اچي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ ابتدائي قدم مرحوم امير علي چانڊيو کڻي چڪو آهي.

ڪنهن زماني ۾ ادب کي به علم سمجهيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح علم کي به ادب جي زمري ۾ آندو ويندو هو جيئن عام طور "علم ادب" جو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي پر چاڪاڻ ته هيءُ درجه بنديءَ جو دؤر آهي، اُن ڪري هر شعبي کي پنهنجي مزاج جي حساب سان الڳ الڳ درجابنديءَ ۾ ورهايو وڃي ٿو. اڄ دنيا جا سمورا عالم، علم ۽ ادب کي به ڌار ڌار شعبا تسليم



www.sindhsalamat.com

ڪن ٿا، پر هڪڙي ڳالهه تي سڀ متفق آهن، تہ علم ۽ ادب جو پاڻ ۾ تعلق ايئن آهي جيئن دماغ جو ڏاهپ سان. فلسفي ۾ نظريہ علم (_ Epistemology (Theory of Knowledge) جا شاگرد ڄاڻن ٿا تہ پهرين تصور وجود ۾ اچن ٿا ۽ اُهي بلوغت تي پهچي ڪنهن فڪر يا نظريي جو روپ وٺن ٿا ۽ جڏهن خود اهو فڪر اُسري ڪو نظامِ فڪر (System of Thought) بڻجي ٿو تہ اهو علم بڻجيو پوي ۽ جيڪڏهن ان علم جا بنياد خالص عقلي ۽ تجرباتي آهن تہ ان کي "سائنسي علم" چيو وڃي ٿو. ان ڪري نہ رڳو ادب، شاعري ۽ ٻيا فائن آرٽس پر خود سائنس، فلسفي بلڪ سموري انساني تهذيب جو بنيادِ اهي تصور، فڪر ۽ علم آهن. سماجيات جي خيال کان اها ڳالهہ پرکبي تڏهن بہ معلوم ٿيندو تہ ڪوبہ سماج تيسين سُڌري ۽ اُسري نہ ٿو سگهي، جيسين اُتي غير معمولي تصورن، تفڪر ۽ علم جو ظهور نہ ٿو ٿئي ۽ اها ئي ڳالهہ ادب سان بہ لاڳو آهي. عظيم ادب جي بنيادن ۾ عظيم تصور ۽ فڪر ئي هجي ٿو. يورپ ۾ سورهين صديءَ ۾ مذهبي ميدان ۾ فڪري اصلاحات (Reformation) جو آغاز نہ ٿئي ها ۽ لڳاتار ٽي صديون نئين سجاڳيءَ جون تحريڪون نہ اُڀرن ها ۽ گڏوگڏ علم جي مختلف ميدانن ۾ ترقي نہ ٿيندي رهي ها تہ يورپي سماج "اونداهي دؤر" مان نہ نڪري سگهي ها ۽ اڄ ادب، فن، توڙي سائنسي علم جي ميدانن ۾ هن اوُج کي رسيل نہ هجي ها، پر ان سچي لقاءَ تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ اتي پهرين تفڪر ۽ علم آيو ۽ پوءِ ئي ادب ۾ اُها سگهہ پيدا ٿي، جو اهو تاريخ جون ڌارائون تبديل ڪري سگهيو. سنڌ ۾ اِها گهرج محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جهڙن ماڻهن شدت سان محسوس ڪئي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو ڪتاب "ادب جا فڪري مُحرڪ" ان ئي سلسلي جي هڪ اهم وِڪ آهي. جنهن جو مقصد بہ اهو ئي هو تہ سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج کي روايتي محدود دائري ۽ ذهني ويڳاڻپ (Intellectual Isolation) مان ڪڍي علم ۽ تفڪر جي عالمي ميدان تي وٺي اچجي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ادب- سماج يا ان جي سمورن شعبن جي فڪري ڌارائن کان ڪٽيل يا ڪو بنهہ الڳ وجود نہ ٿو رکي پر اهو بہ پنهنجي ڪُليت (Totality) ۾ انسان جي سمورن ذهني وسيلن سان وابستہ ۽ سلهاڙيل آهي ۽ ان جا اثر بہ لازمي طور قبول ڪري ٿو. اها ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ هو اسان کي ادب ۽ تفڪر جي سموري تاريخ جي



www.sindhsalamat.com

گهِڻين ۾ وٺي ويو آهي ۽ مثالن سان ثابت ڪري ڏيکاريو اٿس تہ سنجيده ۽ معياري ادب جا فڪري محرڪ هوندا آهن. جيئن وِل ڊيورانٽ چيو هو تہ:

"Without Science Philosophy is Impotent" (سائنس کانسواءِ فلسفو خصي آهي).

تيئن ڀوهيي صحب جي هن ڪتاب جي نتيجي طور بہ چئي سگهجي ٿو تہ:

"Without Intellectual dynamics, Literature is Impotent" (فڪري محرڪن کانسواءِ ادب خصي آهي).

هن ڪتاب ۾ ڀوهيي صاحب ٻڌايو آهي تہ يوناني شاعر هومر ۽ سافو اسڪائيليس، سوفوڪلس يا يوريپيڊس کان وٺي ويندي برهمڻن جي ويدن، گوتم ٻڌ جي ڌمپدا، ڪنفيوشس، ذرتشت، رومر ۽ مشرق جي عظيم ادبي شاهڪارن تائين، دنيا جو اصلوڪو عظيم ادب دراصل پنهنجي پنهنجي دؤر جي اعليٰ شعور ۽ فڪر جي پيداوار هو. ويندي جديد دؤر ۾ ڊارون ۽ ميڪڊوگل جي حياتياتي فڪر کان وٺي هيگل جي عقلِ سليم ۽ حقيقت پسندي، روسو جي "سماجي عهدنامي" ۽ مارڪس جي جدلياتي ۽ تاريخيماديت ۽ سارتر جي وجوديت جي فلسفي، ادب تي غير معمولي اثر مرتب ڪيا آهن ۽ دنيا جو ڪوبہ ادب پنهنجي هم عصر فڪري نظامن ۽ محرڪن کان لاتعلق رهي نٿو سگهي.

هاڻي ڀوهيي صاحب جي ان سڄي پورهيي جو تخليقي نتيجو تڏهن نڪرندو، جڏهن ادب جي فڪري محرڪن جي تاريخ ۽ روشنيءَ ۾ ڪلاسيڪي توڙي جديد سنڌي ادب جو مطالعو ڪيو ويندو. جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو ڪم آهي، پر ان کانسواءِ نہ تہ اسان پنهنجي ادب جو صحيح اڀياس ڪري سگهنداسون ۽ نہ ئي وري سنڌي ادب کي مستقبل جي حوالي سان نوان تخليقي گَس ۽ بنياد ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون.

---

8 آڪٽوبر 1997ع تي سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ (SET) طرفان ڊاڪٽر ڀوهيي متعلق سائين محمد ابراهيم جويي جي صدارت ۾ ڪوٺايل ريفرنس ۾ ڏنل ليڪچر، جيڪو ماهوار سالار، نومبر – ڊسمبر 1998ع ۾ شايع ٿيو.



www.sindhsalamat.com

# هوءَ سنڌين لاءِ راڻي ڇو هئي؟

هونئن تہ هر شام حَسين ٿيندي آهي پر اُها سچ پچ بہ هڪ اَياڻي شام هئي ۽ شايد هميشہ تاريخ ۾ هڪ اَياڻي شام طور ئي ليکي ويندي. مان معمول جي گهرو ڪم ڪار سان حيدرآباد جي شهر ۾ هئس. گاڏي جڏهن قاسم آباد طرف وڃڻ لاءِ واڏو واهہ طرف وڌڻ لڳي تہ اوچتو ريڊيو تي خبر آئي تہ پنڊيءَ جي جلسي ڪانپوءِ محترمہ بينظير ڀٽو تي قاتلاڻو حملو ٿيو آهي ۽ هوءَ شديد زخمي ٿي پئي آهي. هونئن تہ 18 آڪٽوبر جي ڪراچيءَ واري خوني حملي ڪانپوءِ اهڙيءَ واردات جا گهڻا امڪان موجود هئا پر خبر ٻُڌڻ سان جڻ روح ۾ ڇڪ لڳي وئي. ايتري ۾ اسلام آباد مان ڪنهن صحافي دوست بہ فون تي ساڳيو اطلاع ڏنو ۽ ڳالهائڻ وقت سندس آواز پريل هو. مون ڊرائيور کي تيز هلڻ لاءِ چيو ۽ گهر ۾ داخل ٿي سِڌو ٽي ويءَ ڏانهن ڀڄُس تہ منهنجي گهر واريءَ رڙ ڪري چيو ”بينظير شهيد ٿي وئي!“ اِها ڪا خبر نہ هئي جڻ ڪنهن قيامت ۽ زلزلي جو اطلاع هو. گهر جي هيٺين فلور تي اسان جي آفيس آهي. مون هيٺ لهندي ڏاڪڻ تان ئي دوستن کي اِهو ڏرتيءَ ڏوڏيندڙ اطلاع ڏنو تہ سيني جا روح ڇڄي پيا ۽ سندن اکيون آليون ٿي ويون. مون کي ان لمحي اِهو بيساختہ احساس ٿيو تہ سمورن سياسي، فڪري ۽ پاليسي اختلافن باوجود بينظير سان اسان سنڌي ماڻهن جو هڪ اجتماعي پيار هو ۽ آهي. اها خبر سنڌ سميت سڄيءَ دنيا ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي ۽ سنڌي ماڻهن ڪجهہ ئي گهڙين ۾ جيڪو تاريخي ردعمل ڏيکاريو ان جو مثال سنڌ جي سموري تاريخ ۾ شايد ئي ڪو هيو هجي. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي شهادت پيري بہ سنڌي عوام ايئن مزاحمت نہ ڪئي هئي جيئن هن پيري ماڻهو رڳو اکين سان نہ پر روحن سان رُنا ۽ مزاحمت رڳو هٿن سان نہ پر ذهنن، دلين، اکين، جذبن ۽ اندر جي اَٿاهہ گهراين سان ڪئي. جيتوڻيڪ هوءَ جيئري بہ سنڌي ماڻهن جي محبتن جو مرڪز رهي پر حقيقت اِها آهي تہ ماڻهن کي سندس شهادت ڪانپوءِ وڌيڪ شدت سان احساس ٿيو تہ هنن موت ۾ ڪجهہ بہ نہ ملڻ باوجود بينظير صاحبہ سان ڪيتري نہ اَٿاهہ ۽ گهري محبت ٿي ڪئي. گهڻن ماڻهن کي سنڌي عوام جي محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سان بي پناهہ محبت شايد غير منطقي نظر ايندي هجي پر حقيقت اها آهي تہ جڏهن بہ عوام جي وسيع تر گهڻائي ڪنهن



www.sindhsalamat.com

سياسي اڳواڻ سان ايتري گهڻي محبت ڪري ٿي پوءِ ڏسڻ گهرجي ته ان جا معروضي، نفسياتي ۽ سياسي سبب ڪهڙا آهن؟ 27 ڊسمبر جي ان اَياڻي رات سنڌ اُها ساڳي نه رهي هئي. هڪ طرف ماڻهن جا رُوحَ ڇِڇِي پيا هئا ته ٻئي طرف ماڻهن حيرتناڪ حد تائين احتجاج ۽ مزاحمت ڪري ڄڻ ته هڪ نئين تاريخ رقم ڪرڻ جا بنياد وڌا. ان رات سنڌي عوام لاءِ اِهو رڳو هڪ اڳواڻ يا فرد جو قتل نه هو پر سندن اجتماعي محبت، اعتماد، شانَ ۽ اُميد جو قتل هو. ماڻهو پنهنجي گهر جي ڀاتين جي وڇوڙي تي به ايئن نه رُنا هوندا، جيئن اُهي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت تي هنجون هاري رُنا، پر دلچسپ ۽ عجيب ڳالهه اِها آهي ته ايڏي عظيم سانحي به پس و پيش سنڌي عوام کي ڪمزور ڪرڻ بجاءِ احساساتي ۽ ذهني طور وڌيڪ سگهارو ڪيو. اهو رويو ۽ حوصلو سنڌي عوام جي گڏيل سياسي ڏاهپ ۽ سگهه جو ڏَس ڏئي ٿو.

ان حقيقت جي باوجود ته پ پ پ سنڌي عوام جي گهربل واهر ڪڏهن به نه ڪئي آهي ۽ ان الميي باوجود ته پ پ پ هميشه عوام جي قربانين ۽ جدوجهد جو ڪٽيو وڏيرڪي ۽ موقعي پرست مٿين وچين طبقي جي موقعي پرست عنصرن کي ڀئي ڪارايو آهي پر اها بهرحال هڪ حقيقت آهي ته سنڌي عوام تڏهن به محترمه بينظير ڀٽو شهيد کي سدائين جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ ڪيس سچ پچ ته پنهنجي راڄ-راڻيءَ جو درجو ڏنو ۽ سنڌي عوام سندس شهادت جي الميي کي به ايئن محسوس ڪيو ڄڻ سندن روحَ راڻي پنهنجي بختَ، تختَ ۽ تاج سميت هلي وئي هجي. جتي ڪيترن ماڻهن کي شهيد بينظير ڀٽو سان سنڌي عوام جي بي لوث ۽ بي انت محبت غير منطقي نظر اچي ٿي اُتي ضرورت آهي ته ان جي سببن ۽ محرڪن تي به غور ڪيو وڃي ۽ انهن جي پرک ۽ پروڙ ڪئي وڃي. منهنجيءَ نظر ۾ محترمه بينظير ڀٽو شهيد سان سنڌي عوام جي بي پناهه محبت جا هيٺيان سبب آهن.

(1) 1977ع ۾ جڏهن جنرل ضياءَ ملڪ جي تاريخ جي بدترين مارشلا هڻي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ نيٺ 1979ع ۾ جڏهن هن شهيد ڀُٽي جهڙي عالمي سطح جي اڳواڻ کي ڦاهي ڏني ته ملڪ ۾ بدترين خوف، ڏهڪاءُ ۽ غير يقينيت جو ماحول ڇانيل هو. پ پ پ جا لڳ ڀڳ سمورا سينيئر اڳواڻ پارٽي ڇڏي خود ساخته جلاوطني اختيار ڪري ويا. ان سڄي ماحول ۾ ماڻهن جي تصور ۾ به نه هو ته هڪ آيري، هارورڊ ۽

آڪسفورڊ جي پڙهيل شهري ڇوڪري پارٽيءَ ۽ جمهوري جدوجهد جون واڳون سنڀاليندي. ضياءَ جو سمورو دؤر عوام هن غير معمولي حوصلي واري ڇوڪريءَ جي ارڏائي، بهادري، ذهانت ۽ اڳواڻيءَ جي صلاحيت ڏٺي. سنڌي عوام سندن هر ادا، سياسي وِڪ، رويي ۽ حوصلي کي ڏاڍي غور ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو. ان سموري عرصي دوران محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي حوصلي، جدوجهد، بهادريءَ ۽ اڳواڻيءَ جي صلاحيت سان ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ اُها جاءِ ٺاهي، جنهن کي اڄ سندس شهادت ڪانپوءِ بہ ڪو پري نہ سگهيو آهي.

(2) تاريخ ۾ هڪ ڳالهہ محسوس ٿئي ٿي تہ جڏهن ڪو ماڻهو يا اڳواڻ حڪمران طبقي مان هوندي عوام ۾ اچي ٿو/ ٿي ۽ عوام لاءِ وڙهي يا قرباني ڏئي ٿو/ ٿي تہ پوءِ ان حالت ۾ عوام جي موٽ ڏاڍي غير معمولي هوندي آهي. سنڌ جي تناظر ۾ شهيد ڀُٽي ۽ سندس ڌيءَ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سان بہ اِها ڳالهہ لاڳو آهي. هو مٿين طبقي مان هئا ۽ عوام ۾ لهي آيا تہ کين موٽ بہ اُها ئي مِلي، اها ئي ڳالهہ آهي تہ کين جيڪا موٽ ملي، ان جو هنن ڪو تاريخي يا بهتر سياسي استعمال نہ ڪيو. پاڻ ويتر عوام جي ان سگهہ کي سستي اگهہ تي ضايع ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن شهيد ڀُٽي ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جو تعلق مٿين طبقي سان نہ هجي ها ۽ پوءِ سندن قربانيون ۽ جدوجهد ساڳي بہ هجي ها تڏهن بہ کين اُها موٽ هرگز نہ ملي ها، جيڪا کين سندن حياتين ۾ ۽ ان ڪانپوءِ ملي.

(3) محترمہ بينظير ڀٽو شهيد سان سنڌي عوام جي غير معمولي محبت جو هڪ سبب اهو بہ آهي جو هوءَ هڪ عورت هئي، سنڌي ماڻهن پهرين ڀيرو هڪ بهادر ڌيءَ جي روپ ۾ ڏٺو پوءِ انهن کيس هڪ سڄاڻ، بهادر ۽ حوصلي مند ڀيڻ جي صورت ۾ ڏٺو ۽ آخري دؤر ۾ سندس شخصيت ۾ هڪ عجيب ۽ جڻ تہ ممتا وارو احساس هو. هن هر روپ ۾ سنڌي عوام کي موهيو ۽ پنهنجي ويجهو آندو. ماڻهن ڏٺو تہ ڪيئن نہ وقت جا آمر هن اَڪيلي ڇوڪريءَ کان ڏڄندا هئا، جو حبيب جالب ان تي لکيو هو تہ:

"ڈرتے ہیں بندوقوں والے ایک نہتی لڑکی سے"

ماڻهن لاءِ عجيب لقاءُ هو تہ وڏا وڏا ڏِنگ وڏيرا سندس ڌڙڪا ٻارن وانگر کائيندا هئا ۽ هوءَ عجيب عورت هئي، جيڪا هڪ پدرشاهي ۽ مرداڻي معاشري ۾ ڪروڙين مردن جي اڳواڻي ڪندي هئي. انهن سببن ڪري هوءَ عوام لاءِ ڪنهن ديومالائي ڪردار کان گهٽ نہ هئي.



www.sindhsalamat.com

(4) بهادري هوڻ ته معاشري لاءِ هڪ وڏو مُلهه (Value) سمجهيو ويندو آهي پر سنڌي عوام لاءِ سورهيائي نهايت غير معمولي ۽ اُتساهيندڙ قدر آهي. محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي سياست سان سوين اختلاف ڪري سگهجن ٿا پر هڪ ڳالهه هن جا سخت مخالف به تسليم ڪندا هئا ته هوءَ نهايت بهادر اڳواڻ هئي. هوڻ ته هن ان جو ثبوت پنهنجي سموري سياسي زندگيءَ ۾ ڏنو پر خاص طور جلاوطنيءَ ڪانپوءِ ته هن ان جا مثال قائم ڪيا. خاص طور 18 آڪٽوبر جي ڪراچيءَ واري خوني حملي ڪانپوءِ هن جنهن سياسي حوصلي سان حالتن کي منهن ڏنو ۽ خوف جو مقابلو ڪيو، اهو ڪردار سچ پچ به افسانوي ٿو لڳي.

(5) سنڌي صدين کان هڪڙي ڳُنڀاڻي قوم رهيا آهن. ويجهڙائپ پڻ تاريخ جو ڪُجھ عرصو سنڌ جو مقدر رهي آهي پر بينظير ڀٽو شهيد جي روپ ۾ سنڌي عوام جڻ ته عالمي طور پنهنجي سڃاڻپ ۽ نمائندگي ٿي ڏٺي. بينظير ڀٽو شهيد هڪ سنڌياڻي هئي ۽ هن جو عالمي قد ڪاٺ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ وڏو ذهني، نفسياتي ۽ روحاني ڏڍُ هو ته ڪو منجهائن اهڙو/ اهڙي به آهي، جنهن کي دنيا سڃاڻي ٿي ۽ جنهن جو دنيا ۾ وڏو نالو آهي. عالمي طور تي محترمه بينظير ڀٽو جي عزت ۽ وقار کي سنڌي ماڻهن پنهنجو مانُ ۽ شانُ ڪري ٿي ڄاتو ۽ سندس شهادت کي به سنڌي ماڻهن پنهنجي ان گڏيل قومي مانَ ۽ شانَ جو قتل سمجهيو.

(5) سنڌي ماڻهن پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ رڳو پاڻ سان ظلم، به اکيائي، ڦُرلٽ ۽ توهين آميز رويا ڏٺا. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو ملڪي تاريخ جو پهريون حڪمران هو جنهن جي اکين ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجي لاءِ ڌڪار نه پر پيار، پنهنجائپ ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏٺا. اڄ سنڌ ۾ جيڪو ٿورو گهڻو مڊل ڪلاس آهي، اُهو سندس ئي Vision جو نتيجو آهي، جو هن پاليسيءَ ۽ حڪمت عمليءَ تحت لکين سنڌين کي روزگار ذريعي شهرن ۾ آندو ۽ کين پنهنجن محدود روايتي دائرن مان ڪڍيو. شهيد ڀُٽي ڪانپوءِ رياستي سطح تي سنڌي ماڻهن لاءِ محترمه بينظير هڪ اُميد جو نالو هئي، اُها ٻي ڳالهه آهي ته هوءَ شهيد ڀُٽي جيان سنڌ کي ترقيءَ جا نوس بنياد نه ڏئي سگهي ۽ نه ئي اها اوليت سندس سياسي ايجنڊا تي رهي پر بهرحال خود فريب ئي سهي پر بينظير ڀٽو ماڻهن لاءِ اُميد جو هڪ خواب هئي پر افسوس جو ان خواب جي



www.sindhsalamat.com

تعبير ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهي. نهايت تلخ تجربن باوجود سنڌي ماڻهو ڪانئس نااُميد نہ ٿيا. ماڻهن لاءِ هوءَ سدائين اتساهہ، اميد ۽ روزگار جي علامت هئي.

پنهنجين سمورين خوبين، حُسناڪين، جرعتن، دلربائيءَ ۽ ڪمزورين سميت هوءَ هاڻي دنيا ۾ نہ رهي آهي. اڄ بہ هن سان بي پناهہ محبتون ڪجن ٿيون ۽ اختلاف بہ ڪري سگهجن ٿا پر هوءَ انهن کان بي نياز ٿي چڪي آهي ۽ پنهنجي پويان ڪيترا تشنہ سوال ڇڏي وئي آهي تہ ڇا سندس پارٽي عوام کي ساڳيو دلاسو، حوصلو ۽ اُميد ڏئي سگهندي، جنهن سبب سنڌي عوام هن غير معمولي اڳواڻ سان ديومالائي پيار ڪندا هئا؟ ان سوال جو جواب ايندڙ وقت وڏيڪ چٽائيءَ سان ٻُڌائي سگهندو، پر هاڻي جڏهن پ پ پ جي حڪومت آهي ۽ ان وٽ سنڌ لاءِ ڪوبہ واضح Vision ناهي، تڏهن سنڌي ماڻهن کي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي نتيجي ۾ جيڪا روحاني سگهہ ملي هئي، اُها تيزيءَ سان نااُميديءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. بهرحال ان باوجود بينظير ڀٽو جي شهادت سنڌي عوام کي ڀڳي هَڏَ جيان زمانن تائين روحاني اذيت جا گهاءَ ڏيندي رهندي. عوام جي هن سان اٿاهہ محبت هڪ نہ پرجهڻ جهڙي گِهري گهاءَ ۾ تبديل ٿي وئي آهي.

---

**28 ڊسمبر 2009ع**



www.sindhsalamat.com

# شهيد بينظير ڀٽو: جيئن مون ڏٺي

اها 2009ع جي مارچ مهيني جي ڳالهه آهي، مان ڪجهه وقت لاءِ آمريڪا جي هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ هئس، جيڪا ڪيمبرج شهر ۾ واقع آهي. مان پنهنجي تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ واشنگٽن ۾ پنجن مهينن جي فيلوشپ تي ويل هئس. فيلوشپ دوران ڪجهه وقت لاءِ هاورڊ يونيورسٽيءَ ۽ ٽفسس يونيورسٽين ۾ ويس، جتي خاص طور ڊاڪٽر عائشه جلال سان اڪيڊمڪ رهاڻيون ۽ بحث مباحثا ٿيندا هئا. ڏينهن جو يونيورسٽيءَ ۾ مصروف ڏينهن گذاري، مان پنڌ ئي پنڌ شام جو چارلس نديءَ جي پُل پار ڪري ڪيمبرج لڳ شهر بوسٽن هليو ويندو هئس، جتي اڄ به جدت باوجود قديم آمريڪا جو تمدني رنگ گهڻو حاوي آهي. شام جو روز ڪنهن نه ڪنهن وڏي ڪتاب گهر ۾ ويهي ڪتاب به پڙهندو هئس ۽ ڪافيءَ جا دور به پيا هلندا هئا. آمريڪا جا وڏا ڪتاب گهر جڻ ته لائبريرين وانگر ٿيندا آهن، جتي ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪتاب پڙهي سگهي ٿو ۽ ڪافي يا چانهه به پي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن ’بارنس اينڊ نوبيل‘ ڪتاب گهر تي ڪجهه ڪتاب ڪڍي ويٺس ته سامهون منهنجي نظر هڪ بُڪ شيلف تي پئي، جنهن جي مٿئين خاني ۾ ٻئي نمبر تي بينظير ڀٽو صاحبه جو ڪتاب ”اوير جي نياڻي“ رکيل هو. مون هڪ نظر ڪتاب تي وڌي ۽ وري پنهنجا ڪتاب ڏسڻ ۾ لڳي ويس. ڪتاب تي بينظير ڀٽو شهيد جي تصوير اهڙي شايع ٿيل آهي، جڻ اُها ڪتاب ڏانهن نهاريندڙ کي گهُوري رهي آهي، يعني مون ڏانهن معنيٰ خيزانداز سان نِهاري رهي آهي. مان ڪوشش جي باوجود رهي نه ٿي سگهيس ۽ بار بار منهنجي نهار بي ساخته محترمه جي ڪتاب ڏانهن کَڄي ٿي وئي. خبر ناهي سندس تازي شهادت جو اندر ۾ ڏک هو يا ڪا ٻي ڪيفيت پر جيئن جيئن منهنجي اک بي ساخته سندس تصوير ڏانهن ٿي نهاريو ته منهنجي اندر ۾ احساساتي ڪيفيت مَتبي ٿي وئي ۽ هڪ گهڙي آئي، جو بي اختيار اکين ۾



www.sindhsalamat.com

ڪڪر ڪارونيار ڪري پرجي آيا ۽ نيٺ پِنل اکيون ڪٽي ڪتاب گهر جي
اُها ڪنڊ ڇڏي اچي ٻئي پاسي وينس.

ڪجهہ گهڙين لاءِ اِها وارتا مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي، پرائي ملڪ جي هڪ ڪتاب گهر جي شيلف ۾ محترمہ بينظير صاحبہ جي رکيل ڪتاب تي نظر ڇا پئجي وئي، اندر ۾ ڪيفيتون ئي تبديل ٿي ويون ۽ نيٺ پاڻمرادو اکيون پرجي آيون. پاڻ کان ڇڙ تہ سوال ڪيم تہ اِهو سڀ ڇا هو. جيڪو مون تي آشڪار ٿيو ۽ جنهن نيٺ اشڪبار ڪيو. مان بينظير ڀٽو صاحبہ جي سياست جو ڪڏهن حصو نہ رهيس، مون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست جي انداز کي ڪڏهن پسند نہ ڪيو نہ رڳو اهو پر هميشہ ان سان اختلاف ڪيو پوءِ پرڏيهہ ۾ سندس تصوير ڏسي هي اکيون آليون ڇو؟ اِها ڪهڙي ڊپيل محبت هئي، احترام ۽ پيار هو جيڪو ايئن اوچتو آشڪار ٿيو ۽ اشڪبار ڪري پاڻ سان ڇڙ تہ ويڙهي ڪٽي ويو؟ مون کي ايئن لڳو ڇڙ اِهو ڪنهن هڪ مخصوص فرد جو نہ پر هڪ سنڌيءَ جو محترمہ شهيد بينظير ڀٽو لاءِ بي ساختہ پيار هو جيڪو مون تي بہ آشڪار ٿيو. هونئن تہ شهيد بينظير صاحبہ سان ذاتي طور بہ هڪ احترام جو لاڳاپو هو ۽ هوءَ اختلافن باوجود مونکي سدائين ياڻيندي هئي. جلاوطنيءَ کان اڳ پاڪستان ۾ هئي تہ ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون، جنهن ۾ هميشہ صلاحون وٺندي هئي. جلاوطنيءَ ۾ هئي تہ اِي ميل ذريعي اڪثر حال احوال پئي وٺندي هئي، مشرف دور ۾ سنڌ ۾ پيپلز پارٽي مڪاني حڪومتن جي چونڊن ۾ هارايو تہ ان جي سببن بابت مون کان راءِ ورتائين، جيڪا مون ڪيس بہ اِي ميل ذريعي موڪلي ۽ آپا فهميده مرزا معرفت بہ لکت ۾ موڪلي مانس، جو هن اِها راءِ آپا فهميده مرزا معرفت موڪلڻ لاءِ چيو هو. ڏک اٿم تہ هن پيري جڏهن واپس آئي تہ سائين علي نواز شاهہ جي حيدرآباد واري گهر تي خواهش ظاهر ڪيائين تہ ”جاميءَ جي گهر وينديس!“، ان موقعي تي منهنجي دوست ڪمال خان چانگ مون کي بار بار فون ڪري بينظير صاحبہ جي ان خواهش بابت ٻڌائڻ ٿي چاهيو پر ڪنهن مصروفيت سبب مون فون نہ کنئي ۽ ايئن محترمہ سان ملاقات ٿي نہ سگهي، ۽ هوءَ هلي وئي. مون کي اِهو ڏک هميشہ رهندو. جتي بہ هجي هر سال عيد ۽ نئين سال جو ڪارڊ پنهنجيءَ دستخط سان ضرور موڪليندي هئي. محترمہ جو اِهو ڪمال هو جو هوءَ انهن ماڻهن سان بہ راهہ رسم رکندي هئي، جن جو ساڻس واضح سياسي اختلاف


www.sindhsalamat.com

رهندو هو. هڪ ڀيري لنڊن ۾ پاڪستان جي مشهور صحافيءَ ضياءُ الدين صاحب ٻڌايو تہ هو سدائين شهيد بينظير صاحبہ سان واضح اختلاف رکندو هو پر ان جي ڪري ڪڏهن بہ سندن احترام جي لاڳاپي ۾ فرق نہ آيو. نذير لغاري صاحب هڪ ڀيري دلچسپ واقعو ٻڌايو تہ. جنرل ضياءَ جي دور ۾ سندس بينظير صاحبہ سان هڪ صحافيءَ طور واقفيت ٿي ۽ هوءَ جڏهن 1988ع ۾ پهريون ڀيرو وزير اعظم ٿي تہ هن کيس پاڻ گهر فون ڪيو. جيڪو سندس گهر واريءَ کنيو. اسان جي دوست نذير لغاريءَ جي سادي سودي گهر واريءَ کي اِها پَڪَ نہ ٿي پئي تہ ڪو فون ڪندڙ واقعي بہ بينظير ڀٽو صاحبہ هئي ۽ هن پنهنجي سادگيءَ سبب ورائي ورائي ڪانئس پُڇي پَڪَ ڪئي تہ اُها واقعي ملڪ جي وزير اعظم ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڌيءَ محترمہ بينظير ڀٽو هئي. دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ جڏهن ورهين ڪانپوءِ، شايد 2005ع ۾، نذير لغاري پنهنجي گهر واريءَ سميت دبئي ويو ۽ بينظير صاحبہ سان ملڻ ويو تہ هن نذير لغاريءَ جي گهر واريءَ کي گهڻو قرب ڏنو ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ سندن ميزباني ڪندي گذاريو. ٻانئيان ٿو تہ 1998ع جي ڳالهہ آهي، ڪراچيءَ ۾ بينظير صاحبہ پنهنجي ڏاڏي سر شاهنواز ڀُٽي جي ورسيءَ جو پروگرام رٿيو جنهن ۾ سياستدانن کي گهٽ پر دانشورن ۽ اديبن کي وڌيڪ گهرايو ويو هو. مون کي بہ دعوت هئي، سو ويس. سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ان پروگرام جو خاص مهمان هو. جڏهن محترمہ اسٽيج تي تقرير لاءِ آئي تہ منهنجي هڪ سال جي عمر جي پُٽ عاطف وٺي گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو. بجاءِ ان تي اَرهي ٿيڻ جي ناهيد خان کي هَٿ جي اشاري سان چيائين تہ ٻارڙي کي ٻاهر گهمايو ۽ ناهيد خان منهنجي پُٽ کي ٻاهر ڪٺي وئي. جڏهن سندس تقرير پوري ٿي تہ بينظير صاحبہ عاطف کي سڏي پنهنجيءَ شفيق هنج ۾ ويهاريو. کيس پيار ڪيو ۽ ٻانئيان ٿو تہ ڪا ٽافي يا چاڪليٽ کيس ڏنو هئائين، ساڻس گڏ فوٽو ڪڍرايائين. منهنجي شهر قمبر ۾ هوءَ هميشہ ڪنهن بہ نام نهاد وڏي ماڻهوءَ جي نہ پر پنهنجي ڪارڪن، منهنجي پاڙيسري ۽ ليکڪ ذوالفقار قادريءَ جي گهر ويندي هئي ۽ کيس پنهنجو ننڍو ڀاءُ سڏيندي هئي. ڪمال جي ڳالهہ تہ اِها آهي تہ شاديءَ جي اسٽيج تي ڀاءُ طور پڻ ذوالفقار قادريءَ کي ئي ويهاريائين، جيڪو پوءِ اڳتي هلي مير مرتضيٰ جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. اهڙا سوين تہ چا



www.sindhsalamat.com

پر هزارين واقعا آهن، جيڪي سڄي ملڪ جي مختلف حصن ۾ ماڻهن جي زبانن تي آهن يا سندن دلين ۾ محبت سان محفوظ آهن.

اها ڳالهه ته هن جا بدترين مخالف به مڃيندا، ته محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي جوهر ۾ تمام گهڻي بهادر انسان هئي ۽ نه رڳو بهادر پر روايتي سنڌي سورهيائيءَ موجب توڪلي ماڻهو به هئي. مثال طور جڏهن پاڪستان اچڻ شرط مٿس ڪارساز وٽ حملو ٿيو ته ان جي ٻئي ڏينهن هوءَ جنهن جُرئت، همت ۽ سورهيائيءَ سان پنهنجي بلاول هائوس واري پريس ڪانفرنس ۾ سامهون آئي، ان دنيا کي نه رڳو حيران ڪيو پر ڄڻ ته هڪ نئين ۽ مختلف بينظير دنيا سان متعارف ٿي. دنيا حيران هئي ته، سندس چهري ۽ رويي ۾ موت کان خوف جو ڪو به آثار نه هو هوءَ شايد جيئري ئي پنهنجي سورهيائيءَ سان جسماني موت کي مات ڏئي چُڪي هئي. مونکي منهنجي دوست ڪمال خان چانگ ٻڌايو ته، هوءَ ڪارساز حملي کانپوءِ پنهنجن سياسي دورن ۾ سيڪيورٽيءَ جو به ڪو لحاظ نه رکندي هئي، (جيڪا سندس سنگين غلطي هئي) سندس جڳ مشهور آمريڪي دوست مارڪ سيگل واشنگٽن ۾ حسين حقانيءَ آڏو مون کي ۽ ظفرالله خان کي ٻڌايو ته، پاڪستان واپس اچڻ وقت ڄڻ ته کيس يقين جهڙي پڪ هئي ته، کيس پاڪستان ۾ ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي شهيد ڪيو ويندو پر اهو انديشو هڪ خوف جي شڪل ۾ سندس سياسي تحرڪ دوران ڪٿي به سندس اعصابن تي حاوي نظر نه آيو. بنيادي طور هڪ معصوم صفت شخصيت هئڻ سبب شايد کانئس عوامي ميڙ ۾ وسري ويندو هو ته، پرويز مشرف جي اڳواڻيءَ ۾ تڏهوڪي اسٽيبلشمينٽ ۽ سندن ساٿاري ڏائڻ ٻڌجي هن کي اجل جو شڪار بڻائڻ جو فيصلو ڪري چُڪا هئا ۽ پس و پيش ائين ئي ٿيو.

جيتوڻيڪ بينظير ڀٽو صاحبه پنهنجي سياسي ڪيريئر ۾ انيڪ ۽ سنگين غلطيون به ڪيون ۽ هن جي بهادري، ثابت قدمي ۽ جدوجهد به باڪمال آهي. هونئن ته محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي تربيت ابتدائي طور سندس پيءُ شهيد ڀُٽي جي هٿان ٿي پر مان سمجهان ٿو ته هن جي اصل تربيت هن جي پَنڌَ ۽ جدوجهد ڪئي. بامقصد پَنڌَ ۽ جدوجهد کان وڌو ڪو ٻيو استاد ٿي نه ٿو سگهي. هونئن ڏٺو وڃي ته شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڀيٽ ۾ شهيد بينظير صاحبه جي جدوجهد وڌيڪ طويل، ڏکي ۽ حساس هئي. هڪ مرداڻي معاشري ۾ هن پنهنجيءَ سوچ، پنڌ، جدوجهد ۽ قربانين سان پاڻ کي رڳو سنڌ ۽



www.sindhsalamat.com

پاڪستان جي ئي نہ پر دنيا جي هڪ قدآور اڳواڻ طور پاڻ مڃرايو ۽ ثابت ڪيو. ممڪن آهي تہ گهڻا ماڻهو اختلاف ڪن پر مان سمجهان ٿو تہ سياسي ڪردار ۾ شهيد بينظير پنهنجي والد کان گهڻو مٿي هئي. شايد سبب اِهو بہ هجي جو هوءَ هڪ حساس دل رکندڙ ذيءَ، ڀيڻ ۽ ماءُ هئي. هن ۾ ڪجهہ شيون هوبهو شهيد ڀُٽي وانگيان بہ هيون. خاص طور هن جو هر وقت سرگرم ۽ متحرڪ رهڻ. مان سڄي ملڪ ۾ هلندو ڦرندو آهيان ۽ هميشہ اِهو ڏِٺو ۽ حيران ٿيندو آهيان تہ اِهي ٻئي پيءُ ۽ ڌيءَ هر هنڌ ويا هئا. ماڻهن سان هنن جو سڌيءَ ريت گهرو ۽ حُجت وارو لاڳاپو هو. شهيد بينظير ڀٽو جي سياسي زندگيءَ تي ڪيترائي بنيادي نوعيت جا اختلاف ڪري سگهجن ٿا پر هڪ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هوءَ رڳو پاڪستان جي ئي نہ پر پنهنجي هم عصر دور جي هڪ عالمگير جمهوريت پسند اڳواڻ هئي. جنهن جي زندگي بہ جمهوريت لاءِ جدوجهد ۾ گذري ۽ جنهن پنهنجو سِرُ بہ جمهوريت لاءِ ڏنو.

سندس ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي مان بہ ڏينهن اڳ يعني 25 ڊسمبر تي پنهنجي اسلام آباد مان آيل دوست ۽ شهيد بينظير صاحبہ سان گهڻي ويجهڙائي رکندڙ دانشور ظفر الله خان سان گڏ ڳڙهي خدا بخش ۾ محترمہ جي مزار تي هئس تہ منهنجي ساڳي اُها ئي ڪيفيت هئي، جيڪا 2008ع ۾ ڪيمبرج جي هڪ ڪتاب گهر ۾ هئي. مون کي محسوس ٿيو اِهو هڪ فرد جو نہ پر پاڪستان ۾ فلاحي جمهوري رياست جي تصور جو قتل هو جنهن جا نتيجا هي ملڪ زمانن تائين ڀوڳيندو. سندس ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي ڳڙهي خدا بخش ۾ سندس مزار جي اڱڻ تي هلندي، مون کي اِهو بہ احساس بار بار ذهن ۾ کُٽڪي رهيو هو تہ شهيد بينظير ڀٽو جي ان خواب جو ڇا ٿيو، جنهن لاءِ هن پنهنجو سِر ڏنو! ڇا هن اِها قرباني ان لاءِ ڏني هئي تہ سنڌ جا وسيلا ڦُرلٽ جو مال سمجهي ڀيليا وڃن. سنڌ ۾ ڪرپشن ۽ اقربا پروريءَ جي بازار گرم هجي. سنڌ جا ماڻهو سندس پارٽيءَ کي بار بار اڪثريتي مينڊيٽ ڏيڻ باوجود نڌڻڪا ۽ بي وس هجن. خيراتن لاءِ واجهائيندا هجن. سندس ديس جا نوجوان ميرٽ جي لتاڙ سبب وڏيرن جي درن تي ڌِڪا کائڻ لاءِ مجبور وتن ۽ امير سنڌ جو عوام بيحد غريب هجي. گذريل پنج سال زرداري صاحب جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ سندس پارٽيءَ جو راڄ هو ڪا اڳڀرائي ٿي شهيد بينظير جي قاتلن کي ننڍهو بي نقاب ڪرڻ جي بہ؟ آصف صاحب سندس مزار جي احاطي ۾ چيو هو تہ ڪيس قاتلن جي خبر آهي، پوءِ ڪهڙي مصلحت هئي

۾ آهي جيڪا توهان کي روڪي ٿي تہ سنڌ، ملڪ ۾ دنيا جي هن عظيم جمهوريت پسند اڳواڻ جي قاتلن کي پڌرو نہ ڪريو. شيخ حسينہ واجد چاليھ سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ الشمس ۾ البدر جي اڳواڻ کي ملڪ سان غداريءَ جي نتيجي ۾ دار جي تخت تي، پنهنجي منطقي انجام تي پُڄائي سگهي ٿي تہ پوءِ توهان ايئن ڇو نہ ٿا ڪري سگهو؟ ڪهڙي مصلحت آهي، جيڪا توهان کي روڪي ٿي؟ شايد هر قيمت تي ڪرسيءَ جي لالچ!

مان سمجهان ٿو تہ شهيد بينظير ڀٽو جي ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ۾ ڪارڪنن کي پنهنجو احتساب پاڻ ڪرڻ گهرجي ۾ اِها ئي محترمہ کي حقيقي ڀيٽا ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جنهن اقتدار جا هو مزا ماڻين ٿا، اُهو اقتدار ڪين سندن ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي نہ پر شهيد بينظير جي وهايل رَتَ جي بدلي مليو آهي، جنهن جو حقيقي احترام هو پنهنجي موجوده سياسي ڪردار جي بي رحم احتساب سان ئي ڪري سگهن ٿا. باقي رهي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو، تہ هوءَ هاڻي رڳو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نہ پر سموري عوام جو گڏيل ورثو آهي ۾ اِهو ئي سبب آهي جو هن سان اُهي ماڻهو بہ محبت ڪن ٿا، جن جو هن جي پارٽيءَ سان ڪوبہ نظرياتي، سياسي ۾ تنظيمي لاڳاپو نہ آهي. هوءَ هڪ انسان هئي، سو خامين کان خالي نہ هئي، هڪ سياستدان هئي، سو يقينن انيڪ غلط فيصلا بہ ڪيائين پر پنهنجي مجموعي جوهر ۾ ڪردار ۾ هوءَ هڪ عظيم انسان، باوقار اڳواڻ ۾ سچ پچ تہ ”بي نظير“ هئي!

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 27 ڊسمبر 2013ع**



www.sindhsalamat.com

# سا جُوءِ ڏوري آئيام، سُونهان جت مُنجهن!

ادب پڙهڻ لکڻ جو شوق مون کي ننڍپڻ کان هو. شوق ڇا، بس هڪ جنون هو. پر ننڍي وهي هئي، سو ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ رومانويت ڏاڍي وڻندي هئي ۽ سندس ڪهاڻيون وَرائي وَرائي پيو پڙهندو هوس. ائين 1986ع ۾ جڏهن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان انٽرميڊيٽ پاس ڪري نڪتس تہ انهن اديبن سان ملڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ جي سَڌَ جاڳي پئي. حيدرآباد ۾ منهنجو اچڻ پيو ٿيندو هو. 1987ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر سڪندر مغل جو جدلي فلسفي تي لکيل ڪتاب ”ڏاهپ جو اڀياس“ لاڙڪاڻي مان شايع ٿي پڌرو ٿيو تہ دوستن چيو تہ هڪ ڪاپي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي بہ اُماڻجي. مون چيو ڊاڪٽر نجم عباسي کي اها ڪاپي مان پاڻ ڏيندس. ائين ساڻس ملاقات جو بهانو ٺهي آيو. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪلينڪ گاڏي کاتي ۾ هوندي هئي. مان ڪتاب کڻي وڃي ساڻس مليس. نهايت قرب سان مليو مونکي ويتر سَرهائيِ اِها ٿي، جو هن منهنجي لکيل هڪ ڪهاڻي ”ڪاري رات جا روشن راهي“ بہ پڙهي هئي، جيڪا ماهوار نئين زندگيءَ ۾ شايع ٿي هئي. مون کي ياد آهي تہ ان پهرين ملاقات ۾ اسان جي ڊگهي ڪچهري ٿي، هو وچ وچ ۾ مريضن کي بہ ڏسي رهيو هو ۽ اسان جي ڪچهري بہ جاري هئي. منهنجي ذهن ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو خاڪو هڪ رومانوي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس وارو هو. پر روبرو هو مون کي هڪ بيحد مختلف شخص نظر آيو. بنهہ غير رومانوي، مڪمل طور سنجيده، شاعري، موسيقي ۽ فن کان ڪوهين ڏور، بظاهر هڪ بنهہ رُکو ماڻهو! لفاظيءَ کان بنهہ پري، سندس گهڻي دلچسپي سائنسيت ۽ فلسفي ۾ هئي.

مذهبن، عقيده پرستيءَ، جاگيرداريءَ ۽ روحانيت بابت هن جا ويچار تمام سائنسي، عقليت پسند ۽ چِٽا هئا. روبرو تہ هي ماڻهو ئي ٻيو هو هو مون کي روايتي اديب قطعي نہ لڳو. هڪ مڪمل نظرياتي ماڻهو هو. جيئن تہ ادب سان گڏ منهنجي مطالعي ۽ دلچسپيءَ جا موضوع بہ ساڳيا هئا، ان ڪري پهرين ملاقات ئي هڪ دوستيءَ واري سُٻنڌَ ۾ بدلجي وئي. اِها هُن جي وڏائي هئي، جو



www.sindhsalamat.com

هن مون جهڙي نوجوان ۽ سيڪڙاٽ کي عمر جي فرق کان قطع نظر ادبي ۽ نظرياتي طور پنهنجو دوست ٺاهيو. مون کي پوءِ سمجهه ۾ آيو ته رسول بخش پليجو پنهنجي جيل ڊائري ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان ڪچهرين جون خواهشون ڇو ظاهر ڪندو هو. فڪري پختگيءَ کانسواءِ اديب هجي يا ڪو به پيو ماڻهو اهو فڪري طور وائڙو ۽ بي روح هجي ٿو/ ٿي. نظرياتي ۽ فڪري طور پختي ماڻهوءَ جي ڳالهين جو هڳاءُ ئي پنهنجو ٿئي ٿو جنهن ماڻهوءَ کي فطرت ۽ سماج جو سائنسي شعور ڳُوڙهو ادراڪ ناهي، انجي چيل يا لکيل ڳالهه ۾ ڪهڙي ڳِهرائي، ادراڪ يا تفڪر هوندو! حقيقت ته اها آهي ته ويندي ٻوليءَ، فن ۽ خيال ۾ احساس کي به تفڪر گهرجي ٿو ۽ فڪر انهن جي به تخليقي اڏاوت ڪري ٿو.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ سان دوستيءَ جو سُبنڌُ جو جڙيو ته پوءِ حيدرآباد ۾ جڏهن به هوندو هوس ته سندس ڪلينڪ تي ڀيرو نه ڀڄجي، اِهو ممڪن ئي ناهي. ڊاڪٽر نجم عباسي ماڻهو به عجب هو. ويسر جو ته بادشاهه هو. ڪلينڪ تي بورڊ لڳل هوندو هوس، ”پراڻا دوست نئين سر تعارف ڪرائين!“ پوءِ اسين نوجوان اديب دوست جڏهن به وٽس ويندا هئاسين ته پوڻ ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندا هئاسين ۽ نجم عباسي ان تي بي اختيار کلي پوندو هو جنهن لاءِ حيدرآباد ۾ مشهور هوندو هو ته هو کِلندو ئي ناهي. ويسر ڪيس ڪم به ڏاڍي ايندي هئي، ڪانئس ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ گهربو هو ته بورڊ ڏانهن اشارو ڪري چوندو هو ڪتاب ڏيڻ ۾ خوشي ٿيندم پر جيئن ته اها ڳالهه وسري ويندي، ان ڪري ڏئي نه سگهندس. ٻي دلچسپ ڳالهه ته ڊاڪٽر نجم عباسي بنهه نِبار سنڌي ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي زور ڏيندو هو. ڪچهريءَ دوران اردو يا انگريزيءَ جو لفظ ڳالهايو ته اصل چڙي پوندو هو. چئي..“ سنڌي ڪو نه ٿي اچيوَ لکنئو يا لنڊن ۾ جاوا آهيو جو سنڌيءَ ۾ اوپرا لفظ ٿا ٿُنبيو.“ ٽي ويءَ کي چوندو هو ”ڏور ڏسٽي“ ۽ فون نمبر کي چوندو هو ” ڏور ڳالهائڻو انگ“ سندس ڪلينڪ جي ليٽر پيڊ تي به ائين لکيل هوندو هو. ان تي ساڻس اڪثر بحث ۽ ڪڏهن ڪڏهن تلخ بحث ٿي پوندا هئا. ان سوال تي اصل نه مڃيندو هو. مان ساڻس هميشه پوڳ ڪندي چوندو هوس،“ ڊاڪٽر صاحب! توهان ٻوليءَ جي واهپي جي باري ۾ غير سائنسي ۽ غير عقلي آهيو..“ ته چوندو هو سنڌي ٻوليءَ جي نج نبار حيثيت منهنجو عقيدو ۽ ايمان آهي. سنڌ هونئن به سندس محبت جو محور هئي. سنڌ سان عشق جون دعوائون ته



www.sindhsalamat.com

بي حد عام آهن. پر جيڪڏهن ڪنهن شخص کي مون سچ پچ سنڌ جي عشق ۾ ٻڏل ڏٺو ته اهو ڊاڪٽر نجم عباسي هو. هڪ ڀيري مان ڊاڪٽر نجم عباسيءَ وٽ ويٺو هوس ته نياز همايوني صاحب به اچي سهڙيو جو هو به گاڏي کاتي ۾ ئي رهندو هو. ڳالهين ڳالهين ۾ اچي فارسيءَ جو ذڪر نڪتو جو نياز همايونيءَ کي فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هوندو هو. فارسي جيئن ته منهنجي به گهر جي ٻولي هئي، جو منهنجو والد پروفيسر عبدالحئي چانديو فارسيءَ جو استاد ۽ شاعر هو سو مون نياز همايونيءَ سان فارسي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ تي پئي ڳالهايو. نياز همايوني صاحب ڪچهريءَ دوران هڪ جملو چا چيو، ڪچهريءَ جو رنگ ئي مَٽجي ويو. هن چيو دنيا ۾ فارسيءَ جهڙي حَسين ۽ امير ٻولي ٻي ڪابه نه آهي. ڊاڪٽر نجم عباسي ٽپي باهه ٿي ويو چئي، ”فارسيءَ جي تعريف ڀلي ڪر، پر سنڌيءَ کي گهٽ نه ڪر.“ مون پهريون دفعو ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي معاملي تي بيحد جذباتي ٿيندي ڏٺو.

ڊاڪٽر نجم عباسي پنهنجي شخصيت ۾ هڪ عام سادو ماڻهو هو ۽ هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن جا موضوع به عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا هئا. ڪلينڪ جي ڪري هن جي زندگي عام ماڻهن سان واڳيل هئي ۽ هن جا مريض هن سان اچي پنهنجو اندر جو حال اوريندا هئا. سندس مشهور ناول ”تلاش“ هڪ اهڙي سچي وارتا جي عڪسبندي هو جنهن جي پلاٽ، سٽاءَ ۽ فني بيهڪ تي مون ساڻس تڏهن به اختلاف رکيو هو جو مان ان ناول جي ڪردار جي وارتا جو اکين ڏٺو شاهد هوس. پر ڊاڪٽر نجم عباسيءَ خالص افسانويت بجاءِ ڪردار، موضوع ۽ خيال عام ماڻهن جي زندگيءَ پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن مان ڪڍندو هو ان ڪري هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ رومانويت ته آهي پر افسانويت گهٽ ۽ حقيقت پسندي وڌيڪ آهي. جيتوڻيڪ مان ذاتي طور افسانوي ادب ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ سان گڏ تخيلاتي افسانويت کي بيحد اهم سمجهان ٿو. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ناول سماجي حقيقت نگاريءَ ۽ رومانويت جي دائري ۾ اچن ٿا. مان هڪ ڳالهه تي ساڻس هميشه اختلاف رکندو هوس ته گهڻو لکڻ بجاءِ ٿورين شين کي گهڻو وقت ڏجي، پر هو منهنجي ان ڳالهه سان سهمت نه ٿيندو هو. مون هن ۾ هڪ عجيب ڳالهه ڏٺي ۽ محسوس ڪئي ته پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ رومانويت جي رنگ ۾ ٻڏل ڊاڪٽر نجم عباسي ذاتي عملي زندگيءَ يا پنهنجي روين ۾ بنهه غير رومانوي ۽ غير جمالياتي هوندو هو. اهو شايد هن جي عملي



www.sindhsalamat.com

زندگيءَ سماجي مزاج ۽ سندس تحت الشعور جو تضاد هو. هن جو لکيل تخليقي ادب ٻڌائي ٿو ته هو پنهنجي تحت الشعور ۾ تمام گهڻو رومانوي ۽ جمالياتي شخص هو پر عملي زندگيءَ ۾ پنهنجي سماجي حالتن سبب بنهه سادو ۽ غير رومانوي شخص هو ۽ ائين اڪثر ٿيندو آهي. ماڻهو جو اصل روح سندس تحت الشعور ۾ هوندو آهي، پر سندس شخصيت، روين ۽ مزاج کي سماجي ماحول گهڙي ۽ ٺاهي ٿو. مون 1994ع ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ تي تنقيدي مضمون لکي ان نقطي کي وڌيڪ چٽو ڪيو هو ۽ هن کي منهنجو اهو مضمون ڏاڍو وڻيو هو. مون کي پيار مان هو "پارکُو" چوندو هو ۽ چوندو هو ته جي سندس وس هلي ته هو منهنجو نالو مَٽائي "پارکُو" رکي.

ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد کان پوءِ پيو ماڻهو هو جنهن مذهب بابت پنهنجا ويچار سماجي مصلحت تحت لڪايا ڪو نه. نظرياتي طور هو ان معاملي ۾ سائين جي ايم سيد کان به اڳتي هو جو سائينءَ مذهبن مان نڪري تصوف جي ڳالهه ڪئي، پر هن فطرت ۽ سماج بابت مادي ۽ سائنسي شعور جي ڳالهه ڪئي. هن جا غير افسانوي اديب ۽ فڪري مضمون لا جواب آهن ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌ جو اهو واحد اديب هو جيڪو سماجي مصلحت تحت پنهنجا خيال لڪائڻ يا علامتي طور بيان ڪرڻ بدران بي باڪيءَ سان واضح ڪندو هو. اها فڪري جرئت گهٽ ماڻهن ۾ ٿئي ٿي. مثال طور رڳو هي واقعو ان ڏس ۾ ڪافي آهي ته زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن سخت بيمار هو ۽ نسيم نگر حيدرآباد ۾ پنهنجي ڌيءَ جي گهر رهندو هو ته مون کي ملڻ لاءِ نياپو ڪيائين. مان ۽ پروفيسر اعجاز قريشي وٽس گڏجي وياسين. هلڻ ۽ ڳالهائڻ کان به لاچار هو. مون ڏنو ته سندس سيراندي کان اهو ئي ڊاڪٽر سڪندر مغل جو ڪتاب پيو هو جيڪو مون کيس 1987ع ۾ ڏنو هو. "يوڳ ڪري چيومانس،" اچا پيا پڙهو اهو ڪتاب..." عجيب جواب ڏنائين ۽ مان هن جي فڪري سگهه کي ڏسندي دنگ رهجي ويس. مون کي چيائين ته،" هر ڀيري يا پڙهيل ڳالهه ان ئي لمحي وسري ٿي وڃي، پر دل چوي ٿي ته جيڪو هڪ لمحو ذهن ۾ ڪا ڳالهه هجي ته اهو به سائنسي شعور هجي." چا ته ڳالهه هئي ۽ هن شخص جي فڪري سگهه هئي. نه ته موت کي سامهون ڏسي ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ٻيجي ڀُري واٽڙا ٿي پوندا آهن. پر هي سنڌ جو ڊاڪٽر نجم عباسي هو جيڪو موت ۽ جهالت کان ڏاڍو هو.

سنڌ جو آڇپو ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو خواب هو سنڌ هن جي زندگي هئي، عاشقي هئي، مرندي مري ويو پر پنهنجي بنيادي ويساهن ۽ آدرشن سان



www.sindhsalamat.com

هن جو ناتو نہ ڇنو. وصيت ڪري ويو تہ سنڌ آجپو ماڻي تہ سندس قبر تي ڏيئا ضرور ٻارجو. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي قبر اڄ بہ انهن ڏيئن جي اوسيئڙي ۾ آهي، جيڪي هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور ٻرندا ۽ نجم عباسيءَ جو فڪري روح ائين ئي جرڪي ۽ مرڪي پوندو جيئن اهو گاڏي کاتي ۾ سندس ڪلينڪ تي سائنسي شعور ۽ سنڌيت سان جرڪندو ۽ مرڪندو هو.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، آچر 27 آڪٽوبر 2013ع**



www.sindhsalamat.com

# لعل پشپ _ جيئن مون ڏٺو!

اِها بمبئيءَ ۾ اسان جي ٽين رات هئي. رات جو نيڪليس بيچ تي پسار ڪندي مون ۽ حسن درس هري موٽواڻيءَ کي چيو: ”ڪاڪا! اسان کي لعل پشپ سان ڪڏهن ٿا ملايو؟“

چيائين: ”لعل کي مون توهان بابت ٻڌايو آهي. هو سڀاڻي اچڻ لاءِ چيو آهي.“ هريءَ جي اهڙي ڳالهه ٻڌي من ۾ خوشيءَ جي احساس جي هڪ لهر اُڀري. دل ئي دل ۾ سوچيم: ”ان جو مطلب ته.....’هن جي آتم جو موت‘ جو ليکڪ لعل پشپ سڀاڻي اسان جي سامهون هوندو. اوچتو حسن درس هريءَ کان پڇي ٿو: ”لعل شخصي طور ڪيئن آهي؟“

هري پنهنجي خاص پنهنجائپ واري لهجي ۾ چوي ٿو ”لعل ڪا بلا ناهي، هڪ سُٺو اديب آهي. طبيعت ضرور ڪجهه عجيب ۽ ڏنگي اٿس، پر ماڻهو تمام پلو آهي. توهان سان ملي هو ضرور خوش ٿيندو.“

مون دل ئي دل ۾ هريءَ جي راءِ سان اتفاق ڪيو. جيتوڻيڪ مان لعل سان ڪڏهن به نه مليو هئس پر مون هن کي پوءِ به سڃاتو ٿي. مون کي هن جي ”عجيب“ هئڻ ۾ ڪوبه شڪ نه هو. مون هن جون چند ڪهاڻيون ۽ هڪ ناول پڙهيو هو ۽ مون کي سندس لکڻين جي لفظ لفظ مان لڳو ته هو يقينن ڪو عجيب شخص آهي. جيتوڻيڪ لعل جون مون جيڪي به شيون پڙهيون هيون تن مون کي ڪنهن طرح به متاثر نه ڪيو هو. مان ادب ۾ جن قدرن ۽ رجحانن جو قائل آهيان لعل اُنهن جي مخالف ڌارا جو ماڻهو آهي پر پوءِ به مون کي لڳو ته هو ڪو عام ليکڪ ناهي. مون جڏهن هن جو ناول ”هن جي آتم جو موت“ پنهنجي يار علي بابا کي پڙهايو هو تڏهن علي ڪانئس سخت متاثر ٿيو هو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي طويل ۽ ٿڌين راتين ۾ لعل اسان جو هڪ خاص موضوع هوندو هو. سو مون کي هن سان ملڻ جو اوسيئڙو هو. هن سان شخصي واقفيت نه هوندي به هن سان اُنسيت هئي. نيڪليس بيچ تي گهمي گهمي، جڏهن اسان هوٽل تي واپس موٽياسين تڏهن به رات دير تائين مان لعل بابت ئي سوچيندو رهيس. جيتوڻيڪ مان هن سان ڪڏهن به نه مليو هئس پر پوءِ به مون وٽ هن



www.sindhsalamat.com

بابت هڪ تصور هو. هڪ اهڙو تصور جنهن جو وجود هو جيڪو متحرڪ ۽ زندھ هو ۽ جنهن کي مان محسوس ڪري سگهيس ٿي.

ٻئي ڏينهن اسان اچا ننڊ ئي پيا هئاسون تہ هري موٽواڻي هوٽل تي پهچي ويو. اسان جلد تيار ٿي هڪ بس ۾ چڙهي لعل جي آفيس ڏانهن روانا ٿياسون ۽ ايئن ڪجھ ئي دير ۾ اسان هڪ بلڊنگ جي فليٽ نما آفيس جي ٻاهران بيٺا هئاسون. لعل پشپ بمبئي مان ”سنڌي انٽرنيشنل“ جي نالي سان هڪ انگريزي رسالو ڪڍندو آهي. اهو فليٽ ان رسالي جي آفيس هئي. اسان جي فليٽ ۾ اندر داخل ٿيڻ تي هڪ نهايت ڦُڙتيلي ۽ اکين جي چمڪ مان ئي چالاڪ ۽ ذهين لڳندڙ هڪ شخص اڳتي وڌي اسان کي ڀليڪار ڪيو. هن جي ڀليڪار ڪرڻ جو انداز ڏسي هو مون کي بلڪل رسول بخش پليجي وانگر تيز فهم لڳو. اها ئي تيزي، اکين ۾ چمڪ ۽ ڦڙتي، نظرن مان ذهانت بکندڙ ۽ ملڻ جو انداز بلڪل غير رسمي، اهو شخص لعل پشپ هو. جنهن سان ملڻ لاءِ هڪ عرصي کان دل ۾ اُڪير هئي. هريءَ ساڻس اسان جو تعارف ڪرايو. مظفر چانڊيي ڪيس پنهنجي رسالي ”پروڙ“ جا ڪجھ پرچا تحفي طور ڏنا، جيڪي هن بغير ڏسڻ جي پنهنجي ٽيبل جي هڪ پاسي رکي ڇڏيا. هن جي مزاج جي اها بي پرواهي ۽ لااُباليت بُري بہ لڳي ۽ سُٺي بہ. هو اسان سان ملڻ شرط ايئن بي تڪلفيءَ، پنهنجائپ ۽ غير رسمي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو ڄڻ هو زمانن کان اسان جو دوست رهيو هجي. سندس شخصيت جي اها اوريجنلٽي مون کي وڻي. بمبئيءَ جهڙي ڀيروپي شهر ۾ رهندڙ هڪ شخص، هڪ اديب ۽ ايڏو اوريجنل. هُو مسلسل ڳالهائي رهيو هو ۽ اسين ڪيس ٻُڌي ۽ ڏسي رهيا هئاسون. هو اسان سان اهڙي سِڪ، پنهنجائپ ۽ تشنگيءَ سان ڳالهائي رهيو هو ڄڻ اسان جي وچ ۾ اڪيچار موضوع اڌ ۾ رهيل هجن، جن تي اچا اسان کي وڏيڪ ڳالهائڻو هو. هن جا موضوع ادب ۽ سنڌ هئا. هن کي ڏسي مون کي لڳو ڄڻ هو ساهت ۽ سنڌ جي ٻن پور وچوٽين ۾ ڦاٿل ڪو شخص آهي. جيتوڻيڪ هن زندگيءَ ۾ انهن پُورَ وِچوٽين مان نڪرڻ بہ چاهيو پر هُو نڪري نہ سگهيو. هو انهن ۾ ڦاٿل ئي رهيو. هن جو لڪيل سمورو ادب ان ڦاٿل شخص جا اُڌما ۽ پنهنجي بيوسيءَ کان بيزاري ئي آهي. اسان چاهيو ٿي تہ هن کان اڪيچار سوال ڪريون، هن سان انيڪ موضوعن تي بحث ڪريون، پر هو ايڏو بي ساختہ مسلسل ۽ سُٺو ڳالهائي رهيو هو جو اسان جي اهڙي خواهش



www.sindhsalamat.com

تشنہ ئي رهجي وئي. هن جي شخصيت ۾ پنهنجي سرجيل اکرن کان وڌيڪ جاذبيت ۽ اثر انگيزي هئي. هُو ڳالهائي رهيو هو ۽ اوچتو سندس آفيس جو ملازم چانهہ جو ٽري سندس ٽيبل تي رکي ٿو. هُو پنهنجي گفتگوءَ کان لاتعلق ٿي اسان لاءِ چانهہ ٺاهي ٿو ۽ اوچتو کِلندي چوي ٿو: ”افسوس جو مان توهان کي صرف چانهہ پياري رهيو آهيان. جي شام هجي ها تہ ڪنهن بيئر بار ۾ هلون ها ۽ بيئر يا اسڪاچ پيئون ها.“ هو چانهہ اسان ڏانهن وڌائي ٿو. اسان تي تہ هونئن ئي سندس تيز ۽ تکين ڳالهين جا خمار چڙهي ويا هئا. دل چيو چوانس: ”يار لعل! جيڪي نشا محبتن ۽ قربتن ۾ آهن اُهي اسڪاچ ۾ ڪٿان آيا؟“

هُو اسان کي پنهنجي محبتن جي مڌُ سان خمار آلود ڪري چڪو هو. دل تہ چيو ٿي تہ هن سان اها ڪچهري مسلسل هلندي رهي پر اسان کي ان ئي ڏينهن الهاس نگر وڃڻو هو، موهن ڪلپنا جي الهاس نگر۔ نہ چاهيندي بہ اسان کي ڪانئس موڪلائڻو پيو. زندگي تہ ايئن ئي آهي. ان جي گاڏي تہ هلندي ئي رهي ٿي. بس فقط منظر ۽ ڪردار بدلجن ٿا. هن کان موڪلائي اسين بمبئيءَ جي رستن تي گهمي رهيا هئاسون ۽ مون کي لڳي رهيو هو ڄڻ لعل پشپ بہ اسان جي سامهون هڪ منظر، هڪ ڪردار ٿي آيو ۽ جلد ئي پنهنجين تيز ۽ تکڙين نظرن جيان الوپ ٿي ويو.

---

ماهوار ”بختاور“ پهريون پرچو اپريل 1996ع



www.sindhsalamat.com

# موهن: هڪ ڪلپنا

20 جون (1992ع) جو اپاڳو ڏينهن اها جيءَ جهوريندڙ خبر کڻي آيو تہ سنڌي ٻوليءَ جو من موهيندڙ ساهتڪار موهن ڪلپنا.... ديهانت ڪري ويو!! هونئن تہ زندگي ۽ موت فطرت جي هڪ ئي سِڪي جا ٻہ پاسا آهن، جن جي اٽل حقيقت کان ڪوبہ منهن موڙي نٿو سگهي.

جيئن زندگي هڪ سچ آهي، تيئن موت بہ هڪ اٽل حقيقت آهي. جذباتي طرح اسان جو شعور، انهن کي قبول نہ بہ ڪري پر اِهي ايڏيون تہ چِٽيون حقيقتون آهن، جو اهي اسان جي داخلي جذبن ۽ احساسن جي مڃتا جون محتاج بہ ناهن. هند جي سنڌي شاعر ۽ نقاد هريش واسواڻيءَ زندگيءَ ۽ موت جي هڪ عجيب نسبت ٻُڌائي آهي. هو چئي ٿو "زندگي موت جي ڏکي جملي ۾ ڪاما وانگر آهي." جيتوڻيڪ گهڻين معنائن ۾ مان ساڻس سهمت بہ آهيان پر پوءِ بہ منهنجيءَ نظر ۾ اها فطرت ڏانهن هڪ قنوطيت پسند روش آهي. زندگي يا موت ڪي قطعي شيون ناهن. انهن جون معنائون بہ ڪردارن جي حوالي سان بدلجي سگهن ٿيون. جي ايئن نہ هجي ها تہ سُقراط جي موت کي بہ زندگي نہ هجي ها. عيسيٰ مسيح صليب تي چڙهڻ کان پوءِ بہ امر نہ رهي ها. لطيف سائينءَ چيو آهي "مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات" يعني هڪڙا ماڻهو جيئري ئي مريو وڃن ۽ ٻيا مريو بہ زندهہ رهن ٿا. زندگيءَ ۽ موت جي هڪ نسبت اها بہ آهي. اصل ۾ ڪي ماڻهو پنهنجي ڪردار ۽ ڪارج ۾ ايڏا وڏا ۽ غير معمولي هجن ٿا جو طبعي موت انهن جي زندگيءَ جي ڏکي جملي ۾ ڪاما وانگر ايندو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ موهن ڪلپنا جو شمار بہ اهڙن ماڻهن ۾ ٿيندو. جي موهن جو طبعي موت هڪ حقيقت آهي تہ هن جي زندگي بہ اهڙو ئي سچ آهي. موهن جڻ تہ ڌرتيءَ تي رهندڙ هڪ ديو مالائي ڪردار هو. هو تہ هڪ ڪلپنا هو ۽ سچيون ڪلپنائون بہ ڀلا ڪڏهن مرنديون آهن ڇا؟ ممڪن آهي الهاس نگر جي هڪ فليٽ ۾ پنهنجي جيون پتنيءَ ڪمل سان گڏ رهندڙ گيتا جي پِتا موهن بولچند لالا جي ارٿي گنگا ۾ رُلڙهي چڪي هجي پر جيڪو موهن ڪلپنا هند سنڌ جي سنڌي ادب جي آسمان تي وِهائو تاري



www.sindhsalamat.com

جيان ٽمڪي رهيو آهي، جيڪو اسان جي جذبن، احساسن ۽ قومي جيوت ۾ ڪنهن سُڳنڌ جيان مهڪي رهيو آهي ۽ جنهن موهن جا وڏا ۽ روح جي وادين مان گُلن جيان ڦُٽي نڪرندڙ ٿهڪ اڄ بہ منهنجي ڪنن ۾ ٻُري رهيا آهن. ان موهن جي لطيف ۽ زندهہ احساس جي ارٿيءَ کي تہ ڪو بہ گنگا ۾ لوڙهي نٿو سگهي. موت فنائيت جو نالو ناهي، موت مظهر جي تبديليءَ جو نالو آهي. تاريخ اهڙن هزارين اڻ مٽ ۽ امر ڪردارن سان ڀري پئي آهي، جن کي موت بہ ماري نہ سگهيو آهي. هزارين مفڪر، ويچارڪ، اديب، شاعر، فيلسوف، فنڪار، سائنسدان ۽ سُورما اڄ بہ تاريخ ۾ زندهہ آهن. هو موت جي مارڻ کان وڏا آهن. موهن ڪلپنا جنهن سڄي ڄمار ٻُک، جهالت، ڪوڙ ڪانئرتا سان ڇِتي ويڙهہ ڪئي، اهو موت کان مات کائي نٿو سگهي. هو زندگيءَ سان بيحد پيار ڪندڙ شخص هو. هن زندگيءَ کي ڄڻ تہ ڪنهن محبوبہ وانگر چاهيو هو. موهن سنڌي ادب جو وڏو نالو هو ۽ آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۽ ناول جي اؤسر ۾ هن جي ڪاوشن ۽ ڪلا کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهبو. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي ان وقت پنهنجو خاص اسلوب ڏنو جڏهن سنڌي ادب ۾ تقليد جو لاڙو عام هو. خاص طور تي هند ۾ ترقي پسند ۽ جديديت جي نالي ۾ اهو لاڙو عام هو ۽ موهن اهڙي دؤر ۾ ادب ۾ پنهنجو هڪ خاص مقام پيدا ڪيو. هن جي ڪهاڻي ۽ ناول هن جي فني ۽ فڪري انفراديت جا مظهر آهن. عام طور تي اهو تصور ڪيو ويندو آهي تہ موهن سماج واديت ۽ ترقي پسنديت جو سخت مخالف هو. جيتري قدر مون ڪيس پڙهيو ۽ پروڙيو آهي تہ منهنجيءَ نظر ۾ ايئن چوڻ درست نہ ٿيندو. موهن ادب ۾ ترقي پسند لاڙن جو مخالف نہ پر ان تقليدي روش جي خلاف هو جيڪا اُن دؤر ۾ ترقي پسند اديبن اختيار ڪئي هئي. اڄ سڄيءَ دنيا اندر ترقي پسند اديب ۽ دانشور ان ڳالهہ جو کليل اعتراف ڪري رهيا آهن، سندن انهن روين پڻ سوشلزم کي فڪري طرح نقصان رسايو. باقي هونئن موهن ترقي پسند اديبن جي ڪمٽمينٽ، بي لوث محنت ۽ سچائيءَ جو نہ رڳو معترف هو پر هن ان جو کُليل اظهار بہ ڪيو هو. سندس هي لفظ ان جو چٽو ثبوت آهن.

”ترقي پسندن ۾ هڪ ڳالهہ هئي، هنن قوم جا مڙئي فرنٽ سنڀاليا. ادب، ادبي هلچل، سنڌي هلچل، تعليم، ناٽڪ، ڪلچر، زبان، سنڌي لپي. جوان هئا، جوانيون ان کي ڏنيون اٿائون. اسان غير ترقي پسندن بہ شروعات ڪان هنن سان



www.sindhsalamat.com

گڏ ڪم ڪيو آهي. اخلاق جا ٻه سُتا. شخصي وهنوار ۾ بغض ۽ تعصب کان آجا. هنن سنڌين لاءِ اهو ڪجهه ڪيو آهي، جو دنيا ۾ ان جو مثال نه ملندو. اُتمَ (چنداڻيءَ) هلچل لاءِ نوڪري ڇڏي، (گوبند) مالهيءَ ناٽڪ لاءِ ماستري ڇڏي، ڪيرتَ (ٻاٻاڻيءَ) ٻه سِرَ تي ڪفن ٻڌي هندستان جا گهڻا دورا ڪيا.... ترقي پسندن، سنڌي ادب ۾ ڪافي صحتمند لاڙا پيدا ڪيا آهن. محنت ۽ ايڪتا، جمهوري سماجدوادي اُصولن تي زور ڏنو آهي. عورت کي مرد جو برابر ڏيکاريو آهي، غلط رسمن کي وائکو ڪيو آهي." (بک، عشق ۽ ادب، ص 95_94)

موهن هڪ انسان هو ۽ منجهس سموريون انساني خصلتون ۽ ڪمزوريون پڻ هيون، پر انهن شخصي انساني ڪمزورين جي ڪري سندس ادبي ۽ فني قدبُت گهٽجي نٿو سگهي. ڪنهن انگيز مفڪر چيو آهي:

"Every man is like a moon, have a dark side, which he never shows to others"

"هر ماڻهو چنڊ جيان ٿيندو آهي، جنهن کي تاريڪ پاسو ٻه هوندو آهي، جيڪو هو ڪڏهن ٻه ٻين کي ناهي ڏيکاريندو." پر اها موهن جي وڏائي هئي جو هو پنهنجا ٻئي پاسا سڀني جي سامهون رکندو هو. هن جيتوڻيڪ نوجوانيءَ ۾ ڪٽر هندو پرست تنظيم آر ايس ايس ۾ ٻه ڪم ڪيو هو. پر جڏهن کيس معلوم ۽ محسوس ٿيو ته اهو ڪٽرپڻو قوم ۽ انسانيت جي فائدي ۾ ناهي ته هن نه رڳو ان کي ڇڏي ڏنو پر سڄي زندگي پنهنجي ان ڪردار تي پڇتاءَ جو اظهار ٻه ڪندو هو.

موهن جي زندگي سچَ ۽ سُونهن جي ڳولا، مسلسل جدوجهد ۽ جاکوڙ جو نالو آهي. اُنَ راهه تي هلندي هن ڏاڍا ڏک ڏٺا. ڪوڙ ۽ ڪُپت جي هن ماحول ۾ سچ ۽ سونهن جي ڳولا ۽ ان سان پيار ڏاڍو اوکو ڪم آهي. اهو ئي سبب هو جو سڄي زندگي هن جون خواهشون مسيح جيان صليب تي چڙهنديون رهيون ۽ هن جا خواب ۽ سپنا سُقراط جيان هر گهڙي زهر پيئندا رهيا. هو چئي ٿو: "مان شايد پنهنجيءَ سوچ، وهنوار ۽ فطرت ۾ نهايت تخليقي آهيان. مان مصنوعيت کان ڀڄو آهيان. مون قدرن جي تلاش ڪئي آهي ۽ ان لاءِ ڪي اُصول قائم ڪيا. قدرن کي پائي نه سگهيس ته قدر نه ڇڏيم، اُصولن کي ڇڏيم. نيم يا ماپا غلط هوندا آهن ته قدرن تي عمل ٿي نه سگهندو. اصول گنگا جيان آهن، اها رشي ڪيش وٽ اجول آهي، ڪانپور ۾ ساڳي گنگا ۾ لاش پيا وهن ۽ ڪناري تي ويٺل ڳجهن جا ڪُٽل پَرَ



www.sindhsalamat.com

۽ ڪُتل چنبا، ساڳي گنگا جو روپ امرت بدران زهر چوٽا ڏين.“ دنيا ۾ سڀ کان وڏو قدر آهي، انسان جي پاڪ ۽ مقدس جذبن جو بچاءُ ۽ موهن جي زندگي سندس تخليقي سوچ ۽ ڪلا ذريعي ان مُلهہَ جو بچاءُ ڪندي گذري. هن ڪي سنڌي ٻوليءَ جو ڪُل وقتي ليکڪ چئجي تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. سندس قلمي پورهيو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ۾ هميشہ ياد رکيو ويندو.

اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو مون کي موهن جهڙي من موهڻي ليکڪ ۽ ڪلاڪار سان ملڻ ساڻس ڪچهري ڪرڻ، سندس روح کي راحت ڏيندڙ ٽهڪن جا پڙاڏا ٻُڌڻ ۽ ڪيس دل کولي ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جو موقعو مليو. مون موهن کي پڙهيو هو، هر ليکڪ جي لکڻين ۽ ڪردار ۾ هن جي شخصيت جو عڪس ضرور هوندو آهي. مون سندس انيڪ ڪهاڻين ۽ ناولن پڙهڻ کان پوءِ هن متعلق جيڪو تصور جوڙيو هو، مون اهو ڏسڻ ٿي چاهيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن گذريل سال آڪٽوبر 1991ع ۾ مظفر، حسن درس ۽ مان انڊيا گهمڻ وياسون تہ اسان جي وڏي خواهش هئي تہ موهن سان ملجي. اسان ٻُڪ، عشق ۽ ادب جو اهو لااُبالي ۽ ملنگ مست ڪردار، ديو مالائي دنيائن جو شهزادو موهن ڏسڻ ٿي گهريو. اهو موهن جنهن زندگيءَ جو معراج ماڻڻ لاءِ مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ هن ڌرم شاسترن جي اوٽ بہ ورتي تہ جيل ياترائون بہ ڪيون. جنهن ادبي محفلن ۾ سر ڪٽيا ۽ ڪٽايا بہ تہ اپسرائن جي زلفن جي پينگهن ۾ بہ لُڏيو. جيڪو ليکڪ هو ۽ جنهن اڌ زندگي ٽيبل تي گذاري، جنهن روشنيءَ جي تلاش ۾ اونده ۾ قلم ڪنيو. جنهن جيون سان ڀرپور پيار ڪيو. ان جا ڏک، سک، خواب، آدرش ۽ اڻ پوريون ٿيل خواهشن جا درد ونڊڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن نياضي (موهن جي پهرين پريميڪا) کان ڪمل (سندس جيون پتني) تائين پيار ۽ پريت جا پيچرا لتاڙيا هئا....! اسان جي اها خواهش هري موٽواڻيءَ پوري ڪئي ۽ هو اسان کي الهاس نگر ۾ موهن وٽ وٺي ويو. شام جا آخري پاڇا لڙي رهيا هئا ۽ اسين الهاس نگر ۾ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ۽ هيري شيوڪاڻيءَ وٽ ويٺا هئاسون جو هريءَ موهن کي فون تي اسان جو اطلاع ڏنو. مون بہ ساڻس ڳالهايو. ڏاڍي قرب مان چيائين تہ جلد اچو مان توهان جي انتظار ۾ آهيان. اسين سندس فليٽ تي پهتاسون. دادي ڪمل در کوليو. مان ۽ هري موٽواڻي سندس ڪمري ڏانهن هليا وياسون. ڇا ڏسان تہ موهن هنڌَ تي ويٺو سبزي پيو ڳتي. موهن جو اهو روپ مون کي ڏاڍو وڻيو. مون کي



www.sindhsalamat.com

ڪمل جا شاديءَ کان اڳ موهن کي چيل هي لفظ ياد آيا (ان جو ذڪر موهن پنهنجي ڪتاب ”ٻُڪ، عشق ۽ ادب“ ۾ ڪيو آهي):

”ڪمل: مجبورين کي منهن ڏئي سگهبو آهي ۽ ان کان بچي سگهبو آهي.

موهن: ڪيئن؟

ڪمل: اهو اوهان کي شاديءَ کان پوءِ سيکاريندس!

موهن: چا لکڻ بند ڪرائيندينءَ؟

ڪمل: نه اوهان جو لکڻ مون کي وڻندو آهي.

موهن: سگريٽ ڇڪڻ ڇڏائيندينءَ؟

ڪمل: نه اوهين سگريٽ پيئندي مون کي ڏاڍا وڻندا آهيو.

موهن: ته چا سيکاريندينءَ؟

ڪمل: ڪجهه دنيا داري.

دل چيو چوانس، موهَن! دادي ڪمل توکي واقعي دنيا داري سيکاري ڇڏي آهي. موهن جو اهو روپ مون کان نه وسرندو مون موهن کي اهڙو ئي پاتو جهڙو مون هن متعلق تصور جوڙيو هو. نهايت قرباتتو ۽ کِلِ مُک، نظرون تيز جڻ اکين ۾ ڪا ايڪس ري مشين لڳل هيس. سندس ڳالهائڻ، مُرڪڻ، کِلڻ ۽ ادائن ۾ به هڪ عجيب رومانس هو. سنڌ جون خبرون چارون ورتائين. چئي، ”علي بابا ڪهڙن حالن ۾ آهي؟ مون کي سندس ڏاڍي سِڪَ لڳي آهي، پاڙيو هيڏي اچي چو نه ٿو!؟“ سنڌ جي حالتن کان گهڻو باخبر هو (شايد سنڌي رسالا پڙهڻ ڪري). هري موٽواڻيءَ جي گهٽي زور پرڻ تي جڏهن حسن درس کيس پنهنجي شاعري ٻُڌائي ته ايڏو خوش ٿيو جو جڻ کيس ڪو اڻ ميو خزانو مليو هجيس. حسن کي چوڻ لڳو ”يار! دل جو مريض آهيان، اهڙي شاعري نه ٻُڌائج جو جيءُ جهُري پئي.“ ڪيتري دير تائين ساٿس ڪچهري ٿي، بحث ٿيا ۽ هڪ ٻئي سان دلي پيار جا پيچَ ڳنڍياسون. مون کي چوڻ لڳو ”تو جهڙو سهڻو ۽ ذهين ماڻهو ڪميونسٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي!؟“ کيس ڪلي چيم، ” توهان مون کي مارڪسوادي چئي سگهو ٿا.“ منهنجي ان ٺهه پهه جواب تي موهن ڏاڍو کليو هو. ڪيتري دير تائين وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو رهيو. (اصل ۾ مون اهو جواب کيس ان ڪري ڏنو جو موهن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ لاءِ لکيو هو ته ڪيرت کيس ڪميونسٽ نه پر مارڪسوادي لڳندو آهي.) چوڻ لڳو ”تو ايڏو پلو جواب ڏنو آهي جو تنهنجي هڪ ”بوتل“ مون تي قرض ٿي، وري جڏهن ملياسون تنهنجو اهو قرض لاهيندس.“ ان کان اڳ جو اسين ٻيهر ملون ۽



www.sindhsalamat.com

قرب جو اهو قرض چُڪتو ٿئي. موهن اسان سڀني کي قرضي ڪري ويو. هو ٻُڪ، عشق ۽ ادب جي دنيا هميشہ لاءِ ڇڏي ويو.

هو موت کان ڪڏهن بہ نہ ڊنو هو پر هو زندگيءَ سان بي پناهہ پيار ڪندو هو. هن لکيو آهي "موت تہ اڻ ٽر آهي ئي، ان کي سهج ۽ سياويڪ قبول ڪجي، جيڪڏهن اهو سهج ۽ سياويڪ آهي پر اڪثر ايئن نٿو ٿئي. البيئر ڪاموءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ اها انساني زندگيءَ جي ڪيڏي ائبسرڊٽي آهي جو هو جنهن زندگيءَ کي معنيٰ بخشڻ چاهي ٿو اها بنا اطلاع جي اوچتو ختم ٿي وڃي" (ٻُڪ، عشق ۽ ادب، ص: 642)

سو اسان کي ڏک موهن جي مرتيي جو ناهي، ڏک ان جو آهي تہ هن جنهن زندگيءَ کي معنيٰ بخشڻ ٿي چاهي، اها ڪانئس ايئن کسجي وئي، جيئن ڪنهن معصوم ٻار کان اوچتو سندس من پسند رانديڪو کسجي وڃي.

هن جي وڏي ٽريجڊي اها بہ هئي جو هن سڄي ڄمار سنڌ کان پري رهي پاڻ کي جلاوطن محسوس ڪيو. سنڌ جي آباديءَ جو ورهاڱو نہ ٿيو جڻ موهن جي جسم ۽ روح جو ورهاڱو ٿيو. هن جو روح اڃا بہ لَڪيءَ جي جبلن ۾ ڀٽڪندو هوندو. ان ڪري ٿي شايد عمر جي اڌ صدي هن فقط حسرت ڀريل خوابن جي ٽوهرن کي اکين ۾ ڇپيندي ڏٺو. موهن ڪلپنا جنهن کي هر ٻي رات سنڌ سپنن ۾ ايندي هئي، اهو نيٺ جلاوطنيءَ ۾ ئي گذاري ويو. تصور جون اکيون ٿو ٻوٽيان تہ لڳيم تہ جڻ موهن جو روح ڀٽڪندو هجي ۽ چوندو هجي:

هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا، ٻنهي هڪٻئي سان ڏاڍي محبت ڪئي پر ملي نہ سگهيا!!!

---

"عبرت مئگزين" – پهرين آگسٽ 1992ع



www.sindhsalamat.com

# ويدانتي ڪامريڊ - ڪيرت ٻاٻاڻي

اسان بمبئيءَ ۾ هري موٽواڻيءَ جي مِنائين جي مشهور دڪان وٽ بيٺا آهيون. حسن درس ۽ مظفر ٻاهر سنڌي شاعر ۽ نقاد نند جويريءَ سان مِٺائي کائيندي ڪچهري ڪري رهيا آهن ۽ مان هريءَ سان گڏ بمبئيءَ جي ليڪڪ دوستن کي فون تي پنهنجي آمد بابت ٻڌائي رهيو آهيان.

”ڪيرت سان ڳالهائيندين؟“ هريءَ مون کان پڇيو: خبر ناهي هريءَ جي محبت ۽ معصوميت جو مَنڊُ هو يا دادا ڪيرت سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ جي سپني ساپيان ٿيڻ جي سرهائي- پر ائين لڳم ڄڻ ڪنهن اَپار ۽ اَڄاتل خوشيءَ جي لهر پوري سريرَ مان بجليءَ جيان ڊوڙي وئي هجي.

”چڱو ڪيرت سان ڳالهاءِ!“ هريءَ مون ڏانهن رسيور وڌائيندي چيو.

”مِٺا ڪڏهن پهتا آهيو؟ طارق اشرف توهان جي اچڻ جو ٻڌايو هو. هاڻي ڪڏهن ٿا درشن ڪرايو؟“ اهو ڪيرت هو. جيڪو مون سان فون تي ڳالهائي رهيو هو. ڪيرت ٻاٻاڻي! جنهن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي ڪلپنا نِنڍپڻ کان دل ۾ سانڍي رکي هئم. شايد سچا سپنا ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ساپيان ٿيندا آهن. ڪيرت سان ڳالهائي ايئن لڳم ڄڻ منهنجي ان سپني جي ساپيان جي پرھ ڀاڪون ڪڍيون هيون. دل ۾ سوچيم، هاڻي جڏهن پرھ ڀاڪون ڪڍيون ئي آهن تہ پوءِ مون کي هند ۾ سنڌيت جي سدا ٻرندڙ انهيءَ سِجَ جي شخصي ۽ فڪري جمال پَسڻ کان پلا ڪير روڪي سگهندو! مون ٻڌو هو تہ ڪيرت نظرياتي طرح پڪو ڪميونسٽ ۽ نهايت سخت طبع ماڻهو آهي، پر مون کي تہ ساڻس ڳالهائي ايئن لڳو ڄڻ هو نرملتا ۽ محبت جي چيڪي مٽيءَ جو ٺهيل هجي. ڪجهہ ئي گهڙين ۾ هن پنهنجي پيار ۽ پاٻوھ جو جيڪو امرت منهنجي من ۾ اوتيو هو ان منهنجيءَ دل ۾ سندس لاءِ احترام وڌائي ڇڏيو هو. ساڻس ڳالهائي ڪلڪتي کان بمبئيءَ جي طويل سفر جا سيئي ٿَڪَ هڪ لحظي ۾ لهي ويا هئا. ساڻس ملڻ جو واعدو ڪري رسيور رکيم. هريءَ شايد منهنجي چهري جون ريکائون پڙهي منهنجي ڪيفيت کي پَسي ورتو هو. چوڻ لڳو ”ڪيرت ڏاڍو دلبر ماڻهو اٿئي. محبتي ماڻهو آهي. سنڌ ۽ ان جي هر انگ سان اٿميو پيار اٿس. توهان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيندو!“



www.sindhsalamat.com

لينن جي هم شڪل ۽ هم خيال سنڌي دانشور ۽ اديب دادا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان ملڻ جي خواهش نندپڻ کان من ۾ ڇهندڙيون پائيندي هئي پر ڪڏهن به اهڙو موقعو نه مليو. ملي به ڪيئن ٿي سگهيو! مان گانڌيءَ جي ديس ويو نه هئس ۽ دادا پنهنجيءَ اباڻيءَ ڌرتيءَ ڏانهن وري نٿو سگهي. هو جنهن وٿ رڳو قرب ۽ پيار آهي، احساس ۽ آدرش آهن، ڌرتيءَ تي امن ۽ آجپي جي اُڪير آهي، لفظ ۽ ڳالهيون آهن، سنڌ سميت سڄي سنسار لاءِ سُونهنَ ڀريا سپنا آهن. اهڙي ڪومل ۽ محبتي ماڻهوءَ کان خبر ناهي هي حڪمران ڇو ٿا ڊڄن؟ هن وٽ ته ڪي به بڙڇيون ۽ ڀالا ناهن. هو ته هڪ آدرشوادي ليکڪ، حساس اديب ۽ مفڪر آهي. هن ڪي نفرت جي باهه ۽ بارود جي بوءِ ڪيئن آئڙندي هوندي؟ هو ته سنڌ ۽ سُڳنڌَ سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهي. سَچَ ۽ سُرهاڻ جو سنديس آهي پر پوءِ به هو ڄامشوري جي هوائن ۾ گهُلڻ لاءِ سنڌ نٿو اچي سگهي. هو پنهنجي جنم ڀوميءَ جو واس نٿو وٺي سگهي. نوابشاهه جي ڀوري ۽ سونَ وَرني مِٽيءَ جا ٻُڪَ ڀري ان جي انوکي سُرهاڻ کي پنهنجي اندر نٿو اوتي سگهي. اهو ڪيرت جو نه، سنڌ جو الميو آهي. هن دؤر جي سنڌ جي اتهاس جو الميو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو ڪيرت سنڌ مان ويندڙ سنڌين کي جيءُ ۾ جايون ڏيندو آهي. انهن سان پيار ونڊي سنڌ ڏانهن نينهن جا نياپا موڪليندو آهي، انهن ۾ سنڌ جو جمال ڀَسندو آهي.

دادا ڪيرت ٻاٻاڻي اڄوڪيءَ سنڌ جو هڪ اهم ڪردار آهي. ماڻهو ارپنا جون ڳالهيون ڪندا آهن، ليکڪ پنهنجين لکڻين ۾ پاڻ ارپيندڙ ڪردار تخليق ڪري سگهندا آهن پر پاڻ ارپي نه سگهندا آهن. دادا ڪيرت پاڻ ارپڻ جي ڪا وڏي هامَ نه هڻندي به پنهنجي سڄي ڄمار پاڻ ارپي ڏيکاريو. هن جون سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ سپيتا لاءِ ڪيل انيڪ ڪوششون، جدوجهدون، ڪاوشون ۽ قربانيون، ان جو ڇٽو ثبوت آهن. هو ڇا ڇا ناهي؟ هڪ مهان ۽ آدرشواديس انسان، حساس اديب، سڄاڻ دانشور ۽ ڌرتيءَ جو بيباڪ پُٽ! هن پنهنجي فڪري، علمي، ادبي ۽ سماجي پورهئي سان ڌرتيءَ جي باضمير ڄائي هجڻ جو حق ته ادا ڪيو آهي پر اسان سندس حق ادا نه ڪري سگهيا آهيون. هن جو حق تڏهن ادا ڪبو جڏهن هن جي سپنن کي ساڀيان جي پيٽا ڏجي ۽ اهو اسان ڪري نه سگهيا آهيون. ڪيرت هڪ نهايت حساس ۽ آدرشوادي انسان آهي. هو رڳو علم ناهي، فقط فڪر ناهي پر هو ذات به آهي، احساس به



www.sindhsalamat.com

آهي. جي هو سچ جي راهہ جو پانڌيئڙو آهي تہ هو سُونهن جو سرجڻهار بہ آهي ۽ اها ئي اُها خوبي آهي جيڪا کيس ڪنهن بہ ٻئي روايتي دانشور کان منفرد ۽ مَٽيرو ڪري بيهاري ٿي.

زندگيءَ ۽ فطرت ڏانهن هن جو رويو فقط رسمي ناهي پر احساساتي ۽ جمالياتي آهي، جنهن جو اندازو سندس ڪهاڻين ۽ ڪويتائن مان ٿئي ٿو. هن جو هڪ نظم آهي:

”هر ميلاپ جي ڏينهن
تون منهنجي تصوير جي
شفاف پردي تي
بهشت جي حُور بڻجي
اُڀري اُٿندي آهين
بلڪل ايئن
جيئن سنگتراش جي ذهن تي
اُڀري هئي وينس“

يا ساڳئي طويل نظم ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

”تون پنهنجن انگن کي منهنجن انگن ۾ سميٽي
مون کي گويا پاڻ ۾
ويڙهي ڇڏيندي آهين
۽ مان، تو ۾
ايئن اُلجهي ويندو آهيان
جيئن ڪڏهن ڪڏهن
وَليون پاڻ ۾ رَمندي
اُلجهي ويندڀون آهن
هن دنيا جون مڙئي
ڪڙيون حقيقتون ڀُلجي
بي سرت بڻجي
اسين ڪيڏو نہ دور
اُڏامي ويندا آهيون
۽ اهو ڪَڻُ ڪَڻ جو سَمو



www.sindhsalamat.com

زمزم جي چشمي ۾
ٽُبي ڏيئي
بي انتها آنند ماڻي
وري پاڻ ۾ موٽي
ڪيتري عرصي تائين
اهو نشو ماڻي
وري ايندڙ ميلاپ
سونو خواب
سنواريندا آهيون!

ڪيرت هڪ چڱو ڪهاڻيڪار آهي. مون سندس ڪجهه ڪهاڻيون "ڪونج" ۽ سندس هڪ ڪهاڻي – ڪتاب "دردُ جو دل ۾ سمائجي نہ سگهيو" ۾ پڙهيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ خيال جي اوچي اُڏام سان گڏ فني پختگي بہ هوندي آهي. خاص طور تي سندس ڪهاڻين ۾ بامقصد موضوعن سان گڏ منظرنگاريءَ جو عنصر ڏاڍو موهيندڙ ۽ اثرانگيز هوندو آهي پر هو پنهنجين انيڪ سياسي ۽ سپيتڪ سرگرمين سبب تخليقي ڪم کي گهڻو وقت ڏئي نہ سگهيو آهي. ان ڳالهہ جو ڪيس بہ شديد احساس رهيو آهي پر هن وٽ ان لاءِ پنهنجا دليل بہ ايڏا وڏا آهن جو ان کانپوءِ ڳالهائڻ جي ڪا گنجائش ئي نہ ٿي رهي. هو چئي ٿو:

"مون کي ٻن ڳالهين وچ ۾ چونڊ ڪرڻي آهي. هڪ پاسي آهي من جي اُڇل کي چِٽڻ، ٻئي پاسي آهي انسانن جي اُڇل کي سنوارڻ. اوهين منَ اُڇلَ جا رچيندڙ بڻجو ڪلاڪار سڏايو مان جنِ–اُڇلَ جو سنواريندڙ مالهي سڏائڻ ۾ خوش آهيان. دنيا بهتر بڻجي، دنيا وڌيڪ شوڀنيڪ ٿئي، دنيا انسان جي رهڻ لائق بڻجي، ڇا اِها گهٽ ڳالهہ آهي؟" زندگيءَ جي ڪارج جي ايڏي سگهاري تشريح ڪيرت جهڙو پاڻ ارپيندڙ دانشور اديب ئي ڪري سگهي ٿو.

دادا ڪيرت سان بمبئيءَ ۾ گذاريل ڪجهه گهڙيون اڄ بہ منهنجي من مٿان سانوڻ جي بوندن جيان وسنديون آهن. حسن درس، مظفر ۽ مان هري موٽواڻيءَ سان گڏ الهاس نگر مان گهمي موٽيا هئاسون ۽ دوست حميد سبزوئي ۽ انعام پٽي پوني مان. پوءِ اسان گڏجي دادا سان ملڻ جو پروگرام ٺاهيو هو. مان باندرا جي هڪ ريسٽارنٽ ۾ پوءِ سندس آفيس ۾ دادا ڪيرت سان ٿيل انهن يادگار



www.sindhsalamat.com

ڪچهرين ۾ ساڻس گڏ گهاريل گهڙين کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. ڪيڏو نہ قرب ڏنو هو هن شخص اسان کي! ڪيڏو نہ خوش ٿيو هو پنهنجي اڱڻ تي اسان کي ڏسي. سندس من جي باغ جو پن پن ٻهڪي اُٿيو هو. ڪيڏيون نہ پُرمغز ۽ يادگار رهاڻيون ٿيون هيون. سنڌ، علم، ادب ۽ فن اسان جي ڪچهرين جا موضوع هئا.

سنڌ جي باري ۾ تمام گهڻو باخبر هو. جڏهن دادا ڪيرت جي چوڻ ۾ دوستن جي گڏيل راءِ سان مون اُتي سنڌ بابت ڳالهايو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. هن جيڪي لفظ چيا، اُنهن تي مون کي فخر ٿيندو آهي. هن چيو هو: ”ڪجهہ وقت اڳ جڏهن آصف بالادي هتي آيو هو تہ هن کي ڏسي ۾ ٻُڌي لڳو هو ڄڻ سنڌ ڪو نئون اڳواڻ پيدا ڪري رهي آهي، پر اڄ توهان کي ٻُڌي لڳي ٿو سنڌ جو اِتهاس پاسو بدلائي رهيو آهي ۽ سنڌ هڪ نئين دؤر کي تخليق ڪري رهي آهي.“

دادا ڪيرت اڄ بہ ڪنهن جهوني ۽ گهاٽي ٻڙ جيان هند جي سنڌين مٿان ڇانوَ ڪيو بيٺو آهي. شال هن جي جاکوڙ، جذبي، ادب ۽ سرت جي اها ٿڌڙي ڇانوَ هند توڙي سنڌ جي سنڌين مٿان سدائين رهي. هن جي شخصيت جي وڏائيءَ جي اها ساک ئي ڪافي آهي جو شيخ اياز هن کي سنڌ جو اَمرُ دانشور ڪوٺيو آهي. هو ظاهري ڏيک ۾ لينن جهڙو ۽ فڪري طور مارڪسسٽ آهي پر هن جو اندر ڪنهن صوفيءَ جهڙو آهي. انهيءَ ڪري مان هن کي ويدانتي ڪامريڊ سڏيندو آهيان.

---

**ماهوار بختاور آڪٽوبر 1994ع**



www.sindhsalamat.com

# سنڌُ جو سراج...!

اوڻيهين ۽ ويهين صدين ۾ سنڌ ۾ وڏا ماڻهو پيدا ٿيا، جن زندگيءَ جي هر ميدان ۾ سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي، ۽ ان جي سُسناڪ آئيندي جا نه رڳو خواب ڏٺا، پر انهن جي ساڀيان لاءِ سموري زندگي وِرچي به نه ويٺا. سنڌ جي دانشور، ٻوليءَ جي ماهر، ناول نويس ۽ ليکڪ سراج الحق ميمڻ جو ڳاڻيٽو به سنڌ جي اهڙن ماڻِڪ موتين ۾ ٿيندو. پنهنجي شخصيت ۾ باوقار ۽ حسين ماڻهو علميت ۾ گِهرو ۽ گهڻ-طرفو ڄاڻو ماڻهو هڪ بيحد سچو اديب ۽ پارکو سُپاوَ جو شاناڻتو حساسيت ۾ گلن جهڙو نرم، ۽ فن ۾ ڳالهه جي اُٺَتِ جو منفرد ڏانءُ رکندڙ ليکڪ. سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي هن جي محبت جا محور ۽ مرڪز هئا. سراج جهڙن ماڻهن جو وُجود ئي سياڳَ جي علامت هجي ٿو سندن خاندان، دوستن، ۽ ويندي ٻوليءَ، ادب ۽ پوري سماج لاءِ.

ٺٽي جي ڄام ۾ هڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند پرائمري استاد محمد يعقوب نياز جي گهر ۾ چوويهين آڪٽوبر 1933 تي جنم وٺندڙ سراج الحق ميمڻ اسان کي پنهنجيءَ پوريءَ حياتيءَ ۾ هڪ آدرشي، محنتي ۽ سچو اديب ۽ ٻوليءَ، وطن ۽ قومَ جو عاشقُ نظر اچي ٿو. جڻ ته هڪ پارس هو جنهن جنهن سندس ساٿ ۾ گذاريو جڻ ته سونُ ٿي ويو.

سراج صاحب سان منهنجو قرب جو ادبي ۽ علمي لاڳاپو هو ۽ ساڻس اهو لاڳاپو پهرين سائين محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي ۽ ف م لاشاريءَ معرفت، ۽ پوءِ سڌيءَ ريت پنهنجين لکڻين ذريعي ٿيو جيڪو آخر تائين قائم رهيو. منهنجي خوشبختي آهي جو هو مونکي بيحد پيائيندو هو ۽ منهنجين لکڻين کي پسند ڪندو هو ۽ جيڪي لفظ چوندو هو اها هن جي ادبي وضع داري ۽ شفقت هئي.

هونئن ته سراج صاحب سان پهرين ملاقات 19 آگسٽ 1991ع تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ پاران رمپا پلازه هوٽل ۾ ”چا سنڌي سماج آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي؟“* جي عنوان سان ٿيل مذاڪري ۾ ٿي، جنهن ۾ مون ان

---

* چانديو جامي، تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو، سي پي سي ايس صفحو 19، 2005ع



www.sindhsalamat.com

موضوع جي رد ۾ پنهنجو مضمون پڙهيو هو جيڪو پوءِ طارق اشرف ”سهڻي“ رسالي ۾ شايع ڪيو. ان مذاڪري ۾ ف.م. لاشاري، رئوف نظاماڻي ۽ مان مقرر هئاسون ۽ سراج صاحب ان جي صدارت تي ڪئي. دلچسپ ڳالهه ته سراج صاحب جو موقف موضوع جي حق ۾ هو پر هو منهنجي دليلن مان ايترو مطمئن ٿيو جو هن پنهنجي راءِ تبديل ڪئي ۽ ان جو اظهار به ڪيو. سچ پچ ته مان سندس ان رويي کان سخت متاثر ٿيس. مان ٻاويهَن سالن جو نوجوان ليکڪ ۽ ڪٿي سراج صاحب جهڙو قدآور دانشور! ان مان ثابت ٿيو ته هو ڪيترو نه کُليل ذهن ۽ منطقيت جو قائل هو. پوءِ فقير محمد لاشاري کيس منهنجو تفصيلي تعارف ڪرايو جنهن سان منهنجو دل گهريو لاڳاپو هو. سراج صاحب سان اها مختصر ملاقات هئي پر هن مون کي هڪ نوجوان ليکڪ طور گهڻو همٿايو. منهنجي مضمون جي جنهن ڳالهه سراج کي اُتساهيو اُها هيءَ هئي ته قومون حالتن سان ٻُجهي فنا ته ٿي سگهن ٿيون پر تاريخي طور آپگهات نه ٿيون ڪري سگهن. مون کي چيائين ته اِهو نقطو منهنجو پنهنجو هو يا ڪنهن سماجي سائنسدان جو ڪنيل هو؟ مون جڏهن کيس ٻُڌايو ته اِهو منهنجو پنهنجو نقطو آهي ته هو ويتر ان تي حيران به ٿيو ۽ مون کي شاباس به ڏنائين. طارق اشرف مرحوم به ان مذاڪري ۾ شامل هو ۽ هن سراج صاحب جي چوڻ تي اِهو ”سهڻي“ رسالي ۾ شايع ڪيو. ان مضمون ۾ مون سنڌي سماج جي جن مکيه پيچيدگين تي لکيو هو اهي نقطا به سراج صاحب کي بيحد وڻيا ۽ هن پنهنجيءَ گفتگوءَ ۾ انهن تي تفصيل سان ڳالهايو. جيڪا مون لاءِ وڏي اتساهيندڙ ڳالهه هئي. مون کي تاڪيد ڪيائين ته ”تو ۾ هڪ اديب سان گڏ سماجي سائنسدان ٿيڻ جون صلاحيتون آهن ۽ انهن کي اڳتي وڌاءِ.“ مون کيس اهو نه ٻُڌايو ته اُن زماني ۾ مان فزڪس ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو هئس.

سراج صاحب سان منهنجي پهرين تفصيلي ملاقات پليجي صاحب سان گڏ ڪراچيءَ ۾ سندس آفيس ۾ 1991 ۾ ٿي. مون ٻنهي کي هڪٻئي سان بيحد حُجائتو ڏٺو. پليجي صاحب جي حُجت متس وڌيڪ هئي. ويهڻ شرط سراج تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. چئي، ”ڪجهه نٿو ڪرين. سجو ڏينهن آفيس ۾ ٽڏيءَ چانو ۾ وينو آهي، عوام کان ڪٽيل آهين. ۽ ڪنهن نه ڪم جو آهين! حساب ڏي ته ڇا ٿو ڪرين!“ موٽ ۾ سراج صاحب جي چپن تي هميشه جيان اطمينان بخش مرڪ، ۽ نهٺائيءَ وارو اعتراف. هن جو جواب عجيب هو. چئي،



www.sindhsalamat.com

”پليجا! جنهن خاڪَ کي ڦُوڪون ڏئي باهِ ٿو ٻارڻ چاهين، ان ۾ تپش رهي ئي نہ آهي“! مون ٻڌو هو تہ سراج صاحب تمام مغرور ماڻهو آهي، پر هي تہ ڪو ٻيو ماڻهو هو. بيحد مائيٽو محبتي، نِهٺو ۽ مُرڪٽو. ف م لاشاري بہ سراج صاحب وٽ وينو هو. جنهن جي ڏاهپ کان سراج صاحب تمام متاثر هوندو هو. سراج صاحب پنهنجي هم عصرن کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي تمام گهڻي اهميت ۽ مڃتا ڏني تہ اهو ف. م لاشاري هو. پليجي صاحب مٿس پنهنجي سخت تنقيد جڏهن پوري ڪئي تہ ف م لاشاري ۽ مون ڏي نهاري چيائين، ”پليجو سدائين ائين ڪندو آهي، ۽ صحيح ڪندو آهي. ڇو تہ اسان سنڌي ڪم جا وڏا ڪاهل آهيون، ۽ خاص طور مان!“. مون دل ۾ سوچيو تہ جيڪڏهن 1957 ۾ سي ايس ايس پاس ڪري ملڪ جو چوٽيءَ جو ڪامورو ٿيندڙ، ڏيپلائي پريس ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ چبلاٽي صاحب جي لکيل سنڌ جي اقتصادي تاريخ، عالمي افسانا ۽ ٽي ايس ايليٽ ۽ ڪرشن چندر جي لکڻين سميت انيڪ ڪتابن جا ترجما ڪندڙ، 1964 ۾ ”سنڌي ٻولي“ جهڙو شاندار تحقيقي ڪتاب لکندڙ، هلالِ پاڪستان جهڙي سرڪاري اخبار کي سنڌ جي شعور جي مُهندار آواز ۾ تبديل ڪندڙ ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ”مرڻ مون سين آءُ“، ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“، ۽ ”منهنجي دنيا مرگ ترشنا“ جهڙا ناول سرجيندڙ، ”آءُ درد هلي آءُ“ ۽ ”انون ماڻهو“ جهڙيون ڪهاڻيون لکندڙ ۽ ملڪ جو چوٽيءَ جو انڪم ٽيڪس جو وڪيل ٿيندڙ سراج بہ جيڪڏهن ڪاهل آهي تہ پوءِ سنڌ جي باقي پڙهيل لکيل ماڻهن يا عام اديبن کي ڇا چئجي؟ پوءِ مون ڄاتو تہ دراصل هنن ماڻهن جي مٽي ئي ٻي آهي. هنن وٽ ڪم جا معيار ۽ سندن آدرش ايترا تہ وڏا ۽ غير معمولي آهن، جو هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪيل ڪمن کي وڏو ڪم سمجهن ئي نٿا. دراصل اهو رويو ۽ سوچ ئي کين پنهنجي ڪردار ۽ عمل ۾ وڏو ماڻهو بڻائي ٿي. دنيا جو ڪو بہ وڏو ماڻهو پنهنجي ڪم مان مطمئن ناهي هوندو، جو سندن ڪمن جي فهرست آڏو حياتي ڪُٽي پوندي آهي، وقت هارَ ڪائي ويندو آهي.

هونئن تہ سراج صاحب جو پنهنجو والد بہ هڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند استاد هو. پر سراج صاحب جي زندگيءَ تي پنهنجي والد کان پوءِ گهڻي ۾ گهڻو اثر سائين محمد ابراهيم جويي جي فڪري تربيت جو بہ هو. سراج صاحب مونکي پاڻ ٻڌايو هو تہ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي پريس تي ڪم ڪرڻ ۽ ان



www.sindhsalamat.com

کان پوءِ جويي صاحب جي نگرانيءَ هيٺ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ سندس زندگيءَ جا اهم ابتدائي دور هئا، جن سندس شعور ۽ صلاحيت جي آبياري ڪئي. ڏيپلائي صاحب ڪيس روپئي ڏهاڙيءَ تي ترجما ڏيندو هو ۽ ڪم به چڪي ونندو هو سراج صاحب پوڻ ۾ چوندو هو ته ”ڏيپلائي صاحب جي ڪُوري مان پَڇي نڪتاسين ته پوءِ دنيا ۾ ڪو به ڪم ڏکيو نه لڳو“. ان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪندي، نه رڳو هن جي سنڌي ۽ انگريزي ٻولين تي مهارت وڌي پر هو پاڻ به هڪ اديب طور اُڀري آيو. اِهو ئي سبب آهي جو مون سراج صاحب وٽ ڪنهن ماڻهوءَ جو سيني کان وڌيڪ احترام ڏٺو ته اُهو سائين محمد ابراهيم جويو صاحب آهي. هو جويي صاحب کي هڪ شفيق دوست سان گڏ هڪ استاد جو درجو ڏيندو هو. سراج صاحب وٽ سائين جويو صاحب ۽ مان ڪافي ڀيرا گڏجي وياسين ۽ جويي صاحب لاءِ سندس احترام ۽ پيار ڏسڻ وٽان هوندو هو. هونئن سراج صاحب جو شهيد ڀٽي صاحب ۽ سائين جي ايم سيد سان به ڳهرو سُٻنڌ رهيو.1950 ۾ هن ميٽرڪ جو امتحان ڊي جي نيشنل ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ۽ هو پنهنجي تعليم جو خرچ جناح ڪورٽس ۾ پارٽ ٽائيم ملازمت ڪري پورو ڪندو هو. 1957 ۾ جڏهن هو سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري سول سروس ۾ ويو ته ان ئي دور ۾ هن جي ڪراچيءَ جي ايس ايم لا ڪاليج ۾ شهيد ڀُٽي سان ملاقات ٿي ۽ سندن اهو دوستيءَ جو تعلق آخر تائين قائم رهيو چون ٿا ته شهيد ڀٽو ڪائنس هر معاملي ۾ صلاح ضرور وٺندو هو. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن شهيد ڀٽو اقتدار ۾ آيو ته هن هلال پاڪستان جو ايڊيٽر سراج کي بڻايو ۽ سراج هلال پاڪستان جي صورت ۾ جديد ترقي پسند سنڌي صحافت جا بنياد رکيا، ۽ روشن خيال صحافين جي هڪ وڏي کيپ تيار ڪئي. ڇهن سالن جي مختصر دور ۾ سراج هلال پاڪستان کي وڏي اوڄ تي پُڄايو جڏهن 1977 ۾ ضياء الحق مارشل لا هنئي ته سراج هلال پاڪستان مان استعيفا ڏئي، پنهنجيءَ وڪالت جي ٻيهر شروعات ڪئي. سرڪاري ملازمت ته هو اڳ ئي 1969 ۾ ڇڏي چڪو هو جو هو انهن 303 سرڪار جي ناپسنديده آفيسرن مان هڪ هو جن کي جبري طور ملازمت مان فارغ ڪيو ويو هو. سراج جو اِهو ڪمال هو جو هو شهيد ڀُٽي جو ويجهو دوست هوندي به جتي هن جي مثبت ڳُڻن کي واکاڻيندو هو اُتي هن ڪڏهن به هن جي غلط فيصلن جي تائيد نه ڪئي. ائين ئي سائين جي ايم

سيد پڻ سراج جو وڏو احترام ڪندو هو ۽ سندس اها هر دلعزيز حيثيت دراصل سندس معتبر شخصيت جو مظهر هئي. هڪ ئي دور جي ٽن متضاد نظرين جي اڳواڻ شخصيتن يعني سائين جي ايم سيد، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ رسول بخش پليجي سان گهري دوستي ۽ ان ۾ توازن سراج صاحب جي وضعدار، مدبرانه ۽ متوازن شخصيت جو ڪرشمو هو. شيخ اياز به سراج صاحب جي بنهه ويجهن دوستن ۾ شامل هو ۽ شيخ اياز سراج جي شخصيت، علميت ۽ ادبي حيثيت جو وڏو معترف رهيو.

سراج صاحب جو علمي ۽ تخليقي پورهيو نه رڳو گهڻ رخو آهي، پر ساڳئي وقت تمام معياري پڻ آهي. سنڌي ۽ انگريزي ٻولين تي هن جي مهارت باڪمال هئي. هڪ ڀيري حميد هارون کي مون سراج صاحب جي روبرو ڪراچي جم خانه ۾ پاڻ اِهو چوندي ٻڌو ته جيڪڏهن احمد علي خان پوءِ پاڪستان ۾ ڊان اخبار جي ايڊيٽر ٿيڻ جو ڪو اهل آهي ته اهو سراج آهي. پر سراج صاحب صحافت کي عملي طرح ڇڏي چڪو هو ۽ هن واپس صحافت ڏي ورڻ نه ٿئي چاهيو. ڪراچيءَ مان روزاني جاڳو جيتوڻيڪ ف م لاشاريءَ شروع ڪئي پر ان ۾ سراج صاحب جو بنيادي هٿ هو ۽ ان دور ۾ سراج صاحب جا ”سياسي منظرنامو“جي عنوان سان لکيل تجزياتي مضمون شاندار هئا جيڪي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. هلال پاڪستان ۾ لکيل سراج صاحب جا اداريا پڻ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجن، جو اها ان دور جي تاريخ آهي. هلال پاڪستان ۽ جاڳو اخبار ۾ سنڌ جي اهم مسئلن تي انگريزيءَ ۾ خصوصي اداريا لکڻ جي روايت به سراج صاحب وڌي. سندن ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت لکيل اهم ڪتابن مان هڪ آهي. جيتوڻيڪ ان ڪتاب ۾ تحقيق تي سندس قوميت جو جذبو وڌيڪ حاوي نظر اچي ٿو. پر ان باوجود سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڇئن بنيادي نظرين مان هڪ جي نمائندگي اهو ڪتاب ڪري ٿو. جنهن جي تحقيقي اهميت کي اڳتي هلي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به مڃيو جيڪو ان کي اڳ ۾ رد ڪري چڪو هو ۽ جنهن جي جواب ۾ سراج صاحب اهو ڪتاب لکيو هو.

سراج صاحب سنڌ جي تاريخ جو به وڏو ڄاڻو هو ۽ اهو هن جو وڏو ڪمال هو جو هن ارغونن ۽ ترخانن جي دور کي ”پڙاڏو سوئي سڏ“ جهڙي ناول جي



www.sindhsalamat.com

صورت ۾ پيش ڪيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناولن جي ٽرائلاجي پڻ پهرين سراج صاحب لکي. جيتوڻيڪ هو گهڻ طرفي شخصيت جو مالڪ هو پر منهنجيءَ نظر ۾ سراج صاحب بنيادي طور هڪ ناول نگار هو. گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته پنهنجي ابتدائي ادبي دور ۾ هن شاعري به ڪئي ۽ استاد بخاريءَ جي مشهور ڪتاب ”ڳوڪڙ يا ڪلياڻ“ جي لکيل مهاڳ مان صاف نظر اچي ٿو ته سراج صاحب کي افسانوي ادب سان گڏ شعري ادب جي به ڪيڏي نه پروڙ هئي. سراج صاحب جيتوڻيڪ لطيف تي لکيو ڪو نه, پر هو لطيف جو پارکو هو ۽ هن جي وڏي خواهش هئي ته سنڌ ۾ لطيفيات تي معياري ڪم ٿيڻ گهرجي.

سراج جون چند خوبيون اهڙيون آهن, جيڪي هن کي سنڌي سماج ۽ ادب ۾ هڪ منفرد حيثيت ڏين ٿيون. هن سموري زندگي ڪا به دعويٰ نه ڪئي نه سنڌ سان عشق جي, نه سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت جي, ۽ نه پنهنجي ڪارنامن جي. اِهو نهنو سُپاءُ هن جي اندر جي وڏ–ماڻهپي جو آئينو هو. اُپامندِي ته سکڻي ڪُنِي آهي, هيءُ ته سنڌ جو سراج هو جيڪو سنڌي ادب ۾ ناول نگاريءَ جو امتياز هو.. مون سراج صاحب کي ڪڏهن به ماڻهن تي ڳالهائيندي نه ڏٺو, هميشه موضوعن تي ڳالهائيندو هو ۽ هر ڪم ۾ رٿابندي ڪرڻ جو قائل هو. نااهلي سراج صاحب لاءِ سخت چِڙَ جو باعث بڻجندي هئي, چاڪاڻ ته هن جي سنڌ لاءِ محبت نِلهي نعري بازيءَ تي ٻڌل نه هئي. هو جنهن سنڌ جا خواب ڏسندو هو, اُها فقط ۽ فقط قابليت, سخت پورهيي ۽ سگهارن ادارن ذريعي ئي اڏي سگهجي ٿي. هو عملي ماڻهو هو, مون کي ياد آهي ته سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ جي زماني ۾ اسان سنڌ جو پاڻيءَ جو ڪيس سائنسي بنيادن تي تيار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ته سراج صاحب ان لاءِ فوري طور ٻه لک روپيا ڏنا. هن جي مزاج ۾ ڏيکاءُ نه هو ۽ هو ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو به ظاهر ڪرڻ نه چاهيندو هو. ”سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي“ جا سمورا ٺهراءَ جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا, اُهي سائين غلام مصطفيٰ شاهه سان گڏ گهڻي ڀاڱي سراج صاحب جا لکيل آهن پر انهن تي سندس ڪوبه نالو لکيل ناهي. ڪم جي معاملي ۾ هڪ مڪمل انگريز ماڻهو هو, رڳو ڪم جي ڳالهه. روايتي اجائي ڊيگهه سراج جي مزاج ۾ ئي نه هئي. مڪمل طور سيلف– ميڊ يعني پنهنجي پورهئي ۽ قابليت جي بنياد تي ٺهيل ماڻهو هو. ان ڪري



www.sindhsalamat.com

هميشہ قابليت ۽ ادارن جي اهميت جو قائل هوندو هو. ان لاءِ رڳو ڪي سَڏُون نہ ڪيائين پر پنهنجو حيدرآباد وارو اباڻو گهر سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ کي ڏئي مثال پڻ قائم ڪيائين، پر افسوس جو اهو ادارو ڪو ڀوتو ڀاري نہ سگهيو. جڏهن تہ سراج صاحب جو اهو خواب هو تہ اهو ادارو اڳتي هلي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ تبديل ٿئي.

منهنجي لاءِ اها ڳالهہ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي تہ هو عمر توڙي ادبي ۽ علمي لحاظ کان وڏو هوندي بہ مونکي پنهنجي دوستن ۾ شمار ڪندو هو. 2006 ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ادب تي ڪانفرنس ۾ ڪيس مقالو پڙهڻ لاءِ چيو ويو طبيعت ناساز هئڻ سبب پنهنجيءَ جاءِ تي ڪين منهنجو نالو تجويز ڪيائين. سائين جويي صاحب جي ڪتاب "ادب ٻولي ۽ تعليم"، ۽ پليجي صاحب جي ڪتاب "سياسي ادب" تي لکيل منهنجا تفصيلي مهاڳ پڙهيائين تہ ٻنهي ڀيري فون ڪري جيڪي مهربان لفظ چيائين اهي منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ آهن. ساڳيا رايا جويي صاحب ۽ پليجي صاحب کي بہ ڏنائين.

زندگي تمام مختصر آهي ۽ ڪو بہ ماڻهو زندگيءَ ۾ سڀ ڪم پورا نٿو/نٿي ڪري سگهي. سو سراج کان بہ گهڻا ڪم رهجي ويا هوندا پر هن زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيو اُهو بہ گهٽ نہ هو. هر ڪم بيحد معياري ۽ منفرد!

لکڻ، ڳالهائڻ، اظهار ڪرڻ، خوش ٿيڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، رنجُ ٿيڻ، ڏوراپو ڏيڻ، ۽ راءِ ڏيڻ جو سليقو تہ ڪو سراج صاحب کان سکي. خوش ٿيو تہ حسين ۽ شاناڻتي مُرڪ چپن تي، ۽ جي اَرهو ٿيو تہ مُنهنَ ۾ گُهنڊِ وجهي بس رڳو نهاريندو ۽ اهو بہ هڪ لمحو ۽ بس! وڏا ماڻهو پنهنجي واڌائيءَ جو اظهار رڳو علميت، فڪر، فن يا ادب ذريعي ئي نہ پر پنهنجن رويہ ذريعي بہ ڪندا آهن. سراج سچ پچ تہ سنڌ جو وڏو ماڻهو هو. ٻاهر ماڻهو هن کي پٿر جو نهيل سخت مزاج سمجهندا هئا، اندر ۾ تہ هو گلن تي پيل ماڪ جهڙو ملائم ماڻهو هو. آخري ڏهن سالن ۾ سنڌ جي ڳالهہ نڪرندي هئي تہ بي اختيار جُهري پوندو هو. ۽ هن جو ن آدرشي اکيون تشنہ خوابن سبب بي اختيار پرجي اينديون هيون. خود اعتمادي ۽ خودداريءَ ۾ بہ سراج جو ڪو مَٽُ نہ هو. هاءِ ڪورٽ جي جج ٿيڻ ۽سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ٿيڻ جي آڇ هن کي انيڪ ڀيرا ٿي،



www.sindhsalamat.com

هن هميشه جواب ڏنو. هن جي مثالي خودداريءَ ۽ خوداعتماديءَ جو سبب دراصل هن جي قابليت ۽ هن جي خودشناسي هئي. گهڻن ماڻهن کي زماني جي شناس ته هوندي آهي پر هو خودشناسيءَ کان وانجهيل هوندا آهن. سراج کي خبر هئي ته هو ڪير هو. سراج صاحب ڪو عوامي ماڻهو نه هو. هو مٿئين وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ وچولي ۽ مٿئين طبقي سان رابطي ۾ رهندڙ اسڪالر، اديب ۽ وڪيل هو. مان سمجهان ٿو ته هو وچولي طبقي لاءِ هڪ رول ماڊل به هو ته ڪو ماڻهو هڪ ڪامياب زندگي ۽ ڪيريئر باوجود پنهنجيءَ ٻوليءَ، ادب ۽ قوم لاءِ ڇا ڇا نه ٿو ڪري سگهي!

اڪثر وڏن ماڻهن جي اولاد يا گهر جا ڀاتي سندن ڇڏيل ڏڳ تي ناهن هلندا. پر سراج صاحب پنهنجي اولاد ۽ گهر ڀاتين ۾ سنڌيت جو اهڙو ته روح ڦُوڪيو جو اڄ سندس ننڍي ڀاءَ اعجاز ميمڻ، سندس ڀيڻن ڊاڪٽر فهميده حسين، انيس ميمڻ ۽ جميله ۽ پٽن ڊاڪٽر امجد سراج ۽ ارشد سراج کي ڏسي جيڪا تصوير جُڙندي اُها هُوبهُو سراج جي تصوير آهي. ساڳيو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار، خدمت جو جذبو، علميت ۽ فضيلت. حميد آخوند صاحب جي صلاح تي سندس خاندان سندس ئي نالي جي نسبت سان هڪ اداري جو بنياد رکيو آهي، جنهن پنڌ ۾ مان به ساڻن شامل آهيان ۽ مون کي يقين آهي ته اِهو ادارو سراج صاحب جي خوابن جي ساڀيان لاءِ هڪ علمي، ادبي ۽ تحقيقي ذريعو ثابت ٿيندو. سراج صاحب جهڙن املهه ماڻڪن جي ڪوٺ سگهارا ۽ ذميوار ادارا ئي پوري ڪري سگهن ٿا ۽ ان طريقي سان انهن کي ڀيٽا به ڏئي سگهجي ٿي. ٻين فيبروريءَ 2013 تي سنڌ جي هن باوقار اديب، دانشور، محقق، پارکو ۽ عاشق آخري ڀيرو سنڌ ۽ هن سنسارَ ڏانهن پنهنجي شانائتي مُرڪ سان نهاري پنهنجون تشنه خوابن واريو اکيون هميشه لاءِ ٻُوٽي ڇڏيون. ۽ ٽين فيبروريءَ تي ڪراچيءَ جي گِذري قبرستان ۾ اُن مٽيءَ سان وڃي مليو جنهن جي علمي ۽ ادبي هُڳاءَ جو نالو سراج هو.

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 7 فيبروري 2014ع**



www.sindhsalamat.com

# هڪ شخص, جنهن تي سنڌ کي سدائين فخر رهندو!

گهڻن ماڻهن جي سوچيل سمجهيل ۽ سنجيده راءِ آهي تہ سنڌي سماج گذريل چڱي وقت کان زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾, حقيقي طور وڏا ماڻهو پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. هونئن قومن ۽ سماجن جي تاريخ ۾ وڏين اُٿلن پُٿلن ۽ وڏن ماڻهن جي پيدا ٿيڻ جي بہ هڪ خاص موسم هوندي آهي. دنيا جي هر قوم ۽ سماج سان سندس تاريخ ۾ ايئن ضرور ٿئي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ معروضي, داخلي ۽ خارجي حالتن جي مخصوص توازن ۽ نسبت سبب ڪن قومن ۽ سماجن کي اڳتي وڌڻ ۽ غير معمولي ماڻهو پيدا ڪرڻ جا محرڪ, سبب ۽ گَس وڌيڪ ملن ٿا.

سنڌ صدين کان هڪ ويڳاڻو ڪمزور ۽ ڪُنڊائتو سماج رهيو آهي, ها البتہ اها پنهنجي تاريخ ۾ ڀٽائيءَ کان اياز ۽ بخاريءَ تائين چند وڏا تخليقڪار پيدا ڪرڻ جو اعزاز ضرور رکي ٿي. جيتوڻيڪ هلندڙ دؤر ۾ اها راءِ پنهنجو وزن رکي ٿي تہ اڄوڪو سنڌي سماج صحيح معنائن ۾ ڪي گهڻا وڏا ماڻهو پيدا نہ ڪري رهيو آهي پر حقيقت ۾ جي ڏٺو وڃي تہ ان کان بہ وڏو الميو اهو آهي تہ اسان وٽ وڏن ماڻهن جي باري ۾ تصور, ماڻ ۽ معيار ئي واضح نہ آهن. نتيجي ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جيڪي چند وڏا ماڻهو پيدا بہ ڪيا تہ بہ انهن جي ميتا ۽ پنهنجي عوام سان گهربل سطح جي سڃاڻپ ٿي نہ سگهي آهي.

سنڌ جي اهڙن گمنام ۽ حقيقي طور وڏن ماڻهن جي قطار ۾ هڪ شخص جيڪو اسان کي پنهنجي ڪردار, علميت ۽ ذهانت سبب قد آور نظر اچي ٿو ان کي سنڌ ڀل تہ ڪٿي گهڻو نہ بہ سڃاڻندي هجي پر دنيا جي علمي ۽ دانشوراڻن حلقن ۾ ڪيس هڪ سماجي سائنسدان جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر فيروز احمد جي نالي سان سڃاتو ۽ ڪيس وڏيءَ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر فيروز احمد جو نالو مون ذاتي طور 80ع جي ڏهاڪي ۾ ان وقت ٻُڌو جڏهن مان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندو هئس. اسان جي ڪاليج جو تڏهوڪو پروفيسر ۽ انگريزي ادب جو اسڪالر پروفيسر طارق مصطفيٰ



www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر فيروز جو دوست هو ۽ هو ئي مون کي ڊاڪٽر فيروز احمد جي ادارت هيٺ شايع ٿيل پاڪستان جو تڏهوڪو واحد معياري ترقي پسند اردو رسالو ”پاڪستان فورم“ باقاعدگيءَ سان پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ”پاڪستان فورم“ اُن زماني ۾ ترقي پسند فڪر جو ترجمان ۽ واحد ترقي پسند رسالو هوندو هو ۽ حقيقت اها آهي تہ ان رسالي جي فڪر انگيز مواد مون تي ڏاڍا گهرا اثر وجهڻ شروع ڪيا هئا.

ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ڪانپوءِ 1987ع ۽ 1988ع ۾ مون ڊاڪٽر فيروز احمد جا ڪجهہ ڪتاب ”انگولا جي آزادي – 1976ع“، ”سامراج ۽ پاڪستان – 1976ع“ ”انقلاب افغانستان – 1979ع“ پڙهيا هئا، جن نہ رڳو انهن موضوعن تي منهنجو ذهن واضح ۽ صاف ڪيو پر حقيقت اها آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت ۽ هر لکڻيءَ سان بيحد اُنسيت جو جذبو پيدا ٿي پيو هو.

گهڻن سالن کان پوءِ اڳتي هلي مون کي معلوم ٿيو تہ اُن زماني ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سوشيالاجيءَ جو پروفيسر ٿي آيو هو ۽ هڪ دانشور ۽ سياسي ڪارڪن طور سنڌ موٽي پاڪستان ۾ ڪابيءَ ڏر توڙي قومي جمهوري تحريڪ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو هو. دلچسپ ۽ ڏکوئيندڙ ڳالهہ اها آهي تہ جيڪو ڊاڪٽر فيروز احمد South_East Carolina University Algoma,, University College, Ontario آمريڪا ۽ ڪينيڊا جهڙن ادارن ۾ اعليٰ ملازمتون ڇڏي سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ان نيت سان واپس آيو هو تہ جيئن هو هڪ طرف سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪي روشن خيال نسل جا علمي بنياد وجهي سگهي تہ ٻئي طرف عمل جي ميدان ۾ پنهنجي عوام جي آجپي لاءِ جاکوڙي. بدقسمتيءَ سان ڊاڪٽر فيروز احمد کي نہ تہ سنڌ يونيورسٽي برداشت ڪري سگهي ۽ نہ وري هن ملڪ توڙي سنڌ جي تڏهوڪي انقلابي سياست.

ڊاڪٽر فيروز احمد جي ذاتي تعليمي، دانشوراڻي ۽ سياسي زندگيءَ جي سمورن پاسن تي جڏهن نظر وجهبي تہ هو اسان کي هر لحاظ کان هڪ عجب جهڙو غير معمولي ۽ شايد جنون جي حد تائين جاکوڙيندڙ ماڻهو نظر اچي ٿو. هونئن تہ دنيا ۾ فقط علمي يا عمل جي ميدان ۾ وڏن ماڻهن جي حوالي سان پلا پليءَ جو ڪو ڇيهہ ئي نہ آهي، پر علم ۽ عمل جون ٻئي چيني ۽ تشنہ ڏارائون هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ اچي ملن، تہ اها واقعي بہ هڪ غير معمولي ڳالهہ



www.sindhsalamat.com

آهي. ڊاڪٽر فيروز احمد بہ ايئن هو. هڪ ماڻهو ساڳئي وقت بين الاقوامي سطح جو سماجي سائنسدان ۽ محقق هجي، دنيا جي وڏين وڏين يونيورسٽين جو پروفيسر ۽ مڃيل اسڪالر هجي، اعليٰ سطح جو سوچيندڙ تخليقي دانشور هجي ۽ ساڳئي وقت هو عملي طور سنڌ جي ٻهراڙين ۽ واهڻن ۾ هڪ بنهہ سادو ۽ پاڻ ارپيندڙ ڪارڪن ٿي هلي تہ اها ڪا معمولي ۽ رواجي ڳالهہ نہ آهي.

انساني تهذيب ۽ سماج پنهنجي سموريءَ تاريخ ۾ جيڪو اعليٰ ترين انساني عنصر پيدا ڪري سگهي آهي، اهو اهڙن ئي ماڻهن جي "قبيلي" تي مشتمل آهي، جن پنهنجين حياتين ۾ سماج ۽ دنيا کي فقط سمجهڻ کي ئي وڏو سوال نہ سمجهيو پر ساڳئي وقت ان کي تبديل ڪرڻ جا خواب ڏٺا. پاڻ کي ان جي همہ گير عمل سان سلهاڙيو ۽ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي مڊل ڪلاس جو وڏو الميو اهو آهي تہ ان جيڪي چار ڏسڻ جهڙا ماڻهو پيدا ڪيا، انهن ڳالهيون تہ وڏيون ڪيون، گفتار جا غازي تہ ٿي سگهيا پر وڏي ڪردار جا ڏٽي ٿي نہ سگهيا. مڊل ڪلاس جا جيڪي چار ماڻهو ڪامورا ٿيا، انهن سنڌ جي ڏٽي ٿيڻ بجاءِ ڪاريهر بڻجي ان جي مفادن ۽ فضيلتن کي ڏنگيو. جن اديبن پنهنجين لکڻين ۾ زمين آسمان جون خبرون ڪيون، اُنهن جو ڪردار جڏهن ادبي جوانيءَ کي رسيو تہ سندن گهٽائي پنهنجو بُت جهلي نہ سگهي. اهڙو ئي حشر سياسي دنيا ۾ بہ ٿيو. مڊل ڪلاس جي سياسي ماڻهن اُتڻ شرط جن آدرشن ۽ خوابن جا جهنڊا بلند ڪيا هئا ، اهي پنهنجين منزلن تائين رَسڻ کان اڳ سندن ئي هٿان سِرنِگون ٿيا. اِهو ئي سبب آهي جو سنڌي مڊل ڪلاس جو اهو ڪردار جُڙي نہ سگهيو جنهن جو بار وقت ۽ تاريخ مٿس رکيو هو پر ان سڄي الميي باوجود جيڪي ماڻهو آخر تائين باڪردار ۽ باعمل رهيا ۽ جن پنهنجن آدرشن ۽ خوابن تي ڪڏهن بہ هٿ نہ کينو اُنهن ۾ ڊاڪٽر فيروز جو قد بہ مٿانهون آهي. مون کي خوشي آهي جو ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ جي آخري ٽن چئن سالن ۾ هو جڏهن بہ پاڪستان ۽ سنڌ آيو منهنجون ساڻس تفصيلي ۽ بنهہ غير رسمي ڪچهريون ٿيون. لڳ ڀڳ هر سال سنڌ ايندو هو ۽ حيدرآباد ۾ اسان جي دوست پروفيسر اعجاز قريشيءَ جي گهر رهندو هو جتي ڪڏهن نوبڪلائيءَ ۾ توڙي دوستن سان گڏ منهنجون ساڻس ڪافي رهاڻيون ٿيون. ڊاڪٽر فيروز جي دانشوراڻي ۽ عملي ثابت قدميءَ جو بنيادي سبب اهو هو جو هو ڪو چار چوپڙيون پڙهي يا فيشن ۾ ڪامريڊ نہ ٿيو



www.sindhsalamat.com

هو پر هو وڏو پڙهيل ۽ اونهي ادراڪ وارو ماڻهو هو. ماڻهوءَ جي زندگيءَ ڏانهن روين ۽ ڪمٽمينٽ جو تعلق بہ سندس شعور جي پختگيءَ ۽ گهرائيءَ سان آهي. ڊاڪٽر فيروز صحيح معنيٰ ۾ هڪ دانشور ماڻهو هو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو عمل جي ميدان ۾ بہ هڪ باڪردار ۽ بيهڻ وارو ماڻهو هو. پليجو صاحب ڏاڍي سُٺي ڳالهہ چوندو آهي تہ سنڌي ماڻهوءَ جي حوصلي ۽ همت جي عمر تمام مختصر آهي پر ڊاڪٽر فيروز زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ثابت قدم رهي ثابت ڪيو تہ هو ڪو معمولي ماڻهو نہ هو. هر مظلوم طبقو پنهنجي اوسر جي ابتدائي زمانن ۾ ڪي ٿورا ئي وڏا ماڻهو پيدا ڪري سگهندو آهي, جيڪي اڳتي هلي وڏين تبديلين جا فڪري, علمي, سماجي, سياسي, اقتصادي, تورڙي اخلاقي بنياد وجهندا آهن. ڊاڪٽر فيروز بہ اُنهن ماڻهن مان هو, جن کي سنڌي مڊل ڪلاس جي بهترين ۽ نمائندا روشن خيال علمي ۽ فڪري عنصرن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. اها ئي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جي هن وڏي اسڪالر ۽ قومي ڪارڪن جون علمي خدمتون آمريڪا ۽ يورپ اندر تہ وڏي مڃتا ماڻي سگهيون پر سندس سماج کي اڃا پنهنجي هن ماڻڪ موتيءَ جي گهٽي پروڙ بہ ناهي.

ڊاڪٽر فيروز احمد, 5 آگسٽ 1940ع تي ڪراچيءَ جي هڪ هيٺين وچين طبقي جي گهر ۾ ڄائو. ڪراچيءَ جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهيو ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان زولاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪيائين. ان ڪان پوءِ هو اسڪالرشپ تي آمريڪا ويو جتي هن 1966ع ۾ ”پاپوليشن اسٽڊيز“ جي شعبي ۾ هونولولو هوائي يونيورسٽي آمريڪا مان ٻيهر ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. سُتت ئي وري 1968ع ۾ آمريڪا جي مشهور Johns Hopkins University مان ڊيموگرافيءَ جي شعبي ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. اُن ئي زماني ۾ هن تاريخ, سماجيات, سياسيات, خاص طور تي مارڪسزم جو ڀوڳهو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. آمريڪا ۾ اعليٰ ترين تعليمي ادارن مان سندون حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر فيروز ٻن سالن تائين East Carolina University, green ville, N.C ۾ سماجيات جي اسسٽنٽ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ان کان پوءِ 75-1971ع تائين ڪينيڊا ۾ الگوما يونيورسٽيءَ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪيائين. ان وقت تائين ڊاڪٽر فيروز هڪ طرف اسڪالر ۽ محقق طور دنيا ۾ پاڻ مڃرايو تہ ٻئي طرف هڪ دانشور طور هن پنهنجي زندگيءَ جون اوليتون تبديل



www.sindhsalamat.com

ڪيون. اهو ئي سبب هو جو هو سنڌ واپس موٽي آيو ۽ اچي سنڌ يونيورسٽيءَ ڪي جوائن ڪيائين. ڊاڪٽر فيروز هڪ سماجي سائنسدان تہ هو پر هاڻي هن هڪ پختي سياسي ۽ انقلابي ورڪر وانگي عملي طور بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي گهريو. سنڌ يونيورسٽي پنهنجي روايت نڀائيندي ڊاڪٽر فيروز جهڙي اسڪالر کي برداشت نہ ڪري سگهي. ڊاڪٽر فيروز مون کي پاڻ ٻڌايو هو تہ، ”ڪيس ڪيترا مهينا تہ ويهڻ لاءِ آفيس تہ تهيو پر ٽيبل ڪرسي بہ نہ ڏني ويندي هئي. وائيس چانسلر ڪان وٺي ”استاد“ تائين سڀني پاران شاگردن کي جهليو ويندو هو تہ اهي فيروز سان نہ ملن جو هو ڪميونسٽ آهي.“ مطلب تہ هڪ سچي اسڪالر کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي روايتي ماحول ۾ جيتري سزا ”اُصولي طور“ ملڻ کپندي هئي، اها فيروز کي ملي. جڏهن هو هڪ استاد ۽ اسڪالر طور يونيورسٽيءَ ۾ گهربل ڪم نہ ڪري سگهيو تہ هن اردوءَ ۾ ”پاڪستان فورم“ جهڙو زبردست فڪري رسالو ڪڍي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. ”پاڪستان فورم“ اُن زماني ۾ اردو ٻوليءَ ۾ پاڪستان جو واحد ترقي پسند ۽ روشن خيال سياسي، سماجي ۽ فڪري رسالو هو. ”پاڪستان فورم“ پاڪستان ۾ جمهوري قومي تحريڪ توڙي عالمي صورتحال تي خالص ترقي پسند سوچ تحت شايع ٿيندڙ اهڙو رسالو هو جيڪو سنڌ توڙي سڄي ملڪ جي روشن خيال ماڻهن جي رهنمائي ڪندو هو. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر فيروز سَنِ جي ڏهاڪي ۾ ئي سياست ڏانهن مائل ٿي چڪو هو پر اُن ئي زماني ۾ فيروز عملي سياست ڏانهن پڻ مائل ٿيو. پهرين پاڪستان ورڪرس پارٽيءَ ۽ پوءِ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو. اها بہ ڊاڪٽر فيروز جي حياتيءَ جي دلچسپ ڪهاڻي آهي. ڊاڪٽر صاحب مون کي پاڻ ٻڌايو تہ هو بنيادي طور پاڪستان ورڪرز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. دراصل اُن زماني ۾ کاٻيءَ ڌر جي پارٽين ۾ اها عام روايت هئي تہ اهي پنهنجين پارٽين تي ڏيان ڏيڻ بدران ٻين پارٽين جو نانئو ڦٽائڻ جي باري ۾ وڌيڪ سنجيده نظر ايندا هيون. ڊاڪٽر فيروز بہ ساڳي روش جو شڪار ٿي پاڪستان ورڪرز پارٽيءَ طرفان عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو پر جيئن تہ ڊاڪٽر فيروز ڪو روايتي سياسي ماڻهن جيان منافق نہ پر مضبوط ڪردار وارو ماڻهو هو ۽ جڏهن هن کي سچ پچ بہ محسوس ٿيو تہ پاڪستان ورڪرز پارٽيءَ جي ڀيٽ ۾ عوامي تحريڪ سچ پچ بہ عوام دوست ۽ انقلابي جمهوري ڪردار ادا ٿي ڪيو تہ هن



www.sindhsalamat.com

باضابط طور تحريڪ کي جوائن ڪيو. اُن تحريڪ ۾ ڊاڪٽر فيروز ٻين محاذن جي پيٽ ۾ هارين ۾ ڪم ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ۽ هو سڄيءَ سنڌ جي ڳوٺن ۾ فاضل راهو شير خان لنڊ ۽ ٻين سياسي ڪارڪنن سان گڏ جهر جهنگ پيو هلندو هو ۽ کين سياسي ليڪچر ڏيندو هو. ڊاڪٽر فيروز جهڙي بين الاقوامي سطح جي مڃيل اسڪالر طرفان عملي عوامي سياست ۾ اچڻ ۽ پنهنجي پوريءَ ڪمٽمينٽ سان هارين، شاگردن ۽ عوام جي ٻين حلقن ۾ ڪم ڪرڻ کي سنڌي سماج جي روايتي پس منظر ۾ وڏي واقعي ڪان گهٽ تصور نٿو ڪري سگهجي. اهڙو ڪم ڊاڪٽر فيروز جهڙو عجب ۾ وجهندڙ ماڻهو ئي ڪري سگهيو ٿي، جنهن لاءِ هاورڊ يونيورسٽيءَ ۾ سوشل سائنسز جي فيڪلٽيءَ جي ڊين ڊاڪٽر رچرڊ اي انگلش چيو هو:

"Feroz was man of two cultures. He was fully immersed in American life, intellectually and professionally, and yet, he was deeply attached to his eastern roots."

ڊاڪٽر فيروز احمد جڏهن 1995ع ۾ سنڌ آيو تہ آئون ۽ ڊاڪٽر صاحب بدين ضلعو گڏجي گهمڻ ويا هئاسون. ڊاڪٽر فيروز کي بدين ضلعي ۾ اهي سڀ ماڳ ۽ هنڌ وري ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو جتي هو شهيد فاضل ۽ ٻين دوستن سان گڏ هارين ۽ ڳوٺاڻن کي ليڪچر ڏيڻ ويندو هو. ان سفر دوران مون کي ياد آهي تہ واشنگٽن ڊي سي جي هاورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ۽ مڃيل اسڪالر جون اڪيون پرجي آيون هيون ۽ هن چيو هو "آئون سڄي دنيا گهميو آهيان، دنيا جي تمام وڏن ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ ڪم ڪيو اٿم پر منهنجي حياتيءَ جا سڀ کان حَسين ڏينهن اهي آهن، جڏهن آئون هنن ڳوٺن ۾ شهيد فاضل راهوءَ، هارين ۽ شاگردن سان گڏ هلندو هئس." سنڌي مڊل ڪلاس جو هڪڙو اهڙو ماڻهو جنهن کي زندگيءَ ۾ عالمي طور اعليٰ ترين سطحن تي ڪم ڪرڻ جا موقعا مليا هجن ۽ اهو پوءِ بہ پنهنجي عوام سان ايترو پيار ڪري ۽ ساڻس گڏ سندن آجپي لاءِ گڏيل انفرادي توڙي اجتماعي ڪوشش تي ايڏو فخر ڪري، گهٽ ۾ گهٽ سنڌي مڊل ڪلاس ۾ اهڙا مثال ۽ مثالي ماڻهو اسان کي وِرلي نظر ايندا. اها اسان جي قومي بدقسمتي چئبي جو فيروز جهڙو ماڻهو گهڻو وقت هن سياست ۾ هلي نہ سگهيو. 1980ع ۾ هو وري آمريڪا موٽي ويو. جتي هن هڪ ريسرچ اسڪالر طور پنهنجو ڪم وري شروع ڪيو ۽



www.sindhsalamat.com

واشنگٽن ۾ هاورڊ يونيورسٽيءَ کي جوائن ڪيو. ان وچ ۾ هو يورپ جي لنڊن اسڪولس آف اڪنامڪس – SOAS London، سوشل سائنس انسٽيٽيوٽ، هايڊل برگ يونيورسٽي جرمني، انسٽيٽيوٽ فار اورينٽل اسٽڊيز ماسڪو جواهر لال نهرو يونيورسٽي دهليءَ توڙي ايشيا جي وڏين وڏين يونيورسٽين ۾ عالمي سماجياتي، فڪري ۽ سياسي موضوعن تي ليڪچر ڏيندو هو. ڊاڪٽر فيروز جا سياسي، سماجي ۽ فڪري آدرش، خيال ۽ رويا زندگيءَ جي آخر تائين نه رڳو سائنسي ۽ عقليت پسند هئا پر بنيادي طور واضح، انسان دوست ۽ عوام دوست انقلاب دوست هئا. فيروز احمد هڪ اهڙو ترقي پسند مارڪسي سوچ رکندڙ تخليقي دانشور هو جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ اسان کي زندگيءَ جي سمورين ڏسائن جي حوالي سان هڪ انقلابي ۽ ڪميٽيڊ دانشور ۽ ورڪر نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر فيروز جهڙا ماڻهو جنهن به سماج ۾ جنم وٺن، اهو سماج ڀاڳ وارو چئبو ۽ اهڙن ماڻهن جي عظمت ۽ وُسعت ان ڳالهه جي محتاج ڪڏهن به نٿي رهي ته ڪين پنهنجي زماني ۾ ڪيتري مڃتا ڏني وئي. فيروز ته ان معاملي ۾ به عجيب و غريب رهيو جو هن سنڌ جي ڀهراڙين ۾ هلندي به سڄيءَ انسان ذات لاءِ سوچيو ۽ آمريڪا توڙي يورپ جي اعليٰ ترين ادارن ۾ ڪم ڪندي به پنهنجن ماڻهن، ڳوٺ توڙي ڳنوارن کي نه وساريو. جيتوڻيڪ فيروز جا سندس زندگيءَ ۾ سوين مقالا ۽ انيڪ ڪتاب شايع ٿيا پر سندس انهن لکڻين جو ڪوبه شمار نه آهي، جيڪي هن زندگيءَ ۾ لکيون پر اهي شايع ٿي نه سگهيون ۽ رڪارڊ تي موجود آهن.

پنهنجي سڄي حياتي بيحد سوچيندڙ، لوچيندڙ ۽ علم توڙي عمل جا جبل جهاڳيندڙ ڊاڪٽر فيروز پنهنجي مَنَ ۾ اَپار خواهشون ۽ آدرش رکندي نيٺ 5 اپريل 1997ع تي آمريڪا ۾ پنهنجي گهر سلور اسپرنگ ۾ ڇاونجاهه سالن جي ڄمار ۾ دل جي اوچتي دوري سبب ابدي ننڊ جي هڪ جهوٽي سان موت جي اَپار وادين ۾ هميشه لاءِ الوپ ٿي ويو ۽ سنڌ کي اهو اعزاز ڏئي ويو ته اها پنهنجي هن املهه ماڻڪ تي زمانن تائين فخر ڪندي رهي.

---

روزاني عبرت – 18 اپريل 1999ع



www.sindhsalamat.com

# ماءُ ڪاهوڙي هليام، ڏُڪائي ڏُونهان!

سنڌ ۾ سُئيون خبرون اچڻ جي مُنڊ چڙهي ته موڪلائي وئي آهي. روز ڪانه ڪا خبر ڪاريهر بڻجي سنڌ جي روح ۽ وجود کي ڏنگي ٿي. سائين آغا سليم جي وڇوڙي جي خبر به اهڙي ئي هڪ ڏکوئيندڙ خبر آهي، جيڪا چيٽ بڻجي سنڌ جي هنياءُ ۾ کُپي وئي آهي. هو رڳو هڪ فرد ٿوروئي هو جديد سنڌي ادب جو هڪ وهائو تارو، سگهارو آواز ۽ ڏاهپ جو املهه خزانو هو. جنهن جنهن ماڻهوءَ آغا سليم کي زندگيءَ ۾ پڙهيو، ڪانئس سِکيو ۽ ساڻس رهاڻيون ڪيون، انهن کان سنڌ جو هيءُ تخليقي ڏاهو انسان ڪڏهن به وسري نه سگهندو.

هونئن ته سنڌ جي ادبي تخليقي ڪُکِ هميشه سائي رهي آهي پر 18هين، 19هين ۽ ويهين صدين ۾ سنڌ جو ادبي اتهاس انهن بلندين کي رسيو جنهن جو اڳ ڪو مثال نه ٿو ملي. سياسي طرح اِهو سنڌ جي زوال جو دور ۽ ادبي طور اهو سنڌ جي عظمتن جي بلندين جو دور رهيو. انهن ٽن صدين ۾ ارڙهين صديءَ ۾ لطيف سائينءَ کي چڙهي ڪري، ويهين صديءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ هڪ غيرمعمولي ادبي دور آيو. جيڪو ڪشنچند بيوس، عبدالڪريم گدائيءَ، ڪاڪي ڀيرومل، گربخشاڻيءَ ۽ نادر بيگ مرزا کان ٿيندو شيخ اياز ۽ سندس انيڪ همعصرن جي صورت ۾ سنڌ ۾ جديد، روشن خيال، وطن دوست ۽ ڏاهپ ڀريي ادبي دور جي هڪ نئين دنيا تخليق ڪري ويو. آغا سليم ان دور جو هڪ اهم ترين نالو ۽ حوالو آهي. شڪارپور جي ته ڪا متي ئي تخليقيت مان ڳوهيل آهي، جنهن ساميءَ، ڪيئلداس فانيءَ، شيخ اياز ۽ آغا سليم جهڙن وڏن ۽ غيرمعمولي تخليقڪارن کي جنم ڏنو.

ويهين صديءَ ۾ اهو هڪ نسل هو جنهن مان هڪ هڪ ماڻهوءَ پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ سنڌ جي تخليقي سينڌ سنوارڻ ۾ وَسان گهٽائڻ نه ڇا پر پنهنجون حياتيون علم، ادب، فن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ارپيون. سنڌ جي انهن عاشقن مان هڪ وڏو نالو آغا سليم جو هو جنهن کي سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، شاهه لطيف، تصوف، بابا فريد ۽ آرٽ سان نه رڳو عشق هو پر اِها ئي هن جي زندگي هئي. اِهي موضوع ۽ محبتن جا محور سندس زندگيءَ جا روح پرور استعارا هئا. استعارا ڇا، هو انهن سان گڏ جيئندو هو، ساڻن گڏ ساهه کڻندو هو، ساڻن روح



www.sindhsalamat.com

جون رهاڻيون ڪندو هو. ڪائنات اُتساهه ونندو هو ۽ انهن بابت سوچڻ، تخيل ۾ رهڻ سان ڳڻ، ڪين من جي ڳهرائين سان محسوس ڪندو هو. هو جيئن ته بنيادي طور وحدت الوجودي هو. ان ڪري هن سنڌ، شاهه لطيف، تصوف، سنڌي ٻوليءَ ۽ بابا فريد جهڙن شاعرن سان پنهنجي روح ۽ خيال جي وحدت جو رشتو جوڙي، هن پنهنجي زندگيءَ، فن، قلم ۽ فڪر کي جيڪا معنويت بخشي، ان ڪيس سنڌ جو آغا سليم بڻائي ڇڏيو. جيڪو سنڌ کان ڪڏهن به وسري نه سگهندو ۽ نه ئي ڪو سندس جاءِ والاري سگهندو. جو هو پنهنجي مزاج، سوچ، اڪ ۽ خيال جي اُٿت ۾ هڪ ٻنهه نرالو ۽ يگانو ماڻهو هو.

آغا سليم جا هيئنيان حوالا سنڌي ادب جي حوالي سان ڪين جديد سنڌي ۾ اُها جاءِ ڏين ٿا، جيڪا سندس هم عصرن مان گهٽ اديبن جي حصي ۾ آئي. مان نئين نسل کي هن سان متعارف ڪرائڻ لاءِ هتي ڪجهه نقطا ۽ خيال ونڊڻ چاهيان ٿو.

جيتوڻيڪ آغا سليم شاعري به ڪئي پر هو بنيادي طور هڪ ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو. شاعريءَ جي حوالي سان ڪيس وڏي پايي جو شاعري شناس شخص سڏي سگهجي ٿو. سندس ناولن ۾ "همه اوست" ۽ "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" اُهي ڪتاب آهن، جن پنهنجي دور تي وڏو اثر ڇڏيو ۽ ڪيترائي نسل انهن مان اتساهه ونندا رهيا. مون اُهي ٻئي ناول اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهيا ۽ آغا سليم جي جمالياتي ٻولي ۽ سندس گهرو تخيل اهڙا ته سحر انگيز هئا، جو ماڻهو ڪيس پڙهندي ڪجهه وقت لاءِ ته پنهنجي وجود کان ئي ويڳاڻو ٿي ويندو آهي. انهن ناولن ۾ هن پنهنجي قلم جي جادوءَ ۽ اثرانگيزيت جي آسمانن کي ڇُهيو. جيتوڻيڪ آغا سليم جا ادب جي ٻين شعبن ۾ به وڏا غيرمعمولي ڪم ٿيل آهن پر سندس سڃاڻپ وري به سڄي ڄمار "چنڊ جا تمنائي"، "همه اوست" ۽ "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" ئي رهيا. بعد ۾ ڪڏهن ڪڏهن هو ان تي چڙي به پوندو هو ته منهنجا ٻيا ڪم وڌيڪ معياري آهن پر آخر ماڻهو مون کي صرف انهن ناولن ۽ ڪهاڻين جي حوالي سان ئي ڇو ٿا سڃاڻن؟ ڪڏهن ڪڏهن ڪي تخليقون اديبن جي سڃاڻپ ۽ سندن ذات جو حوالو بڻجي وينديون آهن، ماڻهن کان اُهي اديب وسري ويندا آهن پر ڪائنات اُهي تخليقون ناهن وسرنديون. هومر جي اڄ تائين ڪا خبر ناهي ته هو اصل ۾ ڪير هو پر سندس "ايليڊ" ۽ "اوڊيسي" لافاني



www.sindhsalamat.com

آهن. يوناني ناٽڪ نويس اسڪائي ليس ماڻهن کي پل ياد نه هجي پر سندس عظيم ناٽڪ "Prometheus Bound" اڄ به جيئرو آهي. يوناني ناٽڪ نويس يوريپيڊس لاءِ ٽالسٽاءِ چيو هو ته سندس هڪ ناٽڪ "ميڊيا" سموري روسي ادب تي حاوي آهي. ورجينا وولف جو ناول "تو دي لائٽ هائوس"، هنرڪ ابسن جي ناٽڪ "گُڏين جو گهر"، وڪٽر هيوگو جي ناول "لي مزر ايبلس"، جنهن کي بالزاڪ ٽالسائي جي "جنگ ۽ امن" کان به وڏو ناول قرار ڏنو هو. ايمائل زوالا جي ناول "نانا"، بالزاڪ جي "پوڙهو گوريو"، گستائو فلائوبير جو "هڪ رانديگر جا خاڪا"، دوستو فسڪيءَ جو "جرم ۽ سزا"، گورڪيءَ جو "ماءُ"، سروانٽيئر جو "ڊان ڪهوتي"، جديد يوناني ناول نويس ۽ شاعر ڪازان زاڪيز جو شاهڪار ناول "زوربا دي گريٽ" اهڙا شاهڪار آهن، جيڪي انهن اديبن جي سڃاڻپ بڻجي ويا، ائين ئي سنڌ ۾ آغا سليم جي ادبي سڃاڻپ اهي به ناول بڻيا، جيتوڻيڪ هو هڪ همه گير ادبي ۽ علمي شخص هو.

جيتوڻيڪ لطيف سائينءَ تي انيڪ عالمن ۽ اديبن لکيو آهي ۽ سندس پرک ۽ پروڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر آغا سليم جيئن ته تصوف ۾ وڏي دلچسپي ۽ ان موضوع تي عبور رکندو هو ان ڪري هن نه رڳو لطيف سائينءَ جو شاندار منظوم ترجمو اردوءَ ۾ ڪيو پر مٿس وحدت الوجود جي حوالي سان ۽ سندس فن جي عظيم لطافتن جي لحاظ کان پڻ لکيو. ان لحاظ کان هو لطيف جي پارکن ۾ پڻ اهم جاءِ والاري ٿو. منهنجا ان حوالي سان ساڻس سدائين اختلافي بحث پڻ ٿيندا هئا. جو مان ساڻس اهو اختلاف رکندو هئس ته لطيف کي رڳو وحدت الوجود جي اکِ سان ڏسڻ ۽ پرکڻ وڏي زيادتي ٿيندي پر ان لاءِ آغا صاحب وٽ پنهنجا دليل هوندا هئا، جن کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن نه هو ۽ اسان جو اهو اختلاف محبتي رشتي جيان سدائين قائم رهيو. فڪر ڪانسواءِ هو لطيف جي ٻوليءَ ۽ شاعرانه جماليات جو وڏو عاشق ۽ پارکو هو. ساڻس آخري رهاڻ به ڪراچيءَ ۾ گهٽي ياڳي ان ئي موضوع تي ٿي. ڪيس ساهه کڻڻ لاءِ آڪسيجن به ٻاهران مشين ذريعي ڏني ٿي وئي پر هو جڏهن لطيف تي ڳالهائي رهيو هو ته هن جو ٻهڪندڙ مُنهن ڏسڻ وٽان هو هن جي اندر ۾ لطيف جي ڏاهپ ۽ فن سان عشق ۽ لطيف جو جمالياتي روح سندس چهري جي ريکائن مان بکي رهيو هو. آغا سليم لطيف سائينءَ تي نه رڳو لکيو سندس مڪمل منظوم ترجمو اردوءَ ۾ ڪيو پر هن ان جو هڪ چڱو حصو انگريزيءَ ۾



www.sindhsalamat.com

پڻ ترجمو ڪيو. لطيف سائينءَ تي لکيل هن جي ڪتابن ۾ ’لات جا لطيف جي‘، سنڌي موسيقيءَ جي روايت ۽ شاهه جي رسالي جا سُرَ. انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ” Introduction of the poetry& Mystic thought of Shah Abdul Latif Bhitai“ ۽ تازو ئي شايع ٿيل ”جيڪي ڏٺو سو مون“ شامل آهن. هو لطيف بابت هڪ نرالي اک، راءِ ۽ پرک رکندو هو. اهڙيءَ طرح هن سچل سرمست تي پڻ انگريزيءَ ۾ ڪتاب ” Sachal_ The Rapturous Soul“ نالي ڪتاب لکيو جيڪو تصوف جي لحاظ سان لطيف جي اُبتڙ منصور حلاج جي فڪر، مزاج ۽ روايت کان گهڻو متاثر هو. ايئن هن ساميءَ ۽ عثمان مَروندي عرف قلندر شهباز جي شاعريءَ تي بہ ڪتاب لکيا.

آغا سليم هڪ دانشور ماڻهو هو هن جو مطالعو رڳو شاعريءَ، افسانوي ادب يا ادب تائين محدود نہ هو فلسفو تصوف، موسيقي ۽ تاريخ هن جا پسنديده موضوع هئا. هو نِلهو جذباتيت جو حامل اديب نہ هو پر هو تاريخ جو شعور رکندڙ تاريخ جي معروضيت ۾ ويساهہ رکندڙ ۽ عقليت ۽ حساسيت ۾ توازن جو قاعل هو. ان ڪري هو هر موضوع بابت پنهنجي هڪ منفرد راءِ رکندو هو. جنهن سان ڪيترن ئي موقعن تي اختلاف بہ ڪبو هو ۽ ساڻس وڏا بحث بہ ڪبا هئا پرهن جي هڪ ”صاحبِ راءِ“ پارکوءَ واري حيثيت ڪمال جي هئي. هن ان جي ڪڏهن پرواهہ بہ نہ ڪئي تہ سندس راءِ تي زمانو ڪهڙي راءِ ڏيندو ۽ اهو ئي هڪ سچي دانشور جو ڪم ۽ فڪري وَڙُ ٿيندو آهي. ان ڪري آغا سليم جتي هڪ وڏو اديب هو اُتي هڪ وڏو ادبي ۽ فني پارکو پڻ هو. مثال طور هن پنهنجي همعصر وڏي شاعر شيخ اياز تي پڻ ڪتاب لکيو. هو ڪيترين ڳالهين ۾ شيخ اياز سان اختلاف بہ ڪندو هو پر هو ساڳئي وقت سندس ادبي عظمت جو بہ معترف هو. نہ تہ عام طور هڪ ٻئي جا همعصر هڪٻئي لاءِ ايماندارانہ راءِ ڪونہ ڏيندا آهن. جيئن ٽالسٽاءِ ترگنيف کي تسليم نہ ڪندو هو ۽ روسو والٽيئر کي نہ مڃيندو هو يا يوناني ناٽڪ نويسن ۾ ارسٽوفينز پنهنجي هم عصر عظيم ناٽڪ نويس يوريپيڊس ۽ ڏاهي سُقراط کي نہ مڃيندو هو. آغا سليم هڪ ادبي پارکوءَ سان گڏوگڏ هڪ تخليقي محقق بہ هو. هو پهريون ماڻهو هو جنهن تحقيق مان ثابت ڪيو تہ بابا فريد نہ رڳو پنجابيءَ جو پر سنڌيءَ جو بہ پهريون وڏو ڪلاسيڪي شاعر هو. سندس لطيف سائينءَ تي آيل آخري ڪتاب ”جيڪي ڏٺو سو مون“ ۾ ان جا عڪس



www.sindhsalamat.com

ڏسي سگهجن ٿا. يا خاص طور تي هن جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "Allexander Conquet of Sindh" ان لحاظ کان تمام اهم آهي ۽ آغا صاحب پاڻ بہ پنهنجي هن ڪتاب کي پنهنجن سمورن ڪتابن کان وڌيڪ اهميت ڏيندو هو. سندس وفات کان ڪجھ مهينا اڳ مون کي ٻڌايائين تہ هو ڪلهوڙن جي دور جي حوالي سان انيڪ نوان نقطا تاريخ مان ڳولي ڪڍي آيو آهي، جن تي هو لکڻ چاهي ٿو پر صحت ۽ زندگيءَ ڪيس ان جي وِٿي نہ ڏني.

آغا سليم ذاتي طور بہ شخصيت ۾ باوقار، زندھ دل، جمالياتي ذوق رکندڙ ۽ هڪ حساس طبع انسان هو. سندس ٿهڪ زندگيءَ سان ڀرپور، سندس طنز ۽ مزاح جي حس ڪمال جي، حالتن آهر چرچي ڀوڳ ۾ جملي بازيءَ جو بادشاھ. 1994ع جي ڳالھ آهي، پي ٽي ويءَ تي مون ۽ نصير مرزا ڪانئس پروگرام "اڄ جو مهمان" ۾ انٽرويو ٽي ڪيو. انٽرويو جي وقفي دوران نصير کيس چيو مون خيرپور جو سفرنامو لکيو آهي، ان تي مهاڳ توهان لکو. کِلي چيائين، "ادا هڪڙو سنڌي چڙهي ويو ڪجيءَ تي، پوءِ هيٺ نهاري چيائين پنهنجو ديس آخر پنهنجو آهي." نصير ۽ مان سندس ان حاضر جوابيءَ تي بي اختيار کِلي ڏنو. ايئن هن جا حميد سنڌيءَ، غلام نبي مغل، ظفر اُجڻ ۽ رسول بخش پليجي سان چرچا، ڀوڳ ۽ جملي ساٽن بازي ڪمال جي هوندي هئي پر انهن ۾ محبت ۽ ظرف هوندو هو. هڪڙي ڀيري مشتاق راڄپر هن کي پليجي صاحب وٽ وٺي آيو ڪچهري متي، اسان بہ هئاسون. پليجي صاحب کيس ڀوڳ ۾ چيو "بابا تون پناڻ ماڻهو وچي دغا دروڙا ڪر ۽ پِستا ڪپاءِ، تنهنجو ادب ۾ ڇا وڃي؟" آغا صاحب جي حاضر جوابيءَ جو ڪمال هو جو ٺهہ پهہ اسان کي چيائين، "بابا پليجي کي رنبو ۽ ڪهاڙو وٺي ڏيو تہ ٻَنِدَ ڏاري، هن جو ادب جهڙي نفيس ڪم سان ڇا وڃي." ۽ پوءِ فضا ۾ رڳو ٽهڪ هئا. اهڙا انيڪ واقعا ساري سگهجن ٿا پر هو دل جو زندھ دل ۽ معصوم طبع ماڻهو هو. ڳالھ وٽي يا نہ منهن تي چئي ڏيندو هو پر دل ۾ پيار ڪرڻ وارو ماڻهو هو ۽ اهڙي حُجت هو ڪندو بہ پنهنجي دل گهرين ماڻهن سان هو. منهنجو بہ ساڻس قرب ۽ دوستيءَ جو تعلق ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان هو. اِها سندس شفقت هئي جو هو مونکي ڀائيندو هو، مان ڏيندو هو ۽ تمام گهٽو ملڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ چاهيندو هو. حيدرآباد جڏهن بہ ايندو هو مون کي چوندو هو تہ نوجوانن سان ملاءِ، مون کي انهن مان وڌيڪ اتساھ ملي ٿو.



www.sindhsalamat.com

اها ڪجھ مهينا اڳ جي ڳالھ آهي جو مون کي اسان جي گڏيل دوست غلام نبي مغل فون ڪري چيو تہ آغا صاحب چوي ٿو تہ ”جاميءَ کي پرچائي ڏي ۽ کيس چئو تہ ملي وڃي.“ منهنجو هن سان محبت جو رشتو هو ساڻس ڪوبہ رُسامو نہ هو اِهو هن جو محبتي انداز هو. ان ئي هفتي مان ۽ سحر گل وٽس ڪراچيءَ ملڻ وياسين. بيحد خوش ٿيو. لطيف، بابا فريد، ماڌو لال شاهہ حسين، ميان محمد بخش، اڄوڪي سنڌ، سنڌ جي سياسي تاريخ سميت انيڪ موضوعن تي طويل ڪچهري ٿي. هميشہ جيان چرچا پوڳ ۽ جملي بازي بہ خوب ٿي. سندس ڪتاب بحث هيٺ آيا ۽ سندس هڪ جملي مون کي هڪ لمحي لاءِ صفا سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو جڏهن چيائين تہ، ”وڏي حسرت رهي تہ توسان گڏ هندوستان جو ادبي سفر ڪريان!“ اها هن جي محبت ۽ شفقت هئي. مون کيس چيو ”اهو مون لاءِ اعزاز هوندو ۽ توهان صحتياب ٿيو تہ ضرور هلنداسين.“ افسوس جو هو اُهو سفر پاڻ سان گڏ کڻي هليو هو. آغا سليم سنڌ جو اهو اديب هو جنهن سان ڪڏهن بہ اسان کي ٿهيءَ جو فرق محسوس نہ ٿيو. هڪ ڏاهو اديب، شاعر، پارکو محقق، سنڌ جو عاشق، ٻوليءَ جي حُسناڪين تي فدا ٿيندڙ موسيقيءَ جي لئہ مان ڳوهيل ماڻهو۔ ڇا تہ شخص هو آغا سليم! سنڌ هن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. هن جي حَسين مُرڪ هڪ استعاري طور هن کي هميشہ انهن دلين ۾ محفوظ ۽ زندهہ رکندي، جن کيس ڏنو ۽ سيو ۽ ساڻس ادبي پنڌ ڪيو. آغا سليم سان وري ملي نہ سگهبو اهو خيال ئي جيءَ جهوري ٿو وجهي، پر ڇا ڪجي ثبات زندگيءَ ۾ سفر ۽ وڇوڙي کي آهي ۽ هو وحدت الوجودي آغا سليم وڃي لطيف ۽ بابا فريد سان گڏيو. جيڪي سدائين سندس روح ۾ رچيل رهيا. لطيف هن جهڙن لاءِ ئي چيو هو تہ:

مــــاءُ ڪــــاهوڙي هليـــــا، ڏُڪـــــائي دونهـــــان،
ڇپـــــرَ جـــــا سُـــــونهان، ڏوٿـــــين ڏُٺ ڇتـــــائيو.

(لطيف)

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 13 اپريل 2016ع**



www.sindhsalamat.com

# هڪڙي هئي خيرو!

زندگيءَ ۾ اڳتي نهارجي تہ وقت جو احساس ئي نہ ٿيندو آهي، لڳندو آهي وقت اڳتي سُري ئي نہ ٿو. زندگي جڻ تہ اوسيئڙو ۽ انتظار ٿيو پوي. وري جڏهن ڪا ياد، ڪو وڇڙي ويل ماڻهو ڪو گذري ويل پَلُ يا حادثو ڪا پوئتي رهجي ويل سارَ ڪي اَڏَ ۾ رهجي ويل ماضيءَ جون وِڪون، ڪنهن لمحي هنيانءُ ۾ چُهنڊي پائي، زندگيءَ ۾ پُٺتي نهارڻ تي مجبور ڪنديون آهن تہ ماڻهوءَ کان بي ساختہ دانهن نڪريو وڃي. مارِا! زندگي تہ بس ڪا اَڪَ ـ ٻُوٽَ جي راند آهي ـ بس ڪجهہ يادن، حادثن، ناڪامين، ڪاميابين، خواهشن، وفائن، بي وفائين، حسرتن ۽ اَڏَ ۾ رهجي ويل اُڌمن ۽ ڪنهن اَجاتل بيوسيءَ ۽ اُداسيءَ جو نالو آهي. ماڻهوءَ جي حياتي بس ڪجهہ پاڻ مرادو ڪنيل ٻِرانگهون ئي تہ آهن. ماڻهوءَ جو ٻاروتڻ تہ هڪ ڏنڌلي خوابَ جيان اَکِ ڇنڀَ ۾ گذريو وڃي. اسان وٽ تہ گهٽن تي ٻاروتڻ ايندو ئي ناهي. آزادين، خوشين ۽ سُکن ڪانسواءِ ڪهڙو ٻاروتڻ! هن لوڙَ جي ڪاڻ جهڙي معاشري ۾ تہ ماڻهو ڄمندي ئي پيريءَ ۾ هليو وڃي. ٻاروتڻ جي بيپرواهي ۽ لاأُباليت گهٽن ٻارن ڪي نصيب ٿيندي هوندي! غريب جي گهر ۾ ٻار معنيٰ ڪمائيندڙ ٻہ هَٿَ ـ ڇا جو ٻاروتڻ! ماڻهوءَ جي ٻي ٻِرانگهَ بيپرواهہ جوانيءَ ۾ تہ ٽين ٻِرانگهہ ۾ ماڻهو پِيريءَ کان ٿيندو وري جڻ تہ ٻاروتڻ ۾ پُڄيو وڃي. بس فرق رڳو ايترو آهي جو ٻاروتڻ ۾ زندگي بيپرواهہ ۽ سراپا اتساهہ هوندي آهي ۽ پِيريءَ ۾ بس هڪ بارُ!

اڪيون ٻُوٽي تصور جي اکين سان پُٺتي نِهاري زندگيءَ ۾ وِڇڙي ويل پيارن ماڻهن کي ساريان ٿو تہ روحَ مان سَٽَ اُڀريو وڃي – دل نہ ٿي مڃي تہ سنڌ جِي سدا ملوڪ ڪهاڻيڪاره ۽ ليکڪا خيرالنساءَ جعفريءَ ۽ منهنجيءَ آپا خيروءَ کي هن جهانَ کان وَئي پريا چوڏنهن سال ٿي ويا آهن. ويساهُہ ئي نہ آيو ـ فون ڪري آپا خيروءَ جي ڌيءَ صائمہ کان پڇيم تہ هن بہ تصديق ڪئي تہ کيس وَئي چوڏنهن سال ٿي ويا آهن. زندگيءَ ۾ انيڪ ماڻهو گڏيا، ڪيترن سان زندگي گڏ گذري، هر رنگَ ۽ ڍنگَ جا ماڻهو زندگيءَ ۾ آيا ۽ ويا – پر خيرو سنڌ



www.sindhsalamat.com

تہ ڇا هن ڪائنات ۾ هڪ ئي هئي– خيرو ڪير سڏائي! لطيف چيو آهي:
”مِٽي ان خميرَ، اصل هئي ايتري!“ سچ بہ هن ڪائنات ۾ ارڏائيءَ ۽ معصوميت جي مِٽي بس هئي ئي ايتري، جنهن کي ڳوهي، خيرو ئي جڙي سَگهِي ٿَي! تڏهن تہ لَکن تہ ڇا ڪربن ۽ ٻدمن ۾ هڪ هئي – خيرو! آپا خيرالنساءَ جعفريءَ سان منهنجون ٻَٽيهَہ نہ پر ٻَٽيهَہ هزار دليون هيون. هن جون بہ مون سان جِيءَ جُون جَڙيون هيون. ويندي ويندي مون تي هڪ وڏو ٿورو ڪري وئي. اهو ٿورو سندس مون تي اعتبار هو. پنهنجيءَ ڌيءَ صائمہ کي چيائين، ”مون کان پوءِ تنهنجو وڏو جامي آهي!“ صائمہ اڄ پاڻ ٻارن واري آهي، پر هن جو پيڪو گهر، منهنجو ئي گهر آهي.

خيرالنساءَ جعفري – هونئن تہ سندس سجاڳپ لاءِ اهو نالو ئي ڪافي آهي. ٻيلا سنڌ ۾ ڪير نہ سڃاڻي ”تخليق جو موت“، ”67، 68، 69“ ۽ ”حويليءَ کان هاسٽل تائين“ جهڙين منفرد سنڌي ڪهاڻين جي ٻي باڪ ليکڪا کي. ڪو وقت هو جڏهن حيدرآباد جي هر ادبي محفل هن ڪانسواءِ ٻُسي هوندي هئي، يا ڪنهن بہ ادبي فنڪشن جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو ئي ڪافي هوندو هو تہ ان جي دعوتنامي تي خيرالنساءَ جعفريءَ جو نالو هجي. هوءَ جڏهن ادبي محفلن ۾ تقريرون ڪندي هئي تہ هال سندس ٻُڌندڙن جي بي اختيار ٽهڪن سان گونجندا هئا ۽ اوچتو کِلائيندي کِلائيندي هوءَ ڪا اهڙي چُڀندڙ ۽ دل کي ڇُهندڙ ڳالهہ ڪري ويندي هئي جو ماڻهو سوچ ۾ ٻُڏي ويندو هو تہ هوءَ ڇا ڇا نہ چئي وئي! گهڻن جيان مان بہ کيس خيرو سڏيندو هوس ۽ نصير مرزا کان وٺي ٽنڊي ولي محمد جا موالي ۽ فقيرَ کيس ”ادي گُڏي“ سڏيندا هئا. هڪ وقت هو جڏهن حيدرآباد ۾ مون لاءِ جڻ تہ هوءَ سڀ ڪجهہ هئي – هڪ رازدان دوست، ٻنهہ ٻُجائتي سهيلي ۽ ماءُ جهڙي مهربان ۽ ٻاجهاري هستي.

عبدالقادر جوڻيجي صحيح چيو آهي تہ، ”گُڏي، خيرو ۽ خيرالنساءَ جعفري – هڪڙو ماڻهو، هڪڙو روپ، ٽي نالا. جنهن کي جهڙي ڏسڻ ۾ آئي، انهيءَ ڪٽي اهڙو نالو رکيو هوندس.“ هونئن تہ ماڻهن جي سوچ، زندگيءَ ۽ ڪردار تي ڪتابَ لکي سگهجن ٿا پر اسان جي خيرو بيان ڪرڻ کان زور آهي. هن جي شخصيت ۾ سپاءَ جو پنهنجو هڪ تِڪو مِنو ذائقو هو جنهن کي شايد لفظن ۾ بيان نہ ڪري سگهجي. هڪ وجود ۾ سندس انيڪ روپ هئا ۽ سندس هر روپ هڪٻئي کان وڌيڪ نرالوتخليقي ۽ عجيب هو. ڪيئن چئجي تہ



www.sindhsalamat.com

سندس شخصيت جو ڪهڙو روپ وڏيڪ حسين هو. زنده دل، بي ريا، ٺَههَ پَههَ مُنهنَ تي چئي ڏيڻ واري. ٺهي آيس تہ وَسَ پڄي جملن جا طنز ڀريا تيرَ هڻڻ کان مُڙندي ڪونہ ۽ جي پاڻ کي لڳس تہ ڏَڪُ دشمن جو بہ نہ وڃائيندي، واهَ جو ڀِير تي ڏَونڪو هڻي مچيندي پر ويرُ وري اهڙو وٺندي (هن جو وير بہ سندس جيان بنهہ معصوم هوندو هو) جو اڳين کي پَل تہ ڇَنيءَ جو ڪير ياد اچي وڃي. ڪنهن زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ خيرو، تنوير جوڻيجو ۽ ليليٰ بانا جو گروپ مشهور هوندو هو. سنڌي ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان سندس حُجائتا چرچا مشهور هوندا هئا. ڊاڪٽر جوڻيجو اُهي ساروڻيون ساري بيحد کِلندو هو ۽ هميشہ خيروءَ جي چرچن ۽ جملي بازين کي مِس ڪندو هو. ٽنڊي ولي محمد ۾ پنهنجيءَ هڪ پاڙيسري دوست جو نالو رکيائين ادي پَڙوِي! خيروءَ جي ڪري اُها عورت منهنجي بہ دوست ٿي وئي. هن کي خيروءَ جي گارين کانسواءِ مزو نہ ايندو هو. صائمہ ۽ مان حيران بہ ٿيندا هئاسون پر خيروءَ کي ڪير جهلي! خيرو ڏسڻ ۾ بِنهہ سادي، رڌڻي ۾ صندليءَ تي ويهي ماني پچائيندي هئي تہ لڳندو هو جڻ ڪا ڳوٺاڻي سُگهڙ زال هجي، جنهن زندگيءَ ۾ ڪو هڪ اکر بہ ناهي پڙهيو. وري جي خيرو لکي يا ڳالهائي تہ اُهو ڏانءُ ڪو ڪانئس سِکي. زندگيءَ ۾ تمام ٿورو لکيائين پر سنڌي ادب ۾ پنهنجو اُهو منفرد مقام ٺاهي وئي جو سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ سندس ذڪر کانسواءِ سدائين اڻ پوري رهندي. نفسيات جي استاد هئي پر زندگيءَ جي هڪ موڙ تي پاڻ بہ چريائپ جو شڪار ٿي، هيءَ اُها چريائپ هئي، جيڪا دل جي بادشاهہ نما فقيرن جي ڪُٽي ۾ نڪرندي آهي. هوءَ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي هڪ درويش صفت انسان هئي.

هيءُ سماجي وهنوار جتي ماڻهو هر ڏينهن ڇا هر گهڙي پين سان تہ ٺهيو پر پنهنجو پاڻ سان بہ وڙهندو وَتي، ٻَهروپَ ڪندو پنهنجي اردگرد خوشفهمين ۽ خودفريبين جا ڄارَ اُڻندو وتي ۽ پوءِ پنهنجي ئي اُڻيل ڄارَ مان نڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻندو وتي، پر خيرو جهڙي اندر تهڙي ٻاهر. هوءَ اهڙي مِٽيءَ مان ڳوهيل هئي جو ڪنهن سان بہ ڪوڙ نڀي ۽ دوکو جي چاهي بہ ها تہ نہ ڪري سگهي ها، جو ان تي سندس ڪو وَسُ نہ هو. عبدالقادر جوڻيجي هن بابت لکيو آهي تہ خيروءَ جهڙي دوست دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. مان ڀاڳ وارو هوس جو هوءَ منهنجي بيحد دل گهُري دوست هئي. مان جي حيدرآباد ۾ هوندو هئس تہ

ٻئي ٽئين ڏينهن هن سان ضرور ملاقات ٿيندي هئي پر جي وِچ ۾ ڪا وِٿي پئجي وڃي تہ پوءِ سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺي گاريون ڏيندي هئي (گاريون ڏيڻ آپا جو محبوب مشغلو هوندو هو) ۽ پنهنجي اڪيلي ڌيءَ صائمہ کي چوندي هئي، ”اِهو مُئو جامي الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي، هاڻي اچي تہ ساڻس جُٺِ ڪبي“. وري جي مان اچي نڪرندس تہ ڏاڪڻ جي ڪَڙڪي مان ئي سمجهي ويندي هئي ۽ سموري ڪاوڙ گم. ويهڻ شرط پُڇندي ”چانهن ڪهڙي پيئندين؟“ ”ٻاڙهي يا کير واري؟“ وري چانهن ڪٽي ايندي تہ چوندي، ”پلا اڄ ڏينهن جو ڇا کاڌُئي؟“ آپا خيرو کائڻ جي بلا جي شوقين هئي تہ کارائڻ جي بہ. ڇا تہ کاڌا ٺاهيندي هئي – جهينگن جو سنڌي پُلاءُ، سَيهيل پَلا، پَلي جون پُڳلَ آنيون، ٻاڪري مَغزَ جا ڇَهرا پڪوڙا، بادامن ۽ پِستن ۾ ٺهيل ديسي ڪُڪڙن جون ڪڙهايون ۽ ٻيو الائجي تہ ڇا ڇا؟ سندس والد جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رجسترار رهيو بہ کائڻ جو بلا جو شوقين هو. مجال آهي جو بمبئي بيڪريءَ کانسواءِ ڪو بسڪيٽ يا ڪيڪ کائي.

ٽنڊي ولي محمد ۾ سندس گهر ”شيرين ڪارنر“ گُڏيَ_ گُڏيءَ (سندس پاءُ کي بہ گُڏو چوندا هئا) جو اباڻو گهر ئي نہ پر حيدرآباد جو هڪ جَهانُ هو. مهمانن کي ماني ۽ چانهن ملندي، دوستن کي گاريون، پاڙي وارين ماين کي سفيد پَنَ جون ٻِيڙيون ۽ پاڙي جي ڪُتن کي ٽَئي تان لَٿلَ گرم گرم مانيون ملنديون هيون. مانيءَ جو وقت ٿيو ناهي پاڙي جا ڪُتا ”شيرين ڪارنر“ جي ڏاڪڻين جي اوٽ ۾ اَچي ويهي رهندا. جو ڪين خبر هئي تہ اِهو خيروءَ جو گهر آهي، جتان ٻيو تہ ٺهيو پر پاڙي جي ڪُتن لاءِ بہ سَڪٽو موٽڻ خيروءَ لاءِ عيب هو. زندگيءَ جي مادي حقيقتن کان بنهہ پري، نہ شهرت جي بُکَ، نہ پئسن ميڙڻ جي هَبَڇَ، نہ وڏائي نہ هَٺُ، اصل ملنگ مست. ڪُرسي گهَر جي هجي يا آفيس جي، هن لاءِ عذاب هوندي هئي. پنهنجي گهر ۾ پينگهي ۾ ويهندي هئي يا آڳر ۾ رکيل صندليءَ تي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نفسيات جي پروفيسر هئي. جڏهن کيس ڊپارٽمينٽ جو چيئرپرسن مقرر ڪيائون تہ عذاب ۾ هئي، جيسين عهدي تان استعيفيٰ نہ ڏنائين، سُکَ جو ساهہ نہ کنيائين. ماڻهو ڪرسين خاطر سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ هوءَ هئي جو ڪرسي هن لاءِ عذاب هئي. پنهنجي گهر ۾ هن کي صائمہ کانپوءِ اباڻو پينگهو ڪاٺَ جي صندلي ۽



www.sindhsalamat.com

اُها ڏٻلي پياري هوندي هئي، جنهن ۾ ڳاڙهي چانهن ۾ وجهڻ لاءِ ايراني يا اٽليءَ جو زعفران پيل هوندو هوس.

آپا خيروءَ کي ننڍپڻ ۾ گُڏي چوندا هئا، جو هن جو اندر زندگيءَ جي آخري پل تائين واقعي بہ ڪنهن گُڏيءَ جهڙو هو. خيرو_ معنيٰ زندگيءَ ۾ وڏن مسئلن کي ليکيندي ڪونہ ۽ ننڍڙن مسئلن لاءِ سخت پريشان ٿي ويندي، اصل زندگي حرام هوندس. ٻارن جيان ننڍڙين ڳالهين تان خوش ٿي ويندي، ڪو دوستيءَ ۾ دغا ڪري ويس تہ درگذر ڪري ڇڏيندي حضور شرميءَ کان اڳئين کي نہ چئي سگهندي تہ پنهنجي مُنهِن ويٺي ان تي عجب کائيندي يا صائمہ ۽ منهنجي سامهون کين دل کولي گاريون ڏيندي ۽ پوءِ وري اهڙي هلڪي ٿي ويندي، ڄڻ تہ اُهي گاريون هن نہ پر ڪنهن ٻئي تي ڏنيون. ٻلا هوندو ڪو دنيا ۾ اهڙو! جتي آپا خيروءَ جون محبتون غيرمشروط هيون، اُتي سندس جهيڙا بہ عالم آشڪار هئا. خيروءَ سان سنگت ۽ ساٿس جهيڙو نہ ٿئي_ اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي. جتي محبتون ڏيڻ ۾ حاتم طائي هئي، اُتي جهيڙي ۾ بہ هن جو ”زيبِ داستان“ ۽ افسانوي انداز ڏسڻ وٽان هوندو هو. اڳئين جون جملي بازيءَ سان ڪَلون لاهي سندس ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. سندس مامو حميد جعفري جيڪو تلهار ۾ رهندو هو اهو بہ هڪ عجيب ڪردار آهي. خيروءَ جي ڪري اهو منهنجو بہ دل گهُريو دوست ٿي ويو ۽ هن جو محبت جو اهو تعلق اڄ سوڌو قائم آهي. سموري خاندان مان مون فقط حميد ڏٺو جيڪو خيروءَ وٽ ايندو ويندو هو ۽ کيس بيحد پيائيندو هو پر حميد جعفريءَ سان سندس جهيڙا بہ ڪي گهٽ نہ هوندا هئا. پَرپُٺ حميد جون ڳالهيون ڪندي سندس چوڏا لاهي ڇڏيندي هئي، ماٺهو پائنين تہ وڏي ڪنهن دشمن جون ڳالهيون پئي ڪري پر حميد گهر ۾ داخل ٿيو ناهي – خيرو تبديل! شايد اهو بہ سندس پيار ڪرڻ جو ڪو انداز هو. صائمہ – خيروءَ جي اڪيلي پياري ڌيءَ پر وڙهندي ساٿس ايئن هئي ڄڻ صائمہ سندس ڌيءَ نہ پر سَسُ هجي. پنهنجي ڀاءُ گُڏَي جي ننڍڙي ڌيءَ شاندار فاطمہ ۾ تہ ساهہ هوندو هوس، پر پنهنجيءَ تي آئي تہ ننڍڙي شاندار فاطمہ کي بہ نہ بخشيندي. هن جي ڪهاڻي تخليق جو موت پنهنجي مامي حميد جعفريءَ جي ڀاءُ تي ئي لکيل هئي، جنهن سان سندس جهيڙا جڳ مشهور هوندا هئا.

ڊِڄڻي اهڙي جهڙي سَهي جي ڪَلَ، اصل جهرڪيءَ کان بہ هيٺي ۽ جي خيرو پنهنجيءَ تي اچي تہ پوءِ خبر ناهي انهيءَ سَهي جي ڪَلَ ۾ اُها سگهہ ڪٿان اچي ويندي هئي، جنهن ۾ مجال آهي جو خيرو مُڙي وڃي. خيرو پنهنجيءَ تي اچي تہ سمنڊ پار ڪري ويندي ۽ جي ڪنهن ڳالهہ تي اَٽڪي بيهي رهي تہ سندس لاءِ ڳڪُ بہ ڳرو. پر سندس هر انداز ۾ هڪ جهڙائپ هئي ۽ اُها هئي سندس معصوميت. هن پنهنجي اندر جي ٻار کي ڪڏهن بہ مرڻ نہ ڏنو. هن جي کِلَ، روئڻ، ڏسڻَ، پرچڻ، خوشفهميون، مايوسيون، دلاسا ۽ شرارتون – سڀ ٻارن جيان ئي تہ هيون، ۽ جيڪو ماڻهو اهڙو معصوم هجي، ان جِي دل ۾ ڪير ڪندو! هونئن تہ ساڻس وابستہ سوين ڇا هزارين واقعا آهن پر هڪ واقعو مون کان نہ وسرندو آهي. مان هڪ پيري پنهنجي دوست ڊاڪٽر محبت ٻُرڙي کي وٽس سنڌ يونيورسٽيءَ واري گهر تي وٺي ويس، ڀانيان ٿو منهنجو فلسفي دوست جاويد ڀٽو بہ اسان سان گڏ هو. ان ملاقات جي ڪجهہ ئي ڏينهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو دل جي دوري ۾ گذاري ويو. خيرو مون سان سخت ناراض ٿي تہ جڏهن محبت کي جلد ئي مري وڃڻو هو تہ پوءِ مون کيس ساڻس ڇو ملايو؟ ڊاڪٽر محبت ٻُرڙي جو بي وقتائتو موت کانئس آخر تائين نہ جو نہ وِسريو. ايتري حساس هئي، ان ڪري ئي سندس دوست کي گهٽا نہ هئا، ڇاڪاڻ تہ جنهن کي زندگيءَ ۾ دوست سمجهندي هئي، اهو/ اُها سندس ڪمزوري بڻجي ويندا هئا. ناتا وقتي طور ٽوڙيندي ٻارن وانگر هئي پر نڀائيندي عجيب انداز سان هئي، بلڪل هڪ مهربان ماءُ مثل!

آپا خيرالنساءَ جعفري هونئن تہ ماڻهن جهڙي ماڻهو هئي پر هوءَ حقيقت ۾ سنڌ جي ادبي ۽ قومي زندگيءَ جو هڪ حَسين رنگ ۽ منفرد ڪردار هئي. هن جي سائِڻَ جو عالم اِهو هو جو هن جي لکيل ۽ چيل تِکي کان تِکي ڳالهہ تي بہ ڪو دل ۾ نہ ڪندو هو، جو سڀ ڪنهن کي معلوم هو تہ هوءَ هڪ نِج نِبار، حساس ۽ ٻارن جيان معصوم انسان هئي. چريائيءَ جي حالت ۾ سائين رسول بخش پليجي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، اردو اديب احمد هميش ۽ الائجي ڪيترن وڏن ماڻهن کي دل کولي گاريون ڏنائين. ڪنهن بہ دل ۾ نہ ڪيو، ويترو خيروءَ لاءِ ڏکارا ٿيا. خيرو جڏهن سنگاپور مان علاج ڪرائي آئي تہ هڪ هڪ وٽ معافيءَ لاءِ وئي ۽ ان تي ٻارن جيان کِلندي بہ هئي. مون پنهنجيءَ ساڃہ ۾ سنڌ ۾ اهڙا بہ ماڻهو ڏٺا، جن کي زندگيءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪجهہ بہ چئي ڏيڻ جو



www.sindhsalamat.com

جڏهن ته پروانو مليل هو ۽ ڪويہ مٿن اَرهو نہ ٿيندو هو. اُهي بہ ماڻهو هئا آپا خيرالنساءَ جعفري ۽ چاچو حفيظ قريشي- ٻئي دل جا اُجرا ۽ نِج نِبار ماڻهو!

آپا خيرو ڪا اديب ٽائيپ ماڻهو بہ نہ هئي ۽ نہ وري هن ڪي پنهنجي ليکڪا هجڻ تي ڪو ناز هوندو هو. بس ڪهاڻيون هن کان لکجي ويون. هوءَ اصل ۾ هئي ئي اهڙي، هن پنهنجي اندر جي ليکڪا کي ويهي گهَڙيو ڪونہ هو. سچو ڏينهن اهو ئي ڳالهائيندي هئي، ان مان جيترو بہ لکي سگهي بس اُهو ادب ٿي ويو ۽ اوريجنل ادب چئبو بہ ان کي آهي. تخليقي ادب ڪنهن صنف جو محتاج ناهي. جي هوءَ لکڻ کي سنجيدگيءَ سان وٺي ها تہ مان سمجهان ٿو تہ هوءَ عصمت چغتائيءَ کي بہ پُٺتي ڇڏي وڃي ها. خيرو جيتري حساس هئي، اوتري ذهين هئي، جيتري تخليقي هئي اوتري وري سُست بہ هئي، سو زندگيءَ ۾ تمام ٿورو لکيائين.

آپا خيرالنساءَ جعفري گهڻو پڙهيل نہ پر تمام گهڻو ڪڙهيل انسان هئي. هن زندگيءَ جي ڪتابن کي تجربن ۽ محسوسات جي اکين سان پڙهيو هو. جيتوڻيڪ زندگيءَ ۾ گهڻو ۽ معياري پڙهڻ بيحد ضروري آهي. پر شايد گهڻو ڪڙهڻ ان کان بہ وڌيڪ اهم آهي. هوءَ سچ پچ بہ هڪ ڪڙهيل انسان هئي. ڪڙهڻ ڪانسواءِ ٺلهو پڙهڻ وقت جو زيان آهي. هن جتي زندگيءَ ۾ انيڪ محبتن کي ماڻيو اُتي زندگيءَ جي ٺٺهڻ اُس جهڙين تِکين حقيقتن ۽ بي رحمين کي پڻ پرپور پوڳيو. اُهي حقيقتون ئي هيون، جيڪي ڪيس زندگيءَ جي هڪ موقعي تي چرياڻيءَ جي درجي تي پڻ وٺي ويون. مون کي ساڻس پهريون ڀيرو زندگيءَ ۾ اظهار سومري 1991ع ۾ ملايو پر پوءِ اسان جو تعلق اهڙو ٿي ويو جو ان جي ساکَ شايد اُهو پينگهو ڏيندو، جنهن تي ويهي اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايراني زعفران واري ڳاڙهي چانهن تي دنيا جهان بابت اَڻ کُٽ ڪچهريون ڪندا هئاسين. پاڻ هئي ڪهاڻيڪار پر ڳالهيون ٻُڌندي ٻارن وانگر هئي. وِچ وِچ ۾ سندس ٻَلا جا طنزيہ ۽ اوچتا تخليقي جملا، ٺهڪ، گاريون ۽ هر هر چانهن ناهي اچڻ کي پلا ڪير ٿو وساري سگهي!

ٽنڊي ولي محمد جي اباڻي گهر شيرين ڪارنر مان لڏي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوسائٽيءَ واري گهر ۾ اچي وينءَ تہ خيروءَ جون خوشيون موڪلائي ويون. سندس امڙ شيرين جي نالي سان منسوب اهو رڳو ڪو گهر ٿورو ئي هو هڪ پورو جهان هو خيروءَ جو. ”نہ سي وونئڙ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون. ڀِسيو بازارون



www.sindhsalamat.com

هينئڙو مون لوڻ ٿئي!“ ٺندي ولي محمد جي تہ دادلي هئي خيرو – گهر ۾ ڪا شيءِ کُٽي ناهي- دريءَ کان بيهي ڪنهن بہ دڪاندار يا پاڙيواري کي سڏ ڪندي هئي تہ هر شيءِ حاضر! ڪير جواب ڏيندو هن مهربان ۽ ارڏي ماڻهوءَ کي. خيروءَ کي نئون گهر پانءِ نہ پيو. وڏيءَ اُڪيرَ سان ٺهرايو هئائين اُهو گهر- پر گهر دَرَ ۽ ديوارن جو نالو تہ نہ هوندو آهي. گهر تہ هڪ احساس جو نالو آهي، ضروري ناهي تہ ديواريون لازمي طور گهر بہ ٿي سگهن. ديوارن سان گهرَ ٺهن ها تہ پوءِ احساسن جي ڪهڙي اهميت هجي ها! گهر تہ هڪ آٿتَ ۽ اُڪيرَ جو نالو آهي. ننڍڙين ننڍڙين شين سان اٿاهہ گِهري وابستگيءَ جو نالو آهي. گهر تہ ماڻهوءَ کي گهُوريندو آهي، دل ۾ روحَ سان گهُرندو آهي- ديوارون تہ بي جان، بي روح بس اُپيون بيٺيون هونديون آهن. خيروءَ کي شيرين ڪارنر کان جلاوطنيءَ جهوري وڌو. آپا خيروءَ جا آخري ڏينهن ڄامشوري ۾ گهڻو بيمارين ۽ اُداسين ۾ گذريا. مان وٽس هر هفتي وڃي رهندو هوس پر خيروءَ جو اهو حال مون کان بہ سَٺو نہ ٿيندو هو. رڌڻي ۾ ٻوڙ چاڙهڻ لاءِ ويندي هئي ۽ وڃي ڏسبو هو تہ رڌڻي ۾ ٻوڙ سڙي چڪو هوندو هو ۽ هوءَ بي خبر معصوم ٻار جيان صندليءَ تي سُتي پئي هوندي هئي. زندگي هن لاءِ جڻ تہ بارُ ٿي پيئي هئي. ويندي ويندي بہ پنهنجي زندهہ دلي نہ ڇڏيائين. دنيا ۾ ڪو اهڙي وصيت ڪري سگهندو! لکي وئي تہ، ”مُئي کانپوءِ جيڪو بہ منهنجيءَ قبر تي اچي تہ خالي پنا، بال پينون ۽ سفيد پَنَ جون پيڙيون کڻي اچي.“ خيرو سچ پچ بہ هڪ عجيب انسان هئي. ماڻهو نہ هئي، سنڌي ادب ۽ دوستن لاءِ قدرت جو ڪو انعام هئي خيرو! هن جي لکيل ادب، ڏنل محبتن ۽ بي باڪ انوکي شخصيت کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهبو. ”آپا خيرو! We miss you badly“.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 4 مارچ 2012ع**

# طارق اشرف کير سڏائي!

منهنجي عادت آهي تہ اڪثر جڏهن دل اُداس هوندي آهي تہ پنهنجون پراڻيون شيون ڪڍي انهن سان دل وندرائيندو آهيان. نهايت پيارن دوستن جا خط، ڪجهہ يادگار ڪارڊ، سوکڙيون، تصويرون ۽ اُنهن سان وابستہ ماڻهن جون اڻ وسرندڙ يادون جيڪو دلي سڪون ڏينديون آهن، انهن جو تہ رسمي ڳالهين مان تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. شايد اسان ماڻهن جو جهان ئي اهڙو آهي ۽ انهن وٽ زندگيءَ لاءِ راحتن ۽ خوشين جا تصور، معيار ۽ سرچشما ئي ڪي ٻيا آهن. تڏهن تہ اردوءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي:

*چند تصویرِ بُتاں، چند حسینوں کے خطوط،*

*بعد مرنے کے میرے گھر سے یہ ساماں نکلا۔*

ٻين لاءِ پل تہ اهي شيون غير اهم هجن پر اسان کي انهن مان جيڪا راحت ملي ٿي، ان جو تصور شايد عام طرح نہ ڪري سگهجي. سو مون ڳالهہ ٿي ڪئي پنهنجي ان عادت جي. ڊائريون ۽ انهن ۾ انيڪ دوستن، ساٿين بابت رايا، سندن چيل ڳالهيون، لکيل خط پڙهي مون محسوس ڪيو ڄڻ ڪا وڏي توانائي ملي وئي هجي. 1992ع جي ڊائريءَ جا ورق اُٿلائيندو ويس. لکيل لفظ ڇا هئا، لڳم ڄڻ بي رحم وقت جا ڪي سرد لمحا اُتي ٻيهي ويا هجن. ڪي احساس هئا جن ساهہ مُنجهائي زماني کان فرار ٿي، اُتي پناهہ ورتي هئي. هر ورق جي پنهنجي ڪيفيت هئي. ڪٿي خوشيون، ڪٿي ڏک، ڪٿي حَسرتون ۽ ارمان تہ ڪٿي زندگيءَ جون ڏکوئيندڙ ۽ زهر جهڙيون ڪڙيون حقيقتون. اوچتو هڪ ورق تي نظر پئي ۽ مان تڏو ٿيندو ويس. مٿان تاريخ لکيل هئي 14 اپريل 1992ع ۽ هيٺ لکيل هو ”اسان جو نهايت پيارو ساٿي، ارڏو انسان ۽ ليکڪ طارق اشرف اوچتو دل جي دوري سبب ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو.....“ تہ ڇئبو سنڌ کان طارق سان گڏ سهڻي بہ کسجي وئي.... نہ! طارق ۽ سهڻي ڪڏا مري سگهن.... ڪڏهن بہ نہ!!

ڪيتريءَ دير تائين ڊائريءَ جو اُهو ورق ڏسندو رهيس. بار بار پڙهيم. ايئن لڳو ڄڻ اها خبر پهريون دفعو ٻُڌي رهيو هجان. طارق اشرف ۽ فقير محمد



www.sindhsalamat.com

لاشاريءَ جي مرتيي جي خبرن تي مان اڄ تائين ويساهه نه ڪري سگهيو آهيان. مون کي ڪڏهن به ايئن نه لڳو آهي ته ڄڻ اُهي ماڻهو مري ويا هجن. اهو ئي سبب آهي جو تمام گهڻو چاهڻ جي باوجود مان انهن ٻنهي تي لکي نه سگهيو آهيان. مون جڏهن به مٿن لکڻ چاهيو آهي، تڏهن پنهنجي قلم کي بيوس پاتو اٿم. لکڻ دماغ جو ڪم آهي پر هنن ٻنهي سان منهنجو دلي ناتو هو. مون کي ياد آهي ته جڏهن به سال اڳ مون طارق اشرف جي اوچتي وفات جي خبر ٻُڌي هئي تڏهن مون تي ڇا گذريو هو؟ اتفاق وري اهو هو جو وفات کان فقط چار ڏينهن اڳ اسان جي گاڏي کاتي ۾ تفصيلي ملاقات ۽ ڪچهري ٿي هئي. ڪجهه عرصو اڳ ايئن اوچتو رستي ويندي دانيال شاهه (طارق اشرف جو پُٽ) مليو. مياريندي چيائين، ”يار ڇا توهان جي دوستي فقط بابا سان هئي، وري مُنهن ئي نه ڪيو اٿوَ مان به توهان جو اهڙو ئي دوست آهيان.“ هن جي ايئن چوڻ تي مون کي شرمندگي ته ٿي ۽ ان وقت مون کيس ايئن ڪو رسمي جواب ڏنو هو پر حقيقت هيءَ آهي ته طارق صاحب جي گهر ۽ سهڻي پريس ته نهيو مان ته ڪوڪر محلي مان ئي نه لنگهي سگهندو آهيان. جنهن آفيس ۾ اسان جون طارق صاحب سان شامون گذرنديون هيون، جتي اسان جا طويل بحث ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون، جتي ”سهڻي“ کي وڌيڪ سهڻو ڪرڻ لاءِ نيون نيون رٿابنديون ٿينديون هيون، ان آفيس ۾ سندس غير موجودگيءَ جو احساس ڪيڏو نه اذيتناڪ هوندو. بلڪل ايئن جيئن مان ”جاڳو“ جي آفيس نه وڃي سگهندو آهيان. جاڳو وڃجي ۽ فقير محمد نه هجي، اهڙي ماحول ۾ مون کي اها جاءِ کائڻ ايندي آهي.

”پسيو بازارون هينئڙو مون لوڻ ٿئي“

طارق اشرف سنڌ جي انهن چند اديبن مان هو جيڪي صرف صاحبِ قلم ئي نه پر صاحبِ ڪردار به هئا. هو زبان سان دعوائون نه ڪندو هو پر عملي طور ڪم ڪندو هو. ”سهڻيءَ“ جا ٻئي جنم هن جي ان سچائيءَ جا مظهر ۽ ثبوت آهن. هو هڪ ڪميٽيڊ اديب هو. هن جي مالي حالت پوري ساري هوندي هئي. سهڻيءَ جهڙي اداري کي مستقل هلائڻ لاءِ هن وٽ وسيلا بنهه گهٽ هئا پر مون کي ياد ناهي ته هن ڪڏهن ان لاءِ گهل گهوڙا ڪئي هجي. هو هڪ بااُصول ۽ باضمير ماڻهو هو. وٽس رڳو سوچڻ ۽ لکڻ جي صلاحيت ئي نه پر سچ چئي ڏيڻ جي جرئت ۽ بيباڪي به هئي. مان ان جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. مون کي ياد



www.sindhsalamat.com

آهي تہ ڪيترن ئي موقعن تي هو ”چڳن پلن“ ماڻهن ڪي مُنهنَ تي سچ ڦهڪائي ڏيندو هو. ان ڪري ئي هو گهڻن ماڻهن لاءِ اڻ وڻندڙ شخصيت بہ هو پر هن ان جي ڪڏهن بہ پرواهہ نہ ڪئي تہ ڪير سندس ڳالهہ جو ڪهڙو تاثر ٿو وٺي؟ سهڻيءَ جي پهرين توڙي پوئين دؤر جا ايڊيٽوريل ان ڳالهہ جا شاهد آهن تہ هن سنڌ جي اهم مسئلن تي ڪيڏي نہ همت، بيباڪيءَ ۽ ڏاهپ سان قلم کنيو. خاص طور تي سهڻيءَ جي پهرين دؤر جا ايڊيٽوريل تہ شاهڪار آهن ۽ منهنجي سچ پچ خواهش آهي تہ ڪو ادارو اڳيان اچي ۽ انهن کي ڇپائڻ جو انتظام ڪري تہ جيڪر سنڌ جي وڏي خدمت ٿي پئي.

مان طارق اشرف کي فقط هڪ فرد نٿو سمجهان. طارق اشرف هڪ اداري جو نالو هو. جيڪو ماڻهپي، فضيلت، اخلاق، فرض شناسيءَ ۽ بي لوثيءَ جو اهڃاڻ هو. طارق سچي زندگي ڪي بہ دعوائون نہ ڪيون. هن کي زباني لباڙن هڻڻ کان سخت چڙ هوندي هئي. هو باعمل ماڻهو هو. هن زباني ڪم خرچ ڪرڻ بجاءِ هڪ ڪارائتي، بهتر ۽ بااُصول زندگي گذاري ۽ اسان تي ثابت ڪيو تہ هو سچ پچ باضمير ماڻهو هو. جيڪو ڪڏهن بہ وڪيو رُڪيو ۽ جهُڪيو نہ. اڄ جي سنڌ جتي فرض شناسي ناپيد آهي، جتي سچائيءَ کي اياڻپ سمجهيو وڃي ٿو جتي اعليٰ آدرشن سان ڪمٽمينٽ کي خود فريبي سمجهيو وڃي ٿو جتي ايمانداري ڳولهي نٿي لڀي، جتي هر ماڻهو زندگيءَ ۾ شارٽ ڪٽ هڻڻ چاهي ٿو اُتي طارق اشرف جي زندگي ۽ ڪردار اسان لاءِ وڏي وٿ ۽ اتساهہ جو سرچشمو آهي. اڄوڪي سنڌ کي ان جذبي ۽ جرئت جي ضرورت آهي، جنهن جو طارق اشرف هڪ اهڃاڻ هو.

---

**پندرنهن روزہ عبرت مئگزين – 1994ع**

# شعريت جي متيءَ مان ڳوهيل هڪ يگانو ماڻهو!

مون جڏهن پنهنجي شعوري اک کولي تہ منهنجو شهر ۽ هاڻي شايد اهو چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ ’وچائجي ويل شهر‘ قمبر ادبي ۽ سياسي لحاظ کان هڪ بيحد متحرڪ شهر هو. منهنجي مزاج ۾ بہ ئي لاڙا هئا, سو مون ٻنهي لاڙن جو وڌو اثر قبول ڪيو. 1974ع ۾ مان قمبر تعلقي جي علي خان پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس ۽ 1977ع ۾ هڪ شخص ڪجهہ وقت لاءِ اسان جو ڪلاس ٽيچر ٿيو جنهن کي پهرين درجي کان اسڪول ۾ هڪ استاد طور ڏسندو هئس. هو سڀني استادن کان منفرد ۽ غيررواجي لڳندو هو. هن جو اچڻ, وڃڻ, هلڻ, ڳالهائڻ ۽ مجموعي شخصيت ٻين کان گهڻو مختلف هئي. مون کي سندس ڪابہ خبر نہ هئي تہ هو ڪير آهي, بس رڳو ايتري خبر هئي تہ هو اسڪول جو استاد ۽ شخصيت ۾ ٻين کان الڳ ٿلڳ ڪو انوکو ماڻهو هو. اسان جو ڪلاس استاد سائين محمد مٺل هنن کي ناپسند ڪندو هو ۽ هن کي اسڪول جي ورانڊي ۾ ايندو ويندو ڏسي پيو مُنهن ٺاهيندو هو. شام جو اسان ڪجهہ دوست سائين محمد مٺل جي گهر ٽيوشن پڙهڻ ويندا هئاسين. هڪ ڀيري مون پنهنجي دلي تجسس جي احساس وچان سائين محمد مٺل کان هن ”عجيب استاد“ بابت پڇيو تہ هن جو جواب هو ”اِهو شاعر آ, هن سان نہ ملجو۔ واندو آهي ۽ ڪنهن ڪم جو ماڻهو ناهي.“ اُن زماني ۾ تہ مان هڪ ٻار هئس پر اڳتي هلي جڏهن هن ”عجيب شخص“ سان واقفيت ٿي ۽ پاڻ ادب جي دنيا ۾ پير پاتم تہ خبر پئي تہ اِهو هڪ فرد جو فرد ڏانهن شخصي رويو نہ پر هڪ پسمانده سماج جو هڪ تخليقي شعبي ۽ تخليقڪار ڏانهن رويو هو. اڳتي هلي اُهو شخص 1977ع ۾ ڪجهہ وقت لاءِ اسان جو ڪلاس استاد ٿيو. پڙهائڻ ۾ هڪ ڀلو استاد, ٻارن سان شفقت, باقي استادن سان ڳالهہ ڳالهہ تي چِڙيو پوي. سندس خاص سڃاڻپ هئي هر وقت چانهن پيئڻ, پانيان ٿو تہ سڄي پگهار چانهن تي خرچ ڪندو هو. مٺان وري معصوم اهڙو جو ٻيا استاد ۽ خاص



www.sindhsalamat.com

طور فتاح چاڪي لِڪي ان گرم چانهن مان ڪجهه ڇُسڪيون پري پوءِ ان ۾ پاٽي وجهي پوءِ ڪيس ڏيندا هئا ۽ پوءِ استاد پيرل جو سجو ڏينهن چانهن واري سان جهيڙو هوندو هو تہ چانهن ٺاري ٿو موڪلين ۽ مزو بہ ڪونهيس, اِهو لقاءُ مون سالن جا سال اسڪول ۾ ڏٺو. اهو فقيرمنش شخص هو سنڌ جو غزل جو استاد شاعر سائين ”استاد پيرل قنبر“. مون بہ چوٿين درجي کان ڪچا ڦِڪا شعر لکڻ شروع ڪيا ۽ اُنهن جي اصلاح بابا (پروفيسر عبدالحئي چانديو) کان ڪرائيندو هئس, جنهن مون کي علم عروض ۽ علم بديع و بيان سيکاريو. مون اُهي شعر سائين پيرل قمبر کي ڏيکارڻ شروع ڪيا تہ هو مون کي وڏيڪ پائڻ لڳو ۽ تاڪيد ڪندو هو تہ مان کيس پنهنجا شعر ڏيکاريان. ايئن استاد پيرل سان هڪ رسمي ۽ ادبي شاگرد طور لاڳاپو شروع ٿيو جيڪو ساڻس سندس زندگيءَ جي آخر تائين رهيو.

استاد پيرل پنهنجي شخصيت, سوچ ۽ زندگيءَ ڏانهن رويي ۾ هڪ مڪمل مست الست قسم جو ماڻهو ۽ چوويهہ ڪلاڪ شاعر هو. شاعري هن جي زندگي, محبت, ڪارج, سياءُ مطلب تہ سڀ ڪجهہ هو. ماڻهو شاعري ڪندا آهن, هو شاعري سوچيندو هو. شاعري محسوس ڪندو هو شاعريءَ سان گفتگو ڪندو هو شاعريءَ کي پاليندو هو. شاعريءَ سان رهاڻيون ڪندو هو شاعريءَ سان انگل ۽ آرا ڪندو هو شاعريءَ سان هن جون ہٽيھ دليون هونديون هيون, اُن ڪري شاعريءَ سان هو انيڪ فني تجربن ۽ ترڪيبن جون ڇُجتون ڪندو هو. اُستاد پيرل جو وجود سراپا شاعري هو هو هڪ اهڙو معصوم صفت تخليقار هو. جنهن جي سموري ڪائنات شاعري هئي. هو شاعريءَ کي دريافت ڪندو هو ڏينهن رات ان جي ڳولا ڪندو هو ۽ ان کي انيڪ رنگن ۾ تخليق ڪندو هو. هو شاعريءَ کي شاعريءَ تي آشڪار ڪندو هو. هن جي شاعري, شاعريءَ کي داد ڏيندي هئي ۽ هو اڪيلائين ۾ ان جو شاهد هوندو هو. اُن ڪري استاد پيرل ۽ شاعريءَ کي هڪٻئي کان جدا نہ ٿو ڪري سگهجي. شاعري هن جو روح هئي, هن جي اندر جو لباس هئي. هيءُ فقير طبع مست الست شاعر دل جو بادشاهہ هو وڏيءَ آنا ۽ خودداريءَ وارو هو پر دل جي بارگاهہ ۾ سدائين نماءُ هوندو هوس. هن پنهنجي لاءِ ٿي چيو آهي تہ:

اي ”پيرل“ آهر ڪنهن جي قسمت جي بازي,
جتي سِرُ هو جهُڪڻو جهُڪائي وياسين.



www.sindhsalamat.com

هن جو سِر ڪنهن بہ حڪمران آڏو نہ جهُڪيو. زندگيءَ جي بي رحمين آڏو نہ جهُڪيو پر شاعريءَ آڏو هن جو روح سراپا سربسجود هو ۽ اهو ئي هن جو تعارف هو. اُستاد پيرل هن جهانَ کي ٻِہُر سان پيٺَ ڏني، ايئن ئي جيئن هن جو محبوب شاعر غالب دنيا کي ”بازيچۂ اطفال“ يعني ٻارن جي راند سمجهندو هو ۽ چا تہ ان رمز ۽ تعليءَ جو خوبصورت استعمال ڪيو هئائين:

”پيـرل تــ وئـي وفـا هلـي هـاٽي ڪيـان بــ چـا،
مـان ٻيـر وانگـي ڏوٽيـان چـا ٻـرن جـي ڏارَ ڪـي.“

استاد پيرل جو اصل نالو پير محمد هو. جنهن جو جنم 17هين جولاءِ 1933ع تي ميرو خان تعلقي جي ڳوٺ ٻني ۾ ٿيو. سندس والد امام بخش سومرو پنهنجي ذات جي پراڻي ڪِرت موجب ڪَتِڪو ڪم ڪندو هو. ڇيو وڃي ٿو تہ استاد پيرل سنڌي فائنل ۽ ٽي درجا انگريزيءَ جا پڙهڻ ڪانپوءِ پنهنجي پيءُ سان قمبر ۾ رهڻ لڳو ۽ 1953ع ۾ قمبر ۾ استاد مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ مستقل طور قمبر ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جيتوڻيڪ هو زندگيءَ جا آخري ڪيترائي سال شهدادڪوٽ ۾ وڃي رهيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين پر قمبر سان سندس دل هئي جو هن پنهنجي جواني سموري قمبر کي ارپي هئي ۽ هن جي عاشقين جا سمورا قصا بہ قمبر سان وابستہ رهيا، جنهن جو اظهار هو پنهنجن شعرن ۾ هميشہ ڪندو رهيو. جنهن شهر ۾ ماڻهوءَ جي جواني گذري، ان کي ماڻهو ڪٿي ٿو وساري سگهي ۽ اُهو بہ استاد پيرل جهڙو عشاق. مثال طور هو قمبر سان پنهنجي والهانہ اُنسيت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

شـهر پنهنجـي سـان لڳـن هـي دل، اڪيـون ۽ پيـرَ هـٿَ،
شـهر جـو منهنجـي سـڄڻ جـو اُن شـهر سـان سِرُ لڳـي،
ٻيـا بــ آهــن شــهر سـوَيـي، سـي اڪـين تـي يـار پـر،
مـان ئـي هـان پيـرل قنبـر، منهنجـو قنبـر سـان سِرُ لڳـي.

استاد پيرل جنهن چيو هو تہ:

ڇِني سگهبا تہ اي پيرل پهاڙن جا بہ سينا پر،
نٽدي جي نينهن جا ناتا، ڇِنڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

يا هو ٻئي هنڌ وري چوي ٿو جنهن جو ذڪر رياضت ٻُرڙي هينئن ڪيو آهي:



www.sindhsalamat.com

”ساڳيءَ ريت استاد ’پيرل قنبر‘ جي محبت، قنبر کان پوءِ شهدادڪوٽ شهر سان بہ ٿِي، جڏهن هُو اُتي وڃي رهيو ۽ شهدادڪوٽين سان سندس اُٿاويٺي ٿِي. ان بعد هُن شهدادڪوٽ جي شانَ ۾ پڻ شعر سِرجيا. خاص طور ”اُڳهاڙا پير ٽانڊن تي“ ڪتاب ۾، صحفي 112 کان 114 تائين، 24 شعرن تي جُڙيل مسلسل غزلَ نمايان آهي، جنهن ۾ هن ڪيترين ئي شخصيتن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هتي ان غززل جا بہ شعر پيش ڪجن ٿا:

شهدادڪوٽ کي مون پنهنجو گهر چئي ڏنو
گتيون، قمر ۽ ڪهڪشان اختر چئي ڏنو.

❋

ڊرامن ۽ ڪچهري ڪري شهدادڪوٽ کي،
مون سونو ڪوٽ، چاندي سندو در چئي ڏنو.

پر ان غزل جي مقطع ۾، استاد ’پيرل قنبر‘ وري بہ قنبر شهر جي ئي ڳالهہ ڪئي آهي:

اسـحاق فريـديءَ پڇيـو: پيـو شـهر پيـارو ڏَس،
شـاعر قنبـر مـون پيـرل، قنبـر چئـي ڏنـو.“

(ڪتاب: پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾“، مرتب: ڪوڙل قربدار، صفحو: 16)

استاد پيرل جڏهن 1950ع ۾ قمبر ۾ اچي وينو تہ اُهو زمانو قمبر، لاڙڪاڻي ضلعي توڙي سڄيءَ سنڌ ۾ طرحي مشاعرن جو هو ۽ استاد پيرل اُنهن ۾ نہ رڳو ويندو هو ۽ اُتي سندس بنيادي فني تربيت ٿي پر هن پاڻ بہ اڳتي هلي اُنهن مشاعرن ۾ پاڻ ملهايو. طرحي مشاعرن ۾ جيتوڻيڪ روايتي شاعري گهڻي ٿيندي هئي پر استاد پيرل جو اُن ۾بہ پنهنجو منفرد انداز هو مثال طور ضياءُ الحق جي آمريتي دور ۾ 1978ع ۾ لطيف ادبي سنگت رتي ديري طرفان جشن لطيف ملهايو ويو جنهن موقعي تي آل سنڌ لطيفي مشاعري ۾ طرح ڏني وئي، ”لطيفي لات جي جهر جهنگ ۾ جهُونگار جاري آ“، استاد بخاري بہ اُن مشاعري ۾ شريڪ ٿيو ۽ سڄيءَ سنڌ مان شاعر اچي شريڪ ٿيا، پر اُن موقعي تي استاد پيرل جي شعرن مشاعري کي مست ڪري ڇڏيو. جنهن تي مشاعري جي صدارت ڪندڙ سائين عطا محمد حامي ۽ استاد بخاريءَ سميت سمورن شاعرن کيس وڏو داد ڏنو. جنهن جا اُنهن مان چند شعر هي آهن:



www.sindhsalamat.com

نہ ڪو تارو نہ تانڊاڻو نہ ڪنهن تيلي ڪا ٻاري آ،
ڏسان هر طرف جاڏي رڳو اوندهہ انڌاري آ،
ٻُڌايان حال دل ڪهڙو اها دل درد ماري آ،
ڪٿي ڪجهہ لفظ مرشد جا اسان ۾ لاٽ ٻاري آ،
”لطيفي لاٽ جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ“،

❊

وطن محبوب تي چانيل ڏسو تا رات ڪاري آ،
الائي ڪنهن وِجهي ڪاٺيون چِٽڻنگ مان ٻاهہ ٻاري آ،
نہ ڪو مزدور خوش آهي نہ ڪو خوش حال هاري آ،
مگر پوپي جوان جذبا اسان همت نہ هاري آ،
”لطيفي لاٽ جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ“،

❊

رَتي وارن ڪي جس آهي جنين هيءَ جوت ٻاري آ،
ملهائي جشن مرشد جو سچي سنياري آ،
ڀلي آيا هلي، يارن نيائي خوب ياري آ،
لکي هيءَ پيار مان ”پيرل“ طرح، طرح دل سان تنواري آ،
”لطيفي لاٽ جي جهر جهنگ ۾ جهونگار جاري آ“.

استاد پيرل پنهنجي مزاج ۾ هڪ باغيانہ ماڻهو هو. اهو هنيلو مزاج هن جي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ هميشہ رهيو سندس سماجي خيال بہ اهڙا هئا. ان جا عڪس ۾ لاڙا سندس شاعريءَ ۾ بہ پسي سگهجن ٿا.

چوي ٿو:

پٿر جو بُت رکي آڏو چئين تہ سجدو ڪر!
خدا ئي جاٽي تہ ڪهڙو خدا ڏئي ويو مون کي.

بظاهر هڪ نِهني ۾ مست الست شاعر جو هيءُ هنيلو خيال ڏسو:

لَتِ تي گهُمان، نہ پوءِ بہ ڪيان دل لڳيءَ کان دنگ مان،
”پيرل قمبر“ نہ مون کي ڪو توبهہ جو تجربو آ.

❊



www.sindhsalamat.com

سدائين سچ مان چوان، سچ چوڻ آ سرويچي،
وجي هي ڪٽجي بدن، ڪٽجي پر زبان نہ وِجِي.

*

مسجد جي در کان ٿيندو، وڃان تو صنم جي در،
اڄ سجدو هي خدا جو قضا ٿو ڪري وٺان.

هن جي صوفياڻي خيال جو هيءَ رنگ ۾ اظهار ڏسو:

چو ڏيارين ٿو هي مندر، پلا مسجد جا چڪر،
اسان محبت ۾ ڪو مذهب نہ ڌرم رکون ٿا.

*

خاڪ آ هو چو چوان، نمرود کي يارو خدا،
جو خدا سڀ جو خدا، مون کي خدا اهڙو کپي.
وچڙيو آ ڪنهن طريقي سان، آدم جو هي اولاد،
مسجد ۾ رهجي ويا ڪي مندر ۾ رهجي ويا.

هونئن تہ شاعري شاعر جي انيڪ خيالن، ڪيفيتن، احساسن، مشاهدن ۽ زندگيءَ جي تجربن جو نِچوڙ هوندي آهي، پر استاد پيرل قمبر تي رومانوي شاعريءَ جو رنگ وڏيڪ حاوي هو. هن جي رومانويت گهڻي پاڳي روايتي آهي، پر اُن ۾ بہ هن جي شاعراڻي ذات ۾ احساس جي تازگي ۽ شائستگي هن جي اظهار کي انفراديت جو رنگ بخشين ٿيون. چوي ٿو:

”پيرل قنبر“ کي تون ڪري چڏ مفت ۾ خريد،
مِٺيءَ جي بُت جي توکان مان کهڙي بَها وٺان.

*

غير سان ڪر آبِ ڪوثر جو بيان،
مون سان تون پنهنجي پگهر جي ڳالهہ ڪر.

*

نہ ڪرڻ اکيون مان ادا کي قضا چئي نہ وجهان،
دوا کي زهر، زهر کي دوا چئي نہ وجهان،
بغير پردي نہ مستن جي آ تون محفل ۾،



www.sindhsalamat.com

مٿـيءَ جـي بُـت کـي مبـادا، خـدا چئـي نــ وجهـان.

❋

ويـچـن جــو در وٺـان يـا تنهنجـي خـاڪِ پـا وٺـان،
هـــن درد نـــامراد جـــي ڪـــنهن کـــان دوا وٺـــان،
محبـــوب آهـــي آڏو تـــ هتـــڙي ئـــي حـــج آ،
ڪهـــڙا وٺـــان مـــدينا مـــان ڪهـــڙا مڪـــا وٺـــان.

❋

تـــو بُـــت جـــي بنـــدگيءَ جـــو محبـــوب آ مـــزو،
مـون کـي نظـر ۾ ٻـي ڪـا عبـادت نـہ ٿـي ملـي.

❋

گلشـــن ۾ ويـــي هـــي تـــون، زلفـــن کـــي نــ ڦيـرائج،
ڪنڊن جي ٻِي ڇُهنبن تي سئو گئونچ ڦُٽي پوندا!

❋

جهل تون رُخسار جو ٽِڙ، ڪاڏي مڪي مان وڃان،
حجـر اسـود آ هتـي، هتـڙي هجـڻ جـي بـدران.

❋

رُخ تـان ايـئن نــ تـون ڪـر پـردو ڪـري ڪـري،
ويندس مري مان سِگَ جا سجدا ڪـري ڪـري.

استاد پيرل پنهنجي رومانوي شاعرانہ مزاج سبب جيتوڻيڪ گهڻي ڀاڱي غزل جي صنف ۾ لکيو. سندس شاگرد ۽ خود استاد شاعر سرمد چانڊيي هن جي غزل جي مهارت تي لکندي کيس داد ڏيندي لکيو تہ:

”استاد پيرل قنبر متضاد غزل جي پيشڪش جو بادشاھ هو.
استاد جي غزل جو معراج متضاد تخيل آهي.
چنـڊ جـي تـون روشـني سـان جهـول پـر،
مـــون کـــي ٻُـــڪ ۾يـــار! ٽانـــڊاٽو تـــ ڏي!

يا



www.sindhsalamat.com

ويچـن جـو در وٺـان يـا تنهنجـي خـاڪ پـا وٺـان!
هـــن درد نـــامراد جـــي ڪـــنهن ڪـان دوا وٺـــان؟

منهنجـي مٿـي تـي گـر هجـي خودمختيـاري تـاج،
ســارو لُٽــي خزانـــو مـــان اڪ جـــي ادا وٺـــان.

هـــر آدمـــي جـــي دل تـــو ڏســـان آهـــي داغ داغ!
ڪـــنهن ســان مِٽــائي پنهنجــي مــان قسـمت قضــا وٺــان!

اهــڙو تــہ ڪاروبــار ڪــڏهن مــون نــہ ڏٺــو آ ڪيــو
وِڪڻــي ٿنــا ٻهــر جــي گهــر جــي گِــلا وٺــان!

جنهن ڪي خوشي سان دوستو! پالي نہ مان سگهان،
زلفــن جـــو وٺــان نانــگ يــا اڪ جــي بــلا وٺـــان!

اڳ ۾ اڪيــون ملائــي مــان پــارت تــو پــو ڪيــان،
هـــڪ وقـــت ۾ تـــو درد ۽ ان جـــي دوا وٺـــان!

پيــرل قنبــر ڪــي تــون ڪــري ڇڏ مفــت ۾ خريــد!
مِٽــي جــي بُــت جــي توڪــان مــان ڪهــڙي بَهــا وٺــان!

استاد پيرل قنبر جو متضاد تخيل، سنڌ ۾ ڪن ٿورن شاعرن ڪي نصيب ٿيو هوندو.“ [1]

هن غزل ۾ انيڪ تجربا پڻ ڪيا. ننڍي کان ننڍو بحر ۽ طويل ترين بحر استاد پيرل جي غزلن ۾ ملن ٿا. ننڍي بحر ۾ ايندو تہ ههڙو حَسين اظهار ڪندو:

راتِ ڪيــڏي بـــہ ڏيـنــدو قســمت ۾،
ڪــري ســجدو وري ســحر اينـــدو.

يا وري سندس هيءُ شعر ڏسو:

---

[1] (ڪتاب: پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾“، مرتب: ڪوڙل قربدار، صفحا: 76_75)



www.sindhsalamat.com

مـون کـي سُـڌِ آ، سـنڌ کـي سـنڌي،
پـــڪ مجينـــدا ماتـــا هونـــدا.

وري جي ڊگهي بحر تي ايندو تہ بہ هن جو اظهار منفرد، مثال طور:
يا تہ تيرِ نظر ڏي نظر ۾ ڊڪي يا تہ پردي ڊڪڻ جو تون انجام ڪر،
ڪيئي محفل ۾ عاشق مري ٿا مرن، بند بحرِ خدا تون قتلِ عام ڪر.

استاد پيرل جي عاشقيءَ ۾ مجاز جي دنيا ۾ رڳو هن جا محبوب ۾ رومانوي تصور نہ هئا پر اُن ۾ سنڌ بہ سدائين موجود رهي. سنڌي شاعري هجي ۾ اُن ۾ ”سنڌ“ استعاري، محور ۾ محبت جو موضوع نہ هجي! اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ۾ سو بہ وري استاد پيرل جهڙي باڪمال شاعر ۾! هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ سان عاشقيءَ جي اظهار جا رنگ ڏسو:

اي سـنڌ! تنهنجـو ڪـين ڪـڏهن در چـڏي ڏبـو،
تنهنجـو نـہ چـڏبو سـاٿ، پنهنجـو سِـرُ چـڏي ڏبـو.
مونـث هجـون يـا مـذڪـر توسـان هـي قـول آهـي،
آواز تـــو ڏنـــو تــــہ، وَنـــي وَرُ چـــڏي ڏبـــو.

ورهاڱي جا وَڏَ سدائين استاد پيرل جي روح جا چاڪ چِڪائيندا هئا. سنڌي هندن جي سنڌ مان لڏي وڃڻ تي چا تہ هن جو روح تڙپيو آ، چوي ٿو:

تـون سـنڌي تـي تـو سـنڌ چـڏين،
تـون ڪـاتي تـي تـو ڪـنـڌ چـڏين،
تـون رانـدي تـي تـو رنـد چـڏين،
تـون مـئـڪش تـي تـو منـڌ چـڏين،
مـــان تـــولاءِ پـــاڻ نـــہ رولينـــدس،
مــان بيجــل بيــو ڪــو ڳولينــدس.

يا وري هي اظهار ڏسو:

مـــان تولئـــہ پـــاڻ نـــہ رولينـــدس،
مـــان بيجـــل ڪـــو بيـــو ڳولينـــدس،
مـــان آڱـــر نـــہ ٻڏنـــدس اڱـــڙيءَ ۾،
مـــان لعـــل نـــہ ٻڏنـــدس لغـــڙيءَ ۾،



www.sindhsalamat.com

ماں پيار نہ ڀڏندس پڳڙيءَ ۾،
ماں گيدي نہ سھندس سنڌيءَ ۾،
ماں سورھيہ پٽ ڏي سوريندس،
پل پيرل ڪوبہ ويس ڏيو
پرديس ۾ ڪٿيون ڪيس ڏيو
ٻيو لبن تي ڪونہ لبيسس
او سنگدل سنڌو ديس ڏيو
ماں ٻول نہ ٻيا ڪي ٻوليندس،
ماں ٻيجل ٻيو ڪو ڳوليندس.

❊

سنڌ سان هن جي محبت بہ السٽي هئي، چوي ٿو:

غلاميءَ جو هو ڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو
ڪٿي لوهہ هلڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو
صدق سان نهاريو پنهنجي سنڌڙيءَ ڏي،
اهو ڪنڌ ڪو ڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو.

❊

خزان جي پنن جان نہ ڇڻجو نہ ڇڻجو
شهادت ۾ سِر ڪي نہ ڳڻجو نہ ڳڻجو
متان پنهنجي سنڌ ڪي وساري بہ ويهو
اهو لعنتاٽو نہ ڪڻجو نہ ڪڻجو.

استاد پيرل جو پنهنجو تعلق هڪ غريب گهر سان هو، هو پاڻ بہ ان طبقي منجهان هو ۽ ايئن نہ هو تہ هن ڪي غربت جو احساس يا ان طبقي جي درد جو احساس رڳو پنهنجي مشاهدي ۽ ذاتي تجربي جي ڪري هو، ان سان گڏ ڪيس ان جو پورو طبقاتي شعور بہ هو، جنهن جو اظهار هو انيڪ جاين تي ڪري ٿو، مثال طور:

آهن عجيب دنيا ۾ قدرت جا ڪارخانا،
ڪو پيٽ لئہ پريشان، ڪنهن وٽ پريل خزانا.

❊

اج هن طرح زمانو ٿو ضعيفن کي ستائي،
دنيا ۾ جڻ غريب جو پروردگار ڪونهي.

❊

ٿا اسان تڪڙو اچئون توکي ڏسي ٻُڪَ جا ٻُڪيا،
هاءِ عزرائيل تو وٽ مانيءَ کن ته هوندو ضرور.

❊

اچا ته تن جي نصيبن ۾ آهي لوڻ ۽ لَسي،
مارن کي مولا کنڊون کير کڏهن بخشيندين.

❊

تو مري هر ڪو مگر هِي هِي مُئو هُو هُو مُئو
کنهن جي مانيءَ تي ٿِي ماني، کنهن جِي ماني کانه ٿِي.

هن کان جڏهن هڪ انٽرويوءَ ۾ عبدالواحد سومري ۽ ضمير کرل سندس پسنديده شعر ٻُڌائڻ لاءِ چيو ته استاد پيرل 43 صنفن ۾ پنجن ٻولين ۾ چيل ستاويهه هزار شعرن مان وري ٻه پنهنجي جنهن شعر جي چونڊ ڪئي، اهو سندس طبقاتي شعور جو حامل شعر آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو:

کهڙو شجر جي هينان ويهي کو حال ڏيون،
هن دل ۾ زخم آ ته هُتي وڻ ۾ پور آ.
ان کي چيم ته چور چا لڪايو اٿئي،
ٻچندي اُٿي چيائين هي مانيءَ جو پور آ.

جيتوڻيڪ استاد پيرل کي پنهنجي شاعرانه مرتبي آهر گهربل ميدان نه مليو ۽ هو گهٽي پاڳي قمبر ۽ شهدادڪوٽ تائين محدود رهيو پر تنهن هوندي به هن هڪ طرف سرمد چانڊيي، آتش سنڌي ۽ ميهر مجاهد جهڙا پُختا شاعر شاگرد پيدا ڪيا ته ٻئي طرف هن ڀرپور شاعراڻو دور گذاريو رياضت ڀُرڙو سندس 42 سالن جي اُن شاعرانه سفر کي سموهيندي هن بابت لکي ٿو:

"پيرل قنبر جي شاعراڻي زندگيءَ جا 42 کن ورهه شاعرن سان اُٿاويهي ڪندي، شعرَ پڙهندي ۽ لکندي، مشاعرن ۾ شرڪت ڪندي، پاڻ وٽ شاعرن جون محفلون منعقد ڪندي، ۽ کنهن



www.sindhsalamat.com

هنڌ حاضر هوندي بہ اکيون ٻوٽي پنهنجي ’خيال ۾ مگن رهندي‘ گذريا.

پيرل قنبر شاعريءَ جي گهڻين ئي صنفن ۾ شعر سِرجيا آهن، پر هن جي جيڪا شاعري، سندس وفات کان پوءِ، هن جي شاگردن پاران سهيڙي ڇپرايل ٻن ڪتابن – ’اُگهاڙا پير تاندن تي‘ (1997ع) ۽ ’سجدو اُداس آ‘ (2007ع) – ۾ پڌري آهي، تنهن ۾ غزلن جو تعداد وڌيڪ آهي. پيرل قنبر بابت اُنهن ڪتابن ۾ ڏنل تعارفن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هن ڪجهہ سنڌي فلمن جهڙوڪ ’پرديسي‘ (21 اپريل 1958ع)، ’پَرائي زمين‘ (14 آگسٽ 1958ع)، ’گهونگهٽ لاهہ ڪنوار‘ (1970)، ’سورٺ‘ (8 جُون 1973ع)، ’سوڍا ۽ٽ سنڌ جا‘ (7 ڊسمبر 1973ع)، ’غيرت جو سوال‘ (18 آڪٽوبر 1974ع) ۽ ’هاري‘ جا ڪلام/ گيت بہ لکيا. اُنهن فلمن مان ڪي تہ هِٽ فلمون آهن، جيڪي عيدن جي موقعن تي جاري (رليز) ٿيون. ان مان ڳڻ ڪري سگهجي ٿي تہ پيرل قنبر تنهن وقت مشهور ۽ مقبول شاعر هو ۽ سندس ڪلامن کي پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ويندو هو جو هڪ پُنتي پيل ۽ پاسائتي علائقي جي رهائشي هئڻ باوجود ڪائنس فلمي گيت لکرايا ويا. ڏک اهو آهي تہ استاد جي انهن مشهور فلمي گيتن جو شايد تہ ڪنهن بہ ليکو يا ماڻهوءَ وٽ ڪو رڪارڊ ناهي ۽ نہ ئي ڪا مفصل ڄاڻ آهي تہ پيرل قنبر جا انهن فلمن ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا گيت شامل هئا، اهي ڪنهن ڳايا ۽ انهن جي موسيقي ڪنهن ترتيب ڏني. ڇا اهي گيت محفوظ آهن؟ يا وقت جي وِٿين ۾ وڃائجي ويا آهن؟ مون انٽرنيٽ تي وس آهر ڦولا ڪئي، گهڻيون ئي ويب سائيٽون کوليون، پر مون کي ’هاري‘ فلم جي ڪا ڄاڻ نہ ملي، جڏهن تہ ٻين فلمن جي انتهائي محدود ڄاڻ/ ڊيٽا ملي سگهي، جنهن مان انهن فلمن جي جاري ٿيڻ جون تاريخون درج ڪيون اٿم. ان کان سواءِ يُوٽيوب تي ’پرديسي‘ فلم جو صرف هڪ گيت ۽ ’غيرت جو سوال‘ فلم جا ٣ گيت اپلوڊ ڪيل هئا، جن مان اهو معلوم نہ پئي ٿيو تہ اهي ڪنهن جا لکيل آهن، ڇاڪاڻ تہ فلمي گيتن ۾ شاعر تخلص لکي نہ سگهندا آهن. هڪڙو ٻيو طريقو استاد جي انهن فلمي گيتن لهڻ جو اهو ٿي سگهي ٿو تہ اڳي مختلف فلمي گيتن جون چوپڙيون پڻ ڇپجنديون هيون، جيڪڏهن انهن چوپڙين جي ڦولا ڪجي، تہ

استاد جا فلمي گيت لهي سگهجن ٿا. بهرحال، منهنجو مقصد ان پاسي ڏيان ڏيارائڻ آهي، تہ استاد جي فلمي گيتن بابت صحيح ڄاڻ هٿ ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن تہ هن جي ريڊيو تان نشر ٿيل ڪلامن کي سهيڙڻ جي بہ گهرج آهي.

فريبـــــــيءَ اڳيــــــان دل ڦرائـــــــي ويـاســــــي،
خزانـــي مــــان هــــڪ شـــيءِ کُٽـــائي وياســـي.

(پيرل قنبر)

اميد ٿو رکان تہ استاد 'پيرل قنبر' جي خزاني مان کُٽل ڪيئي انمول 'وکر' هٿ ڪري وٺبا. فلمي گيتن ۽ ريڊيائي ڪلامن سميت، ضرورت استاد 'پيرل قنبر' جي انهن 'چوپڙين' کي بہ ڳولڻ ۽ نئين سِر ڇپرائڻ جي آهي، جيڪي هن 1960ع جي ڏهاڪي ۾ ڇپرايون، جن ۾ 'سلامِ محبت'، 'جذبہِ دل' (يا 'جذبہِ محبت')، 'باغِ فردوس'، 'يادگارِ زندگي'، 'نِگاهِ محبت' ۽ 'تصويرِ صنم' شامل آهن."[2]

استاد پيرل موسيقيءَ جو عاشق ۽ ڄاڻو گائڪيءَ ۾ لئي جو وڏو پارکو هن جا جيڪي ڪلام فلم ۾ ڳاتا ويا، اُنهن ۾ هو موسيقارن سان پاڻ راتين جون راتيون ويهندو هو ۽ هو تيسين اُنهن کي تسليم نہ ڪندو هو جيسين سندس شاعرانہ ۽ موسيقيت مان ڳوهيل دل ان تي مُهر ثبت نہ ڪندي هئي. هن کي پنهنجي وقت جي مشهور ڳائڻن ڪمپوز ڪيو ۽ ڳايو جن ۾ خاص طور تي ملڪ جو مشهور موسيقار مسعود رانا، سنڌ جا مڃيل قمبر جا مشهور راڳي استاد محرم، استاد اشرف علي، استاد موج علي خان، ماسٽر منظور جو پيءُ استاد مکڻ فقير، مائي وسائي ۽ ٻيا انيڪ شامل آهن. هو جيڪو عجيب مزاج رکندڙ ماڻهو هو پنهنجي پگهار جو چڱو حصو پاڙي جي ٻارن کي خرچيون ڏئي ورهائي ڇڏيندو هو. جو هن کي دنيا جا سڀ ٻار هڪ جهڙا حَسين، معصوم ۽ پنهنجا لڳندا هئا، جو پاڻ شادي ڪونہ ڪيائين. هن جا رُساما ۽ پرچاٽا بہ ٻارن جيان هوندا هئا. قمبر جي يارن کان رُسي تہ سڌو شهدادڪوٽ ۾ جي اُتي سنگت سان ناراض ٿئي تہ قمبر.. سندس زندگي سراپا سندس هن شعر جيان هئي:

---

[2] (ڪتاب: پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾"، مرتب: ڪوڙل قربدار، صفحا: 7، 8 ۽ 9)



www.sindhsalamat.com

زنـــدان ۾ هئـــي چرپــر خـــاموش دهـــن ۾،
هُتـــي ننـــڊ اکـــين ۾ هِتـــي دار و رســـن هـــو
هتـــي سِـرُ تـــي خـــاڪ ۽ بُـتَ تـــي ڪفـــن هـــو
هُتـــي محـــل ۾ مـــوج ۽ هِتـــي متـــيءَ ۾ بـــدن هـــو.

استاد پيرل قمبر کي هونئن تہ برطانيہ جي راڻي الزبيٿ جي پُٽ چارلس جي تاج پوشيءَ تي چيل شعر تي راڻيءَ پاران ذاتي طور لکيل خط، شهنشاهہ ايران پاران مليل گولڊ ميڊل ۽ شهيد ڀُٽي کان مليل ايوارڊن سميت انيڪ انعام مليا پر هن جو اصل انعام هن جي شاعري ۽ ماڻهن طرفان مليل کيس انمول محبت هئي. هو پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ هينئن ٿو بيان ڪري:

نقشـا وفـا جـا بـي وفـا جـي گهـر ۾ رهجـي ويـا،
پـارس جـا جگـر راهـہ جـي پٿـر ۾ رهجـي ويـا،
هٿ تي ڪِريا زمين تـي ڪِريا، قلم تـي ڪِريا،
بـاقي رهيـا جي اشـڪ، سـي ڪـاڳر ۾ رهجـي ويا.

هر انسان جو پنهنجو مزاج ٿئي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجون حُسناڪيون ۽ ڪمزوريون بہ پاڻ سان گڏ گڏ کڻي ٿو هلي. استاد پيرل جي شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ ٻہ ٽي ڪمزوريون هيون، جن هن جي شاعريءَ جو فڪري دائرو محدود ڪري ڇڏيو ۽ اُهي هيون هن جي مطالعي کان ڇڙَ ۽ ٻيو سياست يا پنهنجي دور جي محرڪن کان لاتعلقي. مان سمجهان ٿو تہ جي استاد پيرل جهڙو استاد شاعر معياري مطالعو بہ ڪندو رهي ها يا پاڻ کان وڌيڪ باشعور ماڻهن جي محفلن ۾ گهڻو اُٿندو ويهندو رهي ها تہ هن جي تفڪر جو دائرو تمام وسيع ٿئي ها، هن جي شاعريءَ کي فني بلوغت سان گڏ موضوعاتي وُسعت ملي ها ۽ جيئن هو روايتي شاعريءَ جي لاڙن جو شڪار ٿيو آهي، هُو ان کان بچي وڃي ها. مثال طور جيڪڏهن شيخ اياز رڳو پنهنجي فني استاد ڪيئل داس فاني (جيتوڻيڪ ڪيئل داس فاني بہ جديد شاعريءَ جي مُهندارن مان هو) جي دائري تائين محدود هجي ها ۽ هُو ادب جو وسيع مطالعو نہ ڪري ها ۽ پنهنجي دور تحريڪن ۽ تحرڪ کان لاتعلق رهي ها تہ شايد هُن جو فن ايئن سِراڻ تي نہ سِري ها، جيئن هُو سنڌ جي جديد ادبي اِتهاس تي هڪ سِج جيان اُڀريو. وڏي ڳالهہ تہ استاد پيرل جي سامهون جديد سنڌي شاعريءَ جو پورو جديد دور شيخ اياز سنڌس همعصر ۽ ڪانئس پوءِ جي نسل جي صورت ۾ سنڌ ۾ اُڀري چڪو هو پر استاد پيرل ان نئين دور کان



www.sindhsalamat.com

لاتعلق يا اٽڪاءُ رهيو. هو ادب جا جديد ۽ اُپرندڙ نوان لاڙا ۽ تجربا سمجهي نه سگهيو. هن جي شاعريءَ جا محرڪ تصور، تخيل ۽ احساس هئا يا وڌ ۾ وڌ مشاهداتي عڪس پر جيڪڏهن سندس فن تي مهارت ۽ اظهار جو ڏانءُ جديد فڪري شاعرانه روايتن سان هم آهنگ ٿئي ها ته هو سنڌ جو ساحر لڌيانوي هجي ها.

پيو ته نظر ايئن ٿو اچي ته استاد پيرل جيئن مطالعي کان پاسيرو رهيو تيئن هو پنهنجي دور جي سياسي تحريڪن يا سماج جي اُٿل پُٿل کان به پاسيرو رهيو نه ته ون يونٽ جي دور جيئن سنڌي شاعريءَ کي اظهار جا بي مثال محرڪ، انداز ۽ موضوع ڏنا هئا، اُهي استاد پيرل جي صورت ۾ پڻ پنهنجو غيرمعمولي اظهار ڪن ها پر ايئن نه ٿيو. جيتوڻيڪ هن جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي رنگ به آهي پر اهو پنهنجي همعصر دور جي ڀرپور ۽ گهڻ طرفي ترجماني ڪندي نظر نه ٿو اچي، جيئن اُهو نياز همايونيءَ، استاد بخاريءَ، ابراهيم منشيءَ ۽ ٻين انيڪ شاعرن جي صورت ۾ ڪري ٿو. استاد تي گهڻو اثر فارسي شاعريءَ جو هو هن پاڻ به فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي. ان ڪمزوريءَ کيس فڪري ۽ موضوعاتي طور محدود رکيو.

اقبال کان بيحد متاثر سنڌ جي هن رومانوي ۽ فقير صفت شاعر استاد پيرل کي پڻ اقبال جيتري ئي زندگي يعني 62 سال نصيب ٿي. استاد پيرل جسماني طور ته 24 ڊسمبر 1994ع تي هيءُ جهان ڇڏي ويو پر هو اڄ به سنڌ جي دل وارن جي محفلن ۾ پنهنجيءَ دلبر شاعريءَ سبب زنده رهندو آهي. هونئن به ڪائنات جون حُسناڪيون اندر ۾ سانڍي هلندڙ شاعر ڪيئن ٿو مري سگهي. هو چوي ٿو:

پيرل قنبر وفا جو جنازو ويو اڏي،
ڪوئي هوا مان لاش لهي ڪيئن ٿو سگهي.

---

(ستين جنوري 2016ع، حيدرآباد)



www.sindhsalamat.com

# سونهن ۽ سنڌ جو عاشق – راشد مورائي!

ڪنهن به قوم جي سماج ۾ هر قسم جا ماڻهو ٿين ٿا ۽ جنهن جو جهڙو وڙ، جنهن جي جهڙي سوچ ۽ ساڃاهہ سندن انفرادي ۽ سماجي ڪردار به اهڙو ٺئي ٿو. ڳسا پڪا ماڻهو به هر سماج ۾ ٿين ٿا پر ڪي ماڻهو سچ پچ به جيءَ جيارا ۽ ساهہ سُڏير ٿين ٿا. اُهي ماڻهو جن مان سدائين شعور، اُتساهہ، محبت، سِڪَ ۽ ڏاهپ جون هُبڪارون ۽ ڪردار جي بهارَ جي بوءِ پئي ايندي آهي، اصل ڪچي سون جهڙا ماڻهو! زماني جي ڪابہ ڦيٿ منجهن ماپجي ۽ سموئجي سگهي، اِهو ممڪن ئي نہ آهي. اهڙن نِج نِبار ماڻهن جي مٽيءَ ۾ روح سان سان ڪوڙ ڪُپت ۽ ڪوَڙائِپ جو ڪيميائي ميلاپ ٿئي، اِهو ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي. سنڌ جو سِرِ موڙ شاعر ۽ دلبر ماڻهو سائين راشد مورائي بہ اهڙو ئي محبتن جي مٽيءَ مان ڳوهيل ماڻهو هو. سماجي ۽ معاشي حالتون غريب پر دل جو بادشاهہ، سنڌ ۽ اُن جي سدورن پُٽن ۽ ڌيئرن تان جِندُ جان گهورڻ وارو. سندس دل جي اڱڻ جي ڪائنات ايڏي ڪشادي جو سنڌ جو هر سيبتو سُچيت ۽ سُلڇڻو اُتي پَڪا اَڏي ويهڻ ۾ پاڻ ڪي سيا ڳو سمجهي.

مان اجا ٻاروتڻ ۾ ئي هئس ۽ جڏهن مون سنڌي ادب ۾ اجا جڻ تہ ٻانبڙا پئي پاتا، تڏهن مون ڪي جن سنڌي شاعرن جي قومي شاعري اُتساهہ ڏيندي هئي، اُنهن ۾ سائين راشد مورائي بہ هو. مان ننڍپڻ ۾ ٻارن جي تنظيم ”چٽنگ سنگت“ ۾ هوندو هئس ۽ قمبر ۾ اسان جي دستوري گڏجاڻين ۾ جن شاعرن جي شاعري پڙهبي ۽ ڳائبي هئي، اُنهن ۾ سائين راشد موراِئيءَ جو خاص درجو هو...... ”وري هن ڌرتيءَ تي ڪو سُقراط نہ ماريو ويندو، هر زهر پريو جام هاريو ويندو!“ ۽ ڪئين ٻيا نظم، گيت ۽ غزل، اِهي سٺر جي ڏهاڪي جا پڇاڙڪا ۽ اَسيءَ جي ڏهاڪي جا پهرياتا ڏينهن هئا. شيخ اياز، استاد بخاريءَ، نياز همايونيءَ ۽ نارائڻ شيام ڪانپوءِ جي نسل جا جيڪي شاعر سنڌ ۽ قومي ۽ انقلابي شاعريءَ جا مُهندار ٿي اُڀريا، اُنهن ۾ ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، امداد حُسيني، سرڪش سنڌي، سرمد چانڊيو حافظ محمد



www.sindhsalamat.com

بخش خاصخيلي، عبدالحڪيم ارشد ۽ راشد مورائي سرموڙ هئا. سنڌ ۾ سندس نسل جا ڪيترا شاعر شاعريءَ ۾ تہ قدآور هئا پر ڪردار ۾ وچينءَ تي”روزو“ پڳائون پر سائين راشد جهڙو شاعر پلو ان ڪان هزار پيرا وري ماڻهو پلو اصل صفا مُڪياري ماڻهو! اهڙو جو ماڻهو نبيرو نہ ڪري سگهي تہ هو شاعر وڏو يا ماڻهو وڏو! اِها ٻَهَڳُڻائپ گهٽ ماڻهن ۾ هوندي آهي. سادو فقير منش ۽ نِهٺو ۽ وري ساڳئي وقت اڙٻو، خوددار ۽ ”قومي غيرت“ جي مِٽيءَ مان ڳوهيل هڪ سگهارو ماڻهو. هن جي ٻَهَڳُڻائِپَ جي انڌلٺ ۾ انيڪ رنگ هئا ـ هڪ پلو شاعر، قومي ڪارڪن، مثالي استاد ۽ يارن جو يار!

اچــو راشــد ڪــان اچــي دوســتو حاصــل ڪريــو،
پنهنجـــي ســيني ۾ دفــن ڪــوڙ خزانــا تــو رڪــي.

يا وري جيئن اصغر پُٽي پرپائيءَ هن لاءِ چيو هو:

منصـــــور جـــــي گفتـــــار تنهنجـــــي شـــــعرن ۾،
آ رَتَ ۾ پُـــــــڌَلَ تلـــــوارَ تنهنجـــــي شـــــعرن ۾،
ايـــــڏو بيـــــان اصـــــغر ڪـــــري نـــــہ ســـــگهيو آ،
جيـــــڏو بلنـــــد معيـــــار تنهنجـــــي شـــــعرن ۾!

”سنڌُ، حُسن ۽ شاعري“ سائين راشد موارئيءَ جي زندگيءَ جي اُتساهہ جا سرچشما، محرڪ ۽ جياپي جو جواز هئا. سندس ڪمزوريون بہ اِهي ئي هيون ۽ سندس سگهہ جو سامان بہ بس اِهو ئي هو. لطيف سائينءَ ان ڪي ”ساجن، سُونهنَ ۽ سُرتِ“ چيو آهي، ساجن هن جو سنڌ هئي، سُونهن جو هو سلامي هو ۽ تخليقي سُرتِ جي اظهار جو وسيلو هن وٽ شاعري هئي. هن جي شاعريءَ ۾ بہ اِهي سيئي رنگ نمايان نظر ايندا.

قوم سان راشد جو ناتو تہ ڏسو!

قــوم جِــي هــن قتــل جــو مــان ڪــنهن طــرح قائــل ٿيــان،
مــان خــدا فرعــون ڪــي، آخــر ميــان ڪهــڙيءَ طــرح.

❊

ديــس جــي دشــمن ڪــي چئــو شيشــو پڳــو خنجــر ٿهيــو
درد وارن جـــي دلـــين تـــي ڪيتـــرو هلنـــدو ديــاءُ.

❊

راشد جي حُسن پروري ۽ رومانويت جو انداز ڏسو!

آ چُني چمڪندڙ تـرَ جـي نـاريءَ مٿـان،
چنڊَ جـي روشـني جـڻ تـہ واريءَ مٿـان!

❋

ايئن هنـدَ جـا گهُـنجَ چغلـي هـڻن تـا،
منهنجـي لاءِ تَرسـي، هـوءَ گـڪِ تـي هلـي وئـي!

❋

هـو بہ جڏهن دشـمن جـو پاسـو وٺـي بيهـي رهيـو،
حوصـلو منهنجـو صـفا اڄ پِـڙُ ڪـڍي بيهـي رهيـو.

❋

راشد مورائي جيئن تہ ڪو روايتي ۽ رڳو شاعر نہ آهي پر هو هڪ وطن دوست قومي سوچ رکندڙ عاشق شاعر آهي، ان ڪري هن جي شاعراڻي ڪمٽمينٽ جو اظهار بہ نرالو آهي.

شـانَ سـان رهـي آ، راشـد دار ڏي ديـوانگي،
وقـت جـو منصـور آ، نعـرو هڻـي بيهـي رهيـو.

❋

ازل کـان ڏنـگ سـهندا اچـون پيـا ڏات جـي بـدلي،
اسـان جـا هَـٿَ ڏسـو ڏينـهن جـي ڏارن ۾ اچـا تـائين.

❋

چيـو سُـرياٽ ۾ سـيني، اسـان کـي روشـني گهرجـي،
رکـي ٻـاري شـمع مـون راشـد آ ظلمـات جـي ضِـدَ ۾!

❋

پـاڻ کـي تانـدبن تـي اُچلـي ٽِـڇڪنـدي،
خـوش ڏسـو ڪيـئن ڏات ڏاهِـي تـو ڪيـان!

❋

اُتـو وقـت هـاڻي عمـل جـو اچـي ويـو،
نـہ سـگهنا ڪُنـا ڳـڻِ اُيـامڻ جـي ڪوشـش!



www.sindhsalamat.com

❊

گذريل سال (2013ع) نائين ڊسمبر جو ڏينهن هو سائينءَ راشد مورائيءَ جي فون آئي، چئي، "زندگي هاڻي ساٿ نہ ٿي ڏئي بس گهليانس پيو. شاعريءَ جو ڪتاب (غزلن ۽ واين تي مشتمل) ترتيب ڏنو اٿم. خواهش اٿم تہ ان جو مهاڳ تون لکين!" مون راشد سائينءَ کي يڪدم هائو ڪئي پر مصروفيتن سبب هن کان ان لاءِ وقت جي مهل گهُريم. جنهن لاءِ وري وڏيءَ دل سان هن هائوڪار ڪئي. دل ۾ چيم: "راشد سائين! ان کان مٿي ٻيو اعزاز ڀلا ڪهڙو هوندو جو جنهن شاعر جي شاعري ٻاروتڻ کان وٺندي ۽ اُتساهيندي اٿم، اُن جي ڪتاب تي مهاڳ لکان. راشد سائينءَ پنهنجي نِڪور شاعريءَ جو مسودو موڪلي ڏنو اجا تازو ئي سندس نئون شايع ٿيل ڪتاب "ديوانِ راشد" پڙهي پورو ڪيو هوم، جنهن ۾ هن رديف ۽ ڪافين جا الف ب وار نوان فني ۽ ترڪيبي تجربا ڪيا هئا ۽ سندس ڪتاب ديوانِ راشد ۾ ڪيترين ئي جاين تي هن بنهہ غير شاعراڻن لفظن کي رديف ۽ قافيي جي صورت ۾ نئين تخليقي انداز سان پيش ڪيو تہ لفظن جي معنيٰ ئي بدلجي وئي ۽ اِهو ئي شاعريءَ جو ڪمال ۽ ٻوليءَ تي تخليقي ۽ معنوي اثر هوندو آهي. هِڪَ اَڪِري لفظَ "ٻہَ" کي رديف طور غزل ۾ استعمال ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ترڪيب آهي. سندس هيءُ تجربو ڏسو:

دلربـــا تنهنجـــا لڳـــا دل ۾ اٿـــم لاچـــارَ ٻـــہَ،
هـڪ تـہ تـون مـون کـان پـري، ٻيـو تـوپنيـان اَغيـار ٻـہَ!

❊

تـو مـون کـان مـنهن ڦيريـو مـون لاءِ محشـر آ متـو،
تنهنجـيءَ فرقـت ۾ روان، نيـڻن منجهـاران نـارَ ٻـہَ.

❊

مـــائٽن جـــو روز جهيـــڙو ۽ رقيـــبن جـــو ڦـــڏو،
ڏِسُ وڏم تنهنجي ڪري پنهنجي ڳچيءَ تڪرار ٻہَ.

❊

دَمُ وِڇـــوڙي ۾ ڏيـــان ۽ تـــون رقيـــبن وٽ رهـــين،
ڪـينَ ٿـا منهنجـي ٿَـرن، دل تـان اِهـي اَوتـارَ ٻـہَ.



www.sindhsalamat.com

❊

ڀِــرن جــا ڀــالا، دو نــاليون ديــدَ جــون، دلبــر ڏســو
ڪيـئن ڪنيـون ڦرنـدو وَتـي، همراهـ هـڪِ هٿيـارَ ٻـَ.

❊

مان تـہ گهايـل هـان سـنديءَ بي رحـم نيـڻن جـو پـرين!
تيـرَ نظـرن جــا ڪـٽـي، مــون تــي ڪيــا تــو وارَ ٻـَ.

❊

آهـَ هــيءَ مظلـوم واري، تيـغَ جـو تــي ڪـم ڪـري،
ســا وَڍينـــدي راشـــد! جيـــئن آڏُ ڪـــري تلـــوار ٻـــَ.

❊

بنهہ ننڍي بحَر ۾ رديف طور اکر ”ٿ“ جو وري هي استعمال ڏسو!

اُوندهہِ واٽَ،
ڪارِي ٻاٽَ.
لوّٽي لوّٽي،
منجهہ لَپاٽَ.
لِيئا لِيئا،
روشن لاٽَ.
ڏِيئا ڏِيئا،
گهَرُ ءِ گهاٽَ.
پِيئو پِيئو!
اُڃ اُساٽَ!.
جيئو جيئو
شالَ ڪَنواٽَ!
ويئو ڪيئن.
وڃائي واٽَ.
آزاديءَ جي،
واٽَ سُواٽَ.



www.sindhsalamat.com

ديوانِ راشد اهڙن سوين فني تجربن سان پريو پيو آهي. اڪثر اهڙن ترڪيبي فني تجربن سان شعر جي معنويت ۽ اظهار جي بي ساختگي مات ڪائي ويندي آهي پر ديوانِ راشد ۾ اُها هڪ پختي ۽ استادَ شاعر جي شاعريءَ ۾ تخليقي توازن سان جهُومندي نظر اچي ٿي.

راشد سائينءَ جي اڪوٽي سموري شاعريءَ جيان سندس هيءُ ڪتاب بہ رومانويت، حُسن پرستي، وطن دوستي، ظلم ۽ ڏاڍَ جي هر صورت کان نفرت، سنڌ جي آجپي ۽ سُکَ جي سوچ سان سلهاڙيل، جدوجهد ۽ اُتساهہ جا آبشار وهائيندڙ آهي. سندس شاعري پڙهي هن جي اندر جو سمورو جهانُ پَسي سگهجي ٿو. هن جي شاعري هن مٿان شاهدي پئي ڏيندي تہ هن وٽ محبت، نفرت، خواهشن، حسرتن، ارمانن ۽ ڪيفيتن جا محور ۽ محرڪ ڇا ۽ ڪهڙا هئا؟ جهڙو شخصيت ۾ سادو هو، تهڙو پنهنجي شاعريءَ ۽ اظهار جي اسلوب ۾ بہ سِڌو ۽ سادو آهي.

تنهنجـــي بـــولي آ عـــوامي يـــارَ راشـــد! رَسُ پـــري
شـــعر تنهنجـــي ۾ ســـدائين ســـادگي بـــاقي رهـــي.

دراصل شاعري هن جي اندر جي سچي جهانَ جي اظهار جو ذريعو هئي. ان ڪري ڪٿي هو عاشق ٿو ڏسجي تہ ڪٿي ڪارڪن، ڪٿي هو آرٽسٽ ٿو نظر اچي تہ ڪٿي شعرن کي پالا بڻائي ويرين تي وارُ ڪندڙ. ڪٿي هن جي مَنَ مان اُتساهہ جا مِنا آبشار ٿا ڦُٽن تہ ڪٿي هن تي هڪ عام ماڻهوءَ واريون ڪيفيتون پڻ طاري ٿين ٿيون. جن کي لِڪائي نہ ٿو. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ سندس ذات توڙي قوم جي ڪيفيتن جون سرحدون مليل ٿيون وڃن ۽ اِهو سَنڌو ڪرڻ ڏکيو ٿي ٿو پوي تہ هن جي انفرادي ۽ اجتماعي ڏک، خوشين ۽ حسرتن ۾ ڪيئن فرق ڪجي؟ رڳو پنهنجيءَ ذات لاءِ نہ جيئندڙ ماڻهن سان ايئن ٿيندو آهي، سو راشد سائينءَ سان بہ اِها وارتا هئي. چوي ٿو:

هـــر جنـــگ جـــوٽي آ، گـــڏيل نفعـــي جـــي ڪـــارڻ،
ذاتـــي مفـــاد خـــاطر ســـوچڻ بــــ نيـــڪ نـــاهي!

هن سڄي ڪتاب جنهن ۾ سندس غزل ۽ وايون آهن، ۾ عاشقيءَ ۽ وطنيت جا جذبا گڏوگڏ سفر ڪندي نظر اچن ٿا. عاشقيءَ ۽ سُونهنَ پروريءَ جو اظهار هن جي هر غزل ۾ آهي ۽ هوئن بہ غزل جي صنف جو مزاج ئي اِهو آهي پر جديد سنڌي شاعريءَ ۾ غزل ۾ انفرادي رومانويت سان وطنيت، قوميت،



www.sindhsalamat.com

پورهيت دوستي، آزاديءَ ۽ انصاف پسنديءَ جا خيال گڏ گڏ هلن ٿا. راشد سائينءَ جي قوميت، وطن دوستي ۽ عاشقيءَ سان گڏ سماجي باغيانہ سوچ جا عڪس بہ هر جاءِ تي ڇِٽا نظر ايندا. چوي ٿو:

عمر ساري ڪٽي مون آهہ راشد، سُونهنَ جي پُوڄا،
پڇاڻو ڪير، ۽ ڪهڙو ڪندا، مون ڪان قيامت ۾!

❊

گـم چاهـہَ چنـڊ جـي ۾، اُڏنـدي مـران تــہ بهتـر،
عاشــق ســڏائي گهــر ۾، ترســڻ بــہ ٺيــڪ نــاهي.

راشد جيئن تہ رڳو پورَ پچائيندڙ ڪو روايتي شاعر ناهي، هو هڪ پختو نظرياتي سياسي ڪارڪن بہ هو ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ جتي قوميت ۽ وطنيت جا جذبا ۽ آدرش آهن، اُتي جدوجهد، قربانين تي فخر ڪرڻ، ٽڪجي نہ پوڻ ۽ ورچي نہ ويهڻ جا ويچار بہ ڏاڍا ڇِٽا آهن. مثال طور سندس هيءُ شعر ڏسو!

ڪـري تيـل رَتَ ڪـي بــہ ٻـاري سـگهون ٿــا،
اســان هونــدي آخــر ڏيئــا ڇــو اُجهــامن؟

❊

ڪندو رَهُہ تيار ورڪر يارَ تون ٺُلَ ڪان نتي تائين،
ٿجان خاموش راشد ڪينَ، سنڌ جي آجپي تائين!

❊

حــق گهــرڻ آهــي پــنڻ جــي برابــر،
ڇِنــي حــق وٺــڻ جــو مــزو ئــي ٻيــو آ.

❊

لکن جي ساٿَ سان گڏ بيهہُ، تون ڪَڪُ پن نہ ٿي پيارا،
صفائي ٿيندي صحنن جي، ٻُهرَ تـي ٻـارجي ويـنـدين!

قومي ۽ عوامي ٻڌيءَ بابت ڪيڏو نہ سُهڻو تصور پيش ڪيل آهي متين شعر ۾! اظهار جي نفاست شاعريءَ جي سونهن هوندي اهي ۽ راشد وٽ بہ اِهو نفيس ڏانءُ وڻندڙ آهي. سندس شاعراڻي اظهار جي نفاست جا ڪجهہ مثال ڏسو:



www.sindhsalamat.com

خوشـــيءَ جـــا خزانـــا ڪٽـــي آئـــي آهـــي،
هـــوا هـــن جـــا نياپـــا ڪٽـــي آئـــي آهـــي.

❈

ڪبـــابي! خـــوب هـــر ٻُـــوتي پڪـــل آ،
مگـــر منهنجـــي جگـــر جهـــڙي ڪـــٽي آ.

❈

ڪُهـــڻ جـــي لاءِ هـــر اک آ ڪٽـــاري،
تِکـــي تنهنجـــي نظـــر جهـــــڙي آ.

❈

محبوب جي فطرت منجهان ماٽو ڪـڍي چڍيو،
تسبيح مـان چـڻ تـا اوهـان داٽـو ڪـڍي چـڍيو.

❈

بيـــڙيءَ ڪـــي پـــار ڪيـــر پُجائيـــندو وائـــڙا!
ڪشتيءَ مان جيڪڏهن تـا مهاٽو ڪـڍي چڍيو!

❈

خـــوب انـــدر ئـــي انـــدر ۾ ڏکنـــدو پيـــو،
چُـــوچڙي ڏئـــي چـــڏي تـئـــون ٻُتـــي پـــاڻ کـــي.

راشد مورائيءَ هڪ پختي شاعر طور فني تجربا بہ سُنا ۽ دلچسپ ڪيا آهن، اسلوب ۽ ٻولي سادي پر ترڪيبون ڪجهہ نيون، مثال طور:

پڙهـــي پـئـــي تـــي ”اســـتاد“ جـــي شـــاعريءَ کـــي،
”ســـوچون، ٻُـٽـڪـــا، واڪـــا“ ڪـٽـــي آئـــي آهـــي.

هتي راشد سائين استادَ (بخاري) ۽ سندس ڪتاب ”سوچون، ٻُٽڪا ۽ واڪا“ کي استعاري طور استعمال ڪيو آهي، هڪ شاعر ۽ سندس ڪتاب کي استعاري طور استعمال ڪرڻ هڪ نئين ڳالهہ آهي. يا وري هيءُ شعر ڏسو:

جـــي ڏاڙيـــل چاٽـــائي ماريـــا ويـــا هـــا!
”مَڙهِـــي“ تِـــن جـــا لاشـــا ڪـٽـــي آئـــي آهـــي!



www.sindhsalamat.com

هن شعر ۾ ٽنبڊي بهاول جي واقعي ڏانهن اشارو ۽ مڙهيءَ جو استعارو هن ”مائي جندوءَ“ سان منسوب ڪيو آهي. هونئن عام طور جايون، ماڳ، شهر، ڳوٺ تہ استعاري طور ڪتب ايندا آهن پر هڪ واقعي ۽ سماجي وارتا کي استعاري طور استعمال ڪرڻ نواڻ آهي.

هن ڪتاب جو پوڀون اڌ سڄو واين تي مشتمل آهي ۽ اُنهن واين ۾ بہ راشد سائين ڪافي فني، ترڪيبي ۽ خيالن جي نواڻ جا تجربا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. موضوع ۽ جذبا تہ هن جا واين ۾ بہ ساڳيا آهن پر واين ۾ عام طور نفيس ۽ احساساتي موضوع ڪٽبا آهن، هنن واين ۾ سندس سماجي ۽ سياسي شعور وڏيڪ حاوي ٿو ڏسجي ۽ ٻيو تہ هن بنھ غيرشاعراڻن ٻولن کي نئين شاعراڻي معنيٰ بخشي آهي. سندس واين جا وَراڻا عجيب آهن، مثال طور ”جاڳو ڙي جاڳو“، ”ڪانہ قبولي مون، غلاميءَ جي زندگي!“، ”ڳالھ جو وڻجي ڳاٽو!“، ”اَبُلَ هاڻ اُٿي، لڏيون ڪنهن ٻيءَ لوءِ ڏي!“، ”ڪُتو بہ نہ ڪاڏُئي، ڪُڪِ بہ نہ پريئي!“، ”ڪُتو آ ڪڙم جو ويري!“، ”هئاسون غلطيءَ منجھ غلام!“، ”سيوهڻ کي گِهلَ چا ڪندي!“، وغيره. انهن مان جيڪر ڪجھ وايون ڪنهن پلي راڳيءَ پاران ڳايون وڃن تہ وڏو عوامي اثر ڇڏينديون.

مجموعي طور راشد سائين جي شاعريءَ ۾ قومي ۽ احساساتي پاسو وڌيڪ حاوي آهي ۽ سندس شاعريءَ ۾ فڪرانگيز خيال تہ ضرور آهن پر سندس ڪيفيتون وڌيڪ نمايان نظر اچن ٿيون. ٻيو منهنجي خيال ۾ سائين راشد وٽ موضوعن ۽ اسلوب جي نواڻ تہ آهي پر موضوعن جي وُسعت هڪ حد تائين آهي. جي سندس شاعريءَ ۾ تفڪر اڃا اُونهون ۽ موضوع اڃا وسيع هجن ها تہ سندس شاعريءَ کي وڌيڪ چار چندَ لڳن ها. پر سندس شاعري دل کي ڇُهندڙ لطيف احساس اُڀاريندڙ قومي شعور جاڳائيندڙ ۽ رومانويت توڙي مزاحمت جو اُتساھ ڏيندڙ آهي. اِها ئي خوبي هئي، جنهن راشد مورائيءَ کي پنهنجي هم عصرن ۾ خاص جاءِ ڏني.

مون کي اِهو ارمان هميشہ دل ۾ رهندو تہ جڏهن سائين راشد مورائيءَ جي شاعريءَ تي مون هيءُ ليک لکي ڇڏيو تہ سائين هن دنيا ۾ نہ رهيو. هن وڏيءَ اُڪير مان مون کي پنهنجي شاعريءَ جي هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيو هو ۽ هن کي ان جو ايترو انتظار هو جو اسپتال ۾ داخل هوندي، سخت علالت جي حالت ۾ نياپو موڪليائين تہ ڪيس دوائن کان وڌيڪ هن مهاڳ پڙهڻ جي


www.sindhsalamat.com

طلب آهي. نہ ڄاڻ تہ حيدراباد ڏانهن هن جو اِهو پنڌ آخري هو. شاعر ۽ آرٽسٽ نہ مرندا آهن، ان ڪري مان هن ڪتاب جي اشاعت تي راشد سائينءَ ۽ سنڌي ادب کي واڌايون ڏيان ٿو.

---

راشد مورائيءَ جي زندگيءَ جي آخري ڪتاب ”ديوانِ راشد“ جو مُهاڳ –
ستين اپريل، 2014ع



www.sindhsalamat.com

# آڪاش انصاري
# محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر

انسان پنهنجي سموري تهذيبي سفر ۾ جيڪي عظيم ترين ۽ عجيب و غريب شعبا ۽ شيون تخليق ڪيون آهن، اُنهن ۾ فن جو ۽ فن جي دنيا ۾ وري شاعريءَ جو وڏو درجو آهي. انسان جي سڄي تهذيبي سفر ۽ اُن جي همہ- گير اؤسر جي اِتهاس مان جيڪڏهن لطيف فن ڪي ۽ اُن ۾ بہ شاعريءَ کي ڪيڍي ڇڏجي تہ پڪَ سان چئي سگهجي ٿو تہ انسان نہ تہ ايترو اڳتي وڌي سگهي ها ۽ نہ ئي ماڻهپي جون وڏيون منزلون ماڻي سگهي ها. ٻين لفظن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ انساني تهذيب جي تاريخ جي پاڇي ٻُڙي هجي ها. انسان ٻين ساهوارن کان فقط هڪڙي ڳالھ ۾ ئي منفرد ۽ ممتاز آهي ۽ اُهو آهي تصور ڪرڻ، پُورَ پچائڻ، سوچڻ ۽ خواب ڏسڻ- ۽ انسان توڙي انساني تهذيب جي تصورن، پُورن، لطيف ويچارن، احساسن ۽ خوابن جي جيتري سيڙپ شاعريءَ ۾ ٿيل آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٻئي شعبي ۾ ٿيل هجي. شاعري انسان جي لطيف تصورن، خوبصورت خوابن ۽ اُن جي درد جي سمورين دائرن جي تاريخ آهي. هونئن تہ هر انسان ۽ مجموعي طور هر خِطو ۽ معاشرو سوچي، لوچي ۽ خواب ڏسي ٿو پر اوير، نندي کنڊ ۽ اُن ۾ بہ خاص طور تي سنڌ جي سرشت ۾، شاعري سمايل رهي آهي. اڄوڪي دؤر ۾ پل تہ اسين زندگيءَ جي انيڪ شعبن ۾ دنيا کان ۽ پنهنجي هم عصر عالمي دؤر کان گهڻو پوئتي هجون، پر هن نندڙيءَ دنيا اندر هڪ وِشال دنيا اهڙي بہ آهي، جنهن ۾ اسين رڳو زماني جهڙا ئي نہ، پر اُن کان ڪنهن حد تائين اڳتي بہ آهيون ۽ اُها دنيا آهي تخيل جي، جنهن جو ڀرپور ۽ بهترين اظهار شاعريءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو.

ان ڳالھ متعلق تہ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن، تہ نندي کنڊ جون ڪلاسيڪي توڙي جديد شعري روايتون شاندار رهيون آهن. سنسڪرت، هندي، سرائيڪي، پنجابي، سنڌي، اردو ۽ بنگالي ٻولين جي تاريخ، عظيم شاعريءَ جي حوالي سان اَملھ روايتن جي اَمين رهي آهي ۽ اِها وڏي ڀاڳ جي ڳالھ آهي



www.sindhsalamat.com

تہ اُها روايت صدين گذرڻ ڪانپوءِ بہ نہ رڳو زندهہ آهي، پر ويرؤن وَڌ آهي. اسان جو آڪاش انصاري بہ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اُن روايت جو تسلسل آهي. سنڌي ڪنڌ جي قديم ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جا انيڪ رنگ ۽ رجحان رهيا آهن، پر ان جو محور ۽ محرڪ گهڻي ڀاڱي تصوف هو. جيتوڻيڪ تصوف جا بہ گهڻا رنگ رهيا آهن ۽ اُن جي هر رنگ جون پنهنجون ڏارائون رهيون آهن، پر پوءِ بہ پنهنجي جوهر ۾ اُهي سمورا رنگ تصوف جا هئا. هر فڪر کي هڪ خاص عالمي يا معروضي دؤر گهرجي ۽ پس و پيش اُهو ان کي ملي ٿو. ايئن تصوف کي بہ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صورت ۾ سنڌي ڪنڌ ۾ هڪ ڀرپور دؤر ۽ اُن جي زمين ملي. هتي ان موضوع جي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش نہ آهي، پر ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جو دؤر، ترقي پسند ادبي تحريڪ ڪانپوءِ آيو. اُها ترقي پسند تحريڪ، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي ڪنڌ ۾ سردار جعفري، جوش، مخدوم محي الدين، فيض، ساحر، شيخ اياز ۽ استاد بخاري سامهون اچن ٿا. سنڌي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جي روايت ان ڪري بہ بي پناهہ پختگيءَ ۽ حُسناڪيءَ سان سامهون آئي، جو ان نہ رڳو پنهنجي همر عصر عالمي دؤر جي سگهارن قدرن ۽ فڪري روين سان پاڻ کي سهلاڙيو پر ان کي پنهنجي عظيم ڪلاسيڪي شعري وِرثي جي روايتن سان ڳنڍي، نہ رڳو نئين شعري روايت کي جنم ڏنو پر حققت ۾ هڪ نئين دؤر کي تخليق ڪيو۔ اهو دؤر، جنهن جو تسلسل اسان وٽ ٻين سان گڏ آڪاش انصاري بہ آهي.

آڪاش انصاريءَ شاعريءَ جي ميدان ۾ اُن وقت قدم رکيو، جڏهن ماضيءَ ۾ هتي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي حوالي سان لطيف جهڙو يگانو ۽ جبل جيڏو شاعر موجود هو تہ جديد دؤر ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري ۽ امداد حسيني موجود هئا. اهڙي پس منظر ۾ هڪ نئين شاعر جو سامهون اچڻ ۽ پنهنجيءَ پوري انفراديت، اظهار ۽ اسلوب توڙي فڪر جي جدت سان سامهون اچڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي، جيڪا آڪاش انصاريءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاري. جيئن اياز جي عظيم شاعري هڪ خاص دؤر جي پيداوار هئي، تيئن آڪاش جي شاعري بہ هڪ مخصوص دؤر جي پيداوار آهي. اهو دؤر جيڪو ڪامَڻ، ڀَڃڻَ، ڀَڃرَڻ، لَوچڻ ۽ لُڇڻ جو دؤر هو اهو دؤر، جنهن ۾ محبتن ۽ نفرتن



www.sindhsalamat.com

پنهنجا چيهہ ڪري ڇڏيا هئا، جنهن ۾ محبتن جو محور انقلاب هو ۽ انقلاب ۾ رومانس ڳوليو ويندو هو. اهو دؤر جنهن ۾ گلابي ۽ ناسي چپن تي سُرخ نعرا ۽ گيت هوندا هئا. اهو دؤر جيڪو گهڻو پراڻو ناهي. سنڌ جي بنهہ ويجهي ماضيءَ جو دؤر آهي، اُهو دؤر جيڪو آڪاش جي زباني، پنهنجي ”آئيندي“ (جنهن کي انقلاب سان بہ تعبير ڪري سگهجي ٿو) سان هيئن مخاطب ٿيندو هو:

”سارو ڏيهہ ڏياچ تون ڏسندين!
سِر سِڱن جيئن اُڇلي اڇبا،
جنهن وقت جهليندي جهول،
سارو ڏيهہ ڏياچ تون ڏسندين!“

يعني اهو دؤر جڏهن سارو ڏيهہ ”ڏياچ“ هو. سياست هجي يا ادب ۽ فن، هر تشنہ دؤر پنهنجي تخليقي اظهار لاءِ ڪردار ڳولي ٿو. اُهي دؤر ڀاڳ وارا هجن ٿا، جن کي پنهنجي اظهار لاءِ شيخ اياز استاد بخاري ۽ آڪاش ملن ٿا ۽ ساڳئي وقت بختاور آهن اُهي ڪردار، جن کي پنهنجي بي پناهہ تخليقي سگهہ جي اظهار لاءِ تشنہ دؤر ملن ٿا. جيتوڻيڪ آڪاش انصاريءَ جي شاعري ننڍي ڪنڊ توڙي سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ جو تسلسل بہ آهي، پر اُن ۾ جِدتن جون نيون منزلون بہ آهن. اُها جِدت هن جي فارم ۾ بہ آهي، تہ هن جي فڪري، سماجياتي ۽ جمالياتي روين ۾ بہ آهي. جيتوڻيڪ آڪاش انصاري منهنجو بنهہ ويجهو ۽ دل گهُريو ذاتي دوست آهي ۽ هن جي شاعريءَ کي بہ مون سدائين ۽ بار بار وڏيءَ محبت سان پڙهيو آهي. هر سُٺي شاعريءَ وانگر، مون هن کي بار بار پڙهندي بہ هميشہ اُتساهيندڙ محسوس ڪيو آهي. مون هن جي شاعريءَ جون جيڪي بنيادي خوبيون محسوس پئي ڪيون آهن، چاهيان ٿو تہ هتي اُنهن جو مختصر ذڪر ڪريان.

شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ هڪڙو ڪم آهي، پر اُن جي پرک ڪرڻ، اُن مان نتيجا ڪڍڻ ۽ اُن جا فڪري ۽ فني محرڪ ڳولڻ نہ رڳو هڪ فن آهي، پر هڪ بنهہ حساس ۽ ڏکيو فڪري ۽ تخليقي ڪم آهي. اُن ڪم کي ادب ۽ فن جي علمي دنيا ۾ ”تنقيد جو علم ۽ فن“ چئجي ٿو جيڪو سنڌ ۾ اجا پوريءَ ريت متعارف بہ ٿي نہ سگهيو آهي. آڪاش انصاريءَ کي مان محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر سمجهان ٿو. اهي ٽيئي انساني تهذيب جي سموري سفر جا



www.sindhsalamat.com

وڏي ۾ وڏا قدر آهن ۽ جڏهن اهڙا عظيم قدر، شاعريءَ، ادب ۽ فن جا محرڪ ٿي پون ته پوءِ اهڙو ادب انساني تهذيب جو وڏو سرمايو ٿي پوي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مان آڪاش جي شاعريءَ کي سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جو سرمايو سمجهان ٿو. آڪاش محبت ۽ مزاحمت جو شاعر آهي. هن جي محبت ايڏي ته شديد ۽ سگهاري آهي، جو اُها مزاحمت کانسواءِ رهي نٿي سگهي ۽ هن جي مزاحمت ايڏي حُسناڪ ۽ لطيف آهي، جو اُها محبت کانسواءِ ٻيو ڪوبه هٿيار نٿي رکي. هن وٽ مزاحمت آهي، هر اُن شيءِ لاءِ جيڪا محبت، حُسن ۽ ماڻهپي لاءِ خطرو هجي. "ٿُوهرَ جي ٽِج"، "او امان!"، "اڙي دِل"، "جلاوطن"، "رڳو ٿر جي صحرا تي"، "آگسٽ 1983ع" ۽ "مان هليو ڇو ويس؟" جهڙا نظم سنڌ جي مزاحمتي شاعريءَ جي آسمان تي سدا چمڪندڙ اُنهن ستارن جيان آهن، جيڪي ڏينهن جي ڇِٽيءَ اُس ۾ نظرن کان اوجهل ته ٿي سگهن ٿا، پر اوندهه جي هر رات کي اهو احساس ڏيارڻ جي سگهه رکن ٿا، ته اُهي چمڪي رهيا آهن ۽ سڄي ڪائنات جي "اوندهه" گڏجي به کين وِسائي نٿي سگهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت جو تصور به ڏاڍو منفرد آهي. هن وٽ سنڌ جي تصور جا عجيب ۽ مختلف رنگ آهن. ڪٿي وڇوڙي کان وڌيڪ "وصل" ۾ ويساهه رکندڙ شاعر نظر اچي ٿو جڏهن هو چوي ٿو:

هاڻي ته آڪاش جي اوٽَ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اُجهامي ويا.
سُمهي پيا ستارا، ٿي جهيڻا جهَڪا،
ڪڏهانڪر ڪٿين ڪَرَ موڙي ڇڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا
ٿيا ڪين ٿڪجي ڪڏهن چُور چُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور....
ساگر جي هُن پارَ ٻيڙيءَ ۾ ملاح،
سامونڊيءَ جا امر بيت ڳائي ڇڏيا،
۽ ڪناري جي واريءَ جي لهرن اندر
هوائن به سرگم لڪائي ڇڏيا،
وِلهه ورچي ڇڏيو پنهنجو سارو سُرور،



www.sindhsalamat.com

مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.....“

محبوب کي ياد ڪرڻ يا وسارڻ جي ڳالهه ڪرڻ، ٻنهي ۾ حُجت جو پهلو هجي ٿو پر ٻنهي حُجتن جو رنگ آڪاش وٽ ڌاڌو نرالو آهي، جيئن هن چيو آهي:

”منهنجي هر ياد،
سُڪل ٻير جي ٽاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وِچڙي پيئي آ،
منهنجي دل مون سان وِڙهي پيئي آ.“

آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت ۽ مزاحمت جا سڀ رستا انقلاب ڏانهن وڃن ٿا. محبت ۽ مزاحمت جيان هن وٽ انقلاب جو تصور بہ محدود ۽ روايتي نہ آهي. انقلاب، آڪاش جي شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو رومانس آهي. اُهو انقلاب، جيڪو سدائين انسان جو عظيم آدرش ۽ خواب رهيو آهي، اُهو انقلاب جنهن کي آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن علامتي طور پنهنجو ”محبوب“ ٿو سمجهي، تہ ڪڏهن اُن کي ”آئينديءَ“ ۽ ”سپني“ جو نالو ٿو ڏي. اهو انقلاب، جنهن سان هن جي محبت ۽ حُجتن جو سُهڻو آهي. هو چوي ٿو:

”ٻُڌاءِ!
تون اجان ڪڏهن ايندين!؟
هزار وارَ
ٻات جون چُنريون،
رات جي ڇاتيءَ تان سِرڪيون آهن،
اسان جون راهہ مسافرَ ۽ بيقرار دليون،
پوهہَ جي رات کي پِرههَ سمجهي،
ڪُوڙي آٿت مَٿي ڇِرڪيون آهن،
ٻُڌاءِ! تون اجان ڪڏهن ايندين؟“

يا جيئن هو هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

”اي اسان جا اڻ ڏٺل!
صدين کان رُٺل،
خواب جهڙا آئيندا!



www.sindhsalamat.com

تنهنجو ڏُنڌلو ڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين،
توکي ماڻڻ لئه،
اسان مقتل ۾ ڪري ماٺ رهيا هونداسين،
نه، تنهنجي لاءِ ڪا ويڙهاند وڙهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهه جي خواهش ۾ توکي ڳولڻ لئه،
پنهنجي ٿُوهر پيريل راهن تان ٿِڙيا هونداسين،
متان تون سمجهين، توکي پائڻ لئه،
اسان جو روح رتوڇاڻ ڪين ٿيو هوندو،
۽ تنهنجي مُک کي منور ڪرڻ جي آس کڻي،
اسان جو چاهه پيي چانڊاڻ ڪينَ ٿيو هوندو.“

آڪاش هڪ مزاحمتي شاعر هئڻ باوجود پليجي صاحب جي لفظن ۾ ”هڪ عام ۽ روايتي باغي شاعر کان گهڻو ۽ تمام گهڻو مٿيرو بيٺل لڳي ٿو.“ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اعليٰ سطح جو تاريخي شعور موجود آهي ۽ دراصل اهو عالمي تاريخي شعور ئي آهي، جيڪو ڪيس محبت ۽ مزاحمت جي گسن کان نيندو انقلاب جي وسيع شاهراهه ڏانهن وٺي ٿو وڃي. ڪولرج، جيڪو هڪ وڏو مغربي ادبي نقاد هو، تنهن جي چوڻ موجب، وڏي شاعر جي پرک جو هڪ معيار اهو به آهي ته ڏٺو وڃي ته اُن جي شاعريءَ ۾ تاريخ جو ڪيترو گهرو ادراڪ ۽ اُن جا محرڪ موجود آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ نه رڳو سنڌ پر عالمي انساني سماج جو تاريخي شعور پنهنجي سموري گهرائيءَ سان موجود آهي. اُن ۾ اُهي سمورا محرڪ به موجود آهن، جيڪي هر دؤر ۾ سُٺي ۽ اعليٰ شاعريءَ سان گڏوگڏ سفر ڪندا رهيا آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ تاريخ هڪ ڪردار به آهي، تاريخ اُتساهه جو ذريعو به آهي (پڙهو نظم: تاريخ جو هڪ نقطو). اُها چيڙائيندڙ ۽ چِٽرون ڪندڙ به آهي ته اُها هڪ احساس ۽ الميو به آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ”تاريخ سان بغاوت جا اُهڃاڻ به آهن، ته اُن جي نئين دؤر جي تخليق جي اونِ به آهي ۽ اهو دراصل هن جو تاريخ جو گهرو ادراڪ ئي آهي، جيڪو ”تاريخ“ بابت ايترا همه گير رويا تخليق ڪرڻ جو محرڪ بڻجي ٿو.



www.sindhsalamat.com

آڪاش جي شاعريءَ ۾ جتي پنهنجي ديس جي درد جي دانهن آهي، اُتي درد جي دلبريءَ ۽ رهبريءَ جا داستان بہ آهن. ڪيڏن نہ سادن لفظن ۾ هن سنڌ جي صدين جي درد جو اظهار ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

”پنهنجي لاءِ تہ او پاڳل من،
ڪاٺونيا پيي ڪارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.“

يا هو ٻئي هنڌ چئي ٿو:

”اڙي دل اڙي دل!
اُنهن ڏي بہ هل!
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپنو سجيل،
جن لئہ ميگها جي رُت ڪي منع آ ٿيل،
جن جا سڀ ڀاڳ
ڪاهوءَ جيان اُجڙيل،
جن جو هر ماڳ
رِڙَ ڪڇَ جي واري تَتَل،
ها اُنهن ڏي بہ هل،
جن جي نيڻن جي مڪليءَ جي مدفون ۾ رڳو چند آسن جا لاشا پڪيل،
جن تي،
دردن ۽ سُورن جا ڪُتبا لکيل....
دردن ۽ سُورن جا ڪُتبا لکيل.....“

آڪاش جي شاعريءَ ۾ جيئن تہ درد، تاريخ جي شعور ۽ اُن جي تخليقي مُحرڪن سان سلهاڙيل آهي، اُن ڪري اُهو روايتي طور مايوس ڪرڻ بدران اُتساهہ ۽ احساساتي تحرڪ جو سبب بڻجي ٿو. تانگهہ ۽ جدوجهد جو بنياد بڻجي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد، سگهہ جو سرچشمو ۽ سفر جو سُونهون آهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد جي موٽ، ڏاڍي موهيندڙ اُتساهہ ڏيڪاريندڙ زندگيءَ ۾ ويساهہ موٽائيندڙ ۽ نرالي آهي. هن وٽ درد جي موٽَ جا ڪجهہ انداز ڏسو:

”اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!



www.sindhsalamat.com

تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍولَ ڍاٽي.
جڏهن منهنجا جهانگي، نہ جهوريءَ ۾ جهُرندا،
نہ ٻڪرار جا پارَ ڀُرندا،
سُڪي سڪڻي ٿيندي نہ جيجل جي ڇاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.“

”هڪ سپنو!
جنهن جي ساڀيان خاطر،
پنهنجي نيڻن جي صليبن تي ٽنگيل،
سوين سپنن کي گهُٽا ڏيئي اسان ماريو آ،
پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي جياريو آ.“

آڪاش روايتي معنائن ۾ ”عوامي شاعر“ نہ آهي ۽ نہ ئي هو وچين طبقي جي اُنهن ”انقلابي“ شاعرن وانگر آهي، جن وٽ عوام لاءِ پري کان بيٺل پاڇي جهڙي همدردي ۽ ڏيکاءَ وارو پيار هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو آڪاش عوام ۽ پورهيت طبقي جو همدرد نہ پر سندن ڏکن، ڏولاون ۽ دردن جو ڏٺي شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جتي عوام جي صدين کان هلندڙ اٿهوند ۽ بي وسيءَ جا جيئرا احساس آهن، مثلن:

...... ۽ گهر جي گُندي،
سُنڌِ سدائين،
ڪينَ ڪري ٿي پيٽُ،
لڳي ٿو هيل بہ رهبو ليٽ.“

تہ ساڳئي وقت اُن کان نجات جا چِٽا گَس ۽ پنڌ ۽ اُنهن پنڌن جا رَند بہ آهن ۽ ظاهر آهي تہ ان پنڌ ۾ آزادي، آجپو، حُسن ۽ اُن جي ماحول جا سڀ فطري ڪردار ۽ سماجياتي توڙي جمالياتي رويا ملن ٿا. هونئن تہ هن نظم، گيت، غزل، وائيءَ، ٽيڙوءَ، نثري نظم ۽ آزاد نظم جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر آڪاش فارم جي لحاظ کان بنيادي طور آزاد نظم جو شاعر آهي. اسان وٽ اڪثر نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم جون سرحدون پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون، پر آڪاش وٽ آزاد نظم پنهنجي فارم جي مڪمل پختگيءَ،



www.sindhsalamat.com

ردم، رواني ۽ نازڪ مزاجيءَ سان گڏ موجود آهي. آڪاش جا آزاد نظم نهايت خوبصورتيءَ سان ڳايا ويا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ فني لحاظ کان جتي ترڪيبن جا نوان نوان تجربا ملن ٿا، اُتي انوکين تشبيهن ۽ منظر نگاريءَ جا رنگ پڻ ملن ٿا. هن جون ڪجهه خوبصورت تشبيهون ڏسو:

”چانڊوڪي راتين ۾ چوئنرن جي اکيان ها چمڪندا،
جڻ تہ سيوهاٽيءَ جي ميلي ۾ پيپل تازا ڦُلا“

❊

”خواب سڀ سارا ٽُٽا،
وقت جي ڪا وِڄ ڪري
تاريخ جا تارا ٽُٽا،
۽ آسمان ڏرٽيون ڪيون،
ڪنهن نانگ ڪاڏل مچريل گهوڙيءَ جيان
ڌرتتيءَ ڏوٽيون هيون.....“

❊

”زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾،
ضياءَ جي موت جي خبر آهين،
منهنجي هوندي بہ تون منهنجي ناهين،
تون بہ جڻ سنڌ جو شهر آهين.“

❊

”وقت آ جهنگلي مچريل گهوڙو.“

❊

”اوهان جي اکين ۾ ڪي ارغون ها،
اسان جي هئي دل، سنڌ ڌرتيءَ جيان.“

❊

”پنهنجي هر آتما ڪنگال ڪري،
ڪڍي ڏيوالو پنهنجي لُڙڪن جو
پاڻ کي حال مان بي حال ڪري،
اُنهيءَ سپني کي،
اُنهيءَ خواب کي ماڻڻ خاطر،



www.sindhsalamat.com

آپاڳي نينگريءَ جي،
ڪنهن لڪل گناهه جيان،
پنهنجي ويري شعور جي ڪُک ۾،
نپايو، تاتيو، پاليو آ،
رڳو هڪ سپني جي ساپيان خاطر،
ڪيڏو ڏکڙو اسان جاليو آهي.“

”سرءُ جي رات جي ڪنهن آخري تاري وانگر،
ڦٽل ”پراڻ“ جي دريا جي ڪناري وانگر،
اڻ سمجهه پار اپاهج جي اشاري وانگر،
منهنجو آڪاش هو اڻپورو اڌورو،
اُجڙيل رُڃن جي ماريل رولاڪ مسافر وانگر.“

❊

”وچوڙي رات جي ويلي جيان وياڪل وياڪل“

❊

”ڪنهن روپ ڪئي روح ۾ ريشم رفوگري
نه ته شام ويل مڪليءَ جو منظر هجان مان.“

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جيان آڪاش جي شاعريءَ جا به ٻه مختلف دؤر آهن. هڪ دؤر آهي، جنهن جو ذڪر آڪاش جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ مٿي ڪيو آهي، اُهو آڪاش جيڪو سراپا باهه آهي. هنيلو ۽ بي پرواهه آهي، جيڪو مايوسي ته ٺهيو پر اُن جي گُمان تي به ويچارڻ لاءِ تيار نه آهي. جيڪو تاريخ ۽ انقلاب سان سڌيءَ ريت همڪلام ٿيڻ جي همت ڪري ٿو ۽ اُنهن کان اُتساهه وٺڻ سان گڏ ڪين اُتساهي ٿو پر آڪاش جي ٻئي دؤر جي شاعريءَ جو رنگ ۽ مزاج ٻيو آهي. اُها شاعري جيڪا ڪجهه هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. هن دؤر جي آڪاش جي شاعريءَ ۾ وقت جي چيچَ مان زندگيءَ جي ڇَلي گهِرگهلي ٿيڻ جوخوف ملي ٿو. سندس هن دؤر جي شاعريءَ ۾ وچوڙن ۾ ولولي نه رهڻ جا اعتراف آهن. ”راڻي“ جي رُسڻ جون ڳالهيون آهن. هن جي نون گيتن ۾ هوائون، خوشبو ۽ بادل ماٺا نٽا ڪن، ٻيو ته ٺهيو آڪاش جي دل به



www.sindhsalamat.com

ماٺا نٿي ڪري. هي اهو دؤر آهي، جنهن جي عڪاسي آڪاش پاڻ هن لفظن ۾ ٿو ڪري:

”خبر نہ آهي
ڪهڙي سامريءَ جي سازش آ،
پاڻ پنڊ پهڻ ٿي پيا آهيون،
پنهنجي لُتجڻ سندو احساس پيي
لُتجي ويو آ،
اسان ٻين کان ٻُڌون ٿا تہ
لُٽيا ويا آهيون.“
ڪوبہ نعرو، نڪو ماتم، نڪو ملال،
اکين جي تر متان اهڙو ڏڪار ڇانيل آهي،
جو ڪوئي لُڙڪ لڙي تہ وڏي ڳالهہ آهي،
رڳو سُڏڪو بہ سُٽڻ لاءِ سِڪي پيا آهيون.

۽ اهو فرق رڳو آڪاش جي شاعريءَ ۾ ناهي، پر دراصل اهو هن دؤر جو الميو آهي، جنهن جا عڪس اسان کي هن شاعريءَ ۾ ملن ٿا. پنهنجي نظم: ”اڌورا ـ اڌورا“ ۾ آڪاش علامتي انداز ۾ ان جو نهايت خوبصورت اظهار بہ ڪيو آهي. نظم جون ڪجهہ سٽون آهن:

”تارڪ ٿي دنيا نہ تياڳي سگهياسين،
جهان جو بہ جهنجهٽ نہ جهاڳي سگهياسين،
عمر اڌ اڌ ڪُٽ عبادت ۾ ويئي،
۽ باقي بُتن کان بغاوت ۾ ويئي،
خدا پيي نہ مليو نہ اُن جي خدائي،
او آڪاش! جندڙي ايئن وئي اجائي،
۽ ڳولا جي رڻ ۾ رُلياسين اڌورا،
اسان بس رهياسين اڌورا اڌورا.“

بهرحال سنڌ جي تاريخ ۽ اُن پس منظر ۾ آڪاش جي شاعري هڪ عجيب دؤر مان گذري رهيون آهن. ڪالهہ آڪاش ”اڻ ڏٺل ۽ رڳو محسوس ڪيل آئيندي“ سان مخاطب ٿيندو هو ۽ اُن کان سوال ڪندو هو ”ٻُڌاءِ تون پلا ڪڏهن ايندين؟“ هو پنهنجي ”منزل“ ۽ ”محبوب“ کي نہ وساري سگهڻ جا



www.sindhsalamat.com

اعتراف ڪندو هو. پوپٽن کي مخاطب ٿي ڪين هن دُکي ديس ۾ نہ اچڻ جون نصيحتون ڪندو هو. جلاوطن رهڻ کان سڌو انڪار ڪندو هو. مٽيءَ جي خوشبوءِ جون ڳالهيون ڪندو ۽ پنهنجيءَ دل جي سرڪش گهوڙي جون واڳون ديس جي درد ڏي موڙڻ جا جتن ڪندو هو. "هڪ سپني جي ساپيان خاطر" سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جا درسَ ڏيندو هو. "سورج جون ڏند ڪٿائون" ۽ "تاريخ جا نقطا" بيان ڪندو هو ۽ پنهنجي پرينءَ کي "قيدخانن جي ڪشش" ۽ "دارَ جي درد جي لذت" جا داستان ٻڌائيندو هو- اچ اُهو آڪاش اعتراف ٿو ڪري تہ:

"توسان چاهت ۽ چرپڙ بہ گهٽبا وڃن،
دل جا آرا ۽ ارپڻ بہ گهٽبا وڃن،
۽ وڇوڙن ۾ ناهي رهيو وَلولو
يارَ جلدي مِلو."

يا هو اجا بہ وڌيڪ تلخ اظهار ڪري ٿو:

"سُور جي سرحد
ڏٺي آ ڪنهن پلا!
هيءَ دنيا
دائرو آ درد جو،
جنهن ۾ ماڻهو
موت جي کوهہَ جي،
مداريءَ جيئن مسلسل،
پيو ڦِري:
هر ڪنهن چهري تي
لکيل آهي فسانو فرد جو
هيءَ دنيا،
پنهنجي ڪم جي ڪين آ:
هي بسيرو آهي بس!
بي حس، بي درد جو
سو زندگي!
توسان گذاريوسين ايئن،



www.sindhsalamat.com

جيئن نڪاح
زوري ڪجي نامرد جو.“

هڪ فنڪار جي زندگيءَ ۾ مختلف ۽ عجيب و غريب دؤر ايندا آهن ۽ اهو سڀ فطري آهي. وقت جو وَاهڙ ڪڏهن به وَهَڻ کان بَس نہ ڪندو. ڪڏهن تيزيءَ سان ۽ ڪڏهن آهستي. دنيا ڪالهہ بہ بدلي هئي، اڄ بہ بدلجي پئي ۽ سڀاڻي بہ بدلبي ۽ اَوس بدلبي. جن خوابن صدين تائين سفر ڪيو آهي. اُهي ڪڏهن بہ بي معنيٰ ٿي نہ ٿا سگهن. رڳو اُن کي بدلائڻ وارو درد سلامت هجي ۽ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اُهو درد اڄ بہ سلامت آهي.

---

(آڪاش انصاريءَ جي پراڻي ۽ نئين شاعريءَ جي ڪتاب ”ڪيئن رهان جلاوطن“ جي ڇپجي ڇاپي جو مهاڳ - 16 فيبروري 2000ع)



www.sindhsalamat.com

# قمرَ تو مَتاءُ چوڏهين مُور نہ اُلهي!

ڪجھہ ڏينهن اڳ پياري دوست انور ابڙي (جيڪو ماهوار ”روح رهاڻ“ جو جوائنٽ ايڊيٽر بہ آهي) ڪراچيءَ ۾ روح رهاڻ جو تازو پرچو ڏنو. بدر ابڙي جي ادارت هيٺ نڪرندڙ هن رسالي ٿوري ئي عرصي ۾ سٺي مڃتا ماڻي آهي ۽ مواد توڙي خوبصورتيءَ جي لحاظ کان اهو هاڻي سنڌي جي صف اول جي رسالن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيئن سهڻيءَ جو ٻيو جنم بہ پهرين کان گهڻو مختلف هو. تيئن روح رهاڻ جو هي ٽيون جنم بہ سندس اڳوڻن ٻن جنمن کان نرالو آهي. خير رسالو تہ پڙهي چڏيم پر مون هڪ عجيب ڳالهہ محسوس ڪئي تہ ان کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين مون کي الائجي ڇو قمر شهباز گهڻو ياد اچڻ لڳو. دل چئي تہ هن سان ملجي، ڪيس وري پڙهجي ۽ سندس شخصيت توڙي تخليقن تي پوري سنجيدگيءَ سان قلم کڻجي. قمر شهباز سان منهنجي ڪا گهڻي ويجهڙائي بہ ڪانہ رهي آهي، بس علم ادب جي حوالي سان هڪٻئي کي پڙهڻ جي حد تائين شناسائي آهي. ايئن هڪ اڌ ملاقات بہ ٿي آهي، پر ان کي مان ڪنهن ويجهي ذاتي تعلق جو نالو نٿو ڏئي سگهان. اسان 1989ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ مون رسول بخش پليجي، استاد بخاريءَ، نورالهديٰ شاهہ ۽ ف. م لاشاريءَ سميت ڪين بہ مدعو ڪيو هو ۽ هو وڏي چاهہ سان ان ۾ شريڪ ٿيو هو سو مون کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ مان آخر هن بابت ايتري شدت سان ڇو سوچي رهيو آهيان. نيٺ روح رهاڻ جا ورق وري اُٿلائڻ شروع ڪيم ۽ قمر جو ان ۾ جيڪو انٽرويو ڇپيو هو اهو وري پڙهڻ لڳس. جڏهن انٽرويو ٻيهر پڙهڻ ويٺس تہ ان جي ڳوٺ پيچي پئي. قمر ان انٽرويو ۾ هڪ ڳالهہ چئي هئي ۽ اهو ان جو مون تي گهرو اثر هو جو مان لاشعوري طور مسلسل هن بابت سوچي رهيو هئس. دراصل قمر انٽرويو ۾ ڏکوئيندڙ لهجي ۾ اسان کي هڪ وڏي ميار ڏئي ويو هو. هن چيو: ”مون کي اها شڪايت اجا بہ آهي، جيتري جاکوڙ مون ڪئي آهي، مون کي پنهنجن ماڻهن کان ايتري موٽ نہ ملي آهي. ان جي سببن تي وقت نہ هجڻ سبب نہ سوچيو اٿم. پر مون ڪوشش ڪري اهڙي شڪايت نہ ڪئي آهي، مون کي پنهنجي لکڻيءَ جو لکڻ وقت سلو ملي وڃي ٿو. مون هزار ڊراما لکيا آهن. سڀ ليکڪ گڏجن تہ بہ



www.sindhsalamat.com

ايترا ڊراما نہ لکي سگهن. اڍائي سئو ڊاڪيومينٽري فلمون، ڪهاڻيون، شاعري ۽ هڪ ئي وقت ٽن اخبارن لاءِ ڪالم لکيا آهن. اسٽيج، ٽي وي، فلم سيني لاءِ لکيو آهي، پر ان جو سلو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن هنڌان، ڪنهن بہ صورت ۾ نہ مليو آهي. اها اسان جي بي حسي، اسان جي ڪئريڪٽر جو حصو آهي، ان کي ائين سمجهي معاف ڪري سگهجي ٿو.“ قمر جي حوالي سان اهڙي ڳالهہ يوسف شاهين ۽ شمشيرالحيدري بہ لکي آيو آهي تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو اديب هجڻ باوجود اسان جي روايتي بي قدري ۽ بي حسيءَ جو شڪار رهيو آهي. مون کي قمر جا اهي لفظ پڙهي ان ڪري ڏک نہ ٿيو تہ ڪو قمر شهباز کي ميڄتا جي بک آهي يا اسان کي ساڻس ڪا همدردي ڪرڻ گهرجي. نہ.... ڳالهہ قمر شهباز جي ادبي حيثيت جي تعين ۽ ميڄتا جي ناهي، اسان جي ميڄڻ يا نہ ميڄڻ سان ڪوبہ فرق نٿو پوي. قمر جي قلم ۾ جيڪا سگهہ آهي ۽ هن جي دماغ ۾ جيڪا تخليقي صلاحيت آهي، اها اسان جي ميڄتا جي محتاج ناهي. ڳالهہ اسان جي قومي مزاج ۽ اجتماعي رويي جي آهي، جي اسان ڪنهن تخليقڪار جو گهربل قدر نٿا ڪريون ۽ پنهنجي قومي زندگيءَ ۾ هن جي ڪردار ۽ ڪم جو تعين ۽ ميڄتا نٿا ڪريون تہ ان مان اسان جي سماجي قدرن ۽ اجتماعي بي حسيءَ جو پتو پوي ٿو. ڪجهہ ڏينهن اڳ رئوف نظاماڻي، جان خاصخيلي، انور ابڙي، مون ۽ ڪجهہ دوستن پليجي صاحب سان تفصيلي ادبي ڪچهري پئي ڪئي. ان دوران ان حوالي سان بہ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، هن جو بہ اهو خيال هو تہ سنڌي ادب ۾ تنقيد جي کوٽ سبب ڪنهن جي بہ صحيح ڇنڊ ڇاڻ ۽ پرک نٿي ٿئي. نتيجي ۾ هڪڙا ماڻهو پنهنجي بهترين ۽ ميڄتا جوڳي ڪم باوجود پس منظر ۾ رهن ٿا ۽ ٻيا سستي شهرت ذريعي جلد مٿي اُڀريو اچن. ان ڪري سنڌي سماج ۾ تيزيءَ سان اهڙا غلط لاڙا پيدا ٿي رهيا آهن.

اها ڳالهہ مان رڳو قمر شهباز جي حوالي سان نٿو ڪريان پر اهڙا تمام گهڻا غير معمولي تخليقڪار آهن، جيڪي اسان جي ان اجتماعي بي توجهيءَ واري روش جو شڪار رهيا آهن. ان جو وڏو مثال ويجهي ماضيءَ ۾ ادب جي حوالي سان استاد بخاري آهي. بخاريءَ جي ورسين ملهائڻ ذريعي پاڻ کي مٿي آڻڻ جو شوق تہ گهڻا ماڻهو پورو ڪري سگهن ٿا پر ڇا اسان هن جي فن ۽ فڪر جو سنجيدگيءَ سان اڀياس ڪيو آهي؟ هن ڪي قلم کنيو آهي؟ ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جي ارتقا ۾ هن جي حيثيت جو تعين ۽ ڇيد ڪيو آهي؟ مان اخباري



www.sindhsalamat.com

بيانن، رسمي تعريف، مضمونن ۽ ورسين ملهائڻ کي مڃتا نٿو مڃان. ڪنهن به تخليقڪار جي صحيح مڃتا ان جي صحيح پرک هوندي آهي ۽ پنهنجي ٻولي، ڪلچر، ادب ۽ قومي اؤسر ۾ هن جي ڪردار جو تعين هوندو آهي. ان لحاظ کان مون کي بنگالي قوم ڏاڍي وڻندي آهي، هنن وٽ سياست کان ادب تائين قومي لحاظ کان هر شيءِ جي چنڊ چاڻ ٿئي ٿي. هوڪڏهن به نه ٿا چون ته ٽيگور کان پوءِ بنگالي شاعري اچي بيهجي وئي. هو ٽيگور کان پوءِ جيوانندداس کي بنگالي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر سمجهن ٿا ۽ موجوده دؤر ۾ سنڪا گهوش (جنهن سان ڪلڪتي ۾ حسن درس، مظفر ۽ مان مليا هئاسون) کي هو پنهنجو نمائنده قومي شاعر ڪري مڃين ٿا. ايئن زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ به هنن وٽ هر شيءِ جي درجه بندي ٿيل آهي. سو ڳالهه رڳو قمر شهباز يا استاد بخاريءَ جي به ناهي، جي اسان ڏسنداسين ته زندگيءَ جا ٻيا شعبا ته ڇهيو پر رڳو علم ادب جي شعبي ۾ به الائجي ڪيترا اهڙا فرد آهن، جن جون انيڪ محنتون، خدمتون ۽ ڪم آهن، پر اسان جي اجتماعي بي حسيءَ سبب انهن کي قومي سطح تي اها مڃتا نه ملي سگهي آهي، جنهن جا هو مستحق آهن، جڏهن ته ٻئي طرف ڪيترائي اهڙا ماڻهو به آهن، جن سڄي زندگي پنهنجي معمولي ڪم جو ڪٽيو وياج سميت پئي ڪاڏو آهي.

قمر شهباز اسان جي علم، ادب ۽ فن جي دنيا جو هڪ اهم نالو آهي. هن سڄي زندگي رڳو وات جا ٺڪاءَ هڻڻ بجاءِ عملي طور پنهنجي تخليقي صلاحيتن جي سيڙپ ڪئي آهي. هو تخليقڪار آهي ۽ بقول شمشير جي ته هن جي هڪ تخليق ئي ايڏي سگهاري آهي، جو جيڪڏهن ان کان پوءِ قمر ڪجهه به تخليق نه ڪري ها ته به زنده رهي ها، ۽ اها تخليق اسان جي ادبي دنيا جو سدا جرڪندڙ ستارو امر جليل آهي. اهو قمر شهباز ئي هو جنهن قاضي عبدالجليل کي ”امر جليل“ بڻائي ڇڏيو ۽ شمشير ته امر جليل کي قمر شهباز جي ”شاهڪار تخليق“ سڏيو آهي. قمر اسان جي ادبي دنيا جي انهن چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن اديبن مان آهي، جن نه رڳو مسلسل ۽ تمام گهڻو لکيو آهي، پر ادب جي هر صنف تي تمام سٺو ۽ ڪامياب لکيو آهي. شاعريءَ کان ڪهاڻيءَ تائين ۽ ڊرامي کان ڪالمن تائين، مزاحيه ڪهاڻين ۽ خاڪن کان انتهائي سنجيده تنقيدي مقالن تائين هن هر صنف ۾ پنهنجي انفراديت نه رڳو برقرار رکي آهي پر ٻولي، اسلوب، خيال ۽ اثر انگيزيءَ جي لحاظ کان هڪ الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. سونهن



www.sindhsalamat.com

هن جي شخصيت جو لازمي جز آهي، پوءِ اها سندس چنڊ جهڙي چهري ۾ هجي، لباس ۾ هجي، ٻولي ۽ اسلوب ۾ هجي يا خيال ۽ تفڪر ۾. منهنجيءَ نظر ۾ سونهن ئي هن جي سڃاڻپ آهي، هيري جيان هن جي هر پاسي ۽ ڏيکُ ۾ سونهنَ آهي. سندس شخصيت ڪان ويندي سندس فن ۽ خطابت جي ڏات تائين هن مان سونهن پئي ٻکندي آهي ۽ سونهنَ مڃتا جي محتاج نہ هوندي آهي. جي ڏسندڙ اکين ۾ ڪوجهائپ آهي تہ پوءِ ان سان سونهن تہ بي معنيٰ ٿي نہ ٿي سگهي. قمر تي پل تہ گهڻو لکيو نہ ويو هجي پر هن جو نالو علمي، ادبي حلقن ۾ احترام ۽ پيار سان ورتو ويندو آهي. ان حوالي سان مون کي هڪ واقعو ياد ٿو اچي تہ جڏهن طارق اشرف مرحوم سهڻيءَ جي اياز نمبر جو ٻيو ڀاڱو ڇپيو هو تڏهن سنڌالاجيءَ ۾ عبدالقادر جوڻيجي جي آفيس ۾ اسان محمد ابراهيم جويي صاحب سان ڪچهري پئي ڪئي. جڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ شيخ اياز جي ڳالهہ نڪتي تہ جويي صاحب بي اختيار چيو "جامي تو اياز تي تازو سهڻيءَ ۾ ڇپيل قمر شهباز جو مضمون پڙهيو آهي؟" اتفاق سان مون اهو نہ پڙهيو هو. مون جڏهن اهو جويي صاحب کي ٻڌايو تڏهن هن تمام گهڻو تاڪيد ڪندي چيو "اهو مضمون ضرور پڙهڻ گهرجي. ويجهڙ ۾ اياز تي ايترو ڀرپور ڪنهن بہ نہ لکيو آهي ۽ قمر شهباز کي ان لاءِ تمام گهڻيون مبارڪون ڏيڻ گهرجن." مون جڏهن اهو مضمون پڙهيو تہ سچ پچ اهو مبارڪن جي لائق هو. مون کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو تہ قمر شهباز تمام سٺو نقاد ۽ پارکو بہ آهي. ڇو تہ اهڙو ڀرپور ۽ علمي مضمون فقط شاعر يا ڪو روايتي اديب نٿو لکي سگهي. قمر جي شاعري بہ ڏاڍي خوبصورت آهي. هونئن تہ سندس شاعريءَ تي مختلف رخن کان تفصيل سان لکي سگهجي ٿو ۽ لکڻ بہ گهرجي، پر هتي رڳو ان جا ڪجهہ چونڊ مثال ڏيڻ سان ئي اندازو ٿي سگهي ٿو.

هن جي هڪ وائي آهي:

راتِ چانڊوڪيءَ رَتَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها!
چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
ها مَچَ چاهت جا مَتَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها!
گهُورَ جي گهراءَ ۾ ها،
ساهَہ سالن کان سُتل،



www.sindhsalamat.com

ڪا پلڪ ترسين تہ ها!
ڪنهن جي اکڙين ۾ ڏٺو
مون توکي روئندو او اجَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها!
مون چيو ڪنهن چنڊ کي هو
سي پيارا هاڻ پل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها!
منهنجي جهوليءَ ۾ جهليو هو چنڊ،
ڪنهن کي کهڙيءَ ڪل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها!

قمر وانگيءَ سان گڏ غزل جو بہ سٺو شاعر آهي. هن جي چونڊ غزلن جا ڪجھ بند پڙهي هن جي انوکي شاعراڻي اک جو پتو پئجي ويندو:

ڪنهن جي چاهہ ۾ جيڪر حياتي گذري وڃي،
ڪنهن کي آ وقت جو ويهي بُتن کي پيار ڪريون.

—

مورَ هنيلو تنهنجو موهُ،
نتهڻ اُس جو ڪهڙو ڏوهُ؟

—

ڪي پور بہ پورن جهڙا ها، سو روح تي رهڙا رهڙا ها،
ڪي آگم اکڙين جهڙا ها، ڪو بادل جڻ تاسارو هو.

—

خاموش فضائن ۾ آواز هي ڪهڙو آ،
آڪاس تو جهونگاري يا منهنجو صنم آهي.

—

امداد حسينيءَ کان پوءِ اهو قمر شهباز ئي هو جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ خوبصورت طويل آزاد نظم لکيا. هن جا ڪجھ نظم تہ ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙا آهن. جنهن ۾ خاص طور ”چنڊَ رهين تو ڏُور“ هن جي شاعريءَ ۾ رومانويت ۽ قومي تفڪر جو عجيب ۽ سهڻو امتزاج آهي. سنڌي شاعريءَ جي اها لطيف روايت آهي ۽ جديد دور ۾ ان جي اوسر ۾ قمر شهباز جو بہ هٿ آهي. قمر


www.sindhsalamat.com

ڪڏهن بہ پاڻ کي قوم ۽ سماج کان الڳ فراريت واري ڪوڙي انفراديت جو شڪار نہ بڻايو آهي. هن بہ هميشہ تخيل جي ان بلنديءَ تي بيهي سوچيو آهي، جتي ”سچ ۽ ساڻيهہ“ ملي هڪ احساس بڻجي وڃن ٿا. رڳو شاعريءَ ۾ ئي نہ پر پنهنجن افسانن، مضمونن ۽ ڪالمن ۾ بہ قمر ان روايت جو پرچهلو ٿي ان کي اڳتي وڌايو آهي. هن جدت جي نالي ۾ ڪڏهن بہ اجائي تجريد، مونجهارن ۽ مايوسين جو پرچار نہ ڪيو آهي. هن وٽ اميد ۽ ان لاءِ جدوجهد ئي اتساهہ جا سرچشما رهيا آهن. ان جو هڪ ثبوت هن جي شاعريءَ ۾ چنڊَ جي علامت آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ”چنڊ“ جو استعارو تمام گهڻو استعمال ڪيو آهي ۽ ان مان ئي هن جي زندگيءَ ڏانهن زندهہ ۽ پُراميد روين جي پروڙ پئي ٿي. جديد سنڌي ادب ۾ چنڊَ جو استعارو گهڻي ۾ گهڻو آغا سليم ۽ قمر شهباز استعمال ڪيو آهي.

قمر اڄوڪي سنڌ جو ايڏو سهڻو ڪردار آهي، جو هن جي ذات ۽ ڪارج کي ڪڏهن بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هو اسان جي قومي جيوت جي باغ جو نهايت سهڻو ۽ منفرد گل آهي. هي قمر تي ڪو جامع مضمون ناهي، هن تي مان ڪنهن ٻئي دفعي تفصيل سان قلم کڻندس. بس هن جو انٽرويو پڙهي مون تي سندس ڏکويل لهجي ايترو اثر ڪيو جو بي اختيار هي چند لفظ لکي ويٺس، ان نيت سان تہ من اسان جي اجتماعي بي حسي اکيون مهٽي جاڳي پئي ۽ ڪنهن بہ تخليقڪار جي اندر نظرانداز ٿيڻ جو احساس نہ پيدا ٿئي.

قمر چيو آهي:

ننڍڙو هوندي، ماءُ جي هنج ۾
هڪڙي پيري
انگل سان مون چنڊ گهريو هو
امڙ منهنجيءَ،
مُرڪي مون کي، ”چنڊ“ چيو هو.
اڄ وري مون
سالن کان پوءِ
چنڊ کي پائڻ چاهيو آهي،
ليڪن مون کي ”چنڊ“ چئي پرچائڻ واري
ماءُ ڪٿي آ؟



www.sindhsalamat.com

قمر پنهنجي سوچ ۾ ڏاڍو معصوم ماڻهو آهي، هن کي شايد اها خبر ناهي تہ هو هاڻي هڪ ڀار نہ پر فنڪار آهي ۽ ان ناتي فطرت هن جي ماءُ آهي، جيڪا اڄ بہ ڪيس فن جي آسمان جو "چنڊ" سمجهي ٿي ۽ يوسف شاهين جي زباني سڄي سنڌ ڪيس دعائون ڏيندي چوي ٿي:

آهـــ ســـنجهہ سُـــياءُ، آسَ اهـــائي هيڪـــڙي،
قَمـــر تـــو مٿـــاءُ، چـــوڏهين مُـــور نـــہ اُلهـــي.

---

پندرهن روزہ "عبرت مئگزين" 1_15 فيبروري 1994ع



www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر محبت ٻُرڙو: سنڌ جو سقراط!

دُنيا ۾ ماڻهو روز ڄمن ٿا ۽ روز مرن ٿا. پدمين انسان هن دنيا ۾ آيا ۽ مري کپي ويا. پر ڪنهن کي ياد به ڪونهن ۽ ڪٿي سندن نالو نشان به ڪونهي. هر قوم ۽ سماج سان ائين ئي آهي. ساڳئي وقت هر قوم ۽ سماج ۾ اهڙا ماڻهو به ڄمن ٿا. جيڪي پنهنجيءَ بامقصد زندگيءَ کي ڪوسُونهن پريو ڪارج ڏيئي، نه رڳو انجي وِٽ ۽ سجاڻپ ٻڌجن ٿا پر پاڻ به امرتا ماڻين ٿا. اهڙن ماڻهن جو مڙهه ته مُئي پڄاڻان ڌرتيءَ ۾ پُورجي ٿو پر سندن وجود پنهنجيءَ قوم ۽ عوام جي دِلين ۾ زنده رهي ٿو. منهنجو پيارو دوست ۽ سنڌ جو ڏاهو ڊاڪٽر محبت ٻرڙو به اهڙو جِيءَ جياريو ماڻهو ۽ عالم ليکڪ، نقاد ۽ محقق هو. اهو سنڌ جو ڪيترو نه وڏو الميو آهي جو سنڌ جي سياست، علم ۽ ادب جا اڪثر وڏا ماڻهو ننڍي يا وچئين وهيءَ ۾ ئي هِيِ جهان ڇڏي ويا پر پوءِ به سندن ڪردار ۽ ڪارج جا ڪِرڻا اڄ به روشن آهن ۽ سندن سقلائتي پنڌ جا رَند اڄ به پنهنجيءَ قوم ۽ سماج کي وڏو اُتساهه بخشين ٿا. بئريسٽر رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، ذوالفقار علي ڀُٽو بينظير ڀُٽو فاضل راهو نظير عباسي، مير مرتضيٰ ڀٽو بشير خان قريشي، حفيظ شيخ، نسيم کرل، ف ـ م لاشاري، ڊاڪٽر فيروز احمد، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ۽ حسن درس جهڙا سنڌ جا انيڪ ماڻهو موتي هئا، جن کي ڊگهي ڄمار نصيب نه ٿي پر ڊگهي ڄمار کي ته ڪا معنيٰ ناهي، ماڻهو سوچي ڇا ٿو؟ محسوس ڇا ٿو ڪري؟ ڪري ڇا ٿو؟ هن جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ هن جو پنڌ ڪهڙو آهي؟ هن جي واٽَ ۽ منزل ڪهڙي آهي. اهي سڀ سوال ڄمار جي طوالت جي اهميت کان وڏا آهن. جڳ مشهور ڊچ مُصور ونسنٽ وان گاگ 37 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. انگريزيءَ جو زبردست شاعر ۽ نقاد ازرا پائونڊ 35 سالن ۾ گذاري ويو. خود لارڊ بائرن، شيلي ۽ ڪيٽيس جهڙا باڪمال شاعر زندگيءَ جا چاليهه سال به پورا نه ڪري سگهيا پر ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ لينن جي عمر 54 سال هئي ۽ انتونيو گرامچي 46 ۽ علامه اقبال 62 سالن ۾ گذاري ويو ۽ خود لطيف سائين جي ڄمار 63 سال هئي، جيڪا ڪا وڏي ڄمار ته ناهي، ان ڪري ماڻهو زندگي ڪيئن ٿو گذاري ۽ ڇا ٿو ڪري ۽ ڏئي وڃي، اهو سوال وڏيڪ اهم آهي. ڊاڪٽر محبت



www.sindhsalamat.com

ٻرڙي ٻه فقط 45 سال ڇمار ماٽي پر ڪيڏي نه سڦلائتي زندگي گذاري، جو هِي ماڻهو ڪيترو نه وڏو ڪم ڪري ويو ايترو جيترو شايد گهڻا اديب ۽ اسڪالر وڏيون ڇمارون ماڻيندي به نه ڪري سگهيا. لطيف سائين شايد اهڙن امرتا ماڻيندڙ ماڻهن لاءِ ساک ڏيندي چيو آهي ته:

مرڻــا اڳــي جــي مُئــا، ســي مــري ٿيــا نـــه مــات،
هونـــدا ســي حيــات، جيئــان اڳــي جــي جيــا!

ماڻهو وڏيون ڇمارون ماٽي به ڪک پن تي اُڏامي سگهي ٿو ۽ ماڻهو ڪي ڪارائتا پَلَ حياتي ماٽي، ان کي ڪو ڪارج ڏئي به امر ٿي سگهي ٿو. اسانجو پيارو دوست ۽ سنڌ جو ڏاهو فرزند ڊاڪٽر محبت به هُوبهُو ائين ئي هو. مان 1986ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر پاس ڪري پنهنجي شهر قمبر موٽي آيس. اهو زمانو اهڙو هو جنهن ۾ مون لاءِ زندگيءَ جو معراج فقط ادب هو. ان زماني ۾ به مان تمام گهڻو پڙهندو ۽ لکندو هئس ۽ اهو ئي زمانو هو جڏهن منهنجي ڊاڪٽر محبت سان علمي، ادبي ۽ فڪري دوستيءَ جي شروعات ٿي. سندس ڪلينڪ قمبر لڳ هڪ ڳوٺ باگي ديري ۾ هوندي هئي. ڪلينڪ جو مڙئي بهانو ۽ نالو هو اصل ۾ اُها ڊاڪٽر محبت جي فڪري، علمي ۽ ادبي پورهئي جي جاءِ هئي. دوستيءَ جو اهو تعلق جيئن جيئن اڳتي وڌيو ۽ پڪو ٿيو تيئن تيئن هن جي سادي پر گهڻ رُخي ٻهڳڻي شخصيت جو تاڪيو مون اڳيان کُلندو ويو. مان به سندس ڪلينڪ تي روز وڃڻ چا لڳس، ڄڻ ته عادي ٿي ويس. بس پوءِ ڏينهن جو مان هن وٽ ڪلينڪ تي ۽ هو روز شام جو منهنجي اوطاق ۽ لائبريريءَ تي. روز هو مون تي نئين سر آشڪار ٿيڻ لڳو. ڪڏهن هڪ نقاد ۽ پارکو، ڪڏهن سنڌ، عوام ۽ انقلاب جو عاشق، ڪڏهن عالم ۽ اديب، ته ڪڏهن نه رڳو پڙهيل پر ڪڙهيل پختو نظرياتي سياسي ڪارڪن. سندس ڪلينڪ تي مريض گهٽ پر بحث مباحثا ڪرڻ وارا دوست گهڻا ايندا هئا. سندس ڪلينڪ چا هئي ڄڻ باگيديري ۾ ننڍڙو اٿينس هو ۽ هو نئين دور جو سقراط، سڄو ڏينهن پيو ليڪچر ڏيندو هو بحث ڪندو، تنقيدي اک سان سمجهائيندو ۽ نظرياتي پيچيدگين جا مُنجهيل سُٽَ پيو سُلجهائيندو هو. اسٽڊي سرڪل ٿين، ته ڊاڪٽر جا فلسفي تي ڊگها ڊگها ليڪچر- پنج پنج ڪلاڪ هڪ ليڪچر، سگريٽن جا پنج ڇهه پاڪيٽ ۽ ڏهاڪو کن چانهيون ۽ ڊاڪٽر جا نه کُٽندڙ ليڪچر. هونئن ته هو گهڻ رخو



www.sindhsalamat.com

ماڻهو هو پر سندس پسنديده موضوع فلسفو ۽ ان ۾ به مارڪسي فلسفو هئا. هِي عجيب ماڻهو هو پئسا ڏيندڙ مريضن کي ڏسي بيزار ٿئي ۽ نظرياتي بحث ڪندڙ سياسي ڪارڪنن ۽ علم ادب سان چاهه رکندڙ دوستن کي ڏسي ٽِڙي پوي. چانهيون سپ اوڌر تي ۽ اوڌر لهڻ جو امڪان ئي نه! چو ته جنهن رفتار سان چانهيون ۽ سگريٽ پيئي ۽ پين کي پياري, ان حساب سان سندس آمدني ڪجهه به نه. ڪلينڪ هلائي ته آمدني به ٿئي! لطيف سائين سُر ڪاهوڙيءَ ۾ اهڙن بي لوث ڪاهوڙين جي ڪردار ۽ ڪيفيتن کي هِيئن بيان ڪيو آهي:

تان ونئن ويهي آءُ, اڳڻ ڪاهوڙين جي
جوش ڏنائون جِيءَ کي, لڪائي لوڪاءُ,
ڏوٿين ڪنهن ڏڪاءُ, سُمهي سُک نه ماڻيو!

سوال آهي ته, سنڌ جي هن ڪاهوڙي ۽ ڏوٿيءَ کي ڪهڙو ”ڏُک“ هو؟ جنهن سبب هن ڪڏهن سُمهي سُک نه ماڻيو؟ ڇا اهو ڪو انفرادي ڏُک هو؟ ڇا هن جو پنڌ پنهنجي ذات لاءِ هو؟ ڇا هن جا خواب سندس سُک لاءِ هئا؟ نه هرگز نه! هو سڄي انسانذات جي ڇوٽڪاري لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو هو. هن کي طبقاتي ۽ قومي غلاميءَ ۽ ڦرلٽ کان نفرت هئي, هو سراپا سائنسيت ۽ منطقيت جي مِٽيءَ مان ڳوهيل هو. انڪري هن کي عقيده پرستي, توهم پرستي, انڌن ويساهه ۽ جهالت جي هر صورت کان اٿاهه نفرت هئي. هن کي سائنسيت سان سنڌ جيترو پيار هو ۽ سنڌ کي هر سائنسيت جي رنگ ۾ ڏسڻ ۽ تبديل ڪرڻ چاهيندو هو. هن جا ليڪچر, لڪٽيون, ڪچهريون, پنڌ ۽ جُستجو جا محرڪ اهي هئا. پورهيت طبقن سان پيار ڪندڙ سندن نجات لاءِ وڙهندڙ سنڌ جو هِي سقراط, پاڻ به وڏو فڪري ۽ علمي پورهيت هو. مون هن کي ڪڏهن به واندو, ٽڪل, غير متحرڪ, سماج ۽ ڏاهپ کان لاتعلق ۽ ورچي ويهڻ وارو نه ڏٺو. سخت غربت ۽ اٿهوند ۾ گذاريندڙ هِي انوکو شخص سدائين سرهو ۽ ڪارائتي تخليقي ۽ تحقيقي ڪرت سان جُنبيل هو. مان سوچيندو هئس ته, محبت جي من ۾ اهو ڇا جو اطمينان آهي؟ ان سرهائيءَ جو راز ڇا آهي؟ اهي اندر ۾ ڪهڙا لِڪل خزانا ۽ اکين ۾ ڪهڙا سپنا اٿس, جو سڄو ڏينهن پيو انهن کي سڏي سَرهو ٿئي؟ اها شايد اها سرهائي آهي, جيڪا پنهنجي ذات جي نفي ڪندڙن کي حاصل ٿيندي آهي, جيڪا ڏئي ۽ وڃائي ماڻبي آهي, جيڪا تخليق ڪري ۽ تصورن ۾ اُن آئيندي جو جمال پَسي, پَسبي آهي, جنهن لاءِ ماڻهو سڀ



www.sindhsalamat.com

ڪجھ تياڳيندو آهي، پنهنجيءَ ذات لاءِ حاصل ڪرڻ جي تمنا تان ئي هٿ ڪڻندو آهي ۽ پاڻ کي انسانذات، قوم ۽ پورهيت عوام جي ازلي نجات جي فراق ۾ فنا ڪري زندگيءَ کي ڪا معنيٰ بخشيندو آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ تہ پاڻ وڃائي پنهنجو وجود لهندو آهي ۽ سرهو ٿيندو آهي. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو هُوبَهُو ائين هو. هو جسمن جو تہ ڊاڪٽر هو پر هو دراصل رُوحن، خيالن، احساسن ۽ سماج جي هيٺين ۽ مظلوم طبقن جو فڪري ويڄ هو. هو تَنَ سان گڏ مَنَ جو بہ طبيب هو.

ڊاڪٽر محبت جهڙوُ تيز رفتار پڙهندڙ ۽ گهڻو پڙهندڙ بہ وِرلي ڪو هوندو. ڪتاب هٿ ۾ آيو ناهي، چَٽُ. هن جي عملي ۽ فڪري اُڃَ ڪا ايڏي گهڻي هئي. هو علم ۽ ڏاهپ لاءِ ايترو تہ تاسارو هو جو لائبريريون ۽ علمن جا سمنڊ پي ويو تہ بہ هن جي تشنگي ۽ تانگھ ۾ ڪمي نہ آئي. لکڻ ۾ بہ تمام گهڻو تيز هو. پيلا 45 سالن جي ڄمار ۾ سوين اڻ ڇپيا ليڪچر، علمي ۽ فڪري مضمون، مقالا ۽ ويهن کان مٿي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب ڏيندڙ ڪو عام ماڻهو تہ ٿي نہ ٿو سگهي. فلسفو، سائنس، سياست، ادب، لغت، اصلاح سازي ۽ آخر ۾ سنڌي ٻولي- اهي سڀ ڊاڪٽر محبت جا موضوع هئا ۽ ڪيئن طئي ڪجي تہ هو ڇا جو ماهر هو؟ ۽ هو تہ انهن سمورن علمن جو ماهر هو ۽ مٿان وري اهڙو ماڻهو ڪارڪن بہ هجي، فقير منش ڪاهوڙي بہ هجي، ڇا تہ حَسين امتزاج هو هن سنڌ جي ڏاهي فڪري پورهيت ۾! شايد اهو اُتساهہ، ايڏي اٿاهہ سگهہ، حوصلو ۽ اُورچائي انهن ماڻهن کي ڀاڳَ ۾ ملي ٿي، جيڪي هن مختصر زندگيءَ کي ڪا معنيٰ بخشين ٿا ۽ زندگيءَ جا رازَ ڳولي لهن ٿا. مان هن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ لطيف سائينءَ کان اُڌارا لفظ ٿو وٺان، جنهن چيو هو تہ:

ڪُپيءَ ۾ پيرُ، ڪنهن پاتو پيرائين،
جيان منجهڻ ماڙهئين، سڄڻ تيان ئي سيرُ
اُن پونءِ سندو پيرُ، ڳوڙن منجهان ڪو لَهي.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 14 اپريل 2014ع**



www.sindhsalamat.com

# راھُو تُنھنجِي رِيت پَرکنديِن پَڏري!

سنڌ جي تاريخ ۾ لطيف سائينءَ کي ڇڏي ڪري مختلف شعبن ۾ جيترا گھڻا ۽ وڏا ماڻھو اٿويھينءَ ۽ ويھينءَ صدين ۾ پيدا ٿيا، ان جو اڳ ۾ ڪٿي مثال نٿو ملي ۽ اُھا ئي ڳالھ آھي تہ سنڌ کي جيتريون بدنصيبيون، ڏک، ڏوجھرا، غلامي، خطرا ۽ زوال جا محرڪ ۽ اھڃاڻ بہ جيترو انھن ٻن صدين ۾ مليا، ان جو بہ اڳ ڪو مثال نہ ٿو ملي. بھرحال قومن تي عروج ۽ زوال ايندا آھن ۽ سنڌ بہ پنھنجي تاريخ جو بدترين زواليہ دور ڀوڳي پئي ۽ نيٺ ان مان وڃي پارِ پوندي پر بحرانن جا دور قومن ۽ سماجن کي تحريڪن ۽ انيڪ وڏن ماڻھن جي صورت ۾ انھن نقصانن جي تلافيءَ جي صورت ۾ پڻ ملندا آھن. تاريخ ۾ ڏٺو ويو آھي تہ معمول جي ڏينھن ۾ سماجن کي وڏا ماڻھو گھٽ ملندا آھن، پر بحرانن جي دورن جي گرڀ مان قومن کي ھر شعبي ۽ ميدان ۾ سُونھان ملندا آھن ۽ سنڌ جي جھوليءَ ۾ بہ انھن ٻن صدين ۾ انيڪ ماڻڪ موتي پيا، جيڪي سدائين سنڌ جي اِتھاس ۾ اُتساھ جي علامت رھندا. شھيد فاضل راھو بہ سنڌ جي تاريخ جو ھڪ اھڙو يگانو فرد ھو جنھن لاءِ لطيف سائينءَ جا ھي لفظ بلڪل ٺھڪي اچن ٿا، جنھن ۾ ھن چيو ھو تہ:

راھُـــو تنھنجـــي ريـــت، پرکنـــديِن پـــڏري،
گھڻـــا گھـــوڙي چـــاڙھيئي، مســـافر مســـيت،
پُڇـــي ڪانـــ پريـــت، جـــي آيـــا ســـي اگھيـــا.

مان 1986ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر پاس ڪري آيس تہ پليجو صاحب بہ جيل مان آزاد ٿيو ۽ مان سُتت ئي عوامي تحريڪ ۽ خاص طور پليجي صاحب سان واڳجي ويس. مون پليجي صاحب جي صحبت ۽ دوستن جي ڪچھرين ۾ جنھن ماڻھوءَ جا قصا ۽ سندس شخصي ۽ سياسي ڪردار بابت گھٽي ۾ گھڻا قصا ٻُڌا، اھو شھيد محمد فاضل راھو ھو. جڻ تہ ڪو ماڻھو نہ پر ديومالائي ڪردار ھو. پليجي صاحب کان اجائي تعريف ڪنھن جي پُڄندي ناھي پر اُن زماني ۾ ھن جي ڪابہ ڳالھ فاضل صاحب جي ذڪر ۽ سندس ڪارنامن ۽ گھڻ طرفي ڪردار جي ساراھ کان خالي نہ ھوندي ھئي.

افسوس جو بعد ۾ هن سياسي سببن ڪري فاضل جو ذڪر ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. مون کي ساٿس ملڻ ۽ ساٿس گڏ ڪم ڪرڻ جو وڏو اتساهہ ۽ شوق هوندو هو پر ان هڪ سال اندر ئي هو شهيد ٿي ويو ۽ اهو ارمان هميشہ رهندو تہ مان ساٿس ملي نہ سگهيس. ماڻهوءَ جو جسم تہ ڪابہ معنيٰ نہ ٿو رکي ۽ منهنجي حقيقي ملاقات فاضل صاحب سان راهوڪيءَ ۾ سندس چاليهي ۾ ٿي هئي. سڄيءَ سنڌ ۽ ملڪ مان ماڻهن جا انبوهہ اچي گڏيا. هر شعبي ۽ سوچ جا ماڻهو سندس سياسي تڏي تي، هر اک آلي_ ڪنهن وٽ بہ اظهار جي قوت نہ هئي جو هو فاضل جي شهادت جو سُور ڪنهن سان سَلي سگهي. ڪير ڪنهن سان تعزيت نہ پيو ڪري، ڇاڪاڻ تہ اِهو هر ڪنهن جو ذاتي ۽ قومي ڏک هو. هي کهڙو ماڻهو هو. جنهن لاءِ لاهور مان دانشور پروفيسر عزيزالدين احمد بہ هلي آيو هو تہ گولاڙچيءَ جا ڪولهي بہ تڏي ڏٽي ٿيا وينا هئا. ولي خان، معراج محمد خان، افضل بنگش ۽ حاڪم علي زرداريءَ کان وٺي سنڌ جي هر جماعت جا اڳواڻ هڪ ڇت هيٺ_ اهو فقط شهيد فاضل جي ديومالائي شخصيت ئي ڪري ٿي سَگهي. اهو چاليهو تہ نہ هو. فاضل جي سورهيائيءَ، ڪردار ۽ وَڙَ جي تعارفي تقريب هئي، هن جي انقلابي جوهر جو جمال هو. هن جو حُسناڪ روح هو. هن جي اڻ ورچ جدوجهد جا جرڪندڙ نشان هئا. هن جي ڪردار جي خوشبوءِ هئي، هن جي ڪيف جي سرمستي هئي ۽ هن جي لازوال مرڪ هئي، جنهن لاءِ رسول بخش پليجي چيو هو تہ فاضل کي ڏسي لڳندو هو تہ دنيا ۾ مسئلا هوندا ئي ان لاءِ آهن تہ انهن کي مُرڪندي مُرڪندي حل ڪري ڇڏجي.

شهيد فاضل جنهن کي ڳوٺ ۾ ننڍپڻ کان سڀ ناٿو چوندا هئا، اُن جي شخصيت، وجود ۽ ڪردار جا ”جز“ تہ انهن سڀني کي معلوم هئا. جن کيس ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص ڪردار يا روپ ۾ ڏٺو هو. گولاڙچيءَ جي ڪولهين لاءِ هو سندن ”هنئين ٺوٺي“ مثل ناٿو ۽ فاجل هو. سنڌ جي هارين ۽ پورهيتن لاءِ هو هڪ ارڏو هاري اڳواڻ هو. قومي ڪارڪنن لاءِ هو قومي سپهہ سالار هو. ايم آر ڊيءَ جي جدوجهد جي ساٿين لاءِ هو 1983ع جي جدوجهد جو اصل روح روان هو. جيل جي ساٿين لاءِ هو بهادر سُورمو هو. عوامي نيشنل پارٽيءَ وارن لاءِ هو ملڪ جو صفِ اول جو انقلابي اڳواڻ ۽ مرڪزي سينيئر نائب صدر هو. پنجاب جي ترقي پسندن لاءِ هو سنڌ ۾ طبقاتي ۽ انقلابي جدوجهد جو محور



www.sindhsalamat.com

هو. دانشورن, اديبن ۽ شاعرن لاءِ هو ڏندڪٿائي ڪردار هو جنهن جهڙن ڪردارن جو ذڪر رڳو انقلابي شاعريءَ ۽ ناولن ۾ ملندو آهي. شهيد فاضل جي چاليهي تي جڏهن سندس هزارين چاهيندڙ گڏ ٿيا تہ هر ڪنهن کي فاضل جو اهو "ڳُل" نظر آيو جنهن سدا جرڪندڙ هيري جا ايترا روشن پاسا هئا, جو ماڻهو بيان نٿي ڪري سگهيا. فاضل جي مثالي ڪردار جي مڪمل تصوير ماڻهن کي ان ڏينهن راهوڪيءَ ۾ نظر آئي, جنهن ۾ سندس ڪردار جي سڀ طرفي سونهن پسڻ وارن ۾ هڪڙو نوجوان مان بہ شامل هئس. مون کي ياد آهي تہ ان چاليهي ۾ حيدرآباد مان منهنجو پراڻو ۽ دل گهُريو دوست مدد علي سنڌي ۽ مان گڏ ويا هئاسين.

ايئن ناهي تہ فاضل راهو ڪو جمندي ڄام هو ۽ هو ننڍپڻ کان ان ڪردار جو حامل هو. هو بنيادي طور هڪ لاڙ جو ننڍو وچولو روايتي زميندار هو جنهن جي رسمي تعليم بہ معمولي هئي پر شهيد فاضل اندر جو سچ پچ وڏو ماڻهو هو جنهن پاڻ کي تبديل ڪيو جنهن پنهنجي طبقي, طبقاتي مزاج ۽ مفادن کي پُٺِ ڏئي سنڌ وطن ۽ اُن جي هارين ۽ ڪولهين سان سياسي ۽ روحاني سڱ ڳنڍيو جيڪي ڪيس ناٿو يا "فاجل" چوندا هئا. هن پنهنجي روايتي سوچ کي ڇڏي پاڻ کي تاريخ جي سڀ کان اڳتي وڌيل سائنسي شعور سان سلهاڙيو. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هن جي خوشبختي هئي جو هن کي رسول بخش پليجي جهڙو ڏاهو سُونهون مليو جنهن کيس هڪ نئين انسان ۾ تبديل ٿيڻ ۾ متس وڏا اثر وڌا پر اِها بنيادي طور فاضل صاحب جي پنهنجي مٽيا هئي, جو هو هڪ عام وچولي زميندار مان ڦري انقلابي سُورمو فاضل راهو ٿيو نہ تہ پليجي صاحب جي صحبت ۾ تہ ٻيا بہ سوين هزارين ماڻهو هئا, پر انهن مان ڪوبہ فاضل نہ ٿيو. پليجو صاحب هڪ مفڪر ۽ عالم تہ آهي پر هو فاضل جيان عوامي ماڻهو نہ هو ۽ نہ ئي وري سندس اڳواٽيءَ جي صلاحيت شهيد فاضل جهڙي هئي. اهو ئي سبب آهي جو فاضل کانپوءِ اهو توازن ٽُٽي ويو ۽ پليجو صاحب تنظيم سنڀالي نہ سگهيو. شهيد فاضل عوامي تحريڪ جي ڪرنگهي جي هڏي هو.

شهيد فاضل جي مثالي ڪردار جو هڪ سبب اِهو بہ آهي جو هن انقلابيت رڳو ڪتابن ۽ ڪچهرين مان نہ پر اڻ ورچ قومي, طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد مان سکي هئي. ڇاڪاڻ تہ جدوجهد کان وڏو ٻيو ڪوبہ استاد ٿي نہ ٿو سگهي. سٽ



www.sindhsalamat.com

جي ڏهاڪي کان ونٽي ون يونٽ خلاف جدوجهد هجي يا ”ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو“ تحريڪ هجي، ”زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪريو“ تحريڪ هجي يا سنڌي ٻوليءَ جي جدوجهد هجي، ڀُٽي صاحب جي دور جي غلط فيصلن خلاف جدوجهد هجي يا ضياءَ شاهيءَ کي ايم آر ڊيءَ جي جدوجهدن جي صورت ۾ سنڌ مان للڪار هجي يا بدين مان نڪرندڙ تيل ۽ گئس لاءِ رائلٽيءَ جي جدوجهد هجي، شهيد فاضل انهن سمورين تحريڪن جو روح هو. اِهي اهڙائي ڏهاڪا شهيد فاضل نہ هجي ها تہ سنڌ ۾ اهي تحريڪون نہ هلي سگهن ها ۽ مزاحمت ان درجي کي نہ پُڄي سگهي ها. اهو ئي دشمن فاضل جي شهادت جي صورت ۾ سنڌ کي سَنڌائتو ڌڪ هنيو جنهن جو ازالو نہ ٿيو ۽ نہ ڪڏهن ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ هو ٽن ڏهاڪن جي جدوجهد جي کُوري مان فاضل پڇي ريٽو راس ٿيو هو. اهو ئي اُهو وقت هو جڏهن هو سنڌ ۽ ملڪي سطح تي هڪ وڏي اڳواڻ جي روپ ۾ ڪردار ۾ اُڀري آيو هو ۽ سنڌ پنهنجي هن سُورمي کي حقيقي طور سُڃاڻڻ لڳي هئي. دشمن فاضل جي شهادت جي صورت ۾ سنڌ کي اهو ثمر نصيب ٿيڻ نہ ڏنو.

مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ جي شهيد فاضل سنڌ کان ڪُمهلو وڇڙي نہ وڃي ها تہ پوءِ ڇا ٿئي ها؟ ظاهر آهي تہ اڪيلو فاضل سنڌ کي هن گهڻ طرفي تاريخي بحران مان نہ ڪڍي سگهي ها پر پوءِ بہ مون کي ويساهہ آهي تہ سنڌ هينئن نہ هجي ها، جيئن اُها اڄ آهي- مثال طور:

(1) سنڌ ۾ انقلابي تحريڪ ايئن ويهجي نہ وڃي ها ۽ نہ وري عوامي تحريڪ جهڙي مثالي تنظيم لڳاتار اندروني ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي ايئن وِکري وڃي ها. فاضل ايئن ٿيڻ ئي نہ ڏئي ها. پليجو صاحب هڪ غيرمعمولي عالم، اديب ۽ فڪري سونهون تہ آهي پر عوامي سگهہ ۾ فاضل گهٽو مٽي هو ۽ فاضل جي هوندي تنظيم ۾ اهو توازن هجي ها. اِها ڳالهہ پليجو صاحب پاڻ بہ ڪندو آهي تہ ”فاضل جيڪڏهن سوچجي ٿو تہ ايئن ٿو لڳي جڻ صدين جو طوفان، سنڌ جي صدين جي جدوجهد جو نچوڙ هو ۽ آهي. سنڌ جي تاريخ جو سنڌ جي عوام جي جدوجهد جو عڪس هو. خمير هو پر عرق بہ هو. فاضل تاريخ جي طرفان سنڌ جي مظلوم، محڪوم ۽ بهادر عوام کي ڪو انمول ۽ بي بها تحفو هو.... فاضل ۾ اُهي سموريون خوبيون هيون، جيڪي اسان جي



www.sindhsalamat.com

شاعرن، اديبن، فنڪارن سنڌ جي سُورمن بابت ڳايون آهن، وڃايون آهن، جيڪي مڙسيءَ جا تصور آهن. روايتي طور اسان جي تاريخ ۾ سخي هجي، بهادر هجي، ڏاتار هجي، سورهيه، اڻ موٽ ۽ حوصلي وارو هجي. فاضل انهن سمورين خوبين جو مجسمو هو.“

(2) شهيد فاضل هجي ها ته سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي تحريڪ محدود گروهي حيثيت مان نڪري حقيقي طور عوامي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ها، ڇاڪاڻ ته هن جو اُٿڻ، ويهڻ، مرڻ، جيئڻ، خوشيون ۽ ڏک سڀ سنڌ ۽ عوام سان وابسته هئا. فاضل ئي اهو ماڻهو هو جيڪو سنڌ جي دانشور، اديب، وچولي طبقي، وطن دوست زميندار، عوام دوست ڪاموري ۽ هارين ۽ پورهيتن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي ٿي سگهيو. ان روايت جو فڪر سنڌ ۾ پليجي صاحب ڏنو پر ان خواب کي ساڀيان فاضل ئي ڏئي ٿي سگهيو. جو لازمي ناهي ته هڪ مفڪر عوامي اڳواڻ به هجي. فاضل هجي ها ته گذريل اڍائي ڏهاڪن کان سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي تحريڪ ايئن ڪمزور نه ٿئي ها. اهو مون کي يقين آهي.

(3) شهيد فاضل هجي ها ته سنڌ ۾ جمهوري جدوجهد جو ناجائز ڪٽيو رڳو وڏيرا نه ڪائي سگهن ها. شهيد فاضل ۾ ئي اِهي ڳڻ هئا، جو هو پارلياماني مورچي تي به سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي سوڀون ماڻي ڏئي ها. سنڌ ۾ فاضل کانپوءِ ڪو ماڻهو اهڙو نه هو جيڪو سنڌ جي وطن دوست زميندار کي حقيقي قومي ۽ عوامي سياست ڏانهن ڇڪي سگهي ها. اها سندس ڪردار جي سگهه هئي جو فاضل صاحب جو چيو سنڌ ۾ ڪوبه موٽائي نه سگهندو هو. جڏهن مان 1999ع ۾ روزاني عبرت جو انچارج ايڊيٽر هئس، تڏهن هڪ پيري غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ مون کي پاڻ هڪ ڪچهريءَ ۾ چيو ته فاضل هڪ جادوگر ماڻهو هو، جنهن جي هر ڪنهن وٽ وڏي سائِٽَ هئي ۽ هن زندگيءَ ۾ شهيد ڀُٽي کانپوءِ فاضل جهڙو ماڻهو نه ڏٺو. سندس جيل ۽ جدوجهدن جا ۽ سمورين تنظيمن جا ساٿي اهڙي ساک ڏين ٿا.

(4) شهيد فاضل هجي ها ته سنڌ جا ماڻهو ايئن نڌڻڪا نه هجن ها، هو ميدانن جو ماڻهو هو. هن جي غيرت، سورهيائي، جدوجهد، لوڪ ڏاهپ



www.sindhsalamat.com

۾ قرباني ۽ جو محور سنڌ ۽ ان جا مظلوم پورهيت هئا. هو سنڌ جي نجات کي پورهيت طبقن جي نجات سان سلهاڙي ڏسندو هو. شهيد فاضل اهو ماڻهو هو جيڪو جتي وڏن قومي ۽ جمهوري معاملن تي جدوجهد ڪندو هو، اُتي هو عوام جا ننڍا ننڍا مسئلا به ڪڻندو هو، اهو ئي سبب آهي جو گولاڙچيءَ جا ڪولهي اڄ به ”فاجل“ کي خوابن ۾ ڳوليندا ۽ ساريندا رهن ٿا. فاضل پنهنجي مثالي ڪردار سبب ماڻهن لاءِ ڏيو هو.

تاريخ جو اهو ڪيڏو نه الميو آهي ته فاضل جي وات تي نه هن جي اولاد هلي سگهي ۽ نه فاضل جو تسلسل اُها تنظيم ٿي سگهي، جنهن کي هن پنهنجي حياتي ارپي هئي. ان سوال جو جواب ڪير ڏيندو ته جي فاضل جو اولاد سندس دڳ وساري وينو ته سندس تنظيم کيس ڇو وساري ڇڏيو آهي؟ فاضل جون ورسيون سندس تنظيم ڇو نه ٿي ملهائي؟ اُتي فاضل جي نالي کي ڇو متروڪ ڪيو ويو آهي؟ سندس تنظيم کيس وساري سگهي ٿي پر سنڌ جو ماڻهو پنهنجي هن املهه سورمي کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهي. هو سنڌ جي اتهاس ۾ سدائين مُرڪندو ۽ جرڪندو رهندو. هن جي خاندان سندس وات وڃائي ته ڇا، هن جي تنظيم هن کي وساريو ته ڇا ـ گولاڙچيءَ جا ڪولهي اڄ به پنهنجي ناتي ۾ فاجل کي ايئن سارين ٿا، ڄڻ هو ڪو ديومالائي ڪردار هو جيڪو آيو جڳ کي پنهنجين جدوجهدن سان جرڪائي موتي ويو. فاضل جهڙي عظيم سورمي کي لطيف جا هي لفظ ٿي ارپي سگهجن ٿا ته:

پـڪـلـيـا پـوڻن ۾، ڏڙ تـي گـڏيو ڏوڙ ۾،
ڳـالهيون، ڳهلـي لـوڪ سـين، پـڌر پـئي نـه ڪـن،
ڪـامـل آهـي تـن، مـون پريـان جـي ڳـالهڙي.

---

پندرهن وار ”افيئر“، 17 جنوري 2015ع



www.sindhsalamat.com

# جديد سنڌ جو انقلابي سُورمو:
# شهيد نذير عباسي

مون کي زندگيءَ ۾ سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي ٽن ماڻهن سان نه ملي سگهڻ جي حسرت هميشه رهي ۽ شايد هميشه رهندي ۽ اُهي ٽي سنڌ جا ارڏا فرزند ۽ ماڻڪ موتي آهن. ڪامريڊ عزيز سلام بخاري، شهيد فاضل راهو ۽ شهيد نذير عباسي. جڏهن به هنن بابت دوستن کان ٻُڌو ۽ پڙهيو اٿم، تڏهن دل سَڏون ڪائيندي آهي ته ڪاش ڪين ڏسجي ها، ساڻن اڪيچار رهاڻيون ڪجن ها ۽ سندن ساٿَ ۾ سنگت ۾ هُجِجي ها. ساڻن ذهني ۽ فڪري ساٿ ته هميشه هو ۽ اڄ به آهي پر هم سفر هجڻ جي ڳالهه ٿي ئي ٻي آهي. اِهي ٽئي ماڻهو سماجوادي فڪر سان سلهاڙيل هجڻ باوجود تنظيمي طور ٽن مختلف روايتن جا ماڻهو هئا پر مون کي سنڌ ۾ پنهنجيءَ فڪري سانپر کان وٺي ڪو هڪ به ماڻهو اهڙو نه مليو آهي، جيڪو هنن بابت ڪا منفي راءِ رکندو هجي، ويندي سندن سياسي ۽ فڪري مخالف به ساک ڏيندا ته اِهي ٽئي ماڻهو ڳچو سون هئا.

10 اپريل 1952ع تي ٽنڊي الهيار ۾ جان محمد عباسيءَ ۽ اَمڙ قمرالنساءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سنڌ جو هيءُ انقلابي سُورمو ننڍپڻ کان ئي هڪ غيرروايتي ٻار هو. هن جا همعصر ۽ ننڍپڻ جا سنگتي ٻُڌائين ٿا ته هو ٻاروتڻ کان هڪ سنجيده، بردبار ۽ علم سان بيحد چاهه رکندڙ ٻار هو. شايد اهڙن ٻارن جي صدين جي تجربن جي بنياد تي ئي اسان جي لوڪ ڏاهپ اهو پهاڪو تخليق ڪيو ته ”سياڻو ٻار پينگهي ۾ پڌرو!“ ڪامريڊ نذير عباسي هڪ اهڙو ئي مثالي ٻار هو. هڪ غريب پورهيت گهر سان تعلق هئڻ سبب ٽنڊي الهيار مان انٽرميڊيٽ ڪري پنهنجي ئي شهر جي ميونسپل ۾ هڪ ورڪر طور ملازمت جي شروعات ڪيائين. جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ هن کي سماج جو جديد ترقي پسند ۽ انقلابي شعور نه هو پر هن جو مزاج انقلابي ضرور هو ۽ اِهو ئي سبب آهي جو هن ٽنڊي الهيار جي ميونسپل جي پورهيتن جي هڪ يونين ٺاهي ۽ اهو ئي دراصل هن جي سياسي زندگيءَ جو آغاز هو. گهڻا ماڻهو تاريخ ۾



www.sindhsalamat.com

حادثاتي طور بہ انقلابي سفر ۾ شامل ٿيندا آهن پر سنڌ جي هن اَملهہ سُورمي جي اِها شعوري چونڊ هئي. هن کي اُنَ ڳچيءَ وَهيءَ ۾ اها پيرائتي خبر نہ هئي تہ هيءَ سماج طبقاتي طور ڇو ورهايل آهي؟ هتي قومي غلامي ۽ جبر جا محرڪ کهڙا آهن؟ سنڌ ۽ سڄيءَ دنيا جا پورهيت سوين ۽ هزارين پيڙهين کان نُور نچوئيندي ۽ ڪُل وقتي پورهيو ڪندي بہ بُکيا، اگها ۽ انگ اُگهاڙا ڇو آهن؟ خوشيون، آزاديون ۽ خوشحاليون سندن اڱڻ تي ڇو نہ ٿيون جهومن؟ اِهو نصيب رڳو انهن جو ڇو آهي جيڪي زندگيءَ ۾ زماني تي بار آهن ۽ ڪَکُ ڀَڃي ٻِيڻو نہ ٿا ڪن. ظاهر آهي تہ هيءَ هيڏي بي انصافي قدرت تہ نہ ٿي ڪري سگهي، ضرور هتي ئي هن جهان ۾ ٿي هوندي ۽ ان جا محرڪ مڪمل طور سماجي هوندا، پر هڪ پورهيت گهر ۾ ڄمڻ سبب هن کي هن طبقاتي سماج جي بي رحمين جو ادراڪ ضرور هو جنهن اڳتي هلي هڪ ”پيشيور انقلابيءَ“ جو روپ ورتو. اُن ئي زماني ۾ ڪامريڊ نذير عباسي ”آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ ۾ شامل ٿيو جيڪا روشن خيال سنڌي شاگردن جي هڪ تنظيم هئي. اُن زماني ۾ ”ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو“ تحريڪ هلي، جنهن ۾ بنيادي هٿ رسول بخش پليجي ۽ شهيد فاضل راهوءَ جو هو پر سنڌ جا ٻيا انيڪ سياسي گروپ، اديب، دانشور ۽ سماج جا ٻيا حصا پڻ پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تان ان جدوجهد ۾ حصو وٺي رهيا هئا. شهيد نذير عباسي پهريون ڀيرو ان تحريڪ ۾ گرفتار ٿيو ڇاڪاڻ تہ آزاد ماروئڙا وارا دوست بہ ان جدوجهد ۾ سرگرم هئا. اُن وقت شهيد نذير عباسيءَ جي عمر ڪُل 17 سال هئي. راند روند ڪرڻ واريءَ انهيءَ وَهيءَ ۾ سنڌ جو هيءُ املهہ سُورمو پنهنجيءَ ٻوليءَ جي قومي حيثيت لاءِ جدوجهد جي ميدان تي هو ۽ نيٽ ڪاٽَ ۾ پيو. زندگيءَ ۾ سختيون، ڏُکَ، ڏولاوا ۽ قربانيون ماڻهوءَ کي لازمي ناهي تہ ڪمزور ۽ هيڻو يا نراس ڪن، اُهي ماڻهوءَ کي وڌيڪ پڪو ۽ پختو ڪري، رچائي، راس ڪرائي بہ ڪري سگهن ٿا. ان جو دارومدار ان ماڻهوءَ جي شعور، انساني جوهر، مقصدن، آدرشن ۽ محرڪن تي آهي. لطيف سائين تڏهن تہ چيو آهي تہ:

جيئن جيئن تپي ڏينهن، تيئن تيئن تاڻي تِکَ ۾!

دنيا جي سمورن وڏن ماڻهن سان زندگين ۾ ايئن ئي ٿيو آهي، انهيءَ ڪري تہ اسان جي لوڪ ڏاهپ ۾ ”ڏُکن کي ڏاج“ چئبو آهي ۽ لطيف ان کي اڃا بہ



www.sindhsalamat.com

وڏيڪ حُسناڪ ۽ فڪري پختگيءَ سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ”گوندر“ کي ”پرينءَ جو گسُ!“ سڏيو آهي.

جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ شهيد نذير عباسي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، جتي هن پوليٽيڪل سائنس مان گريجوئيشن ڪئي. ان دور جا سنگت ساٿي ٻڌايئن ٿا ته هو اُن دور ۾ بيحد متحرڪ ماڻهو هو. بيحد ڳوڙهو مطالعو ڪندڙ، سچو ڏينهن هارين، مزدورن ۽ شاگردن ۾ ڪم ڪندڙ، ڪين منظم ڪندڙ جدوجهد ۽ اُتساهيندڙ هڪ اڻ ورچ انسان هو. الميو اِهو آهي ته اُن دور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قومپرستيءَ جا ڪجهه نام نهاد دعويدار ڪيس ڪميونسٽ هئڻ جي حيثيت ۾ نه سهندا هئا. اُهي ساڳيا نام نهاد شاگرد اڳواڻ ڏوهارين جون ته يونيورسٽين ۾ ميزبانيون ڪندا هئا پر هن معصوم صفت انقلابي سُورمي کي برداشت نه ڪندا هئا. ڪميونسٽ هجڻ ته هڪ بهانو هو پر دراصل هو سنگت ڪردار، سوچ، عمل ۽ شاگردن ۾ سنگت بي پناهه مقبوليت کان خوف کائيندا هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ اهڙن ئي ماڻهن سنڌ جي هن سُورمي کي جسماني طور هڪ ڀيرو مار به ڪئي، جيڪا ”روايت“ اُن زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سميت سنڌ جي سمورن وڏن تعليمي ادارن ۾ هوندي هئي ۽ مختلف صورتن ۾ اڄ سوڌو جاري آهي.

شهيد نذير عباسي سنڌ جي اُنهن انقلابي سُورمن مان هو جن پنهنجي ڌرتيءَ، ان جي مظلوم پورهيت طبقن جي نجات لاءِ انقلابي واٽ سان نڀائيءَ وَهيءَ کان نِينهُن لاتو هو. هن جي انقلابيت رڳو سنڌ ۽ ان جي پورهيت طبقن جي نجات تائين محدود نه هئي پر هو بنيادي طور پورهيت انقلابي عالمگيريت جي پنڌ جو راهي هو. شهيد نذير عباسيءَ جو مطالعو ۽ انساني فڪري تاريخ جو اڀياس نهايت ڳوڙهو، گِهرو ۽ وسيع هو. مون کي سنگت ڪيترن ساٿين ٻڌايو ته هو رات جو اڪثر پڙهي پڙهي ڳوٺن ۾ وهاڻي طور به ڪتاب سيبيراندي رکندو هو بلڪل ايئن جيئن ويٽنامي ۽ چيني انقلابي سُورما جهنگن ۽ ٻيلن ۾ جهاڳيندي ڪندا هئا. هو هر وقت ماڻهن ۾ هوندو هو ساڻن انقلابي رهاڻيون ڪندو، سندن شعورسازي ڪندو، کين جدوجهد لاءِ اُتساهيندو، پنهنجي ساٿ ۾ ڪڻندو ۽ سندن سطح تي لهي اچي منجهن گڏجي ويندو هو. ڪڏهن شاگردن سان، ڪڏهن مزدورن سان، ڪڏهن ڳوٺن ۾ هارين سان، ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ شهري ساٿين سان، ڪڏهن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان، چاڪاڻ ته هن جي



www.sindhsalamat.com

پنهنجي شخصيت ۾ اِهي سڀ رنگ هئا. هو انقلابي واٽ جو ازلي شاگرد هو، هو پروهيت هو، هڪ دانشور ۽ ليکڪ هو ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ هڪ ”پيشيور انقلابي“ هو. انساني تاريخ ۾ ”پيشہ ور انقلابيءَ“ جو تصور لينن ڏنو هو. جنهن جو مطلب هو تہ اُهو انقلابي جنهن جو ڪُل وقتي ڪم انقلاب هجي ۽ جن کي لطيف چواڻي ”جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي!“ يعني سڄو وقت انقلابي جي ووڙ ۾ ان لاءِ رت وِلوڙ هجي. اهو فخر سان چئي سگهجي ٿو تہ شهيد نذير عباسي بنيادي طور جڻ تہ هڪ پيشہ ور انقلابي هو. جنهن جي حياتيءَ جو پل پل انقلابي واٽ لاءِ راهون روشن ڪندي گذريو.

1978ع ۾ هو وري ضياءَ شاهيءَ طرفان ”هلچل“ جهڙو انقلابي پرچو ڪيڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ اهو ۽ اهو ساڳيو سال هو جڏهن هن ادي حميده گهانگهرو جهڙي انقلابي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان کيس ”زرقا“ جهڙي ڌاهي ڌيءَ ڄائي. اُن سال سنڌ ۾ ضياءَ شاهيءَ طرفان وڏي پئماني تي شاگردن، هارين ۽ سياسي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. شهيد نذير عباسيءَ کي ڪوئيٽا جي بدنام ۽ سخت جيل قُلي ڪيمپ ۾ بند ڪيو ويو پر سنڌ جو هيءُ ارڏو انقلابي سُورمو هيٺو ٿيڻ وارو ڪٿي هو! هر ايندڙ ڏک، تڪليف ۽ سختيءَ کيس رُڪ جيان مضبوط ٿي ڪيو. جيل مان آزاد ٿي، هو بس ڪري نہ وينو پاڻ ويتر جدوجهد ۽ سرگرميون تيز ڪري ڇڏيائين. حقيقت ۾ انسان جي جرئتن، حوصلي، احساسن جي پختگيءَ، اڻ ورچائيءَ، انساني خمير، جدوجهد، پنڌ ۽ سورهيائيءَ جو تعلق انسان جي شعور سان آهي، نہ تہ ماڻهوءَ جو ڪهڙو وزن آهي! اِها غيرمعمولي سگهہ، اتساهہ ۽ اورچائي ان شعور جو انعام هوندي آهي، جيڪو انسان کي اهو عظيم آدرشن وارو ادراڪ ڏئي ٿو. لطيف سائينءَ ان کي ”سپرين جي ساڃاهہ“ قرار ڏنو آهي. سنڌ جو هيءُ جسماني طور بنهہ اَيرو ۽ هڏن جي مُٺِ جهڙو نوجوان ايڏو ارڏو، سُورمو، سورهيہ ۽ اڻ ورچ ان ڪري هو جو هن جو شعور اعليٰ ۽ عظيم هو. هن جا آدرش تمام مثالي هئا، جن سان هن پنهنجي حياتي ارپي ڇڏي هئي.

30 جولاءِ 1980ع تي هو وري ڪراچيءَ مان گرفتار ٿيو. جنهن جي پٺيان برگيڊيئر امتياز جو هٿ هو. ساڻس گڏ پروفيسر جمال تقوي، امرلال، ڪمال وارثي ۽ شبير شر پڻ گرفتار ٿيا هئا، بعد ۾ وري سهيل سانگي ۽ بدر ابڙو پڻ گرفتار ٿيا. ضياءَ شاهيءَ کي خبر هئي تہ ان سَٿَ جي جدوجهد جو اصل روح



www.sindhsalamat.com

ڪامريڊ نذير عباسي هو ۽ نيٺ هن تي وار ڪانڊاريندڙ تشدد ڪيو ويو تہ ساٿين جا نالا ٻڌائي ۽ اِهو بہ ٻڌائي تہ هن جهڙا ٻيا ڪير ڪير هئا، جيڪي سندس ساٿ ۾ هئا. هو سنڌ جي هن عظيم انقلابيءَ کان اکر بہ ڪُڇائي نہ سگهيا ۽ نيٺ اهو تشدد سَهندي سَهندي 9 آگسٽ 1980ع جي اياڻڪي ڏينهن سنڌ جي هن سچي سُورمي جي ساهہ جي تَندُ ٽُٽي پئي. هن جو اهڙو آدرشي ۽ سورهيائيءَ وارو موت ۽ شهادت برگيڊيئر امتياز ۽ ضياءَ شاهيءَ جي منهن تي چماٽ هئي. هيءُ اَپرو ۽ هڏن جي مُٺِ جهڙو انقلابي سُورمو ضياءَ شاهيءَ جي جبر کي مات ڏئي، سڀ راز دل ۾ سانڍي ۽ هڪ انقلابي واٽ هلندي ۽ متحرڪ چڙي هليو ويو. هو جسماني طور تہ شهيد ٿي ويو پر زندگيءَ ۽ پنهنجيءَ آدرشن کي رَتَ جو ريج ڏئي ويو.

سنڌ کي پنهنجي هن عظيم انقلابي ۽ سُورمي پُٽ تي هميشہ ناز رهندو ۽ شهيد نذير عباسي هر دور جي انقلابين لاءِ اُتساهہ جو سرچشمو رهندو.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد 9 آگسٽ 2014ع**



www.sindhsalamat.com

# گهوڙن ۾ گهوٽن جيئن ٽورا ڏينهڙا

سنڌ هونئن ئي هر لحاظ کان سُورن ۾ آهي ۽ ان صورتحال ۾ سنڌ جي هڪ بهادر ۽ سدوري پُٽ بشير خان قريشيءَ جو لاڏاڻو سچ پچ تہ ڪنهن وڏي قومي سانحي کان گهٽ ناهي. هونئن تہ سنڌ جي ترقي پسند ۽ قومي سياست ۾ اهڙا انيڪ ڪردار ٿي گذريا آهن ۽ اڄ بہ موجود آهن. جيڪي سدائين قومي اُتساهہ جي علامت رهيا. پر بشير خان قريشيءَ ۾ بہ ڪا خاص مٺيا هئي، جو هو سنڌ جو هڪ هر دل عزيز ماڻهو هو. سياست جي ميدان تي سدائين ماڻهو تڪرارن ۽ تضادن جي گهيري ۾ رهي ٿو پر سنڌ جي سياست ۾ شهيد فاضل راهوءَ کانپوءِ بشير خان قريشي شايد اهو واحد سياسي ڪارڪن/اڳواڻ هو جيڪو ذاتي طور سڀني لاءِ قابل قبول هوندو هو. مون پنهنجي گذريل پنجويهن سالن جي سياسي ۽ ادبي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي بشير خان جي غيبت ڪندي نہ ٻڌو. هو سنڌ جي روايتي محبتي مٽيءَ مان ڳوهيل ماڻهو هو. سائين جي ايم سيد منهنجي والد صاحب جو دل گهريو دوست هو ۽ مون کي سدائين دل سان پائيندو هو. مان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي تعليم جي وقت کان وٺي سائينءَ وٽ اڪثر ويندو هوس ۽ بشير خان قريشيءَ سان منهنجون ابتدائي ملاقاتون اُتي ئي ٿيون. ان زماني ۾ مون سدائين ڪيس سائينءَ جي قربت ۾ ڏٺو ۽ سائين جي ايم سيد جو ساڻس پيار، اعتبار ۽ شفقت بہ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هن جي سياسي تربيت سڌيءَ ريت سائين جي ايم سيد جي هٿن ۾ ٿي هئي. سائينءَ سان هن جي محبت، عشق جي حد تائين هئي، پر مون سائينءَ جي بشير خان سان قربت ۽ شفقت پڻ اکين سان ڏٺي.

بشير خان جي پهرين خوبي اها هئي تہ هو هڪ بيحد سادو ۽ سڌو ماڻهو هو. سنڌ جو هڪ روايتي نج بنار ماڻهو هو. هن ۾ هلڪڙائپ ۽ ڏيکاءَ پسنديءَ جا لاڙ بلڪل نہ هئا. بشير خان هڪ عملي ماڻهو هو. مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي قومي سياست ۾ سندس همعصر قيادت مان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جو سڀ کان وڏيڪ عوامي رابطو هو يا عوام کي متحرڪ ڪرڻ جي صلاحيت هئي تہ اهو بشير خان قريشي هو. بشير خان جي هڪ ٻي خوبي اها هئي تہ هو



www.sindhsalamat.com

سنڌ جي وضعدار روايتن جو امين هو. فضيلت، نهٺائي، قرب، درگذر، وفاداري، وڏن جي عزت ۽ بهادري، سنڌ جي مٽيءَ جا اُهي سمورا روايتي مثبت ڳُڻ ئي هئا، جن بشير خان قريشيءَ کي هڪ اهڙي مڃيادار سياسي ڪارڪن/اڳواڻ طور اياريو، جيڪو سيني لاءِ قابل قبول ۽ هر دل عزيز هو. سنڌ جو هي هڪ اهڙو نفسياتي طور بحراني دور آهي، جنهن ۾ هر ماڻهو هڪ ٻئي سان وڙهيو پيو آهي. اڻ سهپ، ساڙ ڪينو ڏيکاءَ پسندي، ٻئي کي هيٺ ڪري پاڻ کي مٿي ڪرڻ جهڙي سطحي ۽ جاگيردارانہ سوچ، ذاتي مفاد پرستي ۽ روين ۾ عدم توازن اڄوڪي سنڌ جا عام رجحان آهن، پر بشير خان قريشي انهن منفي رجحانن کان آجو ماڻهو هو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي اندر ۾ هڪ متوازن، پر سڪون ۽ وڏو ماڻهو هو. مان ڪيترا ڀيرا مٿس روبرو سخت تنقيد بہ ڪندو هوس، تہ هميشہ کلي چوندو هو تہ، ”پوءِ توهان وقت ڏيو ۽ رهنمائي ڪريو.“ سنڌ جي سياست ۾ اها فضيلت ۽ نهٺائي مون تمام گهٽ ماڻهن ۾ ڏٺي. جيئي سنڌ ۽ عوامي تحريڪ جا اختلاف هميشہ عروج تي رهيا، پر مون بشير خان کي سدائين پليجي صاحب سان نهايت عقيدت، احترام ۽ نوڙت سان ملندي ڏٺو ۽ پليجي صاحب جي ساڻس شفقت بہ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. پليجو صاحب نہ رڳو کيس ڀائيندو هو پر سندس بهادريءَ ۽ فضيلت کي ساراهيندو پڻ آهي. سندس دل ۾ اها جاءِ بشير خان پاڻ ٺاهي. هو پاڻ کي هڪ اڳواڻ کان وڌيڪ هميشہ هڪ ڪارڪن سمجهندو هو ۽ مون سدائين هن کي سياسي تعصب کان بالاتر ڏٺو.

بشير خان قريشي سياسي طور بہ هڪ پختو ۽ ڪڙهيل ماڻهو هو. هن گذريل ڏهاڪي ۾ جيئي سنڌ جي سياست کي نئون رخ ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، جيڪا سياسي تنظيم ۽ روايت رڳو تعليمي ادارن تائين محدود هوندي هئي. هن ان کي سنڌي عوام تائين وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گذريل سڄو ڏهاڪو هو عوامي رابطي ۽ عوام کي متحرڪ ڪرڻ ۾ مصروف رهيو ۽ ان جو ثبوت سندس ڪوٺايل وڏا وڏا عوامي ميڙ هئا. جتي بہ قبائلي جهيڙن جي صورت ۾ سنڌي ماڻهن جون هڪ ٻئي خلاف خونريزيون ڏسندو هو تہ هو اُتي منٿ ميڙ قافلو وٺي وڃي، ڪين هڪ هنڌ گڏ ويهاري سندن خوني تڪرار نبيرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. بشير خان سنڌ جو سچو سپاهي هو. هو سنڌ جي قومي سياسي تنظيمن مان پهريون اڳواڻ هو جنهن سنڌ جي



www.sindhsalamat.com

راڄڌاني ڪراچيءَ ڪي پنهنجيءَ سياست جو مرڪز ٺاهيو. اها سوچ سنڌس سياسي ۽ قومي بصيرت جو وڏو ثبوت آهي.

بشير خان قريشيءَ جي هڪ نرالي خوبي اها به هئي ته سياسي اختلافن کي ڪڏهن به ذاتي رنگ نه ڏيندو هو. نه ته هونئن سنڌ ۾ اهو رجحان عام آهي. اسان وٽ سياسي اختلاف نه رڳو ذاتي اختلاف ۾ تبديل ٿيو وڃن، پر اهي دشمنيءَ جي صورت اختيار ڪري ويندا آهن. مون بشير خان جي زبان مان ڪڏهن به ڪنهن مخالف سياسي ڪارڪن، پارٽي يا اڳواڻ خلاف ڪو گهٽ لفظ نه ٻڌو. هميشه سياسي ڪچهري ڪندو هو ۽ ماڻهن جي غيبت بدران اشوز تي ڳالهائيندو هو. منهنجي ساڻس آخري ملاقات گذريل سال منهنجي پياري دوست آصف بالادي جي گهر سائين محمد ابراهيم جويي جي ملهايل سالگرهه جي موقعي تي ٿي. جتي سنڌ جا پيا به ڪيترا ساڃاهه وند دوست آيل هئا. تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ لساني تنظيم چونڊي چونڊي سنڌي ماڻهن کي ماري رهي هئي. بشير خان قريشي مون کي چيو ته اسان تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ته اسان به هٿيار کڻون ۽ جوابي ڪارروايون ڪريون. توهان ڇا ٿا چئو؟ مون کيس چيو فاشزم جو جواب فاشزم نٿو ٿي سگهي. اسان کي دهشتگردن ۽ فاشسٽن خلاف سياسي جنگ ڪرڻي آهي، پر عام اردو ڳالهائيندڙن خلاف ڪا به جوابي ڪارروائي اسان جو انساني، قومي ۽ فڪري وَڙ ناهي. منهنجي جواب تي سندس چهري تي مرڪ ۽ اتساهه ڏسڻ وٽان هو. هن چيو مان به ان ساڳيءَ سوچ جو آهيان، سنڌ ۾ نسلي رتوڇاڻ اسان جي حق ۾ ناهي ۽ اسان پرامن سياسي جدوجهد کي ئي حقيقي قومي ۽ سياسي واٽ سمجهون ٿا.

بشير خان قريشيءَ جهڙي فضيلت پري سياسي ڪارڪن/اڳواڻ جو گُمهلو موت مون سميت سڄيءَ سنڌ لاءِ وڏي ڏک جو باعث آهي. سنڌ کي موجوده ڏکين حالتن ۾ هن جهڙي ماڻهوءَ جي سخت گهرج هئي ۽ سندس موت يقيني طور هڪ قومي سانحو آهي. سنڌ پنهنجي هن بهادر پٽ کي هميشه ياد رکندي!

گهـــوڙن ۽ گهـــوٽن جيـــئڻ ٿـــورا ڏينهـــڙا
ڪـڏهن منجهـه ڪـوٽن، ڪـڏهن راهـي رڻ جـا!

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 8اپريل 2012ع



www.sindhsalamat.com

# جو قوم جيئاري، اهو جيئندو رهندو!

جيتوڻيڪ هو اج بہ ڌرتيءَ جي حلالي پُٽ ۽ سچيت سپوت جيان پنهنجيءَ قوم جي هر باشعور ماڻهوءَ جي دلين ۾ جيئرو آهي پر هن جي وڇوڙي کي پريا بہ سال ٿي ويا آهن. هر ايندڙ سال جيان اهي بہ سال بہ سنڌ لاءِ سورن جو کو گهٽ سامان نہ کڻي آيا. انهن ٻن سالن اندر سنڌ ۾ گڏريل سنڌ حڪومت پاران ٻئي مڪاني حڪومت جي نظام جو اهو ”ڪارو بل“ پاس ٿيو جنهن خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي ۽ نيٺ حڪومت کي اهو ”ڪارو بل“ ساڳيءَ اسيمبليءَ مان واپس وٺڻو پيو. اهي بہ سال ڪراچي ساڳيءَ طرح ”مقتل گاهہ“ رهي ۽ سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ رهيو. انهن ٻن سالن اندر سنڌ ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جي بدترين صورت پهريون ڀيرو ان سطح تي نظر آئي، جو درواڙ سنڌ جي وارث پوري ڀيل جو لاش پنگريي جي قبرستان مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو. اهو جڻ تہ هڪ پوري ڀيل جو سرد لاش نہ پر دراوڙ سنڌ جي نشانيءَ جي ڌرتيءَ ڏِڪاٽِپ هئي. انهن ٻن سالن ۾ ڪيترين سنڌي هندو ڌيئرن کان زوريءَ مذهب تبديل ڪرايا ويا، لاڙڪاڻي ۾ ڌرم شالا تي هَلان ٿي ۽ ان جاءِ کي ساڙيو ويو، جتي رڳو عبادت ئي نہ ٿيندي آهي پر مسافرن کي پناهہ ۽ ٿڌي ڇانوَ بہ ملندي آهي. انهن ٻن سالن ۾ بہ وزيرستان ۾ جزوي آپريشن سبب هزارين ڌارين جا ڪٽڪ سنڌ ۾ آباد ٿيا ۽ اها لڏ پلاڻ رڳو فردن جي ناهي هوندي پر اهي پاڻ سان گڏ پنهنجي ذهنيت، انتهاپسندي، هٿيار ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ناجائز مفاد بہ کڻي ايندا آهن. انهن ٻن سالن ۾ نيون چونڊون ٿيون، نئين اسيمبلي آئي ۽ وزارتن جا قلمدان ورهايا ويا پر سنڌ جي سينڌ ساڳئي ميري رهي. سنڌ ۾ لاقانونيت، دهشتگردي، نڌڻڪائيءَ، غربت ۽ تباهہ حاليءَ جو راڄ رهيو. بيو تہ ٺهيو پر جنهن مقصود قريشيءَ بہ سال اڳ پنهنجي سپوت ياءَ جي شهادت تي تعزيتون وصول پئي ڪيون، ان کي پنهنجي نوجوان ساٿي سلمان وڏي سميت رات جي پيٽ ۾ شهيد ڪري ساڙي سندن لاش رستن تي دُکيل سگريٽ جيان اڇلايا ويا. انهن ٻن سالن ۾ ڪنهن بہ قاتل رهزن ۽ دهشتگرد کي تہ ڪابہ سزا نہ آئي پر ڌرتيءَ جا بهادر پٽ شهيد ڪري ساڙيا ۽ ماريا ويا. سنڌ انهن اياڻن ٻن سالن ۾ هر ڏک جي گهڙيءَ ۾ ۽ جدوجهد جي هر ميدان تي پنهنجي ارڏي پٽ شهيد بشير خان کي نہ رڳو ياد ئي ڪندي رهي پر هن جي ڪوٽ



www.sindhsalamat.com

ڪي شدت سان محسوس ڪندي رهي، چاڪاڻ تہ ڌرتيءَ جو هي ارڏو ۽ سپوت پٽ سنڌ جي هر سڏ ۾ سڏ ڏيندو هو ان جي هر اهنج ۽ ايذاءَ کي پنهنجو ذاتي اهنج سمجهندو هو ۽ هو ان لاءِ اٿي بيهندو هو.

اهي ماڻهو جيڪي پنهنجون صلاحيتون، وسيلا، وقت، جرئتون، اتساهہ، خواب، سپنا پيائن جا پنڌ ۽ ويندي پنهنجون حياتيون پنهنجيءَ قوم کي ارپيندا آهن ۽ ساهہ ڏيئي وبساهہ ورائيندا آهن. پهرين قوم هنن جي هوندي آهي ۽ پوءِ هو قوم جا ٿي ويندا آهن. سنڌ جو سدا ملوڪ پٽ بشير خان بہ ائين هو. لاڙ اتر، ڪاچو ٿر، بر، ڪراچي، ڪارونجهر، اوباوڙو ۽ ڪڇو هن جي پيرن هيٺان هوندا هئا. جڻ تہ هو سار لهندو هو سنڌ جي هر شيءَ جي، ماڻهن جي، ماڳن جي، ان جي شهرن، ڳوٺن، بيلن، واهڻن، واهن، وڻن، رستن ۽ ڌرتيءَ جي هر انگ ۽ رنگ جي، سنڌ جي آجپي لاءِ ووڙيندو، ان جي وحدت ۽ وسيلن لاءِ جهر جنگ جهاڳيندو ۽ ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف اٿي بيهندو، ويندي سنڌ ۾ ڪو قبيلائي تڪرار ٿي پوي تہ پهرين هو پُڄندو هو ڌرتيءَ جا واسطا وجهي ڌرين کي پرچائيندو هو! اجا بہ ڪجهہ ماڻهن کي حيرت ٿيندي آهي تہ هن جي ساٿِتَ سنڌ ۾ ايتري ڇو هئي؟ جيڪو ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن سان ايترو ڳنڍ بيهندو، ان جي ساٿِتَ ڇو نہ ٿيندي، جيڪو ماڻهن جو ڏيءِ ٿيندو، انکي زمانو جيءَ ۾ جايون ڇو نہ ڏيندو؟ ساٿِتَ سُچيتائپ گهرندي آهي، سلڇڻائپ ۽ سدورو مزاج گهرندي آهي. هو اتحادن جي اجلاسن ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشس نہ ڪندو هو ڇو تہ هن جي اصل سگهہ اجلاس نہ هئا، پر سنڌ ۽ ماڻهو هئا. اجلاسن ۾ اسان سڪٽين ڪُنين کي اُپامندي گهڻو ڏٺو پر هي ڪو پاڇو تہ نہ هو جنهن کي لڏندي لمندي ڏسجي ها. هي ڌرتيءَ جو سورمو پٽ بشير خان تہ جبل هو جيڪو جيترو مٿي اُپو نظر ايندو هو ان کان وڌيڪ ڌرتيءَ ۾ کُتل هو. سندس ارڏائپ ۽ سگهہ جو راز اهو ئي هو، تڏهن تہ بخاريءَ ساک ڏني هئي تہ،

جــو عــام اُجــاري، اهــو جيئنـــدو رهنـــدو!
جـــو قـــوم جيئـــاري، اهـــو جيئنـــدو رهنـــدو.
مـــونکي تـــاريخ ۽ تقـــدير ڏنـــي پـــڪ آهـــي،
جيڪـــو ســـنڌ ســـنواري، اهـــو جيئنـــدو رهنـــدو.

بشير خان جي سنڌ ۾ ساٿِتَ جو راز بہ اهو ئي هو هن جي ان ساٿِتَ جو دائرو سندس تنظيمي ساٿين تائين محدود نہ هو پر هو انهن سڀني کي پيارو هو جن کي



www.sindhsalamat.com

سنڌ پياري هئي. سائين جي ايم سيد سان جيڪڏهن بشير خان سنڌ جيترو عشق ڪندو هو ته سيد به هن کي معشوق کان گهٽ نه پائيندو هو. اهو اسان دل جي اکين سان ڏٺو ۽ سدائين محسوس ڪيو. هڪڙن ماڻهن جو هئڻ ئي ڏڏُ هوندو آهي، بشير خان به ائين هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي کُهلي موت ۽ شهادت تي ڪير هو جنهن جو اندر اٿلي نه پيو هو. قومن ۽ عوام جي نجات ڏکيو پنڌ هوندو آهي پر هن مبارڪ پنڌ ۾ ڪنهن جي به ڪنيل وک اجائي نه ٿي وڃي. هيءَ ته وري به بشير خان جي سگهاري وک هئي، جنهن کي ڪا ازلي بيچيني هئي، جيڪا هن کي سُک سان ويهڻ نه ڏيندي هئي. ڀلا مقصود قريشيءَ جهڙي معصوم صفت ڪارڪن جو ڏوهه ڪهڙو هو جو هن کي جلادن ساڙي ماري ڇڏيو؟ ڏوهه ته هن جو به اهو ئي هو ته سندس ڀاءُ بشير خان، جنهن قومي حوصلي ۽ سگهه کي اڀارڻ ٿي چاهيو، مقصود قريشيءَ ان جهندي کي مايوس ٿي ڪِرڻ نه ڏنو. ان ڪري مقصود قريشيءَ خلاف هيءَ وحشت به دراصل پنهنجي جوهر ۾ ان بشير خان خلاف نفرت جو اظهار هئي، جنهن جي دشمنن کي 23 مارچ تي ڪراچيءَ ۾ سخت مايوسي ٿي هوندي، جنهن ۾ لکين سنڌي گڏ ٿيا هئا ۽ هن ڀيري ته سنڌ جا اديب، شاعر ۽ دانشور به ڪيس ڀيٽا ڏيڻ لاءِ اتي موجود هئا، جن ۾ مان پاڻ به شامل هوس، ڇاڪاڻ ته اسان اهو واضح نياپو ڏيڻ ٿي گهريو ته جيڪڏهن وطن جي آجپي، بقا ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ڏوهه آهي ته پوءِ ان ڏوهه جا مرتڪب رڳو بشير خان، مقصود قريشي ۽ سلمان وڌو ئي نه پر اسان سڀ آهيون. ان راهه ۾ ڪوبه ڌرتيءَ جو حلالي پٽ ۽ ڌيءَ نه پير پوئتي ڪندا ۽ نه ئي لوئيءَ کي لڄائيندا. اهو درياهه خان، دودي، هيمونءَ ۽ هوشوءَ جو سفر آهي ۽ ان سفر ۾ ڪالهه جي ڪٺا هئا ته اڄ ڪيچ آهن. اهو ئي سبب آهي جو بشير خان ۽ مقصود قريشيءَ جون شهادتون سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ بجاءِ ماڳهين وڌيڪ سگهارو ڪري ويون ۽ اهو فيصلو تاريخ ته اڳتي هلي ڇا به ڪري پر 27 مارچ تي ڪراچيءَ ۾ لکين سنڌين ڏئي ڇڏيو ته دراصل سوڀارو ڪير ٿيو ۽ شڪست ڪنهن کي آئي! جيڪو بشير خان سنڌ لاءِ سدائين سفر هوندو هو، ان کي ڄڻ ته 27 مارچ تي ڪراچي ۾ لکين سنڌين گڏيل سنهيو اماڻيو ته هن راهه ۾ هو اڪيلو نه هو ۽ نه ڪڏهن رهندو.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 7 اپريل 2014ع



www.sindhsalamat.com

# رياست کي هيءُ ڏوهہ معاف
# نٿو ڪري سگهجي!

21 سيپٽمبر 1996ع جي صبح جو هاڪر اخبار چا ڏئي ويو ڄڻ تہ دل ۽ روح مٿان وِڄُ ڪيرائي ويو. مون کي ياد آهي تہ مان قاسم آباد، حيدرآباد ۾ عبدالله سينٽر ۾ پنهنجي فليٽ تي اڪيلو هئس ۽ اخبار تي هڪ نظر وجهڻ شرط اڻ ميي ڏک، پيڙا، ڪاوڙ ۽ نفرت جون گرم لهرون رڳو سرير مان ئي نہ پر روح جي تَندُ تَندُ مان پار ٿي ويون هيون. مير مرتضيٰ ڀُٽي جهڙي ڪونڌر پُٽ کي رياستي ادارن رستي ويندي واٽ ۾ گولين سان ساٿين سميت پروڻ ڪري ڇڏيو هو. مير مرتضيٰ ڀُٽي سان منهنجي ڪابہ روبرو ملاقات نہ هئي، مان هن جو هم خيال ۽ هم سفر بہ نہ هئس، هن جي سياست ۽ حڪمت عملين جي انداز سان بہ مون کي تمام گهڻا تحفظات محسوس ٿيندا هئا پر هن سان هميشہ محبت محسوس ٿيندي هئي، هن لاءِ دل ۾ احترام ۽ پيار جو جذبو هوندو هو۔ سبب تہ مون کي هن جي ڪمٽمينٽ، بهادريءَ ۽ سياسي ايمانداريءَ تي شڪ نہ هو. مير مرتضيٰ ڀُٽو ڪرسي پرست ۽ موقعي پرست نہ هو هن لاءِ سياست "ڌنڌو" نہ هئي، هو خوابن جي ساپياڻ جو سوداگر نہ هو هو نام نهاد جمهوريت پسندن جيان منافق نہ هو ۽ اڪثر ڪوڙن قومپرستن جيان ٺگ ۽ ايجنٽ نہ هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي اڙدائي رياست کي ناگوار لڳي ۽ کيس راهہ ويندي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. هن رياست گذريل سٺ سالن کان اسان جي خلاف اڻ ڳڻيا ڏوهہ ڪيا آهن. اسان جي وسيلن کي ڦُريو ۽ لُٽيو آهي،اسان جي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ کي سلب ڪيو آهي، انفرادي ۽ اجتماعي توهين ڪئي آهي پر هن جا اسان خلاف جيڪي معاف نہ ڪري سگهڻ جهڙا سنگين ڏوهہ آهن، مير مرتضيٰ ڀُٽي جو قتل بہ انهن مان هڪ آهي. وقت جي دفتر ۾ اهي سڀ ليکا درج ٿيل آهن ۽ هڪ ڏينهن اهو حساب ضرور ٿيندو.

مير مرتضيٰ ڀُٽو جيتوڻيڪ نظرياتي طور ڪو انقلابي نہ هو پر هو انقلابيت جي مٿيءَ مان ڳوهيل ضرور هو. هن جي سوچ، خواهشون ۽ خواب انقلابي هئا پر هن جو فڪر ۽ تربيت انقلابي نہ هئي. جي کيس سازگار



www.sindhsalamat.com

حالتون، صحيح ليڊرشپ ۽ تربيت ملي ها تہ هن ۾ هڪ آدرشي انقلابي ٿيڻ جون سموريون خوبيون موجود هيون. هڪ جاگيردار طبقي منجهان ۽ بغير تربيت ۽ اڳواڻيءَ جي هو جنهن حد تائين انقلابي ٿي سگهيو ٿي، ان حد تائين هن کي غير روايتي معنيٰ ۾ هڪ انقلابي ضرور سڏي سگهجي ٿو. هن کي هن نظام ۽ ان جي سموري اسٽيٽسڪو کان سخت نفرت هئي. هن پنهنجي سياسي سفر ۾ وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي نہ ڪنيو اها بہ ڳالهہ آهي تہ هن کي اها سمجهہ نہ آئي تہ بنيادي تبديليءَ لاءِ رڳو هٿياربند نوجوان ڪافي نہ هوندا آهن پر ان لاءِ سڀ کان اڳ غير معمولي سياسي ۽ فڪري سمجهہ ۽ منظم تربيت ۽ تنظيم گهرجي، جنهن جو وٽس ڪوبہ تصور نہ هو. مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيري علي قاضيءَ جي گهر مون مخدوم خليق الزمان سان مير مرتضيٰ جي سياست جي انداز جي باري ۾ انهن ئي  خدشن ۽ تحفظات جو اظهار ڪيو هو ۽ ڪيس چيو هئم تہ هو منهنجا اهي ويچار هن تائين ضرور پهچائي، جيڪو تن ڏينهن ۾ مير مرتضيٰ سان ويجهو هو. پنهنجن فڪري ۽ سياست جي ڪمزورين کان قطع نظر مير مرتضيٰ ڀُٽو هڪ نج نبار ماڻهو هو. هو چرياڻيءَ جي حد تائين بهادر ماڻهو هو هو مخلص ۽ سچو ماڻهو هو. هن کي محسوس ڪندڙ ۽ دردمند دل هئي. هن کي هن سڄي نڳيءَ تي ٻڌل نظام کان سخت نفرت هئي ۽ هو سچ پچ بہ ماڻهن سان محبت ڪندو هو. هو چاهي ها تہ ذاتي طور هڪ حَسين ۽ پُرسڪون زندگي گذاري سگهي ها پر هن کي حُسناڪي محبت ۽ نفرت ۾ نظر آئي، جدوجهد ۽ ارڏائيءَ ۾ نظر آئي، هو بهادريءَ ۽ ڪمٽمينٽ کي حُسناڪي سمجهندو هو. هن کي وات سمجهہ ۾ نہ آئي پر هو عوام جي زندگيءَ ۾ آزادي ۽ خوشحالي آڻڻ جا خواب ڏسندو هو ۽ پنهنجي انداز سان ان لاءِ جدوجهد ڪندو هو. مير مرتضيٰ جي شهادت سنڌ جي روح جو اهو گهاءُ آهي، جيڪو 11 سال گذرڻ باوجود ڀرجي نہ سگهيو آهي ۽ نہ ئي سنڌ پنهنجي هن بهادر پُٽ کي اڄ تائين وساري سگهي آهي.

هن ڪتاب ۾ اهي سمورا ليک شامل آهن، جيڪي مختلف ليکڪن مير مرتضيٰ ڀُٽي جي شهادت جي موقعي تي مختلف اخبارن ۾ لکيا هئا، جن کي دوست ممتاز گوپانگ سهيڙي ڪتابي شڪل ڏني آهي. جيتوڻيڪ هنن مان ڪنهن بہ ليک جو ليکڪ هن جي پارٽيءَ سان وابستہ نہ هو پر ڪتاب پڙهي محسوس ٿيندو تہ ماڻهن  هن سان ڪيتري نہ محبت ٿي ڪئي ۽ مير مرتضيٰ



www.sindhsalamat.com

جي شهادت کي سنڌ جي هر ماڻهو ڪيئن نہ پنهنجي روح جي گهراين مان محسوس ڪيو هو. مير مرتضيٰ ڀُٽو هڪ اهڙو ڪردار هو جنهن جي زندگيءَ ۽ شهادت تي هڪ زبردست ناول لکي سگهجي ٿو ۽ ڪنهن کي ان موضوع تي قلم کڻڻ گهرجي.

مير مرتضيٰ ڀُٽي جي زندگيءَ تي دوست ممتاز گوپانگ طرفان سهيڙيل هن ڪتاب جي ڪاوش ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ سنڌ پنهنجي هن بهادر پُٽ کي اجا نہ وساريو آهي. جڏهن بہ سنڌ ۾ آزادي، امن ۽ خوشحاليءَ جي خواب ساپييان ماڻي تہ ان ۾ مير مرتضيٰ جي عوام سان محبت ۽ ڏنل قربانين جي پٽيءَ کي ڪير بہ وساري نہ سگهندو. هو اسان جي دلين ۽ محبتن ۾ اڄ بہ زندهہ آهي.

---

مير مرتضيٰ ڀُٽي تي لکڻين جي ڪتاب جو مُهاڳ – 2007ع



www.sindhsalamat.com

# سنڌو سيپتا ۾ پٽائيءَ جو عاشق انور پيرزادو

انور پيرزادي جي لاڏاڻي کي سَت سال گذري ويا آهن پر هڪ لمحي لاءِ بہ دل ناهي مڃيو تہ هو اسان ۾ سنڌ کان موڪلائي پٽائيءَ جي پار هليو ويو آهي. هڪ سدا مرڪڻو ڏاهو جاکوڙي، سنڌ جو عاشق، پٽائيءَ جو انوکو پارکو شاعر ۽ ليکڪ انور پيرزادي کي مرحوم ڪيئن لکجي؟ محفلن جو مور، سدائين ڳولا جي پنڌَ ۾، سڄو ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن تخليقي ۽ کوجنائي ڪِرت ۾ رُڌل. فطرت، سنڌ ۽ پٽائيءَ سان پيار ڪندڙ انور پيرزادو کي جنهن جنهن بہ ڏٺو ان کان ڪيئن وسرندو. منهنجو تہ ساڻس بيحد قرب ۽ ساڃاهہ جو تعلق هو، جيڪو رَت جي رشتن کان هزارين ڀيرا وڌيڪ سگهارو ۽ حسين ٿيندو آهي.

انور پيرزادي سان منهنجي پهرين ملاقات 1987ع ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ عبدالرحمان نقاش سان گڏ ٿي. عبدالرحمان نقاش منهنجو بيحد پيارو دوست هو ۽ هو ڪراچي پريس ڪلب ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو هو، جڏهن مان اتي پهتس تہ انور پيرزادو بہ اتي ويٺو هو. اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاتو ۽ هو مون سان بيحد قرب سان مليو. اتفاق سان بہ ڏينهن اڳ هلال پاڪستان ۾ منهنجو لطيف سائين تي مضمون ڇپيو هو، جيڪو انور پيرزادي پڙهيو هو ۽ هن کي وڻيو هو. سو اسان جي پهرين ڪچهري لطيف سائين تي ٿي. انور هميشہ لطيف سائينءَ کي پٽائي چوندو هو. مون انور پيرزادي کان اڳ لطيف سائين تي صرف ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي ۽ پليجي صاحب کي ٻڌو هو پر مون محسوس ڪيو تہ انور پيرزادي وٽ وري لطيف شناسيءَ جو هڪ ٻيو ۽ مختلف پاسو هو. پهرين ڪچهريءَ ۾ مون محسوس ڪيو تہ هن کي لطيف سائينءَ جي سدا حيات ۽ حسناڪ ٻولي سان وڌيڪ موهہ هو. هو لطيف سائين جي ٻوليءَ جي حسناڪين جا نقطا ڳولي ڳولي بيان ڪري رهيو هو ۽ ان تي ٻي ساختہ داد ڏئي رهيو هو. مون کي اڄ بہ اها ڪچهري هوبهو ياد آهي. ان کانپوءِ اسانجون اڪثر ڪچهريون ف۔م لاشاريءَ وٽ ٿيڻ لڳيون. اهو هلال پاڪستان جي عروج جو زمانو هو. سندن ان ٽهيءَ ۾ انور پيرزادو، ف—م لاشاري، عبدالرحمان نقاش، ڪليم لاشاري، بدر ابڙو، نصير اعجاز سڀ ڪمال



www.sindhsalamat.com

جا ماڻهو هئا. صحافت بظاهر سندن پيشو ۽ شعبو هو پر هو بنيادي طور اديب ۽ ترقي پسند فڪر جا ليکڪ هئا. مون سندن محبت مان تمام گهڻو پرايو منهنجي گهڻي ويجهڙائي خاص طور عبدالرحمان نقاش، فـــم لاشاريءَ ۽ انور پيرزادي سان هئي.

انور پيرزادو هڪ گهڻ رُخي شخصيت ۽ گُڻن جو مالڪ سنڌ جو هڪ دلبر ماڻهو هو. موهن جي دڙي جي سيپيتائي مِٽيءَ مان ڳوهيل هي ماڻهو سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب پڙهيو. يونيورسٽيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو فوج ۾ نوڪري ڪيائين ۽ اوير بنگال خلاف آپريشن جي احتجاج طور اها ملازمت ڇڏيائين. صحافت سان وابسته ٿيو سنڌ جي ماڳن، مڪانن، تهذيبي ورثي ۽ سنڌو درياهه تي کوجنا جي سلسلي ۾ ڪليم لاشاري ۽ بدر ابڙي سان گڏجي وڏا پنڌ ڪيائين. پٿائيءَ تي هميشه لکندو ۽ ڳائيندو رهيو. شاعر هو سو شاعري سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. ترقي پسند تحريڪ جو هڪ ڪارڪن هو. بهترين ترجمي نگار هو پر اهي سڀ رڱو سندس ظاهري طور مختلف روپ هئا. انور پيرزادو بنيادي طور هڪ تخليقي ۽ جاکوڙي ماڻهو هو جنهن جي محبت جا محور سنڌو سيپيتا ۽ پٿائي هئا. سنڌ جو ڪهڙو تاريخي ماڳ مڪان، تهذيبي ورثو ۽ هنڌ هوندو جتي سنڌ جو هيءُ ڪاهوڙي جاکوڙي پنهنجا رنڊ نه ڇڏي آيو. سنڌ جو هيءُ عاشق شايد سنڌ جي وجائجي ويل عروج ۽ عظمت جا نشان تاريخ ۽ تهذيب جي ميسارجي ويل ۽ وساريل ورثي مان نئين سر ڳولي نئين سنڌ ۽ دور کي اهو ٻڌائڻ چاهيندو هو ته اها اٿوَ حقيقي سنڌ. مونکي پڪ آهي ته سنڌ جي تهذيبي ورثي جي کوجنا ۽ پٿائي شناسي پٺيان هن جو محرڪ جذبو ۽ خيال اهو ئي هو. هو جڏهن ڪچهرين ۾ سنڌو سيپيتا ۽ پٿائي تي ڳالهائيندو هو ته هن جي مرڪ، اندر جو اتساهه ۽ بي ساخته خوشيءَ جو احساس هن جي چهري کي ٻهڪائي ڇڏيندو هو. ان مان ئي خبر پوندي هئي ته هن شخص جي جاکوڙ اڻ ترڻ ۽ کوجنا جي پويان ڪهڙو ازلي اتساهه هو جيڪو هن کي هڪ طرف سُک سان ويهڻ نه ڏيندو هو ۽ ٻئي طرف هن کي ڪڏهن به نراس ٿيڻ نه ڏيندو هو. هن لاءِ پٿائي به سنڌو سيپيتا جي عظمت جو ئي اهڃاڻ هو. جيڪا هزارن سالن جو تسلسل هئي ۽ آهي پر جيڪا هاڻي پنهنجي غلاميءَ ۽ زواليه دور ۾ هلي رهي آهي. هو تاريخ ۽ تهذيبي ورثي ۽ پٿائيءَ معرفت سنڌو سيپيتا کي دريافت ڪرڻ چاهيندو هو.



www.sindhsalamat.com

ظاهر آهي تہ اهو هڪ مسلسل عمل آهي، سو ان ڏس ۾ جيترو هن کان پڳو اهو هن ڪيو.

انور پيرزادي سان مون کي ڪجھ عرصو گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو بہ مليو. اها 1994ع ۽ 1995ع جي ڳالھ آهي. مان انور پيرزادو ۽ نصير مرزا پي ٽي ويءَ تي هڪ مشهور ادبي پروگرام ڪندا هئاسين، جنهن جو نالو ”اڄ جو مهمان“ هو ۽ انجو پروڊيسر مرحوم فيض ٻگهيو هوندو هو. ان پروگرام ۾ مان مستقل ميزبان هوس ۽ مون سان ڪڏهن انور پيرزادو تہ ڪڏهن نصير مرزا ميزبان هوندا هئا. اسان ٽن ڄڻن دوستن ان ۾ يادگار انٽرويو ڪيا. انهن مان هڪ انٽرويو وسارڻ جهڙو نہ آهي ۽ اهو مون ۽ انور پيرزادي گڏجي سنڌي ادب جي ڏنگي ڪهاڻيڪاره خير النساءَ جعفريءَ کان ڪيو هو. مون کي ياد آهي تہ عبدالڪريم بلوچ سميت سمورا پروڊيوسر اچي گيلريءَ ۾ ويٺا هئا، ڇاڪاڻ تہ ”خيروءَ“ جون جملي بازيون بيحد تخليقي، بي باڪ ۽ چيندڙ پڻ هيون، جن ۾ خير النساءَ پنهنجي مخصوص اسلوب ۾ گهٽا لفظ بہ دل کولي چيا. ويندي پي ٽي ويءَ جي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ کي بہ نہ بخشيائين. 25 منٽن جي ان پروگرام لاءِ اسان کي خيروءَ کان سواءِ بہ ڪلاڪ انٽرويو ڪرڻو پيو تہ جيئن ايڊيٽنگ ڪانپوءِ ان مان 25 منٽ نڪري سگهن. مون کي ياد آهي تہ انور پيرزادو انٽرويو ڪانپوءِ وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو هو تہ، اهو زندگيءَ جو سڀ کان ڏکيو ۽ حسين انٽرويو هو.

انور پيرزادي سان منهنجي آخري ملاقات وارهہ ۾ اسان جي هڪ گڏيل دوست منظور احمد مارفاڻي وٽ ٿي هئي. انور ڪراچيءَ کان ڪهي آيو هو ۽ مان قمبر کان آيو هوس. سڄي رات واهہ جو ڪچهري ٿي هئي. هن جو رنگ، انداز، موضوع، مرڪ ۽ اتساهہ هميشہ ساڳيا. ڀلا جنهن ماڻهو جي اندر ۾ سنڌو سڀيتا جو روح ۽ ڀٽائيءَ جو فڪر هجي، اهو ڀاڻ ڪيڏو نہ حسين ماڻهو هوندو! انور سنڌ جي باشعور زندگيءَ ۾، دوستن، ساٿين، ڄاڪوڙين ۽ ڪاهوڙين ۾ سدائين مرڪندو ۽ جرڪندو رهندو! هر آدرشي ۽ تخليقي انسان کي زندگيءَ ۾ اهو ئي انعام ملندو آهي، جنهن سبب انور جي ازلي مرڪ ۽ سڳنڌي وجود امرت ماڻي ويا.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 07 جنوري 2015ع



www.sindhsalamat.com

# هڪ جاکوڙي ۽ آدرشي انسان جو وِڇوڙو!

مون هن کي پهريون ڀيرو 1987ع ۾ پنهنجي شهر قمبر ۾ ڏٺو جتي هو هڪ ترقي پسند شاگرد اڳواڻ طور تنظيمي دوري تي آيو هو ۽ پهرين ئي ڪچهريءَ ۾ هن مون تي سُٺو تاثر ڇڏيو هو. هِڪُ سَنهڙو سِيپَڪڙو پر نهايت سرگرم ۽ سهڻو جوان, جنهن ۾ پڙڪو هو اکين ۾ جوت ۽ شخصيت ۾ بي پناهه اُتساهه هو. اُهو دور اهڙو هو جو سياسي ڪارڪنن ۾ تنظيمي تعصب جو لاڙو اوج تي هو پر مون ڊي ايس ايف جي اڪثر مرڪزي اڳواڻن امداد چانڊيي, محمد خان سولنگي ۽ علي حسن چانڊيي کي ان تعصب کان مٿيرو ڏٺو. اسان جي پهرين ڪچهريءَ ۾ بحث مباحثو تہ گهڻو ٿيو پر اهو هڪ سنجيده بحث مباحثو هو جنهن ۾ روايتي ڪج بحثي ۽ مناظري بازي بلڪل نہ هئي. هونئن بہ علي حسن چانڊيو ڪچهرين ۾ گهڻو ڳالهائڻ کان وڌيڪ گهڻو ٻڌڻ پسندڪندو هو يا بنيادي سوال رکندو هو. جيتوڻيڪ هو مون کان عمر ۾ ڇهہ سال وڏو هو پر اسان ساڳئي دور ۾ شاگرد سياست ۾ سرگرم رهياسين. سنڌ يونيورسٽيءَ جي زماني ۾ هو اڪثر مون وٽ ايندو هو ۽ اسان جون طويل سياسي ڪچهريون ٿينديون هيون. آصف بالادي, عرفان مهدي, علي حسن چانڊيو ۽ مان هونئن تہ مختلف بلڪ متضاد تنظيمن سان لاڳاپيل هئاسون پر اسان جي وچ ۾ ڪڏهن بہ تنظيمي ۽ سياسي تعصب نہ رهيو. عرفان ۽ علي حسن تہ گُمهلو موڪلائي ويا پر آصف بالادي ۽ منهنجي دوستي اڄ بہ ساڳي آهي. هو سياسي ڪارڪنن جي ان نسل ۽ لڏي مان هو جن سياست جي شروعات ئي نظرياتي سياست سان ڪئي هئي ۽ هن آخر تائين نظرياتي ادب پڙهڻ ۽ سياسي ادب لکڻ جي روايت کي نہ ڇڏيو. اسان جي وچ ۾ دوستيءَ جو اهو ناتو جيڪو 1987ع ۾ قائم ٿيو اهو آخر تائين نہ رڳو برقرار رهيو پر وقت سان گڏ وڌيڪ پختو ٿيندو ويو.

علي حسن چانڊيو سنڌ جو نهايت سيبتو فضيلت ڀريو سنجيده ۽ نهتو نظرياتي سياسي ڪارڪن هو جنهن پنهنجي پنجاهہ سالن جي حياتيءَ مان لڳ ڀڳ پنجٽيهہ سال هڪ سرگرم سياسي ڪارڪن طور گذاريا. دور مٿيا



www.sindhsalamat.com

هوندا، حالتون ۽ سندس سياست جا پليٽ فارم تبديل ٿيا هوندا پر علي حسن نہ جو نہ بدليو. سدائين سرگرم، اڳتي نهاريندڙ ساٿ کي گڏ ڪٽي هلندڙ اختلاف جو احترام ڪندڙ سدائين سِڪندڙ ۽ اُميد پسند۔ اِهي خوبيون اڄوڪي دور جي سياسي ڪارڪنن ۾ وِرلي نظر اچن ٿيون. حيدرآباد جڏهن بہ ايندو هو، مون کان پيرو نہ ڇڏيندو هو. سوال، ڪتاب، سنڌ جو آئيندو، سنڌ جي سياست، ڪراچيءَ جي مالڪي سدائين سندس گفتگوءَ جا موضوع هوندا هئا. جيتوڻيڪ هن ڪابيءَ ڏر جي انقلابي سياست کان قومي سياست ڏانهن سفر ڪيو هو پر علي حسن جا بنيادي ويساهہ، آدرش ۽ قدر سدائين ساڳيا رهيا. هن ڪڏهن بہ قومي ۽ طبقاتي سوال کي ڌار ڌار ڪري نہ ڏٺو. علي حسن ۾ مون ٿي خوبيون اهڙيون ڏٺيون، جيڪي اڄوڪي دور ۾ خاص طور سياست ۽ سياسي ڪارڪنن ۾ وِرلي نظر اينديون. علي حسن هڪ بيحد سنجيده سياسي ڪارڪن هو. مون هن کي گذريل ڇويهن سالن ۾ ڪڏهن بہ غيرسنجيده نہ ڏٺو. پاڻ وقت سان گڏ وڌيڪ پختگي ۽ وضعداري آئي. ٻيو هو نهايت سرگرم سياسي ڪارڪن هو. هو گهڻي وقت کان بيمار هو پر تڏهن بہ وِرچي نہ ويٺو. ڏينهنُ راتِ، سردي، گرمي علي حسنَ جو پَنڌُ نہ کُٽندو هو ۽ هن جي اڻ کُٽ پنڌَن جا رندَ سڄيءَ سنڌ جي واهن وستين ۽ شهرن ۾ نظر ايندا. شايد اهو ئي سبب هو جو علي حسن ڪڏهن بہ مايوس، ويڳاڻو نااُميد ۽ ٿڪل نظر نہ آيو. باعمل ماڻهوءَ جو انعام ئي اُتساهہ هوندو آهي. خودقياسي، نااُميدي، اويساهي ۽ منفيت بي عمل ماڻهوءَ ۾ ٿيندي آهي. هو هميشہ ماضيءَ بجاءِ آئيندي تي ڳالهائيندو هو ۽ اها سوچ سندس سياسي ڏاهپ جو مظهر هئي. علي حسن جي ٽين خوبي سندس علم دوستي ۽ نظرياتي ڪارڪن هجڻ هو. بيحد عملي ۽ سرگرم سياسي ڪارڪن هئڻ باوجود علي حسن ڪڏهن بہ پنهنجو ناتو ڪتابن، فڪر ۽ علم سان نہ ٽوڙيو. گذريل پنجن سالن ۾ ٻہ سُنا ڪتاب لکيائين ۽ ٽيون ڪتاب سندس مختلف لکڻين ۽ تقريرن جو پڻ شايع ٿيو. اڄوڪي دور جي اڪثريتي سياسي ڪارڪنن ۾ سنجيده نظرياتي مطالعي جي ئي کوٽ آهي، ڪتاب لکڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي. جن سياسي پارٽين کان اختلافن سبب جدا ٿيو انهن بابت بہ ڪڏهن ذاتيات تي لهي نہ آيو جيڪو وَڏُ رڳو ڪنهن نهايت پختي ۽ ڏاهي سياسي ڪارڪن جو ئي ٿي سگهي ٿو. مون هن کي وڏي سهپ واري سياسي ڪارڪن ۽ ليڪڪ طور



www.sindhsalamat.com

ڏنو. مهاڳ لاءِ مون کي ڪتاب ڏنائين. ڪتاب مون وٽ اَٺ مهينا پيو رهيو مان مهاڳ لکي نہ سگهيس. ڪتاب ڇپائي ڪاپي ڪٽي آيو مان دل ۾ ڦِڪو ٿيس تہ هن ڪِلي وضعداريءَ جو ثبوت ڏيندي چيو "ادا! پُڏو اٿم تہ پليجي ۽ جويي صاحب جي ڪتابن جا مهاڳ لکڻ ۾ بہ توهان کي سال لڳا. سو منهنجو وارو تہ اجا دير سان اچي ها. ان ڪري ڪتاب ڇپائي ڇڏيم." سندس چهري تي ڪوبہ مياري ڪرڻ وارو تاثر نہ هو. ايئن انيڪ موقعن تي مون هن جي وضعداري ۽ سهپ ڏٺي. مون علي حسن کي ڪڏهن بہ ڪنهن جون گلائون ڪندي نہ ڏٺو جيڪو رويو سنڌي سماج جي هيٺين وچولي ۽ وچولي طبقي ۾ عام آهي. ننڍڙا ماڻهو رڳو ماڻهن تي ڳالهائيندا آهن پر اندر جا وڏا ماڻهو ماڻهن بجاءِ تصور ۽ عملن تي ڳالهائيندا آهن. علي حسن ۾ مون اها خوبي بيحد ڏٺي.

علي حسن چانڊيي جهڙي نظرياتي، سرگرم ۽ پختي سياسي ڪارڪن جو وڇوڙو رڳو هڪ جسم جو وڇوڙو ناهي پر سنڌي سماج جي هڪ بيحد سرگرم ۽ سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ وجود جو وڇوڙو آهي. هن ڪان اڳ بشير خان قريشيءَ جي ڪُمهلي وڇوڙي بہ سنڌ کي وڏو هاڃو رسايو ۽ هاڻي وري علي حسن جو اوچتو ۽ ڪُمهلو موت سچ پچ تہ سنڌ لاءِ ڪنهن وڏي هاڃي کان گهٽ ناهي. سنڌ کي اهڙا سوين ۽ هزارين حلالي پٽ ۽ ڌيئرون گهرجن. جيڪي پنهنجو وقت، سگهہ، رَت ۽ سَتُ سنڌ ۽ ان جي مظلوم عوام جي آجپي لاءِ ارپين. علي حسن چانڊيو ڀاڳ وارو هو. جنهن کي ننڍڙي ڄمار ۾ سُتو ۽ سياڻو ڏڳُ مليو شعور ۽ عمل جو ميدان مليو ۽ هو ان راهہ تي زندگيءَ جي آخري ساهہ تائين هلندو رهيو. قومن ۽ سماجن جي نجات هڪ مسلسل عمل آهي، جنهن ۾ هرڪو پنهنجو وارو وڄائي ٿو وڃي ۽ پويان ان پنڌ تي هلڻ وارن لاءِ اُتساهہ ۽ ويساهہ ڇڏي ٿو وڃي. علي حسن چانڊيي جي حياتي بہ سجائي وئي. هو پنهنجي وطن ۽ عوام جي نجات جو ڳولائو هو ۽ اياز ڪيڏو نہ حَسين چيو آهي تہ "ڳولا خود بہ تہ آزادي آ، ساري عمر سجائي وئي..." سنڌ کي پنهنجي هن سيبتي پُٽ جي ڪوٽ جدوجهدن جي ميدان تي هميشہ محسوس ٿيندي.

هو مون سان سدائين رڳو فون نہ ڪڻڻ تي اَرهو ٿيندو هو سوچيان ٿو تہ هو هاڻي منهنجي جوابي فون ڪال ڪڏهن بہ وصول نہ ڪري سگهندو جو اُن اَپار ڏِسائن ڏانهن ويندڙ ميارون ڏيڻ ۽ وٺڻ کان بي نياز ٿي ويندا آهن.

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 26 جولاءِ 2013ع



www.sindhsalamat.com

# ”ساري سنڌ حَسن جو پاڇو!“

وقت جو سرڪش گهوڙو بيپرواهيءَ سان برق رفتار ٽاپوليون هڻندو، ڊوڙندو نہ پر اُڏامندو اڳيان وڌندو ٿو وڃي ۽ پويان اُٿندڙ ڌوڙ زندگيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا منظر ئي تبديل ٿي ڪري ڇڏي، اُن جي هن کي پرواهہ ئي ناهي. پَهر، ساعتون، ڏينهن، راتيون، مهينا ۽ سال گذرندي ويرم ئي نہ ٿي ٿئي. منهنجي محبوب دوست ۽ سنڌ جي دلبر شاعر حسن درس کي اسان کان جدا ٿئي اڄ پريو سال ٿي ويو. تصور جون اکيون ٻُوٽجن ٿيون تہ ويساهہ ئي نہ ٿو اچي پر ويساهہ اچي بہ تہ ڇو؟ هو تہ هميشہ جيان هيءُ سڄو سال بہ اسان سان گڏ هو. دلين ۾، روح ۾، يادگيرين ۾، خوابن ۾، خوشين ۾، ڏکن ۾، ڪچهرين ۾، ادبي محفلن ۾، ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان، اُتر، لاڙ ۽ ننگر ۾. سنڌ جو ڪو رنگ ۽ انگ ناهي جتي مون حسن کي نہ ڏٺو هجي، هن جي موجودگيءَ جي تصور جو جمال نہ پَسيو هجي. حسن کي ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو لڳندي هئي، هن سنڌ جي لوڪ ڏاهي شاعر کي اِها سُڌِ ئي نہ هئي تہ هڪ ڏينهن ساري سنڌ هن جو پاڇو ٿي ويندي. محبت ۽ فن جو معراج اِهو ئي تہ هوندو آهي ۽ سائِٿَ جي سربلندي ۽ سياڳ ٻيو ڇا ۽ ڪهڙو هوندو ڀلا؟ هن جي حَسين ڪائناتي مُرڪ اهو سڄو سال اسان کي لِڪي لِڪي ڏسندي رهي، اسان ڏانهن ڏورانهين ڏيهہَ مان واجهائيندي ۽ نِهاريندي رهي، اسان کي روح سان سڏيندي ۽ دل جي آئيني سان گهُوريندي رهي. سو ڪير ٿو چئي ۽ اهو اياڻو سچ ڀلا ڇو تہ قبولجي تہ حسن کي وَئي سڄو سال ٿي ويو آهي. ماڻهوءَ جو جسم مِٽي آهي، سو نيٺ مِٽي وڃي مِٽيءَ سان ئي ملندي. اڄ نہ تہ سڀاڻي_ اهو ئي جسم جو ڪُل جهان آهي، پر حسن رڳو جسم تہ ڪونہ هو. هو تہ حُسن هو، گِهرو خيال هو، ڪائناتي تصور هو، لطيف احساس هو، لوڪ ڏاهپ جو اهڃاڻ هو، سنڌ ۽ ڪائنات سان عشق جو سرمست آلاپ هو، تخليقي ذات هو، ڪيف هو، سفر هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ زندگيءَ جو متحرڪ تخليقي اهڃاڻ هو. پوءِ ڀلا ڪيئن چئجي تہ حسن ويو هليو! ڳالهہ سڄي دل جي آهي. وڇوڙو اُهو جيڪو دل مڃي! وڇوڙا ۽ ميلاپ دلين جا هوندا آهن. منهنجيءَ دل، روحَ ۽ مَن گذريل سال کان هڪ



www.sindhsalamat.com

لمحي لاءِ بہ اهو قبول نہ ڪيو آهي تہ ڪو حسن اسان ۾ نہ رهيو آهي ۽ هو ڪنهن اجاتي ۽ اَپار جهان ۾ آلوپ ٿي ويو آهي! هن جو فون نمبر اڃا بہ منهنجيءَ موبائيل ۾ آهي، هن جي مُرڪ منهنجي تصور جي آسمان تي هميشہ آواره بادلن جيان هلندي رهي ٿي. هن جو اوسيئڙو سڄو سال هر شام رهيو اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ هميشہ جيان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ۽ هٺيلو هو سو نہ جو نہ آيو پر سندس تصور "واءُ ۾ خوشبوءَ" جيان گهُلي آسپاس سندس موجودگيءَ جو لطيف احساس ڏياريندو رهيو ۽ هن هٺيلي حسن کي ان جي پرواهہ هونئن بہ ڪڏهن هوندي هئي تہ سندس يار سندس پُڄاڻان اوسيئڙي جي راهن ۾ رُلي ويندا. هو پاڻ بہ تہ ڪا تازي گهوڙي جي ٽاپولي هو جنهن جو رڳو احساس باقي رهجي ويندو آهي. حسن جو جتي قرب، پيار، دلبري ۽ سارَ بي مثال هوندا هئا، اُتي سندس رُساما بہ وسارڻ جا نہ آهن. سو لڳي ٿو تہ هن پيري هن جو رُسامو ڊگهو ٿي ويو آهي، پر ڪيس ڪٿي ڳولي پرچائجي؟

"اسان ڪون ڇوڙ ڳيئي دلبر اسان تيڪون ڪٿي ڳوليون!"

هو تہ پرچڻ لاءِ بہ هميشہ پاڻ اچي نڪرندو هو. يار هاڻي توکي ڪٿي ڳولجي؟ جهمپير جون ڪجيون تہ پاڻ تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهن. رسول بخش درس تو لاءِ در در واجهائيندو وتي، صالح ورڙ جي ڳوٺ جو اُهو لهندڙ سورج جيڪو توکي مهاڻي ٻار وانگر لڳندو هو اهو روز تنهنجي اوسيئڙي ۾ اُڀري ٿو ۽ روز اُپاڻڪو ۽ نِراس ٿي لهيو وڃي. ننگر ۾ پيڙ تلاءُ جو آخري ڇيڙي وارو اهو ڳوٺ جتي پاڻ گڏجي پڳتن کي ٻُڌندا هئاسون – سنڌ جي ميران ٻائيءَ نانوءَ جو ڳوٺ توکي روز ساري ٿو ڪاسبي جا مورَ توکي ساري، ٺهوڪي ٺهوڪي سَهڪي ساٽا ٿي پيا آهن– ڪاڇي جو سانوڻ فقير جيڪو توکي مستيءَ ۾ اچي صوفياڻو ڪلام ٻُڌائيندو هو تہ "مون ڪان سواءِ ٻيو سَهندُئي ڪيرا" – ۽ تنهنجو پُراسرار ۽ حَسين ڳوٺ جيڪو سدائين ميلاپ جو ميدان هو اهو تنهنجي وڇوڙي جو تڏو ڪيئن ٿو ٻڌجي سڳهي يارَا! تنهنجي ڳوٺ تي تہ ڪڏهن ايترا مِينهَن بہ ڪڏهن نہ وُٺا هوندا، جيترا تُنهنجي يارن جا ڳوڙها مشائخ هوتيءَ جي زمين تي پيا هئا ان اپاڳي ڏينهن. ڏاڏي مشائخ جي درگاهہ تي تہ پاڻ راتين جون راتيون ويهي سڄي ڪائنات جون خبرون ڪندا هئاسون، ڪيف ۽ سرمستيءَ ۾ ڪائنات جا راز پروڙيندا هئاسون. اهو ساڳيو



www.sindhsalamat.com

ڪيف ۽ سرمستيءَ جو ميدان ”پسيو بازارون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي!“ جو مثال لڳو پيو آهي.

حسن يار تون تہ لڙي ئي ڪونہ ٿو ڏسين. بيپرواهہ ۽آواره گرد تہ تون بلا جو هئين پر ايئن تون رُسامي جي پنڌ جا پيرا تہ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏاهيندو هئين! ايڏي ڪاوڙ ايڏي ٽُبي، ايڏي گهُٽَ. هن نئين دور جا راءِ ڏياچ! توکي ڪهڙو بيجل ڪينرو وڄائي، ڏُتاري ڪنهن ٻئي پار ڪٽي ويو! توکي تہ دل تي چٽر بہ چڳي نہ لڳندي هئي. پوءِ تون هيترن پيار ڪندڙن جي دلين جون دنيائون ويران ڪري ڪيئن ٿو ڪنهن ٻئي پار وڃي سگهين! ماڻا هن ڪي ٿهندا هئا جو هو هر دوست جو محبوب هو سو ماڻا تہ محبوبن جي سونهن هوندا آهن. هن پيري هن جو رُساڻو ۽ ماڻو طويل ٿي ويو آهي ۽ اها طوالت شايد سڄي حياتي دل ۽ روح ۾ ڪانُ ٿي چُڀندي رهندي ۽ هن جي سارَ پڳي هَڏَ جيان دلين جا چاڪ پئي چڪائيندي. شايد سمجهيو هو تہ اسان سچ پچ بہ ڪي سگهارا ماڻهو آهيون جو سندس هن ”ماڻي“ جي سَٽَ بہ سهي ويندا سون. مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو پاڻ کي تمام هيڻو سمجهيو جڏهن هو اکين آڏو ڏرتي ماءُ جي هنج ۾ هليو ويو. هي چا ڪيئي يارَ! مڙئي زماني آڏو سگهارا ٿيو ٿهيو پئي هلياسون. هڪ ڏَڪَ سان وائکو ڪري ڇڏيئي، صفا بي نقاب! لطيف سائينءَ چيو آهي تہ:

ڪُهـن تـان ڪَـرَ لهـن، ڪَـرَ لهـن تـان ڪُهـن،
سـيئي مـاءِ! مُهـن، سـي ئـي راحـت روح جـي!

سڄڻ ڪُهن ٿا تہ جڻ سارَ پيا لهن ۽ وري جڏهن هو سارَ لهن ٿا تہ جڻ ڪُهن پيا. محبوب بہ عجيب آهن. مارين بہ اُهي ٿا تہ جيارين بہ اُهي ٿا. حسن تہ سدائين ايئن ڪندو هو. رُسندو هو تہ بہ پيو وٽندو هو جو خبر هوندي هئي تہ هو هر ڪنهن سان رُسندو ئي ناهي ۽ پرچندو هو تہ مِلي ماري ڇڏيندو هو. سندس ڳالهيون، گفتگوءَ جو انداز، متحرڪ مزاج، عاشق مزاجي، آوارگي، سفر، داستان گوئي، معصوميت ۽ شوخي،ُرساما ۽ پرچاڻا، تصوراتي ڳالهيون، شاعراڻيون منصوبہ بنديون، ٿهڪ، اوچتو گم ٿي وڃڻ وري اچي نڪاءُ ڪرڻ- حسن ماڻهو نہ هو ڪو هماءُ پکي هو، جنهن کي ازلي بي چيني هئي. سندس اندر ۾ ڪنهن ازلي سسئيءَ جو روح هو، جنهن کي ابدي ”پنهونءَ“ جا پچاڻا من ۾ هئا. اِها ئي تشنگي هئي جنهن کيس زندگيءَ ۾ بيحد متحرڪ رکيو. سندس اندر جي ان تانگهہ کي سندس استعارن ذريعي سمجهي سگهجي ٿو. ”سمنڊ“ ۽ ”گهوڙي



www.sindhsalamat.com

جي ٽاپولي“ ان ڪري هن جي اُتساهه جا اهڃاڻ هئا جو ٻنهي ۾ حسن جي مزاج جيان مستي به آهي، سرمستي به آهي ۽ ڪا ازلي تانگهه به آهي.

منهنجي حياتيءَ جا لڳ ڀڳ ٻاويهہَ ورهيہ حسن سان گڏ گذريا. مون هن کي هر رنگ ۾ ڏٺو هر ڪيفيت ۽ هر حال ۾ ڏٺو. ماڻهو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾، ڪڏهن ماڻهوءَ جو من ماڪوڙي ته ڪڏهن ڪيهر شينهن ۽ حسن انهن سمورين ڪيفيتن مان گذرندو هو. ماڻهوءَ کي سفر ۾ پرکبو آهي ۽ مون زندگيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا سفر پليجي صاحب کانپوءِ حسن سان ڪيا. هڪ ڳالهه مون سندس هر رنگ ۾ محسوس ڪئي ته هو اندر ۾ جيڏو پُرسڪون هو اوترو ئي ڪنهن اڻاتل تانگهه ۽ تشنگيءَ ۾ ورتل هو. اُها بيچيني اندر جي وڏن ماڻهن کي ئي نصيب ٿيندي آهي. اها ئي اُها تانگهه هوندي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ڪامڻ، پڇڻ، پڄرڻ، لُڇڻ ۽ پس و پيش لوچڻ تي مجبور ڪندي آهي ۽ اها تخليقي لوچ ئي ادب، آرٽ، علم، ڏاهپ، سائنس، راڳ، مصوري ۽ انقلابيت جي زمين ٻڌبي آهي. حسن اندر جو تمام نفيس، نازڪ ۽ ساڳئي وقت تمام سگهارو ۽ ارڏو ماڻهو هو. مون کي پڪ آهي ته جي هو شاعر نه هجي ها ته ڪو انقلابي يا ويڙهو هجي ها. حسن حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ جو هڪ ماڻڪ موتي ۽ نج نبار ماڻهو هو. عجيب ماڻهو هو. هڪ طرف ڏسو ته دنيا جو جديد ترين ماڻهو- سوچن ۾، روين ۾، خيالن ۾، مقصدن ۾ ۽ ٻئي طرف صفا ڳوٺاڻو ماڻهو. زندگيءَ سان ڀرپور ماڻهو. زندگي جيڪا هن جي تصورن، خيالن ۾ به هجي ته هن جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ ۾ به. زندگي هن جي متحرڪ ۽ اندر جي سگهه ۾ به هئي ته هن جي اتساهن ۽ آدرشن ۾ به. زندگي جيڪا هن جي محبت ۽ عاشقيءَ ۾ به هئي ته هن جي پنڌ ۽ سفر ۾ به. زندگي هن جي خوابن ۾ به هئي ته حسرتن ۽ ارمانن ۾ به! هو پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي عاشقيءَ کي آگ سڏيندو هو. هن کي جتي عورت، مَڌُ، شامون، سمنڊ ۽ پلا گهوڙا وڻندا هئا، اُتي هن کي ڪانڊيري نالي هاريءَ جي نڌڻڪائيءَ جو موت به اندر ۾ وَڍَ وجهندو هو. هن کي جتي ايران ۾ خانم گوگوش جي جبري جلاوطني ناگوار لڳندي هئي، هڪ آمر طرفان احمد فراز جو سامان اُڇلجڻ ذات ۽ خيال جي بي حرمتي لڳندي هئي اُتي هن کي هن جو وطن سنڌ، هن جي عاشقيءَ جو محور سنڌ- پرينءَ جو پاڇو لڳندي هئي پر هي السٽي اوچتو ئي اوچتو جُوڻ متائي الائجي ڪيڏانهن الوپ ٿي ويو! سڄي زندگي ٽُبيون هڻندو هو- ڳوٺ کان، گهر کان،



www.sindhsalamat.com

ٻارڙن ۾ ادي ارم ڪان، يارن دوستن ڪان، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ ڪان – پر چا گذريل سال 16هين جون تي اِها هن جي آخري ٽُٻي هئي، آخري رُساٽو هو آخري ماٽو هو سدائين سفر ۾ رهندڙ جو آخري سفر هو سدائين بيچين روح جو ابدي سڪون لاءِ آخري اُڏمو هو. هن هنج ڪي چا پاتار مان اُهو موتي ملي چڪو هو چا هن جي اندر جو چڪور پنهنجي روح جي چنڊ ڪي اندر ئي اندر رَسي چڪو هو، چا هن لطيف جي ساموندڊيءَ ۾ وِهائوءَ ڪي اهو موتي ملي چڪو هو جنهن ڪانپوءِ هن زماني ۾ سون تي ڪوبه سودو نه ٿي ڪرڻ چاهيو! هن جي رهجي ويل مُرڪ نه بس اهو ئي ڪجهه ٿي ٻُڌائي. ايڏو سڪون ۽ اطمينان ڇهري ٿي! ڳوٺ مشائخ هوتيءَ جي نمن جي جهنجهيل آڳر تي هو ڪَٿ تي اطمينان سان سُتو پيو هو. منهنجي اڳيان نصير مرزا هو ۽ پويان مان. سڄي سنڌ جو شعور ان آڳر تي هنجون هاري رهيو هو مون ڪيس نِوڙي نراڙ تي آخري چُمي ڏني، پر هو صفا بيپرواهه_ نه جو نه نهاريائين. هو جيڪو ڏکيءَ ويل ۾ ”پڙاڏو سوئي سڏ“ جيان اچي رَسندو هو اُهو صفا بي نياز سُتو پيو هو. هي چا ڪيئي حسن! توتي نه هاڻ شايد ڪا ميار به اثر ڪونه ڪندي!

اُٺيـــاري اُٺـــي ويـــا، منجهـــان مـــون آزارَ،
حبيـــب ئـــي هٽـــي ويـــا، پيـــڙا جـــي پچـــارَ،
طبيـــبن تنـــوار هـــڏ نـــه وٽـــي هـــاڻ مـــون.

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 16 جون 2012ع**



www.sindhsalamat.com

# ”ساگر“ جنهن کي موت جي
# هڪ چولي ڪٽي وئي!!

اها لڳ ڀڳ چار سال پراڻي ڳالهه آهي. سنڌ ۾ عبدالله شاهه جي حڪومت هئي. عبدالله شاهه کي به ٻين حڪمرانن وانگر اڇي سنڌي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان ملڻ جو شوق جاڳيو هو ۽ هن اسان جي يار مولا بخش چانڊيي معرفت سنڌ جي چونڊ دانشورن، اديبن ۽ شاعرن کي ملاقات لاءِ مدعو ڪيو. اُن وفد جي سرواڻي شيخ اياز صاحب ڪئي هئي ۽ وفد ۾ مان به شامل هئس. جيتوڻيڪ اُها ملاقات رسمي نوعيت جي هئي ۽ اُن جو ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو پر مون کي اُها ملاقات هڪ ٻئي حوالي سان سڄي حياتي ياد رهندي ۽ اُها ڳالهه هئي هڪ ”عجيب و غريب“ شخص سان اُن موقعي تي منهنجو ملڻ. هڪ شخص، جيڪو سڄي وفد ۾ سڀني کان منفرد، پهرين نظر ۾ ئي هڪ لاأُبالي ۽ غير رسمي ٿي لڳو. وزيراعليٰ هائوس کان ٻاهر آياسون ته پري کان بيحد حُجاڻتو سڏ ڪندي ڊوڙندو آيو ۽ ڀَڪجي ويو. نِراڙ تي چُمي پاتائين ۽ هُن جا چَپ چُريا- ارشاد ”ساگر!“ ۽ پوءِ هو مان، آغا سليم، عبدالقادر جوڻيجو شوڪت شورو، مولا بخش چانڊيو، آڪاش انصاري، حسن درس ۽ احمد سولنگي، مظفر چانڊيي سان گڏ سندس اُن فليٽ تي آياسون، جيڪو اُن زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ ”اهلِ دل“ ماڻهن جو مرڪز هوندو هو. اُهو فليٽ جتي راتيون جاڳنديون هيون ۽ ڏينهن مدهوش هوندا هئا. فليٽ تي آياسون ته آغا سليم، ارشاد، آڪاش، حسن درس، احمد سولنگي ۽ مون الڳ محفل مچائي. واهه جو ڪچهري مَتي. رات به وچي لڙندي، اسان به وچون ٻي ثباتين جي پاتال ۾ لهندا ۽ اهو مست ملنگ لاأُبالي شخص پنهنجي ”عجب“ شاعريءَ سان ويو ٿي اسان جي خُمارن جا مَٽُ ڀريندو. اهو ارشاد ساگر هو. اسان جي تؤنس ۽ تشنگي به وئي وڌندي ۽ هو ته هو ئي ساگر- کُٽڻ جو ئي نه هو. ايئن ٿي لڳو جڻ اسين ذات ۽ سُخنَ جي اُٿاهه ساگر جي ڪناري تي ويٺا هئاسون ۽ هن جي واين جون ويرون ۽ شعرن جون مست ۽ بيساختہ چوليون ويون ٿي اسان جي اندر کي ڀڄائينديون. اُها محفل ارشاد واهه جو لُٽي. هن جون ڳالهيون حسن درس ته مون سان پيو



www.sindhsalamat.com

ڪندو هو پر اُن رات کانپوءِ ارشاد منهنجيءَ دل ۾ پنهنجو آکيرو ٺاهي ورتو هو.

وقت وڏو بي رحم آهي. ارشاد وري الوپ ٿي ويو. ڪجهه عرصو پوءِ هڪ دفعي پنهنجي دل گهُريي سڄڻ عبدالقادر منگيءَ سان ملڻ لاءِ سندس آفيس ويس تہ اُتي هڪ دفعو وري ارشاد ملي ويو. اُهي ئي نينهنَ پريا پاڪر ۽ نراڙ تي اُها ئي لاڙ جي ٻوليءَ جهڙي مِٺي چُمي. وري سِٽت ملڻ جو وعدو ڪري موڪلايوسين. ٻہ ڏينهن بہ نہ گذريا تہ ڪراچيءَ ۾ مون کي ڳولي اچي گهرِ لڌائين. ڪيس پنهنجي گهر ڏسي حيرت بہ ٿي تہ خوشي بہ. جڏهن پڇيومانس تہ گهر ڪيئن لَڌئي؟ تہ واهہ جو جواب ڏنائين. چيئي ”ازل جو رولاڪ آهيان، اُتي پوان تہ ابد بہ ڳولهي لهان، تون تہ مون سان سدائين ساڻ هوندو آهين. توکي لهڻ لاءِ تہ هڪ سارَ ۽ نهار ئي ڪافي آهي.“ پنهنجي فليٽ تي وٺي هليوءِ واهہ جون رهاڻيون ٿيون. سڄي رات پيتائي، فيض ۽ پنهنجي شاعري ٻُڌائيندو رهيو. يار تہ پهرين ملاقات ۾ ئي ٿي ويو هو پر پوءِ واقعي بہ يار ٿي ويو. وفا جو شعور تہ گهٽن کي هوندو آهي، پر هو تہ ”وفاشعار“ هو. ياري نڀائڻ ڪو ساگر کان سکي ها. مون کي ”محبوب“ سڏيندو هو. وڏا شهر تہ مون کي هونئن ئي گهٽ وڻندا آهن ۽ ڪراچي تہ ويتر وياڪل ڪري ڇڏيندي اٿم پر ارشاد جي دوستيءَ کانپوءِ ڪراچي مون کي وڻڻ لڳندي هئي. جڏهن بہ ڪراچي وڃڻ ٿئي، ارشاد مون سان گڏ گڏ. دونهاٽيل ۽ اندر جي ڪاڏل شهر ۾ هو مون کي محبتون ڏيندو هو. بيوفا شهر جي ساحلن جا سير ڪندي اُلفتن ۽ اُداسين جون ڳالهيون ڪندو هو. بلا جو حُسن پرست شخص هو ۽ آخر بہ تہ شاعر هو حُسناڪي۔ پوءِ اُها جسمن ۽ جوبن ۾ هجي، نگاهن ۾ هجي، موسمن ۽ بادلن ۾ هجي، پکين ۽ گُلن ۾ هجي، شعرن ۽ لفظن ۾ هجي، هو اُنهن تي موهت ٿي پوندو هو. عجيب شخص هو غير شاعراڻي ماحول ۾ رهندو هوءِ ڏينهن جا چوويهہ ڪلاڪ شاعر هوندو هو.

پنهنجي لااُبالي مزاج سبب هن جي شاعري نہ تہ گهڻو شايع ٿي سگهي ۽ نہ وري هو شاعر طور گهڻو اُڀري سگهيو. جڏهن تہ هو هڪ منفرد شاعر هو ۽ اها ڳالهہ مان پنهنجي پوري سنجيدگيءَ سان ڪري رهيو آهيان، جن ماڻهن کي اعليٰ شاعريءَ کي سمجهڻ، محسوس ڪرڻ ۽ پرکڻ جي حَس آهي ۽ جيڪي هن سان زندگيءَ ۾ ويجها هئا، تن کي خبر آهي تہ هو ڪيڏو نہ دلنواز ۽ آرٽسٽ شاعر هو. مظهر لغاري ڏاڍي سُٺي ڳالهہ چيئي آهي تہ لاڙجي پس منظر هئڻ سبب



www.sindhsalamat.com

ٻولي تہ هن جي ٻانهي هئي. لاڙ جي ٻوليءَ جو حُسن ۽ هُڳاءُ هن جي شاعريءَ جي سجاڳپ هئي. غزل ۽ نظم جو تہ بادشاهہ شاعر هو. هن کي اجا پڙهيو نہ ويو آهي. هن جي شاعريءَ کي ڳاتو ۽ محسوس نہ ڪيو ويو آهي. سمجهيو ۽ پرکيو نہ ويو آهي. نہ تہ اڄ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ارشاد ساگر جو قد گهڻو مٿي هجي ها. هڪ دفعي ارشاد مان ۽ ڪجهہ دوست شيخ اياز سان ملڻ وياسين. ڳالهين ڳالهين ۾ مون اياز صاحب کي چيو تہ سائين. ارشاد ڏاڍو پلو شاعر آهي. اوهان ڪيس ٻڌو. مون محسوس ڪيو تہ اياز صاحب منهنجيءَ ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڳالهائيندو رهيو. وري موقعو ڏسي مون اياز صاحب کي ٻيهر گزارش ڪئي. پر هن وري بہ ساڳي روش سان ڳالهہ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. جڏهن اُٺڻ وقت مون ڪيس ٽيهر چيو تہ هن شايد منهنجو مان رکڻ لاءِ ارشاد کي ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ چيو. ارشاد اياز جو وڏو مداح هو ۽ هن اياز جي روش تي ارهو ٽيڻ بدران وڏيءَ عقيدت منجهان ڪيس هڪ غزل ٻڌايو. مون ڏٺو تہ جڏهن ارشاد غزل ٻڌائيندو ٿي ويو تہ اياز جي چهري جا تاثر بدلجندا ٿي ويا. جڏهن ارشاد غزل ٻڌائي پورو ڪيو تہ هن ٿوريءَ دير ماٺ ڪري ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چيو ”اهڙو غزل جديد اردو شاعريءَ ۾ وِرلي لکيو ويو آهي.“ هاڻي اياز ڪيس پاڻ وري ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ چيو. ارشاد پنهنجو هڪ طويل نظم ٻڌايو. مون ڏٺو تہ اياز صاحب ٻهڪي اُٿيو ۽ پوءِ تہ ڪا دير ڪيس شاعري ٻڌائڻ لاءِ چوندو رهيو. جڏهن هن ڪان موڪلائي وڃڻ لڳاسون تہ در تي اياز ارشاد جي ڪُلهي تي هٿ رکي چيو ”توکي خبر آهي تہ تون ڪيڏو سُٺو شاعر آهين؟ تون پنهنجي شاعري گڏ ڪر. مان اُن جو مهاڳ لکندس. مون کي تنهنجي شاعريءَ مان پنهنجي خوشبو ٿي اچي.“

ارشاد جو الميو اهو هو تہ هن لااُبالي شخص کي اها خبر نہ هئي تہ هو ڪيڏو نہ تخليقي شاعر آهي. نہ تہ شايد هو پنهنجي شاعريءَ بابت ايڏو غير سنجيده نہ هجي ها. ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان پنهنجي شاعري نہ سهيڙيائين. اسان دوستن جي گهڻي وٺ وٺان تي ڪجهہ ڪلام ڳنو ڪيائين تہ چوري ٿي ويس يا ڪٿي خمارن ۾ وساري آيو پر بهرحال اهو ڪلام وڃائجي ويو. پنهنجي سموري شاعري ڪيس برزبان ياد هوندي هئي ۽ هن کي ڪهڙي خبر تہ هو ايئن اوچتو هليو ويندو. هو جيڪو پاڻ سُخن جو سدا وهندڙ مست ”ساگر“ هو اُن کي موت جي هڪ ڇولي ايئن کڻي ويندي ۽ هو هميشہ لاءِ الوپ ٿي ويندو. اهو سوچي عجيب ٿو لڳي ۽ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۾ ويساهہ وڌي ٿو وڃي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد. اربع 11 مارچ 1998ع



www.sindhsalamat.com

# مصدق مري نہ ٿو سگهي!

هن ملڪ ۾ هاڻي سُٺي ۽ اُتساهيندڙ خبر ڪا وِرلي ملي ٿي، هر ڏينهن پاڻ سان اَڀاڳ جا نوان سامان ۽ سَنيها ڪنيو اچي. ڪالهوڪو سِڄُ اُيرڻ شرط اِها اَڀاڳي خبر ڪٽي آيو تہ مصدق سانول هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. خبر ٻُڌڻ شرط هنياءُ ۽ رُوحَ ۾ چَڪُ لڳي ويو ڪيئن قبول ڪجي تہ اهڙي خبر ڪا سچ پچ حقيقت بہ ٿي سگهي ٿي. مصدق ڪو رڳو هڪ ماڻهو تہ نہ هو هڪ تخليقي ۽ صوفياڻو مزاج هو هڪ آواز هو هڪ آلاپ ۽ مسافر هو ۽ هڪ بيحد اُونهو ۽ نِبار ماڻهو. اُهو ڀلا ڪيئن ٿو مري سگهي! هَڏُ چَمُ تہ مري سگهي ٿو خاموش ٿي سگهي ٿو سڪوت ۾ اچي سگهي ٿو پر مصدق ڪيئن ٿو خاموش ٿي سگهي، هو ڪيئن ٿو مري سگهي! هن بابت فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي تہ هو اصل ۾ ڇا هو؟ هن کي آرٽسٽ ۽ مصور چئجي، راڳي ۽ موسيقيءَ جو ڄاڻو چئجي، هن کي سُريلو آواز ۽ درديلو آلاپ چئجي، ٿيئٽر آرٽسٽ، شاعر ۽ ليکڪ چئجي، صحافي ۽ تخليقي فلمساز ۽ فوٽوگرافر چئجي- شايد انهن سيني سڃاڻپن مان ”يا“ ڪيڏي چڱي تہ بہ ڳوٺ نہ پڄندي، ڇاڪاڻ تہ اها خبر زماني کي تہ ڇا ڪڏهن هن کي پاڻ کي بہ نہ پئجي سگهي تہ اصل ۾ هو ڇا هو؟ تڏهن تہ هو بلهي شاهہ جي لفظن ۾ پنهنجي لاءِ چوندو هو ”بليا ڪي جاڻا، مين ڪون!“

مصدق سانول اسان جي نسل جي انهن آرٽسٽن، ليکڪن ۽ آدرشين مان هو جيڪي ضياءُ الحق جي دور ۾ وهيءَ چڙهيا ۽ جن جي سُتيءَ ۾ ئي انقلابيت، جماليات، تخليقيت ۽ مقصديت پيل هئي ۽ جن کي ان تخليقي ۽ تنقيدي شعور جي ”چُڪيءَ“ چريو ڪيو هو جيڪا انسان کي ڪڏهن سُک سان ويهڻ نہ ڏيندي آهي. ملتان سان تعلق رکندڙ ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ مصدق سانول لاهور جي جڳ مشهور آرٽس ڪاليج اين سي اي مان پڙهيو ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي ئي پنهنجو مسڪن بڻائي ڇڏيائين. اَسيءَ جي ڏهاڪي جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ جڏهن حسن مجتبيٰ انگريزي صحافت ۾ پير پاتو تہ مصدق هن جو دوست بڻيو ۽ پوءِ حسن مجتبيٰ معرفت هو حسن درس ۽ اسان سميت گهڻن جو دوست بڻيو. هن جو ڪراچيءَ وارو گهر سنگت جو ”اوتارو“ هوندو



www.sindhsalamat.com

هو جيڪو آخر تائين جيئڻ جو تيئن قائم رهيو رڳو ان جو دامن وسيع ٿيندو ويو ۽ نوان نوان دوست ان ۾ شامل ٿيندا ويا. محمد حنيف، اويس توحيد، خالد احمد، شرجيل بلوچ (چانڊيو)، وسعت الله خان، اُهي سمورا دوست ان ئي لڏي جا هئا ۽ آهن. انهن مان سواءِ خالد احمد جي ڪراچي ڪنهن جو به شهر نه هو محمد حنيف اوڪاڙي جو مصدق سانول ملتان جو اويس لاڙڪاڻي جو وسعت الله خان رحيم يار خان جو حسن مجتبيٰ حيدرآباد جو ۽ پوءِ هي دوست ڪراچيءَ جي تخليقي ۽ صحافتي دنيا جا جڻ ته ڏٽي ٿي ويا، هر هڪ پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ باڪمال. ۽ منفرد ڏانوَ شعبي ۽ مزاج وارو مصدق سانول ان سڄي سنگت جو محور ۽ مرڪز هو شايد پنهنجي نهٺي مزاج ۽ ٻهڪڻي شخصيت جي ڪري رڳو ماڻهو ته نه هو جڻ هڪ گهڻن شعبن جي پوري اڪيڊمي هو. انهيءَ ڪري اويس توحيد هن کي هميشه ”گُرُو“ سڏيندو هو. هونئن ته گهڻيون ئي محفلون ياد اٿم پر هڪ پيري شيما ڪرماڻيءَ جي گهر مصدق جي ڳائڻ ۽ ان تي شيما ڪرماڻيءَ ۽ ناهيد صديقيءَ جي وجداني رقص کي پلا ڪير ٿو وساري سگهي. سبطِ حسن جو ننڍو ڀاءُ ۽ اسان جو جهونو يار رضا حسن (اردوءَ جو ڀلور شاعر ۽ سعديه دهلويءَ جو مڙس) به ان محفل ۾ هو.

مصدق طبيعت جو بنهه سادو ۽ فقيرمنش، سوچ ۾ بيحد تخليقي ۽ گهرو ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته اندر ۾ هڪ بيحد پُرسڪون ماڻهو هو. هن جي ڇهري جي ڳنڀيرتا ڏسي لڳندو هو جڻ ڪائنات جا سڀ راز معلوم اٿس ۽ غالب وانگر اها چِنتا هئس ته جڏهن ”دشتِ امڪان“ سندس پهرين قدم جي نشان هيئان آهي ته هاڻي ٻيو پلا زندگيءَ ۾ ڇا ڪجي! اِها اُها ئي پُرسڪون سرمست ڪيفيت آهي، جيڪا اندر جي وڏن ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي، اِها ڪيف جي اُها ”بادشاهي“ ڪيفيت آهي، جيڪا رڳو ”فقيرن“ کي پلئه پوندي آهي. مصدق سچي پچي معنيٰ ۾ هڪ اندر جو آزاد انسان هو هر قسم جي تنگ نظري، تعصب، مفاد پرستي ۽ سطحيت کان آجو. سڄي جڳ سان پيار ڪندڙ. هن کي غالب، فيض، پبلو نرودا ۽ لطيف يا اياز به ايترا ئي پيارا هئا. جيترو ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جي سدا حيات شاعر خواجه غلام فريد سان پيار هو ۽ هو انهن سڀني کي ڳائيندو ۽ روح سان ڳائيندو هو. سنڌ ڪيس بيحد وڻندي هئي ۽ جڏهن موهن پڳت جيئرو هو ته هن کي ٻُڌڻ مِني ايندو هو. وسعت الله ۽ شرجيل وانگر سنڌ ڏاڍي گهميو. ٿر سميت سنڌ جي لوڪ موسيقيءَ کي پنهنجي روح سان پيار



www.sindhsalamat.com

ڪندو هو. مصدق هوندئن تہ هڪ معصوم طبع ۽ سپاجهو انسان هو پر هن کي نفرت بہ بي پناهہ هئي، سڄي جهان جي ڪوڙ ڏاڍ ۽ ٺڳيءَ سان. جيتوڻيڪ هو بي بي سيءَ کان وٺي انيڪ ادارن سان وابستہ رهيو پر هن کي جڏهن ڪجهہ سال اڳ ڊان جي سائبر ايڊيشن جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو تہ ڪيترن ماڻهن اهو چئي اعتراض ڪيو هو تہ هن کي اخباري صحافت جو ايترو تجربو ناهي، ان تي ڊان جي اڳوڻي ايڊيٽر ۽ مصدق جي دوست عباس ناصر اهو چئي ماڻهن جا وات بند ڪري ڇڏيا هئا تہ مصدق هميشہ سُرن، آلاپن، رنگن، تصويرن ۽ لفظن سان صحافت ڪئي آهي، ان ڪري هن جي پيشيورانہ مهارت تي ڪوبہ رسمي معيار لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي. هو ”ڇمندي ڇام“ هو. يارن جو يار مصدق جڏهن ڊان جي سائبر ايڊيشن ۾ ايڊيٽر ٿيو تہ هن ڊان جي هفتيوار ميگزين ۾ سڄي ملڪ جي آدرشي ماڻهن جا تفصيلي پروفائيل شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ منهنجي پروفائيل لاءِ هن ميگزين جي انچارج مونيزه انعام کي چيو ۽ پوءِ مونيزه جي ليکڪ پُٽَ سرمد اهو پروفائيل لکيو. جيڪو ڊان جي اڌ صفحي تي شايع ٿيو.

ٽي مهينا اڳ مون کي منهنجي پياري دوست اويس توحيد ٻڌايو تہ مصدق کي جگر جي ڪينسر ٿي پئي آهي ۽ تون هن کي حيدرآباد گهراءِ. هميشہ جيان پُرسڪون مصدق کي چيم تہ هُن چيو تہ يار! اويس هرو پرو ٿو ڊڄي، ڪجهہ ڪونهي، سڀ ٺيڪ آهي ۽ مان جنوريءَ ۾ حيدرآباد اويس ۽ محمد حنيف سان گڏ ايندس ۽ باهہ جي مَچَ تي ڪچهري ۽ راڳ جي محفل ڪبي. يارن جا وفادار يار مصدق! هي ڇا ڪيئي! معنيٰ تون هاڻي حيدرآباد ڪڏهن بہ نہ ايندين ۽ واقعي جڏهن اندر يا ٻاهر مَچُ ٻرندو تہ تنهنجو اوسيئڙو هميشہ رهندو! توکي خاموشي ڏاڍي وڻندي هئي ۽ لڳي ٿو هن پيري تو ڏکهي خاموشي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ظاهر آهي تہ خاموشي ڪنهن کي ٻُڌائي تہ اختيار نہ ڪبي آهي، اها تہ هڪ ڪيفيت آهي، جيڪا بس اوچتو طاري ٿي ويندي آهي. پر حسن درس وانگر تون ويو ئي ڪٿي آهين جو نہ ورندين! تون هر ساز ۾ هوندين، هر سُريلي آلاپ ۾ هوندين، هر تخلياتي تصور ۾ هوندين ۽ يارن جي هر محفل ۾ هوندين! توکي پنجابي صوفي شاعر ميان محمد بخش جي سيف الملوڪ جي آلاپن ۾ ٻَڌبو. تنهنجي ڳُمهلي وڇوڙي کي دل ڪڏهن بہ نہ مڃيندي ۽ هميشہ اهو ئي چوندي ”مصدق مري نہ ٿو سگهي!“

---

**روزاني ڪاوش حيدرآباد، 18 جنوري 2014ع**



www.sindhsalamat.com

# هِندُ ۾ سِنڌُ!

1990ع ۾ جڏهن مان پهريون ڀيرو هندوستان وڃي رهيو هئس ته هتي ڪيترن دوستن چيو دهليءَ ۾ هڪ اديب لڇمڻ ڪومل سان ضرور ملجانءِ. لڇمڻ ۽ موهن ڪلپنا سان ملڻ تي گهڻو زور منهنجي دلبر دوست علي بابا ڀريو هو. ان دور ۾ منهنجي هند جي ڪنهن به اديب دوست سان ذاتي ڏيٺ ويٺ نه هئي پر سنڌي ادب جي نسبت سان سڃاڻندو سڀني مشهور اديبن ۽ شاعرن کي هئس. دهليءَ ۾ مان پنهنجي هڪ دوست دپنڪر ڀٽاچاريه جي گهر رهيل هوس، جيڪو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسٽ- ليننسٽ) جو مرڪزي اڳواڻ ۽ لوڪ سڀا جو ميمبر هو. جيڪا هندوستاني ڪميونسٽن ۾ مائوسٽن جي هڪ اهم جماعت هئي. مان هڪ ڪانفرنس ۽ فڪري تربيتي ويهڪ ۾ شرڪت لاءِ هندوستان ويو هئس، جيڪا اُتر پرديش جي شهر الهه آباد ۾ رکيل هئي، جيڪو نهرو خاندان جو اباڻو شهر پڻ آهي. لڇمڻ ڪومل ان زماني ۾ هندوستان جي هڪ وڏي اخبار ”ٽائمس آف انڊيا“ ۾ سينيئر سب ايڊيٽر هو. مون دپنڪر وٽان اخبار ۾ فون ڪئي ته جواب مليو ته اخبار ۾ لڇمڻ ڪومل نالي ڪوبه ماڻهو ڪم ناهي ڪندو. گهڻي ڪوشش ڪيم پر لڇمڻ سان رابطو نه جو نه ٿيو. مون کي اها خبر پوءِ پئي ته لڇمڻ ڪومل هن جو ادبي نالو هو پر هن جو صحافتي نالو لڇمڻ ڀاٽيا هو جنهن نالي سان پڻ هو هند جي صحافتي ۽ دانشور حلقن ۾ گهڻو مشهور هو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مان الهه آباد لاءِ نڪري ويس پر لڇمڻ جي سِڪَ ساهه ۾ سانڍيل هئي. نيٺ مون کيس الهه آباد مان خط لکي کيس پنهنجو اطلاع ڏنو ۽ ساڻس ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيم ۽ الهه آباد يونيورسٽيءَ جي ان هاسٽل جو نمبر به اُماڻيم، جتي مان رهيل هئس. ٽن ڏينهن اندر لڇمڻ جي فون آئي، چئي ”مِٺا! تون دهليءَ ڪڏهن ايندين؟ اچڻ کان اڳ اطلاع ڪجانءِ،مان توکي اسٽيسن تان پاڻ وٺڻ ايندس.“ مون کي حيرت ٿي ته هن نه رڳو مون کي سڃاتو ٿي پر هن منهنجون ڪجهه لکڻيون به پڙهيون هيون. جيتوڻيڪ منهنجي اِها علمي ۽ پارت ياترا ڪجهه مهينن جي هئي پر لڇمڻ سان ڪي ڏکيون رهاڻيون ٿي نه سگهيون.



www.sindhsalamat.com

لڇمڻ ڪومل سان تفصيلي رهاڻيون ٿيون جڏهن ٻئي سال حسن درس، مظفر چانڊيو ۽ مان ذاتي دوري تي هڪ مهيني لاءِ ڀارت ادبي ياترا تي وياسين. پهرين ملاقات ۾ گهر وٺي ويو، محبتن ۽ قربتن جا واهڙ وَهائي ڇڏيائين. گهر ۾ جاءِ نہ ٿي مليس، جتي اسان کي ويهاري، مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مَڌُ اُتي هن وٽ پيتي. رات لڙندي وئي، ڪيف چڙهندو ويو. لڇمڻ جو ڊرائنگ روم چاهہ سڄي ڪائنات خمار آلود ٿيندي وئي. دلين جا دوار کُليا، سنڌ جي اتهاس ۽ ادب جا تاڪيا کُليا ۽ من موهيندڙ ڳالهين جو گهَرُ هو جيڪو ويو اسان کي بي ثبات ڪندو. لڇمڻ کو هڪ ماڻهو نہ هو. جنهن سان اِها رهاڻ ٿي هئي، هيءَ تہ سنڌ جي ماضيءَ، حال ۽ آئيندي سان ملاقات هئي، بس ورهاڱي جي درد ۽ ڪرب جي ڪيفيت ۾ لهڻ هو زندهہ دليءَ جي هڪ پوري جهانَ سان مَڪا ميلو هو. ادب، شاعري، تنقيد، تاريخ، ڪلچر، صحافت، سياست – ڇا نہ هو جيڪو لڇمڻ جي شخصيت ۾ نہ هو. دانشور، شاعر، اديب، صحافي ۽ هڪ دلبر ماڻهو! اسان جي محفل وچي پرهہ جي ڪِرڻن کي سُويڪار ڪيو. موڪلايائين ۽ چيائين، ڏينهن جو جيڏانهن وٺيوَ وڃي گهُمو ڦِرو پر سجُ لَهي تہ هيڏي هليا اچجو.

اسان دل کولي دهلي گهمي، هو اسان لاءِ "ڪُل جا سِرِ سِرِ" هو. هو ئي هو جنهن اسان جون امرتا پريتم، اِمروز، قرت العين حيدر جهڙن وڏن تخليقڪارن سان طويل رهاڻيون ڪرايون. ڪلڪتي ۽ بمبئيءَ وياسين، رابطو ڪري حال احوال معلوم ڪندو هو. اديبن ۽ دانشورن جا هر جاءِ تي هڪٻئي سان تڪرار پيا هلندا آهن پر سنڌ جيان هند ۾ بہ سنڌي اديبن جو اِهو ساڳيو حال آهي. لڇمڻ اهو اديب هو جنهن جي زبان مان اسان ڪنهن لاءِ ڪو ٻاڙو اکر نہ ٻڌو. اها اندر جي وڏي ۽ پُرسڪون ماڻهوءَ جي نشاني هوندي آهي. سندس هڪ ڳالهہ تہ اسان کي بنهہ موهي وڌو. اهڙي وضعداري مون وِرلي سنڌي اديبن ۾ ڏٺي اهي. اسان کي خبر هئي تہ لڇمڻ ۽ وينا شرنگيءَ ۾ ذاتي طور گهڻا اختلاف هئا ۽ هو هڪٻئي سان ڳالهائڻ جي حد تائين بہ قطع تعلق ڪري چڪا هئا پر اسان کي لڇمڻ ان گهڙي وڏو ماڻهو لڳو جڏهن چوڻ لڳو "يار وينا سان ضرور ملجو سُٺي ليکڪا ۽ قربائتي انسان آهي. هرو پرو منهنجو نالو نہ کڻجوس، متان توهان جو گهربل آڌر ڀاءُ نہ ڪري سگهي." اسان حيران ٿي وياسون، ايڏو ظرف ۽ وضعداري!



www.sindhsalamat.com

لڇمڻ پنهنجي سياءَ، سوچ، اُٿڻ ويهڻ ۽ روين ۾ گهڻن اديبن کان ان ڪري به مختلف ماڻهو هو جو هڪ ته هن جو ادب جو مطالعو وسيع هو ۽ ٻيو ته هو ذهني ۽ سماجي طور محدود ماڻهو نه هو. هو دنيا جهان گهميل ماڻهو هو ۽ اِها شيءِ ماڻهوءَ جي سوچ ۽ سياءُ ۾ وُسعت آڻي ٿي.

پنهنجي مزاج ۾ لڇمڻ سِڌو ۽ بي حجاب ماڻهو هو. هو ٻنا رک رکاءُ جي چوندو هو ته هن کي اعليٰ ادب، عمدو شراب ۽ حَسين عورتون بيحد وڻنديون آهن ۽ انهن ٽن شين کانسواءِ زندگي بي سواد آهي ۽ هن جو اهو رومانوي مزاج وقت ۽ عمر سان گڏوگڏ وڌيو ضرور پر گهٽيو ڪڏهن به نه. اهڙا انيڪ واقعا ياد اٿم پر شايد هر ڳالهه لکڻ جي ناهي هوندي. ڪجهه ڳالهين جو حُسن سندن راز ۾ سمايل هوندو آهي.

1995ع ۾ هو آمريڪا مان واپسيءَ تي سنڌ آيو ته اسان جون زبردست رهاڻيون ٿيون. تاجل بيوس، شمشيرالحيدري، حسن درس، مان، آڪاش انصاري، مظفر چانڊيو، انعام شيخ، رکيل مورائي، ابوبڪر ٻُلو ساڻس گڏ ئي گڏ رهياسين. ڪي رهاڻيون تاجل بيوس جي گهر ٿيون ته ڪي ابوبڪر ٻُلي جي گارڊن، ڪراچيءَ واري گهر. سندس هڪ دعوت مون، حسن درس ۽ اعجاز قريشيءَ حيدرآباد ۾ به ڪئي. لڇمڻ شيخ اياز سان مليو جنهن تي اياز صاحب به بيحد خوش ٿيو. لڇمڻ ڪڏهن به سنڌ کان ذهني، روحاني ۽ جسماني طور پيرو نه پڳو. وقتي وقفي سان پيو ايندو هو ۽ سنڌ ۾ ته هن جو ساهه هو. سنڌ چا ان جي هر شيءِ ۾ لڇمڻ جو ساهه ۽ پساهه هو. ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ڪڏهن به هن کي سنڌ کان جدا نه ڪري سگهيو. اڪثر دهليءَ مان فون ڪري حال احوال معلوم ڪندو هو ۽ سندس دل هر گهڙيءَ سنڌ اچڻ ۽ پسڻ لاءِ سَڪون پئي ڪائيندي هئي. هن جو رڳو جسم جلاوطن نه هو پر اصل ۾ هن جو روح جلاوطن هو ۽ روحاني جلاوطني جسماني جلاوطنيءَ کان ڀدمين پيرا وڌيڪ اذيتناڪ هوندي آهي.

26 مارچ 1936ع ۾ ديوان چيلارام ڀاٽيا جي گهر ۾ ڪنڊياري ۾ جنم وٺندڙ لڇمڻ يارنهن سالن جو هو ته ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو ۽ سندس جسماني ۽ روحاني جلاوطني شروع ٿي. جيڪا ازلي ته نه هئي پر ابدي ضرور هئي. هونئن ته لڇمڻ شاعري ڪئي، ڊراما لکيا، ڪهاڻيون لکيون پر سندس شاهڪار تخليق، سندس طويل آتم ڪٿا ”وهي کاتي جا پنا“ ان ئي روحاني

جلاوطنيءَ جي ڪھاڻي آھي. سندس وھي ڪاتي جو ڪو پنو ناھي، جنھن ۾ جلاوطنيءَ جو اھو درد اُٿل نہ ڪائيندو ھجي، جيڪو ھن تہ ڇا پر پڙھندڙ جي اندر ۾ بہ وَڍَ وجھيو ڇڏي. لڇمڻ ڪي ھڪ سِٽَ ۾ بيان ڪجي تہ مان چوندس تہ ھُو ھند ۾ سنڌ جو ٻيو روپ ھو! 23 ڊسمبر 2014ع تي ھند ۾ سنڌ جو روح لڇمڻ ڪومل ڪنھن آزاد پکيءَ وانگر ڏورانھين ڏيھ اُڏامي ويو. پڪ اٿم تہ جتي بہ ھوندو سنگت ۾ سنڌ ڪي ساريندو ھوندو!



www.sindhsalamat.com

# سنڌ جو سدا ملُوڪ ماڻهو!

دنيا ۾ جيترا ماڻهو آهن ، ماڻهن جا قسم بہ اوترا ئي آهن. جتي پلا پليءَ جو چيهُہ ڪونهي، اُتي دنيا ۾ ڪسارن. اندر جي ڪوجهن ۽ ڪُپتين جي بہ ڪا ڪوٺ ڪونهي. دنيا ۾ هڪڙا ماڻهو جن سان ويهي ڏکندو ڏُور ٿيندو آهي، ۽ ٻيا ماڻهو جن سان ويهي روحَ جو ذائقو ئي ڪسارو ٿي ويندو آهي، يعني هڪڙا جن ڪانسواءِ رهي نہ سگهجي، ٻيا جن سان گڏ ويهي نہ سگهجي. اسانجو ماناٽتو دوست ۽ سنڌ جو سدا ملوڪ ماڻهو عنايت بلوچ بہ ماڻهن جي پهرئينقسم منجهان آهي. سدائين شاناٽتو باوقار، مُرڪڻو ۽ محفلُن جو مورُ. بيحد سنجيده، پُرلطيف طبيعت جو ماڻهو هن جي ٻَهڳُڙي شخصيتَ وقار، وضعداريءَ ۽ لطافت جو حسين امتزاج آهي.

سائين عنايت بلوچ سان منهنجي پهرين ملاقات نوي جي ڏهاڪي جي پهرين ڪنهن سال ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ سندس آفيس ۾ ٿي، جڏهن هو اُتي اسٽيشن ڊائريڪٽر هو. مون سان منهنجو جگري يارُ حسن درسُ بہ ساڻَ هو. اِها هُن جي وڏائي هئي جو هن اسان ٻنهي نئين نسل جي ليکڪن کي وڏو قربُ ڏنو ۽ اسان اتساهَ ۽ سُنا جذبا ۽ تاثر کڻي سندس آفيس مان ٻاهر آياسين. ان زماني ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد نصير مرزا جي ڪري هونئن بہ اسان سڀني دوستن جو ڳُڙهُہ هوندو هو. پوءِ مون نصير جي ان آفيس جو نالو ”بارگاهِ نصير“ رکيو. معنيٰ بارگاهِ نصير جي حاضري هفتي ۾ ٽي يا چار ڏينهن ضرور پربي هئي. نصيرَ جي ان بارگاهہ ۾ هر قسم جاماڻهو ايندا هئا، اديبَ، شاعرَ، دانشورَ فنڪارَ. عنايت بلوچ صاحب جي آفيس جو بہ اهڙو ئي حال هوندو هو.

عنايت بلوچ صاحب جي شخصيت مونکي سدائين وڻندي آهي.هڪ بيحد خوش لباس، خوش مزاج، خوش شڪل ۽ خوش خيال ماڻهو. ايترا ڳُڻَ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿين، ائين ٻنهہ گهٽ ٿيندو آهي. ڪيترائي ماڻهو ڏسڻ ۾ خوش شڪل هوندا تہ اندر ۾ ٿُوهَن جهڙا ڪوڙا. هن ماڻهوءَ جي جهڙي صورتَ دلپذير اهڙي سيرت سهڻي. ماڻهو عام طور هن جي ظاهري حسن



www.sindhsalamat.com

جي واڪاڻ ڪندا آهن، پر عنايت بلوچ جو اندر سندس جسماني سونهن کان ٻه هزار ڀيرا وڌيڪ سوپيارو آهي. اندر جي حُسنَ ڪانسواءِ ظاهري ۽ جسماني حُسنَ جي ڪهڙي وُقعتَ ۽ ڪهڙي معني! دَوام تہ انسان جي اندرَ جي سونهنَ کي آهي. اهو عام طور تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڀاڱَ ۾ حُسن جا اهي ٻئي مظهرَ گڏُ گڏُ هجن، سائين عنايت بلوچ اهڙن ئي خوشنصيب ماڻهن منجهان هڪ آهي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان دوستن معرفت تعلق ۾ مون محسوس ڪيو تہ عنايت بلوچ هڪ لاجواب ۽ سخت منتظم بہ هو. شاعر ۽ سٺو منتظم ـ ڪوڙو ئي نٿو لڳي..! هن شخص ۾ اهو توازن بہ ڪمال درجي جو رهيو آهي. سليقو سونهن ۽ ڏانءُ جهڙو هن جي لباس، گفتگوءَ ۽ شخصيت ۾، تهڙو ئي سندس ڪم ۾. هر ننڍي کان ننڍي ڳالهہ تي گهري نظر. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر نہ پر هڪ دورانديش پيءُ هو جڻ. هر شئي ۽ هر ماڻهوءَ تي نظر. چوڻ، سختي ڪرڻ، پچا ڪرڻ ۽ ويندي ڪاوڙ ڪرڻ ۽ دڙڪا ڏيڻ جو انداز بہ پنهنجو ۽ بيحد شانائتو. اهوئي سبب آهي جو جتي ساٿس ڪم ڪندڙ ماڻهو هن سان پيار ڪندا هئا اتي سندس ڪاوڙ پري نهارَ کان بہ پيا ڏڪندا هئا.

عنايت بلوچ جو ننڍو ڀاءُ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڀلو شاعر ۽ منهنجو يار هدايت بلوچ جيتوڻيڪ ڀاڻ بہ رٽائر ٿي چڪو آهي، پر اڃ بہ عنايت بلوچ صاحب کان شرارتي ٻارن وانگي ڊڄندو پيو آهي. عنايت بلوچ صاحب محفل ۾ هوندو يا ساٿس گڏ هوندو تہ هدايت اهو ماڻهو ئي نہ رهندو آهي. اهو عنايت بلوچ صاحب جي پروقار، رعبدار، پُر لطيف شخصيت جو ئي ڪمال آهي جو سندس ننڍو ڀاءُ هدايت بلوچ يا سندس سمورا دوست اڃ تائين هن جو ايترو دلي احترام ڪن ٿا.

هدايت بلوچ هونئن تہ وڏو تخليقي جُملي باز آهي، پر عنايت بلوچ صاحب جي سامهون ائين هوندو آهي ڄڻ مٿان ماڪَ پيل هجيس. مون هدايت بلوچ کي پهريون ڀيرو عنايت بلوچ آڏو ڪو کُليل اظهار ڪندي ڏٺو جڏهن هن عنايت بلوچ جي 72هين سالگره جي موقعي تي دوستن جي هڪ محفل ۾ حيدرآباد جِيم خانہ ۾ هن چوء سٽي بهاني ائين حجت جو بيحد دلچسپ اظهار ڪندي ٻڌو:



www.sindhsalamat.com

هدايتَ کي تہ هر دم ئي عنايتَ جي ضرورتَ آ،
مگر هاڻي عنايتَ کي هدايتَ جي ضرورتَ آ،
جو ٻاهتر ۾ ستر ڇوڪرين جي ميڙ ۾ آهي،
هينئر يَر عشقَ ۾ ٿوري ڦِنايتَ جي ضرورت آ.

ڏهاڪو سال اڳ آغا شهاب الدين ۽ رسول بخش پليجي جي ڪوشِشُن سان حيدرآباد ۾ هڪ سنڌي ادبي ۽ ثقافتي ڪميٽي ٺهي، جنهن ۾ پليجي صاحب ۽ آغا شهاب الدين سان گڏ ڊاڪٽر غلام علي الانا، حميد سنڌي، غلام نبي مغل، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، ولي رام ولڀ، عنايت بلوچ ۽ مان ميمبر هئاسين. ان ڪميٽيءَ حيدرآباد ۾ بہ ٽي سال سنڌي ادب ۽ ثقافت کي وڌائڻ لاءِ ڏاڍو سنجيده ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. جنهن ۾ اڪثر موقعن تي شديد تڪرار بہ پيدا ٿي پوندا هئا. مثال طور، هڪ تڪرار رسول بخش پليجي ۽ حميد سنڌيءَ جي وچ ۾، ۽ ٻيو آغا شهاب الدين ۽ ڊاڪٽر قاسم ٻُگهئي جي وچ ۾ ٿيو. مون ان سڄي عمل ۾ عنايت بلوچ جي وضعداري ۽ متوازن شخصيت جا ڪمال جوهر ڏٺا. گهڻا ماڻهو تڪرارن کي اُڀارڻ ۽ وڌيڪ تيز ڪرڻ جا محرڪ بڻبا آهن، پر مون عنايت بلوچ کي دوستن وچ ۾ جڙ تہ هڪ سگهاري پُل جو ڪردار ادا ڪندي ڏٺو. هن متضاد سماج ۾ غير تڪراري گهٽي ٻاڳي اهو ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو يا تہ جڏو ۽ واٽڙو هجي، يا مصلحت پسند يا منافق هجي، پر عنايت بلوچ جهڙن ماڻهن کي ڏسي اها راءِ تبديل ڪرڻي پوي ٿي، اهو هن جي شخصيت جو توازن، وضعداري ۽ نهايت پُروقار انداز آهي جو هو سنڌي ادب جي دنيا ۾، ۽ مجموعي سنڌي سماج ۾ هڪ بنهہ غير تڪراري، اختلافي ڌُرين ۾ ناهہ ۽ صلح ڪرائڻ وارو ۽ هر دل عزيز ماڻهو رهيو آهي.

عنايت بلوچ صاحب سان منهنجو قُرب جو ناتو بنيادي طور لطيف شناسيءَ جي ڪري بہ آهي. هو لطيف جو وڏو عاشقُ آهي ۽ لطيف جي ٻوليءَ، فن ۽ فِڪر جو سنو شارحُ پڻ. لطيف سائين تي ڪيترائي مضمون سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ٻولين ۾ پڻ لکيا اٿس. اسانجي جڏهن بہ جتي بہ ملاقات ٿيندي تہ موضوع لطيف هوندو. مون کان وڏي چاهہَ سان لطيف جو بيت ٻڌندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ عنايت بلوچ جي سوچ ۽ فڪر ۾ گهرائيءَ ۽ وُسعت جو سبب بہ شايد لطيف شناسي ئي آهي. مون محسوس ڪيو آهي تہ هو هر ان ماڻهوءَ سان پڻ پيار ڪندو آهي ۽ سندن وڏو احترام ڪندو آهي، جنهن کي لطيف جي



www.sindhsalamat.com

حتمي پُروڙَ ۾ شناس آهي. عنايت بلوچ ڀاڳن وارو آهي جو هن کي پير حسام الدين راشديءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر ائنميري شِمل جهڙن دانشورن ۽ عالمن جي صُحبتَ نصيب ٿي، تنهن سندس سوچ، بصيرت، شعور ۽ ڪردار جي اڏاوتَ ۾ اوسرَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

حسام الدين راشديءَ ڪيس پيٽا ۽مڃتا ڏيندي سندس شعري مجموعي، ”تَندُ ڪتارو ڪندُ“ جي مهاڳ ۾ لکيو تہ:

> ”عنايت جو سمور ڪلام ڪنهن نہ ڪنهن تاثُرَ جو نتيجو آهي. اهو ”شعر براءِ شعر“ نہ پر ڪِن حقيقتُن، ڪِن قلبي جذبن ۽ ڪن اکين ڏٺي فطري محسوسات جو مظهر آهي. اهو ئي مکيہ سبب آهي جو سندس شاعري لا يعني لفظن جو انبار ۽ بي مقصد جملن جو ڍير نہ بلڪ هڪ حقيقت ۽ زندگيءَ سان مطابقت رکندڙ ادبي گُفت و شنيد آهي.“

عنايت بلوچ لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکيو آهي:

> ”ڪي ڳڙا سچَ اهڙا آهن جن جو شاعريءَ ۾ ذڪر شايد سڀ کان پهرين عنايت بلوچ ڪيو آهي. اُنهن ۾ پنهنجي ماحول تي ”گهري طنز ۽ خود تنقيدي“ موجود آهي. مثال طور سندس نظم ”مان گيدي هان“ جا ٻہ بند هتي پيش ڪجن ٿا جن مان اسانجي بهادري نہ پر بزدلي جَرڪندي نظر اچي ٿي ۽ حقيقت بہ گهڻي ڀاڱي ائين ئي آهي“:

مان جڳ مشهور لٻاڙي – مان خوب ٻتاڪي ڏاڙي.
مان هيڻو بزدل پاڙي – ٿي منهنجي خوب پچاڙي
چـــو لــــدَم اهڙيـــون لاوان.
تـــو در در ڌڪـــا کـــاوان.

مان ببر شير تہ ناهيان – جو زورَ سان سينو ساهيان
۽ ڪُوڙَ جا ڪوٽَ ڪنباڻان – مان ناهيان ڪجهہ ٻي ناهيان
مـــان گـــدڙ آهيـــان گيـــدي،
مـــان ناهيـــان هوشـــو شـــيدي.

يا...



www.sindhsalamat.com

سي مُورئون ڪبريون ڪانوَهيا، جي باز ٿي وڻ تي ويٺا ها
سي ڏوڪي واري ڏَڏڪر سان ئي پهرين سَٽ اُڏائي ويا.

ڪي دُولهه راتو رات ٻڌيا ۽ رات ۾ ڪيئي خواب ڏٺا،
تن سيڻ مٿايا روڳن تي ۽ ٻُڳڙن مُٺ وڪامي ويا.

جن سچَ جو مچُ مچايو هو سي سوريءَ جو سينگار ٿيا،
جي ڪوڙ ڪُپتَ جا سوداگر، سي لحظي منجهه آگهامي ويا.

يا..

بيشڪ سخت ستائي سگهندين،
پر هرگز نه مٽائي سگهندين،
آهين علامت اونداهيءَ جي،
جڳ کي ڇا جرڪائي سگهندين

عنايت بلوچ جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم نالو آهي. قمر شهباز هن لاءِ چيو:

”جهڙو سهڻو تهڙي سندس شاعري. عنايت کي ڏسندو آهيان ته پرهه جا پاڇولا ياد ايندا اٿم. اهڙا ماٺهو ٿورا ملندا جي پهرين ملاقات ۾ ئي جيءَ ۾ جايون جوڙي ڇڏيندا آهن ۽ اکڙين ۾ آکيرا اڏيندا آهن“.

عنايت بلوچ يوناني فلسفي افلاطون (پلِئَٽو) جي هن قول کان متاثر ٿيا، ۽ ايترو متاثر ٿيا جو فورن ان تي هڪ نظم لکي ورتن:

“No matter if children are afraid of the dark, but tragedy is that people are afraid of light”

افلاطون جي هن قول کي عنايت بلوچ ڏاڍي خوبصورت انداز سان هيئن نظمايو آهي:

”افلاطون جو قولُ“
ڪاري رات کان ٻارَ ڊڄن ٿا،
اونداهيءَ کان نفرت ڪن ٿا،
ڪا حيرتَ جي ڳالهه نه آهي،


www.sindhsalamat.com

ٻارَ تہ آخر ٻارَ ئي آهن،
ٻارَ تہ انڌاري ۾ هُو هر دم ڊڄندا رهندا،
ڪنبندا رهندا،
ڪَڙڪو، سُرڪو ڪوئي ٿيو،
هُو ڇِرڪي پوندا،
روشنيءَ کي جِت ڳوليندا،
ٻَهَه ٻَهَه، ٿَهَه ٿَهَه اُت خوش ٿيندا،
تن راهُن تي راند رچائي، کِلندا ٽِلندا،
جيڪي راهون روشن هونديون.
پر....

افسوس اُنهن جو آهي،
ناحقُ، ظلمُ نِسورو آهي،
جيڪي پُوسٽ ۾ خوش آهن
نَنهَن چوٽيءَ جو زورُ لڳائِن،
"ڏيئو" ڪو بہ نہ روشن ٿئي جيئن،
هُو ٿا چاهِن دائم قائم ڳُڳهہ انڌارو،
آهي تعجب تن انڌن تي
ٽلها نِڪرَ، اکين هوندي پيي نابينا،
جي ڇِرڪن ٿا "روشنيُن" کان.

منهنجيءَ نظر ۾، ان ۾ ڪو بہ شڪُ نہ آهي تہ عنايت بلوچ بنيادي طور تفڪُر ۽ تخيلَسان گڏ و گڏ انساني جذبن ۽ وطن سان محبت جي جذبن جو ترجمان شاعر آهي. هن جو اسلوب سادو پر ڏاڍو وڻندڙ لطيف ۽ تخليقي آهي. تشبيهون، استعارا ۽ فني ترڪيبون پنهنجيون ۽ نيون اٿس. هن جا غزل توڙي گيت ننڍي توڙي وڏي بحر ۾ آهن پر انهن جو هُڳاءُ ساڳيو آهي. هن جو لهجو ڏاڍو وڻندڙ ۽ لطيف آهي. مثال طور ڪجهہ هي شعر ڏسو:

نہ آئين نہ آئين، ڪري واعدا،
اسان نيٺ دل کي ڏُتاري ڇڏيو
ڪڏهن ٿيو نہ واعدو وفا پوءِ بہ پر،



www.sindhsalamat.com

اڳڻ هر دفعي مون ٻُڌاري ڇڏيو.

هن غزل جا سيئي بند مون کي حُسناڪيءَ سان ڀرپور لڳا آهن، ان ڪري ان کي هتي مڪمل پيش ڪرڻ چاهيم:

ٿي نظر ڪنهن لئہ منتظر آهي
ڪو خيالن ۾ خوب تر آهي.

هن جو پرچڻ، بهار جي آمد،
هن جي ناراضگي قهر آهي.

پنهنجي در تي ڏسي ڇيو دلبر،
هي تہ رولاڪ دربدر آهي.

مون کي ان جي ٿي رهي تانگهہ طلبَ،
جو محبت کان بي خبر آهي.

سنگدل موم ٿي ويو شايد،
ڇئبو آهُن جو ٿيو اثر آهي.

زلفَ مُکَ تي ڪِرن تہ ٿئي ٿي شامَ،
جي هٽن ٿا تہ چڻ سحر آهي.

آيو دلبر جڏهن، ٻُڌايُس ڱنهن،
هو تہ بس ڪو گهڙِي پهر آهي.

هن جي لُطف و ڪرمَ جو ڇا ڇئجي،
بس عنايت جي هڪ نظر آهي.

يا وري هي شعر جا بند..



www.sindhsalamat.com

هليـو ويـو هـو تـہ چـا هـي، درد دل ۾ هـن جـو آ بـاقي،
سراسـر بيوفـا کـي مگـر چئجـي تـہ کـيـئن چئجـي!

مسـيحا! آخـري هِـڏڪيءَ تـي آخـر ويـو اچـي منهنجـو
رقيبـو! آهَـہ منهنجي بـي اثـر چئجـي تـہ ڪـيـئن چئجـي!

عام طور غزل جو هر بند الڳ معنيٰ، مفهوم ۽ ڪيفيت يا خيال جو اظهار هوندو آهي پر عنايت بلوچ غزلن کي عنوان ڏئي ۽ غزل جي سيني بندن کي ساڳي احساساتي ۽ معنوي تسلسل ۾ لکي هڪ نئون تجربو ڪيو آهي، جيڪو ڏاڍو ڪامياب ۽ سهڻو لڳي ٿو. هن جا احساس ڏاڍا نِبار سادا، ۽ دل کي چُهندڙ آهن. مثال طور هي شعر ڏسو:

مونڪـان منهنجـي پڇـو تـا ڪهـڙي خبـر،
پـاڻ ڪـان پـي تـــ بـي خبـر آهيـــان!

ســـاري دنيـــا تــــ آهـــي آرامـــي،
مـــان اجـــايو چـــو در بـــدر آهيـــان.

عنايت بلوچ جا نظم سندس غزلن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فڪر انگيز آهن. هن جي شاعري پڙهجي ٿي تہ صاف نظر ٿو اچي تہ هن کي اِختراع يا تصور کان وڌيڪ مشاهدو موهي ٿو ۽ سندس شاعريءَ جو اتساهہ بڻجي ٿو اهو ئي سبب آهي هن ”لنڊن جي هڪ ياد“، ”ڪوهہ مريءَ جو حسن“ ۽ ”لنڊن جي هڪ رات“ جهڙا نظم لکيا آهن. جن ۾ مشاهدو هن جو اتساهہ بڻيو آهي. عنايت بلوچ جي شاعريءَ ۾ جتي احساسن جا انيڪ منظر چِٽيل آهن اتي سندس شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول جي حسن جي بہ دلڪش منظر نگاري آهي. سندس نظم ”ڪوهہ مري“ ان جو هڪ سهڻو مثال آهي، جنهن ۾ حسين عڪسبندي نظر اچي ٿي. عنايت بلوچ جي شاعريءَ جي هڪ خوبي اُتساهُہ ۽ اُميدَ آهي. هو نراسائي کي محسوس ضرور ڪري ٿو پر ان کي پاڻ تي طاري نہ ٿو ڪري، جنهن مان هن جي فِڪري پختگي ظاهر ٿئي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ اميد ۽ اتساهہ جو پاسو وڌيڪ حاوي آهي، مثال طور:



www.sindhsalamat.com

چپر نيٺ تہ چيتيون ٿيندا
ٽڪر آخر ٽرڻا آهن..

رات ڪُٽي ٿي، باک ڦُٽي ٿي،
پاڳ اسانجا ورڻا آهن.

احساسن جي ترجمان شاعريءَ سان گڏ هن جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو اثر بہ آهي. مثال طور چوي ٿو:

سانڊا هاڻي سوگهو آهين،
توسان ليکا ڪرڻا آهن.

سندس مزاحمتي شاعريءَ مان ڪجھ ٻيا حوالا:

حق آ منهنجو سو گُهرجيم،
گهر جي خير نڪي خيرات.

مان روڪيو وقت جي وِيرُن کي،
مان ٽوڙيندس زنجيرن کي.

ڪو ڏيان اچي من ڏرتيءَ جو،
شل ميرن کي ۽ پِيرن کي.

سنڌ عنايت بلوچ جي محبت بہ آهي تہ اُتساهُ بہ ۽ سنڌ سان پنهنجي ان سنبڌ جو اظهار هو ڪيڏو نہ سادو ۽ سهڻو ڪري ٿو:

اڄ آديسي اچڻا آهن،
ڏيئا روشن رکڻا آهن.

شاهہ جي ڌرتي، منهنجا توسان،
لکيل مرڻا، پرڻا آهن.

شال سنڌ جي هن سدا ملوڪ ماڻهوءَ ۽ پلي شاعر عنايت بلوچ جو سنڌي شاعريءَ سان اهو نينهن ويرئون وڌ ٿئي.

---

20 آڪٽوبر 2013ع



www.sindhsalamat.com

# ”آواز جو چَنڊُ!“

دنيا ۾ توڙي سنڌ ۾ نهايت ٿلها ۽ جيءُ جيارا ماڻهو هميشه هئا ۽ اڄ به آهن، پوءِ ڪي جاتل ته ڪي اَجاتل! ماڻهو ڊِلو يا ڍِلو-هر ڪو پنهنجو وارو وڄائي ويندو پر سنڌ جو ڏاهو ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو چوندو هو ته ڪي ماڻهو جَڳ ملُوڪ ٿيندا آهن- معنيٰ ته اُنهن جي شخصيت ۽ ڪردار جي سُونهن ۽ سياءَ جو وَڪر پٽي پراڻو ناهي ٿيندو. سنڌ جي ويجهي تاريخ ۾ اهڙي ساهه-سُڌِيرَ ٻاڳَ جو ڳڻو جن ۾ به ٿورڙن ماڻهن جي نالي نِڪتو، اُنهن ۾ سنڌ جي ذاتِ، سُونهنَ ۽ سَدورائپ جي اُهڃاڻ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي به هڪ آهي.

سنڌ جي هن ڏاهي، سَياڻي ۽ سائِتَ واري ڌيءُ ميڊم مهتاب راشديءَ ڪي سنڌ، پاڪستان ۽ ڏيهان ڏيهه ڪير نه سُڃاڻي! سنڌي سماج جي آسمان تي پنهنجيءَ سُونهنَ، فضليت، ڪردار، ڏاهپ ۽ آرٽسٽڪ منفرد انداز سان سدا جرڪندڙ ”مهتاب“ ڪي ڏِسي، ڪير هوندو، جنهن سنڌ جي هن ڏاهي ڌيءَ ڪي دل ئي دل ۾ محبت ڀريو مانُ نه ڏنو هوندو! سائين مراد علي مرزا لکيو آهي ته فارسيءَ ۾ مهتاب ”چانڊوڪيءَ“ کي چوندا آهن ۽ هِنَ سنڌ جي سدا مَلُوڪ ڏاهِي ڌيءَ ڪي چانڊوڪيءَ سان تشبيهه ڏني آهي. جيتوڻيڪ ”چانڊوڪيءَ“ جو احساس ۽ مشاهدو ”اونداهيءَ“ جي پس منظر ۾ بيحد وڻندڙ آهي، اُهو زندگيءَ جي علامت آهي، اُميد جو احساس آهي ۽ پنهنجي جوهر ۽ ڏِڪَ ۾ بيحد حَسين آهي پر مان ان ڪي انسان جي تخليقي، احساساتي، عقُلي، تنقيدي، شعوري، تخيلاتي، وَجداني ۽ ڪردار جي سُونهَن کان پوءِ به گهٽ سمجهان ٿو. انسان جي اخلاق، فضيلت، علميت، تدبر، شعور ۽ تخليقيت جي چانڊوڪي شايد آسمان جي ڪينواس تي جرڪندڙ چنڊ جي چانڊوڪيءَ کان وڌيڪ حَسين، منفرد، جاذب ٿئي ٿي. جي ايئن نه هجي ها ته لطيف جهڙو ڏاهو ۽ مفڪر شاعر پنهنجي سُر ڪُنيات ۾ چنڊَ جِي حُسن کي پريںءَ جي پيرن کان به گهٽ ڇو سمجهي ها ۽ لطيف جو ”پرين“ ڪو هَڏَ چَمَ جو نلهو ماڻهو ته نه ٿو ٿي سگهي- ان ۾ ضرور ذاتِ، ڏانوَ ۽ ڏاهپَ جي ڏِيا ۽ سُونهنَ هوندي، نه ته هو ايئن ڇو چوي ها:



www.sindhsalamat.com

صورت گھڻو سھڻا, تاڻا سندن ٿوھَ!

شمشير هن لاءِ لکيو آهي تہ:

> ”سُھڻا تہ کارا ٿُوھَہ بہ آهن, جيڪي پَٽن تي ائين جام پيا رلن, پر مهتاب جي شخصيت سُونهَن ۽ سياڻپ جي توازن جو نرمل نمونو آهي. سنڌ جي هن نياڻيءَ کي انهن هستين ۾ ليکي سگهجي ٿو, جيڪي قومن ۽ ملڪن کي قدرت پاران تحفوتي ملنديون آهن.“

ان ڪري اصل دوام ۽ معنيٰ انسان جي اندر جي سُونهن کي آهي پر سنڌ جي هيءَ سياڻي ۽ ڏاهي ڌيءَ پنهنجي ظاهري حُسن ۾ بہ بي مثال تہ پنهنجي اندر جي حُسن ۾ بہ پنهنجو مَٽ پاڻ. ايڏو حَسين اتفاق تمام گھٽ ٿيندو آهي. ظاهري حُسن تہ هن کي فطرت ڏنو پر هن پنهنجيءَ روشن خيال سوچ, تخليقي سَگھہ, قابليت, شخصيت ۽ لطيف جي ٻوليءَ ۾ شانَ شعور سان فطرت طرفان عطا ڪيل حُسن کي اورانگهينديءَ, پنهنجي اندر جي حُسن کي ايڏو تہ تاهيو سنواريو ۽ زماني آڏو فخر سان آڻي بيهاريو جو سنڌ ۾ گذريل اڌ صديءَ کان هر باشعور پيءُ اِها خواهش ڪندي ڏٺو ويو تہ ڪاش سندن ڌيئرون بہ ”مهتاب“ ٿين. هوءَ پنهنجي ٻاروتڻ کان پنهنجي بي پناهہ صلاحيتن, ڪردار, فضيلت ۽ روشن خياليءَ سبب سنڌ ۾ هر نسل جي ڇوڪرين جي رول ماڊل رهي آهي ۽ اُهو رُتبو ڪانئس اڄ تائين ڪوبہ کَسي نہ سگھيو آهي ۽ نہ وري هن جي ان سدا حيات حيثيت کي وقت ڌُنڌلو ڪيو آهي. هوءَ سنڌ جي ”مهتاب“ آهي ۽ آسمان ۾ ستارا تہ انيڪ ٿي سگھن ٿا پر چنڊُ تہ هڪ ئي ٿيندو آهي ۽ سنڌ ۾ بہ مهتاب اڪبر راشدي تہ بس هڪ ئي آهي ۽ رهندي!

مون کي ان تي خوشي ۽ فخر آهي تہ هوءَ منهنجي لاءِ هڪ پيار ڪندڙ شفيق وڏي ڀيڻ هئڻ باوجود هڪ حُجائتي دوست بہ آهي. تمام گھڻن ماڻھن جيان هوءَ مون کي بہ ٻاروتڻ کان بيحد شانائتي, زندگيءَ سان ڀرپور, منفرد, باڪردار ۽ هڪ جديد, روشن خيال سنڌي ناريءَ جو مثالي روپ لڳندي هئي ۽ آهي. هڪ اهڙي رول ماڊل جنهن کي ڏسي بيساختہ پيار جا پاڪيزه جذبا اُڀرن, زندگيءَ لاءِ اُتساهہ ملي ۽ هڪ سنڌياڻيءَ جي روپ ۾ هن تي اڻ ڇاتل فخر ۽ اَڻ مَيي جو احساس اُڀري. سنڌ هيئن بہ ٿي سگھي ٿي, سنڌ جون ڌيئرون هيئن بہ ٿي سگھن ٿيون, رڳو پنهنجي تخليقي پورهيي, قابليت, ذات ۽ ڪردار سان هيئن بہ ٿي سگھجي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن کي ڏسندي هڪ خواب اکين ۾



www.sindhsalamat.com

پرجي اچي تہ سنڌ جي هر ڏيءَ هينئن هجي ۽ جي سنڌ جي هر ڏيءَ اهڙي ٿي پوي تہ پوءِ ان کان وڏيڪ سنڌ جي ابديت تي ٻي ڪهڙي مُهر ثبت ٿي سگهي ٿي! ان ڪري مان چئي سگهان ٿو تہ ادي مهتاب سياڻي جي روشن خيال، آزاد ۽ باشعور سنڌ جو حَسين ۽ باوقار عڪس آهي. اِهو ئي سبب آهي جو شمشيرالحيدريءَ هن کي سنڌ لاءِ ”قدرت جو تحفو“ ۽ پَدمڻي ڪوٺيو آهي. شمشير لکيو آهي تہ:

”ويدڪ شاسترن ۾ عورت جي جن چئن روپن جو ورنن ڪيو ويو آهي،
تن ۾ سڀ کان اُتم روپ ”پدمڻي“ عورت جو آهي، جيڪا صورت توڙي
سيرت ۾ بيحد پُرڪشش ۽ سُلڇڻي ٿيندي آهي.“

هن جي جنم ڀومي لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور شهر نئون ديرو آهي ۽ اِهو ڪيڏو نہ حَسين اتفاق آهي جو نئين ديري جي مِٽيءَ سنڌ جي ٽن نهايت اهم شخصيتن يعني محترمہ شهيد بينظير ڀٽو، عابده پروين ۽ مهتاب راشديءَ کي جنم ڏنو. لاڙڪاڻي ضلعي جي نئين ديري شهر ۾ 3 مارچ 1947ع تي استاد محمد عيسيٰ چنا جي گهر جنم وٺندڙ هيءَ متحرڪ، ذهين، ڏاهي ۽ آرٽسٽ ڇوڪري ننڍپڻ کان ئي هڪ جيڏين مان سڀني کان منفرد هئي، جنهن جي ساک هن جا سڀ هم عصر ڏين ٿا. عام طور هم عصر هڪٻئي لاءِ اهڙا ايماندارانہ رايا گهٽ ڏيندا آهن پر سنڌ جي هيءَ ”پدمڻي“ ڇوڪري ”بدرالنساءَ“ جيڪا اڳتي هلي سنڌ جي ”مهتاب“ بڻي، ان جي سوچ، ڪردار، صلاحيت جي روشني ڀلا ڪير چاهي ها تہ بہ لِڪائي تہ نہ سگهي ها. چوڏهينءَ جي چنڊَ کي ڪير لنوائي يا لِڪائي سگهندو؟ ويندي انڌي کي بہ اِهو احساس ضرور ٿيندو تہ اڄ اونداهي آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ ڪِڙيو آهي. هوءَ ڪو ڏيئو تہ ناهي، جنهن کي ڪنهن تعصب، ساڙَ ۽ ڪيني جي ”ڪاري“ هيٺان لڪائي سگهجي، هن سدا جرڪندڙ ۽ مُرڪندڙ مهتاب جي گهڻ طرفي ڪردار جي روشنيءَ کي ڪير لڪائي سگهندو! پر مان سمجهان ٿو تہ هن جي سائِٽَ بہ سنڌ ۾ بي مثال آهي. جنهن ڏِني، ساٽس ڪم ڪيو، رهاڻيون ڪيون، سندس گُفتار ۽ فن جا جلوا ڏٺا، فضليت پَسي، اُهو هن سنڌ جي مهتاب جي موهہَ ۾ جڪڙ تہ موهجي ويو. ڪو ڀيڻُ جو رُوپَ ۾، ڪو پيڻ ۽ ياءُ جي روپ ۾ تہ ڪو ممتا جي روپ ۾ـ هوءَ هر روپ ۾ سنڌ ۾ وڏيءَ سائٽ واري آهي. ان ۾ شايد هن جي قابليت سان گڏ هن جي سُلڇڻي ۽ محبت ڀريي سياءُ جو بہ وڏو هٿ



www.sindhsalamat.com

آهي. هن جي ڀاڳ ۾ ته اَڻ مئي عزت آهي، جيڪا هن کي هر هنڌ ۾ هميشه ملي آهي پر عزت ڏيڻ جو ڏانءُ ۾ انداز ڪو ميڊم مهتاب کان سِکي. رويو به انسان جي ڪردار جو اهم جز آهي ۽ ماڻهوءَ جي روين مان به شخصيت جي هلڪڙائپ يا وضعداريءَ جي خبر پوندي آهي. رويو ان ڳالهه جو به اظهار هوندو آهي ته ماڻهوءَ جو اندر ڪيترو اُجرو ۽ نِبار آهي؟ اندر ۾ اُونهائي آهي يا سطحيت جو ڇاڇر ڇيرون ٿو ڪري بس! اندر ۾ ساڙ، حسد، ڪينو احساسِ ڪمتري، تعصب ۽ تيسو هوندو ته نه رڳو ماڻهوءَ جي چهري تي پاڻ مرادو بي ساخته اُڀري ايندو پر روين مان به پيو ٻَکندو. ميڊم مهتاب سدائين مهڪندڙ مُرڪندڙ ۽ جرڪندڙ ان ڪري به آهي جو هن جو اندر اُجرو آهي. هن جي دل ۾ ڪنهن لاءِ به ڪا ٻيائي ناهي. مون منجهس ڪڏهن به منفيت نه ڏٺي- نه سوچ ۾ محسوسات ۾، نه رويي ۾ خيال ۾. جي روشن خيالي هن جو شعور آهي ته وضعداري هن جو شُعار آهي ۽ جي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ ۾ شعور ۽ شُعار گڏجن ته ٻيو ڀلا ماڻهوءَ کي ڇا گهرجي! سيني لاءِ سُٺو سوچيندي، هر ڪنهن جي ڪم ايندي، ماڻهوءَ کي مانُ ڏئي سَرهي ٿيندي ۽ ڪڏهن به منفيت جو شڪار نه ٿيندي ۽ اجايو ڏيکاءُ نه ڪندي.

مهتاب اڪبر راشديءَ جي شخصيت نهايت گهڻ رُخي آهي، ڀلا مهتاب جو ٿي، چنڊ جو هڪ پاسو ته ٿيندو ئي ناهي. هن زندگيءَ ۾ انيڪ شعبن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ سندس شعبا، منصبَ، ماڳَ ۽ ڪرسيون بدليون پر مهتاب سدائين مهتاب ئي رهي. سنڌ ۾ شعور، تحرڪ، فن ۽ ڪردار جي هن مهتاب کي ڪڏهن به ”چندَ گِرهڻ“ نه لڳي ۽ نه وري هوءَ ڪڏهن ڏينهن جي روشنيءَ ۾ بي نُور ٿي. ڊاڪٽر محمود مغل هن لاءِ ڏاڍو سُٺو لکيو آهي ته:

> ”هوءَ خيرن سان کهڙي به عهدي تي هجي، سندس ’ذات جو عهدو‘ سدائين بالاتر رهيو آهي.“

زنده دلي، وضعداري، قابليت، تخليقي سگهه ۽ انفراديت سندس رَڳ رَڳ ۾ ۽ هر انداز ۾ آهي. ڀلا هڪ بيحد ذهين، تخليقي، متحرڪ ۽ آدرشي ماڻهو ڪنهن هڪ شعبي يا ڪم ۾ پنهنجو سمورو اندر ڪيئن اوتي؟ اهو ئي سبب آهي جو اهڙا ماڻهو پنهنجيءَ شخصيت ۾ ٻهه-ڳُڻا يعني گهڻ پاساوان ٿيندا آهن. ان ڪري مصطفيٰ قريشيءَ هن کي ”هر فن مولا ليڊي“ لکيو آهي.



www.sindhsalamat.com

مهتاب اڪبر راشديءَ جي اِها بہ خوشنصيبي هئي جو هن کي هن تنگ نظر پدرشاهي سماج ۾ هڪ اهڙو مثالي پيءُ مليو جنهن وٽ نئين سنڌ جو خواب ڇوڪرين جي معياري تعليم ۽ آزاد حيثيت جي ساڀيان سان سلهاڙيل هو. سنڌ ۾ گهٽيون ئي مهتاب راشديءَ جهڙيون ذهين ڇوڪريون هونديون پر انهن کي محمد عيسيٰ ڇنا جهڙا لائق ۽ آدرشي پيءُ نہ ملي سگهيا هوندا، جيڪي رڳو جسماني ۽ رَت جي رشتي ۾ پيءُ نہ هجن پر سُونهان بہ هجن، دوست ۽ ساٿي بہ هجن. ۽ وڏي ڳالھ تہ ڏيئرن لاءِ آدرش بہ هجن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مهتاب راشديءَ جي شعور سازي سڀ کان اڳ سندس گهر ۾ ٿي. هن جي هم عصرن ۽ سندس سينيئرن اهو متفقہ طور تي چيو آهي تہ هوءَ ننڍپڻ کان ئي علم، ادب، تعليم ۽ فن سان بيحد چاھہ رکندي هئي ۽ ظاهر آهي تہ صرف رسمي نصابي تعليم ماڻهوءَ جي شخصيت جي تعمير نہ ٿي ڪري سگهي. شخصيت جي اڏاوت لاءِ جيڪو ”بيو فهم“ گهرجي، اُهو ئي آهي جنهن کي علم، ادب، ڏاهپ، فن ۽ ڪردار ۽ عمل چئجي ٿو. هن جي ٻاروتڻ کان طبيعت جي ان لاڙي بابت سليم ميمڻ ڏاڍي انوکي ڳالھ لکي آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ:

”اُن زماني ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. پاڻ اڪثر جمع ڏينهن يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾، جيڪو بعد ۾ لائبريريءَ ۾ منتقل ٿيو، ليڪچر ڏيندو هو. حيدرآباد جا برک شهري، عالم ۽ ڏاها علامہ صاحب جا ويچار ٻڌڻ ايندا هئا. ننڍا ان علمي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهندا هئا، پر ان اسڪولي مهتاب ڇنا کي اڪثر مان ان سينيٽ هال جي ٻاهران بيهي اُهي ليڪچر ٻڌندي ڏسندو هئس، پر اڄ جڏهن هي تاثر لکڻ ويٺس ۽ ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي پاتم تہ مون کي اهو احساس بہ ٿيو تہ هوءَ ننڍي عمر کان ئي ڏاهپ،دانائيءَ، علم، ساڃاھہ ۽ سياڻپ جي متلاشي هئي، ۽ هونئن بہ اهو وِرثو ڪيس پنهنجن وڏن ۽ خاص طور تي وڏين ڀينرن کان بہ مليو جيڪي پنهنجي دور جون برک تعليمي ماهر رهيون آهن. علميت جو اهو ذوق ۽ شوق مهتاب ۾ اڄ بہ نظر ايندو آهي، ڪو بہ موضوع هجي، هو پنهنجيءَ قابليت، صلاحيت ۽ علميت کي ايتري منظم تربيت ۽ سليقي واري انداز ۾ بيان ڪندي آهي، جو ٻُڌندڙ يڪ ٽِڪ سندس ڳالهائڻ ٻُڌڻ تي نہ فقط مجبور هوندو آهي، بلڪ سندس حسن گفتار جي واکاڻ ڪانسواءِ رهي نہ



www.sindhsalamat.com

سگهندو آهي مان سوچيندو آهيان تہ اهو ڏانءُ ڇا هن علامہ صاحب جي ليڪچرن کي ٻڌي حاصل ڪيو يا اها سندس ڪماليت آهي!“

هوءَ مڪمل طور هڪ ”سيلف ميڊ“ ماڻهو آهي ۽ ان لحاظ کان سنڌي ڇوڪرين لاءِ هڪ عملي نمونو بہ آهي تہ جيڪڏهن هيٺين وچين طبقي سان تعلق رکندڙ هڪ عام ڇوڪري ”بدرالنساءَ“ اڳتي هلي پنهنجيءَ جاکوڙ، قابليت ۽ تخليقي صلاحيتن سان سنڌ ۽ پاڪستان جي ”مهتاب اڪبر راشدي“ بڻجي سگهجي ٿي تہ سنڌ جون ٻيون ڌيئرون اهڙا مثال ڇو نہ ٿيون قائم ڪري سگهن؟ پر شايد ان لاءِ سنڌي سماج جي پيئرن کي ”محمد عيسيٰ چنا“ بڻجڻو پوندو ۽ سنڌي مڙسن کي ”اڪبر راشدي“ بڻجڻو پوندو، جيڪي هڪ پيءُ ۽ مڙس جي حيثيت ۾ سنڌي ڇوڪرين جي راهن ۾ اُڀا ڪاوا نہ پر سُونهان ۽ ساٿي بڻجي هلن ۽ مان سمجهان ٿو تہ اِها ئي سنڌ جي تقدير کي بدلائڻ جي ڪُنجهارت آهي، جنهن کي سنڌي سماج کي پڄڻو پوندو- ۽ پوءِ ڇو نہ سنڌ جون ڌيئرون دنيا ۾ ”مهتاب“ بڻجي جرڪنديون! نصير مرزا ڪيڏو نہ سُٺو لکيو آهي تہ:

”۽ هتي مون کان، ايترو بہ ٻڌو... تہ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ ڪئي اهڙيون ادبي ثقافتي گڏجاڻيون منهنجي تصور ۽ حافظي ۾ موجود آهن، جن ۾ پاڪستان جي نشانبر خواتين منجهان، ڪشور ناهيد.... فهميده رياض... خوش بخت شجاعت_ ادا جعفري ۽ ٻين ڪئي اهڙين مقبول و معروف عورتن کي ڪئي دفعا مون هڪ هنڌ تي يڪجا ڏٺو آهي ۽ انهن سيني جي وچ ۾، اتفاق سان مهتاب آپا جهڙي باوقار شخصيت کي مون جڏهن بہ انهن سيني جي وچ ۾ ڏٺو هوندو، ايئن ڀاسيو هوندم. ”آسمان تي ستارن جي وچ ۾، چوڏهينءَ جي چنڊ کي پيو ڏسان.“

هن جي خودداريءَ بابت سليم ميمڻ لکيو تہ:

”ٽيليويزن جي پروگرامن کان وٺي، سخت گير ڪاموڪي زندگيءَ ۾ هوءَ ڪڏهن بہ اسان کي غيراصولي سمجهوتو ڪندي نظر نٿي اچي. ضياءُ الحق جي دور ۾ جڏهن پاڻ پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪندي هئي ۽ پروگرامن دوران رئو لازمي پائڻ جا حڪم جاري ٿيا تہ هن، ان منافقيءَ واري روش اختيار ڪرڻ کان پروگرامن ڇڏڻ کي ترجيح ڏني. پروڊيوسر، جنرل مينيجر ۽ ٻين ڪيس گهڻو ئي قائل ڪرڻ جو ڪوشش ڪئي، پر هن چيو تہ ”مهتاب چنا توهان کي رَئي ۾



www.sindhsalamat.com

قبول آهي، پر مون کي نـ! مان جنهن انداز ۾ اچان ٿي، جي اهو توهان کي قبول آهي تـ مناسب نـ تـ خدا حافظا“ هي اهو دور جڏهن ملڪ ۾ هڪ واحد پي ٽي ويءَ جو چينل هو. مرد ۽ عورتون جائز ناجائز طريقي سان اسڪرين تي اچڻ جا خواهشمند هوندا هئا، پر مهتاب هڪ مقبول، باصلاحيت ڪمپيئر هوندي پنهنجي ويچارن ۽ سوچ تي ڪنهن سوديبازيءَ کان انڪار ڪيو ۽ سندس ان روش ڪامورڪي عملي زندگيءَ ۾ بـ ڪيس اڙانگن پيچرن تي بـ پهچايو پر هوءَ انهن کان بي نياز زندگي جي سفر کي هڪ لڳاتار جدوجهد سمجهندي هلندي ٿي رهي.“

هن لاءِ مصطفيٰ قريشيءَ لکيو آهي تـ:

”اسان ڏٺو تـ مهتاب ڪڏهن بـ ڪنهن کان ڊڪٽيٽيشن نـ ورتي!“

شمشير الحيدري هن لاءِ لکيو آهي تـ:

”مهتاب پنهنجي طريقي جي پاسدار، بااصول، بردبار، بيحد ذهين، تيز فهم، حاضر جواب، خوش طبع ۽ خوش لباس آهي. اعليٰ تعليم يافـ هجڻ سان گڏ، هوءَ شعر ۽ ادب جو عمدو ذوق رکي ٿي. شروع ۾ ڪجهـ ڪهاڻيون بـ لکيون اٿس، پر ريڊيئي تي صداڪاريءَ جي ابتدا سان هوءَ شعر ۽ ادب جو عمدو ذوق رکي ٿي. شروع ۾ ڪجهـ ڪهاڻيون بـ لکيون اٿس، پر ريڊيئي تي صداڪاريءَ جي ابتدا سان هوءَ جڏهن ٽي وي تي ملڪي سطح جي اهميت رکندڙ سنجيدن پروگرامن ۾ پنهنجيءَ ذهانت، حاضر دماغيءَ ۽ گفتگو جي منفرد انداز سان پيش ٿي تـ ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر سندس صلاحيتن جي وڏي مڃتا ٿي. ڪيس سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ بـ ڳالهائڻ ۽ لکڻ تي مڪمل دسترس آهي. عملي زندگيءَ ۾ هن تعليمي ۽ انتظامي شعبن ۾ اعليٰ عهدن تي رهي، سنڌي ادب، ثقافت ۽ فن جي جيڪا پرگهور لڌي آهي. سا هڪ خاموش ڪهاڻي آهي.“

”مهتاب چنا“ پنهنجيءَ عملي زندگيءَ جو آغاز ٻاروتڻ کان ئي ريڊيو پاڪستان تان هڪ آرٽسٽ طور شروع ڪري چڏيو هو جو هن جو ذهني لاڙو شروع کان تعليم، ادب، خاص طور شاعريءَ، صداڪاريءَ ۽ آرٽ ڏانهن هو. هن بابت مصطفيٰ قريشيءَ، مراد علي مرزا، آغا سليم، شمشيرالحيدريءَ ۽ ٻين سينيئرن جيڪو لکيو آهي، ان مان لڳي ٿو تـ هوءَ ريڊيي تي آئي ۽ بس صداڪاريءَ ۽ ڪمپيئرنگ جي دنيا تي ڇانئجي وئي. نااهل ۽ ڪاهل ماڻهو سدائين ڪاميابين جي رُڃ ۾ سراب پويان ڊوڙندا آهن ۽ ڪاميابيون وري ڀاڳ ٻڌجي



www.sindhsalamat.com

قابل، محنتي، متحرڪ ۽ تخليقي ماڻهن ڏانهن حَسرت وچان ٻوڙنديون آهن ۽ اِهو ئي سنڌ جي مهتاب ثابت ڪيو. سندس تخليقي جوهر، آرٽسٽڪ صلاحيتن ۽ قابليت بابت سندس سينيئر ساٿين جا هن بابت رايا پُڙو:

مصطفيٰ قريشي چوي ٿو:

”مهتاب اڪبر راشديءَ سان منهنجي پهرين ملاقات غالبن 58_1957ع جو واقعو آهي. جڏهن ريڊيو پاڪستان جي Opening ceremony ٿي هئي، جيڪا علي محمد شاهه راشدي ڪئي هئي. آئون ان وقت ميٽرڪ ۾ پڙهندو هئس. جڏهن مون کي ريڊيو تي نوڪري ملي. ان وقت ريڊيو تي اسان هڪ پروگرام به ڪندا هئاسين. تنهن وقت ٻارڙن جو سنڌي پروگرام، جيڪو 60_1959ع ڌاري ”ادا سائينءَ“ جي نالي سان شروع ٿيو هو، ان پروگرام جو انچارج آئون هئس. مون ڏٺو ته هڪڙي نهايت سلڇڻي، سباجهڙي ڇوڪري، جنهن جي آواز ۾ مون کي جادو نظر آيو. ريڊيو تي اچڻ لڳي هئي ۽ پنهنجي آواز سان هر پروڊيوسر کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ شروع ڪيو هئائين. آئون سمجهان ٿو ته مهتاب جي عمر تڏهن 6 کان 12 سالن جي وچ ۾ هوندي، پر ٽيلينٽ ۽ اڳتي نڪرڻ جون نشانيون هن جي پيشانيءَ تي لکيل هيون. اسان ان وقت محسوس ڪيو ته هن ۾ کهڙا جذبا آهن ۽ ان عمر کان وٺي هيءَ نهايت ذهين، هوشيار، سوچ رکڻ واري ٻارڙي هئي ۽ ڪم ڪرڻ واري ڪوجنا هن مان نظر ايندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن ٻارن جي پروگرام ۾ ڪو نظم چورائڻو هوندو هو ته مهتاب اُتي به سيني کان گوءِ کڻي ويندي هئي. جيتوڻيڪ ان دور ۾ مهتاب جي ڀيڻ سڪينه چنا ڊراما ڪندي هئي، پر جلد ئي هن به سڪينه چنا سان گڏ ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان وقت نصرت چنا ۽ شيخ زينت عبدالله وغيره ريڊيو جا وڏا نالا هوندا هئا. نصرت چنا جي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي جاءِ مهتاب پُر ڪئي. مهتاب ريڊيو جي ڪافي ڊرامن ۾ هيروئن به ٿي هئي. مهتاب جي فنڪاره جي حيثيت سان اها وڏي خبي هئي جو هن جي ڊائلاگس ۾ سوز، آواز ۽ هن جو تلفظ انتهائي خوبصورت هوندو هو. مهتاب سون جي تعداد ۾ ريڊيو تي ڊراما ڪيا، ڪمپيئرنگ ڪئي. هن وڏي تعداد ۾ پروگرام ڪيا.

آغا سليم هن بابت لکي ٿو:

”مهتاب منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ ٻارڙن جو پروگرام ڪندي هئي ۽ پوءِ جڏهن مان آيس ته هن ريگيولر ريڊيو ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.



www.sindhsalamat.com

حالانڪ آئون بنيادي طور تي ڪو براڊڪاسٽر ڪو نہ هئس ۽ آئون ڊائريڪٽ ڪاليج مان ڊگري وٺي ريڊيو تي آيو هئس. سو مون جڏهن پهريون دفعو مهتاب جو آواز ٻڌو، تہ مون محسوس ڪيو تہ سندس آواز ۾ عجيب قسم جون Vibrations آهن. يعني هوءَ جڏهن ڳالهائي ٿي ۽ ڳالهائڻ ڪانپوءِ چُپ ڪري ٿي تہ پوءِ ان خاموشيءَ واري وقفي ۾ بہ ڪي Vibrations هجن ٿيون. جيڪي آسپاس موجود رهن ٿيون. اها خوبي مون تمام گهٽ ماڻهن ۾ ڏٺي آهي. واقعي مهتاب تمام سٺي آرٽسٽ آهي. مهتاب ۾ ٻي جيڪا خوبي آهي، اُها هيءَ آهي تہ قدرتي طرح سان هن کي ادب ۽ آرٽ جي ساڃاهہ عطا ٿيل آهي. چاڪاڻ تہ بنان ڪنهن ريهرسل جي هوءَ جڏهن اسڪرپٽ ادا ڪندي هئي تہ اُهي سڀ مڪالما ايڏي پختگيءَ سان رڪارڊ ڪرائي ونندي هئي، جو محسوس ٿيندو هو تہ هن کي قدرتي طور اها ڏات عطا ٿيل آهي تہ ڪهڙي جملي کي ڪهڙي انداز کي چوڻو آهي ۽ هوءَ بيشڪ ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر کان وڌيڪ ڄاڻندي هئي تہ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙي جملي کي ڪيئن ادا ڪرڻو آهي ۽ ڪهڙن جملي کي ڪيئن ادا ڪرڻو آهي؟ مان انهيءَ فن کي چوندو آهيان تہ آرٽسٽ سان جملا ۽ ڪردار پاڻ ڳالهائيندا آهن تہ "مون کي هيئن ادا ڪر!!" مون جڏهن مهتاب شروعات ۾ ڏٺي، تہ هوءَ ڪافي ننڍي هئي ۽ اڃا ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ مون ساڻس چند ملاقاتن ۾ ئي اِهو محسوس ڪيو تہ مهتاب بہ انهن آرٽسٽن منجهان آهي، جنهن سان ڪردار ۽ جملا پاڻ ڳالهائيندا آهن. هڪ لحاظ کان اها تاريخي ڳالهہ هتي بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ منهنجو هڪڙو ڊرامو هو. ان زماني ۾ ماڻهو ريڊيو ڏاڍو شوق سان ٻڌندا هئا. يعني ريڊيو اهو ننڍڙو ڏٻو هو جيڪو گهر جي وچ تي رکي وڏي آواز ۾ هلايو ويندو هو جنهن ۾ هنن هيڏن وڏن آرٽسٽن ان ڊرامي ۾ پرفارم ڪري ڇڏڻ تہ ان ۾ روح وجهي ڇڏيو ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ ٻئي ڏينهن تي سڄي حيدرآباد ۾اهو ڊرامو گونجيو ٿي. ڇاڪاڻ تہ مون سان جيڪو مليو ٿي، انهيءَ ان ڊرامي جو تعريفي لفظن ۾ ذڪر ٿي ڪيو. جنهن جو سبب فقط اهو هو تہ ان ۾ ڪمال جي صداڪارن ڪم ڪيو. انهيءَ ڊرامي جي ريهرسل دوران ئي مون محسوس ڪيو تہ مهتاب کي خبر آهي تہ ڪهڙي جملي کي ۽ ڪهڙي مڪالمي کي، ڪيئن ادا ڪرڻو آهي... لهجي جي Variation



www.sindhsalamat.com

ڪٽي ڏيڻي آهي.اها وڏي ڳالهه آهي جيڪا هن کي بنان ڪنهن تربيت جي فطري طور تي معلوم هئي.“

سندس بي پناهه ۽ منفرد تخليقي صلاحيتن جو ذڪر ڪندي مراد علي مرزا صاحب هڪ عجيب واقعي جو ذڪر ڪيو آهي، هو لکي ٿو:

”ياد اچي ٿو ته هڪڙي ڀيري ريڊيو پاڪستان جي هيڊ ڪوارٽر پنهنجي هڪ بالا عملدار گيلاني صاحب تي اِهو ذِمو رکيو هو ته هو هر اسٽيشن تي وڃي ڊرامي جي سيني صداڪارن کي ٻُڌي، انهن مان اجاين آوازن کي ريڊيو نيڪالي ڏئي ڇڏي. گيلاني صاحب جي اچڻ واري ان اطلاع ڊرامي جي صداڪارن ۾ ٿرٿلو وجهي ڇڏيو. مقرر تاريخ تي گيلاني صاحب آيو. ڊرامي جي صداڪارن کي اطلاع ڏنل هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌي- اردو ڊرامن کي ريڊيو تان پيش ڪرڻ جو ذمو مون تي هوندو هو. اسان ڊرامي جي چونڊ صداڪارن کي اسٽوڊيوز ۾ ويهاري هنن کي جدا جدا ڊرامن جا مسودا ڏنا. پر گيلاني صاحب پاڻ سان امتياز علي تاج جي لکيل مشهور ڊرامي ”انارڪلي“ جو مسودو کڻي آيو. هن پهرين صداڪارن جي فهرست کي ڏٺو پوءِ هن انهن کي ٻڌڻ شروع ڪيو. جڏهن مهتاب مائڪرو فون اڳيان آئي ته گيلاني صاحب چيو ته هن جي مادري زبان ته سنڌي آهي لسٽ ۾. مون وراڻيو، درست. پر پهرين اوهين هن کي ٻڌو! مهتاب کي انارڪلي ڪردار جا مڪالما ڏنل هئا. ان وقت اسٽوڊيوز ۾ ٻيا به ڪيترا صداڪار موجود هئا، پر مهتاب چنا جي اڳيان جڻ ته سيئي بار بينا هئا. هن انارڪليءَ جا مڪالما ڊرامائي انداز ۾ چوڻ شروع ڪيا. گيلاني صاحب جي اکين مان حيرت لياڪا پائڻ لڳي. مهتاب چنا انار ڪليءَ جي چيل لفظن ۾ روح وجهي ڇڏيو. لفظن جي ادائگي، اردو ٻوليءَ جو سچو لهجو ڪردار جي اندر جي آنڌ مانڌ، لوچ پوچ، ۽ بي قراريءَ کي اهڙي ته اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو جو گيلاني صاحب لڏي ويو ۽ مون کي چوڻ لڳو ته ”پائي يه تو ڪمال ڪي آواز هئي، اور ڪيا ڊرامائي سينس هئي ان ڪا؟“ اهو ٻڌي مون هن ڏانهن مرڪي نهاريو. هن جي اکين مان اجا تائين حيرت لياڪا پائي رهي هئي.

مهتاب چنا وٽ فطري ڏات هئي، بصيرت هئي ۽ دانائي هئي. ان ڪري ئي هر سنڌي يا اردو ڊرامي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هن کي ئي بُڪ ڪيو ويندو هو. ڊرامن ۾ مڪالمن جي ادائگيءَ لاءِ هن کي هدايتن ڏيڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. هوءَ مڪالما پڙهي هڪدم سمجهي



www.sindhsalamat.com

ويندي هئي تہ انهن کي ڪهڙيءَ طرح ادا ڪجي. هن ڪڏهن بہ مڪالمن جي ادائگيءَ جي وضاحت مون ڪان نہ ورتي. سنڌي ڊرامو هجي يا اردو ڊرامو فيچر هجي يا گيتن ڀري ڪهاڻي جو نثري يا منظوم بيان. مهتاب چنا جو آواز ۽ سندس ادائگي ان جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هئي.

هونئن تہ مهتاب جنهن بہ ڊرامي ۾ صداڪاري ڪندي هئي، ان جي بعد ۾ هر هنڌ هاڪ هوندي هئي، پر مون کي اُهي بہ ڊراما ڪڏهن نہ نٿا وسرن، جن ۾ هن مرڪزي صداڪار جي حيثيت ۾ حصو ورتو هو. انهن ۾ هڪ "آخري رات" ۽ ٻيو "تموچن" نالي ڊراما هئا. هڪڙو موئن جي دڙي جي اوڄ واري زندگيءَ ۽ ان جي ويرانيءَ بابت ۽ ٻيو چنگيز خان جي هڪ جنگ بابت ٻئي تاريخي ڊراما هئا. آخر رات ممتاز مرزا لکيو هو ۽ تموچن علي بابا. انهن ٻنهي ڊرامن ۾ مهتاب چنا جي صداڪاري مثالي ۽ يادگار آهي."

ٻوليون تہ حَسين هونديون ئي آهن پر ڪو هجي جيڪو گفتار ۽ لهجي ۾ ٻوليءَ جو جسم، روح، مزاج، نفاست، ردم، لَئي ۽ هُڳاءُ ڇِتو ڪري، ان جي حُسناڪي ماڻهوءَ جي اندر ۾ اوتي سگهي. سنڌ ۾ اهو فن اسان جي مهتاب تي اچي دنگ ٿيو. هوءَ ڪمپيئرنگ ڪندي يا ڳالهائيندي تہ ٻولي جهومڻ لڳندي آهي، سراپا سرمست ۽ رقصان هوندي آهي. ٻوليءَ جي اندر جيڪا نغمگي ۽ موسيقيت موجود هوندي آهي، ان کي گفتگوءَ سان ڇِتو ڪري، ان جي حُسناڪين جا خد و خال واضح ڪرڻ ڪو ادي مهتاب کان سِکي. سنڌالاجيءَ ۾ هن پنهنجي ڊائريڪٽرشپ جي دور ۾ جيڪا سلور جوبلي ملهائي ۽ پس منظر ۾ ڪمپيئرنگ ڪئي، اُها سنڌ جي ثقافتي تاريخ جو هميشہ يادگار رهندي. ڇا ٻولي، ڇا تلفظ، ڇا لهجو، ڇا نفاست، ڇا ادائگيءَ جي شائستگي ۽ ٻوليءَ جو رَسُ چَسُ. بس آوازَ جو ڪو جادو هو جيڪو سموري پنڊال کي پنهنجي مَنڊَ ۾ منڊي ويو. سنڌ جي لاڙ، وچولي، ساهتي پرڳڻي، ٿر، ڪاڇي، اُتر ۽ ساموني ڊپٽيءَ جا سڀ لهجا هڪ لهجي ۾ گڏ۔ سراپا مَحوِ رقص! انور پيرزادي ان جي ڪيڏي نہ سهڻي تشريح ڪئي، جڏهن هن چيو تہ:

"ميڊم (اترادي لهجي واري عورت هئڻ باوجود) جڏهن سنڌي ڳالهائيندي آهي تہ هوءَ سنڌ جو لساني وحدت الوجود لڳندي آهي."

۽ نصير مرزا چيو تہ:



www.sindhsalamat.com

”۽ مهتاب آپا جي اهڙي خوش گفتاريءَ تي، ڪيس جي ’بلبل سنڌ‘ جو خطاب ڏجي تہ پلا ان ۾ ڪهڙو حرج آهي.“

جڏهن مان هيءُ مهاڳ لکي رهيو هئس تہ منهنجي پياري دوست نصير مون کي چيو تہ هن ڪتاب جو عنوان هئڻ گهرجي ”آواز جو چنڊ!“

سنڌي تہ هن جي جيجل جي ٻولي آهي پر هوءَ اردوءَ ۾ بہ ڪمپيئرنگ ۾ اهڙي تہ ”شستہ“ لهجي ۾ ڳالهائيندي آهي جو ڪڏهن گمان نہ ٿيندو تہ ڪو اِها هن جي مادري ٻولي ناهي. آفتاب ابڙي لکيو آهي تہ اهڙي هڪ محفل ۾ هن کي ٻُڌي حڪيم سعيد بي ساختہ چئي ڏنو هو تہ:

”مہتاب راشدی انتہائی نفیس انداز میں گفتگو کرتی ہیں اور آپ کی اردو حوضِ کوثر سے دھلی ہوئی ہے.“

ماڻهو گهڻن شعبن ۾ هجي ۽ هر جاءِ تي بيحد ڪامياب هجي، اهو تمام گهٽ ٿيندو آهي. اِها ڪاميابي فقط انهن ماڻهن جي حصي ۾ ايندي آهي جيڪي نہ رڳو غيرمعمولي طور باصلاحيت هجن پر بيحد تخليقي ۽ محنتي بہ هجن. پورهيو ماڻهو جي سونهن آهي ۽ اُهو جي قابليت ۽ تخليقي صلاحيتن سان سلهاڙيل هجي تہ ماڳهين سراپا سون ٿي پوي ٿو پر چا مهتاب راشديءَ جو اهو پورهيو رڳو هڪ فرد جي انفرادي ڪاميابيءَ ۽ پذيرائيءَ لاءِ هو- مان سمجهان ٿو تہ هرگز نہ! هوءَ انسان دوست آهي، وطن دوست آهي، پنهنجيءَ ٻوليءَ، قوم، ادب ۽ ثقافت جي مثبت پاسن ۽ ماڻهن سان پيار ڪري ٿي ۽ نہ رڳو پيار ڪري ٿي پر انهن کي آزاد، سُکيو، سَهنجو ۽ روشن خيال ڏسڻ گهري ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هوءَ جتي بہ رهي آهي، جنهن بہ سطح تي رهي آهي- هن ان لاءِ جاکوڙيو آهي، هڪ استاد طور، هڪ آرٽسٽ طور، هڪ منتظم طور، هڪ سماج جي هڪ ذميوار فرد طور. شوڪت حسين شورو سندس ان خوبيءَ کي بيان ڪندي ذاتي تجربا بيان ڪندي لکي ٿو:

”مهتاب جو شروع کان ئي آرٽ ۽ ڪلچر سان واسطو رهيو آهي. انهن شعبن سان سندس دلچسپيءَ جو صحيح اندازو سنڌالاجي ميوزيم ڏسڻ سان لڳائي سگهجي ٿو. بيشڪ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ کي اڏڻ وارا ۽ ثقافتي خزانو گڏ ڪرڻ وارا اسان جا بزرگ عالم ئي آهن، پر سنڌالاجيءَ جي خزاني کي سجائڻ جو ڪم مهتاب ئي ڪيو جڏهن هوءَ ان اداري جي ڊائريڪٽر ٿي رهي. سنڌالاجي ميوزيم ۾ سنڌ جي مختلف ذاتين ۽ قومن جي روزمره جي زندگيءَ جون جهلڪيون ڏيکارينڌڙ



www.sindhsalamat.com

ڊايوراما ۽ سنڌ جي ثقافت سان لاڳاپيل شين جو ڊسپلي مهتاب جي دلچسپيءَ ۽ ڪوشش سان ئي ممڪن ٿي سگهيو. هن سنڌالاجي کي جهڙيءَ ريت سنواريو ۽ سينگاريو سو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏو ڪارنامو آهي ۽ سنڌ جي ثقافت کي محفوظ ڪرڻ جي ڏس ۾ وڏي خدمت آهي“

جيتوڻيڪ مهتاب اڪبر راشدي نه ڪڏهن پنهنجي خاتون هجڻ کي ڪمزوري سمجهيو ۽ نه وري ان صنفي حيثيت کي اجايو اُڀاري صنفي نرگسيت ۾ اچي پنهنجي الڳ جاءِ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ هميشه پڙهيل لکيل سنڌي ڇوڪرين جي نه رڳو رول ماڊل رهي آهي پر هن سنڌي ڇوڪرين ۾ ماين کي پنهنجيءَ سوچ، روشن خياليءَ، ڪردار، ڪاميابين، سماج ۾ حيثيت ۽ عزت سان اُتساهيو آهي. نه رڳو اُتساهيو آهي پر ان لاءِ شعوري ڪوششون ورتيون آهن. بي عمل ماڻهو رڳو مايوسين جو پرچار ڪندا آهن پر جيئن هر باعمل، متحرڪ ۽ باشعور ماڻهو اُميد پسند هوندو آهي، ايئن مون ڪڏهن به ميڊم مهتاب جي زباني قنوطيت پسنديءَ ۽ مايوسيءَ جون ڳالهيون نه ٻُڌيون آهن. ماضيءَ ڏي نهارڻ بدران رڳو اڳتي لاءِ سوچيندي ۽ عملي تدبيرون پيش ڪندي۔ اِها صلاحيت اڳواڻيءَ واري آهي ۽ ادي مهتاب ”بدرالنساءَ“ ڪان مهتاب چنه ۽ مهتاب راشديءَ تائين ڪڏهن به ”بيڪ بئنچر“ نه رهي آهي. اڳواڻيءَ جي صلاحيت هن جي وجود، شخصيت ۽ سِرشت ۾ به آهي، ان ڪري مهتاب توهان کي ڪڏهن به ويڳاڻپ جو شڪار نظر نه ايندي. هن جو وجود ئي وڻڪار يعني اُتساهه جي علامت آهي.

مان سمجهان ٿو ته گهٽ ماڻهو هوندا آهن. جن کي زندگيءَ ۾ ئي ايڏي ميڄتا ۽ محبت ملندي آهي. هونئن ته هن کي زندگيءَ ۾ جيڪي انيڪ منصب مليا، اُهي به سندس صلاحيتن جو اعتراف هئا. هن سنڌ ۽ ملڪ جي انيڪ معتبر ادارن جي پاليسي ساز ادارن ۾ رهي، اڪيچار ايوارڊ ماڻيا ۽ ويندي 2003ع ۾ حڪومت کيس ”پرائيڊ آف پرفارمنس“ جو اعزاز ڏنو پر مان سمجهان ٿو ته مهتاب راشديءَ کي اصل ايوارڊ سنڌ جي ماڻهن پنهنجيءَ بي حساب ۽ بي لوث محبت سان ڏنو. کيس مليل محبتن جو دائرو رڳو سنڌ تائين محدود نه آهي، هوءَ ملڪي سطح تي به اوترو ئي مقبول ۽ هر دل عزيز رهي آهي. مصطفيٰ قريشي جيڪو زندگيءَ جو ڊگهو عرصو لاهور ۾ رهيو، اهو هن لاءِ لکي ٿو ته:



www.sindhsalamat.com

"آئون توهان کي حيرت جهڙي ڳالهہ ٻڌايان تہ هتي پنجاب ۾ سياسي ۽ ثقافتي حوالي سان بينظير ڀٽو کانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن جو نالو ڪنيو ويندو آهي تہ اهو مهتاب راشديءَ جو آهي، جنهن ادب ۽ ثقافت ۾ سنڌ تہ ڇا، پاڪستان تہ ڇا سڄيءَ دنيا ۾ پاڻ مڃايو آهي. ان حوالي سان پنجاب ۾ پڻ مهتاب جي شخصيت ۽ مهتاب جي صلاحيتن کي انتهائي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ۽ مڃيو ويندو آهي."

ڊاڪٽر محمود مغل سندس مڃتا ۽ سائِٽَ جو ذڪر ڪندي هڪ عجيب واقعي جو ذڪر ڪيو آهي، هو لکي ٿو:

"پي. ٽي. ويءَ جي ڪاريڊور ۾ "گل جي" آپا جي سامهون "هٿ جي تري" سڏي ڪيو بيٺو هو. "يهان دستخط ڪردين... مين اُسي محفوظ ڪرلون گا... اُتار لون گا..." اسين، هڪ رڪارڊنگ مان واندا ٿيا هئاسين، مان ميزبان هئس ۽ آپا مهتاب مهمان. اسٽوڊيوز مان واندا ٿي، آفيس واري رخ ۾ سفر جاري هو جو سامهون جڳ مشهور چترڪار، مجسمہ ساز، ڪيليگرافر "گل جي" اچي رهيو هو. مهتاب آپا حسب دستور اڳيان هئي ۽ مان سندس پويان احترام ۽ ادب سان، ساڻ اچڻ جي جرئت ڪري رهيو هئس. جنهن ساعت ۾ گل جيءَ جي نظر آپا تي پئي تہ هڪدم بيهي رهيو، سلام دعا کانپوءِ، يڪدم هَٿَ جي تِري سِڏي ڪري آٽوگراف جي گهر ڪرڻ لڳو. اتفاق اهو ٿيو هو تہ ڪنهن وٽ بہ ڪوبہ ڪاغذ ڪو نہ هو. آپا جي چهري تي عجيب نقش اُڀري رهيا هئا. هنن سان ڪافي ويجهڙائپ جي ڪري مون کي اهو احساس ورائي ويو هو تہ اهو سڀ ڪيس بنهہ مختلف لڳي رهيو آهي، پر انهن اهم موقعن لاءِ ئي تہ قدرت آپا کي پيدا ڪيو آهي، هن پنهنجي عالمي حيثيت واري مُرڪ، مُرڪندي، هن ڪان قلم ورتو ۽ گل جيءَ جي تريءَ تي صحيح ڪري ڇڏي. گل صاحب تہ رخصت ٿي ويا، پر آپا جي چهري جي اها منفرد مرڪ، جنهن ۾ حياءَ، فخر، اعتماد ۽ خلوص جي گڏجاڻي هئي، مون کان اڄ ڏينهن تائين وسري نہ سگهي آهي."

هن ڪتاب ۾ بہ سمورن ليکڪن ڪيس پنهنجيءَ پنهنجيءَ نظر سان ڏٺو آهي ۽ سندس خوبين جي اُپٽار ڪئي آهي. شوڪت حسين شورو هن کي 'مثالي سنڌي خاتون' سمجهي ٿو انعام شيخ هن کي متوازن شخصيت قرار ڏئي ٿو. نصير مرزا هن جي شخصيت جي گهڻ رُخي حُسناڪيءَ جو داعي آهي تہ مقصود گل هن کي 'سنڌ جي موناليزا' سڏي ٿو. شمشير هن کي سنڌ جي



www.sindhsalamat.com

’پدمڻي‘ سمجهي ٿو تہ آغا سليم هن کي ’غيرمعمولي آرٽسٽ‘ جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو جنهن جي آواز ۾ لهرون آهن. انور پيرزادو هن کي ’سنڌ جي راڻي‘ سڏي ٿو تہ مراد علي مرزا هن کي ’چانڊوڪيءَ‘ جو استعارو سمجهي ٿو. سلطانہ صديقي هن جي ’گفتگوءَ جي فن‘ جي متعرف آهي تہ آفتاب ابڙو هن کي هڪ ايماندار ۽ ڪميٽڊ آفيسر طور ڀسي ٿو ۽ عرفان انصاري هن کي اُتساهہ جو سرچشمو سمجهي ٿو- ۽ ظاهر آهي تہ سنڌ جي هيءَ ڏاهي ڌيءَ اِهو سڀ ڪجهہ آهي. جنهن جيئن ڏٺو تنهن کي تيئن نظر آئي. اَڪِ اڪِ جو فرق آهي پر هوءَ سچ پچ تہ اِهو سڀ ڪجهہ آهي.

مهتاب اڪبر راشدي جيتوڻيڪ لکيو گهٽ آهي پر هن جيترو بہ لکيو آهي، خوب لکيو آهي. هن جي ٻولي نِج ادبي، ثقافتي ۽ محاوراتي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو مان هڪ دوست ۽ ننڍي ڀاءُ جي حيثيت ۾ ميڊم مهتاب راشديءَ کي سدائين زور ڀريندو آهيان تہ هوءَ لکڻ طرف وڌيڪ ڌيان ڏي ۽ هاڻي عمر جي هن حصي ۾ خاص طور پنهنجي آتم ڪٿا لکي تہ جيئن ان مان ايندڙ نسل سُونهائپ حاصل ڪري سگهن. ادي مهتاب جي شهر واسي ۽ شاعر مقصود گل هن جي شخصيت کي هنن لفظن ۾ سهيڙيو آهي. هو لکي ٿو:

> ”هالار جو حوصلو ڪير ٿر جي اڏولتا، منڇر جهڙي دل جي ڪشادگي، شاهہ جي شاعريءَ جهڙي سنجيدگي، غزالي نيڻ ۽ موناليزا واري مرڪ هڪ هنڌ سهيڙي قدرت پنهنجي ڪرشماتي نر سان جو محرڪ مجمسو ٺاهيو تہ محمد عيسيٰ چَني جي ڌيءَ ٻڻجي وئي، جنهن کي اڄڪلهہ سڀ ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جي نالي سان سڃاڻن ٿا.“

مان سمجهان ٿو تہ هيءُ ڪتاب سنڌ جي هڪ ڏاهي، قابل، ڪامياب ۽ ٻهَہ ڳُڻي ڌيءَ کي ئي نہ پر سنڌ جي هڪ روشن خيال، اتساهيندڙ ۽ ونڌڙ وجود کي مڃتا پڻ آهي. ميڊم مهتاب رڳو هڪ فرد نہ پر مسخ ڪيل سنڌ جو هڪ سدا ملوڪ چهرو آهي. ڪاش سنڌ جي هر ڌيءَ مهتاب راشديءَ جهڙي ٻڻجي ۽ اها ئي روشن خيال سنڌ جي ابديت جي ضمانت هوندي.

---

**مهتاب اڪبر راشديءَ بابت لکڻين تي مشتمل ڪتاب ”مهتاب“ جو مُهاڳ-**
**13 سيپٽمبر 2014ع**



www.sindhsalamat.com